


Gul Hayat Institute



## هري موٽواڻي ۽ ڪونج

ڪونج پريوار جي اها وڏي ڪاميابي آهي جو گولڊن جوبلي (2009) ۾ ڪيل انجام کي پاڙيو آهي. ڊائمنڊ جوبلي توهان جي هٿن ۾ آهي. هري موٽواڻي جتي ڪم ڇڏيو. (2006) ۾ اُتان کان سڀو سوري اچ تائين باقائدي سڄ ڏج سان - رنگ روپ ۾ ڪونج کي واڪاڻيو ويو آهي. اڃان تائين اُڏام جاري آهي. ساهتڪارن جو ساٿ سلامت آهي. هٿ جي تنگي محسوس ڪونه ٿي آهي.ڏڪئي وقت موٽواڻي جي ڇڏيل لٺ سان ٺڪ ٺڪ ڪندو آهيان.

هن سال ٽي ڪونج جا ٽي سدا ساوا سڄڻ ساٿي پريوءَ کي پيارا ٿي ويا. شري مورج منگهاڻي، هريش ميرچنداڻي ۽ رام جيئملاڻي. اُميد نہ پر پڪ اٿئون تہ هو مٿان بہ سنڌي ساهتيہ کي سائو سرسبز رکڻ لاءِ مهر جو مينهن وسائيندا رهندا.

جنهن وشواس، جذبي ، لڳن ۽ محنت سان موٽواڻي ڪونج تي ڪم ڪيو اهو لاثاني هو. اسان لاءِ پريرڻادائڪ مثال ٿي رهندو. سنڌ وارن بہ ڪين اڄ سوڌو ڪونہ وساريو آهي.

هن سنڌي ادب ۾ مٿاهين درجي جي تحقيق، تنقيد، تخليق ۾ دلچسپي ڏيکاري. ساهتڪارن جا سنڌن حيات هوندي خاص انڪ اُن جو ثبوت آهن. هن اُن لاءِ حد درجي جي محنت ۽ محبت ڪئي. هريش واسواڻي، موهن ڪلپنا، وشنو ڀاٽيا، شيام جئسنگهاڻي، ايشور مفلس، امر جليل کي ڪونج ۾ خاص درجو ڏنو. نون ليکڪن کي همٿائڻ جي ڪين عجيب ڏات هئي. سندس اها روايت اڄ سوڌو ڪونج جاري رکي آهي.

Gul Hayat Institute

پاڻُ سُڃاڻي پاڻَ لَهُ

# اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

# Indian Institute of Sindhology

(BHARATI SINDHU VIDYAPEETH) - Registered Trust

Trust No. F-153 (Kachchh) & Society No. Guj/4/1987 dated 6th July, 1987



ڪونج سنڌي اَدب ۾ نوان ۽ نوَن تجربن کي همٿائڻ لاءِ جاري ٿي. ڪونج جي اِشاعت سان مرڻينگ حالت ۾ رسيل ترقي پسند ڌارا جو دؤر پورو ٿيو. سنڌي ساهت تازي ۽ صاف هوا ۾ ساه کڻڻ لڳو. گهڻيئي نوان پُراڻا، هر دؤر جا اَديب، ڪونج جي گهيري ۾ گِهڙِي آيا. ترقي پسند ڌارا جا حمايتي ۽ باني به ڪونج جا گهڻگهرا بڻجي پيا.

ڪونج جي ڪاميابيءَ ٻين مخزنن لاءِ به رستو صاف ڪيو. پره ڦٽي، ساهت ڌارا، رابيل ۽ آڪاڻي به ساڳيو نظريو آڏو رکي شايع ٿيون، پر ڪجهه وقت شعاءُ ڏيکاري آخر سميٽجي ويون.

اَلبت سنڌي ساهت جي ترقيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ هري هرڪيولس، مالي مشڪلاتن باوجود هيءُ اَنڪائيو ڪارج جاري رکندو آيو. جُتيون گسائي ڪونج لاءِ چندا ۽ اِشتهار هٿ ڪندو، مليل مواد سهيڙي پريس ۾ ڏيندو، پرُوف جاچيندو، اِشاعت بعد پريون گهر ڍوئي ايندو، چٽڪين تي سرناما لکي، چنبڙائي مخزنون پوسٽ ڪندو. سڀ صبر سان، پيار جو پورهيو جاڻي.

دلي خواهش هئس ڪونج جا ٥٠ ورهيه پنهنجي جيئري ڏسڻ جي. پر حياتيءَ ساٿ نه ڏنس. مڙس ڍرڪي پيو. سڏڪا ڀريندي فون تي هريش واسواڻيءَ کي چيو هئائين، ”هريش منهنجو سپنو ٽٽي پيو“. رمندو رهيو. نراس، نااُميد ۽ مايوس.

اَلبت ڏاهپ ڪئي هئائين. ڪونج جون واڳون لائق، قابل هٿن ۾ سونپيون هئائين. سندس سپنو ساڪار ٿيو. سندس وڃڻ بعد ڪونج ٥٠ ئي نه، ٦٠ ورهيه پورا ڪري رهي آهي. ساڳئي معيار ۽ مقدار سان هند-سنڌ ۾ اُڏري رهي آهي. شايد ئي ڪا غيرسرڪاري سنڌي مخزن هجي جنهن ايتري طويل ڄمار ماڻي هجي. سنڌالاجيءَ طرفان شڀ اِڇائون.

**صاحب ٻجاڻي**

ڊائريڪٽر، اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.

To,
Nand Chhugani, Koonj.
nnchhugani@rediffmail.com

Ward 4-A, P.B. No. 10, Adipur (Kutch) - 370205. Phone : (02836) 263851, 261569,
Fax : (02836) 260336. Email : sindhology@yahoo.com - Contact @ Sindhology.org
Visit on www.Sindhology.org



Gul Hayat Institute

# Lal's Insurance Brokers Limited

**Your Reliable Insurance Connection**

5/F., Wah Yuen Building, 149 Queen's Road, Central, G.P.O. Box : 9991, Hong Kong
Tel. No. 2850 5666 Fax No. 2851 7061 E-mail : Email: lal@lals-insurance.com



’ڪونج‘ کي ٦٠ سالگره جون مبارڪون!

’ڪونج‘ سان گڏ مان ڀاءُ نند ڇڳاڻيءَ کي به مٺين مبارڪون ٿو ڏيان، جنهن ڪاڪي هري موٽواڻيءَ کانپوءِ سنڌيت جي مشعال کي جلائي رکيو آهي، سا هِڪ وڏي حاصلات آهي.

’ڪونج‘ هڪ سماجڪ، ڪلچرل ۽ لِٽرري مخزن آهي، جيڪا ٦٠ سالن کان اُڏامي رهي آهي، جيڪو پنهنجو پاڻ ۾ هڪ رِڪارڊ آهي.

سنڌي مخزن ڪيڻ واپاري نِگاه کان نقصان جو ڪم آهي ڇو ته اِيترا اِشتهار ۽ پڙهڻ وارا ڪونه ٿا مِلن جو ضروري خرچ نڪري سگهي. تنهن هوندي به ’ڪونج‘ باقاعدي نڪري رهي آهي، اُن جو شرف ڀاءُ نند ڇڳاڻيءَ کي آهي. واڌايون! واڌايون!!

پنهنجي ٻولي، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي زنده رکڻ ۽ وڏن جي ورثي کي ايندڙ پيڙهيءَ تائين پهچائڻ سان ئي اَسانجي سُڃاڻپ قائم ۽ دائم رهندي. جيڪڏهن اَسين اِرادو ڪري وٺون ته پنهنجي ايندڙ پيڙهيءَ کي سنڌيت کان دور ڪونه ڪنداسين ۽ پنهنجي گهرن ۾ ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائينداسين ته اَسان جي ٻوليءَ ۽ سڀيتا کي ڪوبه لهر ۽ لوڏو ڪونه ايندو.

**لعل هرداساڻي**

هانگ ڪانگ، ١٣ سيپٽمبر ٢٠١٩

To,
Nand Chhugani, Koonj.
nnchhugani@rediffmail.com

Gul Hayat Institute

# SINDHU YOUTH CIRCLE
# سنڌو يوٿ سرڪل

Regd. Public Trust No. F - 155

**Section-22, Ulhasnagar-421 003 • Tel. : (0251) 2734916 • Mob. : 9323707873**

**email: sindhuyouthcircle@gmail.com • Visit us at facebook.com/sindhuyouthcircle**


12/09/2019



50 سالن جي گولڊن جُبلي ڪندڙ ڪونج 60 سالن جي ٿي ويئي. سمجھ ئي نہ پيئي. شايد اَڪين سامهون آهي ۽ سرڪل جي اَڻ پيئي رمي، اِنڪري. هونئن بہ جيڪي ويجها هوندا آهن، اُهي هميشه سا ڳيا جوان لڳندا آهن.

پر توکي هن ڪونج کي سينگارڻ، سنوارڻ، لکڻ، ڇپائڻ ۽ هن وڏي عمر ۾ وِرهائڻ ۽ وري معياري ليکڪن جو چالاڻو، پنهنجي جي وڇڙڻ جو غم، مورج، ڀائو هرِيش ۽ هاڻ وري رام چينملاڻي، بورڊ ميمبرن جو اَلوداع ۽ پئسي جي تنگي توکي ڪافي دلشڪستو ڪيو هوندو ۽ اِنهن هيترين تڪليفن باوجود تون ڪونج جي گونج جاري رکي آهي ۽ سالن کان باقاعدي ڪڍندو پيو اَچين، اُن لاءِ آفرين! آنڌين ۽ طوفانن اَثر ڪيو آهي پر وجود مِٽائي نہ سگهيون آهن. جنگ جاري آهي.

هن سمي ۾ جڏهن سنڌي ساهتيہ جو واهپو گهٽ، ٽي.وي. ۽ اِليڪٽرانڪ ميڊيا، وري لپيءَ جو چڪر، نوجوان پڙهندڙ ذري گهٽ ندارد، سنڌي راجين ۾ اَڪاڊيميءَ جي مالي مدد بنا ساهتيہ جو هلڻ ڏکيو بہ آهي. ڏهي تہ تمام گهٽي، پر مکڻ ولوڙڻ سان ٿورو پيو نڪري. پوءِ سنڌي ساهتيہ کي طاقت ڪٿان ملي.

هڪ ڳالهہ جو توکي داد ڏيندس تہ جِن جون بہ لکڻيون ڪونج ۾ آيون آهن، تن کي هڪ قسم جو سرٽيفڪيٽ مليو آهي تہ هو معياري آهن. حقيقت آهي ليکڪ چوائڻ لائق آهن. اِن کان وڌيڪ ٻي کهڙي مان ڪونج جي ڊائمنڊ جُبلي پرچي وقت ساک ڪريان. ها، نند، هڪ ڳالهہ چوندومانءِ جيئن هري موٽواڻي گولڊن جبليءَ کان اَڳ توکي ڳولهي لڌو تيئن تون هاڻ گهٽ ۾ گهٽ ڊائمنڊ جُبليءَ کانپوءِ تہ ڳولهہ.

سنڌو يوٿ سرڪل هميشه توسان نڀائيندي ۽ مان رونگ ۾ رهندس. مرڻ گهڙيءَ تائين ساٿ رهندو نڀائڻ جو. ڊائمنڊ جُبلي جون لک لک واڌايون! واڌيوان!!

**سندر ڊنگواڻي**

سيڪريٽري، سنڌو يوٿ سرڪل،

اُلهاسنگر.

To,
Nand Chhugani
Editor, Koonj, Ulhasnagar.



Gul Hayat Institute

**KOONJ**

Bimonthly Sindhi Magazine

**ڪونج اَدبي ڊائجيسٽ**

सिंधी की द्वैमासिक पत्रिका

**ڊائمنڊ جوبلي اَنڪ**

1960-2019

**مئي-ڊسمبر 2019**

سال : 60 - پرچو : 6-3

هيءُ پرچو : 500 روپيا

ڇپيندڙ : سُڌا آفسيٽ، اُلهاسنگر-3

فون : 2560465

●

چندو : ساليانو 350/-

ٽي سال 1000/-

پنج سال 1500/-

DIAMOND JUBILEE

سمپادڪ :

**نند ڇُڳاڻي**

**ڪونج پريوار پاران**

**ڊائمنڊ جوبلي ۽ ڏياريءَ جون**

**سيني کي لک لک واڌايون!**


*Address for Correspondence :*

**NAND CHHUGANI**

502, Manwani Mansion,
Gol Maidan,
Near Telephone Exchange,
Ulhasnagar - 1
PIN : 421002

Tel. : 0251 - 2571605

Mobile : 9323120141

E-mail :
nnchhugani@rediffmail.com,
koonj@rediffmail.com,
koonj.chhugani@gmail.com



**KOONJ** (Estd. 1960)

*Founder Editor :*

**Late Hari Motwani "Sindhi"**

4, Great Western Building,
2nd floor, S.B.S. Road,
Mumbai - 400 023.

Tel. : 0251 - 2571605 ● Mobile : 9323120141
E-mail :
nnchhugani@rediffmail.com
koonj@rediffmail.com
koonj.chhugani@gmail.com


چندو - اِشتهارن جي رقم -
هاڻ سڌو بئنڪ ۾ ڀريو.

**BANK OF BARODA -**
**Ulhasnagar-2 - Main Branch**
**Current A/c. - " KOONJ "**
**Current A/c. No. :**
**04250200000602**
**RTGS / NEFT / IFSC Code :**
**BARB0ULHASN**

Gul Hayat Institute

## STATEMENT ABOUT OWNERSHIP AND ANOTHER PARTICULARS OF NEWSPAPER "KOONJ"

### [ FORM IV (See Rule 8) ]

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | Place of Publication | : | Mumbai - 400 023. |
| 2. | Periodicity | : | Bimonthly. |
| 3. | Printer's Name | : | Narendra Hariani |
| | Whether citizen of India | : | Yes |
| | Address | : | M/s. Sudha Offset Printers,<br>25, Prince Market, 1st floor,<br>Furniture Bazar,<br>Ulhasnagar - 421 003. |
| 4. | Publisher's Name | : | Nand Chhugani |
| | Whether citizen of India | : | Yes |
| | Address | : | 502, Manwani Mansion,<br>Gol Maidan, Ulhasnagar - 421 001. |
| 5. | Editor's Name | : | Nand Chhugani |
| | Whether citizen of India | : | Yes |
| | Address | : | 502, Manwani Mansion,<br>Gol Maidan, Ulhasnagar - 421 001. |
| 6. | Owner's Name | : | Nand Chhugani (Proprietor) |
| | Address | : | 502, Manwani Mansion,<br>Gol Maidan, Ulhasnagar - 421 001. |

I, Nand Chhugani, hereby declares that the particulars given above are true to the best of my knowledge and belief.

Gul Hayat Institute

Sd/-

Date : **Diwali, 2019**

**(Nand Chhugani)**
Publisher

| وشيه | رچناڪار | صفحو |
|---|---|---|
| 27. پرمانند ميوارام : وقت جي تاريخ ۾ اَمر نالو | شبنم گل | 199 |
| 28. اِندر پوڄواڻي - هڪ شخصيت | ڄينو لالواڻي | 205 |
| 29. ڪرم وير ۽ دانوير - ڪاڪا پريداس تولاڻي | ستيش روهڙا | 212 |
| 30. هري موٽواڻي عرف هري هرڪيولس | ماهتاب محبوب | 220 |
| 31. هيرو شيوڪاڻي ... هڪ اَڪيلي جو سفر | شيام جئسنگهاڻي | 223 |
| 32. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي | جهمون چڱاڻي | 224 |
| 33. شوپا لعلچنداڻي | اَرون ٻاٻاڻي | 226 |
| 34. اَڪبر جي صورت ۽ سيرت (ديوناگري) | پرمانند ميوارام | 229 |
| 35. جسونت ڪُمار (هڪ شخصيت) | وِڪرم شهاڻي | 237 |
| 36. شيام سچانداڻي (واقفيت) | - | 240 |
| 37. صاحب ٻجاڻي | لڪمي ڪلاڻي | 242 |
| 38. سانگس، بلڊ، سارڊ | فاطمه پٽو | 253 |
| 39. ڪيرن آرم اسٽرانگ جو ڪتاب - اي شارٽ هسٽري آف مِٿ | ڪليم ٻُٽ | 267 |
| 40. 'ٻنڌن' ناول مان ڪوريل ٽڪرو | هري همٿاڻي | 269 |
| 41. مرڻ-جيئڻ کي ڪا معنيٰ ڪانهي (ناول) | آنند کيماڻي | 279 |
| 42. **شاعري :** | | |
| 1. ننڍيون ڪوتائون | پريم پرڪاش | 288 |
| 2. هڪ اُلٽ ڪويتا | آنند کيماڻي | 290 |
| 3. (١) سمارٽ فون (٢) سُچ پارٽ | موهن همٿاڻي | 291 |
| 4. (١) ترڇپاڻي تَرُ (٢) هڪ خبر | اِمداد حُسيني | 292 |
| 5. غزل | گوپ ڪمل | 293 |
| 6. (١)اَڇا ڪبوتر (٢)پنهنجا پنهنجا هٿيار | هريش ڪرمچنداڻي | 294 |
| 7. رباعيون | نارايڻ شيام | 296 |
| 8. رباعيون | سدارنگاڻي خادم | 298 |
| 9. رباعيون | پريوُ چڱاڻي 'وفا' | 300 |
| 10. (١) غزل (٢) قطع (٣) پنجڪڙا | ڍولڻ راهي | 302 |
| 11. (١) منهنجي ماءُ، منهنجو گهر ۽ مان (٢) غزل | ناري لڇواڻي | 304 |
| 12. غزل | ڪنعيو شيواڻي | 306 |

Gul Hayat Institute

| وشيه | رچناڪار | صفحو |
|---|---|---|
| 13. وقت ڪان اڳتي | دروپدي چندناڻي | 306 |
| 14. گيت | ديوي ناگراڻي | 307 |
| 15. غزل | ڀڳوان ٻاٻاڻي ’نردوش‘ | 308 |
| 16. غزل | نندڪمار سنمڪاڻي | 308 |
| 17. غزل |ناديا مَسند | 309 |
| 18. غزل | اَحسان دانش | 309 |
| 19. شاعر جي زباني | هينا ’هير‘ | 309 |
| 20. چند | دِويا وِڏاڻِي | 310 |
| 21. سدائين گڏ | ڀاڳچند ويڙهاڻي ’ڀاڳل‘ | 310 |
| 22. غزل | هري چوئٿاڻي ’هري‘ | 310 |
| 23. غزل | زخمي چانڊيو | 115 |
| 24. غزل | اُستاد بخاري | 115 |
| 25. غزل | موهن اُداسي | 177 |
| 26. (١) ماءُ اَسانجي (٢) غزل | ڊاڪٽر روشن گولاڻي | 184 |
| 27. آءُ تنهنجو ڏوهي آهيان اي وطن! | نياز همايوني | 198 |
| 28. غزل | اَياز گل | 204 |
| 29. غزل | سيد خادم سُبحان ڏاڏاهي | 222 |
| 30. غزل | ٺاڪر نيڀواڻي | 239 |
| 31. ٻه-مونهين | مُڪيش تلوڪاڻي | 241 |
| 32. غزل | شمع گل عزيز | 330 |
| 33. غزل | اَيوب ڪوسو | 330 |
| 34. غزل | اُستاد بخاري | 354 |
| 35. زندگيءَ جو سار | چندرلال ٺڪر ’غافل‘ | 443 |
| 36. هائيڪا | رسول ميمڻ | 454 |
| 37. غزل | آتم ناٿن شاهي | 454 |
| 38. غزل | ڍولڻ راهي | 458 |
| 39. غزل | ڀڳوان ٻاٻاڻي نردوش | 458 |
| 40. لطِيفِي ٻولَ | سهيڙ: صاحب بِجاڻِي | 58, 137, 154, 172, 228, 278, 343, 410, 418, 430, 460 |

| وشيہ | رچناڪار | صفحو |
|---|---|---|


43. اَسان جو ثقافتي ورثو .................... ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو ....... 311
44. سنڌي ڪٿا ساهت ۾ ورهاڱي جي پيڙا ....... ڊاڪٽر ڪنعيالال ليکواڻي. 331
45. گذريل پنجن سالن جي سنڌي ............... واسديو موهي ............. 344
....... ڪهاڻيءَ جو سروپ (سِمپوزيم)
46. سنڌي غزل - اَڳي ۽ هاڻي .................. اَرجن چاولا................ 349
47. اِنڊو-پاڪ سِنڌوُ مها اُتسوُ.................. موتيلال جوتواڻي .......... 355
48. سنڌي ساهتيڪ ۽ ثقافتي ورثي ............... نامديو تاراچنداڻي ....... 360
....... جي حفاظت
49. بيوَس - ٻاريءَ جا سُهڻا گُل ................ گوورڌن شرما 'گهايل' ...... 368
50. سنڌي ٻال ساهتيہ : ڪالهہ ۽ اَڄ ............ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي ... 379
51. هڪ آتم ڪٿا جو جائزو........................ اَرجن چاولا................ 390
52. سنڌي ليکڪائن جي ڪهاڻين ۾ ............. آشا رنگواڻي ............... 398
....... بدلجندڙ مانسڪتا
53. سنڌي سنگيت ۾ راڳ راڳڻيون ............... ايم. وي. پيماڻي .......... 411
54. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ شرنگار رس ............... روشني روهڙا.............. 419
55. نارائڻ شيام جي شاعريءَ جو جادو .......... ناديا مسند ............... 425
56. سنڌي ڪاويہ ۾ طنز - هڪ سرسري نظر ..... اَرجن چاولا................ 431
57. جئڪي منهنجو اولڙو .......................... هري موٽواڻي 'سنڌي'.... 444
....... (خط : ڪمل پياسي)
58. اَسين ڪٿي بيٺا آهيون؟....................... ناري لڇواڻي............... 451
59. ڪلو مل بلو مَل ............................... اَمر گوپالاڻي .............. 455
60. اَيڊووڪيٽ سريچند گرناڻيءَ جي ............ سريچند گرناڻي ........... 459
....... آمريڪا ياترا
61. ٽي. ايس. ايلٽ ۽ تنقيد ...................... ڪليم ٻٽ ................... 461
62. نِنڊ ............................................ نند ڪُمار سنمڪاڻي ....... 468
63. نرس............................................ واٽس ايپ تان ڪنيل...... 470
64. پر 'سنڌي' اَڪيلو ئي ڪافي آ ............... جئرام روپاڻي ............. 472
65. توهان جا خط : ............................................................ 485
....... ڪرشڻ جيئانند هيمراجاڻي / اَرجن موٽواڻي / ايسر سنگهہ بيدي /
...... ڊاڪٽر گورڌن جاني ۽ مِسز ڪومل جاني
66. نئون ساهتيہ / ڪتابي سمالوچنا ............. نند ڇڳاڻي ........ ,232-236
.......................................... 437-443,462-467,492-500


Gul Hayat Institute

# ڏُکارا ڏينهن

هن سال ڪونج پريوار جا ٽي سرگرم بزرگ سرڳواس ٿيا. شري مورج منگهناڻي، شري هريِش ميرچنداڻي ۽ شري رام چينملاڻي.

**شري مورج منگهناڻي صاحب** (04.06.2019 - 16.02.1927) سان سنڌو يوٿ سرڪل جي ’سنڌو‘ ڪري ٻه جُڙيل هوس. سنڌي اَدب - ساهتيہ سان سندس اَٽميو لڳاءُ رهيو. ڪاڪا هري موٽواڻيءَ پنهنجي حيات هوندي ڪونج سان جوڙي ڇڏيو. ڪاڪا جي ديهانت ڪانپوءِ مورجمل پهريون شخص هو جنهن تمام صاف اَکرن ۾ چيو تہ ڪونج جاري رکو - محنت تنهنجي باقي مالي ۽ اِخلاقي طور ڪونج جي گولڊن جوبلي (2009) تائين مان ٻڌل. ڪونج جاري رهي - مورجمل پنهنجو اَنجام پاڙيو. گولڊن جبلي اَنڪ سندن حاضريءَ ۾ هوٽل روز ووڊ ۾ جڳہ مشهور شري رام چينملاڻيءَ هٿان ظاهر ڪيو ويو. مورجمل ڪي سندس ڪيل اَنجام ڪان آجو ڪيو ويو ۽ ڪونج جاري - ساري رهي. پر اهي رشتا ڪي ڇڄڻ جا ڪونہ آهن. مورجمل جو اَدب ۽ سنڌيت ڏانهن چاهہ - لاڙو رهيو. پڇاڙيءَ جو ڪجهہ عرصو هو بستري داخل رهيو پر سندس فرزند چندر مورجمل منگهناڻي هرڪنهن قسم جو ناتو نڀائيندو رهيو. اَڄ مورجمل ڪونہ آهي پر سندس يادگيريون قائم آهن ۽ ڪونج ڊائمنڊ جوبلي پئي ملهائي. اُميد نہ پر پڪ آهي تہ سرڳ مان ٻہ سندس آسيس جي ورکا وسندي رهندي.

**شري هريش ميرچنداڻي صاحب** (08.08.2019 -
13.03.1929) کي سائينءَ سڀ ڪجهه ڏنو. دان - ديا -
ڌرم ته ڪو ڪاٿئس سِگهي. ڌن دؤلت سان ماڙهو شاهوڪار نٿو
ٿئي پر اُن جو صحيح نموني خرچ ڪيس شاهوڪار جو درجو
عطا ڪري ٿو. ميرچنداڻي دل کولي دان ڪندو هو. هن کي
صحيح ماڙهو سُڃاڻڻ جي عجيب ڏات هئي. پنهنجي
هوندي هن 'پشپ هري فائونڊيشن' ۽ 'ميرچنداڻي ٽرسٽ'
ٺاهي. سندن اؤلاد - سُپتر سُپاتر آهن. هنن پنهنجي
پتاشري کي دان پُڇ لاءِ سدائين همٿايو. ڪونج صحيح ڏگهه
تي پيئي ٿي هلي، اُن جي ڪيس ڄاڻ ملي ۽ پاڻ اُن سان
جُڙيو رهڻ ۾ فخر جو اَحساس ماڻيندو هو. ساهتيه ۾ هن جو
لڳاءُ گهٽ هو پر ڪونج ۾ اَچڻ ڪانپوءِ اُن ڏس ۾ به هٿ
ورائيندو رهيو. وڏي شاهي عمر هوندي به هو به پير پيري
روبرو (اُلهاسنگر، پوني) گڏجڻ جي ڪوشش ڪندو هو.
سندس سِڪ پيار عزت جو خال پرڻ مشڪل آهي. سندس
پونئرن ظاهر ڪيو آهي ته پتاشري پاران شروع ڪيل ڪارج
باقاعدي هلندا رهندا.

شال ايشور جي آسيس - ڇپر ڇانوَ ۾ رهندا اَچن.

**جڳ مشهور قانوندان شري رام جيٺملاڻي**
(1923-2019) هي سنساري چولو ڇڏي اَگم ديش ڏانهن
راه رباني ٿي ويو. سنڌ جي پئرس - شڪارپور ۾ ڄاول سنڌ -
سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت جو پڇاڙيءَ تائين شيدائي ٿي رهيو.
ڪونج سان جُڙيو رهيو. پوني ۾ گوبند مالهي اَڪاديمي
پاران نهرو آڊيٽوريم ۾ ڪاڪا موٽواڻيءَ کي اِنعامي اُتسؤ
هو. رام جيٺملاڻي موقعي جو مکيه مهمان. اِنعام عطا ڪندي
ميڙ ۾ صاف اَکرن ۾ چيائين ته مون وٽ پوسٽ-ٽپال جام

Gul Hayat Institute

ايندي آهي پر جڏهن انهن ۾ ’ڪونج‘ هوندي آهي ته پهرين اها پڙهندو آهيان. اڳ ۾ به اها ڳالهه لکي آهي. اَسانجو هڪ سچڻ ڊوليا جي سنڌين جو منجهيل مسئلو ڪٽي اُنهن سان گڏ دهلي جيٺملاڻي صاحب جي قانوني مدد لاءِ ويل هو - چيائين، ڳالهين ڪندي مون ڪانئس پوني ۾ ڪونج لاءِ چيل مٿين ڳالهه جي تصديق ڪئي. ڪين چيائين ته هائو - ڪونج مان ريگيولر پڙهندو آهيان. ڪونج هڪ شاندار پڙهندڙ پاٺڪ وڃايو. ڪونج تان ڇپر ڇانوَ کجي ويئي.

هندستان جي قومي تراني مان ’سنڌ‘ اکر ڪڍي ڇڏڻ لاءِ ڪنهن سپريم ڪورٽ ۾ پيٽيشن وِڌي. چئي، سنڌ هاڻ ڀارت جو حصو ڪونه آهي. جيٺملاڻي صاحب سنڌي سماج پاران پنهنجي سِر سنڌي هئڻ ناتي پيٽيشن ۾ حصيدار بڻيو ۽ ڪورٽ کي ذهن نشين ڪرايائين ته ترانو ٽئگور جو آهي، ان وقت سنڌ، هندستان جو حصو هئي. اَڄ سنڌي هِت آهن. ڪورٽ پيٽيشن رد ڪئي ۽ ’سنڌ‘ اَکر قائم رکيو. اَهڙا ڪيترا مثال آهن جن ۾ هي جنوني سنڌين جي حقن لاءِ لڙيو. ’سنڌين کي پنهنجو T.V. چئنل سرڪاري طور ڏنو وڃي‘ ڪيس جو فيصلو اِجهو آيو. ايشور در آراڌنا آهي ته سندس آتما کي شانتي بخشي ۽ پونيئرن کي دک سهڻ جي شڪتي عطا ڪري.

**✍ نند ڇڳاڻي**
5 سيپٽمبر 2019
(پُڻي - Pune)

Gul Hayat Institute

# سنڌي اَئسوسيئيشن آف هانگ ڪانگ ۽ چائنا ـ

## جو چيٽي چنڊ 2019 وارو ’آواز نوان، ساز پُراڻا‘

## شاندار پروگرام

اَڳيئين سال هن سنسٿا پنهنجي سِلوَر جُبلي زور شور سان ملهائي - لڳاتار پرڏيه ۾ رهندي هر سال ميلو مچائڻ به همٿ ڀريو ڪارج آهي. ڪلاڪار به اِنڊيا جي جدا جدا شهرن مان - سال به سال نوان چهرا گُهرايا ويندا آهن. راڳيندڙن جي همٿ افزائي هڪ پاسي ته ٻئي طرف هانگ ڪانگ جي سنڌي سنگت کي چيٽي چنڊ جهڙي پوتر موقعي تي ڀرپور وندر جو وسيلو ۽ ڪلچر جي ڄاڻ.

هن سال ”آواز نوان - ساز پراڻا“ ۾ موهِت شيواڻي، نيل تلريجا ۽ وندنا نرنڪاري کي گُهرايو ويو. شروعات ۾ موهت سنگت سان شاندار ۽ پليڪار ڪندي پروگرام لاءِ نيل تلريجا کي سڏ ڏنو. نيل آيل ۽ اينڊڙ مهمانن جي سهڻي نموني آجيان پئي ڪئي. هتان جي سنگت ۾ اها تمام سٺي ڳالهه آهي جو ڪلاڪارن کي اَڪيلو ڪونه ڇڏين. تاڙين جي ٺهڪن سان ڪين مانواري موٽ پيا ڏيندا آهن ۽ سنگيت - سنڌي راڳ جي ڌُن تي ڊانس جو دؤر به چالو رهندو آهي. نيل ڪانپوءِ شري نوتن تولاڻي ٿوري ۾ آيل مهمانن جي پليڪار ڪئي ۽ موقعي جي مکيه مهمان اِنڊيا جي ڪائونسل جنرل مئڊم مالتي شريواستوا کي سڏ ڏنو. مالتي شڌ سنڌيءَ ۾ (ها - سندن ماتا صاحب سنڌي آهي)

Gul Hayat Institute

چيٽي چنڊ بابت اَحوال ڏيئي هانگ ڪانگ جي سنڌي جنتا کي واڌايون ڏنيون، جن لڳاتار ٢٦ سالن کان اهو پروگرام هر سال چالو رکيو آهي. مالتي شريواستوا جو تاڙين جي ٺهڪن سان زوردار سواگت-سنمان ڪيو ويو. پوءِ موهت، وندنا نرنڪاريءَ کي سڏ ڏنو. وندنا نرنڪاري پنهنجي سُريلي راڳ سان اُتان جي ليڊيزِ کي لڳاتار ڊانس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو. سندس سُريلي ۽ پڪي راڳ ۾ آيل جهومڻ لڳا. نوتن-ڊالرن جي ورکا بہ چالو هئي. ميوزيشن پنهنجي لئہ ۽ تال ۾ مگن هئا. وقت جي رفتار جي ڄڻ سمڪ نہ رهي پر پروگرام پوري وقت کي ڦرندو رهيو. وندنا کان پوءِ موهت پاڻ جذباتي ڀڳت جو اِسم پيش ڪيو. ڀڳت هتي جي هر پروگرام ۾ ضروري-اَهم اِسم هوندو آهي. ڀڳت هاڻ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا وڃي بچيا آهن - پر هانگ ڪانگ ۽ آديپور سنڌالاجي وارا ڀڳت کي زنده رکندا پيا اَچن. لال هرداساڻيءَ کي ان لاءِ لک شاباسون! ڀڳت اَسانکي ڪنوررام صاحبن جي ياد ڏياريندي آهي ۽ نندي نئين ٽهيءَ کي سنت ڪنوررام بابت ڄاڻ ملي پوندي آهي.

ڀڳت کانپوءِ وري هڪ پيرو نيل تلريجا وارو ورتو. سنگت کي پاڻ سان گڏ نچائيندو رهيو. سنگت سک ۽ پريم سان مزو ماڻي رهي هئي ۽ پڇاڙيءَ ۾ جهوليلعل جو پلؤ پائي آسيس ورتي ويئي - ڀُل بخشائي ويئي - سڀ يادگيرين جا جهول ڀري پروگرام ڪاميٽيءَ کي واڌايون وارائيندي، ڪِل خوشيءَ ۾ رَمندا رهيا.

هانگ ڪانگ جو هي پروگرام ٢٠١٩ - آواز نوان ساز پراٽا ربي ايم. شراف ۽ پرويز ايم. شراف پاران ظاهر ڪيو ويو.

ꕥꕥ



Gul Hayat Institute

دوستن وٽ هليو ويندس. خبر ناهي پلو مانس اِسٽيشن تي ڇو ڪونہ آيو آهي. يا شايد آيو بہ هجي پر مون کي ڳولهڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو هجي. آيو نہ هوندو تہ گهر ۾ تہ هوندو.

پر نئين دهليءَ ۾ تہ ڇا پر پراڻي دهليءَ ۾ بہ منهنجو ڪوئي نہ هو ۽ مون کي ان ’ڪوئي نہ‘ کي ’هر ڪوئي‘ بڻائڻو هو. انڪري صبر جو جام پِي، اِسٽيشن جي ٻاهر ويٽنگ روم ۾ سمهي پيس.

صبح جو ڪنهن کان پڇڻ تي معلوم ٿيو تہ چاندني چونڪ جي پر واري فتح پوريءَ ۾ سنڌي هندو ڌرمشالا هئي. اهو ٻڌي ڪپڙن واري بئگ ڪاٻي هٿ ۾ ۽ بسترو ساڄي ڪُلهي تي رکي پنڌ ئي پنڌ نڪري پيس پراڻي دهليءَ ڏانهن.

ڌرمشالا ۾ مون کي پنج ڏينهن رهڻ جي اِجازت ملي، پر مان ڇهہ ڏينهن رهيس.

مئنيجر کي اُردو، هنديءَ جا ڪيترائي شعر ڪويتائون ٻڌائي ايترو تہ پنهنجو بڻائي ڇڏيم جو جڏهن نهايت پريشان مزاج ۾ ڪانئس موڪلائي بنا ٽڪيٽ واپس ٿي موٽيس، تڏهن اَکين ۾ ڳوڙها ڀري آٽيندي چيائين، ’ڄاڻان ٿو نريندر بابو تہ هتي اَچي تو نوڪري پائڻ جي بيحد ڪوشش ڪئي آهي پر هت نوڪري ملڻ تہ درڪنار، پرديسي هئڻ ۽ پڪي اَڊريس نہ هئڻ سبب توکي ايمپلائمينٽ ايڪسچينج جي آفيس ۾ بہ رجسٽرڪونہ ڪيو ويو آهي. پر تڏهن بہ نريندر بابو، اَچا بہ ٻہ چار ڏينهن جيڪڏهن ڪجهہ ڪوشش ڪرين تہ ڏاڍو سٺو، مان توکان هڪ پئسو بہ مسواڙ ڪونہ وٺندس!‘‘

اهو سچ هو يا ڍونگ ان سان منهنجو ڪوبہ سِڌو يا اَڻسِڌو سنٻنڌ ڪونہ هو. هن جا اَحساس مون جنهن اَنداز ۾ محسوس ڪيا، انهن کي ان روپ ۾ ئي ڏٺم. ٻيا ماڻهو پنج رپيا ڊپازٽ ڏيڻ بعد ئي ڌرمشاما ۾ جڳهہ پائيندا هئا پر خبر ناهي ڇو، منهنجين ڳالهين تي وشواس ڪري منهنجي غربت کي محسوس ڪري هن مون کان ڪجهہ بہ نہ ... خير رهڻ ڏيو ان سڀ کي. هن مون کي ترسڻ لاءِ چيو، پر ترسڻ لاءِ صرف

Gul Hayat Institute

اَجھو ئي تہ سڀ ڪجھ نہ آهي ... ماني بہ تہ ڪجھ ... چوندا آهن تہ، ديس چوري پرديس بکيا! پر مون کي چوڻ وارن جي ان چوڻيءَ کي سچو ثابت ڪرڻ واري دل ڪونہ هئي. دهليءَ ۾ نوڪري ڪرڻ ويو هئس، مزوري ڪرڻ نہ، ان ڪري بک ۾ بہ منهنجي دل نہ چوري ڪرڻ جي اِجازت ڏني ۽ نہ مزوريءَ جي. هتان ڇهہ رپيا ۽ ڪجھ آنا ڪٺي ويو هئس، جي دهلي پهچڻ بعد صرف پنج ڏينهن هليا. پنجين ڏينهن، رات جو هڪ سنڌي ساهت پريمي مسافر کي اَڍائي روپئي ۾ پنهنجا بہ دلپسند ڪتاب: ’ديدي‘ ۽ ’ڪوي‘ ۽ پنهنجي پيءُ جي نئين نيڪتاءِ وڪيم. ان مان پوڻا بہ رپيا مسواڙ تي ڏنم ۽ ٻارنهن آنا ڇهن ڏينهن ۾ خرچيم. جنهن سان بہ آنا بوٽ جي کهين تي وِڃايم.

رات جو خبر ناهي ڪير منهنجي بوٽ مان کهيون لاهي ڪٺي هليو ويو. دک ڪونہ ٿيو. اَلبت اَچرج سان پريل ڪِل آئي. جيڪڏهن چور منهنجو بوٽ ڪٺي وڃي ها تہ دک بيشڪ ٿئي ها پر ايترو عجب نہ لڳي ها، جيترو هن حالت ۾ لڳو.

پر انهن سپني سان هن وقت منهنجو ڪوبہ مطلب ڪونهي. منهنجو مطلب دهليءَ ۾ منهنجي ان رات سان آهي جا منهنجي دهليءَ ۾ هئڻ جي آخري رات هئي.

آخري رات!

آخري رات ڪجھ بہ خريد ڪري کائڻ لاءِ مون وٽ ڪجھ بہ نہ هو. مان فتح پوريءَ جي مکيہ بزار ۾ هئس. پيٽ ڀري کائڻ لاءِ اَنيڪ رنگن ۽ اَنيڪ سوادن واريون اَنيڪ شيون اَنيڪ دڪانن مان اَنيڪ اِشارا ڪري اَنيڪ دفعا مون کي اَنيڪ ناز و اَدائن ساڻ پڪاري رهيون هيون.

مانهہ جي جليبين جي پڪارڻ جو رومانس تہ مان اَڃا وساري نہ سگهيو آهيان.

پر هڪ شيءِ هئي جنهن مون طرف اَک کڻي بہ نہ نهاريو. جيئن عورتون چاپلوس مرد جي ڀيٽ ۾ مغرور مرد وڌيڪ پسند ڪنديون آهن، تيئن مون کي بہ ٻين شين جي ڀيٽ ۾ ان شيءِ ڏانهن طرف وڌيڪ مائل

Gul Hayat Institute

ڪيو.

اها شيءِ هئي قيمي جي تريل چاپ!

هيستائين سستيون پاڇيون ڪائيندو آيو هئس. من ۾ چيم ته اَڄ ڪيئن به قيمي جي چاپ ڪائيندس.

خيال آيم ته ڇو نه ان پلي مانس سنڌيءَ کي، جنهن مون کان اَڳ ۾ ئي ڪجهه خريداري ڪئي هئي، پنهنجي سيفٽي ريزر، ننڍي ڪئنچي وغيره وٺان. اَندر ۾ خوش ٿي پنهنجي خيال کي دل جي سچائي سان ساراهيندو سِڌو ڌرمشالا ۾ هليو ويس. وڃي پنهنجي چئين آني روز مسواڙ واري ڪٻٽ وٽ آيس. ڪٻٽ کولي ڏسان ته سيفٽي ريزر جي پلاسٽڪ واري باڪس نهي ئي ڪانه! گهڻو گهڻو ڳولهيم، پر باڪس نه ملي. اوچتو ياد پيو ته منجهند واري گاڏي ۾ ويندڙ هڪ مسافر صبح جو مون کان سيفٽي ريزر باڪس سوڌي ورتي هئي. مان نوڪري ڳولهڻ هليو ويو هئس، باڪس وٺڻ وسري ويئي هئي. متان مون کي واپس ڪرڻ لاءِ ڪنهن ٻئي کي ڏيئي ويو هجي، اهو سوچي مون ڌرمشالا جي تمام گهڻن ماڻهن کان ان جي پڇا ڪئي، پر ... خير رهڻ ڏيو ان کي به ....

مان پنهنجي زندگيءَ جي درد ڀريل اَفسانن تي اَندر ئي اَندر ۾ ڪِلندو ۽ روئندو بزار طرف واري بالڪنيءَ ۾ بينس ۽ پوءِ هڪ نظر اَٽڪل ويهه فوٽ هيٺ سامهون واري هوٽل طرف ڦٽي ڪيم. هوٽل جي ٻاهرين حصي ۾ هڪ ماڻهو وڏي تئي تي چاپون ڪباب وغيره تري رهيو هو. چاپ جي خيالي خوشبوءِ منهنجي دماغ کي تراوت سان پُر ڪري ڇڏيو. وات پاڻي پاڻي ٿي ويو. خيالي خوشبوءِ آئي ته وڃ جي چمڪات جي تيزي جيان چاپ پائڻ جو وسيلو به سُجهي آيو.

مون سوُٽ جي پوئين کيسي مان پنهنجي ڪاري پين ڪڍي هٿ ۾ ڪئي ۽ ان کي ڏسي ٿورو مرڪيس. اَندر مان ڪنهن چيو، ”نريندر، اَڄ تون ڇا مون کي وڪڻندين؟“

”بلڪل.“ مون نهايت ئي محڪمتا سان جواب ڏنو.

”پر مان ته تنهنجي زندگي آهيان.“ پين چيو.

Gul Hayat Institute

”مان قيمي جي چاپ کي پنهنجي زندگيءَ کان وڌيڪ اَهميت تو ڏيان.“

هوءَ چپ ٿي ويئي.

مون چيو، ”بس رُسي ويئينءَ؟“

هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

مون پين کي پنهنجي رکيل نالي سان پڪاريو، ”بينا.“

”هون.“

”رُسي ويئينءَ؟“

”تون ڄاڻ.“

”تہ“

”تہ رُسڻ منهنجي عادت ناهي.“

مون ٽِڪليو.

”ڇو، ٽِڪلين ٿو؟“

”تنهنجي نموني بازيءَ تي.“

”يعني؟“

”يعني تہ رُسڻ تنهنجي عادت ناهي ۽ رسڻ عورتن جي فطرت آهي. پنهنجي فطرت کان منهن موڙي تون ڪوڙ جو سهارو وٺي رهي آهين. اهو سڀ تون ڄاڻين ٿي ۽ ڄاڻندي اڻ ڄاڻائيءَ جو ڍونگ ڪرين ٿي.“

موٽ ۾ هن ڪجهہ بہ نہ چيو.

مان بہ چپ رهيس.

اَسان جي خاموشيءَ ۾ جڻ سڄي دهلي خاموش ٿي ويئي.

ڊگهي خاموشيءَ بعد بينا آهستي چيو، ”نريندر.“

”ڇا آهي؟“

”تون مون کي وڪڻي ڇڏ.“

”مون توکان صلاح ڪونہ ورتي هئي.“

”اَڄ تون ڇا پٿر ٿي ويو آهين؟“

Gul Hayat Institute

”اهو چئي ۽ ان ريت گهڻو ڪجهه چئي، روئي، رڙي - ڪيئن به ۽ ڪنهن به ريت تون منهنجي همدردي هٿ ڪري نه سگهندينءَ.“

”مون کي خبر آهي ته تون همدرديءَ جو محتاج ناهين.“

”اِئين چئي تون مون کي همدرديءَ جو محتاج بڻائي رهين آهين.“

”نه، نه نريندر، اِئين نه چئو - توکي قسم آهي منهنجو - بينا جو - تنهنجي زندگيءَ جو. تنهنجي دل، جان، آتما جو. اِئين نه چئو. مون کي ٻڌاءِ: تون ئي چوندو آهين، نه، ته هن دنيا ۾ فقط مون ئي توکي پورو سمجهيو آهي.“

منهنجو دم گُهٽجي رهيو هو.

”وڪڻ. تون پلي مون کي وڪڻ، نريندر! تون مون کي وڪڻندين، مان توکي روڪيندس ڪانه! مون کي خبر آهي ته تون مون کي تمام گهڻو پيار ڪندو آهين. اَڄ تون مون کي وڪڻڻ لاءِ تيار ٿيو آهين، سمجهي سگهان ٿي ته اَڄ تنهنجي دل ۾ ڪهڙي تمنا تڙپي رهي آهي. مون کي خبر آهي ته تو ڪڏهن به اِئين ڪونه چاهيو آهي ته بنگلا ۽ موٽرون هجن. سؤ سؤ نوڪر سلام لاءِ هجن. هڪ-اَڌ يا ٻه-چار پنج محبوبائون هجن. پاڻي بدران ڪير ۽ شربت بدران شراب ملندو هجي، وڏن دڪانن پرسان لنگهندي تو ڪڏهن به اِئين ڪونه چاهيو آهي ته ان مان ڪا شيءِ توکي، تنهنجي پنهنجي هجي. تو ڪار کي ته ڇا پر ٽئڪسيءَ کي به تصور ۾ ڪونه آندو آهي ۽ اَڄ ... ۽ اَڄ قيمي جي هڪ چاپ ...“ چوندي چوندي هن جي دل ڀرجي آئي، گلي گهٽجي وڃڻ ڪري وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهي.

مان سِڌو وهنجڻ جي جاءِ ۾ هليو ويس، اَندر وڃي بينا جي منهن کي ڏاڍو ۽ بار بار چميم ۽ پوءِ چپ چاپ وڃي ان مهربان سنڌيءَ جي سامهون ويٺس، جنهن مون کان نيڪناءِ ۽ ڪتاب خريد ڪيا هئا ۽ جو ڀت تي ٽنگيل ڪئلينڊر واري سڀاش بابو جي تصوير کي ڏسي مرڪي رهيو هو ۽ سگريٽ مان ڊگها ڪش هڻي رهيو هو.

Gul Hayat Institute

”پڙهو ته“ مون چيو.

”چئو.“ هن چيو.

”ٿورو منهنجي ڳالهه ڌيان ڏيو.“

”ڏنم. چئو.“

”توهان کي خبر آهي ته نيتاجي سباش چندر بوس سينگاپور جي شهر ۾ پنهنجي گلي وارو گلن جو هار ستن لکن روپين ۾ وڪيو هو؟“

هن کِلي چيو، ”اهي بدنصيب هوندا جن کي ان ڳالهه جي خبر نه هوندي.“

منهنجي اکين ۾ خوشيءَ جي روشني ڊوڙي آئي. هن چيو، ”منهنجو مطلب صرف هندستانين سان آهي.“

مون چيو، ”توهان کي ان ڳالهه تي عجب نٿو لڳي جو هڪ خسيس ٻن-ٽن روپين وارو هار ستن لکن روپين ۾ وڪيو ويو؟“

”مون کي عجب ته ان ڳالهه تان لڳو هو ته اهو هار صرف ستن لکن روپين ۾ ڪيئن وڪاميو!“ جا ڳالهه خود مون هن کي محسوس ڪرائڻ ٿي چاهي اها ڳالهه هن ڪان اڳ ۾ ئي محسوس ڪيل آهي. اهو ڄاڻي آهستي چيم، ”اهو چئي توهان مون کي وڏي عجب ۾ وجهي رهيا آهيو.“

”ان ۾ عجب جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ تون سمجهين ٿو ته ان هار ۾ پوئيل گلن ۾ صرف رنگ روپ، سڳنڌ ۽ ڪوملتا هئي، ٻيو ڪجهه به نه. جيڪڏهن تون اِئين سمجهي رهيو آهين ته پوءِ وڏي ڀل ڪري رهيو آهين. ان هار ۾ فقط گل نه بلڪ ديش خاطر اَٿاهه پريم جو روح پيريل هو.

”فقط جذبو آهي دوست. دنيا ۾ هر ڳالهه فقط ڪو جذبو ئي ڪرائي ٿو. ڏسو هيءَ منهنجي پين آهي. مون هن جو نالو بينا رکيو آهي. منهنجو هن سان ايترو ئي پيار آهي جيترو ڪنهن آستڪ جو ڀڳوان سان، ناستڪ جو پاڻ سان، آتم واديءَ جو دنيا سان، سولجر ۽

Gul Hayat Institute

سازيندڙ جو بندوق ۽ ساز سان، سماجواديءَ جو اِنقلاب سان يا ڪوئل جو بهار سان ٿيندو آهي.“ مون بلڪل آهستي پر زوردار لهجي ۾ چيو.

”پائي تون تہ عجيب ماڻهو آهين.“ هن چيو، ”تون ڇا ان پين ڪي بہ وڪڻڻ ٿو چاهين؟ شيءِ وڪڻڻ تہ ڪو توڪان سِکي. تنهنجون رات واريون اهي سٽون تہ مون ڪان وسرن ئي نٿيون تہ جئيندر ڪمار جو ’ديدي‘ ناول منهنجي دل آهي ۽ تاراشنڪر بئنرجيءَ جو ’ڪوي‘ منهنجو روح ۽ منهنجي پيءُ جي هيءَ نئين نيڪتاءِ منهنجي ٻن ڇپن جي هڪ ئي اڪيلي مرڪ.“

”مان ٻوليءَ ۾ افسانوي رنگ زندگيءَ ۾ محبت سمان سمجهندو آهيان.“

”پائي ڇا تون شاعر آهين؟“

”مان صرف هي پين وڪڻڻ ٿو چاهيان.“

”پر اهو منهنجي سوال جو جواب تہ ڪين ٿيو؟“

”مان جواب ڏيڻ جي پيٽ ۾ هن پين کي وڪڻڻ تي وڌيڪ زور ڏيڻ پسند ڪريان ٿو.“

”گهڻي وڪڻڻ چاهين ٿو؟“

”هن پين جي قيمت فقط هڪ روپيو آهي، پر مان ان جي قيمت لکن رپين کان وڌيڪ ٿو سمجهان.“

”مون پڇيو، گهڻي وڪڻڻ ٿو چاهين؟“

آهستي چيم، ”ٻي رپئي!“

مون سمجهيو هو تہ هو منهنجي دل جي حالت کي محسوس ڪندو. جذبن کي سمجهڻ سان سندس اَکين ۾ پاڻي پرجي ايندو. پر اِئين نہ ٿيو. پين جي قيمت ٻُڌِي هن هڪ زوردار ٺهڪ ڏنو.

مون چيو، ”ترسو، توهان پڇيو نہ، تہ مان شاعر تہ نہ آهيان، نہ، مان شاعر نہ آهيان، ليکڪ آهيان. هن پين سان مون اَنيڪ ڪهاڻيون لکيون آهن. پر توهان کِلو ڇو ٿا؟“

Gul Hayat Institute

”تون ڪِلڻ جهڙي ڳالهه جو ڪرين ٿو. تون هڪ رپئي جي پين ٻن روپن ۾ وڪڻڻ ٿو چاهين.“

”مان آرٽسٽ آهيان.“ مون چيو. ”۽ مون کي پنهنجي پين سان محبت آهي.“

هو تهائين وڏيڪ ڪِلڻ لڳو. منهنجي دل جي ڪنهن نازڪ هنڌ تي نهايت سخت چوٽ رسي. آهستي چيم، ”ڇڳو اَٽ آنا ڏيو!“ چوندي دل ڀرجي آئي. بينا بہ هڪ دبيل سڏڪو ڀريو.

”معاف ڪجو دوست“ هن چيو، ”مون وٽ اَڳيئي هڪ پين، منهنجي پنهنجي آهي.

بہ لفظ ’منهنجي پنهنجي‘ ٻُڌي مون کي روئڻ اَچي ويو. وري وهنجڻ جي جاءِ ۾ هليو ويس. اَندر وڃي بينا کي ڳلي لڳائي بار بار چميم ۽ پوءِ مئنيجر کان موڪلائي سامان کڻي ڌرمشالا کان ٻاهر نڪري ويس.

(’عالمي اَدب‘ تان)

ꕥ

(دردناڪ ورهاڱي نہ فقط حشو ڪيولراماڻيءَ جو بک ورتو پر اَلائي ڪيترا حشو ان جو شڪار ٿيا. موهن ڪلپنا جو پنڌ بہ اوڏانهن هو. پر سنڌي اَدب اُن کي دبڻ کان بچائي ورتو. سنڌ وارن اُن وقت بہ ڪيس اَڪيچار - اَڻميو پيار - مچتا ڏني. شايد ان سبب بہ موهن ڪلپنا سنئين ڪنڌي پاڻ جهلي سگهيو. هِت بہ ساهتڪ چوُياريءَ ۾ موهن کي وڏي عزت هئي. سندس ڪهاڻين ۾ هن جي زندگيءَ جون سچايون آهن. اها هن جي ڪاريگري هئي، چوڻ - لکڻ جو ڍنگ هو جو مشڪل سان ڪير سندس لکڻين مان سچايون ڳولهي لهي. ساهتيہ اَڪاديمي وارن ’ڀارتيہ ساهتيہ جا نرماتا‘ سيريز هيٺ هن جي زندگيءَ تي ڪتاب ’موهن ڪلپنا‘ ڇپايو آهي، جيڪو ڊاڪٽر جگديش لڇاڻيءَ قلمبند ڪيو آهي. اُن بہ موهن جي مجبورين - لاچارين ڏانهن مبهم اِشارو ڏنو آهي. - سمپادڪ)

Gul Hayat Institute

# ڪهاڻي: ويل وقت جون ٻريل تندون

✍ شوڪت حسين شورو

اَڻ ڄاتل سيل نمبر تان روزانو صبح جو گلن وارا گڊ مارننگ. ٽن مهينن کان واٽس اَئپ تي هلندڙ سلسلو. هڪ ٻه ڀيرا خيال آيو ته پڇانس: ”اَوهان ڪير آهيو؟“ پر پوءِ سوچيم پڇي ڇا ڪندس! هن کي پاڻ پنهنجو نالو ٻڌائڻ کپي. هڪ صبح جو گلاب جي اَڌ ٽڙيل گل جي ڏانڊي هڪ خوبصورت هٿ ۾ جهليل هئي. هيٺان لکيل هو: ”اَوهان مونکي نٿا سُڃاڻو؟“

مون جواب ۾ لکيو: ”آءٌ نه پهتل شخص آهيان، نه وري ڪو جادوگر، جو مون کي خبر پئي ته اَوهان ڪير آهيو!“

”جواني وڃڻ سان گڏ جادو به هليو ويو ڇا؟“ جواب جو جواب لکجي آيو.

مون کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي.

”جوانيءَ ۾ ڪهڙو جادو هو مون وٽ، سا مون کي پاڻ کي خبر ڪانهي!“ اَجائي ڏيگهه ۾ پوڻ نه چاهيندي به مون کي لکڻو پيو.

”توبهه ڪر، جوانيءَ ۾ تو جيڪي قهر ڪيا سي وسري ويا اَٿئي ڇا؟“

دل ۾ آيو چوانس، ”اَوهان ڪير ٿيندا آهيو منهنجي ذات تي ڳالهائڻ وارا؟“ مون واٽس اَئپ بند ڪري موبائيل رکي ڇڏيو. سوچيندو رهيس، ڪير ٿي سگهي ٿو؟ مون جوانيءَ ۾ ڇا ڪيو، ان جي هن کي ڪهڙي خبر آهي؟

ٻئي ڏينهن صبح جو گل سان گڏ لکجي آيو: ”ڳالهه لاجواب ٿي وئين نه؟“

مون لکيو: ”اَجاين ڳالهين جو ڪهڙو جواب ڏيان؟ هاڻي اها عمر به ڪانهي جو موبائيل تي ويهي نوجوانن وانگر اَڻ ڄاتل ماڻهن سان ڪچهري ڪريان.“

Gul Hayat Institute

”پھرين ڳالھ تہ آنءُ اَڻ ڄاتل ڪونہ آهيان. ٻي ڳالھ تہ ڀلي تنهنجي جواني نہ رهي هجي، پر هن عمر ۾ پاڻ وڌيڪ گريسل ٿو لڳين.“

”توکي ڪيئن خبر پئي؟“

”مون فيس بُڪ تي تنهنجا تازا فوٽا ڏٺا آهن.“

فيس بُڪ! واٽس اَئپ! اِنسٽاگرام! ٻيو اَلائي ڇا ڇا! ماڻهو ڄڻ پنهنجي ناليءَ جي تختي کنيو شهر جي وچ چوڪ تي بيٺو آهي. ٽيڪنالاجي جي نوَن طريقن خانگي زندگيءَ تان پردا لاهي ڇڏيا آهن.

”تون ڀلي مون کي سُڃاڻي نہ سگهين، پر پاڻ هڪ ٻئي جا ڄاتل سُڃاتل آهيون ... ڪجهہ ان کان بہ وڌيڪ.“

مونکي لڳو ڪو ڄاڻي واڻي تنگ ڪري رهيو آهي. ڪاوڙ مان لکيم: ”پنهنجو نالو ٻڌاءِ تہ خبر پئي، نہ تہ بند ڪر.“

”ٻن ٽن مهينن کان پوءِ تو پڇين؟ معنيٰ تو منهنجي گڊ مارننگ کي ڪنگهيو ئي ڪونہ!“

ڪاوڙ تہ ڏاڍي آئي، پر رُڳو ايترو لکيم: ”پڇڻ کپندو هو، غلطي ٿي ويئي.“

”سڄي عمر غلطيون ئي ڪندو رهيو آهين.“

منهنجي مغز مان ڄڻ ٺڪاءُ نڪري ويو. زورائتو ڌڪ لڳو هو. اهو تہ آنءُ پنهنجو پاڻ کي چوندو رهيو آهيان. رکي رکي خيال ايندو آهي تہ مون سڄي عمر غلطيون ئي ڪيون آهن.

”ڇا پيو سوچين؟“ سوال لکجي آيو.

”پليز! مون کي وڌيڪ تنگ نہ ڪر، پنهنجو نالو ٻڌاءِ.“

”پھرين تون ٻڌاءِ، ڳالھ دل سان لڳي اَٿئي؟“

”سچ ٻڌايان؟ پر پھرين خبر پئي تون آهين ڪير؟“

”تنهنجي سچ ٻڌائڻ يا نہ ٻڌائڻ سان ڇا ٿيندو؟ مون کي تنهنجي سڄي خبر آهي.“



Gul Hayat Institute

آنءُ پريشان ٿي ويو هوس. ڪير آهي، جنهن کي منهنجي سچي خبر آهي! آنءُ ڪجھ دير تائين بند ٿي ويل اِسڪرين کي ڏسندو رهيس.

”سال نبري ويا آهن. گهڻو ڪجهه بدلجي ويو آهي. پر اَلائي ڇو مونکي روئڻ اَچي ويو آهي! آنءُ روئندي پنهنجو نالو پئي لکان - نوري.“

نوري! نور بانو! زوردار ٺڪاءَ سان گجگوڙ ٿي هئي ۽ وڄ جو چمڪاٽ ٿيو هو - پر اهو ٻاهر آسمان ۾ نه، منهنجي ئي من ۾ ٿيو هو.

اِنساني ذهن هڪ گهاٽي جهنگ وانگر آهي جنهن ۾ اَلائي ڪيتريون شيون، ڪيتريون ڳالهيون اونداهي جي ڪارڻ ۾ لڪل هونديون آهن. پر جڏهن ذهن ۾ ڪو اوچتو وِڄ جو چمڪاٽ ٿيندو آهي ته ڪي وڇايل وٿون وري چٽيون ٿي وينديون آهن. وسري ويل ڳالهيون ذهن جي سطح تي تري اينديون آهن. هوءَ جيڪا من جي اُفق تي سج وانگر اُڀري هئي، سا پوءِ شفق جي رنگن وانگر وٽڙي ويئي هئي. اَڄ وري هن جي نالي سان شفق جا وٽڙيل رنگ نئين سر نروار ٿيا هئا، پر هاڻي گهڻي دير ٿي چڪي هئي. مون ڄاتو ٿي ته نه آنءُ اهو ساڳيو رهيو هوس جيڪو ان وقت هوس ۽ نه هوءَ ساڳي رهي هئي هوندي جيڪا هوءَ ان وقت هئي. وچ ۾ سالن جو فاصلو هو، جنهن کي لتاڙي وري موٽي وڃڻ انساني وس ۾ ڪونه هو.

اَسين ڪڏهن مليا هئاسين ۽ ڪيئن وڇڙي وياسين - اهي ڳالهيون هاڻي بي معنيٰ بڻجي چڪيون آهن. اَسان جا ساهه هڪ ٻئي جي ساهن ۾ سمايل هوندا هئا، انهن ساهن جي سرهاڻ هوائن ۾ ڪڏهوڪو اُڏامي وئي هئي. هاڻي ته ان جو اَحساس به ناهي رهيو. جيڪڏهن ڪو اَحساس باقي رهيو آهي ته اهو هڪ بيڪس پيڙا وارو اَحساس آهي. پيڙائون نيٺ پٿرائجي فاسل بڻجي رهجي وينديون آهن. ختم پوءِ به نه ٿينديون آهن. ساروڻيون ماڻهوءَ سان

Gul Hayat Institute

وڇڙيا آهيو پر وسريا نہ آهيو

*In Loving Memory of*

# LATE SHRI MURIJ MANGHNANI



## سرگواسي شري مورج منگهناڻي

**16-02-1927 – 04-06-2019**



Gul Hayat Institute

وڇڙيا آهيو پر وسريا نہ آهيو

*In Loving Memory of*



**LATE SHRI RAM JETHMALANI**

سرڳواسي شري رام جيٺملاڻي

14-09-1923 – 08-09-2019



**LATE BHAU HARISH MIRCHANDANI**

سرڳواسي ڀائو هريش ميرچنداڻي

13-03-1929 – 08-08-2019



Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute

# SARMOR SINDHI




شڪرگذاري: ڪونج ۽ پنهنجي پريوار،
سنڌو يوٿ سرڪل ۽ بئنڪ آف بڙودا سنڌي سڀا جي ميمبرن،
سڄڻن ۽ ساهتڪارن جي سَٿَ، نالي،
جن مونکي بنا ڪنهن شڪ-گمان جي نسوارٿي نموني،
ادبي ٻوڙ ۾ شامل رهڻ لاءِ پئي همٿايو آهي

Courtesy : NOTAN TOLANI ⟶ Hong Kong ⟵ LAL HARDASANI



Gul Hayat Institute

سندس پاڇي وانگر گڏ هلنديون رهن ٿيون ۽ ماڻهوءَ کي خبر ئي نه هوندي آهي - پر جيسنائين هوُ آهي پنهنجو پاڻ کان ڇڏائي نٿو سگهي.

مون جڏهن پهريون ڀيرو هن کي ڏٺو هو ته ڏسندو رهجي ويو هوس. گهري سانوري، ننڍيون چمڪندڙ اکيون، ڇڏي ڪڪر ۾ لڪل چنڊ جهڙي صورت. بيپناهه ڪشش. نيٽ لاڙي لهجو. هر ڳالهه سڌي سنواتي.

”مون کي خبر پئي ته اوهان منهنجي شهر ۾ پڙهيا آهيو. هاڻي اهو ڇوڪرين جو اسڪول آهي. آنءُ اتي ٽيچر آهيان.“

جيسنائين آنءُ حواسن کي ميڙي گڏ ڪري جواب ڏيان، هن مرڪندي چيو، ”بس ائين اوهان سان ملڻ جو خيال آيو. ٻيو ڪوبه ڪم ڪونهي.“

”منهنجو ڳوٺ اوهان جي شهر کان ٿورو پرتي آهي.“ مون هاڻي پاڻ کي سنڀالي ورتو هو.

”وري ته آهيون ته پاڙيسري نه ....“ هن کلندي چيو هو. سندس سفيد موتي گلن جهڙا ڏند جرڪي پيا هئا.

ڪهڙي خبر ته پاڙيسري وارو رشتو پيار جي رشتي ۾ تبديل ٿي، آخر ۾ درد جو رشتو بڻجي وڃڻ وارو هو!

زمانا گذري ويا. سج ڪئين ڀيرا شفق جي لالاڻ ڇڏي ٽٻي هٽي ويو ۽ وري ڪئين ڀيرا اُفق تان اُڀريو. زمانن جي انهن وروڪڙ پيچرن تي هوءَ وڃائجي وئي هئي مون کان يا آنءُ پاڻ وڃائجي ويو هوس، اهي وروڪڙ پيچرا به وڃائجي متجي ويا هئا.

مون پهريون ڀيرو نوريءَ کي ڏٺو هو. مون کي لڳو منهنجو ڪو حصو مون کي ڇڏي هن جي بدن کي وڪوڙي ويو هو. اهو وري مون ڏانهن نه موٽيو. هن جي وڇڙي وڃڻ کان پوءِ به. شايد اڃان به هن جي بدن سان وڪوڙيل هجي، اهو منهنجو مون کان ٽٽي ويل حصو ۽ هن کي ان جو احساس هوندو به الائي نه! هوءَ جڏهن ويجهي

هوندي هئي تہ مون کي لڳندو هو، منهنجو جسم هن جي جسم کي ميرو نہ ڪري ڇڏي. پر هن جو جسم هميشه اُجرو هوندو هو. تاج محل جي سنگمرمر جهڙو خوبصورت نوريءَ جو جسم هيترن زمانن گذرڻ کانپوءِ اَڄان بہ اَهڙو ساڳيو شفاف اُجرو هوندو، منهنجو من تہ اِئين چئي ٿو. مون تاج محل بہ ٽي ڀيرا ڏٺو آهي. هر ڀيري اهو مونکي وڌيڪ خوبصورت لڳو آهي. ڇوِن ٿا تہ تاج محل جي سنگمرمر جي خوبصورتي وقت سان گڏ جهڪي ٿيندي، ميري ٿيندي پئي وڃي! مون کي تہ اِئين ڪونہ لڳو آهي. پر پوءِ بہ آنءُ ڳالهہ ٻُڌي دڄي ويندو هوس، تاج محل لاءِ نہ - تو لاءِ تو لاءِ تو لاءِ ... اَنومان پڙاڏو بڻجي من کي وياڪل ڪري ڇڏيندو هو.

”هو ڪيئن آهي؟“ هڪ ڏينهن فون تي ڳالهائيندي مون هن کان پڇيو.

”هو ڪير؟“ ڪنهن جي ڳالهہ ٿو ڪرين؟“ هن کي منهنجي ڳالهہ تي حيرت لڳي يا هوءَ سمجهي ڪانہ؟“

”تنهنجو مڙس،“ مون ڳالهہ کي ڇٽو ڪندي چيو.

هوءَ ڪجهہ دير خاموش رهي. مون کي لڳو مون کي شايد اَهڙو سوال پڇڻ نہ کپندو هو.

”هو گذاري ويو.“ نوريءَ عام رواجي انداز ۾ چيو.

”اوهہ! ساري،“ مون اَفسوس ظاهر ڪيو.

”سارِي ڇا جي لاءِ؟“ نوريءَ جي آواز ۾ حيرت ظاهر هئي.

”مون کي اهو پڇڻ نہ کپندو هو ...“

هوءَ کِلڻ لڳي، ”تو ڪا اَهڙي غلط ڳالهہ تہ ڪانہ پُڇي آهي.“

ڪن رکي وري هن چيو، ”پر مون کي هن جو ذڪر ڪرڻ نہ وڻندو آهي.“

آنءُ مُنجهي پيس. نوريءَ جي ان ڳالهہ جو مطلب ڇا هو؟ مون کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڇا چوان!

”توکي شايد منهنجي ڳالهہ عجيب لڳي هجي. مون هن کي

Gul Hayat Institute

جهڙو سمجهيو هو، اَهڙو نہ هو. مون غلط ماڻهوءَ سان شادي ڪئي. ان ڪان وڌيڪ ڪجهہ ٻڌائڻ اَجايو آهي.‘‘

”ها، ماڻهوءَ کان غلطيون ٿي وينديون آهن. ڪنهن کي سمجهڻ ايترو سولو بہ تہ ڪونهي،‘‘ مون کي پنهنجي ڳالهہ عجيب لڳي.

”پر مون تہ جاڻي واڻي غلطيون ڪيون آهن زندگيءَ ۾، توکي ڇڏي وڃڻ جي غلطيءَ جي سزا ڀوڳي چڪي آهيان.‘‘

”بس جيڪو ٿي ويو سو ٿي ويو. سڀ ڳالهيون گذري ويون،‘‘ مون پنهنجي لهجي کي رواجي رکڻ جي ڪوشش ڪئي.

”ٻيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ مونکي پنهنجي غلطيءَ جو اعتراف تہ ڪرڻ ڏي.‘‘

”هاڻي ٿي ويو نہ. منهنجي دعا آهي تہ هاڻي تنهنجي سر تان اهو بار لهي وڃي.‘‘

”دعا لاءِ مهرباني.‘‘ هوءَ کِلڻ لڳي. ”هاڻي هن عمر ۾ هڪ ٻئي کي دعائون ئي ڪري سگهون ٿا.‘‘

آنءُ بہ هن سان گڏ کِلڻ لڳس.

”ڳالهہ ٻڌ!‘‘ نوريءَ اوچتو چيو.

”حڪم؟‘‘

”آنءُ حڪم ڪرڻ جي لائق ئي ڪونہ آهيان ...‘‘ هن جو آواز ٻرجي آيو هو. پوءِ پريان ڪو سڏڪو ٻڌڻ ۾ آيو. شايد موبائيل کي هن پريرو ڪري ڇڏيو هو.

”هيلو!‘‘ مون زور سان چيو.

نوري ٿورو کنگهي ڄڻ نِڙي صاف ڪئي.

”جي!‘‘ هن وراڻيو.

”ڇا ٿيو؟‘‘ مون کي خبر هئي تہ ڇا ٿيو، پوءِ بہ مون پڇيو!

”ڪجهہ نہ. بس نِڙيءَ ۾ ڪجهہ اَٽڪي پيو.‘‘ هن زوريءَ کِلندي چيو.

Gul Hayat Institute

”چڱو ٻڌاءِ ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

”آنءُ هڪ ڀيرو توسان ملڻ چاهيان ٿي. بس رُڳو ڏسان ڪيئن ٿو لڳين!“

”فوٽو ته ڏسي چڪي آهين نه ...“

”ها، پر روبرو ڏسڻ ٿي چاهيان.“

”روبرو هڪ پوڙهي، ڪمزور، نستي ماڻهوءَ کي ڏسندينءَ!“ مون حيرت مان چيو.

”ته آنءُ وري ڪهڙي جوان جماڻ آهيان.“ کِل جون گهنڊڙيون وڃي اُٿيون. مون کي لڳو، هوءَ دل سان کِلي هئي.

”پر تنهنجو آواز ذرو به نه بدليو آهي. اهو ساڳيو آواز. اها ساڳي کِل آهي،“ منهنجي ان ڳالهه ۾ تر جيترو به وڌاءُ ڪونه هو.

”سچي؟ مون کي ته اهو ڪنهن ڪونه ٻڌايو آهي!“ هن کي منهنجي ڳالهه تي ويساه ڪونه پئي آيو.

”ٻئي ڪنهن ايترن سالن کان پوءِ تنهنجو آواز ٻڌو آهي ۽ هن جي سوچ ۾ تُوري به ملاوت ڪانهي.“ اسين ٻئي دير تائين کِلندا رهياسين.

پوءِ هن جي آواز ۾ ڏک پرجي آيو. ”هاڻي رڳو اهو آواز ئي ساڳيو وڃي بچيو هوندو ...“

”اها ڪهڙي ڳالهه آهي؟ عمر سان گڏ ماڻهوءَ جو جسماني طور بدلجي وڃڻ فطري ڳالهه آهي،“ مون هن کي آٿت ڏيڻ چاهي.

”ها اِئين ته آهي. پر مون توکي جيڪو ملڻ لاءِ چيو تو ان جو جواب ڪونه ڏنو؟“ نوريءَ مونکي ياد ڏياريو.

”چڱو ڏسون ٿا.“ مون چيو.

”اهو تون نٽائين ٿو. ڏس، منهنجي ڳالهه مڃ نه پليز. بس هڪ ڀيرو،“ هن جي آواز ۾ مِنٿ هئي.

”ٺيڪ آهي. آنءُ سياڻي پروگرام ٺاهي توکي ٻڌائيندس،“ مون وٽ سچ ته نٽائڻ جي گنجائش ئي ڪانه هئي.



Gul Hayat Institute

ويل وقت جون تندون ڳري ڇڄي چڪيون هيون. ٽٽل تندن کي ميڙي سيڙي ڳنڍيون ڏئي جوڙڻ ممڪن ئي ڪونه هو. عمر جي آخري سرحد کي پار ڪرڻ ۾ جڏهن باقي ڪو ٿورو وقت رهيو هجي تڏهن ڳنڍ ڳوپ جو خيال ئي ڪِل جوڳو ٿي لڳو. پر هن جنهن لهجي ۾ هڪ ڀيرو ملڻ لاءِ چيو هو سو تند تنوار بڻجي جيءَ کي جنجهوڙيندو رهيو. پنهنجو پاڻ سان جهيڙيندي نيٺ مون کي مڃڻو پيو. مون نوريءَ کي ميريٽ هوٽل جي ريسٽوران ۾ ملڻ لاءِ چيو.

”ورهيه لنگهي ويا آهن. اَسين هڪ ٻئي کي سُڃاڻي ڪيئن سگهنداسين؟“ مون نوريءَ کي چيو.

”تون فڪر نه ڪر. آنءُ توکي پري کان سُڃاڻي وينديس. مون تنهنجا فوٽو جو ڏٺا آهن. پر هونءَ به تون اَڃان اَهڙو ئو لڳين جهڙو اَڳي هئين،“ هن کلندي چيو.

هوٽل ڏانهن ويندي من ۾ هڪ مانڌاڻ متل هو. ’ڇا هاڻي ملڻ ضروري آهي؟‘ آنءُ پنهنجو پاڻ کان پڇندو رهيس. ان هڪڙي سوال جا ڪيترا جواب هئا، خيال آيو موٽي وڃان. ويل وقت کي ورائڻ جڏهن ممڪن ئي ڪونه هو ته ملڻ مان فائدو ڪهڙو! پر نوريءَ جي ٻالهه کي رد ڪرڻ مناسب نه پئي لڳو. ملڻ ۾ ڪو نقصان به ته ڪونه هو. من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ منهنجي به ته اها خواهش هئي. ڏسان هاڻي هوءَ ڪيئن ٿي لڳي!

آنءُ ٿورو اڳ ئي ريسٽوران ۾ پهچي ويو هوس ۽ ڪنڊائتي ٽيبل تي وڃي ويٺو هوس.

”گيسٽ اَچي ته پوءِ“،“ ويٽر کي چيو هئم.

ماڻهو ماضيءَ جو قيدي بڻجي حياتي ڪيئن ٿو گذاري سگهي! شايد سڀ نه، فقط ڪي مون جهڙا اَيا ڳا ماڻهو ئي اهڙا هوندا. اها به ته هڪڙي سزا آهي. پل گذري ٿا وڃن، پوءِ پوٽ بڻجي سڄي عمر گڏ هلندا رهن ٿا پاڇي جيان! جڏهن خبر به آهي ته هر شيءِ عارضي آهي: جذبا، اَحساس، خوشبو، خيال، ماڻهو، منظر - ته پوءِ پاڻ کي ڪنهن سان وابسته ڪرڻ اَجايو آهي. وڇوڙي جا ڏک ۽ ڏنگ به ته

وابستگي جي ڪري پوڳڻا پون ٿا. مهاتما ٻڌ ٻه ڪا اَهڙي ڳالهه چئي آهي ۽ ان ۾ ڪيتري نه سچائي آهي.

ڳچ وقت گذري ويو. نوري ايندي ته اَڳوپو گڏجي لنچ ڪنداسين، اهو سوچي مون پنهنجي لاءِ چانهه گُهرائي ورتي. ڪجهه ڏڪ پري چانهه ڇڏي ڏنم. ذائقو ڪجهه بي مزه هو، يا اَڪيلو چانهه پيئڻ ۾ مزو ڪونه آيو هو! ڪلاڪ ڪن ٿي ويو. ڪراچيءَ جي ٽريفڪ ڪِني آهي، ماڻهو ڪٿي ڦاٿو ته ڪلاڪ لڳيو وڃن. نوري به ڪٿي ٽريفڪ ۾ نه ڦاسي وئي هجي. خيال آيو ته فون ڪري پڇانس، ڪٿي پهتي آهين؟ پر وري ارادو بدلائي ڇڏيم. ايندي ته هوندي. ڪٿي ٽريفڪ ۾ ڦاٿل هوندي ته آنءُ ڇا ڪري سگهندس! نوجواني واري انتظار جي شدت ڪانه هئي جو پل پل گذارڻ ڏکيو لڳي. بس عام واقفڪارن وانگر ملنداسين. هڪ ٻئي جو حال پڇنداسين. ضرور گذريل ڳالهين کي به ياد ڪبو. هاڻي حياتي ڪيئن پئي گذري، ان جا اَحوال اوربا. ماني کائينداسين. ڪجهه اوپاريون لهواريون. پوءِ هڪ ٻئي کان موڪلائينداسين ۽ پنهنجي پنهنجي ماڳ موٽي ويندا‌سين. پوءِ زندگيءَ جو روٽين اِئين گذرندو جيئن گذري پيو. ڪو فرق ته پوڻو ڪونهي.

ٽيبل تي رکيل موبائيل کنيم. وقت گذارڻ لاءِ ڏسڻ لڳس. تڏهن اوچتو نوريءَ جو ميسيج آيو: ”آنءُ آئي هيس. ڪاريڊور مان توکي ريسٽوران ۾ وينل ڏٺم. تنهنجو ڪنڌ هيٺ هو. ڪجهه سوچي رهيو هئين. اها تنهنجي پراڻي عادت ياد ڪري مُرڪي پيس. پر پوءِ اَلاجي ڇو دل پرجي آئي. روئڻ چاهيم پر ايترن ماڻهن جي اَڳيان ڪيئن روئان ها! مون جلدي ۾ ڳوڙهن کي اُگهي ورتو ۽ وري تو ڏانهن ڏٺو. تڏهن مونکي خيال آيو - چاهيان ٿي تنهنجي ذهن ۾ آنءُ اها ساڳي نوري رهان جيڪا اَڳي هيس. تون منهنجي چوڻ تي آئين. مون توکي روبرو ڏٺو. توکي شايد خبر نه هجي تو مون کي ڪيتري خوشي ڏني آهي. اَهڙي خوشي مون کي سالن کانپوءِ نصيب ٿي آهي. آنءُ اها خوشي پاڻ سان گڏ کڻي موٽي ويس.“

ꙮ

هان گرنهه هيٺ ڪري پيو، وري رڙ آئي: ”اسان کي پنهنجي حق ڏئي....“ اهڙيون رڙيون ٻڌي زال مڙس جو منهن هيڊو ٿي ويو. ايتري ۾ چوڌري رحمت، جيڪو اٺيهه سالن جو ويڪري ڇاتي وارو همرهه هو، سانوري منهن تي وڏيون مُڇيون هوس ۽ راتوڪي شراب ڪارڻ اجا به اکيون ڳاڙهيون، حويلي ڏانهن نياپو موڪليو، جيڪو اها ساڳي نوڪرياڻي کڻي آئي:

”مالڪ ننڍي چوڌري صاحب نياپو موڪليو آهي ته هاري بغاوت تي اچي ويا آهن، جلدي ٻنين ڏانهن اچو.“ اهو ٻڌي چوڌري افضل جو منهن ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. هو هڪدم اُٿي مٿي ڪمري ڏانهن ٻيڳو ۽ به نالي بندوق کڻي تڪڙيي وکن سان هيٺ لٿو. حويلي جي وڏي ميدان تي چوڌري رحمت ڪليل جيپ وٽ بيٺل هو، ٻئي ڪاٺ جي وڏي در وٽ آيا.

”چاچا هن ڀيري هنن ڪميني هارين کي سبق سڪارٽو پوندو،“ چوڌري رحمت مُڇين کي وٽ ڏيندي چئس، چوڌري افضل ڪاوڙ مان در ڏانهن وڌيو، رحمت به پنيان آيس. حويلي ٻاهران وڏي ميدان تي هاري هيٺ ويٺل نظر آئس. جئين هارين جي نظر ٻنهي چوڌرين ڏانهن وئي ته ويتر تيز نعرا هڻڻ لڳا:

”ٻاڳيا آهيون..... ڀڳيا آهيون..... اڄ جاڳيا آهيون......“ ايتري ۾ چوڌري افضل به نالي هارين ڏانهن سڌي ڪئي، ان تي پنجاهه سالن جو ولي محمد ۽ انيتاليهه سالن جو ولڻ اٿي اڳيان آيا ۽ بندوق اڳيان سينو تاڻي بيهي رهيا، سڀ هاري اٿي هنن ٻنهي سان گڏ بيٺا، وڏي چوڌري جون اکيون ڪاوڙ ۾ رت ۽ باهه ٿمڻ لڳيون، چوڌري رحمت ڪيس ٻانهن کان جلهي واپس حويلي اندر ويني آيو، هن ڪاوڙ ۾ مڙي هارين کي ڏٺو، سندس نظر اچا ڪپڙا پهريل، ڪمزور هڻي ڪاٺي ۽ سانوري رنگ واري ماستر حبيب تي پئي. اهو ماستر



Gul Hayat Institute

حبيب ئي هو جنهن ڳوٺ وارن جي ڀلائي قانوني لک پڙهه وارو ڪم شروع ڪري ڏنو هو ۽ وجي ڪچهري تائين پهتو هو، پر انگريز سرڪار چوڌري افضل خلاف آيل شڪايتون ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نه هئي، چوڌريءَ کي گهٽي وقت کان ماستر حبيب تي ڪارون هيون، هڪ ڀيرو ته ماستر کي ڪٽائڻ لاءِ ڇاڙتا به اسڪول روانا ڪيائين پر ان وقت سپاهي گشت تي هئا جو ويچارو ماستر حبيب بچي ويو. چوڌري افضل کي پڪ هئي ته ڳوٺ وارن جو دماغ ماستر ئي خراب ڪيو آهي، جڏهن حويلي جو در بند ٿيو ته ماستر حبيب ولي محمد وارن ڏانهن وڌي آيو ۽ چيائين:

”هي احوال ڪامريڊ حيدر سان ضرور ڪبو.“ ڪامريڊ حيدر ان وقت پنجاهه سالن جي ڄمار کي اچي لڳو هو، انگريز سرڪار جو عملدار هو، پر سنڌ جي هارين تي ٿيندڙ ظلمن جي احتجاج ۾ نوڪري ڇڏي، هاري تحريڪ جو بنياد وڌائين، هن تحريڪ جا ٻه بنيادي مقصد هئا: هڪڙو سنڌ جي هارين کي سندن حق ڏيارڻ، ٻيو سنڌ کي انگريزن جي چنبي مان آزاد ڪرائڻ، انهن ئي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن پهريون ڀيرو ”جيئي سنڌ“ جو نعرو بلند ڪيو. ڪامريڊ سدائين مُچين کي وٽ ڏئي گهمندو هو ۽ جيڪڏهن ڪو انگريز يا هنن جو ڇاڙتو سامهون اچي وڃنس ته ان سان اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائيندو هو، سندس اهي ادائون ڏسي سنڌ جي هارين ۾ اهو احساس تيزي سان ايري رهيو هو: ڪو ته آهي جيڪو هنن لاءِ ظالمن جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائي ٿو، انهيءَ آس تي هاري ڪامريڊ پٺيان لڳي پيا هئا.

ان رات دير تائين چوڌري افضل کي صبح واري بيعزتي تي وٽ پئجي رهيا هئا، هو اوطاق ۾ ويهي مجرو به ڏسي رهيو هو ۽ شراب جون چسڪيون به ڀري رهيو هو، پر ان هوندي به سندس

Gul Hayat Institute

جذباتي ٿيندي زال کي چيو. سندن ڪچي گهر جي اڱڻ ۾ چار ڪٽون رکيل هيون، جن تي سندن ٻہ ٻہ ننهر، سندن ٻار ۽ ڏيءَ ستل هئا، ولي محمد ٻارن ڏانهن ڏسندي چيو:

"اسان جي تہ سڄي عمر غلامي ۾ گذري وئي، پر آئون پنهنجي ٻارن کي آزاد صبح جي هوا ۾ ساهہ کڻندي ڏسڻ گهران ٿو."

"ولي محمد!" بختاور ڀڙيون ڀيرو بريل لهجي ۾ ڳالهايو: "آئون تو سان گڏ آهيان،" اهو ٻڌي ولي محمد بختاور جي پيشاني کي چميو، ٻنهي کي ائين لڳو ڄڻ سندن زندگي جا سمورا ڏک سور ڏور ٿي ويا آهن، پريان ٻيڻل مال ٿهڻ لڳو، ڪجھ گهڙين ڪانپوءِ ڪتن جي ڀوڪڻ جو آواز آيو، جنهن ڪانپوءِ ٻاهران هڪ رڙ آئي:

"ٻائو ولي محمد، او ٻائو ولي محمد اسان تيار آهيون."

"ادا بس آيو،" ولي محمد جواب ڏنو. هڪ لمحي جي ساهي ڪانپوءِ هٿن جو پيالو ناهي بختاور جو منهن جهليندي چيائين:

"مونکي پڪ آهي تہ صبح ساڻ ئي چوڌري سندس چاڙتن کي وٺي ڪٽڪ جو فصل ڪٽڻ ايندو، پر آئون تو تي اها ذميواري ٿو رکان، ڪنهن بہ صورت ۾ چوڌريءَ کي فصل ڪٽڻ نہ ڏجان." اهو ٻڌي بختاور وري مڙس کي ويران نظرن سان ڏٺو، ان کان اڳ جو هوءَ ڪجھ چئي ها، ولي محمد ڪلهي تي اجرڪ رکي هٿ ۾ ڪوهاڙي کڻي ٻاهر هليو ويو.

اجا فجر جي ٻانگ مس آئي هئي جو بختاور جي اک کلي وئي، هوءَ اٿي اول مال ڏانهن وئي ۽ انهن کي ڪلن مان ڇوڙيائين پوءِ رڌڻي ڏانهن آئي، ان مهل سندس گهر ۾ اٽي جي لپ بہ نہ هئي، سندس من جهرڻ لڳو.

Gul Hayat Institute

معصوم ٻارڙا صبح سان ئي گهران پيٽ خالي نڪري ويندا.....! سڄو ڏينهن لوڙهي لوڙهي هڪ ويلي جي ماني مس نصيب ٿيندي. ان سوچ تي بختاور جي منهن تي گهنج اچي ويا، هن ڪالهڪي سڪل ماني جا ڀڳا گڏ ڪري پنديءَ تي رکيا، ايتري ۾ ٻار ٻه جاڳي پيا، صاپو، گلڻ، حڪيما ۽ ڪريما ڏاڏيءَ کي رڙيون ڪري ڏسي هن ڏانهن آيا ۽ هڪ زبان ٿي چيائون:

ڏاڏي اسان کي ماني ڏئي، ڏاڍي بک لڳي آهي.“ اهو ٻڌي بختاور جو جئي جهري پيو، پر پاڻ تي قابو ڪندي، سڪي ماني جا ڀڳا پاٽي ۾ ٻوڙي ٻارن اڳيان رکيائين، ٻار ماني چباڻ لڳا. بختاور جست جو لوٽو ڪٽي مال ڏانهن وئي ۽ هڪ ٻڪري وٽ ويهي ان کي ڏهڻ لڳي، ان مان پاءُ کير جو به ڪونه نڪتو هوندو، اهو به ٻارن کي اچي ڏنائين، ٻار ڍڪ ڍڪ پرڻ لڳا. صابحو جڏهن ٻيو ڍڪ پرڻ جي ڪئي، ته گلڻ هن کان لوٽو ڦرڻ جي ڪئي:

”بس هاڻي مونکي ڏئي، سڄو ڏوگهي وئين.“ ان ڇڪتاڻ ۾ لوٽو هيٺ ڪريو ۽ کير مٽي سان ملي ويو.

”اتڻ سان ئي پٽڪو ڪجو، ٽڪرن جو پاٽي ئي سڪي ويو آهي،“ بختاور پريان مال کي گاهه ڏيندي رڙ ڪئي.

”ڏاڏي صابحو سڄو کير تي ڏوگهيو،“ گلڻ روئندي جواب ڏنس.

سڄو ڪٽنب گهران نڪتو، بختاور مال کي هڪليندي ٻني ڏانهن وڃڻ لڳي، ٻار سندن مائرن ۽ پڦيءُ سان گڏ کوهه تان پاڻي ڀرڻ ويا. بختاور کي رستي ۾ ستر ورهين جو ڪاڪو ولو گڏيو، ڪئي ورهيه اڳ ڪاڪو ولو ڊڳي گاڏيءَ تان ڪريو هو، جنهن جي ڪري سندس کاٻي ٽنگ جي ڍڪڻي پچي پئي ۽ هو ڪاٺ جي گهوڙي جي مدد سان هلڻ لڳو.

Gul Hayat Institute

”امڙ ڪهڙا حال اٿئي؟“ ڪاڪي ولو هوريان هلندي پڇيس.

”اي ڪاڪا ڪهڙا ٿو حال پڇئين، گهر ۾ اٽي لپ نہ آهي ۽ سڄو فصل چوڌري ڪٽيو وڃن، غريبن جي ٻچڙن جو پيٽ ڪٽي، رڳو پنهنجا محل ٺ پرين.“ بختاور مٿي تي رئو رڪندي جواب ڏنس.

”امڙ رب جي لٺ بي آواز آهي، جڏهن هنن تي ڪري تہ اهي محل ئي سندن قبرون بڻجي ويندا.“ ڪاڪي ولو آهہ ڀريندي چيس، ٻئي گڏ گڏ هلڻ لڳا.

”ولي محمد وارا ڪالهہ ڳالهہ پيا ڪن تہ هن ڀيري چوڌري جهڪي پوندا.“ ڪاڪي ولو اچي ٽيندڙ آسمان کي ڏسندي چيو.

”بس ڪاڪا انهن ظالمن کي ڪو رب ئي جهڪائي.“ بختاور ٻئي هٿ مٿي ڪندي چوڌرين کي پاراتو ڏنو، ڪچي دڳ تي ويڙي جون ٻيون عورتون ٻارن سان گڏ ٻنين ڏانهن ٿي ويون، هر ٻني ۾ ڪٽڪ جو تازو فصل ڪٽيو پيو هو. بختاور ڪاڪي ولو سان گڏ هنن کي هارپي لاءِ مليل ٻني ۾ آئي، فصل کي ڏسندي خوشيءَ مان چيائين:

”رب منٺو ڪندو هن ڀيري اسان کي بہ چڱڙو حصو ملندو.“

”آمين.....آمين....“ ڪاڪي ولو بہ مرڪندي چيس.

”ڪاڪا تون هتڙي فصل وٽ ويهہ تہ آئون ٻڪريون چاري وٺان، هي ساسي بہ رڳو هڏا ٿي ويون آهن.“ بختاور چيس.

”هائو امڙ.“ ڪاڪو جواب ڏئي فصل جي پاسي کان ويهي رهيو، بختاور ڪجهہ پريرو ٻڪرين کي چارڻ بہ لڳي تہ گاهہ ڪرڻ بہ لڳي.

پريان کان چوڌريءَ جي جيپ مٽي اڏائيندي ٻنين ڏانهن ٿي آئي، بختاور مال کي اتي ئي ڇڏي فصل ڏانهن ڀڳي، سندس مٿي

Gul Hayat Institute

تان رئو ڪري پيو، پر هوءَ پڇندي رهي، سهڪندي سهڪندي فصل وٽ پهتي.

”الله هنن ظالمن کي غرق ڪري،“ هن جيپ ڏانهن ڏسندي نفرت مان چيو، ڪاڪو ولو به گهوڙيءَ کي زور ڏئي اتي بيٺو، گاڏي ٻني وٽ پهتي، چوڌري افضل ۽ چوڌري رحمت جيپ مان هيٺ لٿا، ٻنهي جون اکيون ڳاڙهيون هيون، راتوڪي شراب اڃا متي تي سوار هون. هنن سان گڏ ٻه جوان نوڪر به هئا.
”هي سمورو فصل حويلي ڪٽائي هلو،“ چوڌري افضل مُڇيون وٺيندي حڪم ڏنو، نوڪر فصل ڏانهن وڌڻ لڳا.

”نه چوڌري نه اسان جا مرد هتي ڪونه آهين، اهي اچن پوءِ فصل ڪٽائج،“ بختاور لتجا ڪندي چيس، اهو ٻڌي چوڌري ڪاوڙ ۾ باهه ٿي ويو ۽ بختاور وٽ اچي سندس وارن ۾ هٿ وجهندي چيائين:

”ڪهڙو مائي جو لال آهي جيڪو مونکي هي فصل ڪٽڻ کان روڪيندو.“

”رحم چوڌري صاحب رحم،“ ڪاڪي ولو چوڌري کي هٿ جوڙيندي چيو، پر چوڌري ڪيس ٺڏو هنيو، ڪاڪو وڃي هيٺ ڪريو.

”مون پنهنجي ور کي وچن ڏنو آهي ته توکي هي فصل نه ڪٽڻ ڏينديس،“ بختاور وار ڇڏائيندي چيس. چوڌريءَ مائي کي پيٽ ۾ زورواري مڪ وهائي ڪڍي، بختاور جي اکين آڏو اوندهه اچي وئي، هڪ آهه سندس نڙي ۾ اٽڪي پئي، سندس لڱ رڪڻ لڳا. ايتري ۾ زمين تي ڪريل ڪاڪي ولو مڙسي ڪندي زور سان چوڌريءَ جي ڄڱهه تي گهڙي وهائي ڪڍي.



Gul Hayat Institute

”ماءُ جا......“ چوڏريءَ جي واتان گار نڪتي، منڊڪائي گاڏي ڏانهن ويو، بختاور ڪاڪي ولو جي گهوڙي ڪٽي ورتي ۽ چوڏريءَ کي للڪاريو:

”اچ حرامخور، ماءُ جو کير پيتو اٿئي تہ مونسان مقابلو.“ چوڏري رحمت ۽ ٻئي نوڪر بہ قدم پٺيان ٿيا، بختاور بہ قدم اڳيان وڌي، چوڏري افضل جيپ مان بہ نالي بندوق ڪڍي ورتي، بختاور بنا خوف جي هن نانگ جو مٿو چٿڻ لاءِ اڳيان وڌي، چوڏري افضل بندوق جو گهوڙو چاڙهي نشانو ورتو، ٺڪا جي آواز تي وڻن ۾ ويٺل پکي اڏامڻ لڳا، ٻڪريون ٽهي ويون، ڪارتوس بختاور جو سينو چيري ويو، سندس رت اچي فصل تي ڪريو، پاسي واري ٻني ۾ ڪم ڪندڙ عورتن جو ڌيان ٺڪاءُ ڪري ان پاسي ويو، هنن کان آسمان جيڏي اوچي رڙ نڪري وئي:

”چوڏري قهر ڪري ڇڏيو.“ ۽ ڏاٽا هٿ ۾ ڪري بختاور واري ٻني ڏانهن ڀڳيون ۽ ٻين کي بہ هوشيار ڪيائون، بختاور جو ٽٽو جسم فصل مٿان اچي ڪريو، ڪاڪو ولو زمين تي رڙهندو بختاور وٽ آيو ۽ رڙ ڪيائين:

”امڙ اڪيون ڪول، امڙ......“ ڪجھ گهڙين ۾ ڏھ ٻارنهن مايون گڏ ٿي ويون، هنن هٿن ۾ جهليل ڏاٽا ايا ڪيا، چوڏري رحمت چاچهنس کي ٻانهن کان ڇڪي جيپ ڏانهن وٺي ويو، ٻئي نوڪر بہ هنن پٺيان ڀڳا، جيپ وري مٿي اڏائيندي حويلي ڏانهن هلي وئي. ڪاڪو ولو ۽ مايون بختاور جي لاش تي سينو پٽڻ لڳا، ڳالھ باھ جيان ڳوٺ ۾ ڦهلجي وئي، بختاور جون ننهون ۽ ڌيءَ بہ ٻني تي پهچي ويون، فصل مٿان ماءُ جو رت ۾ ٻڏل لاش ڏسي، هنن جو من ماتم ڪڏو ٻڌجي ويو، بختاور جي پنجويھ ورهين جي ڌيءَ زليخان ڳوٺ ڏانهن ڀڳي، هوءَ ڳوٺ جي هٽ تي آئي ۽ الھ بچائي کان



Gul Hayat Institute

گاسليٽ ورتائين ۽ واپس ٻني ڏانهن ڀڄي، الهه بچايو ٻه حيران پريشان هن جي پٺيان لڳي پيو. جئين ئي ڳوٺ ۾ هل هليو ته سڀ عورتون ۽ ٻيڙا مرد گاسليٽ جا دٻا کڻي ٻني ڏانهن آيا، زليخان ڀاڄاين جي مدد سان ماءُ جو لاش پاسي تي ڪيو ۽ ڪڻڪ جي فصل تي گاسليٽ هاريائين، سندس وڏي ڀاڄائي ڳوڙها ڳاڙيندي پڇيس:

”ادي هي ڇا پئي ڪرين؟“

”جيڪڏهن هي فصل اسان جو نه آهي ته پوءِ ڪنهنجو به نه آهي،“ هن گاسليٽ ڇڙڪي ڪڻڪ کي باهه ڏئي ڇڏي، ٻيون عورتون پنهنجين ٻنين ڏانهن ويون ۽ سال جي سموري فصل کي باهه ڏئي ڇڏيائون، آسمان تي ڪارو دونهون ڇانجي ويو.

چوڌري افضل ۽ رحمت حويلي جي ماڙيءَ تان اهو سڄو لقاءُ ڏنو تي، چوڌري افضل جي سيني ۾ ويٺل وحشي جانور ويتر اڇلون کائڻ لڳو. زليخان متي ۽ پيرين ڳگهاڙي چوڌري جي حويلي جو رخ ڪيو، سڄو ڳوٺ هن جي پٺيان لڳي پيو.

”خون جو بدلو خون آ،“ زليخان حويليءَ جي وڏي ڪاٺ واري در ٻاهران بيهي رڙ ڪئي: ”او ظلم چوڌري خون جو حساب ڏي.“ سمورين عورتن اهو نعرو ورجايو، سڄ لهي ويو پر ڳوٺ واري چوڌري جي حويليءَ ٻاهران ويٺا رهيا. تڪ جي ٿاڻي کي سموري واقعي بعد پل پل جي خبر ملي رهي هئي، نيٺ هڪ انگريز صاحب ڪليل جيپ تي ڪجهه سپاهين سان گڏ چوڌري جي حويليءَ ٻاهران پهتو، ستونجاهه سالن جي اڇي چمڙي ۽ ناسي مڇين واري ڪيپٽن گوردن ڳوٺاڻن سان مخاطب ٿيندي چيو:

”اوهان سان ضرور انصاف ڪيو ويندو.“ هڪ لمحي جي ساهي ڪانپوءِ چيائين:

Gul Hayat Institute

”مان پاڻ اندر وڃي چوڌري افضل کي گرفتار ڪندس،“ ۽ پوءِ چوڌري افضل وارن کي حويلي جي در کولڻ جو حڪم ڏنائين.

جنهن مهل ڪيپٽن گورڊن حويلي کان ٻاهر آيو ته هن سان گڏ چوڌري افضل سندس ڀائٽيو چوڌري رحمت ۽ سندن ٻه نوڪر گڏ هئا، هنن جي هٿن تي رسا ٻڌل هئا. ڪيپٽن گوردن چوڌرين کي ڌڪو ڏيندي اڳيان ٿيڻ جو حڪم ڏنو ۽ ڪليل جيپ ۾ وهاري ٿاڻي تي ڪٺي ويو.

ماستر حبيب کي انگريز سرڪار سان لک پڙھ ڪندي ڪندي ڏيڍ مهينو لڳي ويو پر اڃا ڪيس نٿي عدالت ۾ نٿي لڳو، پوءِ سموري سنڌ ۽ هند ۾ اهو هل هلي پيو ته هاڻي انگريزن جا ننڍي ڪنڊ ۾ڏينهن پورا ٿي چڪا آهن، هو ڪنهن وقت سنڌ هند ڇڏي هليا ويندا. 14 ۽ 15 جي رات جو 12:00 لڳي لارڊ مائونٽبيٽن اعلان ڪيو:

”ننڍو ڪنڊ انگريزن جي غلامي کان آزاد ٿي چڪو آهي، هاڻي ٻه ملڪ هندوستان ۽ پاڪستان وجود ۾ اچي ويا آهن.“ ڪيترن ئي ڏينهن تائين لڏپلاڻ جو سلسلو هلندو رهيو، ڪنهن ڪنهن وقت ته رڳو لاشن سان ڀريل ٽريون ٽي آيون، ائين ٿي لڳو ڄڻ انسانيت دنيا مان موڪلائي چڪي هجي، هر نظر ۾ خوف ۽ هراس، گهٽين ۾ ڄڻ راڪاس گهمي ويو هجي. انسان جي انسان سان اهڙي نفرت جو اظهر شايد ئي تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن ٿيو هجي.

29 آگسٽ تي ڪامريڊ حيدر سنڌ جي مختلف حصن مان هاري گڏ ڪري ڳوٺ اوڍو خان پهتو، ڳوٺ جي خالي ميدان ۾ ماڻهن جو هجوم ڪامريڊ جي تقرير ٻڌڻ لاءِ گڏ ٿيو، سج ٻه وچ آسمان تي اچي بيٺو هو.

”نئون ملڪ ٺهي چڪو آهي، ٻڌڻ ۾ اچي پيو ته اسان انگريزن جي غلامي مان آزاد ٿي چڪا آهيون؛“ ڪامريڊ جذباتي

Gul Hayat Institute

انداز ۾ تقرير شروع ڪئي: ”پر غريب مسڪين هارين جي زندگين ته ان جو ڪو خاص اثر نه پيو آهي، نئين حڪومت اوهان ۽ اسان لاءِ ڪوبه خاص اعلان نه ڪيو آهي، مونکي خبر پئي آهي ته مائي بختاور جي قاتلن جو هڪ عزيز حڪومت ۾ آهي ۽ هو انهن قاتلن کي بچائڻ جي ڪوشش ۾ آهي،“ ڪامريڊ هڪ پل لاءِ خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ چيائين: ”سنڌي هاري تحريڪ اهو فصلو ڪيو آهي ته جيستائين مائي بختاور جي قاتلن کي ڦاهي نٿو چاڙهيو وڃي اسان پوکي نه ڪنداسين؛“ ان تي هيٺ ويٺلن تاڙيون وڄايون ۽ نعرو لڳو:

”ڪامريڊ حيدر زنده آباد..... سنڌي هاري تحريڪ زنده آباد....“ ڪامريڊ هٿ کڻي اشارو ڪيو ته سڀ خاموش ٿي ويا، ڪامريڊ ڳالهايو:

”اڄ آئون اعلان ڪريان ٿو ته جيستائين مائي بختاور جي قاتلن کي سزا نٿي اچي، اسان سنڌ جا هاري مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال تي وهنداسين، سنڌ جي چپي چپي ۾ هي هڙتال ٿيندي.“ وري تاڙيون ۽ نعرا شروع ٿي ويا.

سموري سنڌ ۾ بک هڙتالن جو سلسلو شروع ٿي ويو، ولي محمد سميت ٻين هارين کي به ڌمڪيون ملڻ لڳيون، پر هو بنا خوف جي پنهنجو نعرو ورجائيندا رهيا:

”مائي بختاور کي انصاف ڏيو...... ڪٿي آهي انصاف.......؟“

ماستر حبيب نئين حڪومت سان به لک پڙهه ڪندو رهيو، هر هفتي مائي بختاور جي خون بابت هڪ چٺي ڪراچي موڪليندو رهيو. ڪامريڊ حيدر ۽ سندس ساٿين حيدرآباد ۾ بک هڙتال جي مک ڪيمپ لڳرائي، جڏهن ته ولي محمد وارا بدين ۾ مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال تي ويٺا.

Gul Hayat Institute

پندرهين ڏينهن ماستر حبيب خوشي وچان بدين واري ڪيمپ تي آيو، هو پاڻ سان هڪ سرڪاري چٺي به کڻي آيو هو.

"ادا ولي محمد مبارڪ هجنئي،" هن خوشيءَ مان چيو: "حڪومت اسان جي عرضي ٻڌي ورتي آهي، ادي بختاور جي قتل وارو ڪيس حيدرآباد جي عدالت ۾ هلندو." ڪيمپ ۾ ويٺلن جي منهن تي مرڪ اچي وئي.

"مبارڪون..... مبارڪون....." سڀ ولي محمد کي ڀاڪر پائي چوڻ لڳا.

ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ ڪيس عدالت ۾ باقائدا هلڻ لڳو، ولي محمد ڪٽنب سميت عدالتي ڪمري ۾ ويٺل هو، چوڌري افضل ۽ چوڌري رحمت ملزمن واري ڪٽڙي ۾ ڪنڌ جهڪايو بيٺا هئا.

"صاحب!" ڪاڪي ولو عدالت کي ٻڌائڻ شروع ڪيو: "اهو صبح جو پهريون پهر هو مان ۽ امڙ بختاور ٻني تي آياسين، مٿان چوڌري افضل وارا به اچي نڪتا، چوڌري افضل نوڪرن کي حڪم ڏنو ته سمورو فصل حويلي ڪٽائي هلن، پر امڙ بختاور هن ظالم شخص کي التجا ڪئي ته اسان جا مرد هتي ڪونه آهن اهي موٽن ته پوءِ فصل ڪٽائي وجي، پر چوڌري افضل امڙ جي ڳالهه نه ٻڌي، ۽ سندس وارن مان پڪتو، مون چوڌري کي منٿ ميڙ ڪئي ته هن مونکي ٿڏو هنيو، آئون وڃي زمين تي ڪريس، همت ڪري مون چوڌري کي ٽنگ تي پنهنجي گهوڙي وهائي ڪڍي، جنهن تي هو بخيل ٿي گاڏي ڏانهن ڀڳو ۽ ٻه نالي بندوق کڻي اچي اسان تي سڌي ڪيائين، امڙ بختاور منهنجي ۽ چوڌري جي وچ ۾ اچي بيٺي، چوڌري بندوق هلائي ۽ ڪارتوس امڙ بختاور جو پيٽ چيري ويو." ڪاڪي ولو سمورو احوال ڪورٽ اڳيان رکيو، هن جڏهن ڳالهائڻ

Gul Hayat Institute

بس ڪيو تہ ڪين مان نير ويهي اچي سانوري ڳلن تي ڪريس. هن ڪانپوءِ عدالت عورتن کان بيان ورتو.

پڪي عمر جو گول مٿي ۽ سنهين مُڇين واري جج عبدالشڪور سموري ڪاروائي ڪانپوءِ فيصلو پڙهڻ شروع ڪيو:

”سيني گواهن ۽ ٻنهي پاسي جي وڪيلن جي دليل، حالتن ۽ واقعن جي ڇڪاس ڪرڻ ڪانپوءِ هي عدالت ان نتيجي تي پهتي آهي تہ چوڌري افضل هڪ بي گناهہ هاري عورت نالي مائي بختاور کي قتل ڪيو ۽ ان ۾ سندس پٽائيو چوڌري رحمت بہ هن سان گڏ هو ۽ هن جا ٻہ نوڪر رحمو ۽ شانو بہ هنن سان گڏ هئا. هي عدالت چوڌري افضل ۽ چوڌري رحمت کي عمر قيد بامشقت ٻڌائي ۽ سندن نوڪرن رحمو ۽ شانو کي پنج پنج سال قيد بامشقت ٻڌائي ٿي.“ ان ڪانپوءِ جج ميز تي زور سان ڪاٺ جو هٿوڙو هڻدي چيو:

”عدالت برخاصت ڪجي ٿي.“ سپاهي چوڌرين کي چاڻ سان وٺي ويا، ولي محمد واري خوش ٿيڻ لڳا.

ڪامريڊ حيدر اڃا بہ بک هڙتال ختم نہ ڪئي ۽ حڪومت کان گهر ڪئي تہ هارين جي حقن لاءِ قانونسازي ڪري. ڪراچي کان حڪومتي وفد حيدرآباد ڪيمپ تي اچي پهتو، جنهن چوڪ تي ڪامريڊ هڙتال تي ويٺل هو، ان کي سندس نالي سان منسوب ڪيو، ان تي ”حيدر چوڪ“ نالو پيو، جڏهن ڪامريڊ کي خاطري ٿي تہ هن هڙتال ختم ڪري ڇڏي ۽ ٽن سالن جي جدوجهد ڪانپوءِ سال 1950ع ۾ حڪومتي صفا مجبور ٿي اسمبلي ۾ اعلان ڪيو:

”هاڻي ملڪ جي نئين قانون موجب ساليانا فصل ۾ اڌ حصو هاري جو هوندو ۽ اڌ حصو زميندار جو.....“

Gul Hayat Institute

تي چاري ڍنڍ واري پاسي ڏکڻ طرف تي ويٺيون هيون.
’ڇا ڏنو آهي هنن جو هن ملڪ ۾؟ جو هر سال هزارين ميلن جا پنڌ ڪري ڪشت ڪشالا ڪڍي هِت کھي ايندیون آهن؟ ۽ اَچي هن ڌرتيءَ جا طواف ڪنديون آهن؟‘
’اَمان ڇڏ هاڻي پکين جي ڳالهين کي. اُٺي سنئين تي ته ڪٽ ٿوري سوري ڏيانوَ. ڏس نه هاڻي پونگي جو پاڇو پانهون هٽي ويو آهي ڪٽ اُس ۾ اَچي ويئي اَٿوَ.‘
’اَمان پاڳل، هي ڪونجون به عورت ذات جيان آهن. شال ڪنهن سان دلي ناتو نه جوڙين. شال ڪنهن کي دل سان نه پائين. جي ڪنهن جي چاهت ۾ ڇريون ٿي پيون ته پوءِ هر هر پيهون ڦيرا ڪنديون.‘
’اَمان توکي اها خبر آهي ته هي ڪٿان کان ايندیون آهن؟‘
’ڏيءَ ايندیون آهن سنڌ مان ٻيو وري ڪٿان؟ هن پاسي سنڌ ئي ته آهي.‘
’ها ها ... اَمان تون ته پائين ٿي دنيا جو دنگ بس سنڌ ئي آهي. اَمان سنڌ کان سواءِ ٻي به دنيا آهي، هي سنڌ کان نه پر الاهي پري کان ٿيون اَچن. چوَن ٿا اهي سائبيريا ملڪ کان اَچن ٿيون، جيڪو علائقو تمام ٿڌو علائقو آهي ۽ هِتان کان هزارين ميل پري آهي.‘
’پر اَمان سڪار هجي ته نيڪ آهي پليِ اَچن. اَچڻ سونهي به سهي، پر ڏڪار ۾؟ هن سال ته گهربل مينهن به ڪونه پيو. بدي واري مهني ۾ هڪڙو ئي منهن پيو هو. بس پوءِ ته الئي الا. جيڪو ڪجهه گاهه ٿيو هو اهو به ته سڪي ويو آهي. پاڻيءَ به ڪٽي ويا آهن.‘
’اَمان جنهن ڌرتيءَ سان دل هوندي آهي ان تان پيرو ڪرڻ پلو آهي. پوءِ پلي اها سڪل هجي يا سائي. ڪهڙو تو فرق پوي؟ ۽ هنن جو گذران ته ڏاجوري گاهه جي ڪرين تي هوندو آهي. توکي ته خبر آهي اهو گاهه ٿورري مينهن سان

ٻـ ڦٽي نڪري ايندو آهي. هي ڏرتي پنهنجي ڇهنب سان ڪوٽي انهيءَ ڳاهه جون پاڙون ڪوٽي ڪڍي ڪائينديون آهن.‘

چوندي ياٻُل ڪير وارو لوٽو ڪٽي پونڳي ۾ هلي ويئي ۽ ماٽس لاءِ ڪير وٽي ۾ اوتيائين.

’اَمان! وٺ هي ڪير ڪٽورو. اَڄوڪو شايد آخرين ڪٽورو آهي. اَدا ۽ ٻيا ڳوٺ وارا ٻـ ڪي مينهون ڪاهي اَڄ ابڙاسي لاءِ نڪرن پيا. چون ٿا تـ اوڏاهن ٻـ ٽي مينهن پيا هئا، انهيءَ ڪري ڳاهه پاٽيءَ سنا ٿيا آهن. سال جي ڪٽا آهي. هن جي سفر لاءِ ٽيڙ ٽاڙي سرهائٽا آهن.

مينهون ڪاهي وڃڻ واري ڳالهه ٻُڌي، ڪير ڪٽورو هٿ ۾ وٺندي هوءَ دير تائين ماڻڪيءَ مينهن ڏانهن نهاريندي رهي. جيڪا پونڳي اَڳيان ٻيڻل ٻبر هيٺان ٻيٺي هئي ۽ پونڳي ڏانهن هڪ ٽڪ ڏسي رهي هئي. ڄڻ پونڳي جي آس پاس واري هڪ هڪ شيءِ کي اَکين ۾ ڀري رهي هجي، اِئين لڳي رهيو هو. ڪلهه ٻين ڏٽارن سان ڪاهه بابت ٿيل ڳالهه ٻولهه کي ماڻڪيءَ ٻُڌي ورتو هو ۽ شايد سمجهي ٻـ ورتو هو. انهيءَ ڪري هوءَ اُداس هجي اَهڙي اَنداز ۾ خاموش ٻيٺي هئي.

هيءَ اَجرڪ، ٻـ رِليون، ٻـ ديڳڙيون، هڪڙي نڍي ۽ هيءَ ٻي وڏي. هي مرچ مصالحن جون نڍڙيون دٻليون، هي تئو.

هوءَ هر نڍي وڏي شيءِ ساري خرزين ۾ وِجهي رهي هئي. پنڌ پري هو تقريبن سو ڳاهو تـ هوندو ئي هوندو. پيادل پهچڻ ۾ ٻـ ڏينهن تـ سچا ئي سچا. سفر جي سمر طور هن ڪجهه منا لولا ٻـ رات جو ٺاهي رکي ڇڏيا هئا. اهي ٻـ ڳوٿريءَ ۾ ويڙهي خرزين ۾ وِڌا. رتا مرچ لڙهي گيهه ۾ ڪوسا ڪري جنهن دٻليءَ رکيا هئا، اها دٻلي ٻـ ياد ڪري مانين سان گڏ هن سمر ۾ وِڌي.

سنگت ڪري هلندڙ ٻين دوست ڏٽارن جي هڪلن

Gul Hayat Institute

هونگارن کي مانگيٽي ٻڌو تہ هو بہ ماءُ پيءُ کان موڪلائي پنهنجي مينهن کي هڪلڻ لڳو. سيئي ڍور هوريان هوريان پيرين وراڻ ٿيا. ماڪي اَجان بہ هڪ ٽڪ پونگي سامهون نهاريندي بيٺي هئي. ماڪي تہ مهندار هئي. هميشه ولر جي اَڳيان هلندي آهي. انهيءَ ڪري تہ مانگيٽي چڙو ان ۾ ئي ٻڌو هو. تہ جيئن ٻيون مينهون هن جي پويان پويان هلنديون رهن. پر اَڄ هلڻ جي ئي نہ پي ڪيائين.

’هل پٽاري هل. پنڌ پري آهي.‘ چئي هن ماڪيءَ جي پُٺيءَ تي هٿ هنيو.

’ماڪي اَمان اَلله کي پرتئين، اَلله ڪندو تہ جلد موٽي ايندئين.‘ جيئن ئي پاڳل ٻمپي مان بيني بيني الوداعي اَکر منهن مان ڪڍيا تہ ماڪي بہ ڄڻ اِجازت ملڻ جي اِنتظار ۾ بيٺي هئي، هن ٽٽل پيرن سان ٽلڪڻ شروع ڪيو.

سڄي زمين ويران بنجر لڳي پيئي هئي. ڪٿي بہ ڪو ڪک پن نظر نہ پئي آيو. مينهون ويچاريون منهن هڻن تہ چا ۾ هڻن. هلندي هلندي رڻ جي ڪس واري زمين وٽ ولر پهتا تہ اُتي ڪلراٺي زمين ۾ هيڏي هوڏي ٻڪن گاه جا ٿاهوڪا ٻوٽا نظر اَچي رهيا هئا. ۽ ٻيو ٻوٽائون سڪل ڪک بہ ٿورو ٿورو هو. ڍورن ان پٽ ۾ منهن هنيو تہ مهارن بہ هڪ ڪاري جار وٽ پنهنجا تيز ڪلهن تان لاهي هيٺ رکيا. مانگيٽو ڪاٺيون ۽ سڪل ڇينا ميڙي آيو. تيلي ڏيئي هن چانهہ واري پٽل جي ديڳڙي برندڙ ڇيٽن تي چاڙهي.

’مانگيٽا، هاڻي سڄ بہ ٿورو آهي. ۽ ڪک بہ نيڪ ٿو ڏسجي، پلي ڍور بک ڪڍن اَڄ اتي ئي ٿا رات رهي پئون. خير هجي شال پره جو سويل ئي اَڳين منزل لاءِ نڪري هلنداسين.‘

’ها، يار مون بہ اهو ئي پي سوچيو. مانگيٽي سندس دوست کي جواب ڏنو.

’يار، ٻني هاڻي اَڳوٽي ٻني ناهي رهي. زمين ئي ڦري

Gul Hayat Institute

ٿا لڳن.

’ها يار ڇو نہ؟ انشا اَللہ، شل ڪا ٻاجهہ پوندس. اَڃان هفتو ڏهہ ڏينهن اِنتظار ڪريون ٿا. ٽيسٽائين ٿورو گاهہ وغيره بہ نڪري، تنهن وچ ۾ اَللہ ڪري ٻي بہ برسات ٿي پوي. پوءِ ٽيپڙ ڪنداسين ڪلهي. ٻي ڳالهہ ٻُڌ ...‘ مانگيٽي سندس دوست ڪان اَڃان بہ ڪجهہ پڇڻ چاهيو پي پر سامهون ڪان ڪال ڪٽجي ويئي. هن جيئن ئي اها خبر سيني کي ٻڌائي تہ سيني جا ڏکن سبب ميرڙا ٽيل منهن مُرڪي پيا.

’ڏنئي؟ مون چيو پي نہ اَڄ مال ۾ مينهن آهي. ڪلهہ سڄو ڏينهن مال ڇُنو ڪونہ ٿي، جتي ٿي ڇڏيوسين اُتي ويهي ٿي رهيو.‘ مانگيٽي پنهنجي موبائيل کي سائلينٽ موڊ مان ڪڍي جنرل موڊ تي رکندي دوستن سان مخاطب ٿيندي چيو.

مينهن وسڻ واري خوشيءَ واري خبر ٻُڌي سيني سُمهڻ جي تياري ڪئي. مانگيٽو بہ رلي سرهائي. هن ڏٺو تہ سندس ڊور اَڃان بہ ٻڪرار واري ڏس سامهون منهن ڪيو شانت ويٺا هئا. هڪڙي ماڻڪي هئي جا اَڃان بہ اُپي پير بيٺي هئي. جيتوڻيڪ رات ڪافي گذري چڪي هئي. مينهن تہ ڪونہ آيو پر سندن ملڪ تي مينهن وسڻ جي خوشخبري ۽ انهيءَ مينهن جي خوشبوءِ سان واسيل ٿڌڙي هير جهڙو واءُ ضرور آيو هو.

’آها سبحان الله. واہ ڙي منهنجا مولا واہ‘ چئي هن مينهن جي خوشبوءِ کي ساهن ۾ پريندي ’جهي اَمان ....، پٽاريون اَللہ ڪندو تہ هاڻي ڪجهہ ئي ڏينهن لاءِ ئي آهيون هتي، جلد پنهنجي ماڳ موٽي هلنداسين.‘ چئي هو سُمهي رهيو.

هميشه جيان پره جو هو سويل اُٿي ويو. ڏٺائين تہ ڊور اَڃان پنهنجي جاين تي ئي ويٺا هئا. ڪو ڊور اُٿي بہ سنئون ڪونہ ٿيو هو. هن ڪار مينهن کي اُٿاريو ۽ ڪير لپ ڏڏي. ۽ چانهہ چُلهہ تي چاڙهي. آسي پاسي ۾ سُتل ٻين دوستن کي ڏاڍيان سڏ ڪري جاڳايو. ۽ چانهہ پيئڻ لاءِ سڏيو. چانهہ ۾ ڪنڊ ۽ پَتي وجهندي هن

پنهنجي مينهن تي نظر ڪئي ته ٻيا ته ڳڻ پورا هئا، پر ماڪي نظر نه پي آئي. هن هيڏي هوڏي ڏٺو. دوستن کان به پڇيائين متان هنن ساريو هجي، پر ماڪي غائب هئي.

چانهه پي سيني گڏجي پيرو کنيو، ڪجهه دير لاءِ پير هليو پر اڳيان سخت زمين اچي ويئي، پير اڳتي نه هليو. سيني سارو ڏينهن ڳولا ڪئي. موبائيل تي ٻين ڌڻارن کان به پڇا ڳاڇا ڪئي پر ماڪيءَ جو ڪو پتو نه پيو. سوال اهو هيو ته آخر ماڪي ويئي ڪيڏانهن. ڪو چور هڪي ويو؟ يا رات جو ڪيڏي مهل نڪتي هجي، ڪنهن ڪڏ کاهيءَ ۾ ڪِري پيئي هجي؟ هيڏي ساري مينهن ڪيئن تي لڪي سگهي؟

سڄو ڏينهن ماڪيءَ جي ڳولها بعد شام جو ٿڪجي سيئي پاڻاريءَ تي واپس آيا. مانيءَ ٽڪر کاڌو نه کاڌو سيئي سُمهي رهيا.

'مور ڙي الالا، مور ڙي الالا لڳو من مارن سان.' اڃان باک ئي مڻ ڦٽي هئي جو مانگيٽي جي موبائيل واري رِنگ وڄڻ لڳي. مانگيٽو ڇرڪجي اُٿي ويو. اَلله خير ڪري، هينئر پره سنئين کهڙي رِنگ؟ خير ته آهي؟ ڪٿي ڪو ... هن ڏجندي فون کنيو. ۽ هلو ڪئي.

'اَدا مان ياڳل پيئي ڳالهايان.'

'ها اَدي چئو، پر خير ته آهي؟ هيءُ پره سنئون فون ...؟'

'ها اَدا سڀ خير آهي. توهان جا کهڙا حال آهن؟ ۽ ڪٿي آهيو؟'

'اَسان ته ٺيڪ آهيو. اتي ئي آهيون. پر ڏڌائي هيڏو سويل فون ڪرڻ جو مقصد.'

'اَدا سڀ سُک آهي. اهو ٻڌائڻ پي چاهيم ته ماڪي گهر پهچي آئي آهي. هاڻي ئي پهتي آهي. سوچيم توهان کي خبر ڏيئي ڇڏيان، متان هن جي ڳولها ۾ توهان کي رُلڻو نه پوي.'

مانگيٽي جي پيٽ ۾ ساهه پيو. 'واهه ڙي اَدي واهه، واهه جي خبر آهي. ڪلهه سارو ڏينهن ڳولهيوسينس پر ڪونه مِلي، اَدي اَلاجي ڪيڏي مهل نِڪري ويئي اَسان کي ڪَلَ به ڪونه پيئي.'

’اَدا وطن وسي پيو پوءِ ٿي اُڪير جي ماريل ماڻڪي پرديس ۾ ويهي. اَڇي ڪيائين نڪاءُ.‘

ياڳل موبائيل رکيو. پره سهائي ٿي چڪي هئي. ماڻڪي پونگي سامهون منهن ڪيو ويٺي هئي ۽ رکي رکي رنيِي رهي هئي. اُتر مان آبي پکين جو هڪڙو جُهنڊ ٻہ هن طرف ئي اَچي رهيو هو. سندس من تي ڪونجن واري اها ئي قطار اُڀري آئي جنهن ڏينهن ماڻڪي ٻين مينهن سان گڏ رواني ٿي هئي.

’ڪونجون ڪريو ۾ قطار منهنجو ساه ٿو سڪي ڙي. ساه ٿو سڪي. پوءِ مور ڙي اَلا لا، مور ڙي اَلا لا. لڳو من مارن سان.‘ ٻئي لوڪ گيت واري سان گنگنائيندي ياڳل گهر جي ڪم کي لڳي. ماڻس ڦاپل ماڻڪيءَ جي پنيءَ تان پيار پريا هٿڙا گُهمائيندي رهي.

ꕤ

## * لطيفي ٻول *

✍ سهيڙ: صاحب ٻِجاڻِي

تَتيِءَ ٿَڌيِءَ ڪاهِ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جيِ،
مَتان ٿِئي اوُنداهَ، پيرُ نَہ پَسيِن پِريِنءَ جو.

...

پِريان سَندي پارَ جيِ، مِڙيوئيِ مِٺائيِ،
ڪانهي ڪڙائيِ، چَکيِن جي چيٽُ ڪَري.

...

اَکِيُنِ ۾ ٿيِ ويهُ، تہ َآئوُن واري ڏِکيان،
توکي ڏِسي نہ َ ڏيهُ، آئوُن نہ َ پَسان ڪيِ ٻِيو.

## ڪهاڻي: وِيل چيئر

**✍ واسديو موهي**

پَلَويءَ تمام ڏيري ڏيري وِيل چيئر کي سِلوپ جي ويجهو آندو، وِيل چيئر سِلوپ تان تڪڙو هلندي آهي ۽ هُن کي اِهو ڊپ رهندو آهي ته ڪٿي چيئر اونڌي نه ٿي وڃي. ٻاهر اُس ڪاڻ جي بدران ڏِکو نه ڪائي، ۽ ڪا هڏي ڀَڏي ٽوڙائي نه وِهي. اُن حالت ۾ هُن جون تڪليفون، سوَرَ اَجا به وَڌي ويندا. هُن کي اَجا وڏيڪ مَم تي پاڙڻو پوندو ۽ باسڪيٽ بال ته بلڪل ڇڏائجي ويندو. مَم ويچارِي اَڳ ئي گهر جي جوابدارين هيٺان جڻ ڊَبيل آهي، مٿان مون جهڙيءَ کي سنڀالڻ، آئيم سارِي مَم، ويري سارِي. هوءَ من ئي من لفظ دُهرائيندي رهي، مميءَ کي اَکين ۾ پِري. سِلوپ تي وِيل چيئر اَجا هلي ئي هئي جو پُٺيان مميءَ اَچي هئنڊل کي پڪڙيو. هي ڇا ٿي ڪرين پَلَوِي، توکي چيو اَٿم سِلوپ تان اَڪيلي نه لهندي ڪر، مان آهيان نه، سڏ ڪندي ڪر. او مَم آخر ذري ذري ڳالهه تي توکي سڏ ڪنديِ رهان ته گهر جا ڪم ڪير ڪندو، مونکي ڪجهه ته پنهنجي ليکي ڪرڻ ڏئي. منهنجي گُڏِي توکي گهڻو ڪجهه پنهنجي ليکي ڪرڻ جو موقعو به ملندو، شادي ڪنديءَ ته مون وانگر گهر ۾ رچجي پچجي ويندينءَ، تنهنجي منوڪامنا پوري ٿي ويندي.

مان شاديِ ڪانه ڪنديس، هُن من ۾ چيو، مميءَ طرف ڏسي صرف مُرڪيِ ڏنائين. سِلوپ تان وِيل چيئر کي آهستي آهستي هلائي، سُلوچنا وِيل چيئر کي نَنڊڙي لان ۾ اَچيِ ويهاريو. هاڻي تون اُس ۾ ويهه، مان تو لاءِ سِڱين جو سوُپ ڪٽي ٿي اَچان.



Gul Hayat Institute

نہ، مَم، چڙ، ڪجھ ڪائڻ پيئڻ جي بلڪل اِڇا ڪانهي.

اِڇا هُجي نہ هُجي، ڪاڏو تہ ڪائڻو ئي پوندو نہ گُڏي!

اَڇان تي. ۽ سِگين جو سوپ تہ گوڏن لاءِ ... مَم رُڪجي ويئي. تڪڙو پُنيان مُڙي هال طرف ويئي هلي. پَلَوي ٿورو گنڀير ٿي ويئي. پوءِ مُرڪي ڏنائين. مَم بہ هٿ وٺي اَهڙيون ڳالهيون ڪندي آهي جيڪي ڪيس ئي ڏُکي ڪنديون آهن.

هُن ٽنگن تي هٿ ڦيريو. گوڏا آهن ئي ڪٿي! نالي ۾ ٽنگوُن هُيون، بلڪل سنهڙيون سنهڙيون چٽيل ڪانيون.

پَلَويءَ شال ڪولي وري چگيءَ طرح اُن ۾ پاڻ کي وڪوڙي ڇڏيو. اَڄڪلهہ ٿڌ وڌي ويئي آهي. هِن سال ڪجھ وڌيڪ ئي آهي. هونئن اَحمدآباد اَهڙو شهر آهي جتي سال ۾ نوَ-ڏهہ مهنا تہ گرميءَ جو اَحساس ٿيندو آهي. چِڪ جو آواز ٿيو. پَلَويءَ ڪنڌ مٿي ڪري گهر طرف ڏٺو. سِلوپ جي ويجهو ٿوپ سان ڍڪيل ڇهري وارو ڪوئي شخص بيٺو هو، هُن نہ سُڃاتو. مَم ننڍي ٽِري ۾ سوپ جو بائول کڻي هال مان ٻاهر آئي تہ اُن ماڻهوءَ کي اَندر وڃي وِهڻ جو اِشارو ڪيو.

ڪير آهي؟

ڪيشو ڀائي، تون نہ سُڃاڻين.

ها، پر ڇا لاءِ آيو آهي؟

تون سوپ پِيُ، گُڏِي، ٺرِي ويندءِ، مان اَچان ٿي.

مَم، پپا ڪڏهن ايندا؟

ڇنڇر تي. هِن ڀيري لمبو ٽوئر تي ويو اَٿن، نہ!

مَم تڪڙو هال طرف مُڙي ويئي. پَلَويءَ سوپ تي نظر وِڌي ... ٽماٽي سوپ جا ٻہ بائول ٽيبل تي هئا، وڏا گول چمچا سائيڊ ڪان رکيل. پر نہ پَلَوِي چمچو کڻي رهي هئي نہ هاردڪ. هوُ هڪ ٻئي جي اَکين ۾ نِهاري رهيا هئا، بلڪل شانت.

Gul Hayat Institute

سَر، ڪاڏو ڪٺي اَچان؟

ٻنهي چِرڪ پريو. نہ، نہ، ترس، سوُپ پورو ڪريون. هاردڪ چمچو کنيو. پَلَويءَ هلڪو کِلي ڏنو ...

پَلَويءَ سِگهين جي سوُپ کي ڏنو. هُن جي اَکين ۾ ڳوڙها تَري آيا. هُن بائول بيد جي ننڍي سائيڊ ٽيبل تي رکي ڇڏيو ۽ اَکيون پوُري ڇڏيون. هُن جي سامهون هاردڪ اَچي ويو. تڪڙ ۾ هُن اَکيون کوليون، اُتي ڪير ڪونہ هو. هُن وري اَکيون بند ڪيون. هاردڪ ڇِڙ ڇوڏاري هو. پَلَويءَ کي هاردڪ جا لفظ ياد اَچي ويا. پَلَوي تون جڏهن مِلندي آهين تہ صرف سامهون هوندي آهين، جڏهن ياد ۾ ايندي آهين تہ هر طرف هوندي آهين. پَلَويءَ هڪ ڀيرو وري اَکيون کوليون، ۽ بند ڪيون ...

ڪِناري تي هڪ پٿر تي ويٺي پَلَويءَ جو هٿ هاردڪ جي کُلهي تي هو. هُنن جا پير وهندڙ پاڻيءَ ۾ هئا. سابرمتي ڪناري ڪان ڪناري بلڪل ڌيري ڌيري وهي رهي هئي. هُنن جي رِليشنشِپ جيان. ڇهہ سال ٿيا آهن. ٻئي اِسڪول ۾ ۽ پوءِ ڪاليج ۾ گڏ پڙهيا هئا. ڊيٽنگ، ڪورٽنگ سالن کان جاري هئي. شادي ڪڏهن ڪنديںءَ؟ ڪنداسين، ڪهڙي تڪڙ آهي، پَلَويءَ جو جواب ٺڏو هوندو هو. پر تہ بہ ... اَڙي يار، پيار ڇا کا ڊِزيز آهي، جنهن جي دوا شادي آهي! هاردڪ ڊيئر، پريم تہ تهوار آهي، شادي صرف وهنوار آهي. پر پَلَوي ڊيئر، ٻنڌن ۾ بہ تہ مزو آهي، جيئن منهنجون هي ٻانهوُن توکي جکڙين ٿيون. پَلَويءَ کي ٻانهن ۾ ڀري هُن ٺهڪ ڏنو. مُڪت آنند کي بہ پنهنجو اَلڳ مزو آهي. پَلَوي کِلي پيئي هئي ...

پلويءَ سِگهين جو سوُپ ختم ڪيو. لان جي ڪُنڊ ۾ رکيل اِسٽوُل مٿان رکيل باڪس مان باسڪيٽ بال کنيو. هوءَ

باسڪيٽ بال ڪورٽ طرف مُڙي. تڪڙو تڪڙو ڪُرسيءَ کي هلائيندي، هوءَ بال کي ٽِپائيندي باسڪيٽ پوسٽ جي فِري ٿرو لائين اَڳيان اَچي زور سان بال کي باسڪيٽ طرف اُڇاليو. بال ٺيڪ باسڪيٽ ۾ پئجي هيٺ ڪِريو. هُن بال کڻي ڪيو ۽ وري بال کي باسڪيٽ جي بلڪل مٿان اُڇاليو. هِن ڀيري به بال باسڪيٽ اَندر داخل ٿي هيٺ ڪِريو. هوءَ مُرڪي ۽ پنهنجو پاڻ کي ئي شاباس ڏني، ويل ڊن پِلوي!

پَلَوِي باسڪيٽ بال سان پرئڪٽس ڪندي رهي. ٿوري دير کانپوءِ پلويءَ بال لان جي ڪنڊ ۾ رکيل باڪس ۾ وجهي رکيو ۽ سائيڊ ٽيبل طرف مُڙي. هُن ٽيبل تان اخبار کنئي. ڪنهن ڪامياب ليڊيءَ جي تصوير ڇپيل هئي. هوءَ مُرڪي ....

پَلَوِي آفيس چئمبر ۾ فائيل ڏسي رهي هئي. ميم، توهان سان ڪوئي مِلڻ ٿو چاهي. آفيس بواءِ هڪ ڪارڊ پَلَويءَ کي ڏنو. اوهه ماءِ، اوڪيش پَندِيا، هي ته هارڊڪ جا ڊئڊ آهن! هوءَ تڪڙ ۾ اُٿي، چئمبر کان ٻاهر نڪتي، آفيس بواءِ شخص طرف اِشارو ڪيو. پَلَويءَ تڪڙ ۾ وجهي ڪجهه وڌيڪ ئي جُهڪِي پَندِيا کي پرڻام ڪيو ۽ هُن کي چئمبر ۾ وٺي آئي. رِوالوِنگ چيئر تي نه ويهي هوءَ پَندِيا جي پرسان واري ڪُرسيءَ تي ئي ويهي رهي.

هئپي ٿُ سِي يوُ بيٽا! هارڊڪ تنهنجو تعريف ڪندو رهندو آهي، تون گهر به آئي آهين، پر تو سان ملڻ جو موقعو نه مليو هو، سوچيم ته تو سان هِتي ئي ملي وٺان.

يو آر ويلڪم، اَنڪل. ڪافي؟

آءِ ڊونٽ مائينڊ.

پَلَويءَ اِنٽرڪام تي آرڊر ڪيو.

بيٽا، شايد توکي اَندازو اَچي ويو هوندو ته مان ڇا لاءِ آيو آهيان.

Gul Hayat Institute

بواءِ هڪ ڪارڊ ڪڍي اَندر آيو. پَلَويءَ ڪارڊ تي نالو ڏٺو. چويس ٿورو ترسي. پَنڊيا اُٿڻ جي ڪئي. وِهو نه، اَنڪل! نه بيٽا، صرف ايترو ئي چوڻو آهي ته توهان ٻئي پازيٽِولي سوچي شاديءَ جو فيصلو جلد وٺو. جي اَنڪل.

پَنڊيا جي وڃڻ ڪانپوءِ پنهنجي چيئر تي وِهندي پَلَويءَ اوُنهو ساهه کنيو، چڙيو. منُ اَلائي ڇا ٿو چاهي! هُن بيل وڄائي ...

پَلَويءَ لان ۾ ڊوڪلي جو هڪ ننڍڙو پيِسُ مُنهن ۾ وِڌو ۽ اخبار کنئي. هُن ڏِٺو ڪيشو پائي سِلوپ جي پرسان ڏاڪن اَڳيان بيِٺو هو، منهن تان پسينو اُگهي رهيو هو. مَم ٻاهر آئي ۽ هُن کي اَندر وَٺي ويئي. مَم اَڄ وري بور ڪندي، پر ٻئي پل بي پرواهيءَ سان ڊوڪلي جو هڪ پيِسُ کڻي ڪنڌُ جَهٽڪيو ۽ اخبار تي نظر وِڌي. اَئڪسيڊنٽ، ڪار ۽ ٽريل جو، ڇئن جو موت. پَلَويءَ جون اَکيون آليوُن ٿِي ويئون ...

هارڊڪ ۽ پَلَوِي ڊبل ڊيڪر بس جي مٿئين ڊيڪ تي بلڪل پُٺين سيِٽ تي ٽهڪ ڏيئي رهيا هئا. هارڊڪ جوڪ ٻُڌايو هو. ساڄو ۽ ڏائو هَٿ لاڪ ٿِي ويا. هارڊڪ ٿورو وڌيڪ زور ڏنو. اُئِي! ڇا هڏيون ٽوڙڻ جو اِرادو اَٿئِي! پَلَويءَ ٽهڪ ڏنو. اَڄ آرتوار آهي. اَحمدآباد ميونسپل بسن جِي هڪ اِسڪيم آهي. توهان هڪ ئي ٽڪيٽ وٺو، ۽ سڄو ڏينهن ڪٿي به ويندڙ بس ۾ سفر ڪريو. سڄو ڏينهن سفر ڪندا رهو. هوُ هڪ بس مان لهي ٻِي بس ۾ چڙهندا رهيا، اَڻ ڄاڻ ايراضين ۾ پهچندا رهيا، ٿوري دير ايريا کي مٿاڇرو ڏسِي ڪنهن ٻِي بس ۾ چڙهندا رهيا. ايريا ڏسڻ جو ڪٿي اِنٽريسٽ هو، بس هڪ ٻئي جو ساٿ ئي ته ماڻڻو هو. صبح کان منجهند ٿي ويئي هئي. بُک لڳي هئي. هلو، ڪانڪريا تي هلي ڪجهه چٽپٽو ٽا ڪائون. ڊبل ڊيڪر بس

ڪانڪريا تي پهچي ليڪ جي گولائيءَ تي ٽَرن ڪيو ۽ ... رڙيون ٻُڌڻ ۾ آيون. بس اونڌي ٿي چُڪي هئي. پَلوِي بيهوس ٿي ويئي.

پَلَويءَ کي جڏهن هوش آيو ته هُن پاڻ کي هاسپيٽل جي بيڊ تي پاتو. اَکيون کوليندي ئي آسپاس بيڊس ڏسي هُن جڻ سڏ ڪيو هاردڪ! سِسٽر تڪڙ ۾ هُن وٽ پهتي. هاردڪ، هاردڪ ڪٿي آهي؟ سِسٽر ڪجهه نه سمجهيو. مئڊم هيءُ ليڊيز وارڊ آهي. پَلَويءَ اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي پر اُٿي ڪانه سگهي. مونکي هاردڪ سان ملڻو آهي. ڊاڪٽر آيو. مِس، ڪام ڊائون، آرام ڪر. پر ... هاردڪ. پَلَويءَ کي لڳو ته هُن جي شڪتي ختم ٿي ويئي آهي، هوءَ سهڪڻ لڳِي. هُن اَکيون پوُري ڇڏيون. هوءَ شانتيءَ سان ليٽي رهِي. ٿوري دير ڪانپوءِ هُن مَم جو آواز ٻُڌو. ڪٿي آهين گُڏِي؟ مَم ۽ پَپا بيٺا هئا. هاردڪ؟

مَم جون اَکيون پرجي آيون. ٺيڪ ... ٿي ويندو بيٽا، چنتا نه ڪر. پپا جا لفظ ڪافي ڪوشش ڪانپوءِ ٻاهر آيا. اُن وقت اوڪيش پنڊيا به اَچي ويو. گُڊ، هوش اَچي ويو نه، بيٽا، هاڻي سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. اَنڪل، هاردڪ؟ پنڊيا جون اَکيون آليون ٿي ويئون بيٽا! هو وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهيو، اَچان ٿو چئي، رومال سان اَکيون اُگهندو هوُ وارڊ مان ٻاهر نڪري ويو.

پَلَويءَ کي پوءِ خبر پيئي، هاردڪ نه رهيو آهي، بس هينئان دبجي ويو هو، سندس ٽنگون به بس هينئان ڇِٽجي ويئون هيون. هوءَ ويل چيئر تي اَچي ويئي. ڏاڍو ڏُکيو وقت هو، من کي سنڀالڻ، اَکين کي سُڪو رکڻ، اَکيون گهڻو ڪجهه لِڪائڻ سِکي ويئون ...

پَلَويءَ اخبار جو پنو ڦيريو. هُن جو فوٽو ويِل چيئر

Gul Hayat Institute

باسڪيٽ بال چئمپيئنشِپ ٽرافِي وٺندي ڇپيل هو. هُن وري پنو ڦيريو. اُن وقت ڪيشو ڀائيءَ سان گڏ ئي مَمِ ٻاهر آئي. آوجو (گُڊ باءِ)، ڪيشو ڀائي. مَمِ جي هٿ ۾ هڪ لِفافو هو. هوءَ سِڌو پَلَويءَ وٽ آئي ۽ چار فوٽا هُن جي هٿ ۾ ڏنا. ڏس، ڪيئن ٿا لڳن. چئن نوجوانن جا فوٽا هئا. مَمِ، تون وري شروع ٿي ويئينءَ! بيٽا، شادي ته ڪرڻي آهي نه، ڏس ڪيترا هئنڊسم آهن. ٿوري ٿوري ئي وڏ اٿن. پڙهيل ڳڙهيل آهن. گهر جي ڪمپائونڊ ۾ ڪار اَچي بيٺي. هل، هي به اَچي ويا، هاڻي ڀلي پپا سان صلاح ڪر، هُن کي ضرور ڳالهه وڻندي. ڪار پارڪ ڪري هَرشوردن سِڌو لان ۾ اَچي ويو. پَلَويءَ جي هٿ ۾ فوٽا ڏسي هُن هلڪو ٽهڪ ڏنو. سو تنهنجي مَمِ جو ڪاروبار چالو آهي. پَلَويءَ به ٽهڪ ڏنو. توکي ڪيئن ٿا لڳن؟

پپا، پهرين ته مونکي شادي ڪرڻ جو بلڪل اِرادو ڪونهي پر توهانجي ۽ مَمِ جي خوشيءَ لاءِ شادي ڪنديس به ته ڪنهن عيب واري شخص سان بلڪل ڪانه ڪنديس.

پر بيٽا، اَهڙو ڪو ڇوڪرو مِلي به نه، ٿي سگهي ٿو ڪو غريب ڇوڪرو رحم ڪائي مڃي ته مڃي!

مونکي ڪنهنجي رحم جي ضرورت ڪانهي. ڪو خوشيءَ سان ها ڪندو ته ئي مڃينديس، بنا ڪنهن شرط جي. مَمِ ٿورو ناراض ٿي گهر طرف هلي ويئي. بيٽا، چاهيان ته مان به اِئين ٿو ته ڪو اَهڙو نوجوان ملي! باسڪيٽ بال جي پرئڪٽس ڪيئن پيئي هلي؟ پَلَويءَ ٿمس اَپ ڪيو. هاڻي کهڙي ٽرافيءَ جي تياري آهي؟ پَلَويءَ ٽهڪ ڏنو.

ڪيشو ڀائيءَ جي هڪ هٿ ۾ چِٺِي ۽ ٻئي هٿ ۾ هڪ لِفافو هو جنهن ۾ به فوٽا هئا. خوش هو، هي اَهڙا نوجوان

Gul Hayat Institute

ھئا جن ۾ ڪا کوٽ ڪانہ ھئي. غريب ھئا، اِنڪري پنھنجي ڪاروبار لاءِ ٿوري مالي مدد جي درڪار ھُئن. بس. ھرشوَرڌن فوٽا ڏنا، ٺيڪ آھي، پَلَويءَ سان صلاح ڪري توھانکي ٻُڌائيندا سين.

پَلَويءَ بال، باسڪيٽ ۾ اُڇاليندي ڪنڌ وَرايو. مَم، پپا مُسڪرائي رھيا ھئا. ھي ڇا بيٽا، تنھنجي ڪئپٽنشپ ۾ وِيل چيئر باسڪيٽ بال ٽيم، ورلڊ چئمپيئنشپ مئچ لاءِ ڪئناڊا پيئي وڃي ۽ تو اَسانکي ٻُڌايو بہ ڪونہ!

اَھڙي ڪھڙي وڏي ڳالھہ آھي، مئچ ئي تہ آھي. ڪيلي وٺبي، ٽرافي ملي تہ سُٺو، نہ ملي تہ بہ گيم جي ايڪسائيٽمينٽ تہ ماڻي وٺبي. پَلَوِي مُرڪندي رھِي.

اَڇا، اَڇا، توکي گيم جيتڻ کان، گيم جيئڻ ۾ وڌيڪ اِنٽريسٽ آھي، رائيٽ! اَڇا ھاڻي ھِن مئچن طرف ڌيان ڏئي، ڏس ھي توسان مئچ ڪن ٿا. پپا پَلَويءَ کي فوٽا ڏِنا. ھِنن ۾ ڪو عيب ڪونھي. مَم تڪڙ ۾ چيو.

پر ... بيٽا، ھِنن ٿوري مالي مدد جي ڳالھہ ڪئي آھي. پپا ھبڪندي ڳالھہ ڪئي. اُن ڳالھہ جو ڪو واندو (ھَرج) تہ نظر نٿو اَچي. فائنئنشلي ترقي ڪندا تہ سُک توکي ئي مِلندو.

پَلَويءَ فوٽا پپا جي ھٿ ۾ رکي بال ھٿ ۾ ڪنيو. مَم نِراس ٿي ويئي. پَلَوِي، جيون بہ تہ گيم آھي، اُھو بہ جيتڻو ڪونھي، جيئڻو آھي. ھرشوَرڌن وڏو ٺھڪ ڏنو، اَري واہ، ڏس پَلَوِي، تنھنجِي مَم بہ فلاسافي ڳالھائڻ لڳِي آھي. سُلوچنا موڙو ڏنو. پَلَويءَ بال کي باسڪيٽ طرف اُڇاليو.

اوٽاوا، ڪئناڊا مان وِيل چيئر باسڪيٽ بال چئمپيئنشپ ۾ ٽرافي تہ نہ مِلي پر پَلَويءَ جي ٽيم ٻئي نمبر تي ضرور آئي ۽ لوڪل ميڊيا ۾ ٽيم جي بيحد ساراہ ڇپي. پَلَوِي مَم سان گڏ ڪلھہ

Gul Hayat Institute

ئي پارٽ موٽي هئي. لان ۾ هوءَ بال کي ٽپائي رهي هئي تہ گيٽ اَندر اوکيش پنديا جي ڪار داخل ٿي. هوُ بيحد خوش هو. هُن جي هٿ ۾ اخبار هئي، جنهن ۾ پَلَويءَ جي خوب تعريف ۽ وڏو فوٽو ڇپيل هو. هرشوَرڌن اوکيش پنديا کي ڏسِي هال مان ٻاهر اَچي ويو. ٻَئي هڪ ٻِئي سان هٿ مِلائي گڏيا. سُلوچنا بہ قُرب مان کيکار ڪري نمسڪار ڪيو. پَلَويءَ جي ڪاميابيءَ تي واڌايون وريون. اوکيش پنديا ۽ هرشوَرڌن پَلَويءَ طرف وَڌيا. سُلوچنا بہ ڪُڪيز ۽ ڪافيءَ جو ٽِري لان ۾ هُنن سان شامل ٿِي. پَلَوي جڏهن اُچلجي پيئي، اوکيش پنديا کي هُن اِسپتال مان ڊِسچارج ٿيڻ ڪانپوءِ مشڪل سان هڪ اَڌ دفعو ئي ڏٺو هو.

اَسانکي سچ پچ پَلَويءَ تي ناز آهي. پر مان صرف واڌايون ڏيڻ ڪونہ آيو آهيان. هڪ رڪويسٽ بہ کڻي آيو آهيان. هُن هڪ فوٽو هرشوَرڌن جي هٿ ۾ ڏِنو. هرشوَرڌن فوٽو ڏسي مُرڪيو ۽ فوٽو سُلوچنا کي ڏنو. سُلوچنا جي چهري تي جڻ چمڪ اَچي ويئي.

هيءُ منهنجو ڀاڻيٽيو آهي، پَريش، هارڊڪ جو سوٽ، هڪ وڏي آميريڪن فرم ۾ سيلس ايگزيڪيوٽِو آهي، آميريڪا ۾ ايندو ويندو رهندو آهي. ساڳيو خاندان آهي، توهان ڏيان سان ڏسندا تہ هِن جا فيچرس ڪجهہ ڪجهہ هارڊڪ سان ملندا لڳندا. هُن جي اِڇا آهي تہ هُن کي پَلَوِي جهڙي جيون ساٿي مِلي. پريش ٻُڌايو تہ پَلَويءَ کي هُن ڏٺو آهي. هڪ اَڌ ڀيرو هارڊڪ ۽ پَلَويءَ سان گڏ هُن شاپنگ ڪئي آهي. وڏي ڳالهہ تہ هو چوي ٿو تہ پَلَويءَ کي هو پيرن تي بيهاريندو. مَر فوٽو پَلَويءَ کي ڏنو، هي تنهنجو ڏٺل آهي نہ! پَلَويءَ بال کي هٿ ۾ جهليندي ئي فوٽو ڏٺو، مَر پَلَويءَ طرف ڏسندي مسڪرائيندي رهي. پَلَوِي بہ هلڪو مُرڪِي، مُرڪندي ئي چيائين، ڪي ماڻهو پاڻهُن تي بہ بيِهي سگهندا آهن ۽ بال، باسڪيٽ طرف اُڇاليو.

ഈ

کهاڻي: # وجود جو ٽڪرو

✍ **جيا جادواڻي (رائپور)**

صبح اُٿندي ئي هن سيني کان پهرين پنهنجي اَچڻ واري فلم جو فوٽو ۽ پوسٽ فيس بوڪ تي وِڌي ۽ خوش ٿي مُشڪڻ لڳي. دريءَ کان ٻاهر ڏٺائين ... بادل نيري آسمان کي وڪوڙي رهيا آهن ... ٿڌي هوا پيئي ٿي هلي ... موسم خوشگوار آهي. شوٽنگ جي لاءِ بلڪل معقول وقت. جڏهن کان هيءَ شارٽ فلم ٺهڻ جي گهوشڻا ٿي آهي، هوءَ هڪ عجيب خوشي محسوس ڪري رهي آهي، ڄڻ ته ڪا جنمن جي مُراد پوري ٿي هجيس. هونئن به هن کي يوُٽيوُب تي شارٽ فلم ڏسڻ جو شوق آهي، شارٽ فلم ڏسندي ڏسندي نه ڄاڻ ڪيترا اَن-يوزوئل پلاٽ سندس ذهن ۾ اَچڻ لڳا آهن. اُهو ڇئه، جيڪو هاڻي تائين ڪو به چئي نه سگهيو آهي، صرف ٻين جي پوَ جي ڪري. اُهو ڇئهُ، جيڪو دٻيل آهي ورهين کان اَندر ... اُپامي ٿو ... ڦٽڪي ٿو ... پيڪي ٿو .... ٻاهر اَچڻ لاءِ وياڪل آهي، جيڪو تون ڪنهن کي نٿو چئي سگهين، پاڻ کي به نه، اُهو هاڻي ڇئهُ.

حالانڪ پاڻ کي سمجهائيندي سمجهائيندي هوءَ ٿڪجي پيئي آهي، اَڙي، پر ضروري آهي ڇا چوڻ؟ پاڻ سان مٿي ڪٽي وڃ مٿي، جيڪو ڪٽي آيو آهين هن ڌرتيءَ تي. هاڻي ڪاڏي وڃون ڳولهڻ ايتري وڏي سنسار ۾ ڪو ايڏو وڏو مرد يا عورت، جيڪو توکي سمجهي سگهي. پر نه، اَندر ڪوئي لڳاتار چئي رهيو آهي، چوڻ ضروري آهي، تو جهڙا ٻيا به هوندا، جيڪي چئي نه سگهندا هوا، اُنهن جو آواز ٺهه، ٿورو زور سان ڇئهُ ۽ زور سان چوڻ جو ماڌيم آهي ميڊيا. هزارين ميل پري، ڪنهن پاڻ جهڙي تائين پهچڻ، اِن جي ذريعي ئي ممڪن آهي. هوُ توکي ٻڌندو ۽ چوندو ... يَس ... يَس ... مان به ته اِهو ئي سوچي رهيو آهيان. آواز ڏي اُنهن هزارن

’ها چئہُ پٽ ...‘

’مما توکي پتو ئي آهي، سواتيءَ جي ڊليوري ويجھو اَچي پهتي آهي. ڪيترن ڏينهن کان توهان کان پڇڻ جي ڪوشش پيو ڪريان تہ توهانجي ٽڪيٽ ڪڏهن ڪرايان؟ پر توهين ٻڌايو ئي نٿا ...‘

’مونکي پنهنجا ئي گھڻيئي ڪم آهن پٽ ۽ ٻيو تہ مان اُتي ڏاڍي بور ٿيندي آهيان.‘

’توهان جا ڪهڙا ڪم مما؟ مونکي سمجھہ ۾ ئي نہ ايندو آهي تہ توهين ڪندا ڇا آهيو؟ پنهنجي ڪا تہ رِسپانسبلٽي سمجھو توهان؟ ۽ بور ٿيندا آهيو مطلب؟‘

’رِسپانسيبلٽي؟ ڪجھہ ٻيو بہ ڪم اَٿم ڇا رِسپانسيبلٽي نيائڻ ڪانسواءِ؟ هن مهل تائين مون مان اها ئي اُميد رهي آهي سڀني کي؟ رِسپانسيبلٽي جيڪڏهن نہ نيائي اَٿم تہ صرف پنهنجي، ۽ بور اِنڪري ٿيندي آهيان جو توهانجي گهر ۾ منهنجي حيثيت ئي ڇا آهي؟ مونکي خبر آهي توهين مونکي ڇو ٿا سڏ ڪيو.‘ هن سوچيو تہ سهي پر چئي نہ سگهي.

’توهانکي خبر نہ آهي ڇا تہ هتي اِنڊيا وانگر سروينٽس نہ ملندا آهن؟ سڀ ڪجھہ پاڻ ڪرڻو پوندو آهي. نئني بہ ڳولهيون ٿا تہ ڏهہ هزار ’پر ڊي‘ جا ٿا ڏيڻا پوَن. آخر توهان نہ ايندءُ تہ ڪير ايندو؟ منهنجي سڀني دوستن جا پيرينٽس بہ تہ ايندا آهن ۽ هڪ توهين آهيو جو ...‘

هن ڪو جواب ڪونہ ڏنو. پٽ کي لڳو تہ هوُ وڌيڪ سخت ٿي رهيو آهي. سو هوُ ٿورو نرم ٿيو ...

’توهان ئي تہ چوندا آهيو - ’مان توسان وقت نہ گذاري سگهي آهيان‘ تہ اَچي وڃو نہ. ڇهہ مهنا آرام سان رهي سگهو ٿا. هونئن بہ اُتي اِنڊيا ۾ آهي ڇا؟ گهر کي لاڪ ڪيو ۽ اَچي وڃو.‘

’مونکي سوچڻ جو وقت ڏي پٽ ...‘

Gul Hayat Institute

’ڪيترو وقت مما؟ ۽ سوچڻ لاءِ آهي ڇا توهان وٽ؟‘ ۽ ٻئي پاسي کان فون ڊسڪنيڪٽ ٿي ويو.

ڇا سچ پچ هن وٽ سوچڻ لاءِ ڪجهه به نہ آهي، ڇو جو هن وٽ سوچڻ لاءِ ڪڏهن ڪجهه به نہ هو. جڏهن اَسين ٻين جي ڏنل زندگي جيئڻ جي لاءِ راضي ٿي ويندا آهيون تہ پنهنجي سوچ ۽ سُپني لاءِ جڳهہ ئي ڪٿي بچندي آهي؟

پر هوءَ هن مهل پنهنجي پٽ بابت سوچڻ نٿي چاهي. سندس دماغ ۾ تہ پنهنجي لڪيل ڪهاڻيءَ جو سُرُور آهي. جنهنکي ورهيہ اَندر سانڍڻ ڪانپوءِ هن ڪاڳرن تي اوتيو آهي. اهو بہ تڏهن، جڏهن پنهنجي هڪ چترڪار ساهيڙيءَ سان گڏ هوءَ ياياوريءَ جي لاءِ نڪتي هئي. ٻڌڻ جي ڳالهہ ڪوڙي لڳي سگهي ٿي پر سچ تہ اهو ئي آهي تہ عورت پنهنجي مڙس جي مرڻ ۽ ٻارن جي ٻاهر وڃڻ ڪانپوءِ ئي آزاد ٿيندي آهي. سو هوءَ وئي هئي سڄي هڪ مهني لاءِ، مڙس جي موت ڪانپوءِ، جڏهن سڄو گهر خالي ٿي ويو هو. مٽ مائٽ نئين نئين همدردي پيا ڏيکارين تہ هوءَ تنها ڪيئن رهندي ۽ هُن، اُن همدرديءَ جو فائدو کڻي ورتو هو.

اُنهن ڪَهرِن ۽ اَڪيلائپ سان پريل ڏينهن ۾ پنهنجي پينٽر دوست جي اَندر جي خوددار، بيخوف ۽ پاورفل عورت کي ڏسي هوءَ حيران رهجي ويئي هئي. هڪ قداور عورت جو خواب هڪ قداوت عورت ئي ڏسي سگهي ٿي. هن جي لاءِ جيون ۽ ڪلا، هڪ ئي شيءِ جا بہ نالا هئا. ڪلائن ۾ اَسين پنهنجي اَندر جو سنسار بيحد خوبصورت طريقي سان ٻئي کي ڏيکاري سگهون ٿا. ڪلائون اَسانجي ’آتما‘ جو وستار آهن. هن جي ساهيڙي سڄي سڄي رات ويهي پينٽنگ جي رنگن ۾ اُنهن ڪامنائن کي روشن ڪندي هئي، جيڪي ڪنهن کي ڏسڻ ۾ تہ ايندئون آهن، پر دراَصل اُنهن تي ئي اِنساني جيون هلندو آهي. تڏهن هن پهريون دفعو هيءَ ڳالهہ پنهنجي ساهيڙيءَ کي ٻڌائي هئي ...



Gul Hayat Institute

’بڌ، مان ڪنهنکي پريم ڪندي آهيان ...‘

’اَڇا؟ يعني تون اَحا تائين زنده آهين؟‘ هوءَ کِلڻ لڳي. هوءَ ساهيڙيءَ کي ڏسندي رهجي ويئي. ها، مان اَڃان زنده آهيان.

’ڇا تو هن کي اِها ڳالهه ٻڌائي آ؟‘ ساهيڙيءَ وري پڇيس.

’نہ پر مونکي لڳي ٿو هوُ سمجهي ويو آهي.‘

’هُن ڪجهہ نہ چيو؟‘

’هوُ منهنجون سيمائون بہ سمجهي ٿو ...‘

’ڪمبخت، تون ايترن گهٽ لفظن ۾ ڇو ٿي ڳالهائين؟‘

’پريم خاموش ڪري ڇڏيندو آهي ...‘ هوءَ بہ کِلڻ لڳي.

’هيءَ خاموشي اُتي وڃي ٽوڙ. جيڪو سوچين ٿي، ڇئي ڏي هُن کي.‘ ساهيڙيءَ سمجهائيندي چيس.

’چوڻ ضروري آهي؟‘

’ها، جيڪڏهن شانتيءَ سان مرڻ چاهين ٿي تہ ملڻ بہ ضروري آهي ...‘

’هل، هن جي شهر ۾ ٿا هلون؟‘ ڪڏهن ڪڏهن قداور عورت ٻاهر نڪري ايندي آهي.

’ڏس، رستي ۾ ٽرين نہ مٽي ڇڏجانءِ ...‘ ساهيڙيءَ وارننگ ڏنس.

’نہ، هاڻي تہ صحيح ٽرين پڪڙڻ جو وقت اَچي ويو آهي ...‘

’هيءَ ڳالهہ چيئہ نہ ڪمال جي ... ايترو حوصلو پهرين ڏيکارين ها تہ ...؟ هاڻي ساهيڙي بہ حيران ٿي رهي آهي ...

’پاڻ سان فاصلو جيترو وڌيڪ هوندو آهي، حوصلو اوترو ئي گهٽ ...‘

’هل پوءِ ... هن کي فون ڪري ڇڏ. اِن کان پهرين جو ڦري وڃين، مان آن لائين بوڪنگ ڪرائي ٿي ڇڏيان ... مان سچو ڏينهن هن شهر ۾ گهمنديس ۽ سنا سنا ريسٽران ڏسي اُتي ماني کائينديس، پينٽنگ ڪنديس ۽ تون پنهنجي حسرت پوري ڪجانءِ

Gul Hayat Institute

... اِئين جيءُ جو سپاٽي مري وڃين ته اَفسوس نه ٿيئي.‘

هوءُ ٻئي ڏينهن بعد پنهنجي شهر کان نڪري اُن ٻئي شهر ۾ پهتيون. ٻه ڏينهن اُن ٻئي شهر ۾ رهيون، جتي اُنهن جي اَچڻ جي نياپي سموري شهر جي رڳن ۾ اِنتظار ۽ پيار پيري ڇڏيو هو. پهريون ڀيرو هن اِنتظار ختم ٿيڻ جي شراب جو پهريون ڍُڪ پريو. هوءَ دراَصل هڪ ڪاڪٽيل هئي، جنهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جو شراب مليل هو. اُنهن ٻن راتين ۾ هن ڪاڪٽيل جا ڪيترائي گلاس پِي ورتا ۽ زندگيءَ جي نشي سان ڀرجي ويئي.

هن پهريون دفعو محسوس ڪيو ته پنجاهه پار ٿيڻ ڪانپوءِ جيون جي ندي ٿورو آهستي آهستي وهندي آهي ... آسي پاسي جي وڻن، جهنگن ۽ ڳوٺن کي ڏسندي، آسي پاسي جي گلن جي خوشبوءِ پنهنجي روح ۽ رڳن ۾ ڀريندي، ٻالپڻي جي ناداني ۽ جوانيءَ جي جوش کان ڇوٽڪارو پائي، آزمودن جي هن نئين نارنگيءَ جهڙي صبوح کي هوءَ ڏيان سان ڏسندي هلندي آهي، ڪائي تڪڙ نه آهي، اِهو ئي ته رهيل هو اَڄ تائين ... ڌيان سان ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ جيئڻ. دراَصل ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ ئي جيون جو راز لڪل آهي ... پنهنجي ڪيندر مان ايندڙ اُهو هڪ آواز ٻڌڻ ۽ ڏسڻ، جيڪو ڏسڻ ۾ نه اَچڻ جي باوجود ڏسجندو آهي. پنهنجي ’لکڻ‘ ۾ ’ڏسجڻ‘ ئي اُن جو سڀ کان وڏو گڻ آهي.

پنهنجي اِسٽول تي پنهنجي پير ۾ وهڻ، پنهنجي ٻاهه ۾ پنهنجا هٿ گرم ڪرڻ ۽ پنهنجي آزمودن کي ٻُڌائڻ ... ڇا هاڻي اِن کان وڌيڪ به ڪجهه ڪرڻ گهرجي ڪنهنکي؟

ٻه ڏينهن ... اِنهن ٻن ڏينهن جي ڳالهه هوءَ ڪنهن سان به نٿي ڪري، ساهيڙي به صرف مشڪندي رهي، پڇيائينس ڪجهه به نه. دوستن جي اِها ئي ڳالهه ڏاڍي خاص هوندي آهي. جڏهن اَندر سڏ ڪندؤ تڏهن ايندا، نه ته چپ چاپ ٻاهر ويٺا هوندا بغير ٻُرو مڇي.

اُنهيءَ پينٽر دوست جي مَشوَري تي هن اُنهن ٻن ڏينهن ڪي ڪجهه درشين ۾ پرويو ۽ ڪجهه لفظن ۾ ٻڌو، اِها ڳالهه قبول ڪندي تہ سڀ ڪجهه نٿو چئي سگهجي. حقيقي شيون لفظن کان ٻاهر هونديون آهن، اَسان صرف اُنهن کي لفظن ۾ ٻَڌڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. ڪڏهن ڪڏهن لفظ پنهنجي ننڍي جسم ۾ سموري من جو وستار بہ تہ لڪائي رکندا آهن. سو 'چوڻ ضروري آهي'، هيءُ هن جي ساهيڙيءَ جو تڪيہ ڪلام هو، هن چئي ڇڏيو هو ۽ هاڻي اُنهيءَ تي ئي يوٗ ٽيوب جي لاءِ هڪ شارٽ فلم هلي رهي هئي. هڪ فارم هائوس ورتو اَٿن، هڪ مهني جي لاءِ ڪِرايي تي، خرچ گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ۾. ڪاسٽيوم ۽ ميڪ اَپ پنهنجو. هن جي رول ۾ اَجا وقت آهي پر هوءَ روز ايندي ۽ ڏسندي آهي اُنهن ٻن ڇوڪرين کي ڪلندي ڳالهائيندي ... هڪ ڇوڪريءَ ڪئميرا پڪڙيو آهي، ٻي سندس ڌيءَ جو رول ڪري رهي آهي. تمام وقت هوُ جهرڪين جيان ڇهنب ۾ ڇهنب وجهي ڳالهائينديون آهن، پر ڪئميرا جي سامهون ايندي ئي سڀ ڪجهه مَٽجي ويندو آهي. پراڻن ڪپڙن جيان ڪجهه لهي ويندو آهي. اُنهن جون ٻچاڪانا حرڪتون هن کي سٺيون لڳنديون آهن ... اِهو ئي جيون تہ هوءَ بہ جيئڻ چاهيندي هئي، پر نہ ڄاڻ ڪنهن اُها اِسڪرپٽ ڦُري، هن کي هڪ بزرگ عورت جو رول ڏيئي ڇڏيو، جنهنڪي پنهنجي ذميواري هر وقت ياد رکڻ ضروري آهي.

پٽ جو فون لڳاتار اَچي پيو ٿو ...

هوءَ هر هر چئي رهي آهي ... 'ٿورو وقت ڏي پٽ ...'

۽ وقت وٺي وٺي هن شوٽنگ پوري ڪري ورتي، صرف ڊبنگ باقي آهي، پٽ غصي سان پاڳل ٿي رهيو آهي.

'مما، توهانکي سمجهہ ۾ ئي نٿو اَچي ڇا، مان ڇا چئي رهيو آهيان؟ مون توهانکي ٽڪيٽ اِي-ميل ڪري ڇڏي آهي. پِرنٽ آئوٽ ڪڍائڻ جي ضرورت نہ آهي، موبائيل سان ئي هلي ويندو.

Gul Hayat Institute

اَچڻو اَتوَ تہ اَچو نہ تہ توهانجي مرضي، مان اِن سلسلي ۾ هڪ لفظ بہ اَڳتي نہ چوندس، ۽ هاڻي اِنديا ۾ بہ نہ اَچي سگهندس، باقي توهان پاڻ سمجهو.‘ ۽ پٽ موبائيل ڊسڪنيڪٽ ڪري ڇڏيو.

ڇا مونکي وڃڻو پوندو؟ ها، وڃڻو پوندو! هو نہ مُڙندو، مونکي ئي مُڙڻو آهي. ماءُ نهڻ، پٽ نهڻ کان وڌيڪ ضروري آهي. ڪجهہ نہ ڪجهہ نهڻ وڌيڪ ضروري رهيو آهي اَڄ تائين. پاڻ جهڙو نهڻ جو ڪنهن موقعو ئي نہ ڏنو. سوچيندي ئي هن کي لڳو، غلط سوچي رهي آهي. موقعو ڪوئي ٻيو ڇو ڏيندو؟ موقعو تہ ڪمائڻو پوندو آهي، دنيا جي ٻين شين وانگر. پر هاڻي تہ موقعو ڪمائڻ جو وقت نڪري ويو. هاڻي ٻارن کي اَسانجي نہ بلڪ اَسانکي ٻارن جي ضرورت آهي، نہ وڃڻ جو اَنجام بہ هوءَ سمجهي ٿي. پريل من سان هُن پيڪنگ شروع ڪئي. سياٽي جي ٽڪيٽ آهي، ڊبنگ؟ ڇا ڪندي ڊبنگ ڪري؟ پٽ ٻُڌندو تہ زور زور سان کِلندو. هوُ هن کي هر وقت ياد ڏيارائيندا آهن تہ هوءَ ڪنهن ڪم جي ناهي. هن جو ڪم آهي ٻارن جي ڪم اَچڻ، نہ تہ زندگي بيڪار آهي. هن جي اَندر ڪجهہ ڏوُ-ڏوُ ڪري ٻري پيو ٿو ... ’مان توهان وٽ نٿي اَچڻ چاهيان. توهان هر وقت مونکي ياد ڏياريندا آهيو تہ منهنجو رول مان نيڪ سان نڀائي رهي آهيان يا نہ؟ سچ تہ اِهو ئي آهي تہ مان هيءُ رول نڀائي ٿڪجي پئي آهيان. مان پنهنجي اَڻ جيئل ٻالپڻ جي پڪار ٻڌڻ چاهيان ٿي. اَڻ جيئل جوانيءَ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ چاهيان ٿي. ڪيترائي جهنگ ڪٽي ڇڏيا اَندر جا، توهانجي لاءِ هڪ گهر ٺاهڻ خاطر. توهان ورائي ڪڏهن پڇيو تہ جيڪي ڪچا ڦل لڳل هئا منهنجي خوابن جا، اُنهن جو ڇا ٿيو؟ اُنهن کي نوريئڙا ڪائي ويا يا ڪانوَ؟ يا اُهي ڪچا ئي سڙي ويا؟ پنهنجن سُپنن کي پورو ڪرڻ جي فڪر ۾ توهان ڇا ڇا نہ جهليو؟ هن آخري وقت جا ڪجهہ سال مان ڪنهن کي نٿي ڏيڻ چاهيان، ڪنهن کي بہ نہ. مان پاڻ کي توهان کان ڦُري وٺڻ چاهيان ٿي، پنهنجي لاءِ.‘ پر سوچڻ سان ڇا ٿيندو آهي؟ هوءَ اُهو دوُنهون پِي ويئي.

هوءَ پليٽفارم تي ويٺي آهي. دهلي وڃڻ واري ٽرين بس اَچڻ

Gul Hayat Institute

واري آهي. چوطرف شور شرابو. ٽرين ايندي ئي پڇ ڊوڙ ... وري سڀ ڪجهه اَهڙو، جهڙو آهي. هن جو سامان هڪ ڪولي عورت پليٽفارم تي لاهي رکي ڇڏيو آهي. هن جيب مان ٻه سؤ روپيا ڪڍي ڏنس. هن پنجاهه روپيا واپس ڪرڻ چاهيا ته هن مشڪي منع ڪئي. ڪولي عورت جي چهري تي خوشيءَ جي لهر اَچي ويئي. گرمي گهڻي آهي ۽ هوءَ پگهر سان تربتر آهي. پنهنجي اَنگوڇي سان پگهر اُگهڻ لڳي. ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏٺو ۽ مشڪڻ لڳيون ...

’ڪڏهن کان ڪري رهي آهين هي ڪم؟‘

’ٻه سال ٿي ويا ...‘

’ايترو سامان ڊوئي وٺندي آهين؟‘

’سامان ئي نه، گهڻو ڪجهه ڍوئڻو پوندو آهي ... ۽ ڍوئڻو ته پوندو ... گهر ... پتي ... ٻار. نه ته ڪيڏانهن ويندس؟ هاڻي ته عادت پئجي ويئي آهي. پنهنجو نصيب مڃي ڪندي آهيان، سامان به ڏبي ۾ چاڙهي ڇڏيانوَ؟ گاڏي اَچڻ واري آهي ...‘

هن ’ها‘ ۾ مٿو لوڏيو ... سِگنل ٿي چڪو آهي ... هوءَ اي.سي. ڪوچ جي سامهون بيٺي آهي. ڪولي عورت سامهون لڳل ڪولنگ مشين مان ٿڌو پاڻي پيئي ٿي ۽ پنهنجي اَنگوڇي سان منهن اُگهي اَچي بيهي ٿي رهي. ٿوري ئي دير ۾ ٽرين پليٽفارم سان اَچي ٿي لڳي. اي.سي. ڪوچ جو در کليل آهي ... ماڻهو لهڻ لڳا آهن. ڪولي عورت هن جي سڀ کان وڏي اٽئچي کڻي ۽ مٿي چاڙهڻ لڳي ...

’بيهه ...‘ هن اوچتو چيو، ڪولي عورت مُڙي هن کي ڏٺو ...

’هيٺ رک ... مان به ڍوئي ڍوئي ٿڪجي پيئي آهيان. عادت مونکي به پئجي ويئي آهي ... پنهنجو پاڻ وڃائڻ جي ... پر هڪ ڪوشش مان پاڻ کي بچائڻ جي ضرور ڪنديس.‘

ٽرين هلي ويئي آهي ... سامان ڏسي پليٽفارم به ٿورو مشڪي ڏٺو.

ဢ

Gul Hayat Institute

# ديهدان

## پڳوان اَٽلاڻي

پنجهتر سالن جو ٿي ويو آهيان تہ ڇا دماغ خراب ٿي ويو آهي؟ سوچڻ-سمجهڻ، مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ توازن رکي ڳالهائڻ جهڙو نہ رهيو آهيان؟ سماج ۾، ميڙن ۾، اوڙي-پاڙي، مُحلي، ڪالوني ۽ اِدارن ۾ فقط اِنڪري اَهميت ملندي آهي ڇو تہ عمر دراز آهيان؟ ماڻهو صلاح مشوري لاءِ ڇا اِئين ئي ايندا آهن مون وٽ؟ شادين جي مُند ۾ اَڄ بہ ڪيترا دفعا ساڳئي ڏينهن لاءِ هڪ کان وڌيڪ نيندپتر ڇو ملندا آهن؟ موبائيل هجي يا لئنڊ لائين، ڪيترا دفعا هڪ کان پوءِ ٻيو فون لڳيتو ڇو وڄندو رهندو آهي؟ شهر جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾، ڪنهن بہ دفتر ۾ ڪم هجي، ڇو عام طور پاڻ وڃڻو نہ پوندو آهي؟ هڪ ٽيليفون ڪافي هوندو آهي ڪم ڪرائڻ لاءِ؟ ٻہ سال اڳ ريٽائينل ڊِٽيچمئنٽ ٿيا هئا. هونئن تہ سرجريءَ ڪانپوءِ اَکيون ٺيڪ آهن، پر ڪار هلائڻ ۾ ڪجهہ تڪليف ٿيندي آهي، تنهنڪري ڪار گهڻي پاڻ نہ هلائيندو آهيان: پر اِشارو ڏيندي ئي ڇو ڪو نہ ڪو گڏ وڃڻ لاءِ تيار رهندو آهي؟ ڪڏهن اولا يا اوُبر گُهرائڻ جي ضرورت ڇو نہ پوندي آهي؟ ظاهر آهي، ذهني طور سطح تي سالم آهيان اَڃان مان.

گوڏن ۾ سوُر نہ آهي. بلڊ پريشر نارمل آهي. بلڊ شگر ڪڏهن ڊائبٽڪ هئڻ جو اَعلان نہ ڪيو آهي. جيرو، ٻُڪي ۽ دل بلڪل درست آهن. پروسٽيٽ جو وزن اَٽڪل ويهہ گرام آهي. هنڌ تي ليٽندي ئي ننڊ اَچي ويندي آهي. آءِ او ايل وڌو اَٿائون، تنهنڪري موتيا بند جي آپريشن ڪانپوءِ بہ ڪا تڪليف نہ آهي. لکڻ-پڙهڻ، گهمڻ-ڦرڻ، ڪائڻ-پيئڻ، اُٿڻ-ويهڻ، ڪنهن تي بہ عمر جو اَثر نہ آهي. هلڪي ڪسرت، يوگاسن، پراڻايام ۽ صبح جو سئر منهنجي روزاني



Gul Hayat Institute

ڪرت جو ضروري حصو آهن. ڪا جسماني پريشاني نہ هوندي بہ هر سال صحت جي سمورِي جاچ ڪرائيندو آهيان جيئن اِشارو ملندي ئي علاج، پرهيز ۽ ڪِريءَ جو سهارو وٺي سگهان. پنهنجو هرڪو ڪم پاڻ ڪندو آهيان. ٻين جي محتاجيءَ جي پنگلائپ کان ذري گهٽ آجو آهيان. سمهڻ-جاڳڻ ۽ دوستن سان ملڻ-گڏجڻ طئشده وقت تي ٿيندو آهي. چئي سگهان ٿو تہ پنهنجن هم عمرن جي ڀيٽ ۾ بهتر صحت ماڻي رهيو آهيان.

چئن ڄڻن جي وچ ۾ ويهندو آهيان تہ ماحول کي ڪڏهن ڳؤرو ٿيڻ نہ ڏيندو آهيان. دنيا - جهان جي تازي ڄاڻ رکڻ لاءِ اَخبارون، مخزنون، ريڊيو، ٽي.وي.، سوشل ميڊيا سميت سڀني وسيلن سان جيئرو سمپرڪ رکندو آهيان. ٽهڪري محفل ۾ ڳالهہ-ٻولهہ جو وشيہ ڀلي ڪجهہ بہ هجي اَثردار نموني بهرو وٺي شرڪت ڪندو آهيان. مدو نؤجوانن جي پسند جو هجي يا ناٺي واري واپاريءَ جي پسند جو، سماجڪ مسئلا، تازا ترين هلچلون، نيون پراڻيون فلمون - ڳانا ۽ اُنهن سان وابستہ دلچسپ قِصا، سياست جون ڪلابازيون، منهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ سهج آهي. گنڀير هجي يا خوشنما ۽ ٿهڪن سان ڀريل، مان هر ماحول سان هڪ ٿي ويندو آهيان. نفي سوچ، تنگدلي، ضد ۽ وير ڀاوَ جا زهريلا جيوڙا اَڳ ۾ تہ ويجها ئي نہ ايندا آهن ۽ جيڪڏهن حملو ڪندا بہ آهن تہ اُنهن جو اَثر عارضي هوندو آهي.

ذهني ۽ جسماني صحت نيڪ آهي. ڪنهن بہ ڪنڊ کان نہ مُدي خارج آهيان ۽ نہ پراڻن ويچارن وارو. ڪنهن جي پريشانيءَ جو سبب نہ آهيان. پوءِ بہ ٻُنهن-پُٽ ڇو ڪنارو ڪندا آهن مون کان؟ هن ڳُجهارت کي سمجهي نہ سگهيو آهيان. نہ ڪڏهن پاسي ۾ ويهي ڳالهائيندا آهن، نہ ڪنهن مُدي تي صلاح وٺندا آهن ۽ نہ پنهنجي ڪنهن خوشيءَ يا غم ۾ شامل ڪندا آهن. نيڪ آهي تہ مونکي ڪنهن شيءَ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ڪجهہ چوڻ جي نؤبت نہ



Gul Hayat Institute

اَچڻ ڏيندا آهن پر دنيوي سکن جي پرگهور ڪڏهن من جي بک کي شانت ڪري سگهي ٿي ڇا؟ فطرت جي اُبتڙ عجيب طرح جو ويڳاڻوپڻ، سمجهه ۾ نه اَچڻ واري اَڪيلائپ، پيٽ ۾ ڳُر ٿي وچڻ جو اَحساس ۽ گلاب جي گلن جي سيج تي ليٽيل هئڻ ڪانپوءِ به عيسي ڪنڊن جي چڀ-چڀ مونکي لڳاتار پوسرائيندي رهندي آهي. ٻاهر هرڪو پنهنجائپ ۽ مان-عزت ڏئي، گهر ۾ بي طرفداريءَ جي لباس ۾ رهڻو پوي ته محسوس ٿيندو آهي، سڀ ڪجهه بي مطلب آهي. جڏهن مون طرفان ٻيائي يا خودغرضي سامهون نٿي اَچي ته فاصلو ڇو ٿا رکن نُنهن-پُٽ مونکان؟ فقط ضروري ۽ روايتي وهنوار ڇو ٿا ڪن مون سان؟

چڱي ڀلي پينشن ملندي آهي. چانهه، سگريٽ، شراب نه پيئندو آهيان. ڪا بي خراب عادت به ڪانهي. ڪڏهن ڪار ۾ پيٽرول پرائڻ تي خرچ ٿيندو هو، هاڻي اُهو به نه ٿيندو آهي. اخبار ضرور پڙهندو آهيان پر گهر جا سڀ ڀاتي پڙهندا آهن تنهنڪري اُنهن تي ٿيڻ وارو خرچ پڻ مونکي نه ڪرڻو پوندو آهي. ڀاڄي - ڀتي، ڪِراڻي جو سامان، پاڻي - بجلي ۽ لئنڊ لائين ٽيليفون جي بِل جيان اخبارن - مخزنين جو بل به پٽ ڏيندو آهي. پينشن جي ذري گهٽ سڄي رقم بئنڪ ۾ جمع رهندي آهي. ضرورت پوندي اَٿس ته اَڳهِ، نه ته ڇئن-ڇهن مهنن ۾ هڪ دفعو پٽ کي چيڪ ڏيئي ڇڏيندو آهيان. وقت - ضرورت هٿ نه ڦهلائڻو پوي تنهن لاءِ بئنڪ ۾ فِڪس ڊپازٽ ڪرايل آهي. اُن جي عيوض ۾ بئنڪ کان اووَر ڊرافت جي لِمٽ ورتل آهي، جيتوڻيڪ اِن لِمٽ کي اِستعمال ڪرڻ جي ضرورت اَڄ ڏينهن تائين نه پئي آهي. پٽ - نُنهن کي شاديءَ جي سالگره تي يا ٻين سيني کي ڏڻ وار تي دلڪش ۽ قيمتي سوغاتون ڏيندو آهيان. پنهنجي طرفان شفاف وهنوار ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندو آهيان. پٽ - نُنهن جي خاموشيءَ کان پوءِ به دنيا - جهان، رشتن - ناتن، اوڙي-پاڙي ۽ اونچ-نيچ نسبت

ھني خيال رکن ٿا. نہ رکن تہ ماڻھو چوندا، پٽ-نُنھن بزرگ جو ڌيان نٿا رکن، ڪھڙو زمانو اَچي ويو آھي؟ اِھو حال تہ تڏھن آھي جڏھن پيءُ ڪنھن بہ ڏس ۾ ھنن تي نٿو ڀاڙي، نہ رپئي-ڏوڪڙ جي خيال کان ۽ نہ صحت جي معاملي ۾.

پڪ ٿي پڪ، ماڻھن کي ڏيکارڻ لاءِ پٽ-نُنھن ھيءُ وچ جو رستو اختيار ڪيو آھي. ڪجھ چوڻ، ڪا شڪايت ڪرڻ جو موقعو نہ ڏيندا. دُنيوي ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ ڪا ڪمي نہ ڇڏيندا. پريان ڏسڻ وارن کي لڳندو، پٽ-نُنھن بيحد سٺا آھن. ڪيترو ڌيان ٿا رکن بزرگدار جو. ڪيترو مان، ڪيترو آدر، ڪيتري عزت ٿا ڏين. سچ پچ جيڪو ٿي رھيو آھي، اُن پاسي ڪنھن جي نظر نہ ويندي. ڪير ٿو ڏسي تہ ڪم کان سواءِ پٽ-نُنھن مون سان گھڻي دير ڳالھائيندا آھن؟ من جون ڳالھيون ونڊيندا آھن يا نہ؟ سڀ ڪجھ ھوندي بہ جڻ خالي ھٿين آھيان مان. واجھائيندو آھيان، گھر ۾ پنھنجائپ جا بہ ٻول ٻڌڻ لاءِ. اِنتظار ڪندو رھندو آھيان اُنھن جي زبان مان پنھنجائپ جا بہ لفظ ٻڌڻ لاءِ، جن کي مون سميت سڄي دنيا منھنجو پنھنجو مڃيندي آھي.

فطرت جي برخلاف نفرت جو تکو ڏنگ ڏکڻيءَ سان ڀري ٿو وڃي. سوُر جو اَحساس گھِرو ٿيندو ٿو وڃي. دماغ جي ڪنھن نس کان شروع ٿي بي معنيٰ ھئڻ جو گھيرو عضوَن کي ڇڻي پاسن کان وڪوڙيندو ٿو وڃي. ڇو جي رھيو آھيان مان اَھڙن اِنسانن جي وچ ۾، جيڪي منھنجي حيثيت کان وڌيڪ اَھميت، منھنجي ھئڻ کان وڌيڪ اَڳرائي دنيا جي ڊپ کي ٿا ڏين؟ جنھن گھر کي مان پنھنجو ٿو چوان، جنھن گھر جي ڀاتين کي مان پنھنجو ٿو سمجھان، ڪيترو پنھنجو ٿا مڃين، اُن گھر ۾ رھڻ وارا پنھنجا مونکي؟ سڄي زندگي جن لاءِ سڀ ڪجھ ڪيو آھي، جن جي بھبوديءَ کي ھميشہ سڀ کان وڌيڪ اَڳرائي ڏني آھي، اُنھن لاءِ منھنجو وجود بزار ۾ سينگاري رکيل ھڪ شو-پيِس کان وڌيڪ آھي

Gul Hayat Institute

ڇا؟ هڪ اوزار جيان درست ۽ چاڪ چوٻست حالت ۾ رکڻ جي پنيان لڪل منشا کي سمجهي وٺڻ کان پوءِ به ڇا اِستعمال ٿيندو رهڻ گهرجي مونکي؟ پٽ-نُنهن کي دنيا ساراهيندي رهي، تنهن لاءِ ڇا پنهنجن سوکيم اَحساسن جي ٻلي ڏيئي ڇڏڻ گهرجي مونکي؟

ته ڇا ڇڏي ڏيان هن گهر کي؟ اَلڳ رهڻ شروع ڪري ڇڏيان؟ روٽي، گهر جي صاف-صفائي، هاري-بيماريءَ ۾ تيمارداري، گهر اَچڻ وارن جي خاطرداريءَ جو بندوبست ۽ اِن قسم جا ٻيا ننڍا وڏا ڪم هاڻي پنهنجو پاڻ ٿي ٿا وڃن. ڌوٻل، پريس ڪيل ڪپڙا پائڻ لاءِ ملي ٿا وڃن. منشا ڪجهه به چو نه هجي پر منهنجا سڀ ڪم ڪن ٿا پٽ-نُنهن هن وقت. اَلڳ رهڻ سان ماڻهن جي نظرن ۾ پلي سندن ڇٻي خراب ٿئي پر ننڍيون-ننڍيون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ به مونکي لڳاتار جفاڪشي ڪرڻي پوندي. ٻاجي-ٻتيءَ کان شروع ڪري روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪتب اَچڻ واري هرهڪ شيءِ لاءِ ڊڪ-ڊوڙ ڪرڻي پوندي. تڏهن ڇا پنهنجاپ ملي ويندي مونکي ڪنهن مان؟ پٽ-نُنهن ذهني سنتوش ڇاهي نه ڏيندا هجن پر سهوليتن ۾ ڪا ڪمي اَچڻ نه ڏيندا آهن. اَلڳ رهي پنهنجي روزانا زندگيءَ کي ته ڪنڊن ۾ اُڇلائيندس ٿي، جنهن ڪارڻ سان مان هيءُ رستو اختيار ڪندس، تنهن ۾ به ڪو بدلاءُ نه ايندو.

ڇا ٻڍا آشرم ۾ رهڻ جي ڳالهه سوچي سگهجي ٿي؟ هر مهني پينشن مان هڪ طئشدا رقم ڏيڻ منهنجي لاءِ ممڪن آهي. هن شهر يا ٻئي ڪنهن شهر ۾ اَهڙي ٻڍا آشرم ۾ رهي سگهجي ٿو جتي هڪ خاص رقم وٺي سڀ سهوليتون ميسر ڪرايون وينديون هجن. اَلڳ رهڻ سبب جيڪي بندوبستن جا بوجهه ڪٽڻا پوندا، اُنهن کان بچاءُ ٿي ويندو. وندر لاءِ گهريلو رانديون، ٽي.وي، ريڊيو وغيره هوندا. اي.سِي. ۽ هيٽر، گيزر هوندا. ننڍين-وڏين بيمارين لاءِ ڊاڪٽر جون شيوائون ملنديون. شرير کي جيڪو کپي، سڀ ملندو، ٻڍا آشرم ۾ رهڻ وارن جو سنگ-ساٿ ملندو. منهنجي عمر جا، مون



Gul Hayat Institute

جهڙا ڪيترائي زالون-مرد گپا-شپا هڻڻ ۽ وقت گذارڻ لاءِ اُتي هوندا. ڏينهن ڪيئن لنگهي ويو، پتو ئي نہ پوندو پر جنهن پنهنجائپ جي اَڻاٺ سبب پٽ-نُنهن کي ڇڏڻ تو چاهيان، ڇا ٻڍا آشرم تنهن جي پورت ڪري سگهندو؟ ملڻ-جُلڻ وارا هاڻي گهٽ آهن ڇا؟ دستوريءَ کي غيردستوريءَ ۽ فاصلي کي ويجهائپ ۾ مٽڻ جي خواهش کي پورو ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهندو ٻڍا آشرم؟

فيصلو ٿو ڪريان تہ صبح جو جڏهن باغ ۾ گهمڻ ويندس تہ هم عمرن سان ڳالهائيندس. ٺيڪ آهي تہ حوالا ڏيئي، کُلي ڪري ڳالهائڻ مناسب نہ آهي پر مؤجودا ماحول، ڪٽنبن ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ، بزرگن جي اَڻ ڏني ۽ سندن اَندر جي اَڪيلائپ کي مدي جي روپ ۾ تہ ڦٽو ڪري ئي ٿو سگهجي! اُميد نہ ڪرڻ کپي تہ مون سان واسطو رکندڙ سوالن جو سِڌو جواب ملندو پر ٿي سگهي ٿو، ڪو رستو نظر اَچي وڃي. رستو نہ مليو تڏهن بہ ڇارا تہ لهندا، ڏُند تہ صاف ٿيندو.

جڏهن سڀ ساٿي اَچي ٿا وڃن تہ فيصلي موجب صبح جو گهمندي هلڪي نموني سوال ڦٽو ٿو ڪريان، ”توهان سڀئي سوچڻ سمجهڻ واريون ذهين شخصيتون آهيو. ٻڌايو، گهرن ۾ اَڻ ڏنيءَ جي شڪار بزرگن کي راحت ڪيئن ملي سگهي ٿي؟ منهنجي سوال جي جواب ۾ هڪ دفعو تہ نراسائي، بيوَسي، پَرَوَسي، مجبوري ۽ لاچاريءَ سان گڏ ذهني غربت جا اُهڃاڻ چهرن تي اُڀري آيا. آهستي-آهستي غصو ۽ ڪاوڙ سندن اَکين ۾ نمودار ٿيڻ لڳا. جيئن مونکي اُميد هئي، هرهڪ پاڻ کي جدا ڪري ڇڏيو هو. اِئين ڳالهائي رهيا هئا ڄڻ اهو بيان ڪري رهيا آهن، جيڪو ڏسن ۽ ٻڌن ٿا.

هميشه خاموش رهڻ واري هڪ سڄڻ شروعات ڪئي، ”مون پنهنجي وسعيت ۾ جيڪو لکيو آهي، توهانکي ٻڌايان ٿو. مرڻ ڪانپوءِ ٻارن کي منهنجي ملڪيت فقط تڏهن ملندي جڏهن هو

Gul Hayat Institute

”جيڪو جيئري منهنجي لاءِ ڪجهه ڪرڻ نٿو چاهي، تنهنکي مرڻ کانپوءِ ڪجهه به ڇو ڪرڻ ڏيان؟“

ڊاڪٽر صاحب جنهن ڪيپ ۾ ٻنيءَ جي ڳالهه ڇوي ٿو، تنهن کان اِنڪاري نٿو سگهي سگهجي پر هر ڊاڪٽر کي اِنسان مخالف ۾ لالچي مڃڻ به ته مناسب نه آهي. ميڊيڪل ڪاليج مان سِکي ٻاهر نڪرڻ واري ڊاڪٽرن جي سموري پوک يا ميڊيڪل ڪاليج روپي ٻنيءَ جي سڄي پيداوار کي نٿو نندي سگهجي. مردي جي چير-ڦاڙ ڪئي بنا ڇا شيوا جي ڀاونا رکڻ وارا ڊاڪٽر ملي سگهن ٿا سماج کي؟ ڀلي گهٽ هجن، پر آهن نه؟

پٽ-نُنهن ڏيکاءُ ڪرڻ لاءِ، دنيا لاءِ، رسم نڀائڻ لاءِ جيترو ضروري سمجهن ٿا، ڪن ٿا. اَسان نه هونداسين تڏهن به مجبوريءَ ۾ اِهو ناٽڪ کين ڪرڻو پوندو. دل سان يا بي دليءَ سان مونکي پالي ته رهيا آهن نه؟ کين ملڪيت کان بي دخل ڪري مان فرض اَدائگيءَ کان ڇو ڀڄان؟ ڪيو هوندو سڄي عمر مون پٽ ۾ ڪٽنب لاءِ گهڻو ڪجهه. هاڻي هوُ جيترو ڪري رهيا آهن تنهنجي ڀيٽ، پڪ ئي پڪ منهنجي ڪيل سان نٿي ڪري سگهجي، پر مون اُهو ئي ته ڪيو آهي جيڪو پيءُ هئڻ جي ناتي مونکي ڪرڻ کپندو هو. مرڻ کانپوءِ منهنجي ملڪيت جيڪڏهن کين ملي ٿي ته هڪ طرح سان مان اُهو قرض لاهيندس جيڪو پٽ-نُنهن جسماني شيوا-ٽهل ڪري مون کي چاڙهيو آهي. ڀلي پنهنجائپ نه رهي هجي پر جيڪو هنن ڪيو آهي، تنهن کي درگذر ته نٿو ڪري سگهجي. برابر جيئري ڍوئي رهيا آهن، مرڻ کانپوءِ به ڍوئيندا رهن ڇا؟ نه، مان اِئين ٿيڻ نه ڏيندس. هڪ وسعيت مونکي به تيار ڪرائڻي پوندي.

D-183, Malviya Nagar, Jaipur - 302017
Mobile: 9820400325

Gul Hayat Institute

كهاڻي:

# جڏهن مان چوهٽ جو هوندس

✍ **ممتاز مهر**

هڪ پرائيويٽ فرم ۾ ٽيهه سال سروس ڪرڻ ڪانپوءِ جئڪ برگانزا کي جڏهن اوچتو ٽرمينيشن ليٽر مليو تڏهن سندس اکين اڳيان اونده ڇانئجي ويئي. ٽرمينيشن ۾ ڄاڻايل هو ته هُو ڪجهه وقت کان اڪائونٽس جي معاملن ۾ غلطيون ڪرڻ لڳو هو، سندس بي ڌياني ۽ ويسر ڪري ممڪن هو ته هُو وڏيڪ سنگين غلطيون ڪري ۽ ڪمپنيءَ کي نقصان پهچائي، تنهنڪري سندس ملازمت فوري طور ختم ڪئي وڃي ٿي.

هُو ان فرم ۾ اسسٽنٽ اڪائونٽنس طور لڳو هو ۽ ترقي ڪري ڊپٽي مئنيجر جي عهدي تي پهتو هو. فارغ ٿيڻ مهل سندس عمر پنجونجاهه سال هئي. سندس خيال هو ته سٺ سالن جي عمر تي پهچڻ ڪانپوءِ پاڻ نوڪري ڇڏي ڏيندو ۽ باقي حياتي آمريڪا وڃي پنهنجي پٽ سان رهندو جيڪو اتي سيٽل ٿي ويو هو.

نئين صورتحال مسئلا پيدا ڪيا. سندس روٽين لائيف اسٽائيل ۾ رخنو پئجي ويو. سندس وائيف ڪرسٽينا برگانزا هڪ ڪانوينٽ اسڪول ۾ ويهن سالن کان پڙهائيندي اسسٽنٽ پرنسيپال جي عهدي تي پهتي هئي. هوءَ پنهنجي ور کان ڏه سال ننڍي هئي، پر سٺي صحت ۽ پرڪشش ڇهري سبب ڪانئس ڏه سال وڏيڪ گهٽ لڳندي هئي. سندن ڌيءَ ماريا جيڪا ڪاليج ۾ پڙهندي هئي سا به شام جو ٻارن کي ٽيوشن ڏيئي گهر جي ضرورتن جي پورائيءَ ۾ هٿ ونڊائيندي هئي.

جئڪ برگانزا جي نوڪريءَ کان فارغ ٿيڻ ڪري گهر جي بجيٽ ۾ جيڪا ڪمي آئي سا آمريڪا ۾ مستقل رهندڙ سندن پٽ

Gul Hayat Institute

ٿامس برگانزا طرفان هو ٽين ٽين مهيني ڇهه سؤ آمريڪا ڊالر موڪلڻ سان گهٽي قدر بئلينس ۾ آئي، تنهنڪري جئڪ برگانزا جي بيروزگاريءَ ڪري گهر ۾ ڪو وڏو معاشي بحران پيدا ڪونه ٿيو پر جئڪ برگانزا لاءِ هاڻي هر صبح جو اُيرنڊڙ سڄ اَڪيلائيءَ جا عذاب ڪٽي ايندو هو. سندس زال صبح جو ساڍي اَٺين لڳي پنهنجي ڊيوٽيءَ تي اسڪول هلي ويندي هئي ۽ ڏيٽس ڪاليج. جئڪ گهر ۾ اَڪيلو هوندو هو. سندس ٻه ويجها دوست ٿومي مارلو ۽ جيمس اسٽيلن پڻ ورلي ساٽس ملندا هئا. سندس ننڍپڻ جو هڪ دوست پنٽو ڊيسوزا گهڻو اَڳ گذاري ويو هو. ڪو زمانو هو جڏهن اهي سڀ دوست منڊي نائيٽ گڏجي اِنجواءِ ڪندا هئا. ميرينا بار جي ڇپر تي ڊِم لائيٽ جي رِم جهم ۾ موسم آهر ڪڏهن بيئر ته ڪڏهن وسڪي يا جِن جا ڍُڪ پريندا هئا ۽ خاص ڏهاڙن جهڙوڪ ڪرسمس / ايسٽر وغيره تي ايڪشمشر هوٽل ۾ ڪيبري ڊانس ٻه گڏجي وڃي ڏسندا هئا. اُهو ١٩٧٠ کان اَڳ جو دؤر هو جڏهن ڪراچي پنهنجي جوڀن ۾ هوندي هئي. خاص ڪري صدر وارو علائقو جنهن کي شهر جي دل سمجهيو ويندو هو. صدر جي هوٽلن، بارن، ڪافي هائوسن ۽ ڪيفي ريسٽورانن ۾ رونق هوندي هئي. ڪتاب گهرن جي جاءِ تي بيوٽي پارلر ۽ سونارن جا شو روم اَڃا نه ٿيا هئا. صدر جي مينسفيلڊ اسٽريٽ جي ٻنهي پاسن ۽ اندرين گهٽين ۾ سانوري رنگت واري گوئاني ڪرسچن ڪميونٽي رهندي هئي. جنهن اُٺويهين صديءَ جي آخر ۾ گوئا کان ڪراچي اَچي وسائي هئي ۽ ڪراچيءَ جي گڏيل تهذيبي وايو منڊل کي وڏيڪ سونهن بخشي هئي. جئڪ برگانزا جي فيملي پڻ گوئائي هئي ۽ ساڳي مينسفيلڊ اسٽريٽ ۾ واقع هڪ پراڻي بلڊنگ جي هڪ فليٽ ۾ ورهين کان رهندي پئي آئي. فرق هاڻ هيءُ آيو هو ته عادت کان مجبور اڌڙوت گوئائي ليڊيون پارسي ليڊين وانگر اَڃا تائين اسڪرٽ ۽ بلائوز پهري ٻاهر نڪرنديون هيون پر ننڍيون نيٽيون

گهڻو ڪري شلوار قميص پهرينديون هيون جيئن ڪراچيءَ ۾ ١٩٧٠ ڪانپوءِ آيل ڪنزرويٽو ذهن رکندڙ ڪڇين آبادين وارن جي خونخوار يا بدنگاهه ڪان بچي سگهن.

گذريل صديءَ جي ستر واري ڏهاڪي ۾ جڏهن ڪراچيءَ جا ڪلالڪا هٽ بند ٿي ويا ته، پوءِ نه موڪي نه متارا رهيا. پوءِ ته ڪيئي ڪلبون، سئنيمائون ۽ ريسٽوران به بند ٿي ويا. باغ ۽ باغيچا هيروئنچين ۽ ڀنگين چوڙن جي ور چڙهي ويا. اَهڙي صورتحال ۾ جڏهن برگانزا جهڙا فريڊرڪ ڪيفيٽيريا يا ميرينا بار ۾ محفلون مچائيندڙ راتين جا رولاڪ وڃن ته ڪيڏانهن وڃن؟ جڏهن برگانزا جو وقت فليٽ ۾ اَڪيلو رهي سوچيندو ۽ لوچيندو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن جيڪڏهن فليٽ جي بالڪنيءَ ڪان هيٺ نهاريندو هو تڏهن ڪتارا بسن ۽ مِني بسن جي دونهين ۽ ريڙهيءَ وارن ۽ پٿاري وارن جي پيهه ۽ گوڙ گهمسان کي ڏسي فورن اُتان ڀڄي پنهنجي ڪمري ۾ پناهه وٺندو هو. اَڪيلائيءَ ۾ بيٽلز سانگس يا سٺ جي ڏهاڪي جا ٻيا مشهور اِنگلش گانا ۽ ڌنيون ٻڌي دل وندرائيندو هو يا اَگاٿا ڪرسٽيءَ جا جاسوسي ناول پڙهي، پنهنجو وقت ڪاٽيندو هو.

شايد هر ماڻهوءَ کي پنهنجي جوانيءَ وارو دور وڻندو آهي. گذريل ويهين صديءَ جو سٺ وارو ڏهاڪو خاص ڪري جڏهن برگانزا جهڙن ماڻهن لاءِ ان ڪري اَهم هو ڇو ته انهن پنهنجون قوه جوانيون ان دور ۾ گذاريون هيون. اهو ڏهاڪو بيٽلز سنگرز جي مشهوريءَ وارو زمانو هو. ٽيڊي پينٽن، پوائنٽڊ شوز ڇي گويريا جي اسٽائيل ۾ پوئٽي ڇڏيل وڏن وارن، ڳلن تائين وڌايل ڪلمن، رنگين شرٽن ۽ بشرٽن جي فيشن، سنين سئنيمائن ۾ سنڊي مارننگ شو ڏسڻ ۽ شام جو بنا ناغي ڪنهن ايراني ڪيفي ريسٽورينٽ يا ڪافي هائوس ۾ دوستن سان گپ شپ ڪرڻ جو زمانو هو. ڪراچيءَ جي ويڪرن ۽ صاف روڊن تي جڏهن ٽرام يا ڊبل ڊيڪر بس ۾ سفر ڪبو هو تڏهن

Gul Hayat Institute

واقعي لڳندو هو ته ڪراچي بمبئيءَ کان ڪنهن به ريت گهٽ ڪونهي. پوءِ آهستي آهستي ڪراچي شهر مني پاڪستان ۾ بدلجي ويو. نارٿ کان ۽ ٻاهران ڪان ڪٽڪ ماڻهن جا ڪراچي آيا ۽ اَچي ڪچيون آباديون اَڏيون ۽ ڏهن سالن جي اَندر ايشيا جو هڪ صاف سٿرو ڪاسموپوليٽن شهر هڪ وڏي ڪچي آباديءَ ۾ بدلجي ويو.

جئڪ برگانزا جي ويسر اَچا وڌڻ لڳي. پنهنجي زال کي مختلف نالن سان سڏڻ لڳو. ڏيءَ کي به ڪڏهن کهڙي نالي سان ته ڪڏهن کهڙي نالي سان سڏيندو هو. سامهون رکيل شيءِ به وساري ڇڏيندو هو. هڪڙي ڏينهن زال کي چوڻ لڳو، ”تون ڪير آهين، ڪنهن سان ملڻ آئي آهين؟“ اَهڙي حالت ۾ ڪيس ٻاهر اَڪيلو موڪلڻ ته پري رهيو پر گهر ۾ اَڪيلو ڇڏڻ به مسئلو بڻجي پيو. نيٺ ڪيس هڪ مشهور سائڪياٽرسٽ وٽ وٺي ڏيکاريو ويو جنهن چڱي طرح هن جو معائنو ڪري ڪانئس کي سوال پڇيا جنهن جا هن اڻپورا يا اُلٽا جواب ڏنا. سائيڪياٽرسٽ سندس گهر واريءَ کان کي تفصيل معلوم ڪرڻ کانپوءِ ٻڌايو ته ڪيس ’الزائمر‘ جو مرض لاحق آهي. هن چيو ته ياداشت کي ميساري ڇڏيندڙ اها بيماري جيڪا اَجا ابتدائي مرحلي ۾ هئي ڪنٽرول ۾ آڻي سگهجي ٿي پر شرط اهو ته مريض لاءِ هميشه وندريل ماحول ميسر هئڻ گهرجي. صبح ۽ شام جو ڪنهن جي ساٿ سان پارڪ ۾ هوا خوري ڪري، گهمي گهتي، خوشي ڏياريندڙ ميوزڪ ۽ گانا وڏيڪ ٻُڌي، روزانو هلڪي سلڪي ايڪسرسائيز به ڪندو رهي. ڪاڏو وقت تي ۽ هلڪي قسم جو کائي، ڪيس ڏک ۽ تڪليف واري ماحول کان پري رکيو وڃي. سڀ کان اَهم ته ڪيس سندس پراڻن ۽ ويجهن دوستن سان ڪڏهن ڪڏهن ملائبو رهجي جيئن پراڻيون دلپسند ڳالهيون ياد ڪري سندس حافظو مضبوط ٿيندو وڃي. ڊاڪٽر ڪجهه دوائون پڻ لکي ڏنيون جيڪي مريض کي ڳچ عرصي تائين ڪارائتيون هيون.



Gul Hayat Institute

صبح جو اسڪول پڙهائڻ وڃڻ سندس زال جي مجبوري ۽ ڪاليج پڙهڻ وڃڻ سندس ڌيءَ جي ضرورت هئي. ٻن پهرن جو گهر موٽڻ ۽ تڙ تڪڙ ۾ لنچ ڪرڻ ڪانپوءِ ٻيئي ڄڻيون مريض جو وڌيڪ خيال رکنديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن شام جو ٽيڪسي ڪري ڪيس سمنڊ ڪناري ٻه وٺي وينديون هيون يا وڪٽوريا گاڏيءَ ۾ چڙهي فريئر هال گارڊن، اهو هڪڙو ئي تاريخي پارڪ شهر جي خاص علائقي ۾ هجڻ ڪري، پوليس چوڪين ۽ گارڊس جي موجودگيءَ ڪري لُچن لوفرن کان بچيل ۽ فيمليز جي تفريح ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ موزون هو.

سنڊي موڪل جو ڏينهن هئڻ ڪري جئڪ برگانزا جي ننڍڙي فيملي ٻين گوئائي فيملين جيان مصروف ڏينهن گذاريندي هئي. ماءُ ۽ ڌيءُ صبح جو تيار ٿي چرچ وينديون هيون. موٽڻ مهل ڪنهن نه ڪنهن جي گهر وڃي سوشل رشتن کي مضبوط ڪنديون هيون يا پاڙي ۾ ڪنهن بيمار کي ڏسڻ وينديون هيون. باقي وقت گهر جي ڪمن ڪارين ۾ گذري ويندو هئن. ڪڏهن ڪڏهن آچر ڏينهن شام ڌاري جئڪ جو ڪو واقفڪار يا پاڙيسري ساڻس ملڻ ايندو هو. انهن موقعن تي جئڪ برگانزا گهٽ ڳالهائيندو هو. ڪڏهن ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڪو نالو يا هنڌ يا ڪا شيءِ فوري طور ذهن ۾ نه اَچڻ ڪري هڪدم ماٺ ٿي ويندو هو ۽ حيران پريشان لڳندو هو.

سيئي حيلا هلائڻ جي باوجود سندس يادداشت بجاءِ بهتر ٿيڻ جي اَجا وڌيڪ خراب ٿي ويئي. هوُ هاڻي نه پنهنجي زال کي سُڃاڻي ٿي سگهيو نه ڌيءَ کي، سڄو ووقت بت بڻيو وينو رهندو هو. هڪ ننڍڙي ٻار وانگر هاڻي سندس سنڀال ڪرڻي ٿي پيئي. ڪيس وهنجائڻ، صاف سٿرو رکڻ ٻه سندس گهر واريءَ جي ڊيوٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو. جئڪ برگانزا پيار ۾ پنهنجي وائيف کي 'ماءِ ڊيئر' ڪري سڏيندو هو. پر هاڻ اهي اَکر ٻڌڻ لاءِ ڪرسٽينا برگانزا ترسندي رهندي هئي ته ڪڏهن ٿو سندس جيون ساٿي اهي پيارا

Gul Hayat Institute

ٻول ٻولي.

اِئين ئي جئڪ برگانزا جي ست سالهين سالگره ويجهي پوڻ لڳي. سالگره ملهائڻ ڪرشچن فيمليز جي مضبوط روايتن ۾ شامل آهي. پر، جڏهن کان جئڪ برگانزا بيمار رهڻ لڳو هو، ان فيمليءَ جون سالگرهون پڻ ٻسيون ٿيڻ لڳيون، اَهڙي موقعي تي ٻين فيمليز جي ميمبرن يا دوستن کي دعوت ڏيڻ ٻه هاڻ پريشانيءَ جو ڪارڻ بڻجندو هو. جئڪ برگانزا جي ست سالهين سالگره پڻ گهر ڀاتين فقطهڪ ننڍڙو ڪيڪ ڪاٽڻ ۽ ڪنهن کي ٻه نينڊ نه ڏيڻ جو سوچي، رڳو رسم پوري ڪرڻ تائين محدود رکڻ تي چاهيو. ڇو ته هاڻي ڪين ايتري ٻه پڪ ڪانه هئي ته جئڪ برگانزا کي جڏهن سجايل ٽيبل تي ٻريل موم بتي وسائي ڪيڪ ڪاٽڻ لاءِ چيو ويندو يا اِشاري سان سمجهايو ويندو تڏهن هوُ پنهنجي سالگره کي واقعي سالگره سمجهي ائين ڪري سگهندو يا نه! ’’هيپي برٿ ڊي ... هيپي برٿ ڊي‘‘ پر ڪيئن ٿيندي اها هيپي برٿ ڊي؟ اَهڙا خيال من ۾ آڻي ماءُ ۽ ڏيءَ جا منهن لهي ويندا هئا.

جئڪ برگانزا جي ڏيءَ ماريا ان دوران ’الزائمر‘ جي مريضن بابت گهڻو لٽريچر پڙهڻ لڳي هئي. ان مقصد سان ته هن اَڀياس مان پيءُ کي ڪو فائدو ڏياري سگهجي، مثال طور هن هڪ دفعي پڙهيو ته آمريڪا جو اَڳوڻو صدر رونالڊ ريگن جيڪو ’الزائمر‘ جي مرض ۾ ورتل آهي، پنهنجي گهر واريءَ کي ٻه سُڃاڻي ڪونه سگهندو آهي، پر جڏهن سندس رنل ڏيءَ ورهين ڪانپوءِ ساڻس ملڻ آئي هئي، تڏهن ڏيءَ کي ڏسڻ شرط ريگن جي منهن تي مرڪ تري آئي هئي. فقط مُرڪ. هوُ پنهنجي ڏيءَ سان ٻه لفظ ٻه ڳالهائي ڪونه سگهيو هو. ماريا برگانزا مشهور ليکڪا آئرش مردوش جي زندگيءَ تي ٺهيل فلم ٻه ڏٺي هئي، جنهن ۾ ڏيکاريل هو ته الزائمر جي مرض ۾ ورتل آئرش مردوش جي سار سنڀال، سالن جا سال سندس مڙس ڪهڙي نه محبت سان ٿو ڪري. برطانيه جي اها

مشهور ليکڪا آئرش مردوش ان بي حالي، بي خيالي ۽ چپ چاپ جي حالت ۾ مري ٿي وڃي. ان بيماريءَ ۾ ورتل فرد ڪيئن نه رڳو پاڻ پيڙا ۾ ٿو رهي، پر سندس گهر ڀاتي به هن جي ڪري ڪيتري نه تڪليف يا پريشانيءَ ۾ گذارن ٿا. اهو انهيءَ فلم جو موضوع به آهي ته پيغام پڻ.

انهن پريشانين وارن ڏينهن دوران برگانزا فيمليءَ سان هڪ ڪايا پلٽ واقعو ٿيو. جئڪ برگانزا جي سالگره کان هڪ ڏهاڙو اَڳ شام جو ڇئين وڳي جڏهن گهر ڀاتي آرامي هئا ۽ جئڪ برگانزا پڻ پنهنجي ڪمري ۾ معمول موجب آرام ڪرسيءَ تي آرامي هو. سندس اَکيون ٻوٽيل هيون ۽ اَلاجي ڪهڙي دنيا ۾ گم هو تڏهن اوچتو سندس فليٽ جي ڪال بيل وڄڻ لڳي. ڪرسٽينا اُٿي ويهي رهي. ڊيٽس وڃي در کوليو. هڪ اڌڙوٽ پرفيشنل اَجنبي عورت کي ڏسي ڪري يڪدم چوڻ لڳي، ”اوهان شايد غلط ائڊريس تي آيون آهيو!“

”نه، مان صحيح اَئڊريس تي آئي آهيان، ڇا هن فليٽ ۾ مسٽر جئڪ برگانزا نٿو رهي. هو حيات ته آهي نه!“ اَجنبي عورت آمريڪن لهجي واري اِنگلش ۾ گهڻو اتاولو ٿي پڇيو.

”هائو ... جئڪ برگانزا ... منهنجو ڊيڊي ... اَچو اَچو. اَندر اَچو!“ ٻنهي هئنڊ شيڪ ڪيو. ان دوران ڪرسٽينا به اُٿي کڙي ٿي. آيل مهمان کي سٽنگ روم ۾ وِهاريو ويو. سيني پنهنجو تعارف ڪرايو. آيل مهمان جو نالو گوُل رتي ڪيڪائوس هو. جيڪا گذريل ٽيهن سالن کان آمريڪا جي رياست ڪئليفورنيا ۾ سيٽل ٿي ويئي هئي، جتي سندس مڙس جمشيد ڪيڪائوس جي فيملي گهڻي وقت کان بزنس جي ڪري رهي پيئي هئي. هوءَ جئڪ برگانزا سان گڏ ڪراچيءَ جي سينٽ پيٽرڪ اسڪول ۽ بعد ۾ ڊِي.جي. ڪاليج ۾ پڙهي هئي. ٻئي ڪلاس ميٽ هڪ ٻئي جي گهر به ايندا ويندا هئا ۽ فرينڊس هئا. اها فرينڊشپ شاديءَ کان اَڳ تائين قائم رهي.

Gul Hayat Institute

گوُل رتيءَ جو تعلق پارسي ڪميونٽيءَ سان هو، تنهنڪري گهڻو لبرل هوندي بہ پارسي پنهنجي ڪميونٽيءَ اَندر شادين کي ترجيح ڏيندا هئا. شادي ٿيڻ کانپوءِ ستت گوُل رتي آمريڪا هلي ويئي ۽ هاڻ ٽن ڏهاڪن کانپوءِ جڏهن ڪراچي آئي هئي، تڏهن پراڻن اسڪول ۽ ڪاليجي ساٿين جي ياد آيس ۽ ساڻن ملڻ پئي چاهيائين. جئڪ برگانزا جنهن بلڊنگ جي فليٽ ۾ رهندو هو سو ياد هيس. تنهنڪري جاءِ ڳولهڻ ۾ ڪانہ مُنجهي. جڏهن تہ صدر جي علائقي ۾ گندگي ۽ گوڙ گهمسان کي ڏسي پريشان ضرور ٿي هئي. هن جئڪ جي وائيف ۽ ڌيءَ اَڳيان اهو اِظهارڻ مناسب نہ سمجهيو تہ جئڪ ۽ هوءَ هڪ ٻئي کي پسند ڪندا هئا پر دوستيءَ جون حدون اورانگهيون ڪونہ هئائون.

گذريل صديءَ جو سٺ وارو ڏهاڪو بيٽلز جي اوج وارو زمانو هو جڏهن هر ڪنهن جوان جي چپن تي هوندو هو بيٽلز جو ڪو نہ ڪو گانو. ڪيسياد آيو تہ جئڪ خاص طور بيٽلز جو گانو ‘When I am 64’ گهڻي شوق سان ڳائيندو هو. هوءَ پڻ ساڻس سُر ۾ سُر ملائيندي هئي. جڏهن ڪيس ٻڌايو ويو تہ جئڪ برگانزا ڪنهن بہ حال يا سُرت ۾ ڪونهي. هوش حواس وڃائي وينو آهي تڏهن سندس اَکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هوءَ پوءِ اَڪيلي جئڪ جي ڪمري ۾ گهڙي. ڪڙڪ ٻڌي جئڪ اَکيون کوليون ۽ آرام ڪرسيءَ تي سِڌو ٿي وينو. هوءَ جئڪ جا هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهلي گهڻي دير تائين ڪيس تڪيندي رهي. محبت جي تندن کي ملائيندي الائجي ڪيتريون ئي گهڙيون اِئين گذري ويون. پوءِ اوچتو سندن دل اُٿل ڏني ۽ جئڪ جي اَکين ۾ اَکيون ملائي بيٽلز جو گانو، جئڪ جي پسند جو گانو آهستي آهستي جهونگارڻ لڳي.

When I get older losing my hair,
Many years from now,
Will you still be sending me Valentine?

Gul Hayat Institute

Birthday greetings, bottle of wine?
If I had been out till quarter to three.
Would you lock the door?
Will you still ennd me,
Will you still feed me?
When I am sixty four.''
(Beatle's song)

(جڏهنمان پوڙهو ٿيڻ لڳندس، وار کُسڻ لڳندا، هينئر کان گهڻا ئي سال پوءِ، ڇا تڏهن به تون مون ڏانهن محبت نالو موڪليندي رهندينءَ؟ سالگره جون مبارڪون، وائين جي بوتل؟ جيڪڏهن مان رات جي پوين پهرن تائين ٻاهر هجان، ڇا تون گهر جو در بند ڪري ڇڏيندينءَ؟ ڇا تون تڏهن به مون کي چاهيندينءَ؟ تڏهن به منهنجي پرگهور لهندينءَ؟ جڏهن مان چوهٺ سالن جو هوندس!

ڳُول رتي ڪيڪائوس، جڏهن ڳاني جي آخري سٽ ''When I am sixty four'' تي پهتي تڏهن محسوس ڪيائين ته جئڪ جي هٿن جون آڱريون سندس هٿ کي پيڪوڙي رهيون هيون. غور سان ڏٺائين ته جئڪ جو منهن جذبات ۾ ڳاڙهو ٿيندو پيو وڃي. پوءِ جئڪ جا چپ به چُرڻ لڳا. ''جڏهن مان چوهٺ سالن جو هوندس'' جئڪ جو جذبات سان ڀريل آواز ٻڌي سندس زال ۽ ڌيءَ ڪرسٽينا ماريا ڪمري ۾ ڪِهڙي آيون ۽ اَچرج ۾ اهو لقاءُ ڏسنديون رهيون. جئڪ لاڳيتو ڳاني جي اها سٽ جهونگاريندو ٿي رهيو. آيل مهمان وڏيڪ جذبات ۾ اَچي ٻيهر سُر سان اهو ڳانو ڳائڻ لڳي. جئڪ، ڪرسٽينا، ماريا سڀ ساڳئي سر ۾ سر ملائي ڳائي رهيا هئا. سڀ خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيا.

جئڪ برڳانزا جي برٿ ڊي وڏي شان سان ملهائي ويئي. هن سالن کانپوءِ پنهنجي پسند جو سوٽ پاتو هو. ان موقعي تي وڏو ڪيڪ ڪاٽيو ويو. ''Happy Birthday'' جي گونج ۽ تاڙين جي ٺهڪن

Gul Hayat Institute

دوران جاني واڪر براند وسڪيءَ جي بوتل جو ڪارڪ بہ کوليو ويو ۽ پئگ پرجڻ لڳا. ڪرستينا برگانزا کي اهي ڏينهن ياد اچڻ لڳا جڏهن جئڪ برگانزا ڊرنڪ ڪرڻ کانپوءِ زال جو هٿ چڪيندو هو تڏهن ڪرستينا کي چڙ تہ اِشارو ملندو هو تہ کين اها رات ڇپ پهرن تائين گڏجي ملهائڻي آهي. ”هاءِ ... ڇا اُهي ڏينهن ٻيهر ورڻا آهن؟“ سندس گهنجيل ۽ ميڪ اپ لڳل ڳل تي جڏهن جئڪ جا چپ لڳا تڏهن هوءَ ٻين اڳيان شرمائڻ لڳي. مهمان بہ گهٽا ئي گڏ ٿيا هئا، مڪ مهمان گوئل رتي ڪيڪائوس هئي. جنهن هڪ نهايت قيمتي واچ جئڪ کي تحفي ۾ ڏني. جئڪ اوڏيءَ مهل پنهنجي پراڻي واچ لاهي نئين واچ ڪابي ڪرائيءَ تي ٻڌي ۽ وسڪيءَ جو ڍڪ پِي ڀائڻ لڳو، ”جڏهن مان چوهٽ سالن جو هوندس!“

ജ്ഞ

---

# سنڌي ٻولي

✍ نثار کوکر

سنڌي ٻوليءَ جا رشتن وارا لفظ تہ اَسان جي گهرن ۾ تڏهن کان اُچارڻ بدليا آهن، جڏهن ماءُ جي سڳي ڀيڻ کي ماسِي چوڻ بند ڪيو ويو آهي ۽ گهرن ۾ ڪم ڪندڙ عورتون نوڪرياڻيون ماسيون ٿي ويون آهن. انهن رشتن ۾ هاڻي اَسان جي ڪا ڀاڄائي ناهي، سڀ ڀاڀيون ٿي ويون آهن. وڏي ڀيڻ يا اَدي وڏي ناهي، سڀ آپيون ٿي ويون آهن ۽ ماسيون تہ ڪم واريون ٿيون تنهنڪري اَصلي رشتن واريون ماسيون ۽ ڦُڦيون خالائون ٿي ويون آهن. اَهڙي ماحول مان پَروَرش وٺي تيار ٿيل نسل کي تہ پِت تي ريڙهيون پائيندڙ ڪِرڙِي، ڇِپڪلي ئي لڳندي.

ജ്ഞ



Gul Hayat Institute

# ناريل

✍ **ڊاڪٽر سريش ٻٻلاڻي**

”سُهڻي مليس ڪنوار لاڏو ڇو نہ مُرڪي سنهڙي مليس ڪنوار لاڏو ڇو نہ مرڪي. لاڏو ڇو نہ مرڪي، هلي ٻانهن لوڏي.“

شاديءَ جي ڇهن مهنن جي گذرڻ ڪانپوءِ منهنجي پپا جي ٻُئا جي ڳايل هن لاڏي جون لائينون منهنجن ڪنن ۾ گونجي رهيون هيون. ٻُئا اِهو لاڏو تڏهن ڳايو هو، جڏهن مان شادي ڪري گهر پونم سان گڏ پير پاتو هو. پونم سچ ۾ سُهڻي سنهڙي ۽ موهيندڙ هئي. جيون جا اَٺاويهہ سانوڻ ڏسڻ ڪانپوءِ منهنجو رِشتو پڪو ٿيو هو. ڪيڏي نہ جدوجهد ڪئي هئي ممي-پپا ۽ ٻين مِٽن مائٽن. پهرين تہ مان راضي نہ ٿئي ٿيس. پڙهائي ڪندي ڪندي پنجويهہ سال گذري ويا. تنهن ڪانپوءِ نوڪري ملي ۽ پوزيشن نهي تہ شاديءَ جي ها ڪريان. اِسڪول ۽ ڪاليج ۾ تہ مان اَوّل نمبر رهندو هوس. نوڪريءَ ۾ بہ مان پهرئين اِنٽرويو ۾ نوڪري حاصل ڪري ورتي هئي ۽ ٻن سالن ڪانپوءِ پروموشن. منهنجي نوڪريءَ تي لڳڻ ڪانپوءِ ئي منهنجي لاءِ رشتي جي تلاش شروع ٿي ويئي. جڏهن پهريون دفعو ڇوڪريءَ وارن کي پپا ڄڻي ڏني هئي تڏهن خبر پيئي تہ مان مانگلڪ آهيان. منهنجي لاءِ مانگلڪ ڇوڪري ئي ڳولهي وڃي. تلاش شروع ٿي جو پونم تي وڃي پوري ٿي. پونم سان سڱائي ٿي، اَسان جهٽ شادي ٿي چاهي پر پونم جي شرط هئي تہ پهرين اَسين هڪ ٻئي کي سمجهون، پوءِ ئي شادي ڪنداسين. اِنهيءَ لاءِ مونکي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال ڪپي.

تڪڙ مون کي بہ نہ هئي، چاهيم ٿئي تہ گهر گرهستيءَ جي چڪر ۾ پوڻ کان پهرين اَڃان ڪنهن پوزيشن کي حاصل ڪري وٺان. مون بہ چئي ڏنو نيڪ آهي، شادي هڪ سال کان پوءِ ئي ڪنداسين. ممي پپا، ڏاڏي ڏاڏيءَ کي اِهو منظور نہ هو. مون ئي

Gul Hayat Institute

ڪين سمجهايو هو، رشتو پڪو ٿيو آهي ته شادي به ٿيندي، تڪڙ ڇا جي لاءِ؟ منهنجي سوال ئي سندن کي جواب ڏيڻ ڇڏيو هو.

وقت گذرندي دير نٿي لڳي. اِنهيءَ هڪ سال ۾ مان سُٺو اووَر ڪيو ۽ هڪ آمريڪن ڪمپنيءَ ۾ برانچ مئنيجر جو عهدو حاصل ڪري ورتو. عهدي سان گڏ پئڪيج به سُٺو هو. نئين اَپائنٽمينٽ ملڻ جي پهرين خوشي مون پونم سان ونڊي هئي ۽ پوءِ اِها خبر گهر ڏني هئي. سڳائيءَ ڪانپوءِ هر شام جو آفيس ڇڏڻ ڪانپوءِ ڪمري تي پهچي چانهه جي ڪوپ سان گڏ پونم سان گپشپ ٿيندي هئي. پوري ڏينهن جا تفصيل شيئر ڪندا هئاسين. نئين ڪمپنيءَ ۾ جُوائن ڪرڻ ڪانپوءِ مون پونم سان شاديءَ جي ڳالهه ڇيڙي ته سڳائيءَ کي ڏهن مهنن ڪان مٿي ٿي ويو آهي، هاڻي شاديءَ جي تياري ڪرڻ گهرجي. پونم نان-نُڪر ڪندي رهي. هاڻي مان جڏهن به فون ڪندو هئس ته شاديءَ جي تاريخ طئه ڪرڻ لاءِ چوندو هئس. اِنهيءَ کي به مهنو گذري ويو، تڏهن به هڪ خوشنما شام جي وقت ۾ پونم شاديءَ جي تاريخ طئه ڪرڻ لاءِ ها ڪئي هئي.

مون پپا کي فون ڪري شاديءَ جون تياريون ڪرڻ جي خوشخبري ڏني هئي. خبر ٻُڌِي پپا جا ته جڻ پير ئي زمين تي نه هئا. هڪدم فون تي ئي مميءَ کي سڏ ڪندي چيائين، ”مينا او مينا ٻڌ ته ڏيرج ڇا ٿو چوي؟“ مميءَ جو آواز پريان ٻڌڻ ۾ آيو، ”مان رنڌڻي ۾ رات جي روٽيءَ جي تياري پيئي ڪريان، توهان ئي ڪٽي ٻڌايو، ته ڇا ٿو چوي؟“ ”يار ڏيرج! تنهنجي ماءُ .... ترس ... ترس ... مان رنڌڻي طرف ٿو وڃان، تون ئي ڪيس اِها خبر ٻڌاءِ.“ تئيءَ ۾ پاڇي ترڻ جي تيز آواز سان گڏ ئي مون ڪيس شاديءَ جي تاريخ پڪ ڪرڻ جي خبر ٻڌائي هئي. ”پٽ پونم ته راضي آهي نه.“ ”ها ممي هُن ها ڪئي آهي، تڏهن ئي توهان کي چئي رهيو آهيان. جلد ئي تاريخ طئه ٿي ۽ تياريون شروع ٿي ويون.

Gul Hayat Institute

هاڻي ممي پپا سان گڏ پونم کان بہ شاديءَ جي پروگرامن جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي رهندي هئي. شاديءَ کانپوءِ هنيمُون ڪٿي وڃبو، اِن لاءِ مون نيٽ تي سرچ شروع ڪري ڇڏي هئي. سرچ ڪري اِنهيءَ لاءِ پونم سان ڳالهہ ڪريان تنهن کان پهرين ئي ڪمپنيءَ جو فرمان اَچي ويو تہ توکي شاديءَ جي لاءِ صرف ڇهَن ڏينهن جي ڇُٽِي منظور ڪئي ويندي. نوڪريءَ مجبوري ٻئي گڏ ئي هلنديون آهن. پونم سان ڳالهہ ڪئي تہ جواب مليو جلدي کهڙي آهي. جڏهن وقت مليو تڏهن هلي هلنداسين. شايد پونم نوڪريءَ جي مجبوريءَ کي سمجهي چڪي هئي.

اِنتظار جون گهڙيون ختم ٿيون. بسنت پنچميءَ تي شادي ڪري پونم کي وٺي گهر پهتا هئاسين. شاديءَ جا سات سوڻ، تيل جو سات، ڏِک، پيشگو، ڦيرا بسنت پنچميءَ جي صبح کان شروع ٿي ڇٺ جي پرڀات ويلي وڃي گرهہ پرويش ٿيو. ڏتر مَئڻ کانپوءِ وري ٻُئا، ها پپا جي ٻُئا ئي لاڏو ڳايو هو، ”ڏيئڙو ٻاري آئي، هندڙو وِڇائي آئي، راڻو سُمهاري آئي هٺ سان ... موُمل ماڻان نہ ڪر مارُن سان.“

راڻو! موُمل؟ منهنجي سمجهہ کان پري جا هئا. دوستن جي شادين ۾ شامل ٿيو هُيس پر سي سڀ غير سنڌي. منهنجي دوستن جي لِسٽ لنبي نہ هئي. پر جيڪي بہ هئا سي سڀ غير سنڌي. خير، پونم کي منهنجي ننڊي پيڻ رُتوُ گهر جي مٿين ماڙيءَ تي سجايل ڪمري ۾ ڇڏي آئي هئي. آيل مهمان ڪجهہ گهر ۾ تہ ڪجهہ هوٽل ۾ وڃي آرامي ٿيا هئا. سندن ڇهري تي آيل ٿڪان صاف ڏسڻ ۾ اَچي رهي هئي. تِن بہ آرام ڪرڻ ٿي چاهيو. مان بہ اِنتظار جي گهڙين کي ختم ڪري مٿين ماڙيءَ طرف وڌي ويس. ڪمري جو دروازو ڌيري سان کوليو، ڪمرو موگري جي گلن سان مهڪي رهيو هو. موگري جا گل مونکي بيحد پسند آهن. پپا منهنجي پسند جو پورو خيال رکيو هو. سهاڳہ رات تہ پوري گذرڻ

Gul Hayat Institute

”وشواس جي لاءِ ٽائيم کپي، تون سمهي پئه، مان هيٺ پٽ تي ٺيڪ آهيان.“

سمجهڻ ۽ هاڻي وشواس. پوين ٻن ڏينهن جي ٿڪان هاڻي محسوس ٿيڻ لڳي هئي. مٿو چڪرائڻ لڳو هو. سوچ ۽ ويچار ۾ ڪڏهن مونکي اک لڳي، خبر ئي نه پئي. سُهاڳ رات هن ريت گُذرندي، مون خواب ۾ به نه سوچيو هو.

دروازي جي ڪٽ-ڪٽ تي منهنجي ننڊ کُلي. ممي آواز ڏيئي رهي هئي، ”ڌيرج پٽ، تنهنجو مامو وڃي رهيو آهي، جلدي اَچي موڪلائينس، ڪنوار کي به اُٿاري جلدي وٺي اَچ.“ ڇرڪ ڀري اُٿي وينس. پونم کي ڌونڌاري اُٿاريو ۽ مامي جي وڃڻ جي ڳالهه ڪري مان باٿروم طرف هليو ويس. ڪجهه دير ڪانپوءِ ننڍي ڀيڻ رُتوءَ، پونم کي ڪپڙا ڪڍي تيار ٿيڻ لاءِ چيو. مان پهرين ئي تيار ٿي چڪو هوس. صبح جو ناشتو تيار هو، وڃڻ وارا مهمان ناشتو پاڻي ڪري وڃڻ جي تياريءَ ۾ هئا. پونم هيٺ اَچي چڪي هئي. جنهن کي سيني سان ملائي رهي هئي. رواج موجب سيني کيس خرچي ڏيندي ”وڏڻ ويجهڻ“ جي آسيس ڪئي ۽ مان وڏڻ ۽ ويجهڻ ڪيئن ٿيندو، تنهن کي سمجهي رهيو هوس.

ٻن پهرن تائين گهر خالي ٿي چڪو هو، گهر ۾ هئي پپا جي ۽ منهنجي ٻُئا. پپا جي ٻُئا ئي وڏي واڪي چيو هو، ”اَئي ڪنوار، ڌيرج کي سڏي ڏترن اَڳيان ناريل ڀڃاءِ ته سنجها کان پهرين ڏتر پروان ڪري اَچون.“ ناريل ڀڃڻو هو، ها مهراج پاڻيءَ وارو ناريل رکائيندي چيو هو ته سُهاڳ رات ڪانپوءِ ڏترن سامهون ناريل ڀڃي ڏتر پروان ڪجو. مونکي ياد اَچي ويو، ناريل ... ڀڃڻو آهي؟ مان هيسجي ويس. ممي ڪجهه چوي انهيءَ کان پهرين مون چيو، ”ٻُئا کهڙي جلدي آهي، ڀڃي وٺنداسين ناريل. اَڄ نه ته سُڀاڻي.“

منهنجي جواب تي سڀ وائڙا ٿي ويا. مون ڳالهه کي سنڀاليندي چيو، ”مان ٿڪجي پيو آهيان، ۽ پونم جي به طبعيت

Gul Hayat Institute

اَسين گڏريل هڪ سال ۾ سمجهي نہ سگهيا آهيون.''

''ڪجهہ بہ تہ نہ سمجهيو آهي. اَڃان گهڻو ڪجهہ سمجهڻ باقي آهي.''

''پونم اَڳنيءَ کي ساکشي مڃي ڪري توسان لائون لڌيون آهن، منهنجو وشواس ڪر، توسان ڪجهہ بہ غلط مان پنهنجي حياتيءَ ۾ ٿيڻ نہ ڏيندس.''

''انهيءَ لاءِ مونکي ٽائيم کپي.''

''ڪيترو؟''

''مان چئي نٿي سگهان.'' بحث ڪندي ڪندي اَڌ کان وڌيڪ رات گذري چڪي هئي. وڏن وڏن ڪلائنٽس کي ٿوري ئي ٽائيم ۾ سمجهائڻ وارو مان پنهنجي اَرڌانگنيءَ کي سمجهائڻ ۾ ناڪامياب وڃي رهيو هوس.

بي رات جو اَڇو صبح ٿيڻ وارو هو، ٿڪجي هارجي سُمهڻ ئي بهتر سمجهيو. اَڄ بہ پونم هم بستر نہ ٿي.

صبح جو اُٿڻ سان سِر ڀاري هو، سنان ڪرڻ ڪانپوءِ بہ تراوت محسوس نہ ٿي هئي، ٻئي ڏينهن تي ڊيوٽي جُوائن ڪرڻي هئي، پروگرام موجب واپس وڃڻ جي تياري ٿي چڪي هئي. پونم کي بہ مون سان گڏ هلڻو هو. شام جي فلائيٽ هئي. شاديءَ کان اَڳ ئي ممي پپا پوني ۾ فليٽ پسند ڪيو هو، جنهن کي پوري طرح سينگاري ڇڏيو هو. شام جو نڪرڻ کان ڪجهہ پهرين مميءَ چيو هو، ''پٽ ناريل ....؟''

''ڇا ممي، ناريل ... ناريل ڪري ويٺي آهين. رکي ڇڏ، پڇندا سين ناريل کي بہ.'' منهنجي جواب ۾ چِڙچِڙاهٽ هئي. مميءَ کي شايد سمجهندي نہ سمجهڻ ٿي چاهيو. ٻيو سوال اَڃا تنهن کان پهرين ئي مون چئي ڏنو، ''ممي پيو هجي پوجا گهر ۾، مان توکي فون تي ٻڌائيندس.'' مايوُس مميءَ جي کُلهي تي هٿ رکي پپا ڪجهہ سمجهائڻ چاهيو ۽ ممي سڀ سمجهي ويئي. وقت

Gul Hayat Institute

مطابق گهر مان نڪري فلائيٽ پڪڙي پوني جي گهر ۾ پرويش ڪيو. ته سڄ لهي چڪو هو. پونم غور سان گهر کي ڏٺو. سامان ٺائينڪو ڪندي، مون ڪيس وَن روم فليٽ جو مُئاونو ڪرايو هو. ٻي-منزل جي فليٽ مان ٻاهرئين بغيچي ۾ لڳل اوپن-ايئر جِم، وڻن ٽِڙن جو نظارو سؤلائيءَ سان پسجي سگهيو ٿي. پونم کي نه رڳو فليٽ جو لوڪيشن پر سجاوت به پسند آئي. هٿ منهن ڌوئي پونم ڪِچن سنڀالي ته مون لئپ ٽاپ کولي پنهنجي ميٽنگ جي تياري ڪئي. شاديءَ ڪري ۽ وري ميٽنگ جي تياريءَ ٿڪائي ڇڏيو هو. رات جو سُني ننڊ ٻئي ڏينهن جي تازگي ڏيندي، اِهو سوچي روٽي کائي بستر داخل ٿي ويس.

صبح جو اک کلي، ڪمرو خالي ڏٺم. پونم ڪِچن ۾ لڳي ويئي هئي. رات به هوءَ اَلگ ئي سُمهي هئي. شرير جي ٿڪان ته لهي ويئي هئي، پر من اَڃان ٿڪل هو. ٻئي پاسي سوچڻ بدران مان آفيس جي ڪم جي طرف سوچڻ شروع ڪيو. منهنجي تيار ٿيڻ تائين ناشتو ۽ ٽِفن لنچ لاءِ تيار هو. پونم کي فلائنگ ڪِس ڪري مان آفيس لاءِ روانو ٿي ويس.

ڇئن ڏينهن جي ڇُٽيءَ ڪانپوءِ ساڳو ئي ٻن، اُها ئي ڪُهاڙي. گهر - آفيس - ڪم ۽ گهر جو سلسلو شروع ٿي ويو. هڪ مهنو گذري ويو هو، پر پونم جي وهنوار ۾ ڪوبه بدلاءُ نه آيو هو. رومانس ته ڇڏ هن کي پسند ئي نه هو. پيٽ جي بک لاءِ ته روٽي تريءَ تي مست ملي رهي هئي پر شرير جي بک جي ضرروت پوري ٿيڻ اَڃان باقي هئي. پونم جي رُخي وهنوار منهنجي ذهن تي اَثر وِجهڻ شروع ڪيو هو. هر ڪم کي ڪِل خوشيءَ سان نپٽائڻ واري وهنوار ۾ ڇڙڇڙاهٽ ڏسي آفيس جا دوست پريشان هئا. پنهنجي پريشاني ڪنهن سان ونڊي به نٿي سگهيس. ڇا ڪريان؟ ڇا نه ڪريان؟ مميءَ جو روز فون تي اُهو سوال، پٽ، ناريل جو ڇا ڪريان؟ ٻڌي ٻڌي پريشان ٿي چڪو هوس. منهنجي ڇڙڇِڙاهٽ تي منهنجي هڪ

Gul Hayat Institute

قريبي دوست مذاق ۾ چئي ڇڏيو، ”ياڻي ڊيرج جلد ئي دماغ جو علاج ڪرائي وٺ، ڪٿي پاڳل نہ ٿي پوين.“

دماغ جو علاج؟ ڳالھ دل ۾ چُڀي ويئي. دماغ منھنجو خراب آهي يا ٻئي ڪنھن جو؟ علاج ڪيئن ٿيندو؟ سوچيندي گھر پھچي چڪو هوس. فريش ٿيڻ لاءِ باٿروم ۾ ويس، سوچ جو سلسلو جاري هو. ويچار آيو ڇو نہ ڪنھن سائڪالاجسٽ سان ملي ذهني پريشانيءَ جو حل ڳولھي وٺان.

جلدي ٻاهر نڪتس. لئپ ٽاپ آن ڪري پوني جي سائيڪالاجسٽ جي گُوگل سرچ ڪئي. فليٽ جي ٢ ڪلوميٽرن جي دائري ۾ مسز واگھماري جي اَيڊريس ملي ويئي. ڊئل نمبر تي موبائيل ملائي، ملڻ جو ٽائيم طئہ ڪيو ويو. مسز واگھماري جو چوڻ هو تہ ٻئِي پتي-پتني گڏ اَچون. سنڊي مارننگ ملڻ جو ٽائيم طئہ ٿيو. سنڊي ڏينھن بازار گُھمڻ جي بھاني مسز واگھماري وٽ پونم سان گڏ پھچي ويس. رستي ۾ ئي ڪيس ٻڌايو هو تہ سائڪالاجسٽ وٽ هلي رهيا آهيون. ٿي سگھي ٿو تہ تو ڪان بہ ڪجھ سوال منھنجي باري ۾ پڇي، سي اُنھيءَ ڪي کولي ٻڌائج.

مسز واگھماري پھرين مون سان ڪائونسلنگ ڪئي، ڪيس سربستو حال ٻڌايو. پونم سان ڪائونسلنگ ۾ ڪيس ڪلاڪ ڪان مٿي لڳي ويو. ڪائونسلنگ ڪانپوءِ مونکي سڏ ڪندي چيو، ”مسٽر، تنھنجي اَرڌانگني اي-ليوِل جي مريض آهي. سندس ڀاوناڻون جاڳائڻ لاءِ توکي محنت ڪرڻي پوندي. ريسپانس ۾ ٽائيم لڳي سگھي ٿو ۽ سندس ويچارن تي سندس ساهيڙين جا ويچار بہ حاوي آهن. تون ڪيس رومانٽڪ پڪچر ڏيکار، اَڄڪلھ گھڻيئي ويڊيو اَچن ٿا، اُهي ڏيکارينس، رومانٽڪ جڳھين تي وٺي وڃينس، ٿورو زور زبردستي بہ ڪري سگھين ٿو. محنت ڪرڻ سان گڏ ڌيرج بہ رکڻو پوندو.“

”مئڊم، ڌيرج تہ منھنجو نالو آهي ئي، باقي محنت ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏيندس. ضرورت پيئي تہ وري توهانکي تڪليف ڏيندس.“

ڏينھن تہ شانتيءَ سان گذري ويو، اَڄ پونم جي وهنوار ۾ بدلاءُ هو. من ۾ پريل غصي جا ڀاوَ چھري تي صاف جھلڪي رهيا هئا. شام ٿيندي

Gul Hayat Institute

ٿيندي بادل ڦاٽي پيا، غصي جو غبار باسڻ تي نڪتو. روٽي نہ ٺاهي تيز مصالحي واري مڇي ٺاهي ڏني ويئي. مڇي مونکي بلڪل پسند ناهي، اُها بہ تيز مصالحي واري. غصي ۾ مون ڊش ڦٽي ڪري ڇڏي، تہ پونم جو غصي جو غبار ڦوهاري وانگر ڦٽي ٻاهر نڪتو. ڇڱي بحث هلي پر وريو ڪجھ بہ نہ. رات جو زور زبردستي مون نہ ڪئي. من ۾ ڊپ هو ڪٿي پتني منهنجي مٿان ئي رهزنيءَ جو ڪيس پوليس ۾ درج ڪرائي نہ ڇڏي. قانون بہ تہ ڪجھ اَهڙو ئي ڪورٽ پاس ڪيو آهي.

مسز واگهماري جو ٻيو نسخو آزمائڻ لاءِ مون ويڪينڊ تي گوئا ۾ سمنڊ جي ڪناري گذارڻ جو فيصلو ڪيو. سمنڊ ۾ اُٿندڙ لهرون ۽ ڪناري تي بيهي پاڻيءَ ۾ پير وِجهي وِهڻ. پاڻيءَ سان گڏ پيرن کان هيٺان جي مٽي کسڪائڻ ۽ نوجوان جوڙن جو گلي ۾ ٻانهون وجهي گهمڻ جا نظارا بہ پونم جي من ۾ رومانس جي ڪا لهر پئدا ڪرڻ ۾ پوري طرح ناڪامياب ٿيا.

زندگيءَ جي هر مقام تي فتح جا جهنڊا گهرائڻ واري لاءِ پنهنجي جيون جي رومانس واري مقام تي هار ملي رهي هئي. ڪوشش؟ ڪوشش جاري هئي. ويڊيو ڏيکارڻ مونکي اِخلاقي ٺيڪ نہ لڳو. ڪام شاستر جي ڪهڙي ڪتاب جو ڪهڙو پاٺ پڙهيو ۽ پڙهايو وڃي. جئہ گوگل بابا! جواب ملي ويو هو کجوراهو جا مندر. ٻڌو هو تہ اُتي ڪام شاستر پٿرن تي اُڪريل آهي. پوني کان کجوراهو چوويهن ڪلاڪن جو رستو سو بہ ٽئڪسيءَ ذريعي، نہ سڌي ڪا فلائيٽ، نہ ٽرين. کجوراهو جو پروگرام ٺهي ويو. مُشڪل سان گُهمڻ لاءِ پونم کي راضي ڪيو هو. شايد اِها رٿا ڪامياب وڃي! کجوراهو جي هوٽل راماڑا ۾ آن لائين ڪمرو بُڪ ڪرائي ڇڏيو هو.

کجوراهو جون غفائون ڏسڻ کان علاوه سڀ جڳهيون وشوناٿ مندر، دولاديو مندر، منڊي مندر، ورشا مندر، چتريج مندر، گائيڊ ساڻ گڏ وٺي گُهمي آيا هئاسين. ٽن ڏينهن جي ٽِرپ هئي. هتي پونم جو من ڪجھ لڳي ويو هو. ٽئي ڏينهن صبح جو تيار ٿي نڪري وياسين. پٿرن تي اُڪريل تصويرون ڏسي ڪوبہ شخص اُتيجت ٿي سگهي ٿو. پونم جي

ڇهري تي ايندڙ ويندڙ هرهڪ پاو ڪي مان پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس ته مندر جي ديوارن تي اُڪريل مورتين تي اَچرج به ڪري رهيو هوس. ڇا ته نقاشي هئي، ٻاهر ڪامديو ۽ اَندر مهاديو! اَچانڪ موسم بدلجي ويو هو. آسمان ۾ ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا هئا، ڏينهن جو ئي ڪجهه اَنڌيرو. اَچانڪ بجلي ڪڙڪي ۽ جهماجهم بارش شروع ٿي ويئي هئي. سر لڪائڻ جي ڪا جڳهه ڪانه ملي، تيز بارش ۾ اَسان پورا پِسجي ويا هئاسين. برسات رُڪڻ واري نه هئي، سر لڪائڻ لاءِ ڪا جڳهه نه هئي. پِسندي پِسندي ئي ٽئڪسيءَ طرف وڌي وياسين. پونم به پورو پِسجي چڪي هئي، ڪيس ٽڏ لڳي رهي هئي. ايتري ۾ زور سان بجلي ڪڙڪي، پونم ڏڪي ويئي ۽ مندر جي ٻاهرئين حاطي ۾ ئي مون سان چِپڪي ويئي، جنهن جو پورو فائدو مون ونڻ تي چاهيو پر ... پنهنجن جذباتن تي ضابطو رکيو ۽ ڪيس پاڪر ۾ پري ٽئڪسيءَ طرف وڌي ويس. وسندڙ برسات ۾ هوٽل جي ڪمري ۾ پهچي ويا هئاسين. ڪمري جو دروازو بند ڪري اَندر اَچي ٽُوال ڪنجو هو جو پونم ... پونم مون سان چپڪي پيئي. گذريل ڇهن مهنن کان سمنڊ جي لهرن تي لوڏا کائيندڙ منهنجو غوراب اَڄ سمنڊ ۾ ٻُڏڪي هڻي آيو هو.

موسم صاف ٿيڻ تي پهريون فون مميءَ کي ڪيو، ”ممي، پوڄا گهر ۾ ناريل هو نه ....“

”اُتي پئي پئي ڦٽي پيو هو، سڄو پاڻي نڪري ويو هوس، جنهنڪري هيئيون ڪپڙو به خراب ٿي ويو هو، مان ته ڪڍي ڦٽي ڪري ڇڏيو.“

مون کان کِل نڪري ويئي، مون چيو، ”ممي، تون ٻيو ناريل گُهرائي اَڄ ئي پوڄي ڇڏجانءِ ها، وڏي ٻُڍا کي مِٺيءَ جي سنگ سان گڏ ضرور موڪلجانءِ.“

ꕥꕥ

Gul Hayat Institute

# ڪهاڻي: ٻِي شادي

✍ گوپ گولاڻي (اِندور)

ڪاليج مان موٽندي وقت رميش کي بار بار روما جا آخرين چتاوَ وارا چيل لفظ ياد اَچڻ لڳا. روما کيس ٻڌايو هو، ”اَسين هيءُ چوريءَ چوريءَ ملڻ جو سلسلو ڪيستائين قائم رکي سگهنداسين. مون ته پنهنجن مائٽن کي اَسان جي هن رشتي جو سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو آهي ۽ کين ڪنهن به قسم جو اعتراض ڪونهي. تون به پنهنجن مائٽن سان ڳالهه چوري ڏس. جيڪڏهن انهن کي به اعتراض نه هجي ته منهنجو پيءُ جلد ئي اَچي تنهنجي پيءُ سان ملندو ۽ پوءِ پڪ پڪاڻي ٿي ويندي. جيڪڏهن تون اَڃان به دير وجهندين ته پوءِ منهنجا مائٽ ڪٿي ٻئي هنڌ منهنجو مڱڻو ڪري ڇڏيندا ۽ پوءِ اَسين هٿ هڻندا رهجي وينداسين ۽ اَسان جا سٽيل سپنا سڀ چڪناچُور ٿي ويندا.“

روما ۽ رميش هڪ ئي ڪاليج ۾ گڏ پڙهندا هئا ۽ ڪاليج ۾ ئي سندن هڪ ٻئي سان پهرين واقفيت ٿي هئي، جا وقت پڄاڻان دوستيءَ ۾ بدلجي ويئي ۽ دوستي پيار ۾. هاڻي هوُ هڪ ٻئي کي چاهڻ لڳا هئا ۽ ٻنهي هن چاهت کي شاديءَ ۾ بدلي سکي جيون ٿي گذارڻ چاهيو.

روما جيترو کليل دماغ ۽ همٿ واري هئي، رميش اوترو ئي شرميلو ۽ لڄارو هو. روما جي بار بار سمجهائڻ تي به هوُ پنهنجي مائٽن سان روما سان پيار ٿي وڃڻ جي ڳالهه چوري نه سگهيو هو. کيس هميشه ان ڳالهه جو خوف رهندو هو ته سندس مائٽ کيس غلط نه سمجهي ويهن. ليڪن اَڄ روما جي آخرين چتاوَ سبب هن ۾ ڪجهه همٿ اَچي ويئي ۽ ان ئي رات جو ڊنر ٽيبل تي هن پنهنجي مائٽن سان هيءَ ڳالهه چوري وِڌِي. هن پنهنجي پيءُ ڏانهن منهن ڪري چيو، ”ڊئڊي، روما بيحد ئي سٺي ڇوڪري

Gul Hayat Institute

آهي ۽ سني خاندان جي آهي.“

رميش جي هيءَ بي تُڪي ڳالهه ٻُڌِي نارائڻداس عجب مان رميش ڏانهن نهاريندي پڇيو، ”هيءَ تون ڪنهن جي ڳالهه ڪرين ... روما سني آهي، اِهو ڄاڻي اَسين ڇا ڪنداسين ...!“

رميش گلاس مان پاڻيءَ جو ڍُڪ پريندي ۽ هٻڪندي چيو، ”روما اَسان جي ڪاليج ۾ پڙهندي آهي ...“

”... سو ڇا ٿي پيو؟ تنهنجي ڪاليج ۾ ٻيون به ته ڇوڪريون پڙهنديون هونديون ...“ نارائڻداس ڪيس وچ ۾ ئي ڪٽيندي چيو.

”ها ... پر ...“

”پر ڇا؟ کولي ڇو نٿو ٻڌائين ....؟“

”ڏئڊي ... روما ۽ مان هڪ ٻئي سان پيار ڪندا آهيون ۽ اَسين توهان جي مرضيءَ سان شادي ڪرڻ ٿا چاهيون ...“ رميش تڪڙ تڪڙ ۾ هي سڀ ڇئي ويو ڄڻ ڪو بيت ٻڌائيندو هجي.

نارائڻداس کي کِل اَچي ويئي ۽ رميش جي مميءَ پڻ کِلي ڏنو. نارائڻداس چيو، ”ته ان ۾ شرمائڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي ... تو ته هٿان اَسان جي تڪليف گهٽائي ڇڏي ... تو پاڻ ئي ڇوڪري چونڊي آهي، اِهو ته تمام سٺو ٿيو، ليڪن مان ڇوڪري ڏسڻ ۽ ملڻ کان اَڳ ’ها‘ نه ڪندس.“ رميش جي مميءَ پريما به وچ ۾ ڇئي ڏنو، ”مان به ته ڏسان ته ڇوڪري ڪيئن آهي ۽ ڪهڙي آهي.“

نارائڻداس به پريما سان سهمت ٿيندي چيو، ”پريما ٺيڪ ٿي چوي. تون هڪ ڏينهن روما کي اَسان جي گهر وٺي اَچ ۽ اَسين ساڻس ملي پوءِ ڪنداسين ته توکي ڇا ڪرڻ گهرجي.“

ٻئي ڏينهن جڏهن رميش روما کي پنهنجي گهر وٺي آيو ته روما اِئين محسوس ڪرڻ لڳي ڄڻ ڪو امتحان ڏيڻو هجيس ۽ اِڇهو ٿو سوالن جو حملو شروع ٿي وڃي.

پهريون تير نارائڻداس ئي ڇوڙيو. پڇيائين، ”تنهنجو نالو روما آهي، سو ته رميش ٻڌايو آهي، ليڪن تون پنهنجن مائٽن

Gul Hayat Institute

بابت ڪجهه ٻڌاءِ ....‘‘

روما ٻنان جهجهڪ جي چيو، ’’منهنجي ڏاڏيءَ جو نالو ڌرمداس ڪوڏناڻي آهي ۽ هو هڪ سرڪاري بئنڪ ۾ آفيسر آهي. اسين هت گذريل پنجن سالن کان رهندا آهيون. مان مائٽن جي اڪيلي ڌيءَ آهيان.‘‘

نارائڻداس ڪجهه سوچيندو رهيو ۽ پوءِ پڇيو، ’’توهين هن کان اڳ جبلپور ته ڪونه رهندا هئا؟ ڌرمداس ڪوڏناڻي ڪجهه واقف نالو ٿو لڳي.‘‘

’’ها، اسين ڪجهه وقت جبلپور ۾ به رهندا هئاسين ۽ تنهن کانپوءِ جڳهه جڳهه جون بدليون ڪائي هت آيا آهيون.‘‘ روما بيحد نهٺائيءَ سان جواب ڏنو.

’’توکي ڪڏهن ڪئنسر جي بيماري ٿي هئي ڇا؟‘‘ نارائڻداس اچانڪ پڇيو. هن اوٽ پٽانگ سوال تي رميش کان چرڪ نڪري ويو. هن نه ٿي چاهيو ته نارائڻداس اهڙي قسم جا سوال روما سان ڪري، ليڪن هو ڪجهه به ته نه ٿي سگهيو. ليڪن روما کي سوال جو جواب ڏيڻ ۾ ڪابه دقت ڪونه ٿي. هن چيو، ’’ها، مون پنهنجي مائٽن کان ٻڌو آهي ته جڏهن مان ٽئن سالن جي هيس ته مون کي ڪئنسر جي تڪليف ٿي هئي ۽ شايد بچڻ جي اميد به ڪونه هئي. ليڪن ترت ۽ صحيح علاج ملي وڃڻ ڪري، مان نيڪ ٿي ويس ۽ بچي ويس ... ليڪن توهان کي هيءَ ڳالهه ڪيئن معلوم ٿي؟‘‘

نارائڻداس مشڪندي چيو، ’’ڌرمداس ڪوڏناڻي ۽ روما جو نالو ٻڌي مون کي ماضيءَ جون ڪجهه ڳالهيون ياد اچي ويون. تڏهن اسين به جبلپور ۾ رهندا هئاسين ۽ مان ان اسپتال ۾ ئي نوڪري ڪندو هوس جتي علاج لاءِ توکي داخل ڪرايو ويو هو.‘‘

ان ڳالهه تي بين سيني به کِلي ڏنو. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ کانپوءِ ۽ چانهه ناشتو ڪرڻ کانپوءِ روما جڏهن موڪلائي پنهنجي گهر لاءِ رواني ٿي ويئي، تڏهن نارائڻداس

Gul Hayat Institute

رميش کي سامهون ويهاريندي چيو، ”رميش، تون هي ڇا ٿو ڪرين؟ روما جي تہ اَڳہ ئي شادي ٿيل آهي!“

رميش بي اعتباري ڏيکاريندي چيو، ”ڏڏي، توهين هي ڇا پيا چئو؟ مان تہ روما کي هيترن سالن کان سُڃاڻان، هيءُ ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟“

پريما بہ عجب ڏيکاريندي چيو، ”هاءِ توبهہ! روما اَڳہ ئي شادي ڪيل آهي!! اَڄڪلهہ تہ ڪنهن تي بہ وشواس ڪرڻ جو زمانو ئي ناهي!!“

”ليڪن ڏڏي، توهين هي ڪيئن ٿا چئو تہ روما اَڳہ ئي شادي ڪيل آهي؟ توهان وٽ اِن ڳالهہ جو ڪوئي ثبوت آهي؟“ رميش آواز ۾ پنهنجي بيصبري ڏيکاريندي چيو.

نارائڻداس ڪجهہ کِلندي ٿهڪ ڏيندي چيو، ”ثبوت جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ مون سان ئي تہ سندس شادي ٿي هئي. ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو.“

پريما ۽ رميش هڪ ئي وقت پڇي ويٺا، ”توهان جي روما سان شادي! هي توهين ڇا پيا چئو؟ اَسان کي تہ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اَچي.“

”توهين بہ سڀ سمجهي ويندا، جيڪڏهن صبر ڪري ويهي منهنجي ڳالهہ ٻڌندا ...“ نارائڻداس اَڃا بہ کلندي چيو.

ڪجهہ وقت جي شانت کانپوءِ نارائڻداس چيو، ”هيءَ تڏهن جي ڳالهہ آهي جڏهن مان جبلپور جي سنجيوني اسپتال ۾ نوڪري ڪندو هوس. تڏهن منهنجي پريما سان شادي ٿي چڪي هئي ۽ تون پنجن سالن جو ٻار هئين. هڪ ڏينهن ڪئنسر جو هڪ سيريس ڪيس اَچي ويو. مريض هڪ معصوم ٻار روما هئي، جنهن جي عمر ان وقت چار سال ئي هئي. ڊاڪٽرن جاچ پڙتال ڪرڻ کانپوءِ ٻڌايو تہ ڪئنسر روما جي شرير ۾ ڪافي حد تائين ڦهلجي چڪي هئي ۽ بچڻ جو امڪان ففتي ففتي هو. آپريشن کانپوءِ ٻئي علاج سان گڏ ان ٻار کي ڪيموٿيريپي پڻ هر هفتي ڏيڻي هئي. روما هوندءَ تہ



Gul Hayat Institute

کيموٿيريپيءَ لاءِ بيحد آناڪاني ڪندي هئي ۽ اسپتال جو نالو ٻڌي ڀڄي ڀڄي ويندي هئي. پر جڏهن کان مون سندس ڪيموٿيريپي ڪرڻ شروع ڪئي تڏهن کان هوءَ خود ئي مائٽن کي اسپتال اچڻ لاءِ چوندي هئي ۽ مون کان ئي ڪيموٿيريپي ڪرائڻ جو ضد ڪندي هئي. ٿوري ئي وقت ۾ منهنجو به هن ڇوڪريءَ روما سان موهه ٻڌجي ويو ۽ اسين هڪ ٻئي جا گهرا دوست بڻجي پياسين. ريجهائڻ لاءِ مان کيس قسمين قسمين جا رانديڪا آڻي ڏيندو هوس ۽ کيس نيون نيون ڪهاڻيون ٻڌائي خوش ڪندو هوس. مقرر ڏينهن تي جيستائين هوءَ اچي، مان به سندس واٽ پيو نهاريندو هوس. مون کي به ائين لڳندو هو گويا روما سان منهنجو ڪو روحاني سنبنڌ ٿي ويو هجي.''

''ليڪن هن ننڍڙي ٻار سان توهان شادي ڪئي، سا ڳالهه ته اسان جي سمجهه ۾ ڪونه ٿي اچي. ڪير اعتبار ڪندو؟'' پريما نارائڻداس کي وچ ۾ ئي روڪيندي چيو.

''ڳالهه اصل ۾ هيئن هئي ته هڪ ڏينهن ڌرمداس اچي ٻڌايو ته سندن گهر ۾ سندس ننڍيءَ ڀيڻ جي شادي ٿيڻي هئي، جنهن جي ڪارڻ ۾ هو بلڪل ئي رُڌل رهندا. روما کي جڏهن هن ڳالهه جي ڄاڻ پيئي ته هوءَ به ٻاراڻو ضد ڪري ٻهي رهي ته مان به شادي ڪندس ۽ سا به مون سان! اسان کيس گهڻو ئي سمجهايو ۽ لالچون ڏنيون ته تون اڃان ٻار آهين ۽ ٻار شادي ڪونه ڪندا آهن. ليڪن روما سمجهي ڇو ٿي؟ نه رڳو هن دوائون وٺڻ بند ڪري ڇڏيون بلڪ ڪيموٿيريپيءَ لاءِ به جواب ڏيئي ٻهي رهي. ٻار جي اهڙيءَ خواهش تي اسين کلون ته پيا پر روما کي ڪهڙيءَ به طرح راضي نه ڪري سگهياسين. ليڪن علاج ته چالو رکڻو هو ورنا وڏو نقصان ٿي ٿي سگهيو. انڪري ڊاڪٽرن صلاح ڏني ته ٻار جي ٻاراڻي خواهش ڪنهن ٻاراڻي نموني پوري ڪئي وڃي جيئن علاج ۾ ڪنهن به قسم جو رخنو نه پوي، ورنا ڪجهه به ٿي ٿي سگهيو.

''... ۽ توهان هن سان شادي ڪري ڇڏي ...!'' پريما اچرج

Gul Hayat Institute

مان پڇي ويني.

”اِها ئي تہ مزي جي ڳالھ آهي! اَناويهن سالن جو گھوٽ ۽ چئن سالن جي ڪنوار! اسپتال جي اسٽاف روما جي گھر وارن سان ملي ڪري ڏوم ڏام سان شادي ڪرائي. اسپتال جي هڪ ڪمري کي گلن سان خوب سينگاريو ويو، ڪنوار کي نوان ڪپڙا پائي تيار ڪيو ويو ۽ سرجيڪل ماسڪ کي نقاب بڻائي ڪنوار جو منهن ڍڪيو ويو. ان کانپوءِ مان گھوٽ بڻجي ان ڪمري ۾ گھڙيس ۽ اَسان ٻنهي هڪ ٻئي کي هار پاتا ۽ هڪ ٻئي کي منڊيون پائي شاديءَ جي رسم اَدا ڪئي.“ نارائڻداس چيو ۽ پوءِ پنهنجي هٿ جي طرف اِشارو ڪندي چيو، ”ڏسو، هيءَ مُنڊي انهيءَ شاديءَ جي نشاني آهي.“

پريما ۽ رميش ڄڻ ڪنهن جادوءَ جي اَثر هيٺ وات ڦاڙي هڪا ٻڪا ٿي ڏسندا رهيا. تڏهن نارائڻداس وري چيو، ”هن ڳالھ جو شهر ۾ ايترو تہ چوٻولو ٿيو جو شاديءَ جو وڊيو سوشل ميڊيا ۽ ٽي.ويءَ تي بہ ڏيکاريو ويو جو ڪروڙين ماڻهن ڏسي جوڙي کي واڌايون ڏنيون.“

”ليڪن هيءَ ڳالھ تہ توهان ڪڏهن بہ مون کي ٻڌائي ڪونهي.“ پريما ڪجھ ناراض ٿيندي چيو.

”اِهو اِنڪري جو مون سمجھيو ٿي تہ تون ان شاديءَ لاءِ نہ تيار ٿيندينءَ، نہ ئي پنهنجي منظوري ڏيئي سگھندينءَ ۽ ڪٿي ڪو اڙنگو نہ لڳائي ڇڏين، انڪري هيءَ ڳالھ مون ڪڏهن بہ تو سان ڪونہ ڪئي آهي.“ نارائڻداس ڪجھ گنڀير ٿيندي چيو، ”ليڪن توهان کي ڇا ٻڌايان، هن شاديءَ کانپوءِ روما ايترو نہ خوش ٿي جو دوائن تڪڙو اَثر ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪجھ ئي ڏينهن ۾ هوءَ چڱي ڀلي ٿي پيئي ۽ ڪيس اسپتال مان ڊسچارج ڪري گھر موڪليو ويو.“

”پوءِ تہ ڊئڊي توهان شادي شده هوندي بہ ٻي شادي ڪرڻ جو گناه ڪيو آهي.“ رميش گنڀير ٿي چيو.

”بلڪل ئي نہ ...“ نارائڻداس محڪم اِرادو ڏيکاريندي چيو،

Gul Hayat Institute

## ڪهاڻي: اَڪيلائيءَ جو ساٿ

✍ قاضي خادم

سخت سرد شام هئي، جيڪا تيزيءَ سان رات جي پاڪر ۾ گُم ٿيڻ جا جتن ڪري رهي هئي. گرم ڪپڙا ۽ مٿي ۾ ٽوپي ۽ مفلر ٻِڇيءَ ۾ پاتل هوندي به سيءُ بدن ۾ اَندر گِهڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. حالانڪ ڪار ۾ ويهڻ ڪانپوءِ سيءَ جو زور نه ٽُٽي ويو هو، پر ڪن اَڃان به ٿڌا ٿي لڳا. مون ڪنن کي هٿن سان مَهِٽي گرم ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي ۽ جلد ئي ڪار مچ ڪچهريءَ واري هنڌ پهچي ويئي، جتي اَسان کي دعوت ڏئي گُهرايو هئائون.

هن مچ ڪچهريءَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ منهنجو دوست علي مدد به ڪراچيءَ مان کهي آيو هو ۽ مون سان گڏ ڪار ۾ آيو هو. هو جو ڪراچيءَ مان آيو هو، تنهنڪري ڪجهه ٿڪل به پئي لڳو ۽ ڳالهايائين به گهٽ پئي ورنه هن جي ڳالهائڻ جي رفتار ڪنهن جيٽ جهاز جي رفتار کان گهٽ نه هوندو آهي. هو نه صرف تيز رفتاري سان ڳالهائيندو آهي بلڪ راه ۾ هر ايندڙ ويندڙ جي ٽوپي لاهڻ ۾ به دير ڪونه ڪندو آهي. مون هن کي خاموش ڏسي سک جو ساه کنيو هو. ڇو جو مون کي سيءَ ڏاڍو تنگ ڪيو هو ۽ ٻيو ته هِن شهر ۾ منهنجي هڪ پياري هستي به رهندي هئي، جنهن کي مون ٻُڌايو هو ته شام جو آءٌ سندس ئي شهر ۾ هڪ مچ ڪچهري ۾ پيو اَچان، ليڪن توکي رُڳو ياد ڪري سگهندس. انڪري جو سندس ڏس پَتو مونکي معلوم ڪونه هو.

مچ ڪچهريءَ واري هنڌ اَسان جي سُني آجيان ٿي ۽ اڱڻ ۾ ٻرندڙ وڏي مچ جي چوڌاري اَسان کي ڪرسيون وِڇي ڏنائون. مون به مفلر ڪنن کي ويڙهي هٿ ٻرندڙ باه

Gul Hayat Institute

تي سيکڻ شروع ڪيا. مڇ جو جو وڏو هو ۽ تمام گهٽيون ڪاٺيون ٻري رهيون هيون، تنهنڪري مون ڪرسي ٿوري سيري پنيان ڪئي ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳس، جتي پري پري تائين گلم ۽ غاليچا وڇايا پيا هئا ۽ چڱا خاصا ماڻهو ات وينا هئا، جن کي پري کان ئي ڪيڪار جو جواب، دل تي هٿ رکي پئي ڏنوسين.

پٽ تي چوڏاري سِرُن جو وڏو چلوه ناهي، وچ ۾ ڪاٺين کي ٻاري مڇ مڇايو ويو هو ۽ اَجان چو جو ڪچهريءَ ۾ دير هئي ۽ مهمان آيا پئي، تنهنڪري ڪيڪارڻ مان ئي پئي ڪم ورتوسين ۽ ايندڙ واقف چهرن سان ملندا رهياسين، جيڪي پڻ مڇ جي پرسان ڪرسين تي ويهندا ويا ۽ لڳا پنهنجا هٿ ۽ مُنهن سيکڻ.

مڇ جي باه جي به پنهنجي خوبصورتي آهي. اها باه جيڪا هڪ ڳوٺ کي ساڙڻ لاءِ ڪافي هجي. سخت سياري جي ڪري هڪ محبوبه جيان لڳي رهي هئي، جنهن جي جسم جي گرمي اَسان جي جسم ۽ جذبات کي گرمائي رهي هئي. ان وقت منهنجي نظر هڪ اٻالي نندي عمر جي ڇوڪري تي پئي جيڪو ڏسڻ ۾ ئي غريب ٿي نظر آيو ۽ باه جي ويجهو اِئين ليٽيو پيو هو جيئن ٻلي چلهه جي پاسي ۾ اَچي سُمهندي آهي. اَجان آءُ هن کي ڏسڻ ۾ لڳو پيو هئس ته مونکي موبائيل تي پنهنجي ان پياري هستيءَ جو ميسيج آيو، ’واه، توهين ته منهنجي سامهون ويٺل آهيو؟‘‘ مون هيڏانهن هوڏانهن نِهاريو، پر رات پنهنجا پر پکيڙي چڪي هئي ۽ اُت ايتري ته روشني هئي جو ٻاهر سڀ گهر اونداها لڳي رهيا هئا، تنهنڪري ڪجهه ڏسي نه سگهيس پر دل ۾ خوشيءَ جي عجيب لهر اَچي وئي جنهن جڻ ته اَندر ۾ روشني پکيڙي ڇڏي.



Gul Hayat Institute

”مونکي کھڙي خبر تہ توهان هتي پيا اَچو؟“ وري ميسيج آيو.

”آهين ڪٿي؟“ مون بہ جواب ڏنو.

”توهانکي تہ آئون ڏسان پئي.“ جوابي حملو ٿيو.

مون کي باھ جي شعلن جي تپش ڪرسي کي اتان هٽائڻ تي مجبور ڪيو. ڏٺم تہ اهو اٻالو ڇوڪرو بہ باھ کان سري ٿورو پوئتي ٿيو. هن جي پير ۾ اَڇن اجرن ڪپڙن ۽ چمڪندڙ ٽوپين وارا ڪيترا ٻار ڪتمنڙا ڪائي رهيا هئا ۽ هٿن ۾ ڦوڪٽا ڪنيو خوش خوش هتان ڪان هُتي پئي هليا.

وري ميسيج جو Tune وڳو، ”مونکي ڏاڍو مزو پيو اَچي، توهان کي پنهنجي ويجهو ڏسي.“ هن جي آواز مان موتئي جي هبڪار پئي آئي. حقيقت ۾ آنءُ بہ هن کي پنهنجي ويجهو محسوس ڪري ڏاڍو خوش ٿيو هوس، پر ڏسي ڪونہ ٿي سگهيوسانس، ان جو اَرمان هئم.

منهنجو دوست منهنجي فون تي ميسيج اَچڻ مان سمجهي ويو تہ ضرور ڪو ايترو ويجهو دوست آهي، جيڪو بار بار پيو ميسيج ڪري، تنهنڪري هو مون ڏانهن شرارتي نگاهن سان ڏسي رهيو هو. ليڪن منهنجي ڌيان وري ان ڇوڪري ڏانهن پئي ويو، جيڪو هاڻ اتي هيڏانهن هوڏانهن اَجنبي نظرن سان ڏسي رهيو هو. اوچتو لائوڊ اسپيڪر تي صوفياڻو ڪلام ۽ موسيقي شروع ٿي ويئي تہ هُن ڇوڪري بہ بي اختيار هڪ اَلبيلو ناچ شروع ڪيو. هن جو اهو ناچ بلڪل اِئين ٿي لڳو، جيئن تيز هوا ۾ وڻن جون ٽاريون پاڻمرادو لڏڻ لڳنديون آهن ليڪن جلد ئي هو وري هيڏانهن هوڏانهن نهاري سانت ٿي ويو ۽ ٻانهن ڪنڌ جي هيٺان رکي پٽ تي ليٽي پيو. ايتري ۾ مون کي وري ميسيج آيو، ”مون ڳجرن جو حلوو ٺاهيو آهي.“ مون جواب ۾ لکيو، ”تہ موڪلي ڏي.“ ڇوڪرو وري اُٿي وينو ۽ ڏٺم تہ هن هڪ همراھ کي سگريٽ پيئندو ڏسي زخمي

Gul Hayat Institute

نگاهن سان هڪ ڦوڪ پرائڻ جو اِشارو ڪيو ليڪن هن همراه ڏيان ئي ڪونہ ڏنو، جنهن تي منهنجي دوست چيو، ”يار هي پڪ ڪو نشي تي هِريل آهي، ويچاري کي ڪو ڦوڪ ڪٽي پرائي.“ پر مون ڏنو تہ هن ڏانهن ڪنهن بہ ڪونہ ٿي ڏنو جڻ تہ هو صرف اَسان ٻن ڄڻن کي نظر اَچي رهيو هو. ان وقت مونکي هُن جي اَکين ۾ چمڪ نظر آئي، جيڪا هن جي ڳوڙهن کي ظاهر ڪري رهي هئي.

”توهين ڇو چُپ ٿي ويا.“ ميسيج آيو.

”توکي پيو ڏسڻ جي ڪريان، پر هتي هڪ مسڪين ڇوڪرو ويٺو آهي، جنهن کي اَهڙي سيءَ ۾ بلڪل ناڪافي ڪپڙا پِيَل آهن، ان کي پيو ڏسان.“ مون جواب ۾ لکيو.

”ها، اهو تہ مستانو آهي. هتي ڳِهٽيءَ ۾ پيو هلندو آهي.“

جوابي ميسيج آيو، جنهن مان همدرديءَ جو ڏيک پئي آيو.

”هي معصوم ڇوڪرو، ڇو اِئين لاوارث ٿيو پيو هلي.“ مون سوال لکي موڪليو.

”اهو تہ آهي اِئين، مون تہ ڪڏهن هن سان ڪنهن کي ڳالهائيندي ڪونہ ڏنو آهي. شايد مجذوب آهي.“ جواب مليو.

مجذوب، ڇا مجذوب اِئين هوندا آهن. مون سوچيو. ڪيترا وڏا نالا ذهن تي تري آيا، جيڪي مجذوب هئا ۽ هنن جي پويان لکين ماڻهو هئا تہ پوءِ هي مجذوب اِئين اَڪيلو؟ منهنجي دل پرجي آئي. اِئين بہ ڪو اَڪيلو هوندو آهي؟ ڇا هي ڪنهن سيءَ يا اُس ۾ يا ڪنهن رڪشا يا ڪار جي هيٺان اَچي اِئين گمنام مري ويندو ۽ پوءِ هن جي پويان ماڻهو قبر ناهي ان تي عرس ڪندا!

ايتري ۾ اهو ڇوڪرو غائب ٿي ويو، خبر ناهي ڪيڏي

Gul Hayat Institute

مهل هليو ويو. هتي فنڪشن شروع ٿيو. تقريرون ٿيون، چانهہ ۽ چِڪن سوُپ جا دؤر هليا ۽ مونکي لمحي لمحي جا ميسيج ايندا رهيا. اِسٽيج تي سڀ ڇا ڇئي رهيا هئا، اهو سڀ ڇڻ بي جانِ تي ويو هو. تيز روشنيءَ وارا بلب جهڪا ٿي ويا هئا، باه جو مڇ بہ پنهنجي سونهن وڃائي چڪو هو.

هو ڇوڪرو ڇا ويو ڇڻ تہ اتان سڄي سونهن ۽ دلچسپي بہ ڪٽي هليو ويو هو.

اَسين ڪچهري جي پڄاڻي تي اِسٽيج تان لهي واپس ڪار ۾ ٿي چڙهياسين تہ وري ميسيج آيو، ”آنءُ توهان کي ڪار وٽ پئيِ ڏسان.“

”ڪٿان؟“ جواب ڏنو.

”گهر جي رنڌڻي جي دريءَ مان، ڪاش توهان مون وٽ اَچو ها.“

هن ميسيج ۾ مونکي درد جو هڪ درياه نظر آيو، جنهن جي ٻئي پاسي اهو اَجنبي، مجذوب ڇوڪرو بہ نظر آيو، جيڪو آلين اَکين سان، سرديءَ کان لاتعلق ٿيو اُگهاڙي آسمان ۾ نهاري ڪجهہ ڳولهي رهيو هو. ان وقت گاڏي اَسان کي واپس وٺي وڃڻ لاءِ اَچي بيٺي ۽ منهنجي دوست چيو، ”توهين اَڳين سيٽ تي ويهو.“ پر منهنجون اَکيون هن ڇوڪري ۾ کُتل هيون، جيڪو صرف پنهنجو پاڻ ۾ گُم هئو ليڪن لڳو ٿي تہ ٻين ماڻهن کي بہ هو نظر ڪونہ ٿي آيو، انڪري جو ڪنهن بہ ماڻهوءَ نہ هن کي ڪجهہ چيو ٿي، نہ ئي ڪو هن جي اتي هجڻ تي ڪنهن کي اعتراض ٿي لڳو.

”آنءُ ڏسان پئيِ، توهين هاڻ گاڏيءَ ۾ پيا چڙهو.“ موبائيل تي ميسيج آيو. ”پر تون ڪٿي آهين؟“ مون جواب لکيو. ان ڪري جو ان روشن جڳهہ کان ٻاهر تہ رڳو اوندهہ ٿي نظر آئي. برابر کي دريون ڪليل بہ هيون جن مان لائيٽ ليڪا پائي رهي هئي پر هوءَ نظر ڪونہ ٿي آئي.



Gul Hayat Institute

مون گاڏيءَ ۾ ويهڻ کان اڳ وري مُڙي ڏٺو ته جيئن ڏسان ته اهو ڇوڪرو هاڻ چا پيو ڪري، ليڪن هو وري غائب ٿي چڪو هو. هن هيڏي ساري هجوم ۾ نه ڪنهن هن کي سندس موجودگيءَ جو اَحساس ڏياريو هو ۽ نه هن ئي ڪنهن سان ڪو لفظ ڪُڇيو هو. بس هڪ دفعو ڪِليو هو. هڪ دفعو بي اختيار موسيقيءَ تي رقص ڪيو هئائين ۽ هڪ دفعو اَکين سان هيڏانهن هوڏانهن نِهاري آسمان ۾ اَکيون وِڌيون هئائين.

مون محسوس پئي ڪيو ته ايڏي ساري هجوم ۾، جتي مون پاڻ کي اَجنبي پئي محسوس ڪيو ليڪن موبائيل جي چند ميسيجز مونکي جڻ هن ماڳ سان ملائي ڇڏيو هو، اُت هڪ اَڪيلو ۽ اپالو ننڍڙو ڇوڪرو پاڻ کي ان ماحول ۾ ڪيترو نه اوپرو سمجهي رهيو هوندو جنهن جي اِظهار جي به هن ۾ سمجهه نه هئي. صرف پنهنجو پاڻ ۾ گُم هئو، پنهنجي وجود جي گرميءَ سان ئي ايڏي سخت سرديءَ ۾ پئي هليو يا شايد آسمان ۾ نِهاري تارن مان گرمي حاصل ڪرڻ جي سگهه هئس. اهو سوچيندي سچي وات مونکي اهو محسوس ٿيندو رهيو، ڄڻ ته آنءُ اتي پنهنجو ڪو جذبو وڃائي آيو هجان. ڪو پلي هن ڏانهن نِهاري ها يا نه، مون ته هن کي ڏٺو پئي، پوءِ مون ڇو نه پنهنجي ڳلي جو مفلر لاهي هن جي ڳِچيءَ ۾ وِڌو!

هاڻ وري ڪڏهن اَهڙي سرد رات ۾ اَهڙو جشن به ٿيندو جت، اَسين گرم ڪپڙن ۾ گُم، باه جي چوڌاري ويٺا هونداسين ۽ هڪ غريب معصوم ٻار جنهن جي قميض ۾ بٽڻ به نه هجن، پير به اُگهاڙا هجن، بنا ڪو سرديءَ جو اَحساس رکندي منهنجي سامهون ايندو ۽ آنءُ پنهنجو ڪوٽ يا مفلر لاهي هن جي ڳچيءَ ۾ وجهندس. جيئن هن ۾ اهو اَحساس پيدا ٿئي ته هن کي به ڪو ٻُڌڻ وارو آهي. ڪو محسوس وارو آهي!

ᴤ❧



Gul Hayat Institute

کهاڻي:

# اولڙا

✍ **وريام سنگهه سنڌو**

سنڌيڪار : **ديوي ناگراڻي**

منهنجي ٻچڙيءَ دادي اَمان کان کهڙو ٻاراڻو سوال پڇيو هو. ٻاراڻو ئي تہ هو سوال، ٻار کِل کِل ڪري کِلي پيا. سياڻا چُپ ۽ گُم سُم ڏسڻ ۾ تي آيا.

ٻڌا ماءُ پيءُ منهنجي نندي پاءُ وٽ ٻاهر ٻنين ۾ ڪوٺي تي رهندا هئا. اَسان ٻئي ٻارن سميت ڳوٺ واري مڪان ۾ ئي رهيل هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن اَمان، ڳوٺ ۾ اَچي اَسان وٽ رهندي هئي. اُن وقت منهنجا ٻار ٽي.وي. جي اَڳيان وهڻ جي بجاءِ داديءَ جي گود ۾ ويهندا هئا ۽ اَڪثر چوندا هئا- ''اَمان، اَسانکي ڊيڊيءَ جي ٻالپڻ جون ڳالهيون ٻڌايو.''

اَمان جي منهن مان ٻالپڻ جون ڳالهيون ٻڌي اُنهن کي گهڻو مزو ايندو هو. ٻارن کي اِهو ڄاڻي خوشي ٿيندي هئي تہ اُنهن جو پيءُ، جو وڏيون وڏيون هدايتون ڏيندو هو، پنهنجي ڏاهپ ڏيکاريندي، سُنا ٻار ٻڻجڻ جي لاءِ چوندو هو، ڪڏهن پاڻ بہ اَسان جهڙو ٻار هئو. اُنهن وانگر دوستن سان راند ڪندو هئو، روئندو هئو ۽ نندڙيون وڏيون شرارتون ڪندو رهندو هو.

ٻار سڀ ٻڌي، شرارتي اَکين سان مون ڏانهن نهاري مُرڪي پوندا هئا. دادي اَمان جون ڳالهيون ٻارن جي لاءِ جادوءَ جي غفا جو ڪرامتي در کُلڻ برابر هيون.

''اَمان، ڊئڊيءَ جي ڪُڙيون مهڻ واري ڳالهہ ٻڌايو.'' اَمان جڏهن منهنجي ٻارن کي منهنجيون ڳالهيون ٻڌائي رهي هوندي آهي، لڳندو آهي تہ دادي مونکي پنهنجيءَ گود ۾ کڻي چئي رهي هجي، ''پٽ ... هي ساڃي پاسي جيڪو گهر آهي نہ، جتي پرڳٽ رهندا آهن، حُسين بخش جو هو. اَڳيان سموري کِهتي تِن جي

Gul Hayat Institute

برادريءَ وارن جي هئي. اَسان سان گهٽي پنهنجپائي هُئَن. حُسين بخش جي زال فاطم ياڳن واري هئي، رب جو نالو وٺڻ واري.``

دادي مات ڪندي ماضيءَ ۾ گُم ٿي ويندي هئي. ”اَمان، اَجان ڳالهيون ٻڌايو.`` مان زور ڪندي چوندو هوس، ته هوءَ اُيو ساهه کڻي چوندي هئي - ”اُنهن جي ڏيئرن جو تو ۾ ساهه هو. واري واري سان توکي هنج ۾ کڻي ڦرنديون هيون. توکي ڪارائڻ لاءِ پاڻ ۾ وڙهنديون هيون. وڏي ڇوڪري ريشما هڪ بالٽيءَ ۾ پاڻي پري، اُن ۾ توکي ويهاري ڇڏيندي هئي. تون پاڻيءَ ۾ هٿ هلائيندو، تاڙيون وڄائيندو پاڻيءَ جا ڇنڊا اُڏائيندو، کلندو، ڪيڪاريندو هئين. هوءَ توکي هي سڀ ڪندو ڏسي تاڙيون وڄائيندي هئي؛ کلندي کلندي اونڌي ٿي پوندي هئي.``

”ڏس ته اَمي، ڏس پايو - پپيءَ کي ...!``

پوءِ توکي بالٽيءَ مان ڪڍي اَڱڻ جي ڪچي فرش تي وهاريندي هئي. تنهنجي ماءُ گهڻو ئي منع ڪندي هئس ”نه ڙي ريشما - مِٽيءَ ۾ گندو ٿي ويندو ...!`` پر هوءَ توکي پٽ تي ويهاري خوب تاڙيون وڄائيندي هئي ۽ ڳائيندي هئي - ”ڪُڙيون مهٽينداسين ... مينهن پوي گهر ويندا‌سين.`` ۽ تون هُن جي چوڻ تي زور زور سان ڪُڙيون مهٽڻ لڳندو هئين. ڪُڙيون مهٽيندي ۽ پنهنجن ننڍن هٿن سان تاڙيون وڄائيندو هئين، کلندو رهندو هئين. پوءِ هوءَ توکي مِٽيءَ سوڌو کڻي گهر ويندي‌يون، اُتي توکي صاف سنان ڪرائي، تنهنجي اکين ۾ سُرمو ۽ مٿي تي ڪارو ٽِڪو لڳائي کڻي ايندي‌يون.

جڏهن به داديءَ جي اِنهن ڳالهين جي ياد ايندي آهي، منهنجي من ۾ عجيب قسم جو اَحساس ٿيڻ لڳندو هو. مان مٿي تي هٿ ڦيريندو هوس، لڳندو هو اَڃ به اُن ڪاري ٽِڪي جو ڇُهاءُ اُتي موجود هو.

منهنجي ماءُ جي واتان هيءَ آکاڻي ٻڌندي ۽ کِلندي ٻار

مونکي چوندا - ”کُڙيو مهتينداسين، مينهن پوي گهر وينداسين.“، اَمان ٿڌو ساهه ڀريو - ”ويچارِي ڪنهن به گهر ۾ نه وڃي سگهي.“

”اَمان ڪيڏانهن ويئي هوءَ؟“ ننڍڙي نينگر پڇيو.

اِها ڳالهه اَمان ڪيترائي ڀيرا ٻڌائي چڪي هئي. ٻار به ڪيترائي ڀيرا ٻڌي چُڪا هئا. وري به خبر ناهي ڇو هُنن کي ور ور ٻڌڻ جو حرص رهندو هُيُن. اَڄ اَمان تمام گهڻو اُداس هئي. مان ۽ منهنجي زال به اُداس هياسين. ٻار چپ چاپ هيسيل هئا. ڳوٺ جي بازار ۾ ڪالهه اَنڌا ڌُنڌ گولي بازيءَ ۾ اَسانجي ڪاٻي پاسي رهندڙ پاڙيسري منوهر ۽ اُن جو پيءُ ماريا ويا. ڪيترائي زخمي به ٿيا هئا.

اَڄ جي اخبار ۾ اَنڌا ڌُنڌ فائرنگ جي وڏن اَکرن ۾ خبر ڇپي هئي. منوهر منهنجو ئي ساٿي هيو. مان ۽ پرڳٽ هڪ ٻئي جي گهر ايندا ويندا هئاسين. جڏهن ٻُک لڳندي، جنهن گهر ۾ هوندا هئاسين، اُتان جو به ڪجهه ملندو هو ڪائي وٺندا هئاسين.

پنهنجي پٽن جهڙي منوهر جي مرڻ جي خبر ٻُڌي اَمان منهنجي ننڍي ڀاءُ سان گڏجي ٻنين تان ڳوٺ ۾ اَفسوس ڪرڻ ويندي، رات اَسان وٽ رهي پيئي هئي. صبح ڪان وٺي جو ڪجهه به ٿي گذريو، ٻڌي ٻڌي روئي ساڻي ٿي چُڪي هئي. ٻارَ هِن جي ڪٽ جي اَڳيان پنيان ويني لڳاتار هُن جي اُداس چهري کي ڏسندا رهيا. ٻارن کي ڏسي مونکي لڳو، مان ۽ منوهر پنهنجي ڏاڏي هرنام ڪؤر جي هنج ۾ ويني اُن جون ڳالهيون ٻڌي رهيا هئاسين.

اَسانجي گهر لاهيءَ تان گذرندي ڪاٻي پاسي کُنڊ جي الماڙيءَ ۾ ڪُرپيون، کُهاڙا، ڪُريون ۽ ڪافي ڪيل ڪانٽا پيا هئا. اُنهيءَ کُنڊ ۾ باسڻ جون به ڳوٺيون به هيون. وڏن وزندار پاين وارو پلنگ وِڇايل هو. مان پرڳٽ ۽ منوهر بالپڻ ۾ لڪ ڇپ راند ڪندي اِنهن ڳوٺين جي پنيان لڪڻ لڳندا هئاسين ته دادي

Gul Hayat Institute

ڪنهن اُن جي ٻچيءَ ۾ پيل پلئہ چڪي ڪري پري اُڇلايو. پوءِ ماڻهن بلبير جي اُٽندڙ تلوار ڏٺي. بلبير سنگهہ ٻالپڻ ۾ فضل الدين جي هٿان ڪاڏو ڪائڻ جو مانُ رکيو.

ڪو ريشما جي ٻانهن پڪڙي ڪري هُن کي ڇڪڻ لڳو. هُن ڇڪڻ وارن هٿن تي ڏند هڻي ڪڍيا. ٻانهون آزاد ڪرائي اُنهيءَ جي ڳردن تي ننهن کُپائي ڇڏيا. ايندڙ پل ۾ هُن زمين تي ڪُڙيون گسائيندي دم ٽوڙي ڇڏيو هو.

حُسين بخش جي اَٺن نوَن سالن جي ڇوڪري کي، ڪٽ جي هيٺان ڇڪي ٻاهر ڪڍيائون، تہ هوُ هٿ جوڙي روئي پيو - ”او سردارو، مونکي نہ ماريو ... مان توهان جي ڍورن کي چارو چرائيندس. مونکي ڇڏي ڏيو.“

ڇوڪرو هٿ جوڙي مِنٿون ڪري رهيو هو. ”اوءِ ... رب جي واسطي هن معصوم تي رحم ڪريو.“ ڳرديءَ کي چيريندي بابا سوهنسنگهہ اَڳيان وڌيو.

”اَسانجي دشميش پيءُ جا شهزادا بہ تہ هيترا ئي هئا جڏهن هِنن ...“

”دشميش پيءُ جي شهزادن جو بدلو اُنهن کان وٺي ڇڏيو.“ دادي ٻڌائيندي هئي تہ سمورو ڳوٺ جڏهن هِنن بيڳُناهن جا لاش ڏسڻ لاءِ آيو تہ ننڍي ڇوڪري جا هٿ جڙيل هئا، جڻ چئي رهيا هئا - ”ڇڏي ڏيو، مان توهانجي ڍورن کي چارو چرائيندس.“

تڏهن کان ڪيترن سالن ڪانپوءِ بہ اَسين بلبير ۽ ٻچنا پنچ کي ڏسندا هئاسين تہ اَسانکي اُنهن کان ڏپ ٿيندو هو. اَسين اُنهن جي پير کان ڳوليءَ وانگر پڇي نڪرندا هئاسين. اُنهن جي اَکين سان اَکيون ملائڻ جي اَسانجي همت نہ ٿيندي هئي. اَسين ڏيري ڏيري وڏا ٿيندا رهياسين. خون جي برسات ٿيڻ کان اَڳ واري ڳوٺ جي اَسين ڪلپنا ڪندا هئاسين. ڪيئن سڀ ماڻهو محبت جا رِشتا نڀائيندا رهيا هوندا. اَسانکي اِهو سمجهہ ۾ ئي نہ ايندو هو تہ



Gul Hayat Institute

ڪيئن وسيل وسايل اِنسانن کي شيطان سنگهي ويو هو. اَسانجي دل بہ چاهيندي هئي تہ ڏسون مسلمان ڪهڙا ٿيندا آهن. ڇا هوءُ اَسان جهڙا هوندا آهن يا ٻي طرح جا.

پاڪستان کان اُجڙي آيل جسونتسنگهہ جو پريوار حُسين بخش جي گهر ۾ اَچي ٽِڪيو هو. اُن جو ڇوڪرو پرگٽ اَسانجي عمر جو هو. اَسانکي اُهو ٻڌائيندو رهندو هو تہ مسلمان ظالم ٿيندا آهن. ڳاڙهين ڳاڙهين اَکين وارا ڏنگا مُڇا شيطان. اُنهن هِندو قافلي تي حملو ڪري پرگٽ جي چاچي ۽ ڀاءُ کي ماري ڇڏيو هو. اَسانجي اَکين اَڳيان پنهنجي دادي ۽ اَمان کان ٻُڌل مسلمانن جا نَئن-نقش، پرگٽ جي ٻڌايل مسلمانن جي نقشن کان ڏيري ڏيري اَلڳ ٿيڻ لڳا. شڪليون ڏنڌليون ٿيڻ لڳيون. اُن ڏنڌ مان هڪڙي آڪرتيِ اُڀرندي هئي اَسانجي اَکين جي سامهون گردن جهڪائي اُڀريل شڪل ڏنڌلي ٿيندي ويئي. اُن تي اُٿيل تلوار صاف چمڪڻ لڳي. سمجهہ ۾ ئي نہ ايندو هو تہ جهڪيل گردن فضل الحق جي هئي يا پرگٽ جي چاچي جي، يا هُن جي ڀاءُ جي. اَسانکي اُها پنهنجي ئي جهڪيل گردن نظر ايندي هئي، اَسانجي پنهنجي گردن شيطان جي اَڳيان جهڪيل!

ٻالپڻ مان ڪيترا سال ننڊ ۾ ڊجي ڪري رڙيون ڪري اُٿندو هُيُس. مونکي سپني ۾ پري پري تائين ڳاڙهي خون جو سمنڊ ڇوليون ماريندو ڏسڻ ايندو هو. جنهن تي ڇپ ڇپ پير ڏڙ ڏڙ ڪري هلندو ڄڻ بلبير سنگهہ لڳندو هو. هُن کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي مان سپني ۾ رڙيون ڪري اُٿندو هوس.

هي بلبير منهنجي سپنن مان ڇو نٿو وڃي. هُن کي ڏسندي ئي عجيب قسم جي ڏکٽي سڄي بدن ۾ ٿيڻ لڳندي هئي. جيءُ گهبرائڻ لڳندو هو. وجود ڄڻ فريبي لڳندو هو. گردن ۾ هڪ خلش آزار پهچائيندي هئي. هڪ ڏينهن عجيب ڳالهہ ٿي.

مان اُڪير مان پنهنجي ڊورن جي سنڀاليندڙ سان گڏ ٻنين ۾

Gul Hayat Institute

ڏور چرائڻ لاءِ هلي ويس. مُشڪل سان اَٺن نوَن سالن جو رهيو هوندو مينهن چارڻ وارو. هڪ ڏينهن اَڳ ۾ مونکي بخار ٿيو هو، سو اَڄ اِسڪول ڪونہ ويس. موڪل هئڻ جي ڪري گهر وارن جي روڪڻ جي باوجود بہ مان بوُري مينهن جي پُٺيءَ تي سواريءَ جي لالچ ۾ ڏورن جي پنيان هليو ويس. گرميءَ جي ٽانداڻ ٻيهري اَسان مينهن کي چرائي نالي جي پار چاڙهيءَ تي روڪي ڇڏيو. هڪ پاسي خود ليٽي پياسين. منهنجو بدن سور ڪري رهيو هو. مٿي ۾ سوُر هو؛ پتو نہ پيو ڪڏهن اَک لڳي ويئي. جڏهن پاليءَ (چرواهي) مونکي اُٿاريو، پر زور لڳائڻ تي بہ منهنجيون اَکيون ڪونہ پئي کليون ...

”توکي بخار چڙهي رهيو آهي ...“ هُن منهنجي ٻانهن ڇڏيندي چيو. ”تون آرام سان هِتي رهُہ. مان ذرا اَڳيان وڃي ڏور چرائي اَچان.“

مان اَکيون بند ڪري سُمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. ننڊ نہ آئي سو نہ آئي. شرير ۾ هڏ هڏ جڻ اَندر ئي اَندر ڪڙهي رهيو هو. بيچئنيءَ سان ڇوُڏاري ڏنو. پالي ڏور وني ڇڱو پرتي نڪري ويو هو. سامهون تتل سج هو، هِتي تتل شرير. اَکين ۾ تابش وڌي، ڇپن تي اُڃ، هلڻ جي طاقت ختم ٿي ويئي هئي.

مان گهر ڪيئن پهچندس. اَڌ ميل تہ نهر جو پُل هو، ڏيڍ ميل جو اَڳيان اَڃان رستو هو.

”هاءِ اَمان ...!“ چوندي مان روئڻ ۾ اَچي ڇُتڪيس. اُتي ئي نِستو ٿي پئجي رهيس. نہ ڄاڻ ڪيستائين اَهڙي حالت ۾ پيو هُيس. اُنهيءَ ويل ڪنهن منهنجي مٿي تي هٿ رکيو. مون آهستي آهستي اَکيون کوليون. بلبير سنگهہ جو چهرو منهنجي مٿان جهڪيل هو، مون ڏپ کان اُٿڻ چاهيو، ڪجهہ چوڻ چاهيو، پر منهنجي زبان تارونءَ تي وڃي لڳي. ”بلي ... بلي ...“ هُن منهنجي مٿي تي هٿ رکي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. مان ڇهري سان هُن جي من جو ڀاوُ پڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. هُن جي هر حرڪت کي

Gul Hayat Institute

جانچي رهيو هوس. هڪ هٿ ۾ گاهه ڪٽڻ جي ڪُهاڙي ۽ ٻئي هٿ ۾ نوڙي هئس. مونکي لڳي رهيو هو تہ هوُ منهنجا هٿ پير نوڙيءَ سان ٻڌي، پيٽ ۾ ڪُهاڙي ڪُپائي ڇڏيندو.

منهنجون ڏِنل سهميل اَکيون هن جي اَکين سان مِليون. اُتي گهري خال جهڙو پرپاوُ هو. پيشانيءَ تي گُهنج ۽ سنهين مُڇين ۾ ڍبيل چپ. دهشتپٽو هن جي چهري تي ڏسڻ جي اُميد هئي، اُن جي تہ پرڇائي بہ ڪٿي ڏسڻ ۾ نہ آئي. هُن جو چهرو خشڪ ۽ پيار ۽ سنيهہ جي ڀاوَ کان خالي هو. ڊپ جي ڪارڻ منهنجون ٻئي اَکيون بند ٿي ويون.

چلپ ... چلپ ... هُن جا پير خوني ڏراتل کي لتاڙي رهيا هئا.

”اُٿي بيهہ ...“ هُن سخت آواز ۾ حُڪم ڏنو. مان ڊپ وچان اُٿي بيٺس. چيلهہ تائين منهنجي سامهون جهڪي چيائين ”چڙهہ منهنجي ڪُلهي تي.“

مون ڪنهن سيڪاريل پالتوءَ وانگر هُن جو چوڻ مڃي ورتو. ڳچيءَ جي ٻنهي پاسي ٽنگون لٽڪائي مان هُن جي ڪُلهي تي ويهي رهيس. هوُ ڏيري ڏيري نهر جي پاڻيءَ ۾ لهڻ لڳو، جتي ميرانجهڙو پاڻي وهي رهيو هو. جڏهن بہ برساتين ۾ اَهڙو پاڻي وهندو، پرڳٽ چوندو هيو - ”هِن ۾ خون آهي ...“

۽ ميرانجهڙي پاڻيءَ ۾ مونکي لڳندو هو ڄڻ ڪنهن جي ڳچيءَ تي چلڪندڙ تلوار ڪنيل هجي. انهيءَ ڪري پاڻيءَ جو رنگ اَهڙو ٿي ويو آهي. جڏهن بہ اَهڙو پاڻي ايندو هو، اَسين نهر ۾ اِشنان نہ ڪندا هئاسين.

چلپ ... چلپ ... بلبير سنگهہ وهندڙ پاڻي، يا خون جي ٿُهن مان گذري رهيو هو. منهنجي پيرن کي پُسڻ کان بچائڻ لاءِ هن تن کي هٿن سان مٿي ڪنيو هو. هُن جي هٿ ۾ جهليل ڪُهاڙي منهنجي پيرن کي ڇُهي رهي هئي. منهنجي سموُري بدن ۾ ڊپ

Gul Hayat Institute

جي لهر بجليءَ وانگر گُهمي ويئي.

”ڏت تيري ڪي ...“ هُن جي آواز جي ڪَوَراڻ پڙاڏو بڻجي موٽي آئي.

مون پنهنجا ۽ هُن جا ڪپڙا آلا ڪري ڇڏيا هئا.

ٻاهر ٻئي ڪناري تي اَچي مونکي لاهي ڪري هُن ڪُلهن جي هيٺان ٻنهي پاسي، پنهنجي آلن ڪپڙن کي ڏنو. هُن جي چپن تي هلڪي مُرڪ ظاهر ٿي. پهريون جهڙي سخت آواز ۾ آديش ڏنائين - ”هاڻ آهستي آهستي ساهه کڻ ۽ سِڌو پيچري تان هلندو گهر هلي وڃ. مونکي چارو وٺي اَچڻو آهي.“

پُٺ ورائي هُن نهر ۾ ٽپو ڏنو. مان ٻه اُن جي نظرن کان جلدي پري ٿي وڃڻ چاهيو. پر ڊپ، ٻخار ۽ ڪمزوريءَ منهنجي وجود جي سموري طاقت کسي ورتي هئي. مان نهر جي ڪناري تي ويهي رهيس. هُن نهر مان ٻاهر ڪنڌ ڪڍي ڏٺو.

”تون ويو ناهين اَڃان؟“ هِڪ پل لاءِ خاموش بيٺو رهيو.

”اَڇا تہ هل ...!“ هُن جهڪندي چيو. منهنجيءَ گردن جي ٻنهي پاسي لٽڪيل نوڙي فضل الحق جي ٻچيءَ ۾ لٽڪندڙ پلئہ جهڙي لڳي رهي هئي. هُن جي ڪُلهن تي چڙهي مونکي لڳي رهيو هو، جڻ بلبير فضل الحق جي ڪنڌ تي چڙهيل هو. جتي فضل الحق ڪِريو هو، هُن مونکي اُتي پنهنجي ڪُلهي تان لاهي، منهنجي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ پيار ڪندي چيائين، ”وڃ منهنجا ٻيبا پٽ. مان چارو وٺي اَچان.“

جڏهن نيڪ ٿي مون بلبير واري ڳالهہ پنهنجن ساٿين کي ٻڌائي تہ اُنهن چيو، ”شڪرڪر تون بچي نڪتين. هوُ تہ توکي ماري نهر ۾ وهائڻ وارو هو.“

هاڻ جڏهن بہ هوُ سامهون ڪٽي ملي ويندو هو، تہ مان ڊڄي ويندو هوس. پر هُن جي وڃڻ کان پوءِ پُٺ ورائي هُن کي ويندو ڏسندو رهندو هوس.

Gul Hayat Institute

هڪ ڏينهن مون ٻڌو ته اَسانجي ڳوٺ ۾ هڪ مسلمان مؤلوي عبدال گني پاس (دڙو) نهرائي ڪجهه ڏينهن جي لاءِ پنهنجو پُراڻو ڳوٺ ڏسڻ آيو هو. سڀ ماڻهو هُن کي ڏسڻ لاءِ پيڙ ڪري اَچڻ لڳا. هوُ منوهر چاچي ۽ لالچند جي دڪان جي ٻاهر اسٽوُل تي ويٺو هو ۽ پنهنجي کُلهي واري پڳڙي گوڏن تي رکي هيائين. حُقو گڙگڙائيندي بيٺل ماڻهن جي اَڳيان پُٺيان حيرانيءَ ۽ خوشيءَ ڀريل سوالن جا جواب ڏيئي رهيو هو.

”هي ته اَسان جهڙو ئي آهي.“ پرگٽ اِئين ئي چوندو هو. منوهر مونکي چيو ته لڳو - هُن جون ڪٽيل مٿيون مُڇيون ڪجهه اَلڳه لڳي رهيون هيون. ورنا هُن جي گهاٽي ڌگهي ڏاڙهي ۽ چهرو مونکي ناني ٺاڪر سنگهه جهڙو ئي ٿي لڳو.

عبدال گنيءَ کي ماڻهو اَڳيان وڏي پنهنجي پنهنجي گهر ۾ کائڻ لاءِ دعوت ڏيئي رهيا هئا. اُن کي اَچڻ لاءِ زور ڪري رهيا هئا. هوُ چوندو - ”اَڄ شام جو پائي نٿا سنگهه وٽ هوندس! سپاڻي چاچي ديوان چند پاسي، پرينهن تنهنجي گهر پڪ ٿي. ضرور ايندس.“

مؤلوي جيڏانهن به وڃي، ڇوڪرن جي ٽولي هُن جي اَڳيان پُٺيان گُهمندي هئي. جڏهن هوُ پنهنجي پراڻي گهر جي دروازي جي سامهون ويو ته هُن جا ٻئي هٿ دُعا لاءِ آسمان ڏانهن اُٿي ويا. پوءِ پيڍيءَ جي لنگهه جي سامهون مٿو ٽيڪڻ لاءِ جهڪي ويو، ڄڻ ڪنهن پوڄا گهر جي سامهون جهڪيو هجي. جڏهن هوُ سِڌو ٿي بيٺو، هُن جي اَکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا. هُن زمين جي مِٽي کڻي اَکين تي لڳائي ۽ دُعا ڏيڻ لڳو.

مؤلوي جتي به ويندو هو، هُن جي خيريت پڇڻ وارن جي قطار لڳي ويندي هئي. هوُ هِتان جي، هُتي وسيل پريوارن جي ڳالهه ڪري، اُنهن جي سُڌ سماءَ جي خبرچار ڏيندو هو. ڪوئي شڪارپور، ڪوئي لاهور وڃي وسيو هو، ڪيئن به رهي، ڪو ٻُرو ڇو مڃي؟ (ته ڪوئي هنديائي ۽ ڪو ڪاهُن ڪاڇي.) هيڏانهن سڀ پنهنجي

سان ڪلندي ويهي رهيو. ”شاهہ جي ... جيئن توهانجي مرضي ... توهان سيني ايترو پيار ڏنو آهي جو منهنجو من پرجي آيو آهي.“

پليٽ ۾ هُن هڪ ٻہ جليبيون مس کاڌيون هونديون تہ بازار مان بلبير سنگهہ ايندو ڏسڻ آيو. هُن اَکيون کڻي هڪ پيرو مؤلويءَ ڏانهن نِهاريو. اوچتو مؤلويءَ سان روبرو ٿيڻ جو هُن کي گُمان بہ نہ هو.هوُ بچڻ پيو چاهي. مؤلويءَ جون نظرون هن سان مِلي ويون. هُن کي ڏسي مُرڪي ڏنائين.

چاهيندي بہ بلبير بچي نہ سگهيو. مؤلويءَ کي پاڻ ڏانهن مُرڪندو ڏسي هُن جي منهن مان نڪري ويو، ”سلام سلام مؤلوي صاحب!“

”ست سِري اَڪال ... سردار بلبير سنگهہ!“

پوءِ تہ وري بلبير پنهنجي دل جا سڀ سوال اوتي ڏنا. ”ڀين پريوارن جي ٻڌايو، اُتي جي سيني ڀائرن جي ٻڌايو. سڀ خوشحال تہ آهن. سڀ خيريت سان آهن!“

”بس اَللہ جي ... ۽ تنهنجي مهر آهي بلبير سنگهہ.“ مؤلويءَ چيو ۽ ڳالهہ جو رُخ موڙيندي چيائين، ”وٺ جليبيون کاءُ. منهن مِنو ڪر، ڪوڙاڻ ٽُڪي ڇڏ.“ عبدال گني چوندو رهيو، بلبير سنگهہ نہ ... نہ ... ڪندو رهيو. ڏنيشاه ٻيءَ پليٽ ۾ بلبير سنگهہ لاءِ جليبيون وجهڻ چاهيون. بلبير اُن کي هٿ جي اِشاري سان روڪي چيو، ”وجهڻ ڏي ... ٻيون نہ وجهہ. مان هِن مان کائي وٺندس. ننڍو نہ ٿي ويندس.“ چوندي هُن مؤلويءَ جي پليٽ مان جليبي منهن ۾ وِڌي ۽ ڪنڌ جهڪائي، اَکيون هيٺ ڪري اُتان هلندو هليو.

..... ..... .....

ٻار اَڄان منهنجي ماءُ جي گود ۾ سوڙها ٿي وينا هئا، ٽڪٽڪي لڳائي مون ڏانهن نِهاري رهيا هئا. اَڄ هُنن منهنجي ٻالپڻ جي آکاڻي ٻُڌڻ چاهي. هيءَ تہ ڪيترا پيرا ٻڌي ويئي آهي. اُنهن جي ڪنن ۾ اَڃان تائين رات جو هليل گولين جو آواز گونججي رهيو هو، جن جي ڪري منوهر ۽ اُن جي پيءُ کي جان تان هٿ کڻڻو پيو.

مان پنهنجو پاڻ ۾ گُم ٿي سوچي رهيو هوس تہ اَسانجي ساڃي



Gul Hayat Institute

ڪابي پاسي هي ڇا ٿي رهيو آهي؟ ڪجهه مهنا اڳ منوهر مون ساڻ صلاح ڪرڻ واري انداز ۾ چئي رهيو هو ته هِن ماحول ۾ ڳوٺ ۾ رهڻ ٺيڪ نٿو لڳي. ڪجهه خبر ناهي ته ڪنهن وقت ڇا ٿي وڃي؟ اُن ڪانپوءِ هوءَ اکين جي خال ۾ ڏپ ۽ نراشا کڻي مون ڏي نهاريندو رهيو. هُن کي منهنجي اکين مان، ۽ چهري مان، دلاسي جي جڳهه بيوَسي ۽ اسهنجو احساس ڏسڻ آيو. هُن وساميل من سان آهه ڀري چيو - ”هيءُ گهر ٻار سڀ ڇڏڻو ئي پوندو ڀاءُ منهنجا ... هاڻ ته ...“

اهڙا دل چيريندڙ لفظ ٻڌي منهنجي من چاهيو ته مان به پنهنجي ڏاڏي جي انداز ۾ دلاسو ڏيان. ”تون دِل ننڍي نه ڪر. هي چئن ڏينهن جو انڌا ڌُنڌ آهي. ڀلا گهر به ڪڏهن ڪنهن ڇڏيو آهي؟ اسين سڀ گڏجي هِتي ئي رهنداسين. تون چنتا نه ڪر!“

پر مان ڪيئن ٿي چئي سگهيس، ڪوڙي دلاسي جي ڳالهه. سڀ ڪجهه منهنجي وس ۾ ڪٿي هو؟

”هوءَ هِن پساري کي سنڀالي نٿا سگهن، ته جائز ناجائز جيڪو به گُهرن ٿا ... ڏيئي وني ڀري ڪريون تِن کي ... هڪڙي ڏينهن ئي روز جو آزار ختم ٿي وڃي.“ ڪڏهن ڪڏهن منوهر حالات تي تبصرو ڪندو هو ”ناجائز کي ته ڇڏ، جائز به نه ڏيڻ جي ڪري سڀ بکيڙا ٿي رهيا آهن. جيسين تائين نيَت صاف نه ٿيندي، هر روز اِهو ئي ٿيندو رهندو. خون خرابو نه رُڪجندو.“ پر گهٽ سنگهه پنهنجي دليل سامهون رکي.

مان ڇا ٿي چئي سگهيس. اِتهاس منهنجي وس مان نڪري چڪو هو. اهڙو احساس ٿيو ۽ اُنهيءَ جي پيرن سان چئني پاسي اهڙي ڌوڙ اُڏامڻ لڳي هئي، جنهن سان منهنجي اکين ۾ گهٽي نراشا جو غُبار ڀرجي رهيو هو.

هِن ننڍي ڳوٺ ۾ سي.آر.پي. وارا ته روز ڦيري ڪندا ئي هئا، پر هڪ ڏينهن ’هو‘ به اچي ويا. ٽٽل ڀيهريءَ ۾، ڀري بازار ۾، چهرا نقابن ۾ ويڙهيل، ڪُلهن تي اِسٽيگن هُئن. دڪان بند ٿيڻ لڳا. ڦڙاڪ ... ڦڙاڪ .... شٽر ڪيرايا ويا. درين دروازن جا پٽ بند ٿيڻ لڳا. ننڍا وڏا گهرن ڏانهن ڀڄڻ لڳا.



Gul Hayat Institute

ماريندو آهي. توهين دڪان کولي رکو. ڪير ڪجھ نہ چوندو، اَسانجي هوندي.'' پوءِ منوهر کان چانهہ ۽ جليبين جا پئسا پڇيائين. منوهر جي اِنڪار ڪرڻ تي بہ پنجاهہ جو نوٽ هِن ڏانهن ڦٽي ڪري، ڪپڙا ۽ هٿيار سنڀاليندي هوُ سامهون واري گهٽيءَ ۾ گُم ٿي ويا.

اُن ڪانپوءِ سڀ دڪان کُلڻ لڳا. ڪجھ مهنا ماڻهن کي ساهہ کڻڻ جي راحت جي هوا ملي هئي. اَهڙيءَ طرح اُنهن هڪ ڀيرو وري سيني کي حوُصلو ڏنو هو.

۽ هاڻ خبر ناهي ڪير هئا. ڏن ڏن ڪندي رات جو آيا ۽ پنهنجو ڪم ڪري هلندا هليا. ڪنهن کي وشواس ئي نہ ٿي آيو تہ جي هوُ اِئين نٿا ڪن تہ پوءِ هي ڪرتوت ڪرڻ وارا ڪير هئا.

اِن سوال جو جواب ڪنهن وٽ ڪين هيو. سڀ کان وڏيڪ ڳالهيون منوهر ۽ اُن جي پيءُ جون ٿي رهيون هيون. پر گوليون هلائڻ وارن جي باري ۾ سڀ خاموش هئا.

اوچتو سڀ کان ننڍي ڇوڪريءَ، خبر ناهي ڇا سوچيندي منهنجي ماءُ کان پڇيو - ''اَمان جي، رات جي گولي باريءَ ۾ بلبير سنگھ بہ هيو ڇا؟''

ٻيا سڀ ٻار هُن جي ٻاراڻي سوال تي ٽهڪ ڏيئي کِلي پيا. هُن جي ڳالهہ ٻاراڻي ئي تہ هئي. سياڻا تہ اَڄڪلهہ اَهڙا سوال ڪڏهن نہ ڪندا آهن.

(''چوٿين دشا'')

---

# * لطيفي ٻول *

✍ سهيڙ: صاحب ٻجاڻي

سُنا اُٺِي جاڳُ، نِنڊَ نَہ ڪَجي ايتري،
سُلطانيِ سُهاڳُ، نِنڊُنِ ڪَندي نا مِلي.

Gul Hayat Instute

سوانحي اَفسانو -

# ڪُلديپ نايرءِ پير صاحب

**✍ گلزار**

**سنڌيڪار : ساجد سومرو**

جمعي جو ڏينهن هو، ۱۴ آگسٽ ۱۹۹۸ع جي شام، مان ڪلديپ نايرصاحب سان گڏ، واگها بارڊر ڏانهن سفر ڪري رهيو هوس - ڪار ۾.

نايرصاحب جي سالن کان اها ڪِرت رهي آهي تہ پاڻ ۱۴ آگسٽ جي شام جو ڪجهہ اَديبن، فنڪارن، دانشورن کي ساڻ ڪري واگها بارڊر تي پهچي ويندو آهيءِ جڏهن بارڊر تي بينڊ فوجي سپاهين جي ڊيوٽي بدلي ٿيندي آهيءِ ٻنهي ملڪن جا جهنڊا لاٿا ويندا آهن ... تہ هوُ پنهنجي دوستن سان گڏ ”هند-پاڪ دوستي“ جا نعرا لڳائيندا آهنءِ رات جو ٻارهين وڳي جڏهن تاريخ مٽبي آهي تڏهن ميڻ بتيون ٻاري آزاديءَ جي آجيان ڪندا آهن.

ڏاڍو سِڌوءِ ڊگهو رستو هوءِ آسمان مان شام ڇڻي رهي هئيءِ نايرصاحب جن ڇئي رهيا هئا ...

”هي رستو جي اَهڙي طرح سِڌو هلندو رهيءِ ڪا گيٽ، ڪا روڪ نہ اَچي - نہ ڪو ويزا جو پُڇي، نہ پاسپورٽ ڏسي - ۽ مان پاڪستان گُهمي اَچان تہ ڇا ڦري وڃندس ان ملڪ جو؟ ڦريندڙن جي نہ هِن ملڪ ۾ ڪَمي آهي نہ هُن ملڪ ۾ ... ڪنهن کي ٻاهران اَچڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

ٿوري ساهيءَ کان پوءِ چيائين:

”آخر هو بہ تہ منهنجو وطن آهي؟ منهنجو ڪيڏو وڏو حصو پيل آهي هن ملڪ ۾.“

منهنجي اَکين ۾ ڪو سوال هوندو - پاڻ چيائون:

Gul Hayat Institute

”منهنجو اِسڪول آهي - مدرسو آهي منهنجو! منهنجو ماستر دينا ناٿ ۽ مولوي محمد اسماعيل ... منهنجو اَلف-ب جو قاعدو، ڏيلهو سپ اُتي ئي تہ رکيل آهن - پاڙُون اُتي آهن ۽ شاخون هِتي ڪٽي آياسين ...“

نايِر صاحب جو آواز پرجي آيو هو - اُن ڏينهن ڪيترائي ڀيرا نايِر صاحب سيالڪوٽ جو ذڪر ڪيو ... جتي سندس گهر هو ...

”چاچا، ماما، پڦڙ سڀني جا گهر ويجهو هئا. اَسان جي گهر آڏو هڪ ڪُشادو ميدان هو کُليل، ڪٿي ڪا ديِوار نہ هئي، اَڳتي وڃي ٻيا گهر شروع ٿي ويندا هئا ...

زمين ايتري هئي جو ڪنهن کي قبضي جي ضرورت ئي نہ هئي ... اُن ڪُشادي ميدان جي هڪ پاسي تمام گهاٽو پپر جو وڻ هو، جيڪو اَسان جي گهر کي وڌيڪ ويجهڙو هو. اُن جي ٿڏي ڇانوَ هيٺيان هڪ قبر هئي ... خبر ناهي ڪنهن جي هئي ... پر اَمان ان کي چئي چئي ’پير صاحب‘ جي قبر بڻائي ڇڏيو ... اَمان پير تي پوڄا جو سندوُر پپر تي لڳائي آڳر قبر جي سِرَ سان اُگهي ڇڏيندي هئي ... آرتي ڪندي ڏيِئي جو واسُ پپر کي ڏيندي، ڏيئو قبر جي ٿُلهہ سيراندي ڪان رکي ڇڏيندي هئي ... دونهون پپر کي ڇُهندو هو تہ پير صاحب کي بہ - گهر مان ڪنهن ڳالهہ تي ڪروڌ ٿي پوندو هو تہ اَمڙ پپر کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهندي هئي، ڪڏهن روئندي بہ هئي، جڏهن سندس جيءُ هلڪو ٿي ويندو هو تہ اُٿي گهر ايندي هئي ... پير صاحب کي گڏ وٺي ايندي هئي ... پير صاحب جي مُڪتي (رِهائي) ڪِيئن نہ ڏني هُنَ.

اِمتحانن جي ڏينهن ۾ ياد اَٿم ...

”چوندي هئي، پير صاحب آڏو متو ٽيڪي وڃانءِ - اِمتحان هجي، ڪو خاص ڏينهن هجي، خوشي هجي، غم هجي ڪا پريشاني ڪا تڪليف ... هر ڳالهہ ۾ پير صاحب پاڳي پائيوار هوندو هو.“

Gul Hayat Institute

ناير صاحب ڪڏهن ڪڏهن پنجابيءَ جا وڏا نيٺ لفظ اِستعمال ڪندو آهي ... هو چئي رهيو هو: ڪجهه پُڇڻو هجي تڏهن به پير صاحب کان پڇيو ويندو هو ...

اَسان کي ڪڏهن به ڪا ورندي نه ملي پر اَمڙ کي ضرور ڪي اِشارا ملي ويندا هئا ... ڪڏهن ڪڏهن چوندي هئي پير صاحب کيس خواب ۾ اَچي ٻڌائي ويو آهي.''

اَسان واڳا پهچي وياسين ...

ڏينهن اُلهي رهيو هو ... ڊگهن رسمن سان گڏ ٻنهي ملڪن جا جهنڊا لاٿا ويا ... ڪجهه ماڻهو هُن پاسي هئا ۽ ڪجهه ماڻهو اَسان جي پاسي فلم اِسٽار 'راج ببر' اَسان سان گڏجي ويو. هُن پاسي 'عاصمه جهانگير' اَچڻي هئي - نه اَچي سگهي. حڪومت مٿس پابندي مڙهي ڇڏي هئي ...

رات جو ٻارهين وڳي، اَسان سيني ميڻ بتيون ٻاريون ... ڪجهه تصويرون ورتيون - ''هند-پاڪ-دوستي' جا نعرا لڳايا ... ڪجهه سُڪل ۽ ڪجهه پريل نڙيون ڪٽي واپس آياسين.

ٻئي ڏينهن اَسان دِهلي موٽي رهيا هئاسين ... مون سيالڪوٽ وڃڻ تي گُهريو ... ان ڪري مون ٻيهر ڳالهه جو سِرو ٻَڌو ...

''نايرصاحب! اَمان پير صاحب کي خواب ۾ ڏٺو هو ... ته توهان ڪڏهن اَمان کان پڇيو ته پير صاحب ڪيئن لڳندو هو؟ سندس شبيهه ڪهڙي هئي-؟!''

نايرصاحب جو موڊ هاڻ ڪجهه ٻيو هو ... هوُ مُرڪيو - آکيو!

''مون پنهنجو ڪيريئر Investigative جرنلزم کان شروع ڪيو هو ... منهنجو اهو پڇڻ لازمي هو ۽ جيئن اَمڙ ٻڌايو هو ... مون اِئين ئي پاتئيو ڪين ...''

پاتيو ڪين؟ مطلب؟ توهان مليا؟ يعني مان پنهنجي سوال کي ڪا ترتيب نه ڏئي سگهيس ...

هُن مُسڪرايو هو.

Gul Hayat Institute

چوڻ لڳو : ١٩٧٥ع جي ڳالهہ آهي، جڏهن مِسز اِندرا گانڌي هندوستان ۾ ايمرجنسي ڊڪليئر ڪري ڇڏي هئي ... پوليٽيڪل (سياسي) ليڊرن ڪانسواءِ جن Intellectuals (اَديبن، دانشورن) کي حراست ۾ ورتو ويو هو، انهن ۾ مان بہ شامل هوس ...

اهو بہ جمعي جو ڏينهن هو - ٢۴ جولاءِ ١٩٧٥ع ... مون کي بهار جيل ۾ نظربند ڪيو ويو ۽ چيو ويو تہ نظربندي عارضي آهي - ڪجهہ ڏينهن ۾ توهان کي آزاد ڪيو ويندو ... بنا نانوَ ڪڍڻ جي جيلر مون کي فقط ايترو چيو تہ 'مئڊم' ڪجهہ ڏينهن گذري ويا ۽ رِها ٿيڻ جا آثار نظر نہ آيا تہ مون جيلر کي چئي پنهنجا ڪجهہ ڪتاب ۽ ڪاپيون گهُرايا ... هُن شريف ماڻهوءَ هڪ ٽيبل ۽ ٽيبل لئمپ جو بہ بندوبست ڪري ڏنو.

هوريان هوريان مُدو وڌڻ لڳو ۽ اَڻ ويساهي محسوس ٿيڻ لڳي ... تہ هڪ ڏهاڙي مون من ئي من ۾ ڪانئن پڇيو ... ''منهنجي رِهائي ڪڏهن ٿيندي؟''

مان چُپ رهيس تہ ناير صاحب بہ ماٺ ۾ مون ڏانهن نِهارڻ لڳو ... اَسان اَمرتسر جي ايئرپورٽ جي لائونج ۾ ويٺل هئاسين. اوچتو ڳالهہ منهنجي اَندر ۾ لٿي (Sink) ۽ مون پڇيو :

''هنن کان ...؟ ڪنهن کان ...؟ ڪنهن کان پڇيو توهان؟

ناير صاحب شايد ان سوال جي اوسيئڙي ۾ هو.

آکيائون: پير صاحب سان ...!''

''اوهہ ...!''

''۽ هو منهنجي خواب ۾ آيا ... اَڇي ڊگهي ڏاڙهي ۽ ان پنيان سائي رنگ جو لباس هو ... اهو ئي اَمڙ ٻڌايو هو ...

مٿي تي مون کي ياد ناهي ڪجهہ پَهريل هو يا نہ ....''

''پوءِ ڇا چيائون ....؟''

''چيائون ايندڙ خميس تائين تون آزاد ٿي ويندين.''

''ٻيو ڪجهہ بہ چيائون ....؟''

Gul Hayat Institute

”ها! ڇيائون تمام گهٽي ٺڏ لڳندي آهي پُٽَ ... پنهنجي چادر ڏئي ڇڏ ....!“

اهو چئي ناير صاحب کِليو.

”تہ توهان جي رِهائي ... مطلب ... تي خميس جي ڏينهن ...؟“

”نہ ... خميس واري ڏهاڙي، مان ڏاڍو بيچئن رهيس ... خبر ناهي ڇو ... مون چاهيو تي تہ اهو سچ تي وڃي ... مون کي جيل مان ڪا ٻُڌتي نہ هئي پر پير صاحب جي قول سبب اونو هُيم ... دستور موجب رات دير تائين ڪم ڪندو رهيس ... صبح جو دير سان جاڳيس ... اهو ڏينهن بہ جمعي جو هو - ١١ سيپٽمبر ١٩٧٥ع ۽ جيلر اَچي خبر ڏني تہ توهان جي آزاديءَ جا آرڊر اَچي ويا آهن.“

مون حيرت مان پڇيو: ”ڪڏهن آيا؟!“

تڏهن هن ٻڌايو تہ ڪاغذ ڪالهہ رات ئي اَچي ويا هئا پر مان جڏهن ڊيوٽيءَ تي آيس تہ دير ٿي وئي هئي، توهان ٽيبل تي ڪم ڪري رهيا هئا ۽ توهان جو حڪم هو تہ توهان کي ڊسٽرب نہ ڪيو وڃي.

مون وڏي آواز ۾ ورجايو ... ”ڪالهہ ... يعني خميس ڏينهن ڪاغذ اَچي ويا هئا؟!“

جيلر مُنجهندي چيو: ”جِي! توهان کي پهرين خبر هئي ڇا؟“ ۽ مون سَرهائي مان کيس ٻڌايو:

”ها، مون کي خبر ملي چڪي هئي ...!!“

ان ڪانپوءِ هڪ ٻيو واقعو بہ آهي.

پُٽَ، سيالڪوٽ وڃي سندن قبر تي، چادر ضرور چاڙهجان، ڪين سچ پچ ٿڌ لڳندي هوندي! ۽ اَمڙ جون اَکيون آليون هيون ... مان تڪڙو نہ وڃي سگهيس ... انهن ڏينهن ۾ سيالڪوٽ لاءِ ويزا نہ ملندي هئي ... ١٩٨٠ع ۾ اَمڙ فوت ٿي تہ پير صاحب کي چادر

Gul Hayat Institute

پهچائڻ تهائين ضروري ٿي پيو ... ۽ جڏهن مان سيالڪوٽ ويس ته ان علائقي جو ڇهرو ئي مٽجي ويو هو. اَسان جي گهرن ۾ ڪي ٻيا ماڻهو اَچي وسيا هئا. سامهون واري ڪُشادي ميدان ۾ ننڍا ننڍا دُڪان ٺهي ويا هئا. ميدان پوري مارڪيٽ جو ڏيک ڏئي رهيو هو ... اها قبر مون کي ڪٿي نظر نه آئي ... مون اندازي سان اها جاءِ ڳولهي هٿ ڪئي ... جت ڪڏهن پپر جو گهاٽو وڻ هوندو هو، پر هاڻ نه اهو وڻ هو ۽ نه ئي اها قبر ...!!

اُن هنڌ، هڪ دڪاندار سان مان ڪيترائي ڏينهن ملندو رهيس ... هو اهو ئي چوندو هو ته هُنَ اُتي ڪابه قبر ناهي ڏٺي ...

منهنجي واپسي رٿيل هئي جو هڪ ڏينهن اهو دڪاندار مون کي مارڪيٽ ٻاهران ملي ويو.

”پڇيائين: ڪنهن جي قبر هئي اُها؟ جنهن جي ڳولها ڪري رهيا هئا توهان؟!“

مون کيس ٻڌايو، ”هڪ پير صاحب جي هئي ...“ اَمڙ کي ڏاڍي عقيدت هئي هنن سان ...“

ٿوري پشيمانيءَ مان اقرار ڪيائين ۽ چيائين: ”جي، هُئي ته سَهي ... اَسان جي دڪان سان لڳولڳ هئي ... اَسان رفيوجي (مُهاجر) هئاسين ... دُڪان ۾ ئي رهڻ جي جڳهه هئي، تڏهن جاءِ تنگ هئي، ان ڪري اَسان هٽائي ڇڏي، جيئڻ لاءِ قبر جي جاءِ ڇڪي اَندر ڪئي سِين ...“

مان واپس آيس - ۽ هڪ ڏينهن نظام الدين اوليا جي درگاه تي وڃي چادر چاڙهي ڇڏيم، جيڪا پاڻ سان گڏ سيالڪوٽ ڪٽي ويو هوس ...

”هو وري ڪڏهن خواب ۾ نه آيا ...؟“ مون پڇيو.

”نه! ڪيترا ڀيرا مشڪل وقت ۾ دل چاهيو ته هو وري خواب ۾ اَچن ته مان ڪجهه پُڇان ۽ هوُ ڪجهه ٻُڌائين ... پر هو نه آيا - لڳي ٿو پير صاحب اَمڙ سان گڏ هليا ويا ۽ مُڪتي (رِهائي) حاصل ڪيائون.

ᢀᢁ

Gul Hayat Institute

# سنڌ-هند جي اَدبي پُل - ڪوُنج

✍ چيتو لالواڻي

صحافت لوڪ سڄاڳيءَ جو ساڌن تہ آهي پر لوڪ ڀلائيءَ جو سچو اوزار... 

ويچارگوشٽي، عالمي سطح جي رچنائن جي ڄاڻ، اُنهن جا انواد، اُلٿا وغيره تتو ساهتيڪ اخبارنويسيءَ جا ئي آهن. لکڻي، سمپادن، ماڌيم واري مشغولي، سرگرمي اَدبي لاڙا، رُخ، جيون مُلهه معنيٰ اَدبي اخبارنويسي.

۾ اهي ضروري، تتو شامل آهن اَسانجي لوڪپريه، معياري، نيمائتي، هند-سنڌ جي مڃتا حاصل ’ڪونج‘ جيڪا پنهنجي اشاعت کان نيمائتي، اجهاڳ پنهنجي اَدبي سفر کي جاري رکندي ڊائمنڊ جبلي پڙاوَ تي پنارو ڪئي، ميل جا پٿر کوڙيندي چاهيل مقصدن کي برثوات ڪندي پهتي آهي. سداحيات اَديب، ڪهاڻيڪار، سنڌيت جي شيدائي جنهن جي نس-نس ۾ سنڌ جو تاڃ جو وهڪرو وهندو رهيو، اُن جي برپا ڪيل ڪونج جي گونج کي جهونگاري رهيو آهي برک اَديب، سڄاڻ شخص، اَدب جو گهرو اَڀياسي، جاکوڙي، سنڌ، سنڌيت، اَدب، ڀاشا جو سڄاڳ سارٿي هند-سنڌ جو پيارو، دلارو، اَدبي صحافي شري نند ڇڳاڻي جي سرواڻيءَ ۾ ’ڪونج‘ ترقي يافته رهي صحتمند رهندي حياتيءَ جي ڊائمنڊ جبليءَ جي اوچائيءَ تي رسي آهي.

’ڪونج‘ سنڌي زبان ۽ ساهتيه جي آسمان تي، اوڪاش ۾ پر پکيڙي پرواز ڪندي رهي آهي. ڪونج اوائلي اَدب، عالمن، دانشورن، بزرگن جون دستاويزي ڪرڻ ڪري قلم ڪارن کي شهرت ڏني آهي. ڪونج ورلي اُنهن سنڌي مخزنن مان آهي، جنهن کي ڊائمنڊ جبلي ملهائڻ جو شرف حاصل ٿيو آهي. ڪونج نوَن اَديبن جي رهبري ڪندي، اُنهن کي همٿائيندي، اُنهن جي رچنائن کي جوڳي جڳهه ڏيئي اَدب ۾ پير پختا ڪرڻ ۾ واهر ڪئي آهي. مايه ناز، پختن، مشهور، مڃتا حاصل اَديبن، شاعرن جي رچنائن کي ڪتابي صورت ۾ آڻي، خاص معياري تحقيقي شخصيت پرچا شايع ڪري صوبائي اَڪادمين، مرڪزي ساهتيه اَڪادمين، راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد جا عزت بخش انعام حاصل ڪرڻ ۾ سونهپ ڪئي آهي.

ڪونج ويجهڙ ۾ اَديبن ڊاڪٽر جيتو لالواڻي، وينا شرنگي،

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر روشن گولاڻي، شري جيرام روپاڻي وغيره جي جيون، فن، ڪاريه کي ڪٿي معياري اَدبي خاص اَنڪ شايع ڪري سنڌي اَدب ۾ اِضافو ته ڪيو آهي پر جيڪي اِدارا سنڌي اَدب جي حفاظت، بچاءَ، وڪاس لاءِ عملي ۽ يادگار ڪاريه ڪري رهيا آهن، اُنهن اِدارن جهڙوڪ سنڌي اَڪادمي دهلي، سنڌو يوٿ سرڪل اُلهاسنگر وغيره جي ڪاريه کي به روشنيءَ ۾ آندو آهي. پرڏيهي ودوانن، شخصيتن جو خاص اَنڪ شايع ڪيو آهي. ڪونج کي ڏيهي-پرڏيهي دانويرن جو هر قسم جو ساٿ سهڪار آهي، جا ڳالهه دانويرن جي زنده دليءَ، شعوري هجڻ جو ثبوت آهي. ڪونج عالمي سنڌيت جي روشن مشعال آهي. مان سمجهان ٿو ته هيءُ پهريون پيرو آهي جو ڪنهن اَدبي مخزن سنڌي اِدارن کي اَهڙي قسم جي اوليت ڏني هي ۽ اِدارن جي ڪاريه جي تواريخ جوڙي، اُن جو دستاويزي ڪرڻ ڪري پارت پر جي اَدبي، سپيتڪ، تعليمي، سماجي سنستائن ۽ صوبائي اڪادمين لاءِ ڪاريه، مشغولين، سرگرمين جي ڏس ۾ مشعال بڻجي روشن آئينده جي واٽ ڏني هجي.

ڪونج اوچ آدرشن جي حفاظت، سماجڪ جاڳرتا، لوڪ سکيا، سنڌي ثقافت جو وڪاس ڪري صحتمند ماحول ڪڙو ڪيو آهي. معلومات، ڄاڻ-گيان، اَدبي خزاني کي سانڍڻ ۾ اهم پارٽ اَدا ڪيو آهي. تنقيد، تحقيق لاءِ پڻ نت نئين ڄاڻ ڏيندڙ مددي وسيلو بڻي آهي. بهترين، جديد ترين مواد سان سنڌي پاٺڪ ساهتيه کي شاهوڪار، معياري، صحيح، شڌ، ڪوجناتمڪ بڻائڻ ۾ ڪونج ڪنهن به حالت ۾ وسان ڪين گهٽايو آهي.

ڪونج مڪاني، راشٽريه، اِنترراشٽريه عالمي اَدبي سيمينارن ۾ جيڪي ڪوجناتمڪ،تنقيدي مقالا پڙهيا ويا آهن، اُنهن کي شايع ڪرڻ ۾ اَڳرائي ڏني آهي. ڏيهي-پرڏيهي اَديبن، ودوان، شاعرن، فلاسافرن، محققن جي رچنائن کي شايع ڪري نه صرف ڪونج جو پر ودوانن، ڏات ڌڻين جو مان-شان اوچو ڪيو آهي پر سنڌي اَدب ۾ هلندڙ هڪ هٽيءَ کي ٽوڙيو آهي. ڪنهن به گروپزم، واد ۾ وشواس نه رکي، هر طبقي جي ليکن کي جوڳي جاءِ ڏني آهي ۽ صحيح معنيٰ ۾ اَدبي برادري قائم ڪري، عوام سان گڏ هر طبقي جي مخزن هجڻ جو درجو عطا ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

اها به هڪ حقيقت آهي ته ڪونج شروعاتي دؤر کان وٺي جدا جدا ڪالم ته ڏنا آهن پر اَدب جي وڪاس، بهبوديءَ، معيار وڌائڻ جي ڏس ۾ نت-نوان تجربا به ڪيا آهن. ڪونج جا دل ڇڪيندڙ ڪشش دار رنگين ڪوَر، سهڪاري ناول يوجنا، ويچار-منچ جدا جدا ڀاشائن جا نثر چاهي نظم ۾ ترجما، سنڌ - هند جي اَديبن جي واقفيت، سنڌيت سان ڀرپور ٿيندڙ سرگرمين جا احوال رپورٽون باتصوير، منهنجيون ڪمزوريون ڪالم، سيلف پورٽريٽ وغيره اَهڙيون ڪونج جون خاص خوبيون ڏيان ڇڪائيندڙ ۽ لوڪپريه تتو آهن، جيڪي خير ڪو ڀارت جي ٻين اَدبي مخزنن ۾ نظر اَچن ٿا.

محنت ڪش، بي باڪ، سنڌيت سان اوت-پروت ٽيل نند ڇٻاڻي هڪ غيرتمند شخص آهي. هن جا لکيل سمپادڪتيه وقتائتا، جديد اَدبي مسئلن تي ڀرپور، نشپڪش شفاف رائزني ڪندڙ گوناگونيت سان ڀرپور ته هوندا ئي آهن، پر ڇٻاڻي جن به ڪتابن تي اوڪ-ڊوڪ، تبصرا، رائزني ڪندو آهي، اُهي پڻ علحدا ته هوندا ئي آهن پر اُنهن جي ٻولي معياري، صورتخطي صحيح، تز، گرامر ۾ پختي ۽ گوناگونيت نظرئي جي نمائش ڪندڙ هوندا آهن.

سداحيات اَديب، برڪ سنڌي اَدبي صحافي، ناول نگار، ڪهاڻيڪار جناب هري موٽوانيءَ کي شرڌا جا گل پيش ڪندي هريءَ جيڪا ڪونج ذريعي شيوا ڪئي هئي، اُها لاثاني، اَڻ وسرندڙ، دستاويز ۽ سونهري اَکرن ۾ درج ڪرڻ جهڙي آهي ۽ اُن ڪم کي سچائي، ايمانداريءَ سان جناب نند ڇٻاڻي برقرار رکي ويٺو آهي. اُن لاءِ هن کي مٺين مبارڪون. ڪونج صحيح معنيٰ ۾ هند-سنڌ جي اَدبي پُل آهي. هند-سنڌ ۾ ڪونج جي اَدبي حيثيت لاجواب مڃتا رهي آهي. مونکي اُميد ئي نه پر پڪ آهي ته ڪو نوجوان، شاگرد ضرور اَڳيان ايندو، جيڪو ڪونج تي ايم. فِل لاءِ سبجيڪٽ تيار ڪندو. پي.ايچ.ڊي. لاءِ سنڌي اَدبي صحافت جي عيوضي مخزن ڪونج تي هڪ وڏو کوجناتمڪ مقالو لکندو. جو اِنهن ڊگرين حاصل ڪرڻ جا سمورا تتو، مواد ڪونج ۾ هڪيو تڪيو حاضر آهن. آمين!

ജ്ഞ

Gul Hayat Institute

# ڪونج اُڏامندي رهي ...

✍ شوڪت حسين شورو

منهنجي لکڻ واري عمر کان وڌيڪ ڪونج جي عمر آهي. مون جڏهن 1964 کان لکڻ شروع ڪيو، ان کان اڳ سنڌ ۾ ادب سان چاهه رکندڙ اسان جهڙن نوجوانن ۾ هند مان شايع ٿيندڙ ”ڪونج“ سنڌ جي رسالن کان به وڌيڪ پاپولر هو. اهڙو رسالو جنهن ۾ اسان جي پسند جا ليکڪ نارائڻ شيام، رام پنجواڻي، موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، لعل پشپ، سڳن آهوجا، آنچل، ايم ڪمل، تارا ميرچنداڻي، ارجن حاسد، ڪرشن راهي، ارجن شاد، ايشور چندر ۽ ٻيا ڪيترا ليکڪ لکندا هجن ، ڪڏهن ڪڏهن شيخ اياز ۽ سنڌ جا به ڪي وڏا ليکڪ ڇپجندا هجن ، سو سنڌ جي ساهت پريمين جي لاءِ هڪ وڏي سوکڙي هوندو هو. ان وقت سنڌ ۾ هري موٽواڻي جو گهڻو تعلق طارق اشرف سان هو. هري ڪونج جون ڪاپيون طارق اشرف کي موڪليندو هو ۽ طارق اشرف اهي حيدرآباد جي گاڏي کاتي ۾ بوڪ اسٽالن تي وڪري لاءِ رکندو هو جيڪي ٻن ٽن ڏينهن اندر وڪامي وينديون هيون. ڪونج حاصل ڪرڻ جيڪو اڳي سو تڳي جي مثال وانگر هوندي هو. باقي جيڪي هٿين خالي موٽندا هئا سي وري يارن دوستن کان پڇا ڪندا هئا. خبر پوندي هئي ته ڪنهن دوست وٽ آهي ته ڪونج پريمي هن وٽ پهچي ويندا هئا. ان دور ۾ ڪونج جو هڪ اهڙو خاص نمبر نڪتو هو جنهن ۾ رڳو سنڌ جي ليکڪن جي شاعري، ڪهاڻيون ۽ مضمون شامل هئا. اهو خاص پرچو سنڌ جي هڪ ناميارو ليکڪ غلام رباني ايڊٽ ڪيو هو. مشهور ساستدان ۽ اديب پير علي محمد راشدي جو ”ڪونج“ بابت هڪ شاندار

Gul Hayat Institute

معلوماتي مضمون پڻ ان خاص نمبر ۾ ڇپيو هو جنهن کي سنڌ ۽ هند ۾ ساراهيو ويو هو.

مون جڏهن ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون ته دل ۾ هڪ وڏي خواهش هئي ڪونج ۾ ڇپجڻ جي. پر هڪ ڊپ هو ته جنهن مخزن ۾ هند ۽ سنڌ جا ايڏا وڏا ليکڪ ڇپجن ٿا، ان ۾ مون جهڙي نئين ليکڪ جي ڪچي ڦڪي ڪهاڻي قبول ئي ڪانه پوندي. ان ڪري ڪنهن ڪهاڻي موڪلڻ بدران ڪونج ۾ ڇپيل مواد بابت پنهنجي راءِ وارا خط هري موٽواڻي کي موڪلڻ لڳس. آهستي آهستي خطن ۽ ڪتابن جي ڏي وٺ وسيلي هري موٽواڻي سان ايتري ويجهڙائپ ٿي وئي جو اڳتي هلي اسان جي وچ ۾ وڏي ۽ ننڍي ڀاءُ وارو رشتو جڙي ويو. هري مون کي انڊيا اچڻ جي نينڊ ڏني ، ته مون کيس سنڌ اچڻ لاءِ چيو سنڌ ته هري موٽواڻي جي ساهه ۾ سمايل هئي ۽ هو سنڌ اچڻ جا سپنا ڏسندو رهندو هو. هن جا سپنا نيٺ ساڪار ٿيا ، پر ان کان اڳ اسان کي هن وٽ بمبئي وڃڻ جو موقعو نصيب ٿيو .

ان وقت پاڪستان ۾ جنرل ضياءالحق جو راڄ هو. اها عجيب ڳالهه آهي ته پاڪستان ۾ جڏهن به فوجي حڪومت هوندي آهي ته ان جا انڊيا سان لاڳاپا بهتر هوندا آهن. تڏهن ڪراچي ۾ انڊيا جي قونصليٽ هئي ، جتان ويزا سولائي سان ملي ويندي هئي. صبح جو ويزا فارم ڀري پاسپورٽ سان گڏ ڏبو هو ۽ شام جو پاسپورٽ تي ويزا لڳي ملندي هئي. سو هري موٽواڻي سان پهريون ڀيرو 1985 ۾ روبرو ملاقات ٿي. هن ئي اسان کي نند ڇٻاڻي، نند جويري، موهن ڪلپنا، لعل پشپ، گني سامتاڻي ، نارايڻ ڀارتي، ڪرشن راهي، مايا راهي، ايم ڪمل ، گوبند مالهي ، ڪيرت ٻاٻاڻي ، پوپٽي هيرانداڻي ۽ ٻين ليکڪن سان ملايو .هري موٽواڻي ۽ اتم جي وچ ۾ تڪرار هلندڙ هو ، پر جڏهن اسان سندري اتمچنداڻي ۽ اتم سان ملڻ لاءِ چيو ته هري وڏي دل سان پاڻ اسان کي سندن گهر وٺي ويو. دادا رام

Gul Hayat Institute

ڪٽي ٻيڙي ۾ ويهي سنڌو جي وچ سير تي آياسين.. پنڊت به اسان سان گڏ هو جيڪو گيتا جا شلوڪ پڙهندو هليو. محمد ابراهيم جويو، وليرام ولڀ ، تاجل بيوس، تاج جويو ۽ مون سميت ٻيا ڪيترائي ليکڪ ۽ هريءَ جا چاهيندڙ نواب بشير خان لغاري ۽ ٻيا اتي اچي گڏ ٿيا هئا. جهولي لال کي ياد ڪندي هري موٽواڻي سنڌي جون هانيون گلاب جي گلن جي پنکڙين سان گڏ سنڌو دريا جي حوالي ڪيوسين. پوءِ موٽي اچي مندر جي پٽر تي ويٺاسين ۽ هر ڪنهن هري بابت پنهنجا ويچار ونديا. هر ڪنهن جو اهوئي خيال هو ته هري وڏ ۾ وڏ سندس ئي ويجهو هو. اهو هري جي پيار ۽ پنهنجائپ جو ڪرشمو هو.

سنڌ ۾ ليکڪن کي هري موٽواڻي جي لاڏاڻي جو ڏک ته هو ئي ، پر ان سان گڏ اهو به اونو هو ته هريءَ جي وڃڻ کان پوءِ سنڌي جي شاندار مخزن "ڪونج" جي اڏام بند ٿي ويندي ۽ هڪ وڏو ساهتڪ دور پنهنجي پڄاڻي تي پهچندو. پر اسان جا اهي انومان ۽ ڊپ اجايا ثابت ٿيا. هري موٽواڻي جي ويجهي ساٿي نند ڇڳاڻي ڪونج جي اڏام کي جاري رکڻ جو اعلان ڪيو . هري جي خواهش هئي ته هو منهنجو خاص نمبر شايع ڪري پر هن کي موت مهلت نه ڏني. هريءَ جي ان خواهش کي به نند ڇڳاڻي تڪميل تي پهچايو. گذريل 13 سالن کان نند ڇڳاڻي ڏکين حالتن هوندي به ڪونج کي پرزا سوئي سمهڻ نه ڏنو آهي. ڪونج جي اڏام جاري آهي. هاڻي ته ڪونج پريس مان ڇپجي نڪري مس ٿي ته انٽرنيٽ تي اڏامندي اچي سنڌ ۾ پهچي ٿي. ماڊرن ٽيڪنالاجي هند ۽ سنڌ جي ساهت کي ايترو سولائي سان ڳنڍي ڇڏيندي اهو لقاءُ هري موٽواڻي جي سپنن جي ساڀيان آهي.

Gul Hayat Institute

ꕥ

# هرِي هرِي !

## ✍ اِمداد حُسيني

مان جڏهن هند پهريون ڀيرو آيو هوس، رام جواهراڻيءَ جي ڪوٽ تي ’سهيوگ فائونڊيشن‘ پاران ’نارائڻ شيام اوارڊ‘ وٺڻ لاءِ، تڏهن ممبئيءَ جي ’روز ووڊ هوٽل‘ ۾ سڀ کان پهريون فون جنهن مِتر جو آيو هو، اُهو هو ’هَرِي موٽواڻي سنڌي!‘

’نارائڻ شيام اَوارڊ‘ منهنجي لاءِ ٻن ڳالهين جي ڪري ڏاڍو اَهم هو: (١) ته اهو اَوارڊ سنڌيءَ جي هڪ وڏي شاعر ’نارائڻ شيام‘ جي نالي سان هو، جنهن جا ٻه شعر هتي ڏيڻ چاهيندس :

**اَلا اِئين نه ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي**
**ته هئي سنڌ ۾ سنڌ وارن جي ٻولي!**

. . . . .

**گنگا جمنا اَمرت اَمرت**
**ليڪن ٿَج ته سنڌو آهي!**

(٢) ته اهو ’نارائڻ شيام اَوارڊ‘ مون کي ليجينڊ دليپڪمار جي هٿان مليو هو.

سو جڏهن هري موٽواڻي ’سنڌيءَ‘ جو فون آيو ته اَچرج مان ڪانئس پڇيم ته ’’توکي منهنجي اَچڻ جي ڪيئن خبر پيئي؟‘‘ هُن ٽهڪ ڏيئي وراڻيو ته ’’تو ڇا سمجهيو ته تون ممبئيءَ ايندين ۽ مون کي خبر نه پوندي؟‘‘

هُن چيو ته ’’اها ڳالهه روبرو ٻڌائيندس، تون تيار ٿي ويهه مان اَچان ٿو.‘‘

هَرِي آيو ۽ پاڻ سان ’ڪونج - موهن ڪلپنا نمبر‘ ۽ ’ڪونج - هري موٽواڻي سنڌي نمبر‘ ٻه کنيو آيو ۽ ٽيبل تي رکيائين. اَسين ممبئيءَ جي رستن تي هئاسين. پهرين ٺاڪر چاولا ۽ پارو چاولا جو درشن ڪيوسين ۽ پوءِ اُتم ۽ سندريءَ جو. اُتم ۽ سندريءَ سان ته آنءُ اَڳ ٻه ملي چڪو هئس، جڏهن هو حيدرآباد سنڌ آيا هئا. روپ محل ۾ حميد سنڌيءَ وٽ ساڻن روح رهاڻ ڪئي هئي هئي، جتي مون پنهنجو نظم ’روشنيءَ جو سفر‘ پڙهيو هو. هوٽل ڏانهن ايندي هريءَ ٻڌايو ته جنهن

۽ ڪري ڪجھ سگھيو ڪو نہ ڪو ھوُ مگر
رات اُماوس ھئي ۽ جُھڙالي ھئي
بس رڳو شمع جِئن پاڻ ٻاري سگھيو
جيترو ٿي سگھيو ٻات ٽاري سگھيو
۽ سچا سونَ جھڙا لکيائين اکر
ڪجھ ڪري جي سگھيو ڪُر اُجاري سگھيو
۽ ڪِريل جي بہ تحت الثريٰ ۾ ھئا
سج وانگي انھن کي اُڀاري سگھيو!
موج تو ۾ رھي شال سندو ندي!

مون کي خبر ناھي تہ ھريءَ اھو نظم ڪٿان ھٿ ڪيو ھو؟! ’ڪونج - ھري موٽواڻي نمبر‘ ۾ منھنجو ھي مختصر نظم ڇپيل ھو:

گيت رچڻ ري
سُر سَرجڻ ري
پنھنجي ناھي سَري سَري
گيت ڇياسين وري وري
ھَرِي ھَرِي!

اِھو نظم ھريءَ کي آٽوگراف طور لکي ڏنو ھئم ۽ ان جي آخري سِٽ ’ھري ھري‘ آٽوگراف لکندي ذھن ۾ آئي ھئي! ھريءَ ان نظم کي ايترو سنڀاليو ھو! ۽ وقت اچڻ تي اُن کي ڪتب آندو ھو! اھو ھڪ سُچيت ايڊيٽر جو اھڃاڻ ھو. اَسان سڀني کي ’ڪونج ڊائمنڊ جبلي‘ جون واڌايون! نند ڇڳاڻيءَ ۽ سندس سٿ کي واڌايون!

ﮩﮨ

*** لطيفي ٻول ***

✍ سهيڙ: صاحب ٻِجاڻِي

اَلا! ڏاھيِ مَ ٿِيان! ڏاھِيوُن ڏُکَ ڏِسَنِ،
موُن سين موُن پِريَنِ، ڀورائيِءَ ۾ ڀالَ ڪيا.

Gul Hayat Institute

# ڪونج جي اُڏار

✍ قاضي قادم

سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي واڌاري ۾ سنڌي رسالن جو جيڪو ڪردار رهيو آهي، ايترو اثرائتو سنڌي ڪتابن يا سنڌي اخبارن جو ڪونه آهي. خاص طور تي ويهين صديءَ کان شروع ٿيندڙ سنڌي رسالن جي ابتدا کان موجوده دور تائين جيڪڏهن جائزو ورتو وڃي ته ان مان سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي هر پهلوءَ جي تاريخ ۽ ارتقا جو احوال معلوم ٿي ويندو.

سنڌ ۾ سنڌو ادبي دنيا، فردوس، فلمي دنيا ۽ بعد ۾ پاڪستان ۾ مهراڻ، نئين زندگي، روح رهاڻ، سهڻي، سوجهرو نئون نياپو پيغام ۽ ان ڪانپوءِ ڪئين ننڍا وڏا ٿوري وقت تائين نڪرندڙ رسالا به اچي وڃن ٿا، جيئن تقاضا، پرهه ڦٽي، آرسي ۽ ٻيا به ڪئين رسالا اهڙا به شايع ٿيندا رهيا جيڪي پنهنجي اهميت رکن ٿا جڏهن ته هندستان مان شايع ٿيندڙ رسالي ”ڪونج“ جو ڪردار وري ان لحاظ کان وڏي حيثيت رکي ٿو ته ننڍي سائيز ۾ مناسب صفحن سان نڪرندڙ هن رسالي هڪ اهڙو ته تسلسل قائم ڪري رکيو آهي، جيڪو نه صرف دنيا ۾ رهندڙ سنڌين جي ادبي پياس اجهائي ٿو بلڪ ادب ۾ ايندڙ نون لاڙن جي به هن رسالي ۾ شايع ٿيندڙ شعر افسانن توڙي مضمونن مان خبر پوي ٿي.

آءُ ته ننڍپڻ کان پڙهڻ جو شوقين رهيو آهيان ۽ لکڻ جو به. تنهن ڪري چئي سگهان ٿو ته ڪونج سنڌي جي ادبي ۽ ثقافتي تسلسل جو هڪ اهم ذريعو رهي آهي.

مون وڏي عرصي کان جڏهن ’ڪونج‘ هري موٽوانيءَ جي ادارت هيٺ نڪرندي هئي ۽ نئين ۽ جديد ادبي صنفن، آزاد نظم، نثري نظم،

Gul Hayat Institute

هائيڪو وغيره سان گڏ غزل گيت نوان نڪور افسانا، خاص ڪري جن ۾ وطن ڇڏي وڃڻ وارن جو درد سمايل هئو ضرور پڙهندو هوس. خاص ڪري ڪونج ۾ شايع ٿيل ڪيتريون ڪهاڻيون ياد اٿم، جن کي پڙهڻ کانپوءِ ڪافي وقت دل وياڪل رهندي هئي.

هي اهو دور هو جڏهن سنڌ ۽ هند ۾ ٿيندڙ سنڌي ميلن، سميلن ۾ اديب جٿا ڪري پيا ايندا ويندا هئا. البت سرڪاري نوڪري ڪندڙن کي گهڻا موقعا ڪون ملندا هئا ۽ سيڪيورٽيءَ جي معاملن جي ڪري آءُ به ڪڏهن وڃي نه سگهيس. جڏهن ته هڪ دفعي آءُ بمبئي يونيورسٽيءَ جي هڪ ادبي اجلاس ۾ وڃڻ جي تياري ڪري چڪو هوس جنهن لاءِ هتان ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻيءَ ڪوششون ڪيون ته هتي آغا سليم ۽ ٻين دوستن همت ڪري ويزا به وٺي ڇڏي، هوائي جهاز جون ٽڪيٽون به اچي ويون پر مونکي مرڪزي سرڪار طرفان موڪل نه ملي ۽ اها ٽڪيٽ واپس ڪرڻي پئي.

بهرحال جڏهن به سنڌي اديب هت ايندا هئا ته ملاقات ٿي ويندي هئي ۽ سنڌي ادب جي ترقيءَ جو احوال به ملندو هو. تڏهن به هن ڏس ۾ رسالا ئي وڌيڪ معلومات ڏئي سگهيا آهن.

’ڪونج‘ رسالي جي مقبوليت جو وڏو سبب هري موٽواڻيءَ ئي هئو جيڪو نه صرف هن رسالي جو ايڊيٽر هو بلڪ هن جي سنڌ جي ادب ۽ مٽيءَ سان جند جڙيل هئي. حالانڪ سنڌي رسالن ۾ هندستان لڏي ويل اديبن جا شعر ۽ افسانا ڇپجندا ئي رهندا هئا ۽ روح رهاڻ ۽ سهڻي سميت هر هنڌ موهن ڪلپنا، سندري اتم چنداڻي، ايم ڪمل، ڪلا پرڪاش، ريٽا شهاڻي، نارايڻ شيام ۽ لڇمڻ ڪومل جهڙن اديبن جون لکڻيون ملنديون رهنديون هيون پر هريءَ سان ملاقات کانپوءِ هنن سان ملڻ جو پڻ اتساهه پيدا ٿيندو هو. سنڌ جا اديب هندستان ۽ هند جا سنڌي اديب سنڌ ايندا رهندا هئا، جن جو هت دل سان آڌرڀاءُ ڪيو ويندو هو. اهڙن موقعن جو ذڪر مون پنهنجي يادگيرين جي ڪتابن ۾

Gul Hayat Institute

پڻ ڪيو آهي ليڪن هريءَ جو ڳالهيون نہ ٿيون وسرن. هن ڪونج رستي جڻ پنهنجو پاڻ کي سنڌ لاءِ ارپي ڇڏيو هو. هن جي حيدرآباد ۾ ويهڻ جي خاص جاءِ طارق اشرف جي سهڻي پريس هئي، جنهن جي بلڪل سامهون اسان جي ’حيدرآباد پرنٽنگ پريس‘ هوندي هئي ۽ هري جڏهن هت هوندو هو تہ هن سان ملاقات ضرور ٿيندي هئي.

ان وقت کان وٺي، هريءَ جي گذارڻ کانپوءِ خاص ڪري پياري دوست نند ڇڳاڻي جهڙي ريت ان رسالي جو ڀرم قائم ڪيو آهي ۽ دنيا ۾ جتي بہ سنڌي لکندڙ ۽ پڙهندڙ رهن ٿا، ان وچ ۾ هڪ فطري اندلٺ قائم ڪري ڇڏي اٿس، اها بي مثال آهي، خاص ڪري جو هن شخص رسالي ڪونج جي دل کي ايڏو ڪشادو ڪيو آهي جو ان ۾ هر ڪنهن کي سمايو ڇڏي. حالانڪ منهنجي هن سان صرف ادبي ملاقاتون ئي رهيون آهن، اهي بہ ڪونج جي ورقن تائين محدود آهن، تڏهن بہ هن منهنجون لکڻيون مختلف ڪتابن مان چونڊي بہ شايع ڪيون آهن، نہ صرف ايترو پر هڪ خاص نمبر منهنجي واسطي سان ڪڍيائين، جنهن جي بيڪ ڪور تي منهنجون تصويرون ۽ منهنجو تعارف بہ ڏنائين.

آءٌ ڪڏهن بہ هندستان ۾ سنڌي ادب بابت ٿيل ڪنهن محفل ۾ وڃي نہ سگهيو آهيان. ليڪن ڪونج رسالي جي حوالي سان آءٌ جڻ تہ اتي جي هر ادبي محفل ۾ موجود هوندو آهيان ۽ تمام گهڻن اديبن ۽ شاعرن سان غائباڻيون ملاقاتون بہ ٿيون اٿم.

ڪونج جي ڊائمنڊ جوبليءَ تي لکندي مون کي ڏاڍي خوشي پئي ٿئي تہ هن مشيني دور ۾، جڏهن سنڌي ٻولي تمام گهڻين گهٽنائن مان گذري رهي آهي، هيءُ ڪونج جي ادبي چٽنگ ان جي حفاظت لاءِ ثابت قدم رهندي پئي اچي. شال اها چٽنگ سنڌي ادب کي دنيا ۾ روشن رکندي اچي.

ﮘﮗ

Gul Hayat Institute

# هرِي، ڪوناج ۽ نندُ

✍ رڪيل مورائي

مان پهريون ڀيرو جن هند جي اديبن سان مليو هوس، اهي هُئا دادا هري موٽواڻي ۽ ٻه نند- هڪ جي ڀچاڙي ”ڇڳاڻي“ هئي ۽ ٻئي جي ڀچاڙي ”جويري“ هئي، ان ڪان اڳ هند جا اديب مون لاءِ عجيب مخلوق هئا. جنهن مخلوق کي ڏسڻ ۽ ساڻن ملڻ لاءِ ٻه دل گهرندي هئي ۽ سندن ڪتاب پڙهڻ لاءِ ٻه واجهائيندو هوس.

توڻي جو ان ڪان اڳ گذريل صديءَ جي اسيءَ واري ڏهاڪي جي ڪنهن سال مان دادي پوپٽي هيراننداڻيءَ کي سندس آتم ڪٿائي ڪتاب ”منهنجي زندگيءَ جا سونا روپا ورق“ تي هڪ نندڙو خط پڻ لکي چڪو هوس جيڪو سندس خطن جي ڪتاب ”سنڌوءَ ڪان گنگا جمنا تائين“ ۾ شايع ٿيل آهي.

هيءُ ئي دور هُئو جڏهن مون هند جو سنڌي ادب پڙهڻ شروع ڪيو هئو ۽ دل اندر وڏي ۾ وڏي ”سڌ“ جاڳي هئي ته هڪ ڀيرو هند ياترا ٿئي خير.

ساڳئي وقت هند جي ادب پڙهڻ جو پڻ جنون هئو، جيڪو هاڻ عمر جي وڏي حصي گذري وڃڻ باوجود گهٽيو نه آهي، شايد ان ڪري ئي تازو هڪ ڪتاب تي منهنجي دوست ۽ حسين ليکڪ واسديو موهيءَ لکي موڪليو آهي، پنهنجي دلبر دوست، جنوني اديب رڪيل مورائيءَ لاءِ.

مٿين ٽنهي شخص/اديبن سان اڳتي هلي دلي ويجهڙائي ٿيڻ واري هئي، تڏهن اهڙو تصور ذهن ۾ بنهه ڪونه هئو.

Gul Hayat Institute

هو موري ۾ آيل هئا، سيٺ نجم الدين شيخ جي بنگلي تي رهيل هئا، ۽ اسان جو پيارو دوست خان محمد پنهور ساڻن گڏ آيل هئو، شام جو ادي عظيم سنڌيءَ مون کي ٻڌايو هئو، مان ان وقت ئي ساڻن ملي آيو هوس، ڪچهري ساڻن ٻئي ڏينهن صبح جو ڏهين وڳي، ان ئي جڳهه تي ٽيٽي هئي جتي هو رهيل هئا.

مان اتي پهتو هوس ڪجهه وقت ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ هو "موري" گهمڻ لاءِ نڪتا هئا، مان ساڻن گڏ هوس، اسين شهر گهمندا ادي عظيم جي ٽيلرنگ جي دڪان تي آيا هئاسين جتي لڳ ڀڳ شام تائين ويٺا رهيا هئاسين ۽ جيڪڏهن پلجان نٿو ته ان وقت اندر دادا هري موٽواڻيءَ هڪ ڪپڙن جو وڳو به سبرائي ورتو هئو. ائين تي هُئي منهنجي "ساجاهه سُپرين سين"

اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن نه متيان پرين روح مان نڪتا ۽ نه هند جو سنڌي ادب پڙهڻ کان روح پري ٿيو. چري ڪيئن؟ چئي ويرون، ويرون وڌ، سنڌي چوٽي.

ان کان پوءِ دادا هري موٽواڻي، نند چڳاڻي ۽ دلبر هيرو نڪر سنڌ ياترا تي آيا، ان کان اڳ دادا هري ۽ پيڻ ريٽا شهاڻي سنڌ ڏسڻ آيا ۽ جڏهن به دادا هري سنڌ آيو ته هن مون کي بنهه پنهنجي ويجهو رکيو چاڪاڻ ته اسيءَ واري ڏهاڪي جي آخري سالن ۾ مان مورو ڇڏي ڪراچيءَ ۾ رهڻ لاءِ آيس ۽ پوءِ منهنجو گهر دادا هري، پاءُ نند چڳاڻي، دلبر هيري نڪر ۽ دادا ليڇمڻ ڪومل، ڀين هنڌ مان ايندڙ اديبن لاءِ ڄڻ ڪراچيءَ ۾ هڪ ننڍڙو پنهنجو گهر ٿي پيو، هو جڏهن به آيا ته ان گهر مان پيرو ضرور ڀڳائون.

ائين ڪونج پڙهڻ جو سلسلو جڙيو. نه رڳو جڙيو پر ائين به ٿيو ته اسيءَ کان اڳ وارا ڪونج جا لڳ ڀڳ سڀ پرچا مون هٿ ڪري ورتا ۽ ايندڙ پرچا دادا هري موٽواڻي باقاعدگيءَ سان موڪليندو رهيو. موٽ ۾ مان پڻ ڪتاب موڪليندو رهيس،



Gul Hayat Institute

جيستائين هُن آخري ساهه کنيو، اهو الڳ داستان آهي. جيڪو منهنجي يادگيرين جو حصو آهي، ڪنهن وقت لکڻ لاءِ الڳ وقت کپندو.

ڪونج مئگزين هند ۾ جيڪو سنڌي ادب جي واڌ ويجهه لاءِ ڪردار ادا ڪيو اهو مان پايان ٿو ته هند ۽ سنڌ ۾ شايد ئي، ڪنهن ادبي رسالي ادا ڪيو هجي، سنڌ ۾ سهڻي رسالي، توڙي سهڻي پبليڪيشن هند جي ادب جو ڀرپور تعارف ڪرايو جيڪو سنڌ جي ادب ۾ ياد رکيو ويندو اهو سچ آهي پر ڪونج جهڙو ڪردار شايد ئي ٻئي ڪنهن رسالي ادا ڪيو هجي. هند ۾ سنڌڌ جي تخليقي ادب جو اڳ اهڙو تعارف ٿيل نه هئو، جهڙو ڪونج جي معرفت ٿيو، سنڌ جو ڪيترو ئي ادب ڪونج ۾ شايع ٿيو.

سنڌيءَ ۾ شايد ڪونج رسالي جهڙا ادبي تجربا ڪنهن ٻه سنڌي رسالي جي نصيب ۾ نه آيا آهن. ڪونج جيڪي سلسلا سنڌي ادب کي ڏنا، اهي سنڌ جا ادبي رسالا اڄ ٻه تصور ۾ نه آڻي سگهيا آهن.

پهرين ته ڪونج جديد سنڌي ادب ۽ نين صنفن کي جيڪو مرتبو عطا ڪيو (ڇاپڻ جي حوالي ۾) اهو ٻئي ڪنهن ٻه رسالي اڄ تائين نه ڪيو آهي، مثال طور ڪونج جا ٻه نهايت اهم سلسلا ته سنڌي پڙهندڙ ڪڏهن ٻه وساري نه سگهندا.

هڪ اهم سلسلو ”آئيني جي اڳيان“ ڪونج ۾ هليو جنهن ۾ ناميارن اديبن پنهنجي پاڻ بابت مختصر آتم ڪٿائي ڪالم لکيا، ۽ اڳتي هلي اهو ڪتاب ڪونج پاران شايع ڪرايو ويو. اڳتي هلي سنڌ ۾ ڇپيو. نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد پاران جيڪو سنڌي ادب ۾ پهريون نئون تجربو هئو ۽ اڄ تائين سنڌي ادب جي پڙهندڙن کان نه وسريو آهي.

Gul Hayat Institute

# NEW PUBLICATION OF SINDHI LITERATURE




**Courtesy : NOTAN TOLANI → Hong Kong ← LAL HARDASANI**



Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute

ٻيو سلسلو هئو هڪ سهڪاري ناول جنهن جون الڳ الڳ قسطون الڳ الڳ ناميارن ليکڪن جون لکيل آهن ۽ اهو هڪ مڪمل ناول آهي جيڪو ڪجهه وقت اڳ سنڌ ۾ پڻ شايع ٿيو آهي جنهن کي بيدل مسرور صاحب سهيڙيو آهي، نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچيءَ ڇپيو آهي، اهو تہ اهڙو تجربو آهي جيڪو دنيا جي ادب ۾ بہ شايد ئي ٿيو هجي. هن ناول جا سورنهن کن ليکڪ آهن.

ساڳئي وقت ڪونج پهريون سنڌي رسالو آهي جنهن جي پاران جيڪي ڪتاب ڇپايا ويا آهن انهن بابت گهٽو ئي تنقيدي توڻي تعريفي لکيو ويو آهي، اهي سڀ ڪتاب تخليقي ادب جا اهڙا تجرباتي ڪتاب آهن جن بابت سنڌ اڄ بہ سوچي نہ سگهي آهي.

خود تخليقي ادب جا ڪجهہ لکندڙ اهڙا آهن جيڪڏهن ڪونج جهڙو ادبي رسالو انهن کي نہ ملي ها تہ شايد هو ادبي طور ايترو تڪڙو اڳتي وڌي نہ سگهن ها. شيام جئسنگهاڻي ۽ وشنو ڀاٽيا ان جو مثال آهن، شيام جئسنگهاڻي تہ پنهنجي جيئري اهڙو اعتراف پنهنجي لکڻ ۾ بہ ڪيو آهي.

ڪونج جو هڪ پاسو نئين تنقيد لاءِ صفحا رکڻ پڻ آهي، اهي ادبي ۽ تنقيدي بحث جيڪي ڪونج معرفت شايع ٿيا، اهي پنهنجو مٽ پاڻ آهن ۽ انهن ئي نئين تنقيد لاءِ سنڌي ادب ۾ رستو ٺاهيو.

ڪونج جو جيڪو اهم ترين ڪم آهي اهي شخصيت نمبر آهن، جيڪي مختلف اديبن، شاعرن ۽ عالمن تي دادا هريءَ شايع ڪيا. جهجهو انگ آهي انهن شخصيت پرچن جو. مان ڀايان ٿو اهڙا پرچا وري هند توڻي سنڌ ۾ ڪنهن بہ ادبي رسالي نہ ڪڍيا آهن، ڪنهن بہ وقت اهي سنڌي اديب نہ فقط ڏسي سگهن ٿا پر پڙهي بہ سگهن ٿا. سچ تہ اهو آهي تہ اهڙا پرچا جن بہ شاعرن اديبن ۽ عالمن تي ڪونج پاران نڪتا اهي خوش نصيب آهن، اهي پرچا حوالائي



Gul Hayat Institute

ڪتاب/ريفرنس بُڪ آهن انهن شخصيتن بابت ۽ سندن علمي ادبي ڪم بابت.

۽ ڪونج جو اول ۽ آخر اهم ڪارنامو اهو آهي تہ اهو رسالو اڄ جي تاريخ تائين باقاعدگيءَ سان نڪري رهيو آهي.

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سرحد جي هن پار توڙي هُن پار ڪو بہ اهڙو رسالو (سرڪاري توڙي غير سرڪاري) نہ آهي جيڪو لڳاتار منِي صديءَ کان هلندو اچي.

ڪن شخصن ڪي ادارا هلايا، رسالا هلايا، اخبارون هلايون، جيستائين اهي شخص جيئرا رهيا تيستائين اهي ادارا، رسالا ۽ اخبارون هليون،۽ جڏهن اهي هن جهان مان هليا ويا تہ پاڻ سان گڏ پنهنجو جوڙيل سمورو جهان ڪٺي هليا ويا، هاڻ تہ فقط سندن يادگيريون ئي رهجي ويون آهن پر اهي يادگيريون خوشگوار آهن، ساڳئي وقت سندن ڪيل اهو ڪم بہ يادگار آهي مٿن رحمتون هجن. هو سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سدائين سونهري اکرن سان لکيل سٿن ۾ ياد ڪيا ويندا.

ائين ڪونج اڄا تائين نڪري رهيو آهي ۽ باقاعدگيءَ سان نڪري رهيو آهي.

دادا هري جڏهن آخري ڀيرو سنڌ آيو تہ اهڙو اظهار ضرور ڪيو هئائين تہ هاڻ ڪونج سنيالي نٿي ٿئي، شايد هتي مان اُڏامي وڃي ۽ ستت ئي پوءِ ڪونج جي سائيز ننڍي ٿي ۽ ان تي سمپادڪ منڊل طور هڪ ئي وقت ٽي نالا ڇپيا ويا. جيڪي ترتيب سان هري موٽواڻي، هيرو نڪر ۽ نند ڇڳاڻي هئا، ائين ٿيڻو ڪو نہ هئو ۽ نہ ٿيو، سبب ڪي بہ ٿي سگهن ٿا. ڪونج جاري رهيو ان تي اسان جي سدائين مُرڪڻي دوست نند ڇڳاڻيءَ جو نالو سمپادڪ/ايڊيٽر طور اچڻ لڳو. اُن وقت جيڪا خوشي ٿي هئي اڄ ان کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ ٿي رهي آهي.

ان وقت ڪونج ڪي نند پاران سنڀالڻ جي خوشي ٿي هئي ۽ اڄ ان ڳالهہ جي بيحد خوشي ٿي رهي آهي تہ نند ان ڪي لڳاتار هلائي رهيو آهي ۽ ڪاميابيءَ سان هلائي رهيو آهي. پڪ سان دادا هري موٽواڻيءَ جي هليو وڃڻ سان ڪونج، ڪو نہ هلي وئي، اهو سنڌي ادب ۾ معجزي جهڙو ڪجهہ آهي، جو اڄ هند ۾ نہ سنڌي ادب جو پڙهندڙ رهيو آهي ۽ نہ ئي لکندڙن جو ڪو چڱو انگ باقي رهيو آهي.

اڄ ڪونج جي هن اهم انڪ/پرچي لاءِ هي اکر لکندي دل مرڪي رهي آهي ڇاڪاڻ تہ ان ۾ وري دادا هري موٽواڻيءَ جي ياد اچي واسو ڪيو آهي ۽ اهو پهريون ڏينهن ياد اچي رهيو آهي، جڏهن ڪرڙوڙ دادا هريءَ سان گڏ هڪ نوجوان مرڪندڙ اديب نند ڇُڳاڻيءَ سان بہ مڪا ميلو ٿيو هئو. ان وقت اهڙو ڪو بہ امڪان نہ هئو تہ، هيءُ ئي اهو نوجوان آهي جيڪو اڳتي هلي دادا هريءَ تو ٽي ڪونج جو ادبي وارث ثابت ٿيندا؟

هلندڙ وقت جي روشنيءَ پنيان ڇا لڪيل آهي؟ اهو نظرن کان سدائين اوجهل رهندو آهي، جڏهن اهو سڀ روش ٿيندو آهي تہ ان مان نند ڇڳاڻيءَ جهڙن نوجوانن جو چهرو ظاهر ٿيندو آهي جيڪو هاڻ برابر عمر ۽ وارن جي اڇاڻ واري حساب سان نوجوان نہ رهيو آهي پر جڏهن بہ تازو ڪونج جو پرچو ايندو آهي ان کي پڙهبو آهي تہ ان مان سندس جذبي جي جوان هجڻ جي شاهدي ملندي آهي اهو سچ آهي.

Gul Hayat Institute

# موٽِي آئِي ڪونج

✍ **هولارام هنس**

موسيقي، چترڪاري ۽ شلپڪاري جيئن ڪلائون آهن تيئن ساهتيہ بہ هڪ ڪلا آهي ۽ آهي فن. ساهتيڪار کي ’قلمڪار‘ ۽ ’ذات ڏٽي‘ بہ ڪوٺين ٿا. سنڌي ساهتيہ ڪلا ۾ جيڪي شهپارا ٿي گذريا آهن، هري موٽواڻي انهن مان هڪ هو. مون جاچيو آهي تہ هر اعليٰ اَديب ۾ ڪي ليڊرشپ جا گڻ بہ آهن. هميشه اُهي اَديب زنده رهن ٿا، جن کي پنهنجي خوابن ۽ خيالن جي سونهن ۽ سُڳنڌ ۾ وشواس آهي. اَسين ڪيترو وقت زنده رهياسين، اُن کي ڪا معنيٰ نہ آهي پر معنيٰ آهي اُن کي، تہ اَسين ڪيئن رهياسين.

ڪو قلمڪار ڀلي يُگن جا يُگ زنده نہ رهي پر جيڪڏهن هو پنهنجي يُگ ۾ زنده رهيو تہ اها بہ ڪا ننڍي حاصلات نہ آهي. اَڄ ’هري‘ ڪونهي تڏهن بہ ’ڪونج‘ هلي پئي. اِهو ڏيکاري ٿو تہ هن کي پنهنجي ڪاريہ ۾ وشواس هو ۽ مهان اهو جيڪو اهو وشواس ڇڏي وڃي ۽ ٻين ۾ پريرڻا ڦوڪي وڃي ۽ اهو ڪاريہ هن جي وڃڻ ڪانپوءِ بہ هلندو رهي. اُن لاءِ ڪو لائق ماڻهو بہ ملڻ کپي. هريءَ کي اهڙو هڪ سڄڻ نند ملي ويو.

ڪو وقت هو جو هر سرڪاري يا غيرسرڪاري آفيس ۾ سنڌي سڀا هوندي هئي ۽ ڪا اَدبي مخزن بہ شايع ڪندا هئا پر اَڄ گهڻي ڀاڱي اُهي سڀ بند ٿي ويون. ’لاهوتي لڏي ويا، مڙهيون مون مارن‘، واري ڪار لڳي پئي آهي.

هري موٽواڻيءَ (۲۰۰٦-۱۹۲۹) ڪانپوءِ بہ ’ڪونج‘ هلي پئي، اُڏري پئي ... اهو ڏسي مونکي لڳڻو پوندو تہ:- ’اَڄ بہ اوطاقن ۾ طالب تنوارن!‘

هري موٽواڻي، گهڻو پڙهيل ڪونہ هو، پر پنهنجي ذات واري نگاهہ ۽ نظر سان، چؤطرف هن جيڪي ڏٺو، پسيو، آزمودا پرايا، تصور ڪيو، ڪلپنا ڪئي، ۽ اُن اُڏام جي اُڏام سان جيڪي ماڻيو چوڙيو ... ان سڀ جو هن بي باڪيءَ سان ۽ پنهنجي اَنوکي اَنداز ۾، پنهنجي اَدب ۾، ايمانداريءَ سان بيان ڪيو. جنهن کي بہ هن کي پسڻو هجي يا ملڻو هجي، تہ هن جو اَدب پڙهي. هو پنهنجي

Gul Hayat Institute

ساهت ۾ رچنائن ۾، اِئين سمايل آهي جيئن گل ۾ خوشبوءِ.

هري موٽواڻيءَ ڪهڙيون ڪهڙيون رچنائون رچيون، ’ڪونج‘ ڪي هلائڻ لاءِ هن ڪهڙا ڏک ڏاکڙا ڀوڳيا، ڪڏهن پنهنجي گهران هڙان ڏئي ته ’ڪونج‘ ڪي، سنڌي اَدب کي سنڌي اَديبن کي، اَڳيان ۽ اَڳتي ڪيو ... انهن وشين تي اَڳ ۾ گهڻا ئي ليک ڇپيا آهن، انهن بابت آءٌ نه لکندس. جنهن ڳالهه مون کي موهيو ته اَعليٰ اَديب سان گڏ، هن ۾ ليڊرشپ جا گڻ به هئا، ۽ هوُ هڪ آشاوادي اِنسان هو.

هڪ اَديب جي ناتي هن جو قدر به ٿيو. هونئن به قلمڪار يا ڪلاڪار جو قدر سندس جيئري ئي ٿيڻ کپي، جيئن وچڻ وقت هو چوندو وڃي، ... ’جيڪي ڪجهه مون ڏنو ۽ حاصل ڪيو، ان جو ڪو مُلهه نه آهي.‘

هن جو اِن ڳالهه ۾ وشواس هو ... ’ڪر جيڪي ڪپيئي، پر اَهڙي نموني ڪر جيئن ٻين نه ڪيو آهي ۽ جيڪي ڪرين اعليٰ نموني ڪر.‘

هريءَ موٽواڻيءَ کي آءٌ ٢٥ سالن کان سُڃاڻان. اَٽڪل ٢٠ سال اَڳ جڏهن مون اَدبي ڪلاس ٽاٽا ايسٽ ۾ هلايو، ته پهرين ميڙ ۾، مون هن کي مکيه مهمان ۽ راه روشن ڪندڙ اَديب طور گُهرايو هو. آيل نوَن ليکڪن کي هن همٿ ۽ هٿي ڏني. آءٌ سوچيندو آهيان ... ’اعليٰ اَديب اُهو جيڪو ٻين ليکڪن ۾ جيڪي گڻ آهن، اُنهن کي اُجاگر ڪري.‘ سڀ ليک ته هڪجهڙا ڪونه ٿيندا پر جيڪي ڪجهه تو ۾ آهي، اُن کي ٻاهر آڻڻ ۾، اُجاگر ڪرڻ ۾ ئي مهانتا آهي.

هري موٽواڻيءَ ڪيترن ئي ليکڪن تي ’خاص پرچا‘ شايع ڪيا. اَدبي اِتهاس انهن کي ياد ڪندو، جيڪي نه فقط ٻين جا گڻ ڏسن ۽ پڙهن ٿا پر انهن کي نمايان به ڪن ٿا.

مالهي ۽ اُتم، موهن ڪلپنا ۽ پوپٽي، آنچل ۽ هري دلگير ۽ ٻيا هليا، هري موٽواڻي به انهن سان مليو، شايد سرڳ ۾ ڪو اَدبي ڪلاس چالو ٿيڻ وارو آهي.

اُميد ته هرڪيولس هريءَ جو خال، نند ڇڳاڻي ڀريندو.

**(هندو، ٦ اَپريل ٢٠٠٧)**

**ﮯﮮ**

Gul Hayat Institute

# هري موٽواٽيءَ جي ياد جو هڪ ورق

✍ **نواز خان زئور** (ميرپور بٺورو، سنڌ)

هري موٽواٽي کي گذاريئي ٽيرنهن ورهيه وهامي ويا آهن.

آئون ننڍو هوس، جڏهن هو اسان جي ڳوٺ آيو هو. بابا مرحيات رئيس علي ڏني خان، سائين حاجي غلام حسين، ڪاڪا گل حسن ۽ نانا سرائي عبدالله خان زئور ۾ جيڪي زبردست خوبيون هيون، انهن مان هڪ هيءَ هئي ته هنن جي دوستي جو حلقو تمام وڏو ۽ وسيع هو. بابا سائين، سائين حاجي ۽ ڪاڪا گل حسن ته هاڻي اسان جي وچ ۾ نه آهن. رڳو نانا وڏو بچيو آهي، جنهن کي ڏسي اسان جون اکيون پيون ٺرنديون آهن. رب کيس سلامت رکي. سائين حاجي جي نصرپور جي نواب خاندان جي نواب بشير احمد خان لغاري سان گهاٽي دوستي هئي. نواب صاحب به پوڙهو ٿي ويو آهي. هن جي زندگي جا مخصوص نيم هوندا هئا، جن ۾ هڪ گهمڻ ڦرڻ هوندو هو. اسان جي ڳوٺ به هو مسلسل ايندو رهندو هو. اسان جي وڏن جو به حيدرآباد وڃڻ ٿيندو هو ته هيرا آباد ۾ نواب صاحب وٽ مهمان ٿيندا هئا. ڪڏهن آئون به بابا سان گڏ هوندو هوس. شام ٿيندي هئي ته نواب صاحب جي بنگلي تي ڏندي ڪوندي مان هلڪو ساز ايرندو هو، سائي پيالي ڪانڀوءِ شيشن جي جوت ٻرندي هئي ۽ سانجهيءَ جي سرمئي رنگ ۾ سونهري جام ڇلڪندا هئا.

نواب صاحب هر سال انڊيا گهمڻ ويندو هو. منهنجي شادي تي نواب صاحب منهنجي لاءِ واچ جو تحفو آندو هو، جيڪا هو انڊيا مان وٺي آيو هو. هر سال انڊيا وڃڻ ڪري هن جي هري موٽواٽي سان گهاٽي دوستي ٿي وئي هئي. ٻين اديبن سان به هن جو لاڳاپو هو.

هري موٽواٽي سنڌ ايندو رهندو هو. پر هڪ ڀيري جڏهن سنڌ گهمڻ آيو هو، تڏهن هو نواب صاحب سان گڏجي اسان جي ڳوٺ پڻ آيو هو.

Gul Hayat Institute

سائين عبدالواحد هن سان سياست تي ڊگهي ڪچهري ڪئي هئي. جي آئون پلجان نہ ٿو تہ اهي 1985ع جي ڍاڪي جا صفا آخري ڏينهن هئا. آئون بہ ٻار ئي هوس. پر مون کي اجا بہ هن جو وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي ويهڻ جو انداز چڱي نموني ياد آهي. اسان جي ڳوٺ اچڻ جو ذڪر هن پنهنجي سنڌ جي سفرنامي ۾ پڻ ڪيو آهي.

صبح جڏهن اخبار ۾ پڙهيم تہ هري موٽواڻي جي اڄ تيرهين ورسي آهي، تڏهن مون کي اها ڳالهہ ۽ اهي ڏينهڙا سار تي سُري آيا آهن.

جيتوڻيڪ آئون انهن ماڻهن مان ناهيان، جيڪي حسب نسب تي ٽلندا آهن، فخر ڪندا آهن يا ان کي اتم سمجهندا آهن. ڇاڪاڻ جو آئون حسب نسب بدران ڪردار ۽ علم کي اهميت ڏيندو آهيان. تاريخ ۾ ڪردار ئي رهجي ويڄو آهي. پر پوءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن آئون سوچيندو آهيان تہ آئون اسان جي وڏن تي لکان، نہ رڳو مردن تي پر ڪجهہ عورتن تي بہ، جن جون چڱائيون ۽ وڙ ايڏا وڏا هئا، جو انهن جو ذڪر ڪڏهن اڄ بہ ڪٿان ڪنهن ڏندلي ستاري وانگر روشن ٿي بڻڻ ۾ اچي ويندو آهي. منهنجي ڏاڏيءَ خود هڪڙو وڏو ڪردار هئي. ڏاڏيءَ پاڳوند. هڪ وڏي زميندار جي زال، پر سادگي، ڪهل ۽ سخاوت جو اعليٰ مثال. سندس در تان ڪو سائل خالي هٿين نہ ويو. آئون ڏاڏيءَ جا قصا لکان تہ پڙهندڙ حيران ٿي وڃن! هيڪر آئون ان ڪان رڳو ان ڪري حَضر ڪندو رهيو آهيان، جو متان ان سان احساس برتري يا گهمنڊ جو ڪو غيرضروري تاثر اڀري! سائين نور نبي شوري کي گهڻين ڳالهين جي خبر آهي، جي هو پنهنجي آتم ڪهاڻي يا يادگيريون لکي تہ هوند هڪ دؤر جو سماجي حسن ۽ سنڌي ڪردار نکري نروار ٿي بيهي. خير، ڳالهہ مان ڳالهہ نڪري ٿي تہ ماڻهو ڪٿان ڪان ڪٿي پهچيو وڃي.

هري موٽواڻي هڪ نالي وارو ۽ شاندار اديب هو. جنهن جي لکڻين ۾ جماليات، فني هماگيريت ۽ تخيل جي بلندي سان گڏ سنڌيت جو هڳاءُ پڻ شاهڪار سطح تي هو. هُو تہ پنهنجي نالي جي پنيان بہ

Gul Hayat Institute

سنڌي لکندو هو. هري موٽواڻي سنڌي. سندس چالاڻو جلاوطني ۾ ٿيو.

جلاوطني خود ڪُک ۾ هڪ ڪانُ وانگر آهي، هڪ گهاءُ آهي. پر هو ڪنهن حد تائين خوشنصيب هو، جو سنڌ جا وڻ وري ڏسي سگهيو هو. موهن ڪلپنا، نارائڻ شيام ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي چاهيندي به سنڌ نه ڏسي سگهيا.

موهن ڪلپنا، جيڪو هر ٻيءَ رات سنڌ ديس ڪي خواب ۾ ڏسندو هو. ڪيرت ٻاٻاڻي، جو سنڌ اچڻ لاءِ آخر تائين ڪوشش ڪندو رهيو. هن سنڌ ڏسڻ لاءِ ان وقت جي وڏي وزير ڄام صادق علي کي سائين جي ايم سيد هٿان چورايو ته ڪيس سنڌ جي ويزا وٺرائي ڏني وڃي. ڄام صادق وڏي وزير هوندي به ويزا وٺرائي ڏيئي نه سگهيو هو ۽ ڪيس چيائين ته ويزا جن جي هٿ ۾ آهي اهي توکي ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. باقي آئون تنهنجي لاءِ ايئن ڪري سگهان ٿو ته تون ٻئي ڪنهن ملڪ لاءِ وايا ڪراچي اڏام پر، آئون پاڻ اچي ڪراچي جي هوائي اڏي تان توکي ڪٽي سنڌ گهمائي وري هوائي اڏي تان ئي ڪنهن جهاز ۾ چاڙهي ڇڏيندس. ڪيرت ان تي راضي به ٿي ويو هو، پر پوءِ ٻين ڪن دوستن ڪيس ايئن ڪرڻ نه ڏنو. شيام ته پنهنجي ئي شعر جي تصوير بڻجي لاڏاڻو ڪيو.

الاءِ ڪهڙي گهڙي ”شيام“ ان مان نڪتاسين؟
وطن ورڻ ته ڇا، سرحد ڏسڻ به نصيب نه ٿي!

هري موٽواڻي جي ورسي جي اڄوڪي ڏينهن تي آئون سوچي رهيو آهيان ته هن قوم جا بهترين فرزند اجا ڪيترو وقت پنهنجي وطن کي ڏسڻ جي حسرت ۾ ڏيساور ۾ جلاوطني جي پيڙا سهندي لاڏاڻا ڪندا. ڇا اهي يهودين وانگر پنهنجي وطن ڏانهن موٽ نه ڪندا!؟ سنڌ، جيڪا ڪنعان جي ڌرتيءَ ڪان وڌيڪ ٻاجهاري ۽ سياڳي آهي.



Gul Hayat Institute

# ’ڪونج‘ وَلر واري ...

✍ تاج جويو

’ڪونج‘، سنڌ ۾ وڇوڙي ۽ جُدائيءَ سان گڏ خوبصورتيءَ ۽ حُسناڪيءَ جو استعارو آهي. ’ڪونج‘ ڪي اَهڙي محبوبا سان ڀيٽ ڏني ويندي آهي، جيڪا پنهنجي محبوب کان وڇڙيل، سندس ڳولها ۾ پريشان ۽ سرگردان رهندي آهي. ’ڪونج‘ جو ڪُرلاءُ، هجر ۽ وڇوڙي جي سموري ڪرب ۽ ايذاءَ جي شدت جي علامت آهي. ’ڪونج‘ محبت ڪندڙ دلين ۾ وسندي آهي ۽ سندس بيوَسيءَ ۽ ويچارپ ۾ ڏرتيءَ واسين جي حوصلي ۽ حياتي گهارڻ جي اُميد لڪل هوندي آهي.

’ڪونج‘ نالو، سنڌ ۾ نياڻين جو عام طور رکيو ويندو آهي. نجم عباسيءَ جي هڪ نياڻيءَ جو نالو ’ڪونج‘ آهي، خود منهنجي خاندان ۾ به ’ڪونج‘ نالو موجود آهي. سنڌ ۾ ’ڪونج-ڳچي‘ ترڪيب، ڊگهي ڳچيءَ واري سهڻي عورت لاءِ ڪم آندي ويندي آهي. ڊگهي ڳچيءَ واري خوبصورت ۽ وڻندڙ مينهن کي به ’ڪونج‘ سڏيو ويندو آهي. جڏهن ڪنهن حسين عورت جي ٻي جوڙ مرد سان ڏي-وٺ ڪئي ويندي آهي ته عورتون چونديون آهن: ”ڪاڏي ڪونج ڳچي، ڪاڏي حافظ ٻُچي.“

’ڪونج‘ رسالو، سنڌ - هند جي پرسڌ ليکڪ هري موٽوانيءَ ١٩٦٠ع ڌاري، هند جي شهر ممبئيءَ مان شروع ڪيو هو ۽ ساڳئي سال سنڌ جي ناميارو اَديب، حميد سنڌيءَ سنڌ مان ’روح رهاڻ‘ رسالو شروع ڪيو. اَڳتي هلي حميد سنڌيءَ جي ناسازگار حالتن جي ڪري ’روح رهاڻ‘ رسالو بند ڪرڻو پيو، پر هري موٽوانيءَ، ’ڪونج‘ جو سفر

Gul Hayat Institute

’هري موٽواڻيءَ کان هري سنڌي‘ سڏائڻ تائين ۽ ساهه جي آخري پساهه تائين جاري رکيو. ۴۶ سال پورا ۽ ۴۷ سال جا ڪجهه مهينا، هري موٽواڻيءَ، ايڊيٽوريل ستت تبديل ڪندي به، اَڪيلي سر ’ڪونج‘ جو سفر جاري رکيو. ’روح رهاڻ‘، ’ڪونج‘ ۽ ’سهڻي‘ ٽيئي رسالا، لڳ ڀڳ ساڳئي سال جاري ٿيا هئا. ’روح رهاڻ‘ تي ڏکيائون آيون، سرڪار ڏمري، حالتون اَٽتر ٿيون ۽ بند ٿي ويئي. ’سُهڻيءَ‘ پنيان طارق اَشرف پنهنجي زندگي داءَ تي لڳائي ڇڏي. جيل ويو، رسالو ۽ پريس تي پابندي لڳي - ۽ ’سُهڻي‘ به حالتن جي سِتم گيريءَ جو شڪار ٿي بند ٿي ويئي، پر هري سنڌيءَ جي ’ڪونج‘ جي اُڏار، سنڌ ۽ هند جي اَدبي آڪاس تي جاري رهي، ۽ اَجان تائين جاري آهي.

هري موٽواڻيءَ، ’ڪونج‘ نالو، اَدبي مخزن تي ڇو رکيو؟ هري، ننڍي ڪنڌ جي ورهاڱي کان اَڳ سنڌ ۽ هند ٻنهي هنڌ وچي رهندو هو. سنڌ سندس جنم ڀومي هئي، پر هردوار ۾ هو ناناڻن وٽ رهندو هو ۽ ڪپڙي جو واپار ڪندو هو. هردوار ۾ هن جي محبوبا ’مڌو‘ (اَصل نالو ڪو ٻيو هئس) به رهندي هئي، هري ۱۹۴۶ع ۾ هردوار هو ۽ ۱۹۴۷ع ۾ ورهاڱو ٿيو، ۽ پوءِ پنهنجي جنم ڀومي سنڌ جي ۴۰ سالن کانپوءِ ۱۹۸٦ع ۾ ياترا ڪيائين.

ان جلاوطنيءَ جي اَحساس هيٺ هري ۱۹٦۰ع ۾ ڪونج جاري ڪئي هئي. جڏهن هن جي عمر ۳۰ سال هئي، يعني ۱۹۴٦ع کان ۱۹٦۰ع تائين جنم ڀوميءَ کان دور جلاوطنيءَ ۾ گهاريندي هريءَ کي ۱٦ ورهيه ٿيا هئا. ’ڪونج‘ جيئن ته وڇوڙي جي علامت آهي، انڪري هريءَ پاڻ کي ’ڪونج‘ ۾ مدغم ڪيو ۽ پنهنجي اَدبي اُڏار شروع ڪئي. هريءَ پهرين ڪهاڻي ’تڙي پار‘ لکي، ۽ ’ڪونج‘ به



Gul Hayat Institute

هن ١٩٦٠ع ۾ جاري ڪئي. هوُ وطن کان ’تڙي پار‘ ١٩٦٠ع ۾ ٿيو هو، اُنڪري وطن جي وڇوڙي ئي هن کي ’ڪونج‘ رسالي ڪڍڻ لاءِ اُتساهيو. شايد هري موٽواڻيءَ جي ذهن ۽ زبان تي شاهه لطيف جو هينيون بيت تري آيو هوندو:

**ڪونجڙيءَ ڪالهه لنئي، سڄڻ وِتم چِت،**
**آءُ جنين ريءَ هت، گهنگهر گهاريان ڏينهڙا!**

هن سڄڻن کي نہ وساريو هو، سڄڻن کان ڌار هوُ هند ۾ گهنگهر ڏينهن گهاري رهيو هو. ڪونج جي ڪُرلاءَ، ڪونج جي علامت، وڇوڙي جي استعاري، هن کان ’ڪونج‘ جاري ڪرائي ۽ هن ٤٧ سال ڪونج جاري رکي ۽ اُن جو اَدبي معيار قائم رکيو. اِئين هند ۽ سنڌ جي ليکڪن کي هڪ گڏيل پليٽفارم مُهيا ڪيائين. ڪونج جي اشاعت ۾ وِٿي نہ وِڌائين. سنڌ ۽ هند جي اَدب ۽ اَديبن جي وچ ۾ پُل جو ڪردار اَدا ڪري تاريخي ڪارنامو سر اَنجام ڏنائين. ١٠٠ کان وڌيڪ معياري اَدبي ڪتاب ڪونج پبليڪيشن پاران شايع ڪرايائين. هند ۽ سنڌ جا ڪيترا ناميارا ۽ نئين ٽهيءَ جا ليکڪ پهريون ڀيرو ’ڪونج‘ ۾ ڇپيا. نند ڇڳاڻيءَ لکيو آهي تہ: ’’ڪونج وارو هري موٽواڻي، هند کي سنڌ ڏنو‘‘ ۽ آنءُ وري چوان ٿو تہ سنڌ جي هريءَ، هند مان ’ڪونج‘ جاري ڪري نہ رڳو هند کي، پر سنڌ کي ڏني. سنڌ هريءَ جي محبوبا هئي ۽ ’ڪونج‘ کي هن ’سنڌ جي سکي‘ بڻائي ڇڏيو.

هريءَ، ٽن جاين تي وسرام پاتو هو: (١) سنڌ، جتي نِمن جي ڇانوَ هئي، (٢) هردوار، جتي گنگا جو ڪنارو ۽ پپر جي ڇانوَ هئي، (٣) ممبئي جتي اَدب جي آڳر ۾ پير پاتائين، ۽ ’ڪونج‘ جو مٿس ڇانوَرو رهيو. هن جي ڪونج مخزن جا خاص نمبر، خاص ڪري نارائڻ شيام نمبر،

Gul Hayat Institute

گوبند مالهي نمبر، ڪيرت ٻاٻاڻي نمبر، اَرجن شاد نمبر، پريم پرڪاش نمبر، شيام جئسنگهاڻي نمبر، وشنو ڀاٽيا نمبر، لکمي کلاڻي نمبر، موتيلال جوتواڻي نمبر، پوپٽي هيرانندڻي نمبر، ريٽا شهاڻي نمبر، حميد سنڌي نمبر، هري موٽواڻي نمبر، ايم. ڪمل نمبر، موهن ڪلپنا نمبر ۽ شوڪت شورو نمبر ۽ ٻيا، سنڌي اَدب جي تاريخ ۾ يادگار رهندا.

هريءَ جو خواب هو ته ڪونج ٥٠ سال پورا ڪري، پر ڪونج ستيتاليهين سال ۾ هئي ته ٧ مئي ٢٠٠٦ع تي هري پرلوڪ پڌاري ويو، ليڪن سندس ايڊيٽوريل سٽ جي ساٿي نند ڇڳاڻيءَ 'ڪونج' جا ٥٠ سال پورا ڪرائي، هريءَ جي خواب کي ساڀيان بخشي - پر هريءَ جي 'ڪونج' جي گونج ختم ٿيڻ واري نه هئي، ۽ سندس اورچ ۽ اَٽڪ ساٿيءَ نند ڇڳاڻيءَ، هريءَ جي دل ۽ هريءَ جو حوصلو ساڻ کڻي، ڪونج کي اَڄ تائين اُڏار ۾ رکيو آهي ۽ اُن جي اُڏام جي پيرن ۾ اَڃان تائين ڏانوڻ نه پيا آهن. شال! هيءَ 'ڪونج ولر واري' اُڏامندي رهي، وڳر سان گڏ هجي ۽ اُن جي پريت قائم هجي! نند ڇڳاڻيءَ کي سوَ سلام، هري موٽواڻيءَ کي هزارين سلام!

❧❧

* لطيفي ٻول *

✍ سهيڙ: صاحب ٻجاڻي

ڇڄَنِ ساڻُ ڇڄايوُن، اِئين سِپُڪو هوءِ،
تو جِئَن ڪَري نه ڪوءِ، ٻُڇَنِ ساڻُ ٻَلايوُن.

Gul Hayat Institute

# 'ڪونج' اَڳ ڪان ٻہ اڳري ...

✍ موهن مدهوش

'ڪونج' لفظ ٻڌندي ئي نگاهون آسمان ڏانهن کڄي وڃن ٿيون ۽ وري جي ڪونجن جي ولر کي ڏسجي تہ آهستي آهستي اَکين کان اوجهل ٿيڻ تائين هڪ عجيب تاثر ڇڏي وڃن ٿيون. ڪونجون بنجارن وانگر هڪ طرف کان ٻئي طرف ڪنهن اَڻ ڄاتل ۽ ڄاتل هنڌ پهچن ٿيون ۽ وڏي ترتيب سان ولر جي اُڏام جو اهو سلسلو جاري رهي ٿو.

سنڌي اَدب ۾، جهڙيءَ طرح سنڌ جي مخزنن ۾ 'سهڻي'، 'روح رهاڻ'، 'مهراڻ'، 'نئين زندگي' ۽ ٻين ڪيترين ئي پنهنجي اَدبي اُڏار کي وڏي ماڻ ۽ مرتبي سان جاري رکيو، اَهڙيءَ طرح هند مان شايع ٿيندڙ 'ڪونج' بہ پنهنجي اُڏار کي روڪي نہ سگهي.

۱۹۶۰ع کان شايع ٿيندڙ 'ڪونج' جو چرچو تہ عام هو، پر اَسان ڪنهن وقت دوستن جي هٿن ۾ ڏسندا هئاسين تہ حجاب مان هنن کي چئي نہ سگهنداس هئاسين تہ ان ڪاغذ ۾ ويڙهيل مخزن کي ڏيکار! وڏي مشڪل سان ڪو حجت وارو دوست هوندو هو، تنهن کان هڪ ڏينهن لاءِ اوڌر تي وٺي پڙهي سگهندا هئاسين ۽ ٻئي ڏينهن هن کي واپس ڪري ڇڏبي هئي.

'ڪونج' ۾ ڪيترن ليکڪن جون ڪهاڻيون، يادگيريون، شاعري ۽ نوَن ڪتابن تي تبصرا شامل هوندا هئا. وچ وچ ۾ اِشتهار ڏسبو هئو تہ خبر پوندي هئي تہ اتي بہ ڪاروبار يا پنهنجي مصنوعات جي تشهير 'ڪونج' ذريعي ڪئي ويندي هئي، جو تہ اها مخزن نہ صرف سڄي هندستان پر آمريڪا،

Gul Hayat Institute

هانگ ڪانگ، دبئي ۽ پاڪستان ۾ بہ ٽپال ذريعي پهچندي هئي.

يونيورسٽيءَ جي تعليم مان فارغ ٿيڻ شرط مون روزگار لاءِ پنهنجي آفيس 'اِنٽيل ڪميونيڪيشنز' گاڏي کاتي ۾ کولي تہ اتي ڪيترائي نوان پراڻا اَديب پيا ايندا ويندا هئا. هڪڙي ڏينهن ڏسان تہ هري موٽواڻي، تاج جويو ۽ علي بابا بہ اَچي ڪڙڪيا. مون کي ڏاڍي سرهاڻي بہ ٿي تہ هري موٽواڻيءَ کي ويجهي کان ڏسڻ جو موقعو مليو. هري، هند جي اَديبن بابت ڏاڍيون سٺيون ڳالهيون ٻڌائي رهيو هو، خاص طور تي موهن ڪلپنا، هن جي ڌيءَ گيتا، اي. جي. اُتم (محمد خان احمداڻي بہ ان وقت ويٺو هو جنهن اُتم بابت سوال پڇيو تہ اُن جي جواب ۾ هريءَ چيو: 'توهان ضرور سُرخا آهيو!') ۽ ٿورو چپو چورو ڪري هوُ هليا ويا ۽ حميد سنڌي تي ڪڍيل 'ڪونج' نمبر بہ تحفي طور ڏيئي ويا، جيڪو ڏياريءَ تي نڪتل هو.

پوءِ ڪڏهن تاج وٽ يا رڪيل مورائيءَ وٽ 'ڪونج' جي اِضافي ڪاپي هوندي هئي تہ ڏيندا هئا ورنہ ڪونج وري سالن تائين ٻُڌڻ ۾ تہ ايندي هئي پر ڏسڻ نصيب نہ ٿيندي هئي.

٢٠٠١ع ۾ هري موٽواڻي ۽ ريٽا شهاڻي بہ سنڌ گهمڻ آيا هئا پر منهنجي هنن سان ڪنهن بہ پروگرام ۾ يا شخصي ملاقات نہ ٿي سگهي.

٢٠٠٥ع جي آخر ۾، هري موٽواڻيءَ سان گڏ نند ڇٻاڻي ۽ هيرو ٺڪر سنڌ گهمڻ آيا تہ اُن وقت جي سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر سائين شوڪت حسين شورو پاران سنڌالاجيءَ - ڄامشورو جي آڳنڌ تي آجياڻو رکيو ويو هو. اُتي هريءَ سان ٻيهر ملاقات ٿي تہ ڏسندي ئي چوڻ لڳو،



Gul Hayat Institute

”ريتا جو نئون پبلشر!“ خير اهو ته پروفيشنل رَوَيو هر ماڻهوءَ ۾ رهندو آهي، ۽ اتي اَسان ڪجهه ئي وقت ڪان پوءِ واپس حيدرآباد پهچي وياسين.

انهن ئي ڏينهن ۾ ڀٽ شاهه ۾ پڻ ثقافت کاتي پاران انهن جي مانَ ۾ مشاعرو منعقد ڪيو ويو هو، جنهن ۾ هري موٽواڻي، نند ڇگاڻي ۽ هيرو ٺڪر شامل ٿيا هئا. اتي هيري ٺڪر پنهنجي خوبصورت نظم ”سنڌو! منهنجو تو ۾ ساهه“ پڙهيو، جيڪو اَڃا تائين ڪنن ۾ ٻُرندو رهندو آهي.

اُن سفر جي آخري ڏينهن ۾، سنڌ جي گورنر هائوس جي گارڊن ۾ به هڪ پروگرام رکيو ويو، جنهن ۾ هري موٽواڻي، عابده پروين جي موجودگيءَ دوران هن جي ڪلام ”هِن جنم ھُن جنم ۾، وچن تو ڪيان، تون جتي ٻيي هجين ...“ تي پنهنجي واڪنگ اِسٽڪ آسمان ۾ جهولائيندو رهيو ۽ موج مستيءَ ۾ سيني کي وندرائيندو رهيو، اهو هري موٽواڻيءَ جو سنڌ جو آخري سفر هو.

دنيا جو اهو ئي دستور آهي ته جيڪو آيو آهي، ان کي وڃڻو ئي آهي. انهيءَ ڪان ڪير به انڪار نٿو ڪري سگهي. اِئين هري موٽواڻيءَ به ٢٠٠٦ع ۾ اَسان سيني ڪان جدا ٿي وڃي پرلوڪ پڌاريو. هري موٽواڻيءَ تي سنڌ ۾ ڪيترن ئي ماڻهن مضمون ۽ يادگيريون لکيون، جيڪي ٻن ٽن ڏينهن تائين اخبارن جي زينت بڻجي ويون هيون، جيڪي اَڃا تائين مون وٽ ڪمپوز ٿيل آهن. جڏهن به موقعو مليو ته اهي ڇپجي ڪتابي صورت ۾ منظر عام تي آڻبو. هري موٽواڻيءَ جو اَگني سنسڪار ته بيشڪ ممبئيءَ ۾ ڪيو ويو هو پر ان مان هائين جو ڪجهه حصو، هريءَ جي ڪيل وصعيت ۽ خواهش مطابق سنڌ ۾ موڪليو ويو، جنهن کي ڪوٽڙيءَ جي مندر پرسان سنڌو نديءَ جي وچ سير ۽ ٻيڙين

جي قطار ۾، ’هريءَ جون هاٿيون‘ سوين اَديبن ۽ هريءَ جي گهٽگهرن جي موجودگيءَ ۾، گلاب جي گلن مان ظاهر ڪري پرواهه ڪيون ويون، جنهن جا ذرا ذرا سنڌوءَ پنهنجي هنج ۾ وٺي چڙهيا ۽ اهي وڃي عربي سمنڊ سان مليا. اُميد ته هريءَ جي آتما کي ضرور شانتي ملي هوندي.

اهو ته ٿيو هري موٽواڻيءَ ۽ هن جون يادون، پر اَدبي دنيا ۾ اهو پئي سمجهيو ويو ته هريءَ سان گڏ ’ڪونج‘ به ڇڙ وئي! پوءِ سنڌ ۽ هند جي اَديبن اهو ڏٺو ته ’ڪونج‘ نه صرف جاري و ساري رهي پر سپني نوَن ۽ پراڻن ليکڪن جو ڳانڍاپو به ٻڌجي پئي. هاڻ هريءَ جو روح شايد سائين نند ڇٻاڻيءَ ۾ اَچي واسو ڪيو هو ۽ پاڻ اَڳ کان وڌيڪ جوش ۾ اَچي ويا ۽ ’ڪونج‘ به مسلسل وقت تي شايع ٿيندي رهي ٿي. ڪڏهن ڪنهن جا نمبر ته ڪڏهن ڪنهن جون ڪهاڻيون، شاعري، يادگيريون ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه ڇپجندو رهيو. اَڳتي هلي شري نند ڇٻاڻي ’ڪونج‘ جو گولڊن جبلي نمبر به وڏي شانَ مانَ سان پڌرو ڪيو، جيڪو وڏو ضخيم ۽ پڪي جلد سان شايع ٿيو. ان کان پوءِ ته ڪونج جون هر مهيني ڪاپيون، سِڌو سنئون منهنجي اَئڊريس تي به اَچڻ لڳيون. ٽپالي جڏهن ’ڪونج‘ جو پرچو کڻي ايندو آهي ته ان وقت سرهائي ٿيندي آهي ۽ ٻيو ڪم ڪار ڇڏي پهرين ’ڪونج‘ جو ديدار ڪري مٿاڇري نظر وجهبي، ۽ نند سائينءَ کي ان وقت ئي واٽس ايپ تي ڪونج ملڻ جو اطلاع به ڪبو آهي. انهيءَ رات گهر وڃي ’ڪونج‘ جو مطالعو ڪري پوءِ ئي وڃي آرامي ٿيندو آهيان.

’ڪونج‘ ۾ ڪيترائي دفعا اَسان جي اداري پاران ڇپيل ڪتابن تي تبصرا ۽ انهن جا ٽائيٽل عڪس به ڏنا ويا آهن. اها ڪونج ئي ته آهي جنهن ذريعي هانگ ڪانگ جي

سنڌين جي ڄاڻ ملي ٿي، اُهي هر سال چيٽي چنڊ تي گڏجي پروگرام رچائيندا آهن. اها ڪونج ئي ته آهي جنهن حشو ڪيولراماڻيءَ تي مدد علي سنڌيءَ جو سهيڙيل نمبر ڪڍيو هو، جنهن ذريعي اَسان کي حشوءَ بابت ڄاڻ ملي هئي. اها ڪونج ئي ته آهي جنهن ذريعي اَسان سنڌ ۽ هند جا اَديب هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهيون. هاڻ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته ’ڪونج‘ جو ’ڊائمنڊ جبلي نمبر‘ وڏي اَهميت وارو آهي. جنهن ۾ سيني کي ميڙي چونڊي هڪ هنڌ گڏ ڪيو ويو آهي. موجوده وقت ۾ مخزن ڪڍڻ سؤلو ڪم نه آهي پر جَسُ آهي سائين نند ڄڳاڻيءَ کي، جيڪو اَڳ ڪان به اَڳرو ٿي، هن سلسلي کي جاري رکندو اَچي ٿو، انهيءَ لاءِ نند ڄڳاڻيءَ جن جي يوگدان ۽ همت کي ڌنيواد!

ꕤ

## غزل

✍ موهن اُداسي (جئپور)

۱- اَچانڪ اِتفاق دل کي، ڪيڏو چاڪ ڪن ٿا،
جلائي، جيءُ - جسم - سراپا، خاڪ ڪن ٿا.

۲- صبر، سوچ، سمجهه سان - پيار جو پيچڙو هلندي،
چڪيندي چوهه مان جي، رُلائي رولاڪ ڪن ٿا.

۳- حسينن جون اَدائون، پاونائون ۽ نشيلي نِگاهون،
ڪن اِشارا، مدهوشيءَ سندا، ميه جا هيراڪ ڪن ٿا.

۴- سنيالي ڪيترو سنياليون، رهون رب-رضا تي راضي،
سُلجهيل کي اُلجهائي، جي دامن، ناپاڪ ڪن ٿا.

۵- اَسانجي دِل ’موهن‘ رکي سِڪ، سڪون جي حسرت،
مگر دخل ڏئي، دغاخوريءَ سان، دلبر مذاق ڪن ٿا.

ꕤ



Gul Hayat Institute

# ’ڪونج‘ ڪرڪي پئي
# ڪا اُتر پار جي

✍ **مدد علي سنڌي**

خير سان سنڌين جي مشهور مخزن ’ڪُونج‘ پنهنجي ڄمار جي 60 ورهين ۾ پهچي وئي آهي. سال 1960ع ۾ اسان جي دوست سرڳواسي هري موٽواڻي بمبئيءَ مان هن مخزن کي جاري ڪيو هو. منهنجي ذهن تي اڃا تائين ’ڪُونج‘ مخزن جِي پُراڻي ايڊريس ’گريٽ ويسٽرن بلڊنگ‘ ياد بيٺي آهي. آئون ٻه جهڙوڪر هن مخزن جو 1960ع کان وٺي پڙهندڙ آهيان. اسان جي حيدرآباد سنڌ واري گهر ۾ ٽِماهِي مهراڻ، ماهوار نئين زندگي، ماهوار مارئي، ماهوار رُوح رهاڻ، ماهوار سُهڻِي، هند جا پرچا نئين دنيا، ڪونج باقاعدگي سان ايندا هُئا تنهن کان سواءِ لاهور جو مشهور اُردو ٽِماهِي رسالو نقوش ۽ سويرا ٻه باقاعدگي سان خريد ڪيا ويندا هُئا. اهي مخزنون ادا وڏو ۽ آئون ڏاڍي شوق سان پڙهندا هُئاسين. ڀارت مان جڏهن رابيل، آڪاڻي ۽ ساهت ڏارا مخزنون جاري ٿيون ته ٻه اُهي آئون خريد ڪندو هُئس. اِنهن ئي مخزنن مون ۾ سنڌي ادب لاءِ محبت پئدا ڪئي بلڪ منهنجي ادبي فيلڊ ٻه اُتان ئي پڪي ۽ پختي ٿي. خوشي اها ٻه اٿم ته ٽِماهِي مهراڻ جي ايڊيٽر محمد ابراهيم جويي، محمد عثمان ڏيپلائي، مولانا غلام محمد گرامي، امداد حسيني، ناشاد ۽ سهڻي مخزن جي ايڊيٽر طارق اشرف سان شخصي دوستيءَ جو رستو پئدا ٿيو. نئين دنيا جي مخزن کي سال 1963ع ۾ حيدرآباد ۾ ڏٺم. ٻڌم ۽ پوءِ هن سان خطن ذريعي دوستي ٿِي ساڳئي وقت ’ڪونج‘ جي ايڊيٽرن هري موٽواڻي ۽ ياءَ نند ڄُڳاڻيءَ سان نه رڳو ملاقاتون ٿيون، بلڪ هُنن سان محبت جو رشتو قائم ٿيو. البت رابيل جي ايڊيٽر پرم ابيچنداڻي ۽ آڪاڻي ايڊيٽر هري ڪانت سان خطن ذريعي مُڪا ميلو ٿيو. سال 2012ع ۾ دهلي ياترا دوران ساهت ڏارا جي ايڊيٽر آنند ڪيماڻي کي ڏِسي خوشِي ٿي هُئي.

سچ پچ تہ مٿي ذڪر ڪيل مخزنون ئي هيون جن ۾ ڇپجندڙ ادب مون ۾ اڳتي هلي اديب ٿيڻ جو شوق جاڳايو. سال 1970ع ۾ ڪيترن هند جي اديبن ڪي خط لکندو هئس. اُنهن ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي، موهن ڪلپنا، نارائڻ شيام، وشنو ڀاٽيا، حشو ڪيولراماڻي، گُنو سامتاڻي، لڇمڻ ڪومل، سُگڻ آهُوجا، لڇمڻ ڀنياڻي، واشديوَ سنڌو ڀارتي، لعل پشپ، ايشور چندر، گوورڌن محبوباڻي، هرومل سدارنگاڻي ۽ ٻيا ڪيترا سڄڻ شامل آهن. ياد اٿم تہ ’ڪونج‘ ۾ شايع ٿيندڙ ادب ڏاڍو متاثر ڪندڙ هوندو هو. گنو سامتاڻي تہ منهنجو دلپسند ليکڪ هو. تنهن کان سواءِ ڪيترن ليکڪن جون لکڻيون موهيندڙ هونديون هيون جن ۾ شاعري، ڪهاڻيون شامل آهن. ڪونج جا باقاعده سلسلا جهڙوڪ آئيني جي اڳيان يا قسطوار ناول جنهن جي هر قسط مختلف اديب لکندو هو. ان ناول ۾ هڪ قسط جيڪا گني سامتاڻي لکي هُئي، اجا بہ مون کان نہ وسري سگهي آهي. اهي سلسلا سنڌ ۾ بہ ڏاڍي شوق سان پڙهيا ويندا هئا. سنڌي ادبي حلقن ۾ تہ ’ڪونج‘ ۽ ’نئين دنيا‘ جو باقاعدگيءَ سان انتظار رهندو هو. تنهن وقت ڪونج ۽ نئين دنيا ۾ جيڪو ادبي اختلاف هو ان کان بہ سنڌ جا اديب چڱي ريت واقف هوندا هئا. مون وٽ ڪونج، نئين دنيا، رابيل، ساهت ڌارا، آڪاڻي جا مڪمل سيٽ موجود هئا. هتي اها ڳالهہ واضح نہ ٿيندي تہ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ساهتيہ جي مٿي ذڪر ڪيل مخزنن جيڪا خدمت ڪئي، انهن جي ذڪر کان سواءِ سنڌي ادب جي تاريخ نامڪمل آهي. وڏي ڳالهہ اها تہ ٻيون ڪيتريون مخزنون بند ٿي ويون، پر اسان جي يار هري موٽواڻيءَ راهہ رباني وڃڻ بعد دوست نند ڇڳاڻيءَ نہ فقط ڪونج کي باقاعدگي سان جاري رکندو پيو اچي بلڪ هند، سنڌ ۽ پرڏيهہ ۾ رهندڙ سمورن سنڌين جي وچ ۾ ’ڪونج‘ هڪ پل وانگر آهي.

مون کي چڱي ريت ياد آهي تہ جڏهن سال 1986ع ۾ پهريون ڀيرو ڀاءُ هري موٽواڻي، سنڌ آيو هو، تہ منهنجو پيارو دوست شوڪت حسين شورو هن کي مون وٽ گهر وٺي آيو هو. ڀوءِ شوڪت حسين شوري جي حڪم تي هري موٽواڻيءَ کي هوائي جهاز ۾ لاڙڪاڻي هن جو گهر ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويو هوس. تڏهن آئون روزاني اخبار ”سنڌ نيوز“ جو ايڊيٽر هئس. ملڪ ۾ مارشل لا

Gul Hayat Institute

لاڳو هئي ۽ خاص طرح لاڙڪاڻي جون حالتون بدامني جو شڪار هيون. سج لٿي مهل، موهن جي دڙي ايئرپورٽ تي پهتا هئاسين ته سج جا پويان پاچا موهن جي دڙي تي پئجي رهيا هئا. هري موٽواڻي، ايئرپورٽ تي لهندي شرط ڌرتي تي چمي ڏني هئي، جيڪا هن جي جنم ڀومي هئي. منهنجو اخباري عيوضي عطا محمد صديقي ٽيڪسي وٺي اسان کي ايئرپورٽ تي وٺڻ آيو هو. ۽ جڏهن اسان موهن جي دڙي هوائي اڏي کان پرڀرو موهن جي دڙي جي پڪ ۾ نهيل ريسٽ هائوس تي پهتا هئاسين ته اونداهي ڇانئجي ويئي هئي. منهنجو خيال هو ته ٻئي ڏينهن صبح جو لاڙڪاڻي وڃجي پر هري ضد ڪري ويٺو هو ته کيس ڪيئن به ڪري لاڙڪاڻي وٺي هلو جيڪو اتان کان 27 ڪلوميٽر پري هو. منهنجي دوست ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو مرحوم ارشد عباسي گيسٽ هائوس ۾ ترسڻ جو نه فقط انتظام ڪرايو هو. پر گيسٽ هائوس جي حفاظت لاءِ خاص بندوبست رکيو هو. جنهن مان حالتن جي سنگيني جو پتو پئجي رهيو هو. بهرحال هريءَ جي ضد کي ڏسندي اسين عطا محمد صديقي سان گڏ ٽيڪسيءَ ۾ لاڙڪاڻي پهتا هئاسين ۽ ريلوي اسٽيشن جي سامهون "نئوان ٽڪ" پاڙي ۾ هري پنهنجو گهر جهٽ ۾ ڳولي ورتو هو. پر جڏهن رات جو لاڙڪاڻي مان واپسي ورڻ لاءِ ٽيڪسي وٽ آياسين ته ٽيڪسي ڊرائيور واپس هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. ۽ گهڻي زور پرڻ بعد هو واپس هلڻ لاءِ راضي نه ٿيو هو. آخرڪار اها ٽيڪسي ڇڏي دوست عطا محمد وٽ مشڪل سان هڪ ٻي ٽيڪسي هٿ ڪري آيو هو جنهن ۾ اسين چڙهي واپس موهن جي دڙي لاءِ روانا ٿيا هئاسين. اها رات مون کي نٿي وسري جو روڊ تي فقط اسان جي ڪار کان سواءِ ٻي ڪا به گاڏي ڪونه هئي. اڌ رستي ۾ اوچتو پريان کان ڌاڙيلن فائرنگ ڪئي مون ڪار ۾ اندر لائيٽ ٻاري ڇڏي هئي آئون اڳئين سيٽ تي ويٺل هئس. ڪاري ڏاڙهي ۽ منهنجو قدبت ڏسي هنن اسان کي وڃڻ ڏنو هو پر ان مهل هريءَ کي ڪنهن به قسم جو ڊپ ڊاءُ نه هو ڇاڪاڻ ته کيس پنهنجي اباڻي گهر ڏسڻ جي سڪ ۽ خوشي ساروڻين جي ديس ۾ گم ڪري ڇڏيو هو. ۽ ٻئي ڏينهن جڏهن هري سنڌ آيو هو ته هن سان گڏ اسان جو دوست نند ڇڳاڻي به گڏ هو.



Gul Hayat Institute

ڪونج سان منهنجي شناسائي ننڍڙي لاڪئون آهي. ننڍا هوندا هئاسين تہ اڪثر هر سال امڙ سان گڏ سيوهڻ وڃڻ ٿيندو هو. جو امڙ ڄائي نپني هئي سيوهڻ ۾. ابتدائي تعليم اتان وٺي پوءِ اچي حيدرآباد جي ڪنڊنمل گرلز هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ ڪئي هئائين. ڳالهہ پئي هلي سيوهڻ جي، اُتي سائين ولي محمد شاهہ سجاده نشين قلندر شهباز جي حويليءَ پرسان هڪ وڏي گهر جي ڇت تي سمهندا هئاسين. هڪ پيرو سمهاٽي مهل کٽ تي امڙ جي پر ۾ ليٽيو پيو هوس جو جيستائين امڙ ڪا آکاٽي نہ ٻڌائيندي هئي تہ ننڊ ڪونہ ايندي هئي. تنهن وقت سيوهڻ ۾ اڃا بجلي ڪونہ آئي هئي. گهر ۾ لالٽين ۽ شهر جي گهٽين ۾ شمعدان ٻرندا هئا. قلندر لال شهباز جي خانقاهہ ۾ فقير لالداس سج لٿي کان اڳ ۾ ئي ڏياٽيون ٻاري ڇڏيندو هو. رات جو قلندر جي مقبري جا جهرمر ڪندڙ ڏيئا بہ ڏياٽيون ۽ شمعدان پريان کان طلسمي ۽ پراسرار وايو منڊل جو ڏيک پيا ڏيندا هئا. مٿي سيوهڻ جي آڪاس ۾ هزارين ستارا ٽم ٽم ڪيو پيو پرپائيندا هئا تہ ڪنهن مهل اونداهيءَ ۾ مٿان ڪي لانگهائو پکين جا ڪرڪاٽ ٻڌڻ ۾ آيا مون امڙ کان پڇيو تہ امان هي ڪهڙا پکي آهن؟ چيائين "بابا هي ڪونجون آهن" اهڙي ريت منهنجي شناسائي ڪونجن سان ٿي، پر هنن کي ويجهو ڏٺم. بعد ۾ جڏهن بابو مرحوم منڇر تي هڪ پيرو شڪار تي هلڻ جي تياري ڪري حسبِ معمول پائرن اسان کي بہ پاڻ سان گڏ وٺيو هليو. اتي جڏهن ولينر جيپ مان لهي ٻيڙين ۾ ويناسين تہ ميربحر کي تاڪيد ڪيائين تہ ابا ڪونج تي ڪوبہ ماڻهو فائر نہ ڪري. سامهون هڪ ٻيڙيءَ تي ڪونج ويٺي هئي، پيرن ۾ رسي ٻڌل هئس جنهن جي ڪري اڏامي نٿي سگهي پر سندس ڳچي ۽ سونهن ڏسي دنگ رهجي ويو هئس.

اڪثر ڪري ڪڏهن ڪڏهن رات جو ڪائي ڪونج آسمان ۾ ڪرڪاٽ ڪندي ويندي هئي تہ امڙ چوندي هئي "ابا ڪا ولر کان وڇڙيل ڪونج پئي پنهنجي ساٿين کي ڳولي." ولر کان وڇڙيل ڪونج جي ڪرڪاٽ ۾ هڪ درد سمايل هوندو هو. رات جي هزارين چمڪندڙ ستارن جي موجودگيءَ ۾ هڪ عجيب احساس ڏياري هليون ويندو هو

Gul Hayat Institute

سنڌين جي سرتاج شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيو آهي ته:

ولر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾
پسو پکيئڙن، ماڻهنئان ميٺ گهڻو

سنڌين به ڪونج کي عورت جي سونهن جو آخري پيمانو قرار ڏنو آهي. امڙ مرحيات اڪثر ڪري خوبصورت ڇوڪري کي ڏسندي امالڪ چوندي هئي ته، "امان، هن جي ڳچي ته جهڙي ڪونج وانگر آهي!" اڪثر ڪونج جو ذڪر ضرر ڪندي ٻڌائيندي هئي ته اها سنڌ جي آخري حاڪم مير نصير خان ٽالپر جي ٽين زال هئي. 17 فيبروري 1843ع ۾ مياڻي جي جنگ ۾ انگريزن، جڏهن سنڌين کي هارايو ته مير نصير خان ٽالپر ۽ ٻين ٽالپرن کي انگريزن اپريل 1843ع تي قيد ڪري پهريون دهلي ۽ پوءِ ڪلڪتي ۾ ڌم ڌم علائقي ۾ وچي قيد ڪيو هئائون. مير نصير خان ٽالپر پنهنجي ٽئين ديري يعني بيبي ڪونج کي فارسيءَ ۾ خط لکندو هو. مير صاحب 1845ع ۾ ڪلڪتي ۾ جلاوطني ۾ گذاري ويو. چون ٿا ته بيبي ڪونج به ڏاڍي خوبصورت عورت هئي سندس سونهن سبب مائٽن هن جو نالو رکيو هو ڪونج. جيڪا هڪ چترڪار به هئي. هن پنهنجو هڪ چتر آئينو سامهون رکي ٺاهيو هو جيڪو حيدرآباد جي مشهور عالم ميرزا عباسي بيگ جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

ڳالهه ڪٿان جو ڪٿي وڃي نڪتي آهي. ڪونجن جو ذڪر هلندي ياد ٿو اچي ته ڪونجن لاءِ چوندا آهن ته ڪونج آهي ڏاڍو ويساهو پکي جيئن اڪثر سنڌي ماڻهو به ويساهه رکندو آهي. پر هنن پکين ۾ هڪ ڳالهه سنڌين کان جداگانه اها آهي ته رهندا سدائين ولر جي شڪل ۾، اصل هڪ ٻئي کان جدا هرگز ڪونه ٿين. اڏامندا سدائين ولر جي صورت ۾ آهن. هڪ ٻئي کان ڪڏهن به جدا ڪونه ٿيندا, هڪڙو پکي سنڌي سردار هوندو اٿن اهو اڳيان ۽ ٻيا سڀ هن جي پويان هلندا ويندا ويتر راهه جو وڏا ڪشالا ڪڍي اچي سنڌ پهچندا رات ڪرڙي هوندن يا مانجهاندو ته به سدر جون سختيون سنڌ اٿندي ويهندي کيتن ۾ چڳندي اڏامندي لهندي ڪڏهن ولر کان هرگز جدا نه ٿين. جيڪڏهن ڪو ماري ڪنهن هڪڙي ڪونج تي فائر


Gul Hayat Institute

ڪندو تہ پوءِ ٻيون سڀ پنهنجي وچڙيل ساٿي تي پيون لامارا ڏينديون ۽ ڪرڪاٽ ڪنديون پوءِ پل ڪيڏا بہ فائر ڪري پر هو اتان نہ هٽنديون.

اهڙي ئي پياري پکي جو نالو اسان جي دلپسند مخزن ’ڪونج‘ تي رکيو ويو ۽ جيئن ’ڪونج‘ پنهنجي خوبصورتيءَ جي ڪري مشهور آهي تيئن ڏٺي ڪري تہ شال ’ڪونج‘ مخزن اسان جي ياء نند چڱائي جي اڳواٽي ۾ سنڌ، هند، هانگ ڪانگ، دبئي ۽ سموري دنيا ۾ رهندڙ سمورن سنڌين جي وچ ۾ رابطي جو ڪردار نڀائيندي رهي. اڄ سنڌي دنيا جي جنهن بہ ڪنڊ ۾ هجن، هي مخزن ذريعي هڪٻئي کي سڃاڻن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي سارين ٿا. اياز جي هِن شعر وانگر تہ:

ڪونج ڪرڪي پئي ڪا اتر پار ڏي
ياد آئي اسان کي وري يار جي

ꕤ

---

✍ ڊاڪٽر روشن گولاڻي

ٻال ڪويتا:

## ماءُ اَسانجي

- ماءُ اَسان جي پاٺشالا آهي،
بڻي اَسان لاءِ اُجالا آهي!
- ماءُ اَسان کي آ جيارڻ سيکاريو،
ماءُ جي صورت ۾ ايشور پاتو!
- چوَنِ اَسان کي مالها جا مڻڪا،
ماءُ اَسان جي، من جي مالها.
- ٻارن لئہ آ مِنو مِنو سپنو،
سوَ اَکين لاءِ جڻ آ وهندڙ چشمو!
- ڏُک ڪيڏا ئي هِتِ ماءُ سَهي،
ٻارن کي پر، هوءَ خوشي ڏئي!
- ديا ڌرم آ ماءُ جي فطرت،
رکي پوشيہ ناهڻ جي حسرت!

ꕤ

## غـزل

- اَکين جا اَکين سان اِشارا وڻن ٿا،
ڏسان سونهن جو باغ، نظارا وڻن ٿا!
- هجي رات پِي جي اُماسي تڏهن ئي،
اَسان کي تہ اُپ جا سِتارا وڻن ٿا!
- ڏسي وقت ڪَرِوَت ونڻ آنءُ جاڻان،
سمندر جا مون کي ڪنارا وڻن ٿا!
- مِٺي مائٽي پَلُ، لڳي ياري پياري،
وفا سان اُنهن سان گذارا وڻن ٿا!
- رهڻ چاهيون قدرت جي ويجهو اَسان ٿا،
گهمون جهنگ ۾ جي، ٻنيون ٻارا وڻن ٿا!
- وڏي نازَ سان ٿي سوُنهن کي سينگاري،
سي ’روشن‘! تہ نينهن جا ڦُهارا وڻن ٿا!

ꕤ

Gul Hayat Institute

# ڪرڪندي ڪونج رهي
# شال قيامت تائين!

✍ نصير مرزا

’ڪونج‘ آسمانَ ادب تي اُڏاڻي، تہ جڳ جهان سان گڏ مون کي بہ نظر آئي. پر 1974ع کان پوءِ، ڇو!؟ ان ڪري جو ان کان اڳ پاڻ محض اسڪول جا شاگرد جنهن کي نہ شعر لکڻ جو شعور نہ ادب پڙهڻ جو ذوق. استاد محترم سائين نثار حسينيءَ جي صحبت ۾ پهريون ادبي رسالو جيڪو مون پڙهيو هو ’تند ـ تنوار‘ ۽ پوءِ تہ ماهي ’مهراڻ‘ جا ڪجھ شمارا مون جد امجد قليچ بيگ جي ڪتب خاني ۾ ڏٺا. ادب لکڻ ۽ پڙهڻ جي چُوس ۾، جن رسالن کي بوڪ اسٽالس تي مون ڏٺو ان ۾ سڀ کان نمايان ’سهڻي‘ ۽ ’سوجهرو‘. هاڻي هري موٽواڻيءَ جي ’ڪونج‘ تي ڪٿي منهنجي پهرئين نظر پئي! مدد علي سنڌي صاحب جي آشرم واري بوڪ شيلف ۾ ۽ ’ڪونج‘ جو اهو ڪو هڪڙو اشو نہ... پورو بائنڊ ٿيل جلد هو... هونئن تہ انهن ۾ هڪ کان هڪ ليکڪ ۽ هڪ کان هڪ تحرير، پر جنهن ليکڪ ۽ ان جي تحرير جو پروانو ٿيس، اُهو شيام جئسنگهاڻي ۽ سندس ان ڪهاڻيءَ جو عنوان هو ”گريٽنگس“. ’ڪونج‘ سان منهنجي ميلاپ ۽ والهانہ محبت جي اها ابتدا هئي.

’ڪونج‘ سان ٻي ملاقات، ان وقت تي، جڏهن اُها ’سهڻي پريس‘ ۾ طارق اشرف صاحب جي هٿن ۾ مون ڏٺي. طارق اشرف، حد درجي جو نفيس ۽ ريزرووڊ ماڻهو. هاڻي ڪوڙ ڇو ڳالهايان، هو مون جونيئر ۽ نوخيز لکاري کي ياڻئڻ لڳو هو. سندس سانوري سلوڻي ڪاٽن جي ساڙهي واري شريڪِ حيات... اسان جي ياڄائي، پتو پيو پارت واسي آهي. طارق اشرف سان ان جو وهانءُ ’ڪونج جي سمپادڪ شريمان هري موٽواڻيءَ جي معرفت ٿي ٿيو هو. طارق صاحب جي ويڳاڻي ويڳاڻي، پر سٽن ساروڻن واري ان زوجہ محترما تي جڏهن جڏهن بہ منهنجي نظر پئي، لڳو هوءَ بہ ڄڻ ولر کان وڇڙي

Gul Hayat Institute

ويل ڪا ’ڪونج‘. تڏهن ’ڪونج‘ جا ڪيترائي شمارا طارق صاحب مون کي گفٽ ڪيا. هاڻي منهنجي تہ صدا کان عادت ... ’ڪونج‘ جي مئگزن کي کولڻ سان، پهرئين تہ پرنٽيڊ پنن جي خوشبوءِ مان واس وٺندو هوس، ۽ پوءِ اکر اکر پڙهندو هوس... منهنجو خيال آهي، ان وقت جي ادبي رسالن ۾ بيشڪ تہ قومي ۽ جذباتي ادب جي ڀرمار، پر پوءِ بہ. ڪي تحريرون ترقي پسند ادب جون نمائنده تہ ڪي وري جديد طرز جون. پر يقين ڪريو شعور جي وهڪري ۽ جديد طرز وارو تخليقي ادب مون پهريون ڀيرو پڙهيو تہ ’ڪونج‘ ۾. خاص طرح سان ان ۾ شايع ٿيندڙ افسانوي ادب ۽ تنقيدي مضمون ۽ ايپياس. جن ۾ ڪثرت سان هندي لفظ.. آتما، وشال، آڪاش، نرمل، ڪومل، شيتل... آرنيہ... ۽ انتم ياترا وغيره... هيڏانهن مون سميت اسان واري ٿهي. اهڙي ڊڪشن ۽ هندي شبداولي تي ايتري تہ موهت، جو مون ئي ڇا، منهنجي ڪوڙسارن همعصرن ’ڪونج‘ مان اُتساهہ وٺي، ان جي تقليد شروع ڪري ڏني گويا ان زماني ۾ اها ئي اسان پاران ’ڪونج‘ سان ادبي يڪجهتي هئي.

هونئن تہ ’ڪونج‘ ۾ شايع ٿيندڙ اڪيچار قلمڪار... پر جن مون کي بي پناهہ موهيو... تن ۾ موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، وشنو ڀاٽيا، لڇمڻ ڪومل، سندري اُتمچنداڻي، ڪلا پرڪاش، پوپٽي هيرانندڻي، ريٽا شهاڻي ۽ شاعرن ۾ نارائڻ شيام، هري دلگير، ايشور آنچل، هريڪانت، موتي پرڪاش، واسديو موهي... ۽ سبحان الله! ڇا تہ شاندار لکٽيداس، ڪلاڪار ۽ هي سڀ جادوگر شاعر ۽ نثرنگار.... (۽ هاڻي ڪيترو روئان. آئون انهن سيني لاءِ ۽ ڇا لکان...؟ سواءِ ان جي تہ ”ڪٿا منجهہ قرار هئا هيڪاندا سنگ ۾...“ پر الاس... ڳاهي ڳاهہ فراق جي هي سڀ ڪيا قسمت اسان کان ڏارون ڏار....

هاڻي ولر کان ورهين کان وڇڙي ويل هي ’ڪونج‘ جو جيڪو سمپادڪ شري هري موٽواڻي... 1986ع ۾ مون کي ’مهراڻ‘ آرٽس ڪائونسل لطيف آباد جي هڪ تقريب ۾ اوچتو نظر آيو. آئون ان وقت ريڊيو حيدرآباد تي پروڊيوسر ۽ تقريب کي رڪارڊ ۽ رپورٽ ڪرڻ لاءِ اتي موجود. تڏهن ٻِٽا ٻِٽا ياڪر پائي هو مون نئين ليڪ سان ڪيڏي نہ اُڪير سان مليو ۽ وڃڻ



Gul Hayat Institute

بعد جيڪو شاندار سفرنامو لکيائين "جڙيل جن سان جند" ان ۾ چا تہ محبت سان مون کي بہ ياد ڪيائين.

اُن وقت، دل ۾ ڪيڏي نہ چاهنا، تہ 'ڪونج' ۾ آئون بہ ڇپجان، تڏهن باءِ چانس 1988ع ڌاري، سکر ۾ پياري ادل سومري معرفت شيخ اياز صاحب سان... اوچتو اڻ رٿيل هڪ ملاقات ٿي وئي، جيڪا دراصل شيخ صاحب سان منهنجي روبرو بلڪل پهرئين ملاقات. هاڻي سکر مان موٽيس تہ بليو لائين بس ۾ اُها سربستي لکندو آيس، جنهن جو عنوان رکيم "چٽنگ جو چٽاءُ..." ڌرتيءَ جيڏي شاعر سان هڪ ڪلاڪ. "ياالله! سنڌ ۾ هاڻي اها ڪٿي ڇپرايان؟ جو ڊنگ جا سڀ رسالا تہ ..... Ban هئا، سو مون 'ڪونج' ڏانهن روانہ ڪري ڇڏي اها ملاقات نما تحرير، والله! هريءَ چا تہ شاندار لي آئوٽ سان ان کي شايع ڪيو. رسالو شيخ اياز وٽ سکر پهتو ۽ ان بعد، هو حيدرآباد جوڀي صاحب جي گهر آيو تہ، نور محمد ڪوجي کي چيائين... "ڪٿان بہ هٿ ڪري اچ هن نصير مرزا کي... ان سان مانکي دوستي رکڻي آ..." تڏهن ان شام جو شيخ صاحب مون سان CMH کان صدر بليئر ڪلينڪ تائين واڪ ڪئي ۽ حيرت انگيز ڪچهري بہ ڪئي مون سان جيڪا پڙ پوءِ مون لکي... شيخ اياز جهڙي عظيم شاعر سان دوستيءَ جو سبب، هريءَ جي اِها 'ڪونج' ئي تہ بڻي. سو ان لاءِ:

Thanks a lot to Haree Baba and Koonj.

سال 1988ع جي انهيءَ خوشگوار ياد بعد، هي اجهو 9-مارچ 1989ع... ريڊيو حيدرآباد تي هڪ يادگار اردو سنڌي مشاعرو ٿيو... جنهن جو پروڊيوسر تہ هي آئون ناچيز پر نگران عنايت بلوچ صاحب.... اسٽيشن ڊائريڪٽر ۽ صدر محفل مخدوم سائين طالب المولىٰ. سندن پيجارو ريڊيو احاطي ۾ داخل ٿي، تہ چا ڏسان، پوئين سيٽ تي هري موٽواڻي براجمان. مٿي تي سنڌي ٽوپي ۽ ڪلهن ۾ اجرڪ. ملاقات ٿي ۽ زبردست ٿي. پر ڪم ڪار ۾ آئون شديد مصروف... ان ڪري رهاڻ اڌوري. هاڻي سڀ ڄاڻن ٿا تہ ريڊيو پرمسز "پروهبٽيڊ ايريا"، جنهن ۾ بنا پاس جي ڪو پرڏيهي تہ ڇڏيو ڏيهي بہ اندر نٿو داخل ٿي سگهي. هاڻي چا ڏسان تہ مشاعري ۾ سيني ايجنسين جا گماشتا هڪ ٻئي پويان هري جا فوٽا ڪيندا رهيا. صبح



Gul Hayat Institute

نمودار ٿيو ته F.I.A جو انسپيڪٽر، هري جي تصوير کڻي پڇا لاءِ پهچي ويو. تڏهن آئون ته الي وئس... نه بابا، مان ته ان کي سڃاڻان ئي ڪونه.. مخدوم صاحب جو مهمان هو. ان سان ئي گڏجي گاڏيءَ مان لٿو هو. پڇڻو اٿو ته ان کان ئي وڃي پڇا ڪريو. ان بعد هري وري سنڌ پهتو. ته اسان گڏجي "ڪونج" جي حميد سنڌيءَ نمبر لاءِ مواد گڏجي سهيڙيو. هن مون کي 'ڪونج' جي ڪجهه شمارن سان گڏ نارائڻ شيام جو شعري مجموعو 'ذات ۽ حيات' گفٽ ڪيو. مون سان گڏجي منهنجي ڳوٺ ٽنڊي نوڙهي تائين هليو. قليچ ڪتب خانو ڏٺائين. پوءِ مرزا صاحب جي ابدي آرام گاهه بلند شاهه قبرستان تائين پنڌ ڪندا وياسين. رستي ۾ هن منهنجي فرزند شهباز حيدر کي کيسي مان ڪڍي ڪجهه "هاجمولا" ڏنا... جيڪي ڪجهه هن ڪاڏا ۽ ڪجهه هري. يار جي نشانيءَ طور، اڄ به مون وٽ موجود. مون ساڻس انٽرويو به ڪيو. جنهن جو عنوان رکيم... "اينگري اولڊ مئن: هري موٽواڻي..." ۽ آئون ڀانئيان ته هريءَ جو هر طرح سان اهو هڪ يادگار انٽرويو هو.

پوئين ڦيري ۾ هيرو ٺڪر صاحب ۽ سائين نند ڇڳاڻي به هن سان گڏ هئا. ساڻن جيڪا سنڌالاجيءَ ۾ رهاڻ ٿي، مون اها ڪنڊڪٽ ڪئي. مٿن ٽيڙو لکيا ۽ پڙهيا:

هيرو، هري نند،
جيئن جو پهتا سنڌ ۾
سڳنڌ ئي سڳنڌ

نند ڇڳاڻي صاحب سان اها منهنجي پهرئين روبرو ملاقات هئي. جهٽ ۾ سنگتي ٿي وياسين. هي سڀ دوست خوش لباس، پر مناسب قد و قامت ۾، سفاري سوٽ ۾ نند ڇڳاڻي وڌيڪ ٺهندڙ ۽ ٺاهوڪو. نند سان اِن يادگار ملاقات ۾ ملي وڃڙياسين، مون شيخ اياز صاحب جو هي شعر ڇپن ۾ پڙهيو:

ڀيهار به ملياسين
ڪنهن دُور ستاري تي
ٽيهار به ملياسين.

Gul Hayat Institute

ڪيڏي نہ ڏک جي ڳالهہ. ’ڪونج‘ جي ڊائمنڊ جوبلي ڏسڻ کان اڳ ئي پڪي اڏامي هردوار ڏانهن هليو ويو. پر اطمينان جي ڳالهہ تہ ’ڪونج‘ پويان، اڏامندي رهي... هريءَ بعد ان کي نند ڇڳاٽيءَ جهڙو بهترين وارث ميسر ٿي ويو ان ڪري هند کان سنڌ تائين ’ڪونج‘ جي پرواز جاري آهي ۽ جاري رهندي. هيڏانهن اسين جيڪي ان جا پراڻا پڙهندڙ اهي تہ سڀ وهي چڙهي چڪاسين، ۽ دنيا ۾ گهڻو وقت هاڻي يانصيب! ان ڪري دل سان دعا تہ...

ڪَرڪندي ڪُونج رهي شال، قيامت تائين

ساٿ سلامت!

Gul Hayat Institute

# اعليٰ شاعر اديب ليکراج عزيز

✍ ڊاڪٽر ديال ”آشا“

شري ليکراج عزيز اعليٰ شاعر بہ هو تہ معياري مضمون نويس بہ هو نقاد بہ هو تہ ناٽڪ نويس بہ هو جهڙو قد ۾ قداور هو اهڙو ادب علم ۾ بہ قداور هو. هي صاحب ڪلاسز جو شاعر هو. عالم اُستاد هو. هن صاحب شعر و شاعريءَ ۾ ڪيترن جي رهنمائي ڪئي هي صاحب شهاڻي شخصيت جو مالڪ هو.

پروفيسر ليکراج عزيز صاحب جو جنم ١٩ ڊسمبر سنہ ١٨٩٧ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ شري ڪشنچند ميرچنداڻيءَ جي گهر ٿيو. سندس پتا وڏو زميندار بہ هو تہ انجنيئر بہ هو. شري ليکراج ميرچنداڻي لکڻ پڙهڻ ۾ قابل هو. هن نولراءِ هيرانند ائڪيڊميءَ مان مئٽرڪ پاس ڪئي. شاهوڪاري گهر مان هو. هي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ممبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج ۾ داخل ٿيو. هن ڪاليج ۾ پڙهندي پنهنجي قابليت ڏيکاري نہ پر ڪيس شعر و شاعريءَ جو شونق هو. ڪاليج ۾ پڙهندي هن جي صحبت پروفيسر ايرانيءَ سان ٿي. هن علم عروض جو بہ مطالع ڪيو. سونهن جو ڪوڏيو هو. ڪنهن خوبصورت ڇوڪريءَ تي اکڻ ڇکن تي پيو. اُن جي عشق ۾ پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي حيدرآباد سنڌ ۾ واپس وريو ۽ جواهرات جي ڪرت ۾ لڳو. سندس مائٽن پنهنجي فرزند ليکراج جو سڱ اُن ڇوڪريءَ سان ڪين ڳنڍيو. انڪري شري ليکراج جي دل ۾ درد جو دونهون دکيو. محبوبا جي فراق ۾ هن ڪي ڪافيون بہ لکيون.

حيدرآباد ۾ وقت بہ وقت مشاعرا ٿيندي عزيز صاحب اُنهن ۾ شرڪت ڪندو هو. شاعر واصف، شاعر قاسم، شاعر عاجز ۽ ٻين سنڌي شاعرن جي صحبت ۾ هن ديوان غالب، ديوان مير جو پڻ ڏاڍي چاهہ سان مطالع ڪيو.

جناب عزيز صاحب شعر و شاعريءَ سان گڏ سنڌي نثر ۾ بہ

Gul Hayat Institute

يوگدان ڏنو. سندس ٽي ناٽڪ ’ڪمار اجيتسنگهہ‘، ’غريبان مار‘ ۽ ’مسٽر مجنون‘ شايع ٿيا. ’غريبان مار‘ ناٽڪ ۾ حقيقت نگاري آهي. عزيز صاحب ڪڙمين تي ٿيندڙ ظلم جي حقيقي تصوير چٽي آهي. ’ادبي آئينو‘ عزيز صاحب جي مضمونن جو معياري مجموعو آهي انهن مضمونن مان عزيز صاحب جي علميت جو چٽو عڪس ملي ٿو. سنڌ سرڪار ڪيس ’ادبي آئينو‘ تي انعام عطا ڪيو. ’ادبي آئينو‘ جدا جدا يونيورسٽين ۾ بي.اي. ۾ پاڙهيو ويندو آهي. سندس تنقيدي تصنيفون آهن ’گل و خار‘ ۽ ’سامي‘. ليڪ گل وَ خار ۾ گل گهٽ ڪنڊا وڌيڪ ڏيکاريا آهن. تعجب وچان هن صاحب ڪوي ڪشنچند بيوس تي ناجائز تنقيد ڪئي آهي هن صاحب پنهنجي علم جو اظهار ڪندي بيوس جهڙي لوڪ پريہ ڪويءَ جي ٽوپيءَ ۾ هٿ وڌو آهي. باقي ’سامي‘ ڪتاب ۾ هن صاحب سامي صاحب جي سلوڪن تي چٽي روشني وجهندي سامي صاحب جي خوبين جو ذڪر ڪيو آهي.

عزيز صاحب سنڌيءَ سان گڏوگڏ عربي فارسيءَ ۾ بہ ماهريت حاصل ڪئي سندس شاعري جا مجموعا ڪليات عزيز بہ ڀاڱا شايع ٿيا. پهرين ڀاڱي ۾ سندس غزل آهن ۽ ٻي ڀاڱي ۾ مثنويون آهي. ڪليات عزيز ۾ عربي فارسي لفظن جو ڪافي استعمال ٿيل آهي. انڪري اهي ديوان عوام جي سمجهہ کان مٿي آهن. عزيز صاحب جي شعر و شاعريءَ جا ٻيا مجموعا ’گلزار عزيز‘ ’شاعراڻي شمع‘ پيغام عزيز ’پڇتاءَ جا لڙڪ‘ آبشار ۽ صراحي شايع ٿيا. سندس انهن تصنيفن مان علم عروض جي ماهريت جي ڄاڻ ملي ٿي. سنڌ سرڪار سندس قدرشناسي ڪندي عزيز صاحب کي ’گلزار عزيز‘ ’شاعراڻي شمع‘ ’پڇتاءَ جا لڙڪ‘ شاعريءَ جي ٽنهي مجموعن تي انعام عطا ڪيا.

Gul Hayat Institute

سنڌ ۾ عزيز صاحب ڪيترن ئي مشاعرن ۾ شرڪت ڪندي صدارت پڻ ڪئي.

ديش جي ورهاڱي بعد عزيز صاحب ممبئي ۾ اچي رهيو. بئريسٽر هوتچند گوپالداس آڏواڻي ۽ پرنسيپال ڪي ايم ڪندناڻي صاحب عزيز صاحب جي علم جي قدرشناسي ڪندي ڪيس ڪي.سي. ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر مقرر ڪيو. ڪي.سي. ڪاليج ۾ سنڌي وشيہ پاڙهيندي هن ڪيترن وديارٿين جي رهنمائي ڪئي. نہ صرف ڪاليج ۾ پر پنهنجي گهر ۾ ڪن نئين ٿهيءَ جي شاعرن جي سونهپ پڻ ڪئي. مونکي پنهنجو آزمودو آهي تہ ڪيئن نہ هن صاحب مونکي همٿايو جو سنہ ١٩٦٤ ۾ جڏهن عزيز صاحب ڪي.سي. ڪاليج مان رٽايرڊ ٿي ڪيو. تڏهن مونکي اُتساهت ڪندي چيائين تہ تون سنڌي ليڪچرار لاءِ ڪوشش ڪر. مان ان ڏس ۾ ڪوشش ڪئي پياري دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي سفارش سان مان ڪي.سي. ڪاليج ۽ ايڇ.آر ڪاليج آف ڪامرس ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيس اُن وقت مان صرف بي.اي. پاس ڪئي هئي. بئريسٽر دادا هوتچند آڏواڻي حيدرآباد نئشنل ڪاليج جي پريزيڊنٽ ۽ سيڪريٽري پرنسپال ڪندناڻي صاحب مونکي وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ همٿايو. عزيز صاحب جو وڏ وساري نٿو سگهان.

ساهتيہ اڪادمي جناب عزيز صاحب کي 'صراحي' شاعري مجموعي تي پنج هزار روپيا انعام عطا ڪري سنمانت ڪيو.

عزيز صاحب مهمان نواز ۽ فراخ دل خدا ترس رچ مڙس هو. سچل وانگر سچ چٽي ڏيندو هو. شاعر پرسرام ضيا ايم.ڪمل، سگڻ آهوجا، واسديو نرمل ۽ ٻيا شاعر وقت بہ وقت وٽس وڃي صلاح وٺندا هئا. عزيز صاحب سڀن سان نباهيو. هي صاحب اُسر جو ڏٺيءَ جي عبادت بہ ڪندو هو. هي علمدان شاعر سنہ ١٩٦٩ع ۾ هن فاني جهان کان الوداع ڪيو. سندس تصنيفون امر يادگار ٿي رهنديون.

جناب عزيز صاحب عروضي شاعريءَ جي هر صنف کي چمڪايو. سندس شعر وزن بحر جي لحاظ کان تمام پڪو پختو آهي. سندس

Gul Hayat Institute

غزلن ۾ خيالن جي گهرائي ۽ ربط آهي. عزيز صاحب ڏٽيءَ جي ثنا ڳائيندي چوي ٿو :

پسون ٿا رنگ، بيرنگي! تہ ڪهڙا تنهنجي قدرت جا،
اپار آهن عجب ساڳيا ڀلائيءَ جا، سخاوت جا،
ڪٿي مان ۽ ڪٿي تنهنجي صفت تي،
شرمسار آهيان،
زبان هڪ، داستان آهن هزارين تنهنجي شفقت جا.

عزيز صاحب حسن پرست هو. سندس شعر مان سندس عاشقاڻي طبعيت جو عڪس ملي ٿو :

هر رنگ ۾ ٿي حسن جي سرڪار دلفريب،
خط، خال، چشم، زلف جي دربار دلفريب،
دلبر جو اصل ڪان ٿيو ديدار دلفريب،
ديدار جي حوص ڪيو سنسار دلفريب.

دل جي ڪليءَ کي کولي وڌو پيار جي هوا،
تنهنجي ئي عشق ڪان ٿي پيس نڪتہ دان نيٺ.

شاعر عزيز کي ساڻيهہ سنڌ لاءِ سِڪ هئي :

وطن جي باغ جا وسري نہ بلبل کي ترانا ويا،
پيا ٿي دور گل جي ۽ ڦٽي آشيانا ويا.
عزيز آهي اُهو ئي سنڌ جي ليليٰ سندو مجنون،
نہ پورا دور دنيا ڪان ٿي قصا عاشقانا ويا.

عزيز صاحب وطن دوست هو :

جا خاڪ ديس جي، سا مشڪ تتار آهي،
هڪ خار ٿيو وطن جو، هڪ لال زار آهي،

Gul Hayat Institute

ڇا هن جو شان شوڪت، ڇا افتخار آهي،
جنت نشان ڀارت عاليٰ وقار آهي،
مونکي وطن مبارڪ، پيارو وطن مبارڪ.

چين جي چڙهائيءَ وقت شاعر ڀارتيہ جوانن کي للڪار ڪندي چوي ٿو:

اي هند جا جوان! گرج شير جي ڪري،
دريا جان پائي نيفا لنگهي لڪ رسي پري،
ويريءَ تي وير ٿي ڪنهنجي مٿان وير جيئن وري،
غالب ٿي چين تي سگهو جئہ هند جي مناءِ.

شاعر مزدورن کي ستم جو شڪار ٿيندو ڏسي بيدار ڪري ٿو:

اُٿ يار پٽ اکيون، ڇو اجا توکي خواب آھہ.
روشن ٿي لاٿو رات جو سورج نقاب آھہ.
ڇا مان نہ ڪن ٿا ڇا تنهنجي محنت جا
هت اثر،
عالم جي هن بيهڪ جو ٿنيو آهين سرسبز.

عزيز صاحب جي ڪلام ۾ ڪيترا نصيحت آميز نڪتا بہ آهن. شاعر برساتي ڪڪر ذريعي پيغام ڏئي ٿو:
جي بلندي ٿو گهرين تان خلق جو ڪر پيو پلو،
خلق جي خذمت کان غافل رهہ ڪڏهن
هڪ دم نہ ڪو.

شاعر پيارءِ همدردي ڏيڻ جي تائيد ڪندي چوي ٿو:

ڪنهنجي بہ دل ونڻ ۾ سهٽا ثواب آهي،
هي تيرٿن ۾ تيرٿ لاجواب آهي.



Gul Hayat Institute

عزيز صاحب ڏيهه ۾ ڏکر ڏسي اُنجو ذکر ڪندي چوي ٿو :

ڏسون ٿا روز چڙهي چوٽ پيئي هرڪا جنس،
بکيا ڏکيا ڪيا هٿ جي شڪار آهيون اسين،
ٻٽي چا ظلم جو ڪارڻ نہ ڪاري بزار آهہ،
ستم ڪان اُن جي تہ زارون زار آهيون اسين.

شاعر جي مٿين مصراعن ۾ حقيقت نگاري آهي. عزيز صاحب جي شعرن ۾ فراق ۽ سوز بہ آهي :

ساريندي ساڃي عمر جدائيءَ ۾ گذاريم،
ٿي واجهہ وجهي يار جي واٽن ڏي نهاريم،
بلبل جي صفت گل رخ دلبر کي ٿي ساريم،
ڏينهن رات روئي پنهنجي ٿي پرور کي پڪاريم.

’ڪليات عزيز‘ جي ٻولي تمام دقيق آهي. هن صاحب عربي فارسي لفظن تشبيهن استعارن جو چڱو استعمال ڪيو آهي. ورهاڱي کانپوءِ سندس لکيل ڪلام سليس آهي.

عزيز صاحب جي جنم شتابدي موقعي تي مون حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ طرفان بئريسٽر اشوڪ آڏواڻيءَ جي صلاح سهيوگ سان ڪي سي ڪاليج ممبئي سيمينار آيوجت ڪيو. جن ۾ عالمن اديبن جناب عزيز صاحب جي زندگي ۽ ادبي خدمتن جو ذکر ڪيو ممبئي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر ان سيمينار جو مهورت ڪيو.

(هندواسي، ١٠ مارچ ٢٠١٩)

Gul Hayat Institute

مقدمو- پرمانند ميوارام :

# سنڌي ٻوليءَ جو وساريل ورق

✍ اِنعام شيخ

..... هڪ شخص طور پرمانند پنهنجي اصلاح، اَپياس سان گڏ سهپ ۽ صبر سان ڪئي ۽ پنهنجو پاڻ کي هر قسم جي متڀيد تفاوت ۽ انسان دشمنيءَ کان مٿانهون رکيو. پر اداري (جوت) ۾ هِن جيڪي ساٿي چونڊيا، لڳ ڀڳ انهن سڀني جي تربيت پڻ اَهڙي ٿي، جو زندگيءَ ڏانهن پنهنجي بنيادي روين ۾ اهي بہ پرمانند جي پوئواري ڪندا رهيا ۽ سندس حياتيءَ توڙي ديهانت کانپوءِ، اهي سڀ ماڻا ۽ معيار برقرار رکيائون، جن جي وڪالت پرمانند سدائين ڪندو رهيو هئو. ايتري قدر جو هندو ڌرم کان پري ٿيڻ جي باوجود انهن مان ڪنهن پنهنجي مٽن مائٽن سان لاڳاپا خراب نہ ڪيا، ڪڏهن بہ هندو ڌرم جي خلاف سازشون نہ ڪيائون ۽ ڪڏهن بہ سنڌ ۾ ڪو اَهڙو اگرو ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪيائون، جيڪو اتان جي هزارين سالن جي تاريخ ۽ ورثي کان ڇنل ۽ ساڻس تضاد ۾ هجي. انهيءَ وٿندڙ منظرنامي ڪي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ناميارِي نقاد ۽ ليکڪ ايل.ايڇ. اَجواڻيءَ هن طرح چٽيو آهي:

”’جوت‘ جا ڪي ليکڪ تہ چوندا ئي هئا پاڻ کي هندو ڪئٿولڪ، ۽ ڪنهن بہ اخبار ۾ ايڇ. سي. جي صحي ڏسبي هئي، تہ سمجهبو هو تہ ڪنهن ڪئٿولڪ خط لکيو آهي. ها، انهن هندن ۽ ٻين هندن ۾ فرق رُڳو هي هو جو ٻيا هندو مڃيندا تہ ايشور هڪ آهي پر هن کي پهچڻ جا گهڻا رستا آهن، جنهن کي جيڪو اشٽ وڻي سو قبولي، ليڪن هندو ڪئٿولڪ جو وشواس هو تہ جنهن جو اعتبار اشري اوتار ڪرست ۽ انهيءَ اوتار جي استاپن ڪيل پرهتن

Gul Hayat Institute

جي منڊليءَ يا ڪئٿولڪ چرچ ۾ نہ هوندو، سو گمراہ رهندو ۽ مڪتي نہ پائيندو.“

انسان ذات سان پيائيءَ ۽ سڀ جي خير واري انهيءَ رويي، پرمانند جي دوستن ۽ خاص طور تي سندس ذات کي سنڌ جي سرتاج شاعر شاہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي محبت سان اَهڙو تہ واڳي ڇڏيو، جو هوُ سندس ڏنل پيغام کي وڌائڻ ۾ هڪ عام انسان يا اَديب کان مٿانهين منزل تي هليو ويو. هوُ نہ رڳو شاہ صاحب جي شاعريءَ ۽ ان جي رمزن ۽ رازن جو وڏو ڄاڻو هئو، پر ان سان گڏوگڏ روحاني طور بہ ساڻس مڪمل طور پوتل هئو. زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين شاہ لطيف سان سندس ان عقيدت ۽ محبت ۾ ڪمي نہ آئي. هوُ ”لفظن جو بادشاہ“ هوندي بہ اَڪثر چوندو هئو تہ وٽس اهي لفظ ۽ ڏانءُ ڪونهي، جنهن سان ڀٽ ڌڻيءَ جي واکاڻ ڪري سگهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ شاعريءَ جي مُحسن بابت ويچاريندي ۽ ڳالهائيندي سندس اَکيون آليون ٿي ويندِيون هيون. شاہ اِها سائين ۽ سنڌ سان سندس عقيدت ۽ محبت ئي هئي، جنهن سندس ڪيريئر ۾ آيل وڏين تبديلين جي باوجود کيس هڪ محور ۽ مرڪز تي مسلسل ۽ مضبوطيءَ سان جڪڙي رکيو ۽ هوُ پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ آيل اِنقلابن توڙي آپدائن مان گذرندي، اصل مقصد کان ڪڏهن نہ هٽيو. اِنهيءَ هلچل ۽ جاکوڙ ۾ هوُ بيشمار آکاڻيون، مضمون، ڪالم، ڪهاڻيون، ترجما، نصابي مضمون لکڻ سميت ٻيا شاندار علمي اَدبي ڪم ڪندو رهيو، ڄاڪاڻ جو سندس اُٿڻ، ويهڻ، گهمڻ، ڦرڻ ۽ سمهڻ سميت هر سرگرميءَ جو ڪارج ۽ پُڄاڻي جو دنگ وطنيت، ٻوليءَ جي خدمت ۽ ان جي وڌي ۾ وڌي عالم ۽ شاعر سان سلهاڙپ تي پئي ٿيو. بيشڪ سندس ان فدائي طبيعت جي تاثر سبب سنڌ جي مختلف ۽ مهان ليکڪن، عالمن، دانشور ۽ نقادن کيس ’سنڌ جو اڊيسن‘ سڏيندي، سنڌي ٻوليءَ لاءِ سندس ڪيل خدمتن کي سدائين قدر ۽ عزت جي نگاہ سان ڏٺو آهي. ان حوالي سان سندس هڪ سهيوڳي عالم ڀيرومل مهرچند آڏواڻي چوي ٿو:

”مسٽر پرمانند، ’جوت‘ جي سلسلي سنڌي ساهت کي زور وٺائڻ جي جا ڪوشش ڪئي سا ڪڏهن وسرڻ جي نه آهي. سندس ليک اَهڙا آهن جهڙا ائڊيسن صاحب جا مضمون، جنهن ڪري کيس ’سنڌ جو ائڊيسن‘ سڏي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ’جوت‘ اخبار جاري نه ٿئي ها، ته مسٽر پرمانند نکي سنڌي عالم ٿئي ها، نکي ڊڪشنريون ۽ ٻيا ڪتاب جوڙي سگهي ها. تنهنڪري اَڄ ’جوت‘ سندس هڪ پوتر يادگار سمجهڻ گهرجي، جنهن سنڌين ۾ هيتري علمي جوت جاڳائي.“

(’پرمانند ميوارام‘ تان ڪوريل)

ꙮ

---

# نظم

✍ نياز همايوني

## آءُ تنهنجو ڏوهي آهيان اي وطن!

آءُ تنهنجو ڏوهي آهيان<br>
آءُ پنهنجو ڏوهي آهيان اي وطن!<br>
مون سچيءَ دل سان نه تنهنجي واسطي سوچيو ڪڏهن،<br>
جيڪڏهن سوچيو ته پنهنجي لاءِ ئي سوچيو سدا،<br>
۽ اِئين ئي پنهنجي ڪارڻ آهه مون لوچيو سدا،<br>
پر نه پُلجي پي ڪٿي تو لاءِ مون لوچيو ڪڏهن.

آءُ تنهنجو ڏوهي آهيان اي وطن!<br>
آءُ پنهنجو ڏوهي آهيان اي وطن!<br>
مون ڪئي دعويٰ ته تو تي، جانِ پڻ قربان آهه،<br>
جانِ ڇاهي، مال پڻ اَملاڪ پڻ صدقي ڪندس،<br>
حُبِ تنهنجي لءِ چيم: هيءَ دين ۽ ايمان آهه،<br>
تو مٿان ڌرتي ته ڇا، اَفلاڪ پڻ صدقي ڪندس.

آءُ تنهنجو ڏوهي آهيان اي وطن!

ꙮ

# پرمانند ميوارام :
# وقت جي تاريخ ۾ اَمر نالو

✍ **شبنم گل**

ڏاهپ پريو فڪري اَدب، قديم زماني کان انساني شعور جي اوسَر ڪندو رهيو آهي. وجود، زندگي ۽ ڪائنات جا اِسرار، هر ساڃاهه-وند کي سوچڻ ۽ پرکڻ لاءِ اُتساهيندا رهيا آهن. اِنساني ذهن هڪ ڪرشماتي تخليق آهي. ذهن جي اوسر، شعوري / لاشعوري وارتائن کان شروع ٿئي ٿي، جن جو مرڪز اَحساس آهي. پرک ، کوجنا يا مُشاهدو حياتي مُحرڪ آهي. خيال اَحساساتي عمل بعد، تصوراتي سگهه بڻجي ٿو. سوچ جو اهو فڪري عمل ٣٩ حصن ۾ ورهايل آهي. اَحساساتي مُحرڪ مان جيڪي نتيجا ملن ٿا، انهن مان خيال جي پُختگي ۽ منطقي نتيجو حاصل ٿئي ٿو.

فڪر جي اوسر ۽ مهانتا لاءِ غور و فڪر اَهميت رکن ٿا، جيڪو ڌيان ۽ يڪسوئيءَ مان جنم وٺي ٿو. تنقيدي ڇنڊڇاڻ، داخلي اَحساس ۽ جذبن جو مُشاهدو ان عمل کي پُختگي عطا ڪري ٿو، جنهن لاءِ داخلي ۽ خارجي ٻئي ذريعا ڀرپور آهن. ساڳيءَ ريت شعور ۽ لاشعور جي سمجهه ۽ ايڪتا فڪري اُڏام جو باعث بڻجي ٿي.

خيال جي وحدت ۽ ڇنڊڇاڻ ۾ سمجهه جا ڪيترائي رنگ شامل آهن، جن ۾ خيال جو وهڪرو، سماجي سوچ سان رابطو ۽ ڇتاپيتيءَ تي مشتمل خيال، تصوراتي قوت، وجدان، پرک، منطق، باطني اَک جو مُشاهدو، عقلي ۽ شعوري سگهه جو ادارڪ وغيره شامل آهي.

فڪري مشاهدي جي ان سفر ۾ ڪجهه ٻيا محرڪ به آهن - فرد جو پنهنجو ذاتي لاڙو، سوچ جي وحدت، تقابلي جائزي جي صلاحيت، سماج سان مثبت واسطا، ڌرتي سان رابطي جو ڏانءُ، انساني قدرن لاءِ پاڻ پتوڙڻ جي سگهه وغيره اَچي وڃن ٿا.

Gul Hayat Institute

فلسفي جي منجهائيندڙ رستن تي سفر ڪندڙ انعام شيخ سوچ ۽ خيال جي مختلف ڏاڪن کي پار ڪندي نظر اَچي ٿو. سوچي پرکي يا پروڙي اهو ماڻهو سگهي ٿو، جيڪو پنهنجي ذات سان رابطي ۾ رهي. انعام شيخ هن معاملي ۾ واضح ۽ سگهارو آهي، ڪنهن آدرشي مقصد سان سلهاڙيل آهي، پنهنجي دؤر ۾ ڀرپور انداز ۾ جيئڻ جو ڏانءُ رکي ٿو ۽ مختلف دؤرن جي سگهه ڪٺي ڪري ۽ تخليقي سفر کي جاري رکيو اَچي.

انعام سنڌ جي انهن ساڃاه وندن مان آهي، جيڪي ڏيهي توڙي پرڏيهي اَدب جا پارکو آهن. دنيا جي فڪري ۽ تخليقي اَدب جو مطالعو ڪندڙ ماڻهو ئي ذهني اُڏامي رکي ٿو. هو سوچ، فڪر ۽ تخليقي روَين کي پيٽڻ جي هنر کان واقف آهي. هو ماضي، حال ۽ مستقبل کي وحدت طور ڏسي ٿو ۽ سندس گهري نِگاه ماضي، حال سان گڏ، مستقبل کي به ڏسندي رهي ٿي.

ليکڪ ڪيترين فڪري ۽ تخليقي تحريڪن جو مطالعو ڪيو آهي. هونئن به خيال جي اُڏام، سقراط، افلاطون ۽ ارسطو کان اسڪائيلس، دانتي، ڪولرج، شيلي ۽ وردز ورٿ تائين حيرت اَنگيز انڪشاف ڪندي رهي آهي. گوئٽي، موپاسان، سارتر، جان لاڪ، هيگل، نئٽشي، شوپنهار ۽ ٻين مفڪرن تائين سوچ ۽ خيال جا نوان رخ سامهون ايندا رهيا آهن. توصر ۽ منطق جو جهيڙو پاڻ ۾ هلندو رهيو آهي. سائنس منطق، مابعد الطبيعيات، نفسيات ۽ مابعد ازنفسيات جهڙن شعبن ۾ وڌو ۽ قابل قدر ڪم ڪيو ويو. ان تسلسل ۾ انعام پنهنجي ڪتاب ’سوچ جي سفر‘ ۾ فن ۽ فڪر جي اُڏام رکندڙ ڪيترن مهان شخصيتن جي فڪري ۽ تخليقي پورهئي جو ذڪر ڪيو آهي پر انهيءَ ڪاوش کان اَڳ سندس ڪتاب ’سونهن، عشق ۽ سنسار‘ جي موضوع جي حوالي سان اَهميت رهي آهي، جنهن ۾ چوند ڏيهي ۽ پرڏيهي مضمونن کي سنڌي اَدب جو اَهم



Gul Hayat Institute

حصو ٻڌايو ويو. ترجمو هڪ ڏکيو فن آهي پر انعام کي ترجمي نگاريءَ ۾ مهارت حاصل آهي. هو فڪري تحرير جي منجهائيندڙ پهلوئن کي واضح لفظن ۽ جملن ۾ آسانيءَ سان بيان ڪرڻ جو ڏانءُ رکي ٿو. اَڪثر ترجما پڙهندي، ذهن مُنجهي پوندو آهي، ڇو ته مترجم خيال جي روح کي سمجهڻ کانسواءِ ترجمو ڪندو آهي. پر انعام ان ڏس ۾ انتهائي بهتر انداز ۾ پنهنجو ڪم ڪيو آهي. چاڪاڻ جو عالمي فڪر سندس موضوع رهيو آهي ۽ ان فڪري سوچ سان ويجهڙائيءَ جي ڪري ترجمي ڪندڙ کي آساني ٿي پوي ٿي. انهن ترجمن سان هڪ طرف سنڌي اَدب ۾ فڪري اَدب جو واڌارو ٿيو ته ٻئي پاسي نوجوانن ۾ زندگي، فطرت ۽ ڪائنات جي پرک جي چاهنا ۾ اِضافو ٿيو. ڪجهه ڏينهن اَڳي سندس هڪ اَهم ڪم ”بين الاقوامي تعلقات جي لغت“ منظر عام تي آيو آهي، جيڪو پڻ هڪ وقتائتو ۽ اهم موضوع آهي. جنهن ۾ موضوع سان لاڳاپيل لفظن ۽ اصطلاحن کي تسلسل ۾ بيان ڪيو ويو آهي. اها حقيقت آهي ته جيڪڏهن چاڻ جي پيڙه پڪي آهي ته پوءِ ڪوبه موضوع قلم جي ذريعي سهيڙي سگهجي ٿو. فڪري ۽ نظرياتي اَدب ڏانهن ڌيان ڇڪائيندڙ انعام شيخ سنڌي اَدب ۾ پنهنجي تحريرن وسيلي نوان موضوع متعارف ڪرايا آهن. اهي موضوع سچ، سونهن ۽ سنسار جي وضاحت منطقي انداز ۾ ڪن ٿا، جنهن جي ڪري سنڌي اَدب ۾ نوجوانن جو لاڙو نوَن موضوعن ڏانهن ٿيو، اهي جديد لاڙا حقيقت ۾ علمي، فڪري ۽ مشاهداتي سگهه جا اهي محرڪ ٿين ٿا، جيڪي نفسيات، خودشناسيءَ کان ماحولياتي ڄاڻ ۽ بين الاقوامي لاڙن ۽ رابطن تائين اُتساهه ڏين ٿا.

اهو ئي سبب آهي ته انعام شيخ جي بنيادي خوبي - ڌرتي، لوڪ ورثي جي ڄاڻ ۽ ماڻهن جي درد کي سمجهڻ آهي. ڄاڻ جو بنياد تڏهن پڪو ٿي سگهي ٿو، جڏهن اها خالص پڙي تي ٻڌل هجي. پنهنجي زمين، ماڻهن، جديد فڪر ۽ تخليقي اَدب کي سمجهڻ کانسواءِ دنيا جي اَدب، جديد فڪر يا نظرين کان واقفيت

Gul Hayat Institute

چو نہ حاصل هجي، پر لفظ ويساه جي روشنيءَ کان محروم رهجي ويندا. ماڻهو اڌارن نظرين تي، چاڻ جي پيڙه نٿو رکي سگهي، ان لاءِ کيس پنهنجي زمين جي رنگن کي سمجهڻو پوي ٿو. اهو ئي سبب آهي تہ ليکڪ سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ تاريخ کي اهميت ڏئي ٿو ان ڪري پاڻ ان موضوع سان تعلق رکندڙ هر پهلوءَ کي پنهنجي تحريرن جو محور بڻائي ٿو.

انعام شيخ سدائين ڌرتي ۽ ٻوليءَ جي چاهہ ۾ مبتلا شخصيتن جو ذڪر ڪندو رهيو آهي، سندس هي نئون ڪتاب ’پرمانند ميوارام‘ عهدساز شخصيت جي اهم تذڪري هئڻ سان گڏ ٻولي، ثقافت ۽ تاريخ جو هڪ اهم حصو آهي. سنڌي ٻولي ۽ اَدب، قديم زماني کان وٺي موجوده دؤر تائين مختلف مرحلن مان گذرندو رهيو آهي. جنهن جي پنيان جذبي ۽ جاکوڙ جا اَنيڪ باب موجود آهن. پرمانند ميوارام جو نالو جديد سنڌي نثر ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙي مل چندن مل کلناڻي، پيرومل مهرچند ۽ ٻيا ڪيترائي اَديب ان وقت سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪم ڪري رهيا هئا. پرمانند صحافت، تحقيق، اَدب، تنقيد، تصنيف و ترتيب جي ڪيتر ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

هر حساس اَديب ماضي يا عصري دؤر جي حالتن کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ نٿو رهي سگهي. هو ملڪي توڙي غير ملڪي اَدب، فڪري ورثي، سياسي ۽ سماجي حالتن جو مشاهدو ڪندو رهي ٿو. پرمانند ميوارام جنوري ١٨٦٦ع ۾ حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. هن جنهن دؤر ۾ اَک کولي اهو دؤر سياسي ۽ سماجي طور تبديل ٿي رهيو هو، جنهن وقت پرمانند پيدا ٿيو ان وقت سلطنت عثماني زوال پذير ٿي چڪي هئي. يورپ جو اقتدار بلنديءَ تي هو، اِٽلي ۽ جرمني ننڍين رياستن مان وفاقي وحقت طور سامهون اَچي چڪا هئا. آمريڪا، برطانيہ فرانس، روس ۽ جرمني سماجي، سياسي ۽ نظرياتي گهوٽالن جو شڪار ٿي، ان اونداهيءَ مان ٻاهر نڪتا. يورپ صنعتي طور تي متحد ٿيو. ١٨٦٠ع ۾ آمريڪا ۾ خانہ جنگي

Gul Hayat Institute

بعد ڪجهه ٽاپر آئي ۽ ڪيترين سياسي، سماجي ۽ اَدبي تحريڪن قومي شعور کي فروغ ڏنو.

ساڳيءَ ريت بينڪي نظام، برصغير ۾ سياسي، سماجي، معاشي ۽ فڪري طور تي ڪيترائي نوان لاڙا متعارف ڪرايا. سڄي دنيا ۾ قوميت لاءِ شعور وڌيو. ٻوليءَ جي واڌ ويجهه لاءِ پتوڙڻ ۽ شناخت جو جذبو پڻ سماجي تحرڪ جو سبب بڻيو. ول ڊيورانٽ چواڻي ته: ”ماضيءَ ۾ ٿيندڙ واقعن جو اَثر حال تي پوي ٿو.“ انڪري چئي سگهجي ٿو ته تخليقڪارن جو فڪري ڪاٿو، سندن ماضي يا ان وقت جي دور مان، بخوبي ڪري سگهجي ٿو. پرمانند ميوارام فقط هڪ شخصيت، جذبو ۽ مضبوط اراديءَ جو نالو نه آهي، پر اهو هڪ مڪمل دؤر جو دستاويز آهي، جنهن جو ذڪر ليکڪ پنهنجي مهاڳ ۾ ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ اَدب لاءِ پرمانند ميوارام جون خدمتون وسارڻ جهڙيون نه آهن. سندس جاکوڙ ۽ جذبو ايندڙ نسلن لاءِ روشن مثال بڻبو.

ڌرتيءَ سان جڙيل جذبي ۽ فن کي فنا جا هٿ نٿا ڇُهي سگهن. سندس وڇوڙي کي اَسي سالن جو عرصو گذري چڪو آهي. انڪري سندس قلمي پورهئي ۽ خدمتن جو ذڪر وقتائتو ۽ هن دؤر جي اهم ضرورت آهي. انعام شيخ جنهن نموني سندس شخصيت، فن فڪر ۽ ذاتي سچائيءَ کي سامهون آندو آهي، اهو عمل تعريف جوڳو آهي. اَهڙن اَملهه ماڻڪ ڪردارن کي تاريخ جي دز مان ٻاهر ڪڍي ڪين متعارف ڪرائڻ جو عمل جاري رهڻ گهرجي.

حيدرآباد جي مسيحي قبرستان ۾ پرمانند ميوارام جي ڊٺل قبر جا آثار مليا آهن. اِنڊوومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي سربراه جناب حميد آخوند صاحب جي سربراهيءَ ۾ سندس ٽيم جي آفيسر اشتياق انصاري ۽ سندس عملو قبر جي بحاليءَ واري ڪم ۾ هٿ وِڌو ۽ هن وقت شاندار نموني سندس قبر نروار ٿي چڪي آهي. سِنڌ جي مهان اَديبن جون اَهڙيون ڪيتريون گمنام قبرون، موجوده دؤر جي يادگيريءَ لاءِ واجهائي رهيون آهن. انهن سيني جي پرگهور

Gul Hayat Institute

لهڻ گهرجي.

هن ڪتاب جا ورق اُٿلائيندي، توهان کي به محسوس ٿيندو ته وقت، انساني زندگيءَ جو راهنما به آهي ته رقيب پڻ - وقت سان دوستي ڪرڻ جو ڏانءُ، هر ڪنهن وٽ نه آهي. پر جن به وقت کي فتح ڪيو، تن جا نالا وقت جي تاريخ ۾ اَمر ٿي ويا.

**(پيش لفظ، ’پرمانند ميوارام‘، اِنعام شيخ)**

ﷻ

---

# غزل

**✍ اَياز گل**

پلي ته راهه جا ڪنڊا ڪٽي گُلاب نه ڪر
اَسان جون آسون مگر يا خُدا! سَراب نه ڪر.

جنين کي چاهيون، اُنهن کي به خوش رکي نه سگهون
اَسان کي پنهنجي ئي نظرن ۾، اِئين خراب نه ڪر.

اَسان جي لاءِ اها روشني ئي ڪافي آ!
اَسان کي ديپُ رهڻ ڏي، تون آفتاب نه ڪر.

مڃان ٿو مون ۾، سڀئي عيبَ، ساريون ڪوتاهيون
وَرهين ڪانپوءِ مليو آن، اهي حساب نه ڪر.

نه ڪنهن جو پيارُ قبولين، نه ڪنهن کي چاهين تون،
اَڪيلو گهاري حياتي، مِنا! عذاب نه ڪر.

عجيب خيالَ، ڳرا لفظَ، ڇپَ معنائون
شعرَ کي شعرُ رهڻ ڏي، ڪَوي! نِصاب نه ڪر.

مسيحا! سنڌُ جي سوُرن جو ڪو علاج به ڳولَ
رُڳو بيانَ نه ڏي ۽ رُڳو خطاب نه ڪر.

ﷻ

Gul Hayat Institute

# اِندر پوڄواڻي - هڪ شخصيت

✍ **چيتو لالواڻي**

پورو نالو : **اِندر ديو چيتانند پوڄواڻي.**

جنم ۽ جنم آستان : **پاويهه مارچ اُڻويهه سؤ اَرڙهن، ڳوٺ پيلو. تعلقو سجاول، ضلعو ڪراچي (سنڌ)**

تعليم : **ساهتيه رتن (پرٿم کنڊ)**

ٻوليون : **سنڌي - هندي - گجراتي - اُردو - اَنگريزي ۽ سنسڪرت.**

ساهتڪ رُچيون : **شعر و شاعري، تنقيد، سمپادن وغيره.**

**ڇپيل ڪتاب :**

١. پرهه ڀاڪون ڪيڏيون، ١٩٦٣ (شعرن جو مجموعو)

٢. ٻجليون ٿيون برسن، ١٩٧٠ (شعرن ۽ تنها جو مجموعو)

٣. علم عروض، ١٩٨١ (گجرات سرڪار طرفان انعام حاصل ڪيل)

٤. تاثرات، ١٩٨٤ (گجرات ساهت اَڪادمي طرفان انعام حاصل ڪيل) (شعرن جو مجموعو)

٥. فنِ شاعري، ١٩٨٤ (سنڌي ڪاويه شاستر) (سي.ايڇ.ڊي. طرفان اِنعام حاصل ڪيل.)

**ترجما :**

١. شري نانالال جي اَنگريزي مونوگراف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو.

٢. شري اِندر پوڄواڻيءَ جا چونڊ شعر گجراتيءَ ۾ 'سنڌي ناٻي ڪونيو' جي نالي سان شري 'ميور' ڇپايو.

**اَوارڊ :**

١. پرهه ڀاڪون ڪيڏيون ۽ ٻجليون ٿيون برسن ٻن ڪتابن تي، سوويت لئنڊ طرفان نهرو اَمن اَوارڊ.

٢. اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ممبئي طرفان

Gul Hayat Institute

ساهتڪ شيوائن جو قدر ڪندي پنجن هزارن روپين جو اِنعام.

**سنمان :**

١. اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ممبئي طرفان.
٢. اَکل سؤراشٽريه پئنچات فيڊريشن طرفان (راجڪوٽ)
٣. ڪڇ سنڌي ڀانوشالي مهاجن سرووَر جيتپور طرفان.
٤. ڪڇ اَکل ڀارت سنڌي ڀانوشالي مهاجن سرووَر طرفان.
٥. واگشيا (نئين پيڙهيءَ جي گجراتي ڪوين جي سنسٿا) پوربندر طرفان.
٦. گجرات سنڌي اَڪادميءَ طرفان بهترين بزرگ ساهتيڪار سنمان ١٩٨٧، ١١ هزار روڪ، شال، سنمان پتر ۽ دائمي يادگار سوکڙي.

## هاڻي هڪ نظر اِندر ڀوڄواڻيءَ جي شاعريءَ تي :

- ڪائي ماڻهوءَ ماس، مساڻ آ ٻيهوش پيو.

هيءَ تنها سرڳواسي اِندر ڀوڄواڻي ’اِندر‘ جي آهي. اِندر ڀوڄواڻي پنهنجي شاعراڻي صنف ’تنها‘ جي ڪري سنڌي شاعريءَ ۾ اَهم جڳهه والاري ٿو. اِئين تہ هن دوها، سورٺا، گيت، غزل، پنجڪڙا، هائيڪو، رباعيون وغيره بہ چڱي اَنداز ۾ رچيون آهن پر تنها هن جي وڌيڪ پياري صنف آهي.

اِندر ڀوڄواڻي هڪ پڪو ۽ پختو، چند ۽ علم عروض جي نيمن جو ڄاڻو شاعر آهي. هن جي ٻولي سرل، سپڪ، مٺي، پياري ۽ عام فهم آهي جنهن ڪري هن جون رچنائون ڪيترا سنڌي گائڪ سنگيت محفلن ۽ ڪاريہ ڪرمن ۾ پيش ڪندا پئي رهيا آهن. اِندر جي شاعري سنگيتميہ آهي. هن جي شاعريءَ ۾ جذبن سان گڏ تشبيهن جو پڻ سٺي نموني اِستعمال ڪيل آهي. ٻوليءَ تي هن جو مڪمل دست رس آهي. تز لفظن جي چونڊ، لفظ سان لفظ بيهاري، حوالي جي

Gul Hayat Institute

تقاضا موجب معنيٰ چڙائڻ اِندر جي شاعريءَ جي خاص خوبي آهي. اِندر جدا جدا موضوع کڻي اُنهن کي قلم بند ڪيو آهي. اِندر جيڪي ڀوڳيو آهي، دنيا جون جيڪي بي وفائون، اَدايون، مدايون ڏنيون آهن، اُنهن جو ذڪر شعر ۾ ڪيو اٿس.

هريش واسواڻي اِندر جي شاعريءَ لاءِ لکي ٿو تہ:

''اِندر جي ڪوتائن ۾ لوڪ جيون جو هڪ گهرو سنسڪار آهي. هو وڌ ۾ وڌ اَڄ جي سراپيل عام ماڻهوءَ سان وابستہ آهي. عام ماڻهوءَ جي زندگي جيئندي ۽ ڀوڳيندي هن زندگيءَ جي معمولي ڪنڊن کي سپرش ڪيو آهي ۽ هڪ ٽوڙ ليٽيل زندگيءَ کي اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.''

اِندر پنهنجي سموري زندگي مسڪينيءَ ۽ دکن، دردن ۾ گذاري. آخري وقت ۾ هن ڪافي پيڙا جو مقابلو ڪيو. پر تنهن هوندي بہ هو آشاوادي نظريو کڻي جيئندو رهيو.

هاڻي اَچو تہ اِندر جي شاعريءَ جي ڪن خوبين جو ذڪر ڪريون.

اِندر ڀوڄواڻي سندس لاڙي موجب ترقي پسند دؤر جو آشاوادي شاعر سڏجي ٿو. پر هن هڪ ستّ جو شعر ''تنها'' رچي سنڌي شاعريءَ کي نہ صرف مالامال ڪيو پر هڪ نئون موڙ بہ ڏنو. جنهن ڪري سنڌيءَ ۾ تنها ڪانپوءِ هاڻي هڪ-سِتا پڻ لکجڻ شروع ٿيا آهن. سنڌي ساهت ۾ 'چوڏسي' نارايڻ شيام، ترائيل هري دلگير جي دين آهي تہ تنها جو پريچيہ اَدبي حلقن کي اِندر صاحب ڪرايو. هن وڏ ۾ وڏ ڪامياب طنزي 'تنها' لکيا آهن. گهاگهر ۾ ساگر ڀرڻ جو ڏانءُ جيڪو اِندر وٽ آهي، سو ٻئي ڪنهن وٽ مشڪل نظر اَچي ٿو. تنها ۾ هوُ من جي پيڙا چوڻ ۾ سڦل ويو آهي تہ موجوده ماحول جو چٽر چٽڻ ۾ بہ ڪامياب رهيو آهي. هن جا ڪي تنها چوٽين طور پڻ اِستعمال ٿيندا آهن. مثلن :

Gul Hayat Institute

- رووي خواه ڪوي، ٻرڻ ٻنهي لاءِ لازمي.
- گهرجن گهيرائو ڪيو، سياڻن ڏنو نہ ساٿ.
- گهرجون جن جون گهٽ، سي پهاڙ چڙهندا جهٽ.

اِندر جي تنها ۾ اَسانکي نوَن ويچارن جي علحدگيءَ جو درشن ٿئي ٿو. ڪجهہ تنها هن ريت آهن:

- دلڪش پردا درين جا، رازن جا رکپال.
- گنگا ڌوئي پاپ، پاڻي پيٽن ۾ وِجهي.

اِندر جي شعر جي ٻِي خوبي آهي صادق جذبو. عام ماڻهوءَ جي زندگي جيئندي، زندگيءَ جون ذِلتون ڀوڳيندي، اُن پيڙا کي پنهنجي شاعريءَ ۾ اُجاگر ڪرڻ جي هن هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ۾ هو سڦل بہ ويو آهي:

- تتل دل کي ٿارين سي مُرڪون ڪٽي ويا.
- جلڻ لئہ چڙي ويا، ٻنيءَ ۾ هٽي ويا.

غزل جي مٿئين شعر ۾ شاعر جي سوچ ڪنهن اَهڙي غمزده زندگيءَ ڏانهن اِشارو ٿي ڪري جيڪا هرڪو مسڪين طبقي جو سفيد پوش شخص بسر ڪري ٿو. مُرڪون، خوشيون زماني جي گردش روپي واگهو ڳرڪائي ويو آهي. تڏهن اَهڙي شخص لاءِ غم جي ٻنيءَ ۾ جلڻ کانسواءِ ڪو ٻيو رستو رهيو ئي ڪونهي. اَسانجو شاعر اِندر ڀوڄواڻي پڻ اَهڙي دؤر مان لنگهيو آهي ۽ پنهنجي ڪؤڙي آزمودي کي شعر جو روپ ڏنو آهي. دک جڏهن چرم سيما تي پهچي ٿو، تڏهن هو چوي ٿو:

- هميشه جي لئہ يوگ مون کي ڏنائون.

۽ سارنگ هندول ديپڪ ڪٽي ويا.

اِندر اَحساس دِل شاعر آهي ۽ هو ڄاڻي ٿو تہ سارنگ، ديپڪ، هنڊول راڳ، جي خوشيءَ جا راڳ آهن، اُهي فقط زردارن جي حصي ۾ ئي آيا آهن ۽ مسڪينن کي ڄڻ ورثي

Gul Hayat Institute

۾ يوڳ پڇاڻ جو ئي وردان مليل آهي.

اِندر پنهنجي صادق جذبي سان جيڪي بہ پڳل ٽٽل اَنش سوغات طور مليا آهن، اُنهن کي ڪويتائن ۾ قلمبند ڪندو رهيو آهي. اِندر غربت جو نقش هن ريت چٽيو آهي:

- **چوڙيون ڳرويءَ واسطي ڏنيون لڙيس لڙڪ،**
  **وياج خورن جي چپن تي ٻوڙي آئي مرڪ.**

هن پنهنجي آس پاس نظام جا، سياست جا جيڪي بہ قهر ڏٺا، اُنهن کي پڻ صادق جذبي سان قلم بند ڪيو آهي. هوُ چوي ٿو:

- **دين ڌرم جي نالي تي ڪُسجن پيا اِنسان،**
  **خدا تہ خوش آ عرش تي، ساگر ۾ ڀڳوان،**
  **الله ۽ ڀڳوان چانديا منگسي تي پيا.**

هوُ اَڳتي چوي ٿو:

- **رام رُليو، دسرٿ مُئو، جنتا ٿي حيران،**
  **سيتا راوڻ قيد ڪئي، سوارٿ جا اَحسان.**
- **لڏڻ دل ٻٽي پيئي جي روح وِڌوا،**
  **پاڇي اَندر چوڙين کي دل جا ڏٽي ويا.**

ڇا تہ مفهوم جي نواڻ آهي.

شري اَرجن حاسد اِندر لاءِ چوي ٿو تہ:

**”اِندر جيڪي ڪاجهہ لکيو آهي، اُن سان اِنصاف ڪيو آهي. پنهنجون انيوتيون، پنهنجي اِرد گرد جو ماحول، ديس جون سياسي حالتون ۽ نرلڄايون هن جي شعر مان ليئا ٿيون پائن.“**

اِندر جي شاعريءَ ۾ سنڌي ساروڻي بہ نظر اَچي ٿي. هن جو لڳاءُ سنڌ سان بيحد آهي. هن جو پنهنجي جنم ڀوميءَ سان صدق جو اِظهار هن نموني ملي ٿو. هن جي دل ۾ ورهاڱي جي پيڙا ۽ درد بہ نمايان آهي. هو چوي ٿو:

Gul Hayat Institute

- وڙهو وينا پاڻ ۾ سنڌي ٿيا انَڌا،
تن انَڌن جي ماءُ جو واهي نہ ٿيو الَا،
سنڌي پهاڪا اَڄ ڪوڙا ٿيا سنڌ لاءِ.
- سنڌي لوڌيا سنڌ مان، نفرت جيتيو نيٺ،
شاه ڪنڌ ڪيو هيٺ، سچل هنيا هٿ ياڳ تي.
- مستڪ لائي خاڪ، پونءِ چميائون سنڌ جي،
ڪٽي دليون غمناڪ، سنڌي نڪتا سنڌ مان.
- منهنجي مڙه مٽي، مٽي وجهجي سنڌ جي
مٽي من ٺري، نت نت جلنڌڙ جنڌڙي.
- مون ٿي ملڪ ڇڏيو، مٽي اڏُاٽي ملڪ جي
ماٺهن ڪونہ جهليو، مٽيءَ جهليو ٿي مٽيءَ ڪي.

هوُ سنڌين جي خوبين جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

- سنڌي سانگين ڪي دليون تہ آهن ٻہ ٻہ مليون،
گهر مهمان اَچي خيريت پڇُن ٻہ ٻہ دفعا.
سنڌي سانگين جي تہ آ سماجوادي جان،
اگڙ اَچي مهمان، خيريت پڇن سماج جي.

ٽين خصوصيت اِندر جي شعر جي آهي خودداري، جا سندس لڳ ڀڳ سڀني شعرن ۾ نمايان آهي. هوُ چوي ٿو:

- هر غم دل ۾ اَچي وسي ٿو.
انَدر چوان ڪيئن دل ويران؟
- وٺي مون ڪي پيو ڪوئي منزل رسائي،
اِهو منهنجي غيرت ڪي منظور ناهي.

هيءُ خوددار شاعر، شاعر جو اَندريون ڪلاڪار، ڪنهن جي آڳر وٺي هلڻ پسند نٿو ڪري. اِهو ٻال ڪلاڪار وانگر آهي.

چوٿين خاصيت جيڪا اِندر جي شاعريءَ ۾ ڏٺم سو آهي رومانيت ڏانهن سندس لاڙو. اِندر ۾ مشاهدي ماڻڻ جي قوت

تمام وڏيڪ نظر اَچي ٿي. سندس رومانيت جماليت ڏانهن مائل آهي. هن جي شعر ۾ جماليت اِئين سمايل آهي، جئن ڏڏڙ ۾ ڪوهيڙو لڪل هجي. شاعريءَ ۾ حسن ۽ عشق جو ورنن اِئين ڪيل آهي جو ڪوتا ڪي معشوق جي ناز وَ اَدا ڪان آجو رکيو ويو آهي. اِندر صاحب هن سلسلي ۾ پاڪ ۽ معصوم تجربن جو سهارو ورتو آهي.

پنجين خوبي اِندر جي شعر جي آهي سلاست. سندس هر صنف ۾ چيل شعر صاف سٿرو، بنا وروڪڙ جي آهي. هن جيتوڻيڪ ڪيترائي غزل لکيا آهن پر ساقي، جام، عشق، حسن، جهونن موضوعن کي تياڳي پرمپرا ڪان پاڻ کي آجو رکي ۽ جي ڪٿي عورت جو ذڪر ڪيو بہ اَٿس تہ اُن جي سنگت کي نِم جي ڇانوَ جهڙي رسيلي تشبيه ڏيئي پنهنجي جماليت جو پاڪ ۽ پوتر نظريو اَپنايو آهي. هن جو شعر ٻين شاعرن ڪان اَلڳ ڏڏ جي ڪن ۾ مکڻ مثل تري بيٺو آهي. هن اِستريءَ جي شڪتيءَ کي قبوليو آهي ۽ اُن کي مارئيءَ جو وارث قبول ڪيو آهي.

- سُڏري ويندا، جي تتو عمر هوندا،
  تنهنجي اَندر ۾ جي مارئي هوندي.

۽ آخر ۾ مان ايترو ضرور چوندس تہ اِندر جي ڪوتائن ۾ لوڪ جيون جو هڪ گهرو سنسڪار آهي. هو وڏ ۾ وڏ اَچ جي سراپيل عام ماڻهوءَ سان وابستہ آهي.

مان اِندر جي هيءَ ڪوتا دُهرائي پنهنجي قلم کي بند ڪريان ٿو:

- تون اِنسان ۽ مان پڻ اِنسان،
  تنهنجو منهنجو اَرٿ تہ ساڳيو،
  سوارٿ خنجر آيو ڪٿان.

Gul Hayat Institute

# کرم ويرُ ۽ دانوير
# ڪاڪا پرڀداس تولاڻي

✍ ستيش روهڙا

سوامي وويڪانند هڪ هنڌ چيو آهي تہ – “ اُهي ئي رڳو زندهہ آهن جيڪي ٻين لاءِ جيئن ٿا باقي تہ جيئرا مئلن کان بہ وڌيڪ مُئل آهن.”

حقيقت ۾ جيڪڏهن ماڻهو رڳو پاڻ لاءِ ئي سموري زندگي بسر ڪري ٿو تہ ان ۾ ۽ ٻئي ڪنهن بہ ساهواري ۾ ڪو تفاوت ڪونہ چئبو. ان حوالي ۾ ڏسجي تہ شري پرڀداس تولاڻي هڪ اعليٰ انسان هو جنهن نہ رڳو پاڻ ۽ پنهنجي پريوار لاءِ ڪرم ڪيو پر ٻين هزارن انسانن کي وديا دان ڪرائي انهن جي زندگيءَ کي روشن ڪيو.

پرڀداس تولاڻيءَ (جنهن کي سڀ عزت وچان ‘ڪاڪا’ ڪري سڏيندا هئا) جو جنم 25 آگسٽ 1883 تي سنڌ جي لاڙڪاڻي شهر ۾ هڪ زميندار پريوار ۾ ٿيو هو. سندس پتا سخاوتراءِ لاڙڪاڻي جو مشهور زميندار هو. ‘لاڙڪاڻو’ سنڌ ۾ شوقينن جو شهر سمجهيو ويندو هو ۽ ان ڪري اهو پهاڪو مشهور ٿي ويو هو تہ ‘هجئي ناڻو تہ گهم لاڙڪاڻو’.

پرڀداس قداور، سهڻو، شاندار شخصيت جو مالڪ هو. پرڀداس بمبئي جي ولسن ڪاليج مان گريجئشن ڪئي هئي. پرڀداس جي شادي 1910 ۾ ٿي هئي ۽ ڪيس ٽي پٽ ۽ چار ڌيئر هيون. جفاڪشي، ايمانداري ۽ اصول پرستي پرڀداس جي شخصيت جون خاص خوبيون هيون. ولسن ڪاليج مان گرجويٽ ٿيڻ کان پوءِ پرڀداس پنهنجي پيءُ جي ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي زمينداريءَ جو ڪم خوب وڌايو ۽ تولاڻي خاندان جي ڳڻپ سنڌ جي مشهور زميندارن ۾ ٿيڻ لڳي.

Gul Hayat Institute

1947 ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ۽ ورهاڱي سبب سڄي سنڌ پاڪستان جو حصو بڻجي ويئي. سنڌ جي سنتن ۽ صوفين جي ڌرتي بہ مذهبي نفرت جو شڪار بڻجي پيئي ۽ سڄي سنڌ ۾ جهڳڙا- فساد شروع ٿي ويا. سنڌ ۾ مهاجرن جي ڄڻ تہ ٻوڏ اچي ويئي. ملڪ جون واڳون انهن جي هٿن ۾ اچي ويون جن جو سنڌ جي ڌرتيءَ سان ڪو ناتو ڪونہ هو.

هندو ماڻهو سنڌ مان لڏڻ لڳا، سنڌ خالي ٿيڻ لڳي. اثر لاڙڪاڻي تي بہ پيو . ڪيترا هندو ڪٽنب لاڙڪاڻو ڇڏي هندستان هليا ويا. پريداس کي بہ سمجهايو ويو مگر پريداس پنهنجي ماتر ڀومي- پنهنجن وڏن جي ڌرتي ڇڏڻ کان صاف انڪار ڪيو. پر پريداس کي انومان نہ هو تہ هيءُ فرقيپرستيءَ جو رواجي واچوڙو نہ هو، هيءُ اهڙو ڀينڪر طوفان هو جنهن ۾ وڏا وڏا درخت بہ پاڙون پٽجي ويندا آهن.

پريداس تولاڻي سنڌ جو هڪ وڏو زميندار، لاڙڪاڻي ميونسپل جو ميئر ۽ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو ميمبر، جنهن جو وڏو پٽ گوپال سکر ۾ ائڊيشنل سيشن جج هو، ان کي ڊفينس آف پاڪستان هيٺ، هندستان لاءِ جاسوسي ڪرڻ جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيس لاڙڪاڻي جي سب جيل ۾ رواجي قيديءَ وانگر رکيو ويو. ٽن ڏينهن کان پوءِ جڏهن ٻاهر سخت ٿڌ هئي ۽ پريداس کي بخار هو ان وقت کيس چيو ويو تہ هو پنهنجو بسترو پاڻ کڻي هلي جو کيس سکر جي سينٽرل جيل ۾ موڪلڻ جو حڪم آهي. پريداس گهٽو ئي اختياريءَ وارن کي چيو تہ کيس سخت بخار آهي سندس لاءِ بسترو کڻي هلڻ ڏکيو آهي، پر ڪير ٻُڌي؟ ۽ پريداس کي سکر جي سينٽرل جيل ۾ موڪليو ويو. ’سکر‘ جتي سندس پُٽ گوپال ائڊيشنل سيشن جج هو! هيءُ هرو ڀرو بہ پريداس کي شرمندو ۽ بي عزتو ڪرڻ جو منصوبو هو.

Gul Hayat Institute

ڏهن ٻارهن ڏينهن کان پوءِ پرياس جو پاءُ سترامداس ساڻس جيل ۾ گڏجڻ آيو جنهن مان پرياس کي خبر پيئي تہ سندن سموري ملڪيت زمين، مليون، وغيره پاڪستان سرڪار ظبط ڪري ڪٽي ڇڏيون آهن! سڄي عمر هن جي پيءُ، پاڻ ۽ سندس ڀاءُ گڏجي اڻٿڪ محنت ۽ ڪوشش ڪري جيڪا ڪروڙن-اربن رپين جي ملڪيت گڏ ڪئي هئي. ان مان اڄ انهن وٽ ڪجهہ بہ ڪو نہ هو! گيتا کي پنهنجو گرو مڃيندڙ، ايشور ۾ اٽل وشواس رکندڙ ڪاڪا پرياس جو من بہ هڪ ڀيرو تہ لُڏي ويو! پرياس سوچڻ لڳو آخر ڪهڙي ڪيل ڏوهہ جي اهڙي ڪنور سزا ايشور ڪيس ڏيئي رهيو آهي. هن جنم ۾ هُن اهڙو ڪهڙو غلط ڪم ڪيو آهي جو ايشور ڪيس هن قسم جو دڪ ڏئي رهيو آهي!

ڪاڪو پرياس سکر ۾ پهتو تہ ڪيس چوڌاري جڻ اوندهہ ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي ڪاڪي لاءِ جيل وڏي ڳالهہ نہ هو. آزاديءَ جي هلچل ۾ بہ هو جيل ڀوڳي چڪو هو پر اها زمين جنهن جي هر ٻج ۾ ، هر سنگ، اناج جي هر داڻي ۾ سندس پگهر جا نشان هئا ۽ اُهي مِليون، ڪارخانا، ٺيڪا جيڪي هن پنهنجي علم، عقل ۽ جفاڪشيءَ سان کڙا ڪيا هئا اُهي سڀ ختم ٿي ويا هئا! زندگيءَ پرياس سان ڪهڙو مزاق ڪيو هو. هزارن ايڪڙن زمين جو زميندار، ملين ۽ ڪارخانن جو مالڪ، مشهور ٺيڪيدار، لاڙڪاڻي جو ميئر، لاڙڪي ڊسٽرڪٽ بورڊ جو ميمبر، لکن ڪروڙن جو مالڪ، اوچتوئي اوچتو هو ان سکر شهر جو رواجي شخص بڻجي پيو هو ۽ ڏوهين وانگر جيل ۾ بند هو ۽ ان جيل ۾ بند هو جنهن شهر ۾ سندس پٽ گوپال ائڊيشنل سيشن جج هو ۽ جنهن کي ڦاسي ڏيڻ جو اڌڪار هو! جيل جي اونداهي ڪوٺڙيءَ ۾ پرياس کي ٻچپن جا ڏينهن ياد پوڻ لڳا. اسڪول جا يار دوست، اسڪول ۾ ڪيل ڏنگايون، شرارتون ۽ پوءِ ڪنهن طرح سان بمبئيءَ جي ولسن ڪاليج مان گريجويٽ بڻجي پيءُ سان زمينداريءَ جي ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ ۽ ان کي پنهنجي

Gul Hayat Institute

علمي لياقت سان وڌائڻ: اهي سڀ يادگيريون پريداس کي جيل ۾ ستائينديون نہ رهيون ۽ وقت ڪاٽڻ ۾ مددگار بہ ٿينديون رهيون.

ڪاڪي کي ٽي پُٽ ۽ چار نياڻيون هيون. هن پنهنجي سڀني ٻارن کي بيحد سٺي تعليم ڏياري هئي. ڪاڪي جو اهو پڪو وشواس هو تہ استري ۽ پرش زندگيءَ جي پکيءَ جا ٻہ پر آهن جن جي زور تي زندگيءَ جو پکي آڪاس ۾ پرواز ڪري ٿو. استري سکيا تي پريداس جو زور هوندو هو. هن جو چوڻ هو تہ هڪ پرش کي تعليم ڏيڻ ڪٽنب جي هڪ ياتيءَ کي تعليم ڏيڻ آهي پر هڪ استريءَ کي تعليم ڏيڻ سڄي ڪٽنب کي تعليم ڏيڻ آهي.

ڪاڪي پريداس جو ڏينهن تہ ڪنهن نموني گذري ويندو هو پر رات گذارڻ سندس لاءِ بيحد پيڙا دائڪ هوندي هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ جيل ۾ ڪاڪي هڪ انگريزي اخبار ۾ هڪ شخص جي پتلي جو فوٽو ڏٺو، جنهن جي هيٺان لکيل هو تہ ''هن شخص پنهنجو سڀ ڪجهہ ٻين جو دک دور ڪرڻ ۾ خرچ ڪري ڇڏيو'' اهي لفظ ڪاڪي جي دل ۾ اُڪر جي ويا. ڪاڪي بہ من ۾ فيصلو ڪيو تہ هو بہ پنهنجو سڀ ڪجهہ ٻين جي ڀلي لاءِ خرچ ڪندو. ڪاڪي کي احساس ٿيو تہ هن وقت تہ هُن وٽ ڪجهہ بہ ڪونہ هو جو ٻين جي ڀلي لاءِ خرچ ڪري پر سندس ارادو اٽل بڻجي پيو ۽ هن فيصلو ڪري ڇڏيو تہ جي هن کي زندگيءَ وري ڪو موقعو ڏنو تہ هو پنهنجو سڀ ڪڇ ٻين لاءِ ارپڻ ڪندو. ان فيصلي سبب ڪاڪي جو جڻ ڪايا ڪلپ ٿي ويو. هن جي روحاني طاقت وڌي ويئي. ڪاڪي ۾ پنهنجي موجودهہ حالت سبب جيڪا نراشا پيدا ٿي هئي، ان جي جاءِ تي ڪاڪي ۾ امر آشا ۽ وشواس پيدا ٿي ويو. سندس ايشور ۾ لڏندڙ وشواس وري پختو ٿي ويو.

مهيني ڪن ڪان پوءِ هڪ ڪاميٽي جيل ۾ انسپيڪشن ڪرڻ آئي. جيلر ڪاڪي کي ٻڌايو هو پر ڪاڪي کي ڪاميٽيءَ سان گڏجڻ ۾ ڪابہ دلچسپي ڪانہ هئي پر هڪ ڏينهن جيل جو دروازو ڪليو ۽

Gul Hayat Institute

ڏهہ- ٻارهن اڏڪاري اندر داخل ٿيا. قسمت جي ٽنولي ڏسو! ان ڪاميٽيءَ ۾ سندس پٽ گوپال بہ هو جيڪو سيشن جج جي عهدي سبب ڪاميٽي جو ميمبر هو. پيءُ کي ڏسندي ئي گوپال اڳيان وڌي آيو ۽ ادب سان پيءُ کي پيري پيو. پريداس ڪٽي ڪيس پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو. ٻنهي جي اکين ۾ ڳوڙها هئا پر اُهي غم جا نہ، خوشيءَ جا ڳوڙها هئا. پريداس محسوس ڪيو تہ نئين پيڙهيءَ پنهنجي ڪلچرل پرمپرا قائم رکي. ڪاميٽيءَ جي پڇڻ تي ڪاڪي هڪ ننڍڙي ريڊيو جي گهر ڪئي جو سندس گهر مان اهڙو ننڍو ريڊيو ئي لڌو هو جنهن بابت اختياريءَ وارن الزام هنيو هو تہ ان جي دواران ڪاڪو هندستان کي پاڪستان جون خبرون موڪليندو هو!

آڏائي مهينن کان پوءِ ڪاڪي سان ڀارتي سفارتخاني جو اڏڪاري مليو ۽ ڪيس ٻڌايائين تہ پاڪستان سرڪار ڪيس آزاد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندي جي هو جيل مان سڌو ڀارت هليو ويندو. نہ تہ پاڪستان سرڪار مارشل جي قانون هيٺ هندستان جي جاسوسي ڪرڻ جي الزام هيٺ ڪيس اهڙي جيل ۾ وجهي ڇڏيندي جتي ڪاڪو سڄي عمر سڙندو رهندو. ڪاڪو پنهنجي ماتر ڀومي پتر ڀومي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هو پر پوءِ پٽ گوپال ۽ ڀين جي سمجهائڻ تي ڪاڪو سنڌ ڇڏڻ لاءِ تيار ٿيو. ۽ 11 فبروري 1949 تي ڀريل دِل، اٽل ارادو ۽ خالي هٿ ڪٽي ڪاڪا بمبئي پهتو.

بمبئي ايئرپورٽ تي سيني مٽن — مائٽن، دوستن ڪاڪي جو دل سان سواگت ڪيو. هاڻي ڪاڪو پنهنجي آئينده بابت سوچڻ لڳو. ڪاڪي جي هن وقت پنجونجاهہ سال عمر هئي ۽ ڪيس پنهنجو جيون نئين سر شروع ڪرڻو هو؛ پر پريداس پختي ارادي وارو شخص هو. هن کي وشواس هو تہ هُو وري پنهنجو ۽ پنهنجي ٻارن جو آئيندو ٺاهي سگهندو.

اسين ان کي ڪاڪاجي ڪرم جو ڦل چئون يا قسمت جو چمتڪار، محض ٻارهن سالن جي عرصي ۾ يعني 1960 ۾ هندستان



Gul Hayat Institute

۾ ڪاڪو پريداس لڪاپتي نہ، ڪروڙپتي آهي! دادا دلگير جي لکڻ موجب اڄ ڪاڪا پريداس کي ممبئيءَ ۾ نہ فقط ڪيس عاليشان ماڙو آهي، هرهڪ پٽ ۽ ياڻتي کي پنهنجو شاهي ماڙو آهي. گوپال وڏو ٺيڪيدار آهي. ڪاڪي پنهنجي پٽ نندلال سان گڏجي تولاڻي پرائيويٽ لميٽيڊ، جي نالي سان ڪمپني ٺاهي جيڪا ڪروڙن جا ٺيڪا کڻي ٿي. ڪاڪي جي نالي سان ممبئيءَ ۾ ڏهہ ماڙوپريو ڪنج ۽ يارهن ماڙو 'پريو ڪٽير' ٺهي ويا آهن. اڄ تولاڻي گهرجائو لائق وديارٿين کي سال ۾ اڌ لک رپيا اسڪالرشپ ڏيندا آهن. ائين تہ ڪاڪي دنيوي- ڪٽنبي فرض بيحد سٺي نموني ۽ اصول پرستيءَ سان پورا ڪيا هئا پر ڪاڪي کي ڪڏهن ڪڏهن جيل ۾ ڏٺل ان شخصن جي تصوير جي ياد ايندي هئي جنهن پنهنجو سڀ ڪجهہ دين- دکين لاءِ ارپڻ ڪري ڇڏيو هو.

ڪاڪي کي ياد آيو تہ جيل ۾ پاڻ ان شخص وانگر سڀ ڪجهہ ٻين لاءِ ارپڻ ڪرڻ جو سوچيو هئائين. هاڻي ڪاڪي ويچار کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هڪ تولاڻي چئرٽيبل ٽرسٽ ٺاهي ۽ دان جي ڌارا کي وڏيڪ زور وٺايو.

1963 ۾ جڏهن ڪاڪي جي عمر ستر سال هئي. هڪ ڏينهن صبوح جو هن جي اکين اڳيان هڪ چمڪاٽ ٿيو. ۽ ڪاڪي جي هڪ اک جي جوت هلي ويئي! ڪاڪي هندستان ۽ دنيا ڀر جي ماهرن کي ڏيکاريو پر ڪو فرق ڪونہ پيو ۽ ٿورن ڏينهن کان پوءِ سندس ٻيءَ اک جي جوت بہ ويندي رهي! ڪاڪي هنن گهٽنائن کي ايشور جو اَمر ڪري قبول ڪيو. ڪاڪي محسوس ڪيو تہ هڪ جتاءُ پنج سال اول جڏهن پروسٽريٽ گلئنڊ جو آپريشن ڪرايو هائين ان وقت ڪيس مليو هو جو ان آپريشن مان ڪاڪو آيل موت کي موٽائي، موٽي آيو هو. هاڻي ٻنهي اکين جي جوت وڃڻ کي هُن ايشور دواران موڪليل بہ ڇتاءَ ڪري قبول ڪيا! ڪاڪو پنهنجي ڪتاب 'يادگيريون' ۾ لکي ٿو تہ ائمريڪا ۾ هڪ ڪروڙ پتي هو جيڪو

Gul Hayat Institute

پوري طرح سان انڌو ۽ ٻوڙو هو. پر هو اهڙو ڪنجوس هو هڪ دمڙي ٻہ دان نہ ڪندو هو. جڏهن مُئو تڏهن هن جي موت تي ڪوبہ مِٽ – مائٽ، يار دوست ڪونہ آيو هو . جڏهن موت جي ملائڪ کيس هلڻ لاءِ چيو تہ هن شڪايت جي نوع ۾ موت جي ملائڪ کي چيو تہ تو مون کي اول بہ نہ ٻڌايو. موت جي ملائڪ کيس چيو تہ مون توکي ٽي چتاءَ ڏنا پر تو مايا جي موهہ ۾ انهن ڏانهن ڌيان ئي ڪونہ ڏنو.

ڪاڪو سوچڻ لڳو مون کي بہ ٽي چتاءَ مليا آهن ان ڪري هاڻي مون کي ائين سوچي وهنوار ڪرڻ کپي تہ مان ڪنهن وقت بہ روانو ٿي سگهان ٿو. ۽ بس ان ڏينهن کان پوءِ ڪاڪي جو سوچ پوريءَ طرح سان بدلجي ويو. سندس ٻاهرين جوت جهڪي ٿي تہ سندس اندر جي اڪ ڪلي پيئي پر ڪاڪي جون اجا ٿي پريکشيائون رهيل هيون. سندس پهرين پريکشا ٿي جڏهن 10 جنوري 1968 سندس جيون ساٿڻ گذاري ويئي. 6 جولاءِ 1973 تي ڪاڪي جو ناٺي گذاري ويو ۽ پنجن هفتن کان پوءِ 9 آگسٽ تي سندس وڏي پٽ گوپال جو ديهانت ٿيو. ڪاڪو دان- ڌرم جا ڪم تہ هونئن بہ ڪندو هو پر هاڻي هن پنهنجي مرڻ کان اول پنهنجو سڀ ڪجھ ارپڻ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڪاڪا لاءِ وديا دان ئي اُتم دان هو. انهن ئي ڏينهن ۾ دادا دلگير، دادا دڪايل ۽ ٻيا سڄڻ ساٿس گڏيا ۽ کيس اهو محسوس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪيائون تہ ان وقت ڪڇ ۾ وسندڙ نئين شهر گانڌي ڌام کي سندن مدد جي سخت ضرورت آهي. ڪاڪو ڪڇُ ڏسڻ آيو ۽ ڪاڪي بہ محسوس ڪيو تہ ڪڇ ۾ وديا جي جوت جلائڻ جي ضرورت آهي. اتفاق سان هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ ڪاڪي کي پهريون سرڪاري نيڪو بہ ڪَڇَ ۾ ئي مليو هو. بس، پوءِ تہ گانڌيڌام (آديپور) ۾ وديا جي جوت جڳہ مڳہ ٻرڻ لڳي. ان وقت آديپور ۾ هڪ آرٽس ڪاليج هو جيڪو آرٿڪ تنگيءَ سبب لوڏا کائي رهيو هو ۽ هڪ پاليٽيڪنڪ هو جنهن ۾ هڪ سال جو

Gul Hayat Institute

سرٽيفڪيٽ ڪورس هلندو هو. ڪاڪي جي آرٽڪ مدد ۽ ڪاڪي جي اندرين سوُجهيءَ سبب اڄ 'تولاڻي وديا مندر' نالي ڪئمپس ۾ هڪ آرٽس ۽ سائنس ڪاليج آهي جنهن ۾ پوسٽ گريجويشن جي ليول تائين ڪورس هلندا آهن؛ ٻه ڪامرس جا ڊگري ڪاليج آهن، ٻه پاليٽينڪ انسٽيٽيوٽ آهن جن ۾ انجنيئرنگ جون سڀ برانچون آهن ۽ جن ۾ ٽن سالن جو ڊپلوما ڪورس هلندو آهي، هڪ 'لا ڪاليج' آهي، هڪ فارمسي ڪاليج آهي، هڪ پوسٽ گريجويٽ مئنجمنٽ ڪاليج آهي. سچ ته 'تولاڻي وديا مندر' هڪ يونيورسٽيءَ وانگر آهي. هنن ڪاليجن مان ڪڇ جي هرحصي مان هزارن جي تعداد ۾ شاگرد اوچ سکيا جو لاڀ حاصل ڪن ٿا. ان ڪري سڄي ڪڇ ۾ تعليم جو ڪافي گهڻو ڦهلاءُ ٿيو آهي. هنن ڪاليجن ۾ ڪنهن به جاتي — ڌرم، ڀاشا جي ڀيدڀاو کان سواءِ لياقت جي آڌار تي داخلا ڏني ويندي آهي .

ڪاڪا جي پنهنجي جوت جهڪي ٿي ويئي هئي، ڪاڪا ان ڳالهه کي ڌيان ۾ رکي آديپور ۾ اکين جي هڪ اسپتال کولائي جنهن مان هزارن ماڻهن لاڀ پرايو ۽ اڃا به پرائي رهيا آهن. ڪاڪا ان کان سواءِ 'رام ڪرشن پرم هنس' جي نالي زالن کي هنر سيکارڻ لاءِ به سينٽر قائم ڪرايو. ڪاڪا جي ٻاهرين جوت جهڪي ٿي، ان کان پوءِ ڪاڪا لڳ ڀڳ ويهه سال زنده هئا ۽ ان عرصي ۾ ئي ڪاڪا وديا جي ڦهلاءِ لاءِ هيترا ڪاليج- انسٽيٽيوٽ کولايا. 10 جولاءِ 1988 تي ڪاڪا جو ديهانت ٿيو پر 'وديا مندر' جي روپ ۾ جلايل سندس جوت جرڪندي رهي ٿي ۽ هزارن جي اگيان جي انڌيري کي دور ڪندي رهي ٿي.

Gul Hayat Institute

# هري موٽواڻي عرف هري هرڪيولس

## ماهتاب محبوب

سنڌ ۽ سنڌيت جي سچن جذبن سان سرشار صحافي هڪ طارق اَشرف، مون سنڌ ۾ ڏٺو، ۽ ٻيو هري موٽواڻي عرف ’هري هرڪيولس‘ هند ۾!

انهن ٻنهي ۾ جا ڳالهه مونکي هڪجهڙائيءَ واري لڳي، سا اِها ته انهن پنهنجي اَدبي توڙي صحافتي خدمتن جي حوالي سان ڪڏهن به پاڻ پڌائڻ وارا طريقا اِستعمال نه ڪيا ۽ نه ئي وچ راچ ۾ ويهي هامون هڻيون ته ’مون جيڪو ڪم اَڄ تائين ڪيو آهي، سو ٻئي ڪنهن جي وَس جو نه هو.‘

اِن ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته صحافت ۽ اَدب، جدا جدا شعبا هئڻ جي باوجود جڏهن هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ڪٺي هلڻ جو وقت اَچي ٿو ته اِهو واقعي وڏي جاکوڙ ۽ جرئيت وارو ڪم ٿيو پوي.

اَسانجي پاڻ هري موٽواڻيءَ هند ۾ رهندي جنهن جرئيت ۽ جستجو سان سنڌي اَدب ۽ صحافت لاءِ مسلسل پاڻ پتوڙيو ۽ سنڌين کي ڪونج جهڙو معياري رسالو ڏنو، سندس اِن بي غرض سچي جذبي کي سؤ سؤ پيرا آفرين آهي. هن پنهنجي ٻوليءَ سان عشق جو اِظهار اِن صورت ۾ ڪري ڏيکاريو جو هندستان جهڙي ملڪ ۾، جِت هندي مرهٽي اَنگريزي ۽ ٻين ٻولين جو راڄ هو، اُتي سنڌي لکَڻ ۽ پڙهڻ جو ريشو وڌايو، نوَن لکندڙن کي سنڌيءَ ۾ لکڻ لاءِ اُتساهيو ۽ ڪيترائي شاعر اَديب تنقيدنگار معتارف به ڪرايا، پر اِئين نه جتايو ته فلاڻو ليکڪ اَڄ منهنجي ڪري سُڃاتو ٿو وڃي.

پنهنجي ٻولي جيئاري رکڻ ۽ ڌارين ٻولين جي موجودگيءَ ۾ نئين توڙي پراڻي نسل ۾ پنهنجي اَدب لاءِ چاهه پيدا ڪرڻ ڪو سوَلو ڪم نه هو، جيڪو هري موٽواڻيءَ جي ڪونج ڪري ڏيکاريو.

اَڄ ’ڪونج‘ هندستان جي سنڌي صحافت ۾ پنهنجي باقاعده حيثيت سُڃاڻي بلڪل اِهو مقام حاصل ڪري چڪي آهي. جئن



Gul Hayat Institute

تاثرات -



# هيرو شيوڪاڻي
## ... هڪ اَڪيلي جو سفر

سرسوتي ماتا جي مندر جي ڏاڪي تي مان وينو آهيان، هڪ پروهت جيان ڪڙتي ۽ ڌوتيءَ ۾، گل گلال چندن ڌوپ اگربتيون کڻي، جو تہ مندر اَندر منهنجو اعليٰ سائين هيرو شيوڪاڻي آهي. جنهن کي تلڪ لڳائڻو آهي. منهنجو اهو رول نہ صرف لازمي آهي، جائز پڻ آهي.

هو صاحب نہ صرف ناميارو تعليمدان آهي، سنڌي اَدب جو هڪ مشهور معروف تنقيد نگار آهي ۽ ڳڌوڳڌ پختو مضمون نويس - ۽ نهايت روشن دماغ مفڪر آهي ۽ + پلس هوُ هڪ عجيب، بولڊ، مختلف سنڌيءَ جو ڪهاڻي نويس آهي.

سندس ڪهاڻي مجموعي ’زندگي ۽ ڪئڪٽس‘ جي ڪوَر ڊزائين مون ئي ٺاهي هئي، اهو ڪيس ياد آهي.

هن ڪهاڻي مجموعي ۾ مون کيس بلڪل مختلف پاتو آهي. هيِ اِز ڊِفرنٽ، هيِ اِز پوسٽ ماڊرن، اِراٽڪ سَم ٽائيمس - سندس اهو اَنوکو رُخ چرڪ تہ پرائي ٿو، من ۾ ٽپرس بہ جاڳائي ٿو جيئن ورهيہ اَڳ هن ’هڪ پيءُ جو پورٽريٽ‘ ڪهاڻي لکي گيٽ ڪرئش ڪري سنڌي ڪهاڻي سنسار ۾ هڪ مقام پائي ورتو هو. اُن تخت تي اَڄان بہ براجمان آهي ۽ سدائين رهندو - اَهڙي دُعا .....



✍ شيام جئسنگهاڻي

(’ڪارڻ جي تلاش‘ ڪهاڻيون)

Gul Hayat Institute

# ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

## سنڌي ڀاشا وگيان ـ سنڌي لوڪ ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جو اَديت موبائيل گيان ڪوش

✍ **جهمون چڳاڻي**

..... ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي بابت سرحد جي هُن پار سنڌ جا سِڪيا شاستري ڏسو ڇا ٿا چون :

(۱) اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون، (اِشاعت جو سال ۱۹۸٦)، هند ۾ رهندڙ سنڌي ٻوليءَ جي وڏي محقق شري مرليڌر جيٽلي جي محنت ۽ لگن جو نتيجو آهي. شري مرليڌر جنهن موضوع تي قلم کنيو آهي، اُن جو سنئون سِڌو واسطو اَسانجي تاريخ سان آهي. هِن اِنهن لوڪ ڪهاڻين ۽ ان موضوع سان لاڳاپيل موضوع تي ڪافي بحث مباحثو ڪري، ڪيترين غلط فهمين نه رڳو دور ڪيون آهن، پر ڪافي رستا ۽ راهون ڏسيون آهن.

ـ **ناز سنائي**، سنڌي تحقيقي بورڊ، حيدرآباد.

(۲) ڊاڪٽر مرليڌر ڪشنچند جيٽلي، ٻوليءَ جو ماهر اَديب ۽ محقق آهي. سندس ناماچار نه رڳو هند جي علمي اَدبي دنيا ۾ آهي، پر سنڌ جي علمي اَدبي حلقن ۾ پڻ سندس نالو روشن آهي. موجوده دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪندڙ اُنهن چند اسڪالرن مان جيٽلي صاحب هڪ آهي، جن لسانيات جي موضوع ۾ مخصوص تربيت حاصل ڪئي آهي. ... ’اَوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون‘ ڪتاب جيٽلي صاحب جي بهترين ڪاوش آهي، جنهن مان بخوبي اَندازو ٿئي ٿو ته جيٽلي صاحب هڪ اعليٰ درجي جو محقق، ليکڪ ۽ دانشوَر آهي. ... سندس تحقيق جي معيار کي سنڌ ۾ عالمن ڀاران قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو.

ـ **پروفيسر هدايت پريم**، سنڌي ڊپارٽمينٽ، سنڌ يونيورسٽي.

(۳) اَوهانجي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جو سِرشتو ۽ لکاوٽ‘، ڪافي

Gul Hayat Institute

# شويا لعلچنداڻي

✍ اَرون ٻاٻاڻِي

هڪ وچتر ديس. ساڌو سنت آهن ته سونارا ۽ دلال به آهن. سينيون آهن ته ليکڪ ۽ شاعر آهن. ڪٽر ڌرم گروُ آهن ته نرتڪيون به آهن. بزرگ ودوان به هِتي، ڪي سخت ڇهرن وارا اَڳوان به هِتي ... ڪِلنڊڙ ڇهچٽا ۽ روئنڊڙ کهاڻيون. ڪي مسخرا ته ڪي راڌائو. مذاق ۽ جُنوُن هڪ جڳهه تي گڏ جيئن ٽا، مِلن ٽا، هَلن ٽا ... هڪ قافلو ... هڪ ڪاروان ... صديءَ پُراڻو ... ڏاڍو سياڻو ۽ هن ديس جي حڪمران آهي هڪ جانباز عوُرت ....!! هيءُ اَديت ديس آهي هندواسي هفتيوار ۽ هيءَ اَديُت اِستري آهي شريمتي شويا رام لعلچنداڻي ....!!

هڪ ڪامياب پترڪار جي پهرين نشاني آهي سچ جو پاسو ڪٽڻ، سچ ڪي جيئن جو تيئن بيان ڪرڻ بنا ڪنهن دٻاوَ جي. اِها ڏکي ڳالهه آهي. هيڏا سارا پاسا، هيڏا نرالا نظريا، ويچارن جا نقاب، اهو سڀ هڪ ئي پني تي بئلنس ڪرڻ، سنڀالڻ وڏي جاکوڙ جو ڪم آهي ۽ ڪڏهن ناممڪن به ٿي پوي. هڪ ڪي پرچاءِ ته ٻيو رُسي، هڪ پاسو سنڀال ته ٻي ڳنڊ کُلي پوي. شويا ديدي اِهو ڏکيو پروجيڪٽ سنڀالڻ ۾ ڪامياب ته آهي پر وڌيڪ سُني ڳالهه آهي ته هن جو جذبو ۽ هن جي منو اِستٿي برقرار آهي اهو پنهنجو پاڻ ۾ هڪ اِسرار آهي. Miracle آهي! اسان سنڌين جي هڪ عادت مشهور آهي ته اسان رشتا گهڻو وقت سنڀالي نه سگهندا آهيون هڪ ٻئي سان ٺهي ڪو نه سگهندا آهيون ۽ ذري ڳالهه تي منهن ڦيري ڇڏيندا آهيون. هڪ سمجهو ۽ ذهين

Gul Hayat Institute

پترڪار نِفاقن کي جوڙڻ ۾ سنڀالڻ ۾ ماهر هوندو آهي. هن کي سڀئي پاسا گڏ هلائڻا پوندا آهن. ان ڪري هن کي پنهنجو آنءُ هر وقت ظابطي ۾ رکڻو آهي ۽ ساڳئي وقت ڪنهن به دٻاءَ ۾ جهڪڻو ناهي سچ جي پوئواري ڪرڻي آهي نسوارت ٿي، ٻي ڏيو ٿي. Tight rope walk آهي.

شوبا هڪ برجستي ۽ بولڊ شخصيت آهي. هوءَ ٻي ڏيپي ته آهي پر اُن جو مطلب ناهي ته هوءَ اهنڪاري آهي. ڪافي سوچي سمجهي قدم کڻندي آهي، رعبدار آهي، يڪي کي يڪو چئي سگهندي آهي. ماڻهو هن کان ڏڪندا آهن ۽ کي ته هن کان ناراض به هوندا پر گهڻي ليکي هو لوڪ پريه شخصيت آهي ۽ سڀني سان مِٽ محبت ۽ پنهنجپائي سان پيش ايندي آهي. هونئن به اڄ جي يُگ ۾، خاص ڪري ميڊيا جي جڳت ۾ جتي دوستيون ۽ دشمنيون روز چهرا بدلينديون آهن اُن ۾ پنهنجو سِر ۽ نڪ اوچو ڪري هلڻ هڪ اگني پريڪشا مثل آهي. مهر اَٽس پنهنجو پارٽ بخوبي ڀيئي نڀائيندي ڀيئي اڇي ۽ عزت ۽ مان شان رُتبو حاصل ڪيو اٿس. مان هُن سان ٢٠ سال اڳ ٢٠٠٠ سال ۾ گڏيس مان پنهنجو مجموعو دادا رام وٽ ڇپائڻ لاءِ کڻي ويو هوس. مون ڏيدي کي ڏٺو ته هوءَ ڪيتري آساني سان پنهنجا پارٽ گڏي سڏي نڀائي رهي هئي. دادا کي مانيءَ جي پليٽ هٿن ۾ پنهنجي مائيءَ کان ڪپڙا سُڪائيندي، ڪمپيوٽر تي ٽائيپنگ، ٻين ملزمن تي نظر. گهڻو ڪجهه هڪ ئي وقت ڪيترو سرلتا سان effortlessly پيو ٿئي. هاڻي ته هنن جو پريوار گهٽجي ويو آهي. دادا ٺاڪر، دادي ۽ رام به نه رهيا. ٻئي طرف هنن جون پٽ پوٽيون به آيون آهن. پر عجب جي ڳالهه اها آهي ته هنن جي Spirit ۽ جذبي ۾ ڪا به ڪمي ڪو نه آهي. هيترو سڀ ٿيو ۽ ٿئي پيو پر ڏيدي اُها ئي شڪتيوان اُها ئي Confident اُها ئي

ڪلمُڪ!

هندواسي سؤ سالن جو اَباڻو ورثو چئي سگهجي ٿو. هن ۾ اڄ بہ هر عمر جا پانڌيئڙا اُڏامن ٿا. سنڌي ٻولي ۽ سيپتا جي هڪ پراچين عمارت سڏائڻ جي قابل آهي. هڪ صديءَ کان لڳاتار سفر ڪندي هندواسي ڏاهپ maturity جون حدون پار ڪري هڪ ٻڙ جي وڻ وانگر دانشمند جو درجو حاصل ڪيو اَٿس جنهن ۾ بزرگ درويش جوان سنڌي آئڊلس سان سُر ملائي ڳائن ٿا. آخر ۾ هڪ ڳالهہ چوڻ جي جُريت ڪيان ٿو. شويا لالچنداڻي ٻاهران هڪ strong minded شخصيت لڳي ٿي پر نزديڪيءَ ۾ هوءَ هڪ نرم دل اِنسان پاسندي آهي.

بہ سِٽون :

دل تہ مظبوط آهي پر ڪنهن وقت
اکين ۾ آلاڻ اچي وڃي ٿي
رشتن جا حجوم تہ گڏ هلن ٿا پر ڪڏهن
اڪيلائپ بہ اچي ساڻ وهي ٿي.

اَسانکي ناز آهي ديديءَ تي ۽ دعا گهرون ٿا تہ هن جو سفر ۽ اُڏام هلندي هلي ۽ زندگيءَ جون چاڙهيون چڙهندي اچي.

شُڀ شُڀ شويا!

---

*** لطيفي ٻول ***

✍ سهيڙ: صاحب ٻڄاڻي

وِيا مورَ مَرِي، هَنجُ نہ رَهِيو هيڪِڙو،
وَطَنُ ٿِيو وَرِي، ڪوڙَنِ ڪانيَرَنِ جو.

Gul Hayat Institute

# (३) अकिबर जी सूरत ऐं सीरत

✍ **परमानन्दु मेवारामु**

खशुनि तोड़े क़द कामत में, जलाल्लुदीन जो, जहिड़ो बादिशाही शानु चइजे अहिड़ो ई हो। जंहिंकरे केरु बि ड़िसण सां उमालकि सही कंदो त बादिशाहु उहो ई आहे। संदसि टंगूं जां तां वरियल ऐं अंदरि ते पेठल आहिनि से जहिड़ियूं कंहिं शहसुवार जूं। संदसि चहिरो गोरो आहे, अल्बति काराणि ते माइलु; सिरु ज़रा साज़े कुल्हे ड़े वरियलु, पेशानी वेकिरी ऐं खुल्यल; अख्यूं जीअं उस में समुंडु चिलिके तीअं पेयूं चिलिकनिसि; भिरू डेघि में पखिड़ियल अथसि जहिड़ा चीन्युनि, जपान्युनि ऐं ब़ियनि मिड़िनी एश्या जे रहाकुनि जा हूंदा आहिनि; पिंबिण्युनि ते छिडो सुरिमो लग़लु अथसि, नकु नंढो ऐं हेठिते अथसि। अगरिचि विच वारी हड्डी ब़ाहिरि निकितल अथसि; नासूं टिड़यल अथसि ज़ुणु गुसे में आहे। ड़ाईअ नास ते हसो अथसि जो मथिएं चप सां पियो लग़े। मथिएं चप खां सवाइ ड़ाढ़ी कूड़ाईंदड़ु आहे; मगरि तुर्क इएं कंदा आहिनि जेसीं बालिग़ थियनि ऐं ब़ाराणा वेस लाहीनि। मर्दानी पोशाक पहिरियाऊं त पोइ ड़ाढ़ी रखंदा आहिनि। अकिबर पंहिंजनि वड़नि जे रीति जे उबतड़ि मथे जा वार रखी ऐं टोपी बि कोन पाती। इन्हीअ बदिरां मथे खे साफ़ो ब़धो। सो चवनि था त इन्हीअ लाइ, चे रइयत जे रीति रहति ते हली मंझिनि हरिदिलि अज़ीज़ु थियं। ड़ाई ज़ंघ गिहिलींदो हले ज़ुणु मंडो आहे त बि पेर में को बि हिसाबु कोन्हेसि। बद्नु पूरे अंदाज़ वारो अथसि। नकी सन्हो ऐं ग़रियलु, नकी थुल्हो ऐं गुटिको आहे। अहिड़ो पियो भांइजे जो मंझिसि ज़ोरु ऐं ताक़त ड़ाढी आहे। खिले थो त नावणंदड़ु पियो लग़े पर जड़हिं देरीनो ऐं सांति में आहे तड़हिं चहिरो शान ऐं शौकत भरियो अथसि। संदसि रोश ड़ाढा रोबदार आहिनि। जड़हिं असीं वटसि आयासूं तड़हिं ३८ वरिह्यनि जो हो। (२८ फ़ेब्रवरी १५८० ई. ऐं अकिबरु ज़ाओ हो २३ नवेम्बर १५४२ ई. में)



Gul Hayat Institute

जंहिं सहूल्यत सां माण्हुनि खे पाण वटि अचणु ड॒िए थो ऐं बु॒धेनि करेनि थो तंहिं जो ब्यानु करण जो ई न आहे। आमु ख़ल्क़ जी इजाज़त आहे। ऐं जड॒हिं पाण ग॒ाल्हाईंदो आहे त खहुराईअ खां नरमाई वधीक पसंदि कंदो आहे। इन्हीअ हलीमाईअ ऐं ख़ुशि ख़ल्क़ीअ करे निहायति हिरिदिलि अज़ीज़ु आहे। बिल्कुल तेज़फ़हमु ऐं सियाणो आहे। किथे बि को ख़ौफ़ु ख़तिरो हूंदो त झटि अग॒ेई सही करे वठंदो हो। ऐं कार्रवाईअ करण लाइ पूरो पूरो वझु झटे वठंदो हो।

झंगिली जानिवरनि जे शिकार जो निहायति शौक़ीनु आहे पर पखीअ जे शिकार मां मज़ो कोन अचेसि। सौदाई तबियत हुअसि तंहिंकरे हिकिड़े ई वक़्ति केतिरनि क़िस्मनि जे खेलनि ऐं रांदियुनि सां पाणु विंदुराईंदो आहे ऐं सो बि आमु ख़ल्क़ अग॒ियां भलि उहे अमीर उमिराअ सभु ख़ुशि थियनि। खेल हीउ हूंदा हुआः- पोलो रांदि, हाथ्युनि, साननि, हरणनि ऐं कुकिड़नि जी वेढ़ि। मल्हू, शम्शेरबाज़ी, ठौंशेबाज़ी, कबूतरनि जी लेट बाज़ी या परिदेसी पख्युनि जी चालि ऐं बि॒या रौंशा ड॒िसणु। ग॒ाइण, वज॒ाइण, नाच ऐं हथ नाट जो शौक़ीनु आहे। मस्खिरनि जे चर्चनि बु॒धण जो त ख़फ़्तु अथसि। पर जड॒हिं कारोबारु बंदि करे पाणु विंदुराईंदो आहे त बि हुकूमत जे जवाबदारीअ जो भारी पहाड़ जेड॒ो बारु सिर ते हरिदमि बीठो ई अथसि। तंहिंकरे संदसि दरिब॒ारि माण्हुनि सां सथी पेई हूंदी आहे। ख़ुसूसां अमीरनि ऐं नवाबनि सां, जिनि खे हुकुमु आहे त साल में हिकु दफ़ो ज़रूरु पंहिंजनि परिग॒णनि मां अची हाज़ुरी भरियो, ऐं मूं वटि टिको; पर जड॒हिं ब॒ाहिरि निकिरे त सभु संदसि कंजक लगि॒ हूंदा आहिनि, ऐं जेसी खेनि इशारो न करे तेसीं पंधि पिया ईंदा, घोड़नि ते सुवारु न थींदा। जंहिंकरे संदसि दरिब॒ारि जो तजमलु ऐं दबि॒दब॒ो निहायत इबिरत जहिड़ो आहे।

पोशाक जा पहिरे सा कीमख़ाब जी, जंहिं ते केतिरा नक़्शा भरियल आहिनि ऐं संदसि कुड़ितो गोड॒नि ताईं आहे ऐं जुती बि पंहिंजे नमूने ते जोड़ाई

Gul Hayat Institute

अथसि। संदसि बदनु सोन, मोत्युनि ऐं जवहाराति सां गुतियलु आहे। तरारि ऐं ख़ंजरु जा वणेसि सा वरी यूरोपी ठहयिल। रे हथ्यारु कडुहिं कान निकिरंदो। ब़ियो त खुलासो हूंदो त वीह ख़िज़्मितगार अगि़यां हूंदसि जिनि खे क़िस्में क़िस्में हथियार ब़धल हूंदा आहिनि। इस्पेन जे पोशाक पहिरण जो डा़ढो शौंकु अथसि सा जडुहिं को कीन डि़संदो अथसि तडुहिं पाईंदो आहे।

घोड़े गाडी़अ या हाथ्युनि, उठनि ऐं घोड़नि ते सुवारु थिए त संदसि रवशि निहायति अजब जहिड़ी हूंदी आहे। अर्गुवानी ढक्यल गादीअ ते टंग टंग ते चाढ़े विहंदो आहे पर हिक पोर्चोगीज़ ज़रिबफ़्त लगि़ल कुर्सी पाण सां खणाईंदो आहे जा घणी कमि आणींदो आहे।

संदसि दस्तरिख़ाने में चालीहनि खां बि वधीक ताम ईंदा आहिनि जे वडुनि ढाकुअनि में कपिड़े सां ढक्यल हूंदा आहिनि ऐं जे बोर्ची सील मुहिर करे मोकिलींदो आहे, त मतां केरु खाधे में ज़हिरु मिलाए; बादिशाह जे कमिरे जे चांउठि ताईं हथ्यार ब़धल जुवान उहे खणी अचनि, जिनि जो अगु़वानु वडो़ ख़ानसामां हूंदो आहे। पोइ दरिवाज़े ते ख़्वाजा उहे ढाकुआं वठनि जे वरी नौकिरियाणियूं वठी शाही दस्तरख़ाने ते आणे रखनि। ब़ाहिरि दावत हुजेसि त वाह न त आम में खाने खाइण जो दस्तूरु न अथसि। पाणी या पोस्तु पीए; पोस्तु तमामु घणी पीए; पोइ नशे में घेरट वेठो खाए। पंहिंजे हुजिरे में अकेलो सुम्हे; संदसि बिस्तिरो आमु माण्हुनि जहिड़ो आहे; रज़ाई ऐं विहाणा कंहिं आबी बू़टीअ जे पशम सां भरियल हूंदा आहनि ऐं मथ जा ओछ्ण रेशम जा आहिनि।

***(ही अहिवालु हिक यूरोपीअ जो डि़नलु आहे, जो ब़ियनि सां गडु अकिबर जे दरिबा़रि में रहियो हो।***

*('गुल फुल' ता वरितलु)*

ഈ

Gul Hayat Institute




✍ نند ڇڳاڻي

# ڪتابي سمالوچنا

(1) **”ماهتاب سنڌ (فن ۽ شخصيت)“** مرتب : ارم محبوب

ڊيمي سائيز، صفحه 35+468، قيمت 800 رُپيه، پڪو ڀورنگي جلد، سال 2017، ڇپائيندڙ : ڪوتا پبليڪيشن، 9، ربي چئمبرس، ڪورٽ روڊ، حيدرآباد - سنڌ - پاڪستان، فون نمبر : 2728541-22-92+، ڪتاب جو عالمي نمبر : ISBN 978-969-9329-85-2

سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار - ماهتاب محبوب جي زندگيءَ، فن ۽ شخصيت تي جدا جدا عالمن جا لکيل مضمون، جن کي سندس نياڻيءَ ارم محبوب گڏ ڪري ڇپايا آهن. هن قسم جا ڪتاب اَدبي تاريخ کي جنم ڏيندا آهن. ڇيدي سنڌيءَ ۾ لکيل سندس ڪهاڻيون - خاڪا ۽ سفرنامو ساهتيه جي اول صف ۾ شماريا وڃن ٿا. اِسلامي حڪومت، جتي عورت ذات ڇهن زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندي آهي اُتي ماهتاب ۽ ٻيون ڪيتريون ليکڪائون، اَدڙيون - دادڙيون، سڄاڳيءَ واري عالم ۾ اَچي چڪيون آهن. هيءُ ڪتاب سيني لاءِ لاڀائتو ٿيندو.

سنڌ جي چاليهارو اَديبن عالمن - دانشورن اَدي ماهتاب جي اَدب ۽ اُن ۾ سمايل خوبين کي اُجاگر ڪيو آهي، ماهتاب کي ان جي ضرورت نه به هجي پر سنڌ جي اَدبي تاريخ کي اُن جي ضرورت آهي.

هند ۾ سنڌي ٽائيمس وارن هن جا ڪجهه خاڪا ڇپايا هئا - فقط اهو ڏيکارڻ لاءِ ته سنڌ جي ليکڪا اَسانجي عالمن - اَديبن جو ڇٽو

Gul Hayat Institute

عڪس لکي سگهي ٿي. اهو هِتان جي ليکڪائن کي اُتساهه ڏيندڙ سِڌ هو.

ماهتاب جڏهن هند جي سفر تي آئي ته ڇڻ هتان جي هر عوام وٽ سنڌ جي سِڪ جو درياهه اُٿلي پيو. سنڌ وارن اُن کي ”اَندر جنين اُڃ“ ۾ پڙهيو پر اَسان ته اَکين ڏٺا شاهد آهيون. هن جو ڪيل آجياڻو ڇڻ سموري سنڌ لاءِ هو. شاباس ماهتاب کي جنهن هند وارن جي جذبات کي سفرنامي ۾ پنهنجي اَدبي ڪڙڪيدار ٻوليءَ ۾ ساڳئي جذبي سان پيش ڪيو، جنهن جو هن ڪتاب ۾ عبدالرحمان پليجو (صفحه 22/23) شاندار نموني ذڪر ڪيو آهي.

اَڄ به سنڌ توڙي هند جو عوام ڪيس پرپور عزت - مان، سنمان ڏئي ٿو. هن جي ڪهاڻين ۾ ڪيترين سماجڪ اوڻاين جو کُليو ذڪر هوندو آهي پر تنهن هوندي به هن فضيلت ۽ اِخلاقي قدرن جو پلاند ڪونه ڇڏيو آهي. هوءَ اَٿردار اَکرن ۾ هر بُرائيءَ جو چٽو عڪس پيش ڪري ٿي. اَندر ڪنهن لکيو آهي ته ڪل پوڳ ۾ هوءَ ڪوڙو زهر پيارڻ ۾ وسان ڪونه گهٽائي ٿي. پر اهو سڀ سماج جي ڀلائيءَ لاءِ ئي آهي.

سنڌ جو پيارو - ڏُلارو - نيارو ڪهاڻي نويس علي بابا لکي ٿو - ”پيڻ ماهتاب محبوب لاءِ به اَکر لکي ڏيان، اها مون لاءِ عزت جهڙي ڳالهه آهي ... ماهتاب ايڏي وڏي ۽ سني چو آهي - مان سمجهان ٿو ته هوءَ نج (اَصل) سِنڌڻ آهي، ٽريڊيشنل آهي ۽ سنڌ جي پيرِي فقيريءَ مٿان سندس ڳوڙهي نِهار آهي“ ... (صفحه 23)

نصير مرزا - حيدرآباد ريڊيو اِسٽيشن ڊائريڪٽر ۽ پنهنجي فصيح زبان سان هر پروگرام ۾ جان پريندڙ لکيو - ”هيروئنس - ڪئريڪٽر ايڪٽريس جو رول ڪري رهيون آهن. اُتي ماهتاب ساڳئي مقام تي اِسترِ ۽ اَڏول بيني آهي، سدا بهار گل جيان (صفحه 27). ٽن صنفن ۾ لکيل ڪتاب - ڪهاڻي - سفرنامو ۽ خاڪا پنهنجي سٽائيل ۾ وڻندڙ، ڇرڪائيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهن. ڪتاب



Gul Hayat Institute

ٻڌائين ٿا تہ هوءَ زبردست مشاهدي جي سگهہ رکندڙ آهي.‘‘
سنڌيءَ جي سرتاج ڪهاڻي نويس نسيم کرل لکيو آهي - ’’سنڌي اَدب جي اُفق تي چوڏهين جي چنڊ وانگر چمڪندي رهي ٿي.‘‘
سياست ۽ اَدب ۾ اَڳرو اَڳوان رسول بخش پليجو - ’’... سنڌ اَندر هن جهڙي خوش نصيب خاتون ٻي وِرلي لڀندي. هر ڳالهہ پنهنجي عورت ڪردارن جي سنڌن پنهنجي زبان، لهجي ۽ اِسٽائيل ۾ ڪندي آهي. هوءَ سنڌي سماج جي رائج عورتاڻي زبان ۽ گفتگو جي بادشاهہ آهي. اَٿاهہ معنيٰ - مطلبن ۽ ويچارن سان ڀريل. اعليٰ درجي جي سوانح نگار ۽ خاڪا نويس بہ آهي.‘‘
فهميده حسين چوي ٿي - ’اَندر جنين اُڃ‘ هي سفرنامو ڪونهي پر اَندر کي ڇُهندڙ جذباتي منظر آهي - فوٽوگرافيءَ کان بہ وڌيڪ اُنهن جي من اَندر عڪاسي آهي. پوري نسل جي ڪهاڻي آهي.
موهن ڪلپنا - سنڌ هند جو هاڪارو اَديب سڄي عمر وطن لاءِ تڙپندو رهيو. مون اَڳ ۾ بہ ڪٿي لکيو آهي جي موهن کي سنڌ وارن جو اَکيچار پيار - عزت - مان - سنمان نہ مليا ها تہ شايد هو بہ حشو ڪيولراماڻي واري دڳ تي هلي ها. هن کي ڏنل اِنٽرويو مان فقط هڪ سوال 39: ’’ڇا لکڻ زندگيءَ جا پڄڻ نہ آهي تہ جو زندگيءَ ۾ ڪري نہ سگهجي، اُن جو بدلو اَدب کان وٺجي ۽ اُن ۾ پنهنجين اَڻپوريون ٿيل خواهشن کي پورو ٿيل ڏيکارجي ...؟‘‘
ذولفقار راشدي سندس سيني ڪهاڻي ڪتابن وغيره لاءِ پنهنجو شخصي رايو ڏيندي ۽ سنڌي جڳت جي وِدوانن جا رايا درج ڪندي پرڏيهي ليکڪن سان ڀيٽ ڪندي بہ اَڻپورو اَپياس لکي ٿو. اها سندس نِوڙت ۽ نماڻائي آهي. سندس اَپياسي ڀرپور حوالا ماهتاب جي فن کي جاندار ٻڌائين ٿا.
ارم محبوب جي چونڊ داد لائق آهي. اَديبن جا مقالا - مضمون - ماهتاب جا اِنٽرويو - خط - ڪهاڻيون - خاڪا سندس اَپياس جي شاهدي ڏين ٿا. چوندا آهن تہ سرڳ ماءُ جي پيرن هيٺان آهي ۽



Gul Hayat Institute

ارم ان جي حقدار آهي. سندس ڏنل به خاڪا طارق اَشرف ۽ شيخ اَياز، ماهتاب جي قلم جي جنبش ڪري اَندر ۾ اوتجي ٿا وڃن. شڪارپور مان مسٽر خليل مورياڻي جڏهن اُلهاسنگر آيو هو ته اُتي اهو خيال بيٺو ته طارق اَشرف تي ڪونج جو خاص اَنڪ ظاهر ڪجي - مواد مورياڻي سنڌ مان حاصل ڪندو ... ڪوشش ڪندي به سر اَنجامي نه ٿي سگهي ... ڪجهه مواد قسطن ۾ ڪري ڇپيو ويو ... طارق ۽ هري موٽواڻي مٿي هڪ ٻئي کي اهو ڏوراپو ضرور ڏيندا هوندا.

ڪهاڻيون - مني مراد، سريت ۽ مريم جو بت - هن ڪان وڌيڪ بهترين چونڊ نه ٿي سگهي هان. ماهتاب محبوب جو فن ۽ شخصيت وارا ٻول ۽ قول صديون پيا ورجائبا.

ڪوتا پبليڪيشن - حيدرآباد - سنڌ وارن کي اَهڙي عاليشان ڪتاب لاءِ ڪوڙ سارين مبارڪون.

(2) **”هِن شهر ۾ هڪ شهر هو“** (ناول) - ليکڪا : **جيا جادواڻي**

ڊيمي سائيز، صفحا 126، قيمت 320 رُپيا، سال 2018، ڇپائيندڙ - پبلشر : ڍولڻ راهي، فلئٽ 802، فلورينس اَپارٽمينٽس، پرڳتي نگر، ڪوٽرا - اَجمير - 300500، موبائيل : 9468868812، اِي-ميل: dholanrahi@gmail.com، ليکڪا جو موبائيل : 9827947480، اِي-ميل: jaya.jadwani@yahoo.co.in

ڪتاب نند جويري دادا کي اَرپڻ ڪيل آهي، جنهن جي شروعاتي زندگيءَ واري واقعي تي تخليقي رنگت ۾ اُڻيل ناول آهي.

جيا جادواڻي هندي-سنڌي ساهتيه ۾ اَچ عزتدار نالو آهي. سندس ڪهاڻيون - شاعري - ناول هندي-سنڌي ۾ اِنعام حاصل ڪري چڪا آهن. ان ڪان وڌيڪ هندي ساهتيه ۾ سندس ناول اَول صف ۾ ڳڻيا وڃن ٿا. هِت به حالتن جو سلسليوار بيان ورهاڱي جي درد کي ڇٽو ڪري ٿو. هندي بيلٽ مان اَچڻ ڪانپوءِ به ليکڪا ٻوليءَ تي ضابطو

Gul Hayat Institute

حاصل ڪري ورتو آهي.

ڊولڻ راهي - سنڌي ساهتيہ ۾ اَوارڊ وِنر ۽ بهترين ڳائڪ ڪلاڪار آهي. اِنڊيا ۽ اِسپين وچ ۾ باقاعدي سندس اَچ-وڃ جاري آهي. ڪتاب جي بئڪ ڪوَر تي ليکڪا لاءِ بہ عالماڻا اَکر سندس ڪلاڪار من جو اولڙو آهن.

نند جويري (شڪارپوري) نندي هوندي جو اَڻچِتو واقعو پنهنجين يادگيرين ۾ سانڍي رکيو آهي - اِسڪولي جيون ۾ ڇُهاءَ جو اَحساس وٽس اَڃان سالم آهي - ان جي جستجوءَ ۾ ڀٽڪاءَ جو بيان هن ناول نويس سان ڪيو. جنهن اُن کير ڌارا کي وهڪرو ڏيئي وشال اُٽت - اَڏاوت ڪري آزاد هندستان ۾ چوٽ چڙهي ناول نا هي ورتو. اها ڪاريگري آهي جنهن لاءِ جيا جس لهڻي.

ورهاڱي جي جدا جدا حالتن ۾ گُهمائي ڦِرائي ناول نگار ڪردار کي اُتي آڻي بِهاريو جنهن جي ڳُولها ۾ هو ٽيہ سال تڙڦندو رهيو. هن جي ياد - گهر جو پيڇو ڪندو رهيو. وچ ۾ ڪي رومانچڪ نظارا بہ آهن - شرنارٿي رِفيوُجي جيوت جي ڏکاري وقت ۾ ڪهڙين حالتن ۾ هي نندي مان وڏو ٿيو، ڪهڙن شخصيتن جو هن تي اَثر ٿيو، جن جو هو اَڄ بہ شڪرگذار آهي. اهو گڻ ڪردار ۾ جهجهو آهي. منزل پهچندي بہ هِن جا سنسڪار هُن سان ٻالهائڻ جي بہ اِجازت نٿا ڏِيَن. پوترتا قائم رکي ٿو. ڪي اُن کي ڪمزوري بہ سمجهندا - پر هن جا اوچ اِخلاقي قدر ڏسڻ گُهرجن ۽ هو هيٺان بالڪنيءَ ۾ بيٺل کي ڏسي اَکيون ٺاري ٿو اَڳي. خوشي - موُج، ڊيگهہ وڏائي ويڪر گهٽائيندي آهي ۽ نند جويري ڊگهو سڄڻ آهي.

ڪتاب جي قيمت چرڪائيندڙ آهي.

(... ڏسو صفحو 437)

Gul Hayat Institute

# جسونت ڪُمار

## (هڪ شخصيت)

✍ وِڪرم شهاڻي

سنسار ۾ ڪيترائي شخص جنم وٺن ٿا. سرشٽيءَ جي نيم اَنوسار، جمن ٿا ۽ مرن ٿا - پر ڪي شخص ان جمڻ ۽ مرڻ جي درميان، جنهن ڪي اَسين زندگي سڏيون ٿا، اُن زندگيءَ ۾ پنهنجن ڪارگذارين ذريعي، پنهنجي پنيان پنهنجي قدمن جا پختا نشان ڇڏي وڃن ٿا جيڪي ايندڙ پيڙهيءَ لاءِ رهبر جو ڪم ڪن ٿا.

جسونت ڪمار، اَهڙي ئي هڪ شخص جو نالو آهي جيڪو اَڄ هن فاني دنيا ۾ اَسان جي وچ ۾ ناهي پر سندس ساهتيہ ۽ ڪلا جي سوجهہ بوجهہ جي مهڪ اُن جي غيرحاضريءَ ۾ بہ اَسين محسوس ڪري رهيا آهيون. سندس آتم وشواس جا پڙاڏا، اُن هر ڪيتر ۾ گونجندا رهندا جن ڪيترن ۾ هُن ڪاريہ ڪندي پاڻ موکيو آهي.

زندگيءَ جا ڪجهہ ورهيہ بمبئيءَ ۾ هڪ ئي بئنڪ جي ساڳيءَ برانچ ۾ ڪم ڪندي، ساهت ۽ ڪلا جي ڪيتر ۾ پڻ جسونت ڪمار سان جُڙڻ جو ويجهڙائيءَ سان موقعو مليو. اُن عرصي دؤران هُن جي شخصيت جي گوناگون پهلن هميشه منهنجي اَندر جي ساهتڪار ۽ ڪلاڪار ڪي ڪافي متاثر ڪيو، جنهن جو اَڳ ۾ ڪيترائي ڀيرا پنهنجي ساهتڪ رچنائن ۽ ڪلاڪرتين جي پيش ڪش ۾ محسوس ڪيو اَٿم.

هڪ اَعليٰ شخصيت جي مالڪ جسونت ڪمار ڪلا ۽ ساهت جي اَلڳ اَلڳ صنفن ۾ پنهنجي اَنوکي سوجهہ بوجهہ ۽ صادق جذبي سان ڪاريہ ڪندي، سنڌي ساهت ۽ ڪلا جا گهڙا ڀريندي، اُن کي زنده رکڻ لاءِ، اُن کي نئين دشا ڏيڻ لاءِ ڪيترائي تجربا پڻ ڪندو رهيو.

”هر فن مؤلا“ هئڻ جي باوجود هُن جو مکيہ ڪيتر رهيو ”سنڌي رنگ منچ“ - ناٽيہ ليکڪ، هدايتڪار، اَداڪار ۽ ٽيڪنيشن طور جسونت ڪمار سنڌي رنگ منچ کي گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي. هُن ڀائو مينگهاڻي سان بہ ڪم ڪيو تہ رميش ڄاڄاڻيءَ سان

Gul Hayat Institute

ٻہ. هو مدن جماڻي، رميش مهتا ۽ آنند مٽائي سان پڻ سنڌي رنگ منچ ذريعي جُڙيو. اُنهن جي آزمودن مان گهڻو ڪجهه پرايائين ۽ بعد ۾ پنهنجي ”ٿئيٽر والاز“ ناٽڪ سنستا ذريعي سنڌي رنگ منچ کي گهڻو ڪجهه ڏنائين.

اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جنهن جو هو ڪجهه سال سيڪريٽري پڻ هئو، اُن جي پاران اَلڳ اَلڳ شهرن ۾ رٿيل ناٽڪ چٽاڀيٽين جو هو روح-روان هئو. انهن ناٽڪ چٽاڀيٽين ۾ اَلڳ اَلڳ شهرن مان آيل ناٽڪ منڊلين جي هر ناٽڪ چٽاڀيٽيءَ ۾، جسونت ڪمار دل وَ جان سان ٽيڪنيڪل مدد ڪئي ۽ اُنهن جي ناٽڪ جي پيش ڪش لاءِ هر سهوليت ميسر ڪري، اُنهن کي تناوَ-مُڪت ڪيو. بمبئيءَ ۾ اَنتر ٻئنڪ ناٽڪ چٽاڀيٽين ۾ سنڌي، گجراتي، هندي ايڪانڪيون پيش ڪري ليکڪ، اَداڪار ۽ هدايتڪار طور هُن ڪيترا انعام حاصل ڪيا. ڪيترن ئي هندي، مرهٽي ۽ گجراتي ناٽڪن، ايڪانڪين جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري رنگ منچ تي پيش ڪيائين. لڳ ڀڳ پنج يا ڇهه ڪن اَصلوڪا وڏا ناٽڪ ۽ ڪيترين ئي اَصلوڪيون ايڪانڪيون پڻ لکيائين ۽ رنگ منچ تي آندائين.

فلم ڊوبزن دوران تيار ٿيل ڪيترن ئي ”ورت چترن“ ۾ پنهنجي گهري ۽ پُراَثر اواز ۾ ڪامينٽري ذريعي جانِ پريائين. ڪيترائي سال آڪاشوڻيءَ جي بمبئي ڪيندر تان پيش ٿيندڙ سنڌي پروگرام جي ڪامپيئرنگ ڪري پنهنجي پُر زور آواز جي جادوءَ سان ٻُڌندڙن جو من موهي ڇڏيائين. جسونت ڪمار جو جادوئي آواز اُن جي اعليٰ شخصيت جو آئينو هو. آڪاشوڻيءَ جو هو مقبول ڪلاڪار هو.

خط وَ ڪتابت ذريعي ديش جي اَلڳ اَلڳ حصن ۾ رهندڙ سنڌي ڪلاڪارن ۽ ساهتڪارن سان هوُ جُڙيل رهيو ۽ سنڌي ساهت - ڪلا جي سرگرمين ۾ ليٽيسٽ ڊيولپمينٽ بابت تفصيل گڏ ڪندو رهيو. سنڌي ناٽڪ ٻئنڪ برپا ڪيائين، جنهن ۾ ڪيترن ئي ناٽڪن جون اِسڪرپٽس (ڇپيل توڙي اَڻڇپيل) گڏ ڪري اُنهن جي فهرست ٺاهيائين ۽ وابسطہ ڪلاڪارن / ناٽڪ منڊلين ڏانهن

Gul Hayat Institute

موڪليائين تہ جئن اُهي ان سنڌي ناٽڪ بئنڪ جو لاپ وٺي سنڌي رنگ منچ کي سگهارو بڻائي سگهن.

جسونت ڪمار، بئنڪ آف اِنڊيا سنڌي سوشل سرڪل بمبئي جو ڪجهہ سال سيڪريٽري ٿي رهيو. اُن عرصي درميان هُن ساليانيءَ ’جيجل‘ مخزن جي سرڪل پاران اِشاعت ڪئي ۽ ستن اَٺن اَنڪن جو سمپادڪ ٿي رهيو. اُن وقت ’جيجل‘ جو معيار ايترو قدر اونچو هئو جو ساليانو مخزن هئڻ جي باوجود ڪيترن ساهتڪارن ۽ پاٺڪن کي اُن جي شايع ٿيڻ جو اِنتظار رهندو هو.

اَهڙي اعليٰ شخصيت جي مالڪ جسونت ڪمار جي ديهانت تي اُن کي شرڌانجلي - سُمن اَرپڻ ڪندي ايشور در اها پرارٿنا آهي تہ سندس آتما کي شانتي بخشي ۽ پنهنجي چرنن ۾ جاءِ ڏي.

(جسونت ڪمار جو جنم پهرين جوُن ١٩٥١ ۾ اُلهاسنگر ۾ ٿيو. سندس ديهانت ٿيهين جون ٢٠٠٤ واشي، نيو ممبئي ۾ ٿيو.)

ജ്ജ

51, Star Apartment, Opp. Nalanda Complex,
Vastrapur, Ahmedabad - 380015. Tel. 6745380

---

# غزل

✍ ٺاڪر نيپواڻي (اَجمير)

ڪنهن ڪنهن کي وينو سمجهايان
پِٿين سان، ڇو سِرُ ٽڪرايان.

- سُڏڪا، آهوُن، لڙڪ، گِلائون،
سوُر اَندر جا اَندر لِڪايان.

- اُلجهيا اِئن رِشتن جا ڌاڳا،
مُنجهندا ويا جئن جئن سُلجهايان.

- هوُ تہ ڇئي سَچ ڪوُڙَ هليو ويو
باهہ لڳي هِٽ ڪيئن وِسايان.

- ماٺهن کي مُنهن ڏيئي ونبو
پهرين خود کان پاڻُ بچايان.

- هِڪڙي بوند بہ اُگهي نہ اَکہ جي
ڦوُڪُن سان پيو سمنڊ سُڪايان.

- جِندڙي جِئڻُ بہ هُنر اَنوکو،
سِکندي پوري عمر کپايان.

- ناهي ڏات، نہ ڏانءُ، نہ فن کو،
آهي ڇا جو پاڻُ پَڏايان.

- صُحبت جو رنگ چڙهي ٿو چِٽَ تي
گُل ميڙي پيو اڱڻ سجايان.

- وس ۾ ناهي ’ٺاڪر‘ ورنا
خاموشين جو جَشن منايان.

ജ്ജ

Gul Hayat Institute

# واقفيت : شيام سچانندا‌ڻي



جنم تاريخ : ١٣ نومبر ١٩٣٦

شهر : ٽنڊو آدم (سنڌ)

تعليم : ايس.ايس.سي.

پيشو : رٽايرڊ اَڪائونٽس آفيسر
(پاوَر هائوس، سابرمتي)

ڇپيل ساهتيہ : قسمت جا رنگ (ناول)، ڏسو اَسان جي اَحمدآباد (اَحمدآباد شهر بابت)، ڇوڪري وري ڏسنداسين (ڪهاڻي سنگره)، ڪلا جو پوڄاري (ناول، هنديءَ مان ترجمو)، ڇوڪري وري ڏسنداسين (گجراتيءَ ۾) (گجراتيءَ ۾ ترجمو ڊاڪٽر ڄينو لالواڻي)، ايڪويهين صديءَ جي شادي (ڪهاڻي سنگره)، سنڌيت جي حفاظت (مضمون سنگره)، گُلن جي سُرهاڻ (تاثرات)، گستاخي معاف (ڪالم)، سُرهاڻ (تاثرات).

ڇپيل ڪهاڻيون : ١٠٠ کان وڌيڪ سنڌي ڪهاڻيون.
١٠٠ کان وڌيڪ ديش وديش جون ڪهاڻيون ترجمو ڪيل.

ڪالم نويس : وات ويندي ... (ڀارت جيون)، هوٽل جي ڪُنڊ ۾ (ديش متر)، دماغ هلايو (گلستان)، دل جي ڳالھ (ڪلاڪار)، هيءُ هندستان آهي (هندو)، چنڊچاڻ حقيقت (تمنا)، گستاخي معاف ... (زندگي).
آڪاشواڻي، اَحمدآباد بڙوداءِ پُڄ تان ڪهاڻيون پرسارت ٿيل.
گجرات راڄيہ جي درسي ڪتابن ۾ ليک ڇپيل.

Gul Hayat Institute

عهدا ماڻيل : ٻال ساهتيہ ڪاميٽي، سنڌي ساهتيہ اَڪادمي (گجرات)، واپاري نيوز (سنڌي چيمبر جي مخزن) جي سمپادڪ منڊل جو ميمبر، پريس رپورٽر، هندستان سنڌي روزاني.
پريزيڊنٽ: گجرات سنڌي پترڪار پريشد.
وزٽنگ ٽيچر، ورڪرس ٽريننگ سينٽر، پاوَر هائوس.

انعام : ڪويتا ساهتيہ مالا طرفان سُپر بيڪرس اَوارڊ.
سِموَر جُبلي اَوارڊ (Long Servece Award) پاوَر هائوس.
آدرش ملازم اَوارڊ، پاوَر هائوس.

اَئڊريس : سي-١، ڪنچن ڪيرتي، ڏرم پيٺ، ناگپور - ٤٤٠٠١٠. فون : ٠٧١٢-٢٥٥٢٢٩٨

ꕥ

---

## ٻہ-مونهين

✍ مُڪيش تلوڪاڻي

خوني ناهي
شيطان؟
ڇا ڪري
ڪيس، ورثي ۾ مليل
حسد ۽ بيمانيِ
جيڪو ڪڏهن
ڪتيِ ڪيئن
ڏينگوءَ جيان
چُپ چاپ
ڇا آهي. ڇا ٿيو
ڇا، سوچڻو

نہ، خوشي، نہ غم
صرف، پڇتائڻو آهي
هِتان ڪان هتي
ٻئي جي خوشي
ڏُهن لاءِ
سرندو ويندو
هٽندو ويندو
ٻنهي پاسي
ٻہ، مونهين!

ꕥ

Gul Hayat Institute

## سنڌي ٻولي، ساهتيه ۽ سنسڪرتيءَ جو جُنوني عاشق

# صاحب ٻجاڻي

✍ لکمي کِلاڻي



سنڌيت جو شيدائي صاحب ٻجاڻي اڄ جي تاريخ ۾ سنڌالاجيءَ جو وڏيءَ دل وارو، هڏ ڏوکي، هڪ چست درست سپهه سالار آهي. هن پنهنجو جيون سنڌي ٻولي، ساهتيه ۽ سنسڪرتي جي بچاءَ ۽ ڦهلاءَ جي ڪاريه لاءِ ارپي ڇڏيو آهي.

صاحب پيشي طور آرڪيٽيڪٽ آهي. بڙودي جي ايم. ايس. يونيورسٽيءَ مان 1971 ۾ B.Arch. جي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد هن دهليءَ ۾ Bijani & Associates نالي سان پنهنجي ڪنسٽرڪشن ڪمپني کولي. لڳاتار 23 سال رهائشي اڏاوت جي ڪمن ۾ پاڻ کي مشغول رکي، هن چڱو نالو ۽ ناڻو ڪمايو.

نندپڻ کان ئي صاحب کي سنڌي ڪتاب پڙهڻ جو گُهڻو لڳل هو. سنڌي سنگيت سان به ڪيس بيحد لڳاءُ هو. گهاٽڪوپر جي سنڌو واڙيءَ ۾ رهندي، مڪاني لئبررين مان هن سوين ڪتاب، سنڌي ناولن، ڪهاڻين ۽ شاعريءَ جا اٿلايا هئا. بمبئيءَ ۾ پروفيسر رام پنجواڻي، ماستر چندر، ۽ ٻين ڳائڪن جا سنڌي ڪلام ماڻيا هئا. اهي سندس ذهن جي يادداشتي پردي تي دائمي طور درج ٿي ويا. ائين سنڌيپڻي جو جذبو هن جي رڳ رڳ ۾ وهي سندس ساهه ۾ سمائجي چڪو هو.

1995 ۾ سنڌالاجيءَ جي سڏ تي دهليءَ ۾ پنهنجو جميل

Gul Hayat Institute

ڪاروبار سميتي آديپور اچي، سنڌالاجيءَ جي شروع ڪيل ڪارج ۾ شامل ٿي ويو. ليکڪن، ڪلاڪارن، ودوانن لاءِ رٿيل ڳوٺڙي ’ملير‘ ۽ ساڌو هيرانند نولراءِ اڪاڊميءَ جي عمارتن جا نقشا تيار ڪرڻ ۽ پنهنجي نگرانيءَ هيٺ انهن جي اڏاوت ڪرائڻ جي ڪم ۾ جنبي ويو. پنهنجي ذهني هوشياريءَ سان گڏ، محنت، لگن ۽ جاکوڙ سان هٿ ۾ ڪنيل ڪاريه کي هن اهڙي ته مضبوطيءَ سان سر انجام ڪيو جو 2001 ۾ ڪڇ ۾ آيل ڀيانڪ زلزلو به انهن عمارتن جو وار ونگو نه ڪري سگهيو.

آديپور اچڻ کان اڳ صاحب بجاڻيءَ ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي مان چونڊ وايون گڏ ڪري ’شاهه جون وايون‘ ڪتاب ڇپايو هو. هن ڪتاب جي خاصيت اها هئي ته سڄو ڪتاب مينگهراج تلريجا جي سهڻي هٿ اکري (لکاوٽ) ۾ ڇپيو ويو هو.

1988 ۾ صاحب پنهنجي خرچ تي ’اُسات ساهت مالها‘ طرفان ناياب درلڀ سنڌي ڪتاب ڇپائڻ جو سلسلو شروع ڪيو. سالن کان هن اهڙن ڪتابن کي ٻيهر ڇپائڻ جي اُڪير پنهنجي اندر ۾ سانڍي رکي هئي. ’اُسات پبليڪيشن‘ جا اهي ڪتاب آهن :

(۱) شاهه جون آکاڻيون - ڄيٺمل پرسرام (1990)

(۲) گربخشاڻيءَ وارو شاهه جو رسالو - ڀيرومل جي نظر ۾ (1992)

(۳) سنڌ ۽ سنڌي - ڀيرومل مهرچند آڏواڻي (1994)

(۴) منگهارام ملڪاڻيءَ جا چونڊ سنڌي ناٽڪ (1996)

(۵) عمر مارئي ۽ سهڻي ميهار - لعلچند امر ڏنومل ۽ ڊنگو ڪندن مل ٿڌاڻي (1999)

(٦) شاهه عبدل الطيف ڀٽائيءَ جو رنگين چترن وارو فولڊر سنڌالاجيءَ جي اسٿاپت ڪيل ’ملير‘ ڳوٺڙي ۾ اچي

Gul Hayat Institute

رهڻ بعد صاحب کي پنهنجي تخليقي شوق جو وستار ڪرڻ لاءِ وڏو وسيع ميدان ملي ويو. هن جا ساهتڪ معيار وارا تخليقي ليک 'پڇ' ريڊيو اسٽيشن تان پرسارت ٿيندا رهيا. 'رچنا' مخزن ۾ به سندس مدبر سنڌي ساهتڪارن تي هينيان عالماڻا ليک شايع ٿيل آهن.

(۱) مرزا قليچ بيگ (رچنا-59)

(۲) ڏيارام گدومل شهاڻي (رچنا- 60)

(۳) ديوان ڪوڙومل چندن مل (رچنا- 62)

(۴) منشي اڌارام ٿانورداس (رچنا -63)

(۵) ماستر سهجرام ٿهلرام راگهاڻي (سهج ڪوش جو رچيندڙ) رچنا- 66

صاحب بجاڻيءَ جو انگريزي ۾ لکيل About Sindh & Sindhis Something سنڌالاجيءَ طرفان ڇپايو ويو آهي. پهرئين ڇاپي جون به هزار ڪاپيون 1997 ۾ ۽ ان جي ترت خلاص ٿي وڃڻ بعد ٻئين ڇاپي ۾ به ٻه هزار ڪاپيون 1999 ۾. هن ڪتاب ۾ سوالن جوابن جي فارم ۾ سنڌي ٻولي، ڪلچر، اتهاس، جاگرافي، سنڌ جي مکيه شخصيتن بابت دستاويزي ڄاڻ درج ڪئي وئي آهي، جيئن سنڌي شاگردن ۽ نوجوان ٿهيءَ کي پنهنجي پاڙن جي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي.

ڀارت جي سڀ کان وڏي اشاعت واري اداري، 'ساهت اڪادميءَ' صاحب بجاڻيءَ جي ڪامپيوٽري يادداشت ۾ درج سنڌي ادب جي وسيع ڄاڻ واري پرتيا جو فائدو وٺي سنڌيءَ جي برک اديبن جي رچنائن جي چونڊ، ترتيب ۽ سمپادن جو ڪاريه ڪيس سونپيو. صاحب اها جوابداري به بخوبيءَ نباهي آهي. ساهتيه اڪادمي جا ڇپايل اهي ڪتاب آهن

(۱) تيرٿ بسنت جو چونڊ رچنائون (2014)

Gul Hayat Institute

(٢) پرسرام ضيا جو چونڊ ڪلام (2014)
(٣) سڳن آهوجا جون چونڊ رچنائون (2018)
(۴) موهن ڪلپنا جون چونڊ ڪهاڻيون (اِشاعت هيٺ)

ساهتيه اڪاڊميءَ انگريزيءَ ۾ National Bibliography of Indian Literature ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. سن 1954 کان 2000 واري عرصي ۾ ڇپيل سنڌي ڪتابن جي سموري ڄاڻ مرليڌر جيٽلي سهيڙي 2016 ۾ شايع ٿيل هن ڪتاب ۾ درج ڪئي آهي. مهاڳ ۾ جنرل ايڊيٽر Z.A. Burney صاحب بجاڄيءَ جا به شڪرانا مڃيا آهن، جنهن مرليڌر جيٽلي کي سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي تيار ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي هئي.

ساڳي طرح سنڌالاجي طرفان ٻن ڀاڱن ۾ هڪ 'وديارٿي وشوڪوش' Learners Encyclopadia تيار ڪيو ويو آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ سنڌ ۽ سنڌي سماج بابت ڄاڻ ڏيندڙ داخلائون درج آهن، جيڪي صاحب بجاڄيءَ جون لکيل آهن. مکيه سمپادڪ ڊاڪٽر ستيش روهڙا مهاڳ ۾ لکيو آهي 'هيءُ ڀاڱو شري صاحب بجاڄي تيار ڪيو آهي. صاحب بجاڄي پروفيشن موجب آرڪيٽيڪٽ آهي، پر ڪيس سنڌي سماج ۽ سنڌي ساهتيه بابت گهري ڄاڻ آهي، سچ ته شري بجاڄي سنڌي ساهت جو خود ۾ هڪ وشو ڪوش آهي.'

هيءُ 'وديارٿي وشوڪوش' اجا اڻ ڇپيل رهجي ويو آهي. ڪاش ڪو سنڌي دانوير اڳيان اچي، جيئن صاحب بجاڄيءَ جي هيءَ ڪيل اٽڪ محنت سڄ جي روشنيءَ ۾ اچي، پاٺڪن تائين پهچي، ثاب ٿي سگهي.

سنڌالاجي طرفان ٻه ڊڪشنريون تيار ڪيون ويون آهن.

(1) Sindhi Trilingual Dictionary Sindhi-Hindi-English
(2) English-Sindhi Dictoinory (in Both Sindhi & Devnagari Script)

Gul Hayat Institute

هنن ڏڪشنرين جو چيف ايڊيٽر- ڊاڪٽر ستيش روهڙا آهي ۽ سمپادڪ صاحب بڄاڻي، جنهن معنيٰ سان گڏ لفظن جا اُچار ۽ صحيح هجي طئه ڪرڻ ۾ وڏي ڀومڪا نڀاهي آهي. ڀهرين ڏڪشنري N.C.P.S.L. جي سهڪار سان شايع ٿي چڪي آهي ۽ ٻين ڏڪشنري اشاعت جو اڃا انتظار ڪري رهي آهي.

صاحب بڄاڻي نهايت ئي لڄارو، محجوب طبيعت جو مالڪ، مشهوريءَ کان ون۽ ويندڙ، ڀهرين قطار ۾ ويهڻ بڄاءِ هر جلسي ۾ پنهنجي لاءِ پوئين قطار پسند ڪندو آهي. هن سون جي تعداد ۾ ليک لکيا هوندا پر انهن مان چونڊ ڪري انهن جو سنگرهه ڇپائڻ لاءِ هن ڪا ڪوشش نه ڪئي آهي.

صاحب سنڌالاجيءَ جو گذريل ٢٣ سالن کان هڪ مضبوط ڪرنگهو (Back Bone) رهيو آهي. اڄ جي تاريخ ۾ هو سنڌالاجيءَ جي ستن لائيف ٽرسٽين مان هڪ آهي. هنومان جيان هو پاڻ سان سچيار ۽ ڪلهن تي ڪنيل سنڌيت جي هن ڪارج طرف پوريءَ طرح وفادار رهيو آهي. خود سنجيوني ٻڻجي هن اڄ سنڌالاجيءَ ۾ نئين سرساهه ڦوڪيو آهي.

صاحب جي نگرانيءَ هيٺ بڄا آندل پنجن ڪرشمائي ڪارنامن جو ذڪر ڪرڻ ڪانسواءِ هيءُ ليک اڌورو رهجي ويندو.

**(١) لائبرري ۽ دستاويز وڀاڳ**

سنڌالاجيءَ ۾ هيءُ وڀاڳ استاپت ڪرڻ ۾ صاحب جو مکيه رول رهيو آهي. ڪتاب پڙهڻ ۽ انهن کي ساهه سان سانڍڻ جوصاحب کي بي مثل جنون رهيو آهي. سندس گهر جي اندر، بيڊ رومن جي پلنگن هيٺان خواهه ڪٻٽن اندر، ويندي ڀڃتين (loft) ۾ گهٽ ۾ گهٽ اَٺ هزار ڪتاب ته ضرور هوندا. سنڌالاجيءَ ۾ به هن، سنڌي، هندي، انگريزي ۽ ٻين ڀاشائن جا ٽيهه هزار ڪتاب ڪٺا ڪيا آهن. سنڌالاجيءَ جو صاحب هڪ زنده

Gul Hayat Institute

Wickipedia آهي. نہ رڳو ڀارت جا سڀ سنڌي ليکڪ پنهنجا مقالا، ڪتاب لکڻ لاءِ فون ڪري هن کان سموري ڄاڻ حاصل ڪندا آهن، بلڪ سنڌ جي لئنگويج اٿارٽيءَ واري تاج جويي جي بہ صاحب سان هات لائين جڙيل آهي. سنڌي ڇپايل اِنسائڪلوپيڊيا لاءِ ڀارت جي ليکڪن جا فوٽو ۽ ٻيو احوال صاحب جي ئي مدد سان ڪين هٿ اچي سگهيو آهي.

سنڌ ۽ سنڌين بابت هر ڪا ڄاڻ هن دستاويزي وياڳ ۾ درج ڪئي وڃي ٿي ۽ صاحب کان اها مهيا ڪرائڻ لاءِ توهان کي هن جي دماغي ڪامپيوٽر تي صرف آڱر رکڻي آهي.

ڪيترن ئي اوائلي، سَو بہ سو سال اڳ ڇپيل ناياب ڪتابن کي صاحب وري نئين سر جيئاري انهن جون ٽي ٽي ڪاپيون هٿ محفوظ رکيون آهن. هنن ڪتابن جون سي. ڊيز بہ رکيل آهن. ساڳيءَ طرح ڀارت جي سيني مکيہ ليکڪن جي چونڊ رچنائن کي ڪامپيوٽر تي تيار ڪري انهن جون پنج پنج ڪاپيون هٿ سانڍي رکيون وَيون آهن.

اڄ نہ رڳو سڄي ڀارت مان بلڪ دنيا جي ٻين بہ ڪيترن ديشن جا سنڌي ۽ غير سنڌي عالم صاحب جي ڪوليل هن دفتر تي دستڪ ڏين ٿا.

**(٢) سرسوتي ميوزم ۽ چترشالا**

صاحب ٻڄاڻيءَ جو ٻيون عاليشان ڪارنامو آهي، سنڌالاجيءَ ۾ پنهنجي خرچ تي پنهنجي ماتا سرسوتيءَ جي نالي هڪ ميوزم ۽ چترشالا اسٿاپت ڪرڻ. جنهن ۾ سنڌي دستڪاريءَ جا طرح طرح جا نمونا، جنڊيءَ جو ڪم، چمڙي جو ڪم، ڀرت جو ڪم وغيرهہ نماءُ ۾ رکيا ويا آهن.

ساڳيءَ طرح سيني هند ۽ سنڌ جي مدبر هستين جا فوٽو، شهرن، قلعن، آستانن وغيره جا چتر هتي موجود آهن.

Gul Hayat Institute

**(٣) منگھارام ملڪاڻي ڊراميٽڪ ڪلب**

صاحب ٻڇاڻيءَ کي سنڌي ادب جي هن ابي لاءِ بيحد گھڻي عزت ۽ شرڌا آهي. حالانڪ ملڪاڻيءَ سان هن جي ڪڏهن ملاقات نہ ٿي هئي. نہ رڳو هن پنهنجي خرچ سان منگھارام ملڪاڻيءَ جا چونڊ ناٽڪ ڇپايا آهن، بلڪ سنڌالاجيءَ ۾ منگھارام ملڪاڻيءَ جي نالي ڊرئميٽڪ ڪلب جي اسٿاپنا ڪرائي آهي. هن ڪلب طرفان گذريل هڪ ڏهاڪي ۾ پنجاهہ کن وڏن جا ناٽڪ ۽ اٽڪل پنجويهہ ٻال ناٽڪ پيش ڪيا ويا آهن. صاحب جي هدايتڪاريءَ ۾ اٽڪل هڪ سو ڪلاڪارن سنگيت، ناٽڪ، نرتيہ جو اڀياس ڪري پنهنجي پرتڀا جو مظاهرو پنهنجي شهر آديپور گانڌيڌام، سان گڏ پُڻي، دهلي، ممبئي، رائپور، اِندور، بڙودي، احمدآباد ۽ ٻين شهرن ۾ بہ پيش ڪيو آهي. انهن ۾ هريڪانت جو تہ فصلو ناٽڪ ’ڪتراڳ‘ بہ شامل آهي. ائين سون جي تعداد ۾ سنڌي ڪلاڪارن جا مائٽ بہ سنڌيءَ جي مکيہ ڌارا سان جڙي ويا آهن. صاحب، ستيش روهڙا جي پيش ڪيل ڪلچرل باءِ پاس سرجريءَ واري تجربي کي عملي جامو پارائي سنڌين ۾ پنهنجي ٻولي ۽ ڪلچر لاءِ پيار پيدا ڪري، انگريز ٻڌجي ويل سنڌين جي گھر واپسي ڪئي آهي.

**(٤) وشو پستڪ ميلي ۾ سنڌالاجيءَ جو اسٽال**

صاحب جي ورتل ڪوشش سان دهليءَ ۾ هر سال پرگتي ميدان ۾ نيشنل بڪ ٽرسٽ طرفان آيوجت ٿيندڙ وشو ميلي ۾ گذريل 25 سالن کان سنڌالاجيءَ جو ڪتابن، ڪئسيٽن ۽ ٻي سامگريءَ جو اسٽال کوليو ويندو آهي. سنڌالاجيءَ طرفان هزارن رپين جو وڪرو ۽ سنڌالاجيءَ جي ڄاڻ سون درشڪن تائين پهچندي آهي. صاحب جي نگرانيءَ ۾ شروع ڪيل ان آيوجن سان گڏ آديپور ۾ سائين ليلاشاهہ جي ورسيءَ تي خواهہ ٻين شهرن احمدآباد، اندور، ممبئيءَ ۾ جتي جتي بہ سنڌي ميلن

Gul Hayat Institute

جو آيوجن ٿيندو آهي، پستڪن سان گڏ فوٽن جي پردرشني به لڳائي ويندي آهي.

(۵) سنڌي صوفياڻي چونڪي

هر مهيني جي پهرئين آرتوار تي، شام جو ڪلاڪ ڏيڍ، سنڌالاجيءَ جي ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ سنگيت جي صوفياڻي چونڪيءَ جو آيوجن صاحب جي نگرانيءَ ۾ گذريل 25-20 سالن کان با نيم جاري آهي. جنهن ۾ آديپور - گانڌيڌام جا مڪاني گائڪ خواهه ٻاهران ايندڙ ڪلاڪار ڀرو وٺندا آهن. شڪارپور ۾ ايڳ ٿيندڙ 'هانڊي' جيان ڪيترين ئي سنڌي شاستريه سنگيت جون بينڪون صاحب پيش ڪيون آهن ۽ انهن جا ڪئسيٽ ۽ ويڊيو سي ڊي به تيار ڪرايون آهن. مثال طور ناگپور جي مشهور سنڌي گائڪا وجيا پريش ۽ آديپور جي هڪ گجراتي گائڪا ڪاجل چاپا، جنهن کي صاحب سنڌي راڳ ڪلاسيڪل انداز ۾ ڳارائي سنڌس شمار مهان سنڌي گائڪن ۾ ڪري ڇڏيو آهي. هتي اهو ٻڌائڻ لازمي آهي ته صاحب کي شاستريه سنگيت جي ڪافي ڄاڻ آهي. هو پاڻ به سٺو ڳائيندڙ آهي. هن آديپور جيڪيترن ئي ڪلاڪارن کي سکيا ڏيئي هن ڪيتر ۾ اڳيرو ڪيو آهي.

**ٻيون به ڪي اَهم حاصلاتون**

• ٽئگور جي ۱۵۰ سال (ڏيڍ شتابدي) جي موقعي تي سنڌالاجيءَ طرفان گرديو ربيندر ناٿ ٽئگور جا ٻه ناٽڪ 'ڊاڪ گهر' ۽ 'ڪابلي والا' سنڌيءَ ۾ پهريون پيرو صاحب ٻجاڻيءَ جي نگراني ۽ هدايتڪاري ۽ هيٺ آديپور ۾ وڏي ڪاميابيءَ سان پيش ڪيا ويا.

• صاحب ٻجاڻي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو هڪ خاص پرستار رهيو آهي. نه رڳو هن ملڪاڻي صاحب جا چونڊ ايڪانڪي ناٽڪ پنهنجي خرچ تي 'اُسات ساهت مالها'، طرفان



Gul Hayat Institute

ڇپايا آهن، بلڪ اُنهن مان اَٺ ناٽڪ ’ٻه ٻاهيون‘، ’پاپ ڪين پُڇ‘، ’پيءُ ۽ ڌيءُ‘، ’پيريءَ جو توشو‘، ’دل ۽ دماغ‘، ’پريت جي ريت‘، ’هوگليءَ جي ڪناري تي‘ ۽ ’ٽي پارٽي‘ سنڌالاجيءَ جي بئنر هيٺ آديپور ۽ ٻين شهرن جي منچ تي پنهنجي ۽ مهيش ڪلواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪيا آهن. هن ڪان اڳ ٻين هدايتڪارن ائين ڇٽي انهن ناٽڪن کي نظر انداز ڪيو هو ته انهن ناٽڪن ۾ اسٽيج تي اَچڻ جون قوتون گهٽ هيون. سنڌيءَ ۾ گنڀير ناٽڪ پيش ڪرڻ جي ڏس ۾ هن وڏايل وک جِي پارکن دل کولي آجيان ڪئي آهي.

- سنڌالاجيءَ جي پاران هت آديپور ۾ شروع ڪان ئي ماهوار ادبي ڪلاس هلندو رهيو آهي جنهن ۾ نوان خواه جهونا جوڳي پنهنجون رچنائون پڙهندا آهن ۽ سچاڻ آلوچڪ انهن تي تبصرو پيش ڪندا آهن. صاحب جي همٿائڻ تي نئين ٽهيءَ، جا ڪيترا ئي ليک هن ادبي ڪلاس معرفت مٿي اُسريا آهن. سندن ڪهاڻين، ناٽڪن ۽ شاعريءَ جا مجموعا شايع ٿيا آهن. ڪين ساهتيه اڪادمي، گجرات سنڌي اڪادميءَ جا انعام به حاصل ٿيا آهن. اڄ جي هن نئين پيڙهيءَ جي ساهتڪارن جن پنهنجي موجودگي درج ڪرائي آهي سي آهن، مڪيش تلوڪاڻي، چمپا چيتناڻي، مهيش ڪلواڻي، سنگيتا ڪلواڻي، ڪومول ديالاڻي، منجو ميرواڻي ۽ سيما پمياڻي.

- صاحب ٻڄاڻي سنڌالاجيءَ جي ڪلچرل پروگرامن جو هڪ نهايت ئي برجستو سنچالڪ ۽ گڏو گڏ هڪ قابل سوترڌار (Compere) جو اهم رول نڀاهيندو رهيو آهي. انتظام پسند، وقت جو پابند، نيئنبڌ پتر ۾ ڏنل وقت تي سُئيءَ جي ڪانٽي سان پروگرام شروع ڪرڻ ۽ وقت تي اُن کي پورو ڪرڻ جي هن کي قابليت آهي.

صاحب فصيح زبان آهي. پنهنجي پڪي پختي بلند آواز ۾ نج چيدي، مائيدار، محاوري واري منڙي سنڌي زبان ۾ ويندو لس ئي لس شاهه، سچل، بيوس، شيام جي شعرن جي پلٽ پلٽان ڪندو.

Gul Hayat Institute

درشڪن ڪي ادبي لطيفا ۽ ٽوٽڪا ٻڌائي، اڪيلي سر ڪين ڪلاڪ ٻه پاڻ سان ٻڌي رکڻ، منتر مڳڌ ڪري وندرائڻ جو ڪيس اَڊيت ڏانو ۽ ڏات حاصل آهي.

• صاحب شادي نه ڪئي آهي، ان ڪري ٻار پالڻ جي جهنجهٽن کان هو آجو رهيو آهي. ها، هن پنهنجي پيار جي پورهئي (سنڌيت جي ڪارج) سان لائون لڏيون آهن. هن جو پريوار بنا برٿ ڪنٽرول جي ويو آهي ڏينهون پوءِ وڌندو. اڄ اِهو سؤ ڪن جي تعداد تي وڃي رسيو آهي. هو سنڌالاجيءَ ۾ گهڻو وقت پنهنجي نئين ٿهيءَ جي ڪلاڪارن سان گهيريل هوندو آهي. ڪِن ڪي شاه پٽائيءَ جي بيتن جون پڙهٽيون سمجهائيندو، ته ڪڏهن ڏس ته سمرن ٽلواٽي ۽ ڪاجل ٽلواٽيءَ کي سنڌي ڪلامن کي صحيح سُر تال ۾ ڳائڻ لاءِ، پهرين پاڻ ڳائي اُنهن جي رهنمائي پيو ڪندو.

ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ هڪ طرف صاحب موهت تلوڪاڻي ۽ ڪروتارت ڪيلا ۽ ٻين ٻال ڪلاڪارن سان ناٽڪ جي ريهرسل ڪندو نظر ايندو، ته ٻيءَ ڪُنڊ ۾ ڪوريوگرافر مهما چيتناڻي، جئشري گُلواٽي، ڪرشما تلوڪاڻي، ٻين نينگرين کي نرتيه جون مُدرائون سيکاري هڪ پُرڪشش منظر ڪڙو ڪرڻ ۾ مشغول نظر ايندي.

صاحب پنهنجي سرجڻ ڪيل هن پريوار جي نه رڳو پر گهور لهندو آهي، بلڪ ڪين بيحد گهڻو پيار به ڏيندو آهي. موٽ ۾ هي سڀ گل ۽ گلڙا صاحب کي به سندس ڏنل پيار جي ڀرپور موٽ ڏيندا آهن. صاحب پنهنجي هن تخليقي ڪِرت مان پوريءَ طرح مطمئن آهي. سنڌالاجيءَ جي هن پڙ ۾ پير پائڻ بعد ڪيس اڄ شدت سان محسوس ٿيڻ لڳو آهي ته سندس زندگيءَ کي چاهيل دِشا ملي ويئي آهي. اُها سارٿڪ، معنيٰ خيز بڻجي ويئي آهي.

• سنڌالاجيءَ جي هڪ ٻال ڪلاڪار هني ڪلواڻي Zee .T.V. جي آيوجن ڪيل انڊياز بيسٽ ڊراما باز چٽاپيٽيءَ ۾ ڏيڍ لک ٻاڳ ونندڙ اميدوارن جي ريس ۾ آڳ ڪٽي ويئي. گڏريل ٽن چئن سالن

Gul Hayat Institute

۾ اَڪيچار .T.V پروگرامن ۾ هَنيءَ هزارن لکن درشڪن جون دليون جيتيون آهن. هني، اڄ سنڌالاجيءَ جي هٿ ۾ ڪنيل 'سنڌين ڪي سنڌي بڻائڻ جي مهم' جو قابل تعريف Mascot بڻجي وئي آهي.

• صاحب هن سال ٢٠١٨ ۾ پنهنجي لکيل ڇهن ٻال ناٽڪن جو سنگره 'منڊي ڪير پائي؟' جي عنوان سان ڇپايو آهي. هن اِهو سنگره سنڌي ايڪانڪي ناٽڪن جي اَبي منگهارام ملڪاڻيءَ کي اَرپڻ ڪيو آهي. هن ڪتاب جي پهرئين صفحي تي شاهہ سائينءَ جو هيءُ بيت اُڪريل آهي.

جن کي عشق جي اُسات
سي واهڙ پائڻ وڪڙي!

قلم تازو - اڄ جي تاريخ ۾ صاحب ٻجاڻي سنڌالاجيءَ جي ڊئريڪٽر جي ڪرسيءَ تي براجمان آهي. 16 آڪٽوبر 2018 تي سنڌالاجيءَ جي سيني ٽرسٽين ڪيس اهو آسڻ گرهڻ ڪرڻ لاءِ مشڪلات سان مڃايو ۽ اُن موقعي تي ڪيس شال پهرائي، گلدستا پيٽ ڪري سندس جوڳو سنمان بہ ڪيو.

24 جنوري 2019 تي آديپور جي 'پريو درشن' آڊيٽوريم ۾ سنڌالاجيءَ طرفان صاحب ٻجاڻيءَ جو لکيل ۽ هدايت ڪيل سنگيت، ناٽڪ، نرتيہ جو هڪ شاندار بئلي 'ڇو نہ سڏايان سنڌي؟' ڪڇا ڪڇ پريل هال ۾ وڏي ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو ويو. اهو نرتيہ بئلي ڏسڻ بعد هال ۾ موجود هرهڪ سنڌي پنهنجو ڪالر مٿي ڪڻي پنهنجي سنڌي هئڻ تي ضرور فخر ڪيو هوندو.

ورهاڱي بعد ڀارت ۾ هيل تائين پيش ٿيل ناٽڪن/ بئليز ۾ جيڪي بہ شاهڪار ليکيا ويا آهن، اُنهن ۾ 'ڇو نہ سڏايان سنڌي' بہ هن بعد شمار ڪيو ويندو.

صاحب ٻجاڻيءَ جي هن امر رچنا ۾ سنڌي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جون اَديت جهلڪون پيش ڪيون ويون آهن. هن ناٽڪ / بئلي صاحب جي ٻُلند پايي واري ڪلاڪار کي بخوبيءَ اُڀاريو آهي.

ഋ

Gul Hayat Institute

# سانگس، بلڊ، سارڊ

✍ **فاطمه ڀٽو**

فاطمه ڀٽو جو لکيل هيءُ زبردست ڪتاب (سانگس، بلڊ، سارڊ) جيڪو سندس پيءُ مرتضيٰ ڀٽو جي زندگيءَ ڪٿا پڻ آهي. ان ۾ هن ڀٽي خاندان جي تاريخ، غير فطري موتن، جدوجهدن توڙي عياشين کي بي باڪي ۽ ايمانداريءَ سان لکيو آهي. جنهن ۾ هن نه رڳو پنهنجي ڦُڦيءَ بينظير ڀٽو ۽ سندس مڙس تي ڪڙي تنقيد ڪئي آهي. اتي پنهنجي پيءُ، چاچي شاهنواز جي گوريلا سرگرمين ۽ رنگين زندگين کي کلي طرح سان لکيو آهي. فاطمه ڀٽو هن ڪتاب کي لکڻ لاءِ ڪيترائي دفعا يورپ، امريڪا، عرب ملڪن توڙي يونان ۾ پنهنجي پيءُ مرتضيٰ جي ساٿين، ڪلاس فيلوز ۽ محبوبائن سان پاڻ ملاقاتون ڪري پنهنجي پيءُ جي زندگي جي ڪڙين کي ڪڙين سان ملايو آهي. هيءُ هڪ دلچسپ ڇرڪائيندڙ ۽ انڪشافن سان ڀريل ڪتاب آهي. فاطمه ڀٽو پنهنجي ڪتاب جي شروعات خانداني پس منظر کان وٺي 2008ع تائين ٽيل انهن مڙني دکدائڪ داستانن کي لکي قلمبند ڪري، پڙهندڙن توڙي تاريخ ۽ سياست جي شاگردن لاءِ گهڻو ڪجهه بيان ڪيو آهي، پاڪستان ۽ سنڌ جي ويجهي تاريخ ۾ هيءُ هڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن ۾ توهان لاڙڪاڻي جي ڀٽن جي شهزادن توڙي شهزادين کي سمجهڻ لاءِ گهڻو ڪجهه پڙهڻ لاءِ ملندو.

فاطمه ڀٽو پنهنجي خاندان جي پس منظر کي بيان ڪندي لکي ٿي ته ڀٽو خاندان راجستان کان لڏي سنڌو جي ڪناري ”مني جو مڪان“ نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ اچي آباد ٿيو، جيڪو ڳڙهي خدابخش ۽ ميرپور ڀٽو جي وچ ۾ هو. خدا بخش ڀٽو فاطمه جو ڙڏ

Gul Hayat Institute

ڏاڏو، جنهن جي نالي تي اڏيل ڳڙهي خدا بخش ڀٽو شهيدن جي آخري آرامگاهه واري ڳوٺ سان دنيا ۾ مشهور آهي. خدا بخش ڀٽي جو پٽ مرتضيٰ ڀٽو (اول)، جنهن کي برطانوي سفارتڪار جي زال سان عشق ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ان انگريز آفيسر مرتضيٰ خان کي دوکي سان گهرائي ڪاڏي ۾ زهر ڏئي مارائي ڇڏيو. اهو ڀٽي خاندان جي فردن جو پهريون ”غير فطري موت زهر ڏيڻ“ سبب ٿيو. ان کان گهڻو پوءِ فاطمه جي چاچي مير شاهنواز ڀٽي جو موت پڻ فرانس جي هڪ شهر ۾ زهر جا ڪيپسول واپرائڻ سبب ٿيو ۽ پوءِ ڀٽن جي غير فطري طور تي مارجي وڃڻ جو سلسلو اڃان به جاري آهي. مرتضيٰ خان (اول) جي شخصيت ڏکي، قدآور ۽ خوبصورت هئي، ۽ پوءِ فاطمه ڀٽو جي پيءُ تي سندس ٽڙ ڏاڏي مرتضيٰ جو نالو رکيو ويو. جنهن جو موت به 1996ع ۾ سندس ئي گهر جي اڳيان غير فطري انداز ۾ ٿيو. مرتضيٰ ڀٽو (اول) جو پٽ سر شاهنواز ڀٽو وري سنڌ جي سياست ۾ هڪ نمايان حيثيت وارو ڪردار هو. هن ابتدائي تعليم سنڌ مدرسي اسڪول ڪراچي ۾ ورتي پر هو اتان پرائمري جا پنج درجا به پورا نه ڪري سگهيو. جوان ٿيڻ ڪانپوءِ سياست ۾ پير پاتائين ۽ بمبئي جي ليجسليٽو اسيمبلي جو ميمبر بڻيو پر 1937ع واري اليڪشن ۾ ليلارام عرف عام شيخ عبدالمجيد سنڌي کان پنهنجي ئي شهر لاڙڪاڻي مان شڪست کائڻ ڪانپوءِ سياست کي خيرباد چئي پنهنجي فيملي سميت بمبئي لڏي ويو. سر شاهنواز ڀٽي کي 3 پٽ هئا، ٻه پهرئين گهر واريءَ مان، سڪندر علي ۽ امداد علي خان ڀٽو هئا. امداد علي ڀٽو ۽ سڪندر علي، ذوالفقار علي ڀٽو کان عمر ۾ گهڻا وڏا هئا. هو وڏا پياڪ ۽ انتهائي شوقين ۽ عورتن ۾ تمام گهڻا مقبول هئا. انهن ۾ امداد علي ڀٽو وڌيڪ خوبصورت ۽ خوش لباس هو. هو هميشه فل سوٽ پهريندو هو. بقول فاطمه ڀٽو جي ته هو هڪ Noted loather



Gul Hayat Institute

هئا. ٻنهي خوبصورت نوجوانن جا فطري موت 30 سالن جي ننڍي عمر ۾ ٿي ويا. سر شاهنواز جي ٻيو نمبر گهر واري لکي ٻائي عرف خورشيد بيگم جيڪا پونا انڊيا جي هڪ عام ۽ غريب خاندان سان واسطو رکندڙ عورت هئي. جنهن سان شاهنواز ڀٽو، عشق جي شادي ڪئي هئي ڪيس ان مان ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ٽي ڌيئر بينظير، مانا ۽ ممتاز پيدا ٿيون.

سر شاهنواز ڀٽو 1937ع جي اليڪشن ۾ شڪست کانپوءِ دلبرداشته ٿي جڏهن بمبئي هليو ويو. ان وقت سنڌ جو وزير اعليٰ خان بهادرالله بخش سومرو هو، جنهن جي سفارش تي شاهنوازڀٽي بمبئي ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمين جي سرڪاري نوڪري کي قبول ڪيو.

انهيءَ دوران جهونا ڳڙهه، رياست جو وزير اعليٰ جيڪو سر شاهنواز نواز ڀٽو جو ذاتي دوست هو، جيڪو بيمار ٿي پيو ۽ علاج لاءِ يورپ هليو ويو. هن شاهنواز ڀٽو کي اعتماد وارو دوست سمجهي جهونا ڳڙهه رياست جو وزير اعليٰ مقرر ڪري ڇڏيو جتي هو گڏيل هندستان جي ورهاڱي تائين جهونا ڳڙهه جو وزير اعليٰ رهيو. فاطمه ڀٽو پنهنجي ڏاڏي ذوالفقار علي ڀٽو جي پهرين شاديءَ لاءِ لکي ٿي ته هو ڪرڪيٽ راند جو وڏو شوقين هو. هن جي ٻالڪپڻ جو فائدو وٺندي ۽ ڪرڪيٽ واري بيٽ جي تحفي عيوض ڪيس ڀٽو فيمليءَ جي مالدار احمد خان ڀٽي جي ننڍيءَ ڌيءَ شيرين امير بيگم سان شادي ڪرائي وئي. جيڪا ذوالفقار علي ڀٽو کان عمر ۾ ڏهه سال وڏي هئي. امير بيگم جي ٻي ڀيڻ جي شادي وري ذوالفقار علي ڀٽو جي وڏي ڀاءُ امداد علي ڀٽو سان ڪرائي وئي، جڏهن ته سندن ٽين ڀيڻ کي سندس خاندان جو هڪ ماستر زمين



Gul Hayat Institute

تان ٽيل جهگڙي ڪانپوءِ اغوا ڪري ڪٽي ويو ۽ ساڻس شادي ڪيائين.

ذوالفقار علي ڀٽو بمبئي ۾ پهريون عشق Soraya Karim Bhoy سان ڪيو. جڏهن سوريا جي مائٽن کي خبر پئي ته هوءَ ذوالفقار علي ڀٽو جي ٻي گهر واري هوندي ته هنن پهرين ئي پرڏيل ذوالفقار علي ڀٽو کي پنهنجي ڌيءَ جو سنگ ڏيڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

ذوالفقار علي ڀٽو جي امڙ خورشيد بيگم انتهائي غريب ۽ معمولي خاندان جي عورت هئي، جنهن پنهنجي پٽ کي چيو هوته "سياست جي جنت عام ماڻهن جي پيرن هيٺان آهي. تنهنڪري تون ڪڏهن ٻه اهو نه وسارجان ته تون سنڌ جي هڪ غريب ڌرتيءَ سان واسطو رکين ٿو." اهو ئي سبب هو جو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي امڙ جي غريب هئڻ ۽ سندس ٻڌايل نصيحت جي ڪري غريبن جو ليڊر بڻجي ويو. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو آمريڪا ۾ پڙهندو هو تڏهن وري نصرت اصفهاني جي عشق ۾ مبتلا ٿي ويو، سندس ماءُ خورشيد بيگم انهيءَ شاديءَ تي اعتراض ڪيو ته نصرت جو خاندان شيعه فرقي سان تعلق رکي ٿو ۽ ڀٽا سني آهن. نصرت جو پيءُ هڪ معمولي صابڻ چي (صابڻ ٺاهڻ جو ڪاروبار ڪندڙ) آهي. نيٺ 1951ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي ٻي شادي نصرت اصفهاني سان سندس دوست "اِلو" عرف الاهي بخش سومري ۽ نڪاح جي شاهد طور ڪريم داد جوڻيجي جي مدد سان ڪراچيءَ ۾ ٿي. جيڪي نصرت کي سندس پيءُ جيڪو نابين هو، جي گهر کان ڪٽي آيا ۽ سندن طرفان وڏي ڪوشش کان پوءِ شيعه نڪاح خوان مولوي کي آندو ويو، جنهن نڪاح پڙهايو. ڀٽو نڪاح ڪانپوءِ سڌو گهر نه ويو. هن کي شادي وارا پهريان ڏينهن ڪراچيءَ

Gul Hayat Institute

جي پيلس هوٽل ۾ گذارڻا پيا، ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ شاهنواز ڀٽو، ٻنهي گهوٽ ڪنوار کي هوٽل مان گهر وٺي آيو. 1953ع ۾ نصرت ڀٽو کي جڏهن سولجر بازار ۾ قائم هڪ ڪرسچن اسپتال ۾ بينظير ڀٽو پيدا ٿي ته ڀٽو خاندان کي ڀهريون ٻار، ڌيءُ جي جمڻ تي ڪابه خوشي نه ٿي، ڇو ته هو نصرت مان پٽ جي ڄمڻ جي اميد رکيو ويٺا هئا. ايسيتائين جو ڀٽي خاندان جو ڪوبه فرد ڪيس ڌيءَ (بينظير) جي ڄمڻ تي مبارڪون به ڏيڻ نه آيو. نصرت پنهنجي ساهرن جي اهڙي رويي تي لڙڪ لاڙي ويٺي هئي. ان وقت نصرت جي تيمارداري نواب اڪبر بگٽيءَ جي ڀيڻ ۽ شيرباز مزاريءَ جي گهر واريءَ ڪئي هئي. هڪ سال پوءِ جڏهن نصرت ڀٽو مير مرتضيٰ کي جنم ڏنو ته سندس ڏاڏي خورشيد بيگم نه رڳو اسپتال ۾ نصرت جي تيمارداري ڪندي رهي پر هوءَ پنهنجي ننهن لاءِ تحفا ۽ سونو هار پڻ کڻي آئي هئي.

ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي ٻچن جي تربيت تمام سٺي نموني سان ڪئي هئي. هو کين چوندو هو ته انهن پيرن تي هٿ رکي جهڪي ملڻ وارن ماڻهن کي منع ڪن ۽ ساڻن ڀاڪر پائي ملن. سگريٽ نه واپرائين ڇو ته سگريٽ صحت لاءِ نقصانڪار آهن، جنهن مان ڪينسر جهڙي خطرناڪ بيماري تي سگهي ٿي ان کان بهتر آهي ته هو شراب واپرائين. ڀٽي کي جڏهن لاڙڪاڻي مان آخري دفعو گرفتار ڪري لاهورکڻي ويا ته هن کي پنهنجي ٻنهي پٽن جو سخت اونو هيو. هن ڪنهن طرح سان کين نياپو موڪليو ته هو هاڻي هتان هليا وڃن هن پنهنجي دوستن کي پڻ چورايو ته هو هن جي پٽن جي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ ۾ قانوني طريقي سان مدد ڪن، جيڪڏهن نه ته هو ڪهڙو به طريقو اختيار ڪري کين ملڪ کان ٻاهر موڪلين.

Gul Hayat Institute

فاطمہ ڀٽو هن ڪتاب ڪي لکڻ لاءِ ڪئي دفعا هر انهيءَ جڳهہ تي ۽ انهن ماڻهن سان ملي معلومات ڪٺي ڪئي، جيڪي مرتضيٰ ڀٽو جا ساٿي ۽ دوست رهيا هئا. هن پنهنجي ڪتاب ۾ پيءُ ۽ چاچي جي طرفان سندن والد ذوالفقار علي ڀٽي جي زندگي بچائڻ لاءِ ڪيل ڪوششن، پيپلز لبريشن آرمي ۽ الذوالفقار تائين جي سفر کي بہ تفصيل سان بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن سندن زندگيءَ ۾ آيل عورتن ۽ شادين جو ذڪر بہ ايمانداريءَ ۽ سچائي سان ڪيو آهي.

هن لکيو آهي تہ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو جيل ۾ قيد هو تہ هنن ڀائرن جي سياسي سرگرمين جو مرڪز لنڊن هو جتي هڪ ڏينهن يونائيٽيڊ نيشن جي طرفان ٿيل هڪ ڪانفرنس ۾ سڪندراعظم جي جنم واري شهر veria سان واسطو رکندڙ عورت ڊيلا جي سندس پيءُ مير مرتضيٰ سان ملاقات ٿي. ڊيلا فاطمہ کي ٻڌايو تہ هن ان ڪانفرنس جي Basement واري هال ۾ محسوس ڪيو تہ هن کي هڪ نهايت ئي خوبصورت ۽ قد ۾ ڪائنس ڀيٽو شخص ڪيس گهوري رهيو آهي ۽ ايئن اسان هڪٻئي سان مسڪراهٽن جي مٽاسٽا ڪئي. ڊيلا جيڪا ان وقت ساڻس گڏ وينل برطانيہ ۾ صوماليا جي سفير ڪان هن شخص جو پڇيو. هن ڪيس ٻڌايو تہ هو پاڪستان جي اڳوڻي سوشلسٽ وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽي جو وڏو پٽ مرتضيٰ آهي، جنهن جي حڪومت جو فوج تختو اونڌو ڪري ڪيس قتل جي هڪ ڪيس ۾ قيد ڪيو آهي. هو هاڻي پنهنجي پيءُ جي آزاديءَ ۽ ڪيس بي گناهہ ثابت ڪرڻ لاءِ سرگرم آهي. اهو بہ عجيب اتفاق هو تہ ڊيلا بہ پنهنجي محبوب مڙس لاءِ جيڪو يونان جي آرميءَ جو برطرف ٿيل جنرل هو، جنهن کي وري ڪرپشن جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو هو، يونان جو

Gul Hayat Institute

انهي فوجي جنرل Michal Raufogalis سان ڊيلا سندس گرفتار ٿيڻ کان صرف 3 مهينا اڳ پيار جو پرڻو ڪيو هو. جنرل ڪائنس عمر ۾ 25 سال وڏو هو. جنرل مائيڪل ڪي حڪومت جي خاتمي ڪانپوءِ نہ رڳو هٽايو ويو پر ڪيس بغاوت ۽ ڪرپشن جي ڪيس ۾ عمر قيد جي سزا اچي وئي هئي. جنرل مائيڪل يونان جي هٽايل ملٽري صدرRapadopolous جو ويجهو ۽ با اعتماد ساٿي هو. ايسٽائين جو جڏهن ڊيلا جي جنرل مائيڪل سان شادي ٿي تہ هن ڪي شادي واري منڊي بہ انهي صدر جنرل پارائي هئي.

ڊيلا انهن ڏينهن دوران پنهنجي مڙس جي آزاديءَ ۽ سندس عمر قيد جي سزا ختم ڪرائڻ لاءِ آمريڪن (سي آئي اي) جي عملدارن سان نيويارڪ ۾ ملاقاتون ڪندي رهندي هئي. ائين مرتضيٰ ۽ ڊيلا جي وچ ۾ ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ ٻنهي هڪٻئي سان پنهنجي زندگيءَ جي تلخين ڪي شيئر ڪيو. اهڙي طرح هو ٻئي مختلف ريسٽورينٽن ۾ گڏجي ڪائيندا پيئندا ۽ ڊانس ڪندي هڪ ٻئي ڪي ويجهو اچي ويا. جڏهن فاطمہ ڀٽو 2008ع ۾ ائينس جي شهر ۾ پنهنجي پيءُ جي محبوبا ڊيلا سان ملاقات ڪئي تہ ان وقت ڊيلا جي عمر 60 سالن کان مٿي ٿي چڪي هئي، پر هن جي جسامت ٻڌائي رهي هئي تہ هو اجا بہ هڪ خوبصورت عورت آهي. ڊيلا فاطمہ سان گرم جوشيءَ سان ملي هئي هن فاطمہ جي اکين ۾ مرتضيٰ ڪي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هن جي وارن ڪي چميون ڏنيون هن ڪيس مرتضيٰ جا لکيل خط ۽ تحفا ڏيکاريا. هن ڪيس مرتضيٰ سان گڏ نڪتل هڪ تصوير بہ ڏني. هن ڪيس ٻڌايو تہ ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي پٽن ڪي جيل مان ڳجهي نموني سان خط لکي چيو هو تہ ”جيڪڏهن توهان منهنجي قتل جو پلاند نہ ڪيو تہ توهان منهجا پٽ نہ هوندا“. هن فاطمہ ڪي اهو بہ تفصيل

Gul Hayat Institute

سان ٻڌايو تہ مرتضيٰ پنهنجي پيءَ جي زندگيءَ کي بچائڻ لاءِ ڪيترا ئي ڪيڏا جتن ڪيا، پر ڀٽي پائر ڪيس بچائي نہ سگهيا. هن ڪيس ٻڌايو تہ جنهن وقت کين لنڊن ۾ معلوم ٿيو تہ سندن پيءُ کي ڦاسي ڏني وئي آهي تہ مير مرتضيٰ جا هٿ ۽ چهرو ڏڪڻ لڳو پر هن جلدي پنهنجي جذبن تي ڪنٽرول ڪري ورتو. آءُ ساڻس گڏ هئس ڪيس دلاسو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي رهيس ۽ مون هن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ وٺي ڇڏيو تہ هو ٿڌو ٿيو. هن تنهن وقت چيو تہ ”هنن هيري کي ماريو آهي کين ان جي قيمت ڏيڻي پوندي“. هن پوءِ پاسي واري ڪمري ۾ وڃي پنهنجي ڀاءُ شاهنواز کي ننڊ مان اٿاري ٻڌايو تہ اسان جي پيءُ کي ڦاسي ڏني وئي آهي. پوءِ ڀٽي پائر سفيد ڪپڙا پهري ٻاهرآيا، جتي تمام گهڻا ماڻهو ۽ ميڊيا وارا سندن انتظار ڪري رهيا هئا.

ميرمرتضيٰ ڊيلا کي ڪابل ۾ گهرائي منديءَ جو تحفو ڏيندي شاديءَ جي باقائده آفر پڻ ڪئي. پر ڊيلا ڪيس ٻڌايو تہ هن جو مڙس جنرل مائيڪل اجان بہ جيل ۾ آهي تنهنڪري هن وقت هوءَ ڪوبہ فيصلو نٿي ڪري سگهي. هن فاطمہ کي ٻڌايو تہ هوءَ هڪ دفعو مرتضيٰ جو خط کڻي ڪراچيءَ پڻ آئي هئي. جتي هن اهو خط نصرت ڀٽو کي پهچايو هو. جتي نصرت ڀٽو تہ ساڻس پاٻوهہ ۽ پيار سان پيش آئي هئي پر بينظير ڀٽو کيس 70 ڪلفٽن ۾ ئي ڪيترائي ڪلاڪ انتظار ڪرائڻ ڪانپوءِ ملي پر هن ڪيس نظرانداز ڪري ڇڏيو هو.

ڊيلا ٻڌايو تہ هڪ دفعو شام جي صدر حافظ الاسد سان مرتضيٰ، شاهنواز ۽ سندس جي گڏيل ملاقات پڻ ٿي هئي، جتي مرتضيٰ شام جي صدر حافظ الاسد سان سندس تعارف مڱيندي طورڪرايو هو. فاطمہ کي هن اهو بہ ٻڌايو تہ ابوظهبي جي شيخ زيد ڀٽو جي

Gul Hayat Institute

پائرن جي ٺاهيل (PLA) پيپلز لبريشن آرميءَ جي مدد کان به انڪار ڪيو. پر هن تحفي جي طور تي پٽي جي پٽن کي 10,000 هزار ڊالر ڏنا. فاطمه ڀٽو پنهنجي ڪتاب ۾ پنهنجي چاچي شاهنواز جنهن کي هوگوگيءَ جي نالي سان سڏي ٿي ڇاڪاڻ ته گهر ۾ شاهنواز کي گوگيءَ سڏيو ويندو هو. جنهن لاءِ لکي ٿي ته چاچي گوگيءَ جو عشق ساڻس گڏ سوئزرلينڊ ۾ پڙهندڙ ترڪش نسل جي هڪ بت ۾ پريل ڇوڪري Nurseli سان ٿيو هو ساڻس ڪيترائي سال گڏ پڻ رهيو ۽ ان ڇوڪريءَ سان هن جو مڱڻو به ٿيو. جڏهن نرسيلا جي گهروارن کي خبر پئي ته هو مسلح جدوجهد ڪندڙ گوريلو آهي ته هن جي والدين ان مڱڻي کي فورن ٽوڙي ڇڏيو، پوءِ شاهنواز به لنڊن مان سڌو ڪابل منتقل ٿي ويو. فاطمه ڀٽو ٻنهي پائرن جي ڪابل ۾ رهائش ۽ شادين جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته ڪابل ۾ ٻئي پائر وزير اڪبر خان اسٽريٽ جي پيلس- 2 جي هڪ ٽن بيڊرومن جي سنگل اسٽوري بنگلي ۾ رهندا هئا. جيڪو جرمني ۽ لبيا جي سفارتخانن جي بلڪل آمهون سامهون هو. جتان کان صرف اڌڪلوميٽر جي مفاصلي تي پاڪستان جو سفارتخانو هو.

مرتضيٰ ڪابل ۾ سليمان خان جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. ڊيلا مرتضيٰ جي جدوجهد وارن سالن ۾ اتي ساڻس گڏ رهندي هئي. ڊيلا اردو ۽ اسپينش ٻوليون به سکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي هن ان دوران پنهنجي يونان ۾ قيد جنرل کي ڇڏڻ جو فيصلو به ڪري ڇڏيو هو. مرتضيٰ جي ساڻس گهرائپ جو اندازو سندس کي لکيل انهيءَ خط مان به لڳائي سگهجي ٿو ته هن ڪيس لکيو ته ”اسين جيڪي واعدا پورا نه ڪري سگهياسين، اهي واعده پنهنجي وطن سنڌ ۾ هلي پورا ڪنداسون“. مرتضيٰ ڀٽو پنهنجي آرگنائزيشن جو سياسي سربراه هو ته شاهنواز ان جو جنگجو ڪمانڊر هو. ڊيلا

Gul Hayat Institute

جڏهن لڳاتار ڪابل ايندي رهندي هئي ته افغان انٽيليجنس وارن مرتضيٰ کي آگاهه ڪيو ته ڏيلا آمريڪن سي آئي اي جي ايجنٽ آهي ۽ پوءِ اهڙو اظهار مرتضيٰ ڏيلا ڏانهن لکيل ان آخري خط ۾ به ڪيو ته مونکي پنهنجي دوستن توهان جي آمريڪي سي آئي اي جي لاءِ ڪم ڪرڻ جو ٻڌايو آهي. ان ڪانپوءِ مرتضيٰ ۽ ڏيلا جا رستا الڳ ٿي ويا. انهيءَ دوران ڪابل جي انهيءَ وزير اڪبر خان نالي واري روڊ تي مرتضيٰ پٽوءَ شاهنواز پٽو ۽ سندن ويجهو ترين دوست سهيل سيٺي شام جو پَسار ڪندا هئا. جتي سندن پاڙي ۾ رهندڙ Fowzia فوزيه پڻ شام جو اتي واڪ ڪندي هئي اتي سندس مير مرتضيٰ سان عليڪ سليڪ وڌندي وئي ۽ نيٺ اها عليڪ سليڪ مرتضيٰ سان شاديءَ ۾ بدلجي وئي. فوزيه جي والد جو تعلق هڪ سفارتڪار گهراڻي سان هو. اهڙي طرح سندن شامون فوزيه جي گهر ۾ ان جي خاندان وارن سان گذرڻ لڳيون انهيءَ دوران وري مرتضيٰ جي ننڍي ڀاءُ شاهنواز جو واسطو فوزيه جي ننڍي ڀيڻ ريحانا سان ٿي ويو.

ريحانا، تنهن وقت ۾ روس جي خلاف وڙهندڙ افغان مجاهدين جي وڏي حمايتي هئي ۽ شاهنواز وري هڪ ڪميونسٽ ملڪ جو مهمان هو. هو ٻئي ان تي چرچن پوگن ۾ وڙهندا رهندا هئا. جيتوڻيڪ ٻنهي ڀائرن جون شاديون چند ڏينهن جي وقفي سان ٿيون هيون. پر ٻنهي جي شاديءَ جي دعوت واري تقريب گڏيل ٿي هئي. جنهن ۾ مرتضيٰ ۽ شاهنواز فلسطيني گوريلن وارا يونيفارم پاتا هئا مير جي يونيفارم جو رنگ ڳاڙهو ۽ شاهنواز ڪاري رنگ وارو يونيفارم پهريو هو. جڏهن ڀٽو ڀائرن جو گڏيل دوست سهيل سيٺي ان شاديءَ واري تقريب جي دعوت کٽي ان وقت جي افغان انٽيليجنس جي اڳواڻ ڊاڪٽر نجيب الله جيڪو پوءِ افغانستان جو صدر به بنيو وٽ ويو ته هن ان جي اڳيان هڪ ڳجهو فائيل سامهون

Gul Hayat Institute

رڪيو ۽ چيو تہ هن مونکي پهرين چو نہ ٻڌايو تہ هو ٻئي ڀائر جن ٻن ڀينرن سان شاديون ڪري رهيا آهن جن جي پيءُ ۽ فيملي جا افغان مجاهدين سا ويجها لاڳاپا آهن. هنن جو پيءُ فارين سروسز ۾ ملازم آهي ۽ خصوصن جنرل ضياءَ جي (آئي ايس آئي) جي ذريعي افغان مجاهدين کي هٿيار فراهم ڪرڻ سميت ٻي مدد پڻ ڪندو آهي، جيڪي آمريڪن سي آئي جي معرفت کين ڏنا ويندا آهن ۾ نجيب جي اهڙي قسم جا انڪشاف ۽ خدشا ٻنهي ڀائرن جي شاديءَ ۾ ڪا رڪاوٽ بڻجي نہ سگهيا. جنهن سان ڊاڪٽر نجيب کي وڏي مايوسي ۽ نااميدي ٿي ۽ ايئن هو ٻئي انهيءَ ان وقت جي مجاهدين ۽ اڄ جي طالبان جي حامي خاندان جا ناٺي بڻجي ويا.

فاطمہ ڀٽو جي پيدائش 29 مئي 1982ع تي شام جو 3:45 منٽن تي ڪابل جي هڪ فوجي اسپتال ۾ ٿي. ان وقت ڪابل ۾ ڪرفيو هو جتي فاطمہ جي ماءُ فوزيہ کي سخت پهري ۾ اسپتال ۾ آندو ويو، تڏهن اهو بہ خطرو هيو تہ ڪٿي مجاهدين ان اسپتال کي ٽارگيٽ نہ بنائين ۽ ان حملي ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي باغي پٽن کي ختم نہ ڪيو وڃي. ان لاءِ ڊاڪٽر نجيب طرفان اسپتال ۾ خصوصي انتظام ڪيا ويا هيا. ايستائين جو ڊاڪٽر نجيب ۽ سندس زال بہ اسپتال ۾ پهچي ويا ۽ ان وقت مرتضيٰ ڀٽو، فلسطيني يونيفارم ۾ اسپتال جي آپريشن ٿيٽر ٻاهران ٻار جي ڄمڻ جو انتظار ڪري رهيو هو. بقول فاطمہ جي تہ سندس ماءُ فوزيہ شاديءَ کان اڳ ئي اميد سان ٿي وئي هئي ( Fowzia was already pregenant with me). جڏهن فاطمہ جو جنم ٿيو تہ سندس پيءُ مرتضيٰ جي خيال ۾ ٻہ نالا هئا، جيڪي نئي ڄاول ڇوڪري لاءِ هن سوچيا هئا جن ۾ هڪ سندس ماءُ جي والده جو نالو فاطمہ ۽ ٻيو ذوالفقار علي ڀٽي جي ماءُ جو نالو خورشيد هو. بعد ۾ منهنجي ايراني پڙڏاڏيءَ جو نالو فاطمہ ئي تجويز ڪيو ويو. ۽ اهڙيءَ طرح

Gul Hayat Institute

منهنجي سوٽ ۽ چاچي گوگيءَ جي ڌيءُ جو نالو سنڌ جي هڪ لوڪ داستان جو ڪردار ”سسئي“ رکيو ويو. منهنجي ڏاڏي نصرت چوندي هئي تہ منهنجي مڙس کي قتل ڪيو ويو تہ آءُ پنهنجي اولاد کان پهرين مرڻ پسند ڪنديس. هن پنهنجي ڪنهن بہ پياري جو موت زندگيءَ ۾ ڏسڻ نہ ٿي چاهيو.

فاطمہ پنهنجي سموري خاندان جي تمام گهڻي وقت ڪانپوءِ ٿيل انهي رات واري گڏجاڻيءَ جو احوال بہ تفصيل سان لکيو آهي جتي پٽي خاندان جا سمورا فرد گڏ ٿيا هئا. مرتضيٰ ۽ شاهنواز شام مان اچي شريڪ ٿيا هئا. بي نظير پٽو ۽ صنم پٽو لندن مان اچي شريڪ ٿيون هيون، سندن والده جنيوا مان آئي هئي. سڀني پنهنجي بالڪپڻ جون يادون ۽ شرارتون هڪٻئي سان شيئر ڪيون. فاطمہ ۽ سسئي ان وقت بالڪل ننڍڙيون هيون جيڪي پنهنجي پيءُ ۽ چاچي جي ٽنگن کي پڪڙي خوش ٿي رهيون هيون. اها خوشيءَ واري شام ريحانا ۽ شاهنواز جي معمولي اختلافن تي ختم ٿي وئي، ايستائين جو منهنجو والد جيڪو پنهنجي ڀاءُ شاهنواز کي تمام گهڻو پيار ڪندو هو. ان طرفان معمولي مداخلت ڪرڻ تي چاچي بہ ريحانا کيس خاموش رهڻ جو چيو ۽ هن عورت اتان منهنجي پيءُ ۽ ڦُڦي کي بہ ڪڍي ڇڏيو. اسين سڀئي ڏاڏي نصرت سان گڏجي سندس رهڻ واري فليٽ تي هليا آياسون. صبح جو سويل انهيءَ فليٽ جو بيل وڳو، بابا ٻاهر ويو تہ منهنجي چاچي ريحانا ٻاهر بيٺي هئي هن ٻڌايو تہ شاهنواز ڪي نہ جاڻ ڇا ٿي ويو آهي. اسين سڀئي سندس فليٽ تي آياسين اسان ڏٺو تہ چاچا گوگيءَ جو لاش صوفي ۽ ڪافيءَ واري ٽيبل جي وچ ۾ ڪريو پيو هو. سندس قميص لٿل هئي، بدن تي بلو رنگ جا نشان هئا.

Gul Hayat Institute

بابا پنهنجي امڙ کي چيو ته ”امان گوگي هليو ويو“ ۽ پوءِ فرانس جي تحقيق ڪندڙ پوليس پنهنجي رپورٽ ۾ چيو ته شاهنواز جو موت زهريلا ڪيپسول واپرائڻ جي ڪري ٿيو آهي. سندس آنڊي، بدن ۽ بين حصن ۾ زهر ڦهليل هو. شاهنواز جي مرتئي ڪانپوءِ مرتضيٰ ۽ فوزيه ۾ اختلاف وڌي ويا. سندن جو هاڻي هڪبئي سان گڏ رهڻ ناممڪن ٿي پيو ۽ ان وقت منهنجي عمر صرف 3 سال هئي. منهنجي پيءُ مونکي ما ءُ جيان پاليو هو، هو مونکي پنهنجي هٿن سان وهنجاريندو هو، منهنجا وار ڪٽي سنواريندو هو، مونکي ننڊ ڪرائڻ لاءِ ڪهاڻيون ۽ ٽڙا ڪپڙا سمهاريندو هو. مونکي پنهنجي بوٽن جهڙا بوٽ پارائندو هو. آءُ صفا Tom boy لڳندي هئس. ايئن مون پنهنجي جنم ڏيندڙ ماءُ کي بنهه وساري ڇڏيو. جڏهن منهنجو پيءُ قتل ٿي ويو ته پوءِ فوزيه هڪ ڏينهن اوچتو منهنجي ڪراچيءَ واري هاءِ اسڪول ۾ اچي نڪتي، جتي هن اسڪول انتظاميه کان منهنجي لاءِ گهر ڪئي مون ساڻس پهرين ته ملڻ به پسند نه پئي ڪيو چو ته منهنجي پيءُ ته هن سان گڏ نڪتل فوٽو به فيملي البم مان ڪڍي اڇلائي ڇڏيا هئا. بالاخر مونکي ساڻس اسڪول جي اندر ئي ملايو ويو. هن مونکي چيو ته مرتضيٰ کيس سندس وٽان اغوا ڪري ڪٽي ويو هو هن کيس چيو ته ”هوءَ کيس هڪ دفعو پنهنجي ماءُ سڏي“ پر مون کيس جواب ڏئي ڇڏيو ۽ ساڻس وڃڻ کان صاف انڪار ڪيو ۽ چيو ته آءُ کيس هتي وڏيڪ ڏسڻ به نٿي چاهيان. هن پوءِ ڦُڦي بينظير جي مدد سان ڪراچيءَ ۾ پريس ڪانفرنس پڻ ڪئي هئي.

فاطمه جتي پنهنجي پيءُ مرتضيٰ ۽ وڏي (بينظير) جي اختلافن جو ذڪرڪيو آهي اتي هن پنهنجي پيءُ جي بيدرديءَ سان قتل واري ڏينهن جو به دل ڏاريندڙ ذڪر ڪيو آهي ته هن کي ڪيئن نه

Gul Hayat Institute

مجبور ٿي، وڏي (بينظير) سان وزيراعظم هائوس اسلام آباد ڳالهائڻو پيو، جتان ڪيس آصف زرداريءَ ٻڌايو تہ ”تنهنجو پيءُ مارجي ويو آهي“.

هن پنهنجي پيءُ جون ساروڻيون ياد ڪندي لکيو آهي تہ بابا جڏهن ملڪ کان ٻاهر جلاوطن هو تہ بہ پنهنجي گهر ۾ سنڌ کي ياد ڪندو هو ۽ هو جمالو وارو سنڌي لوڪ گيت ترنم ۾ ڳائيندو هو. هو سنڌ جو روايتي اجرڪ استعمال ڪندو هو. شڪارپور جو آچار کائيندو هو. جيڪو هن کي شڪارپور مان سوڪڙي تي ايندو هو. هن وڌيڪ اهو بہ لکيو آهي تہ بابا مون سان ڪڏهن بہ اردو ۾ نہ ڳالهايو ۽ هو مون سان هميشہ انگلش ۾ گفتگو ڪندو هو. هن پنهنجي پيءُ ۽ غنويٰ ڀٽي جي شاديءَ ۽ محبت جو احوال بہ سچائي ۽ ايمانداريءَ سان بيان ڪيو آهي، جو ٻنهي جي پهرين ملاقات هڪ لفٽ ۾ ٿي هئي، پوءِ هو آهستي آهستي هڪٻئي جي ويجهو اچي ويا. هو دمشق جي charn هوٽل ۾ گڏجي ترندا هئا ۽ اتي مونکي پڻ بابا بہ اتي ترڻ سيکاريندو هو.

غنويٰ لاءِ سندس چوڻ آهي تہ هوءَ بيروت مان اچي دمشق ۾ هڪ هنڌ رسيپشنسٽ ٿي ۽ ڪيٿولڪ چرچ ۾ نوجوان ڇوڪرين جا (Ballet) ڊانس) وارا ڪلاس وٺندي هئي. غنويٰ جا مائٽ مارڪسسٽ هئا هن جي ماءُ ڪافيہ جيڪا شاعره ۽ استاد پڻ هئي ۽ سندس والد عبود هڪ انجينئر هو. جيڪو 1940ع ۾ فرانسيسين خلاف پڻ وڙهيو هو. هن لکيو آهي تہ ميرمرتضيٰ پنهنجي اسيمبليءَ دوران مِلندڙ الائونس ۽ پگهار ايڌهي وٽ جمع ڪرائيندو هو.

هي مضمون واٽس اپ تان ورتل آهي .. مرحوم هاشم شورو

Gul Hayat Institute

# ڪيرن آرم اسٽرانگ جو ڪتاب
# اي شارٽ هسٽري آف مِٿ

(A Short History of Myth)

✍ ڪليم ٻُٽ

هر ڏند ڪٿا پنهنجي اندر ڪا نہ ڪا سماجي ۽ تاريخي حقيقت ضرور رکندي آهي. اَهڙو دعويٰ ڪيو آهي جڳ مشهور محقق ۽ تقابلي مذهبن جي ماهر ڪيرن آرم اسٽرانگ سندس ڪتاب اي شارٽ هسٽري آف مِٿ ۾. هي مختصر ڪتاب ١٥٠ صفحن جي لڳ ڀڳ آهي، جيڪو سال ٢٠٠٦ ۾ ڪينان گيٽ ڇپرايو آهي.

ڪيرن آرم اسٽرانگ جيڪا سندس ڪتابن 'هسٽري آف گاڊ' 'محمد' ۽ 'ٻڌا' جي ڪري مشهور آهي، جو هي بہ هڪ اهم ڪتاب آهي. ڏند ڪٿا نہ رڳو مذهبي حوالي سان پر اَدبي حوالي سان بہ اَهميت رکي ٿي. هن ڪتاب ۾ ڪيرن اهو ڄاڻايو آهي تہ ڪهڙي نموني ڏند ڪٿائون انساني سماج جي واڌ ويجهہ ۾ مددگار رهيون آهن ۽ ڪهڙي نموني زمانن تائين ڏند ڪٿائون انسانن جي روايتن تي اَثر انداز رهيون آهن.

هن ڪتاب ۾ اهو بہ ڄاڻايو ويو آهي تہ ڏند ڪٿا نہ رڳو انساني سماج کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندي آهي پر پاڻ انسان کي سمجهڻ ۾ بہ مددگار ثابت ٿيندي آهي. ڪتاب ۾ ان تي بہ بحث ڪيل آهي تہ ڪهڙي نموني سائنسي ڄاڻ ڏند ڪٿائن کي ڏنڊلو بڻائي ڇڏيو ۽ ان جي نتيجي ۾ انسان کان ڪهڙي نہ اهم شيءِ وڃائجي ويئي آهي؟

جيتوڻيڪ اَڪثر ڏند ڪٿائون سمجهہ کان ٻاهر هونديون آهن ۽ منطق انهن کي قبول نہ ڪندو آهي، تنهن هوندي بہ انهن جي

Gul Hayat Institute

اهميت کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. جڏهن اَدب جو وڏو حصو ڏند ڪٿائن تي آڌاريل آهي.

ڪتاب جي پهرين باب ’وات اِز اي مِٿ؟‘ ڏند ڪٿا ڇا آهي؟ ۾ ليکڪا لکي ٿي ته ازل کان ئي انسان ڏند ڪٿائون جوڙيندو رهيو آهي، آرڪيالاجي جي ماهرن جڏهن نينڊريل فال قبرن جي کوٽائيءَ دوران اَهڙا هٿيار، آلا ۽ قربان ڪيل جانورن جا هڏا هٿ ڪيا، جن مان هنن اَندازو هنيو ته ان دؤر جي ماڻهن وٽ ايندڙ دنيا جو خاڪو هو، جيڪا سندن دنيا سان ملندڙ جلندڙ هئي.

نينڊريل فال وارن ضرور هڪ ٻئي کي پنهنجن مري ويلن جي رهڻي ڪرڻي بابت اَهڙيون ڪهاڻيون ۽ آکاڻيون ٻڌايون هونديون جن ۾ هنن موت بابت غور ويچار ڪيو هوندو.

هوءَ وڌيڪ ڄاڻائي ٿي ته جڏهن هنن کي پنهنجي انسان هجڻ جي خبر پئي ته هنن ان جي خلاف اَهڙا بيانيات جوڙيا جن جي سهاري اهي زندگي گذارڻ لڳا. انهن ان ڳالهه جو ڪٿو به لڳائي ورتو هو ته هي ظاهر ظهور دنيا ئي سڀ ڪجهه نه آهي پر ان کان اَڳيان به ڪجهه آهي. انسان اَهڙي مخلوق آهي جيڪو هر ڳالهه مان ڪو نه ڪو مطلب ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

هوءَ وڌيڪ لکي ٿي ته اِنساني ذهن جي هڪ خاصيت اها به آهي ته ان ۾ اَهڙا خيال به اَچي ويندا آهن جن کي منطقي طور سمجهائڻ ڏکيو هوندو آهي. انساني ذهن وٽ تخيول جي طاقت آهي جنهن جي مدد سان انسان اَهڙي خيال کي جنم ڏيندو آهي جيڪو شايد ان وقت ڪٿي به حاضر صورت ۾ نه هجي. تخيول ئي اَهڙي طاقت آهي جيڪا مذهب ۽ ڏند ڪٿا کي جنم ڏيندي آهي.

سچ ته اهو آهي ڪيرن جي هن ننڍڙي ڪتاب مون کي نئين انداز سان سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي ۽ شين کي مختلف روايتن کان پرکڻ جي به ڄاڻ ڏني آهي.

ꙮꙮ

Gul Hayat Institute

# ’ٻنڌن‘ ناول مان ڪوريل ٽڪرو

✍ هري همٿاڻي

روهت هاڻي ٽِن، ساڍن ٽن سالن ڪن جو ٿي ويو هو. ٻڪ پائي ٻاهر گِهٽيءَ ۾ هڪ جيڏن سان وچي راند ڪيڏيندو هو. ڪڏهن ننڍڙو بال تہ ڪڏهن وڏو، وقتي فوٽ بال بہ سندس هٿ ۾ هوندو هو. هڪ ڏينهن بال پنيان ڊوڙندو ٿي ويو تہ ڪار هيٺان اَچي ويو هو. ڊرائيور بچائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر هوڻي جا هئي. ٻارن جي رڙ رڙ هئي گهٽيءَ ۾. ڊرائيور ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي، ڪار کي اِسپيڊ ۾ ڪٽي رفوچڪر ٿي ويو. هڪڙو وڏيرڙو ڇوڪرو ڊوڙندو نرملا وٽ آيو هو، ”ديدي، ديدي ٻاهر تہ هلي ڏس ڇا ٿي ويو آهي!“ ڇوڪري مٿان بہ دهشت ڇانيل هئي. ايترو ئي چئي سگهيو هو، واپس ڊوڙندو ٻاهر هليو ويو هو.

’ڇا ٿيو، ڇا ٿيو‘ نرملا اِئين چوندي، گهبراهٽ وچان ڊوڙندي ٻاهر آئي هئي، پر اِن ڪان اَڳ پاڙي وارين ڪي مايون ۽ مرد بہ گڏ ٿي ويا هئا. پر روهت ڪٿي هو؟ هن جي ڇهري مٿان موٽر جو ڦيٿو چڙهي ويو هو. ڇهرو ڇٽجي، ڇپجي ويو هو. ڇِٽيل، ڇچريل ماس جو ڇڻ لوتڙو پيو هو رت جي ڍُبي ۾. اَلا! هِنياءَ مٿان هي ڇا گذري ويو هو! نرملا اُتي ئي بيهوش ٿي ويئي هئي. ڪيس سُرت ۾ آندائون پر اُها نرملا ڪٿي هئي؟ سڀ ڪجهہ ئي تہ هُن جو هليو ويو هو، باقي بچيو ڇا هو؟ .... هڪ لاش؟؟ ها اَلبت هوءَ زنده لاش سو ضرور هئي.

... ڪال کي ٻيو ڪو هنڌ ڪونہ سُجهيو؟ اَکين مان وِڇوُن وسايائين بہ تہ هِن گهٽيءَ ۾؟ روهت اَجلي ننڊ ۾ سُتل هو، جنهن مان ڪير بہ ڪيس جاڳائي نٿي سگهيو. پر سندس ڇهرو تہ گُم هو. اَکيون بہ ڪٿي هيون؟ ... ڪيڏو نہ درد ٿيو هوندو اَبهم کي؟ اَڇا

Gul Hayat Institute

هاڻ تہ ٿوري دير اَڳ نرملا جي اَکين سامهون بيٺو هو. ڪير ڪنيي ڪٿي ويو ڪيس ٻاهر؟ ڪال آيو هو، جهپ هٽي جهٽي ويو. اَڙي ڪال توکي ذرو بہ قياس نہ آيو؟ ماءُ مُئيءَ کي بي موٽ ماري ويئين؟؟ نرملا جي اَکين مان جهر جهر آنسوُن ڳڙي رهيا هئا.

بس هاڻي آنسوُ ئي تہ هئا سندس جهوليءَ ۾. سندس گود سُڃي سُڃي. ڦهر ٿي ويو ڦهر.

سڄي رات اِنهن ورلاپن ۾ گذري هئي. اِنهن ورلاپن ڪانسواءِ جيون ۾ ٻيو هئو بہ ڇا؟

سيني ڏانهن فونون ويئون هيون. ڪي آيا، ڪي نہ اَچي سگهيا. اَجمير مان نرملا جا ماءُ پيءُ، ڀائوُ لوڪرام، سروج ۽ واسديو آيا هئا. واسديو سانت هو سڄو وقت. ڪنهن سان ڳالهائي ۽ ڇا ڳالهائي؟ سڀ پاڻ سان گڏ آنسوُ کڻي هليا ويا هئا.

تلسيءَ کي گهر ڪاٽڻ پئي آيو. ڪم تان موٽندو هو تہ ويڳاڻو ويڳاڻو. ايندي ئي روهت تي نظر پوندي هئس. روهت لُڏندو لمندو، ٻوڙندو سندس ٽنگن ۾ اَچي وِچڙندو هو. هوُ اُمالڪ ڪيس هنج ۾ سمائي ڇڏيندو هو. ڇپن تي چپ کڻي رکندو هوس جي ڪا دير اُتان هٽندا ئي ڪين هئا. موهہ جو بي پناه اَحساس ... اَلائجي ڪهڙيءَ دنيا ۾ کوهجي ويندو هو. ابهمڙو روهت ڇڻ خمارجي ويندو هو پيءُ جي پيار ۾!

رنڌڻي ۾ منجيءَ يا اِسٽول تي ٻُل مٿان هٿ رکي، پنهنجن ويچارن ۾ کوهيل نرملا کي هوُ ڏسي نہ سگهندو هو. دل وسامي ويندي هئس. ٻنهي وٽ ڪي شبد بہ تہ نہ هئا هڪ ٻئي کي ڏڍ ڏيڻ لاءِ. تن من کي ڄرڪائيندو وقت گذري رهيو هو. اِئين ڪي مهينا گذري ويا هئا.

هڪ لڳا ٻاڙي واري ڪويتا کي، جنهن سان نرملا جي گهڻي قدر ويجهائپ هئي، پنل من سان ڇيائينس، ”ڪويتا تون مون سان گڏ هردوار هلندينءَ؟“ ڄُهريل لفظسندس واتان رُڪجي رُڪجي نڪتا هئا.



Gul Hayat Institute

ڪويتا کي نرملا تي قياس آيو هو. هن کي اِهو سمجھڻ ۾ دير نہ لڳي تہ هوءَ پنهنجو من ڪنهن ٻيءَ جاءِ ڪرڻ تي چاهي. سندس دل وٺندي ڪويتا کيس نهايت پنهنجائپ مان چيو، ”چو ڪين، اَوَس هلنديس. تون جڏهن بہ چوندينءَ، هلنداسين.“

نرملا چيو، ”تنهنجي وڏي مهرباني ڪويتا.“ حساس دل جُهري پيئي هئي. سندس اَکيون آنسن سان تر ٿي ويئون هيون.

ڪويتا کيس ڀاڪُر پائي چيو، ”تون پاڻ کي ڏُکي نہ ڪر ... ڀڳوان ڏنو هو، واپس ورتائين. ٻڌاءِ اَسانجو ڪو وس هلي ٿو؟“

نرملا ڪان سڏڪو پرجي ويو هو.

”من کي ايڏو جهور ن مِنڙِي.“ هٽ وڏائي نرملا جي ڳل تي ٻُڙي آيل ڳوڙهو اُگهيو هئائين. هن پنهنجي دل تي ضبط آندو هو نہ تہ شايد هوءَ بہ ڇُلي پوي ها.

موقعو پائيندي نرملا تلسيءَ سان اِها ڳالهہ ڇوري هئي، ”موڪل ڏينم تہ ڪويتا سان گڏ هردوار مان ٿي اَچان.“

تلسيءَ چيو، ”خوشيءَ سان ... ڪويتا گڏ ٿي هليئي تہ مونکي ڪنهن قسم جو اونو ڪونہ ٿيندو. ڏٽي اَلائجي ڇا ۾ راضي؟ ڪٿان بہ، ڪنهن طرح تنهنجو من رڳو جاءِ ٿئي تہ ٻيو ڇا گهرجي؟“ هُن من ئي من ۾ ڏٽيءَ جا شڪرانا مڃيا هئا.

هن کي اِهو بہ وشواس هو، تيرٿ اِستان تان ٿي اَچڻ ڪانپوءِ سندس من ڪنهن ٻيءَ جاءِ هوندو. هوُ ديالوُ پنهنجي اَپار ديا سان سندن گهر مٿان ڪرپا درشٽي ڪندو. گهڙيءَ گهڙيءَ جو خير گُهرندڙ اِنسان ’وشواس‘ تي ئي تہ ٽڳندو آهي.

هوُ ٻيئي چنديرام ڌرمشالا ۾ ڪمرو وٺي رهيون هيون. هردوار اِستيشن تي لهڻ وقت ئي هِردو، تن من ٺار ٿيو وڃي. آس پاس جي وايوُمنڊل ۾ قدرت جي ايڏي ڪشش آهي، جا ٻئي ڪنهن تيرٿ اِستان تي ملڻ محال. هر جي پؤڙيءَ تي ڇا تہ گنگا جون لهرون آهن! ساڳيءَ ريت اَندر ۾ بہ اُنهن جو ساڳيو آپاس. پلا جتي خود شِو

Gul Hayat Institute

ڀڳوان ۽ پاروتيءَ اِشنان ڪيو هجي، اُن جي ڪهڙي مهما ٻڌائجي! گنگا جي نيرِ تي اُنهن جو نوُر چمڪندو نظر ايندو آهي. شام ويلي اُتي جيڪي آرتيءَ جا گهنڊ ٺا وڄن ۽ آرتيءَ جون لاٽون جل ڪي ٿيون ڇُهن، شڪ ناهي اُن وقت اُتي خود شِو-پاروتي براجمان هوندا. اِهو سڀ ٻُڌل ته هو پر اَڪين ڏٺي جو آنند ئي ڪو ٻيو. اِنڪري ئي شايد ٻين تيرٿن کان وڌيڪ ڇِڪ هردوار جي ٿيندي آهي. گنگا جنهن چوهه مان هماليه پربت تان هيٺ اَچي ٿي، ته اُن جو پهريون پڙاءُ هردوار ئي ته آهي. اُتان جي لهرن جي لاڏ ۽ لوڏ ڪي پنهنجو ڪرشمو آهي. اوءَ ڌرتيءَ جي پيٽ کي ڇُهي ئي نٿي، ڇُمي به ٿي. ڌرتي نِهال ٿيو وڃي. نرملا جي من ۾ عجيب وَ غريب ويچار هئا. اَکين اَڳيان جيڪا وشالتا هئي، تنهن کيس وِيور ڪري ڇڏيو هو. ڪويتا ڇا ٿي سوچيو، اُها هن کي خبر، پر سوچ سوچ ۾ به فرق هوندو آهي. هڪ جو من ويراڳي هو ته ٻيءَ جو انوُراڳي! نرملا اُتان ئي سوچي نڪتي هئي ته هوءَ واپس ساڳي دنيا ۾ نه موٽنديِ. اُن دنيا ۾ سواءِ ڏک جي ٻيو هئو به ڇا؟ ڀڳوان کيس سُکن جو ڀنڊار ڏنو هو سندس جهول ۾. بيدرديءَ مان جهپ هٽي سڀ کسي ورتائينس. هوءَ اِئين خالي ٿي ويئي جيئن ڪوئي هريو ڀريو وڻ پٽن کان خالي ٿي ويندو آهي. اُهو وڻ پوءِ وڻ نه هوندو آهي، فقط ٺُسو ٺوٺ هوندو آهي. اڳڻ ۾ ٻانبڙا پائيندڙ روهت هينئر ڪٿي هو؟ ڌرتيءَ ۾ دٻيو پيو هو، پٿرن هيٺ. سندس نرم، ڪچڙن لڱن مٿان پٿرن جو ڍير هو. سندس سرير ڪنبي ٿي ويو. هڪ ازغيبي ڏڪڻي سڄي سرير کي وڪوڙي ٿي ويئي. سندس اَحساس کي ئي ڄڻ اَڌرنگ لڳي ويو.

”مما“ هوءَ آواز ٻڌندي هئي روهت جا.

”جيءُ مِنا، گهورجي وڃانءِ.“ اُمالڪ گود ۾ کڻي وٺندي هئس. سندس ٻُلن تي هوُ پِتڪڙن هٿن سان ٺڪ-ٺڪ ڪندو هو. ٻار ۽ ماءُ جو پيار پرکڻ کان ٻاهر هوندو آهي. اُن جي ڪا ڪلپنا به نه ٿي سگهندي آهي.

Gul Hayat Institute

هڪ يادگيري هجي تہ اُها وساري بہ ڇڏي. سندس سڄو اَندرُ يادگيرين سان ئي تہ ڀريو پيو هو. ڪيس لڳندو هو تہ هوءَ وڻن، ٻلائن، نانگن وچ ۾ سُمهي پيئي آهي. هوءَ گهبرائجي اُٿي ويهي رهندي هئي. اَهڙيءَ حالت ۾ ڪوئي ڪيئن جي سگهندو؟

”تنهنجي شرڻ آئي آهيان ڀريوُ، منهنجي چِتَ کي شانت رک ... ايترو تہ ڏيندين نہ مونکي؟ تنهنجي اَڳيان جهوليِ ڦهلايو بيٺي آهيان. مونکي ٻيو ڪجهہ نہ گهرجي، صرف شانتي ڏينم. مان هن ديهہ ۾ واپس اَچڻ نٿي چاهيان. مُڪتي ڏينم ... مُڪتي ڏينم.“ هوءَ اَکيون ٻوٽي ڪنهن ڌيان ۾ ويٺي هوندي هئي ڪا دير. ايتري قدر جو ڪيس سرير جي بہ سُرت نہ رهندي هئي. پر ڪنهن جي من ۾ ڇا ٿو وهي واپري، ٻئي ڪنهن کي ڪهڙي سُڌ؟ اِئين لڳاتار پنج ڇهہ ڏينهن گذريا هئا. ڪويتا ڪيس هڪ بہ دفعو ورجايو بہ هو، ”هاڻي واپس هلون نرملا. سڀ ڪجهہ ئي تہ ڏسي ورتو اَٿئون، مونکي اُتان جي بہ اوڻ لڳي پيئي آهي.“

”جاڻان ٿي ڪويتا، بي خبر ڪانهيان ... تون ڪٽي هلي وڃ، مان هِت ئي ٿي رهان.“

ڪويتا اَواڪ ٿي ويئي، ”اِهي ڪهڙا لفظ؟“

”بس دل اِئين ئي ٿي ٻولي ... هيترا آشرم ڏٺا اَٿئون. ہ ٿي تہ خاص ناري آشرم آهن. اُنهن گدي نشين ساڌوئُن جا تيجسوي مُک اَکين آڏو ڦرن پيا. ڪنهن ڪُٽيا جي ڪُنڊ ۾ مونکي بہ جاءِ ملي ويندي.“

ڪويتا جي سرير مان ڄڻ سَتُ ئي ڇڏائجي ويو هو. ”مان تلسيءَ کي ڪهڙو جواب ڏينديس؟“

”هن کي منهنجي من جي سُڌ آهي. تون اُن جو ڪو خيال نہ ڪر.“

”نہ نہ نرملا منهنجو تہ هاڻُ ئي ويهجي ويو آهي. هي ڇا پيئي ٻُڌان؟؟“

”مونکي بہ ڪو اِئين چوائي ٿو ... مان پنهنجي وس ۾ ڪانهان.“

Gul Hayat Institute

”ڪهڙي آشرم ۾ رهندين، ٻڌاءِ ته سهي.“

”اُها مونکي به خبر ڪانهي ... سچو ستگرو ساڻ اَٿم ته مونکي اَڪيلو ڪين ڇڏيندو.“

ڪويتا اَڪيلي موٽي آئي هئي.

تلسيءَ جا هوش حواس گُم هئا. هي ڇا ٿيو؟ سندس اَکين اَڳيان اونده اَنڌڪار ڇانئجي ويو هو. نرملا ڪانه آئي؟ هي ڇا ٻُڌي رهيو آهيان تنهنجي واتان؟ ۽ ڪن پير جي شانت ۾ جڻ دنيا ير جي پيڙا سمايل هئي. چيائين، ”مونکي اِهو ڏڍ هو، تون ساڻس گڏ آهين ته انهونيءَ جهڙي ڪا ڳالهه نه ٿيندي، پر ٿيو اُهو جنهن جو هر وقت اُلڪو رهندو هوم.“

هوُ ان ئي ڏينهن رات واري گاڏيءَ ۾ هردوار لاءِ روانو ٿيو هو.

هردوار جي وشال ڪيتر جو اتو پتو نه هو. ڪيس ڳولهي به ته ڪٿي ڳولهي؟ جيڪي به آشرم هئا، هن هڪ هڪ ڪري سڀ ڏٺا ليڪن نراسائيءَ جو آڪار ڏينهون ڏينهن وڌندو ئي پئي ويو. خاص ڪري آشرمن ۾ به نرملا عدم پيدا هئي. ڪا آس اُپرندي هئي ته بيءَ ڪن ٿڌي ساه کڻڻ تي اُن ۾ سمائجي ويندي هئي. اُتي رهندڙ ساڌوئن ڪان پُڇا ڳاڇا ڪرڻ ۾ هن گهٽايو ڪين هو. اُنهن کي به مٿس قياس ايندو هو. پر ايڏيءَ عمر جي، اَهڙي نڪ نقش، هاوَ ڀاوَ ۽ ڊيل ڊول واري عورت کي اَسان ڪڏهن ڏٺو ڪونهي. اَهڙو جواب هن جي من جي رهي کُهي آشا کي ماٺو ڪري ڇڏيندو هو. سڄي ڏينهن جي پٽڪ بعد هوُ شام جي وقت اَڪثر آرتيءَ ويلي هَر جي پؤڙيءَ تي ضرور ايندو هو. من اُهي گهنڊ گهڙيال ۽ آرتيءَ جا ديپ سندس ٻڏندڙ دل کي ڪو ڏير بخشي سگهن. پر شانتيءَ جهڙو پل هن هيترن ڏينهن ۾ نه ڏسي، نه ڏٺو هو. ڏيري ڏيري اِهو خيال سندس دل ۾ گهر ڪري ويو هو ته ڪويتا جي پُٺي ڏيڻ تي هوءَ به هردوار کي الوداع ڪري ڪنهن ٻئي تيرٿ استان ڏانهن ويئي هوندي. جيڪا هردوار ۾ ئي ڪانهي ته اُها ڪٿان ملندي؟ پڪ ئي



Gul Hayat Institute

جو، من ۾ آتما کي آنند بخشيندڙ واتاورڻ ٻئي ڪنهن تيرٿ اِستان تي ڳولهيو به نه ملندو. ڪيس وَر وَر هردوار جي ئي ڇڪ ٿيندي هئي. اوائلي هوءَ هردوار لاءِ رواني ٿي هئي، ڪيس ملندي به نه اُتي ئي. اَهڙو وشواس سندس دل ۾ ڄڻ گهر ڪري ويو هو.

ٻين تيرٿ اِستانن تي هوءُ پنڌ ڪندي ٿڪجي پوندو هو پر هردوار ۾ ڪيس گويا قدرتي ٻل ملندو هو. هوءُ دور دور پهاڙن ڏانهن به هليو ويندو هو. اُن طرف ڪيڏي نه شانت ۽ ايڪانت جو واسو هوندو هو!

نرملا کي هردوار وِئي قريبن ٻه - اَڍائي سال ڪن ٿي ويا هئا. وقت پاڻيءَ وانگر وهندو ٿي ويو. پر تلسي ڪڏهن به بي همت ٿيو هجي، اَهڙو لمحو هن پُلئي پُلائي ڪين ڏنو هو. اِهو سنتوش هوس، جڏهن به ساڻس ملڻو هوندو، ملندي. تون ته ڪاهيندو رهه تلسي، اِهو هُن نشچو ڪري ڇڏيو هو. مندر، مڙهيءَ ۾ متو ٽيڪيندي بس اِها ئي آراڌنا، مونکي پنهنجيءَ نرملا سان ملاءِ پريوُ. تو وٽ دير آهي پر اَنڌير ڪونهي. منهنجي شواس، آستا کي قائم رک پريوُ. اُهو ڏينهن ڪڏهن ايندو، ڪيس بس اِها ئي تمنا هئي.

اُن ڏينهن اُها صبح جي ويلا هئي. هوءُ اِشنان لاءِ هَر جي پوڙيءَ تي آيو هو. پريان ڪنهن کي پُٺيرو بيٺل ڏسي ڪانئس ڇرڪ پرجي ويو هو، بي ساخته واتان نڪري ويو، اَڙي! منهنجون اَکيون دوکو ته نٿيون ڪائين! هوبهو جهڙي نرملا. ٻيءَ ڪن ڪيس لڳو هو، هڪ دفعو اَکين دوکو ٿورو ئي ڪاڌو آهي، اِهي ڪائينديون رهنديون آهن. منجهن اِنتهائي پڪ آهي. ليڪن اَڄوڪي صبح ته سندس وايون ئي بتال ڪري ڇڏيون هيون. پڪ ئي پڪ نرملا آهي. ڪيس ڪاڏيءَ جي گيڙوُ رتي ساڙهي اوڍيل هئي، ۽ هڪ ٻي پِڳويل ساڙهي آڌوڪڙي ڪرڻ لاءِ هن فرش تي پٿاري ڇڏي هئي. سندس وشواس پڪو ٿيندو پئي ويو، سندس قدم اُن عورت طرف وڌي ويا هئا. هُن جو اَندر هڪدم اُڇلجي پيو هو، ٻه ٽي قدم ئي دوريءَ تي هو، ته آهستي سڏ ڪيو هئائين، ”نرملا“.

نرملا ڇاتل سُڄاتل آواز ٻُڌي پُٺيان نِهاريو. ڪانئس ڪي قدم ئي ته دور بيٺو هو. تلسيءَ ڪان پاڻ جهليو نه ٿيو، سڏڪا گلي ۾

Gul Hayat Institute

اَٽڪي پيا هئا. ”اِهو ڇا تلسي؟ پنهنجي من کي اَهڙو به ڪو هيٺو ٻڌائبو آهي! ... تون ته مضبوط دل رکندڙ آهين.“ نرملا پنهنجي دل تي ضبط آندو هو، ڇڻ پٿر.

پٿر ٻڌڄي ئي ته هوءَ جي رهي هئي. ڪيڏا ڪشت ڪشالا ڀوڳيا هئا هُن؟

”مس مس پريوءَ ٻُڌي آهي جو تون مِلي آهين اَڄ.“ تلسيءَ ڪان ٻارن وانگر سڏڪا ڀرجي ويا هئا. هن جي دل ڦِسي پيئي هئي. نرملا چيو هو، ”تون ته مضبوط دل رکندڙ آهين پر سندس دل ۾ ڪوئي جهاتي ته پائي ڏسي! سواءِ جل مَئيءَ جي اُتي ٻيو ڪجهه به نه هو.“

ڪن دير هوُ روبرو هڪ ٻئي کي ڏسي رهيا هئا. پوءِ اَچانڪ ئي نرملا فرش تان آڏوڪڙي ٽيل ساڙهي ڪٽي ورتي هئي. اُن کي تهن ۾ ويڙهيائين پر کيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هِنن ڪٽن کان پاڻ ڪيئن آجو ڪري؟

”تلسي مان توکان صرف ايترو گُهرنديس ته پنهنجي دل کي مضبوط ڪري هل. ايترو ته ڏينديين نه نرملا کي؟“

تلسي ڦَٿڪي هِنياءُ روئي پيو هو. سندس اَکين مان ٽاه ٽاه ڳوڙها پئي ڳڙيا.

”وري به ساڳي ڳالهه! ... جيڪا مان ڏسڻ نٿي چاهيان.“

”مان ڪيئن چاهيندس ته منهنجو دک تو تائين پهچي! پر وس نٿو هلي.“

ڪن دير جي شانت بعد نرملا چيو، ”مان هاڻي هلنديس.“

”اَڄي اِهو ڇا ٿو ٿئي! اَڄان هاڻ ته مليا آهيون. نه نرملا ايڏو نرمم نه ٿيءُ.“ اَٿاه پيڙا سمايل هئي اِنهن لفظن ۾.

”وڃڻو ته آهي نه تلسي؟“ نرملا کي لڳو سندس هِنياءُ ڀرجي آيو هو، ڇڻ اِجهو کي ڇُلڪيو. ليڪن ٻيءَ ڪِن هن پاڻ کي سنڀالي ورتو هو.

”مان به توسان گڏ هلندس.“

”مان جتي رهان ٿي، اُهو ناري آشرم آهي. اُتي مرد ماڻهوءَ جو اَچڻ نه پري، ليئو به پائڻ ڏکيو آهي.“

”مون تي هڪ مهرباني ڪر نرملا. ٿورن ڏينهن لاءِ سهي، تون مون وٽ اَچ، پنهنجي اڱڻ ۾ پير گهماءِ.“ سڏڪي تي مشڪل سان

Gul Hayat Institute

زير تحرير - سنڌي ناول

# مَرڻ-جيئڻ ڪي ڪا معنيٰ ڪانهي

**(قسط- ٢)**

**آنند کيماڻي**

ڪائڻ-پيئڻ شروع ڪيوسين. ٻڌايومانس، مان بيحد ٻَڪر شخص آهيان. ۽ ٻَڪِر ماڻهوءَ ڪي شناس ئي ڪونہ هوندي آهي تہ ڇا چئي رهيو آهي. لفظ وات مان اِئين نڪرندا رهندا آهن، بي مطلب ۽ بي موقعي، جئن ليِڪ ڪندڙ پائيپ مان پاڻي بنا جِهجهڪ وهندو رهندو آهي. پر منهنجي لفظن جو لاشعور ۾ اهو ارٿ نہ هوندو آهي، جيڪو اَڳلي کي ظاهرا ۽ سامهون سُجهندو آهي.

بس تنهنجي سِنن لفظن کي تہ سنو سمجهان ٿي، بي-تُڪن لفظن کي بہ شفي روپ ۾ ڪٽان.

اِئين ڪٿي چيم؟ بس صرف ايترو چيم تہ منهنجي ڪنهن بہ ڳالهہ جو ڪوئي مطلب ئي ڪونہ هوندو آهي.

اوڪي. هل بيڊ روم ۾. ڊبل بيڊ هوس. پاسي ۾ هڪ ٻن فُٽن جي ويڪري سيٽِي پيئي هئي. اِشاري ۾ چيائين، ڊبل بيڊ تي سُمهہ ۽ هوءَ سيٽيءَ تي ليٽي پيئي. آخر مان سندس مهمان هوس.

ٿوري جهجهڪ ٿيم. چيومانس، اَوهان بيڊ تي سُمهو ۽ مان ٻئنڪ ۾ ڪوچ ۾ وڃي آرام ڪندس.

في الحال تہ ويهہ. ڪجهہ ٻڌاءِ.

مان تہ پاڻ بابت خلاصو ڪندو ئي رهندو آهيان. اوهان ئي پنهنجي لائيف لائين بابت ڪجهہ ڪُڇندا ئي ڪونہ آهيو.

تنهنجي ڳالهائڻ مان لڳندو آهي تہ مون بابت ڪافي ڪجهہ ڄاڻ اَٿئي. ڪجهہ خاص ڄاڻڻ چاهين، جو نهايت نِجي نہ هجي تہ

پُڇي سگهين ٿو.

بس مان اِن موقعي جي انتظار ۾ هوس. مون هڪ صديءَ جي پاءُ چوٿائي عمر ۾ ڪڏهن اوهان جهڙي ٻُٽي عورت، ڪوئي به سينگار نه ڪندڙ ڪانه ڏٺي آهي. ۽ ان هوندي به لڳ ڀڳ خوش-پرسن.

منهن سوٽ ٿي ويس. اهو سماج جو ڪرتب آهي ته عورت عورت ئي رهي. خود به اِئين سمجهي، هار-سينگار، زيور وغيره، پرش کان اَلڳ قسم جا ڪپڙا. اهو سڀ ڪيس بندش ۽ هڪ گهيري ۾ رکڻ جي سازش آهي. ڪِڇن جو ذمو به هن جو. انڪري ئي مان ڪِڇن جو ڪم ڪونه ڪندي آهيان، جئن اَحساس ڪمتريءَ ۾ وتجي نه وڃان. مان پرش ۽ اِستري، ٻنهي کي محض انسان ٿي سمجهان. ماڻهو ماڻهوءَ ۾ جيڪو فرق آهي، اُن کي ڇڏي ٻيو ڪوبه فرق نٿي قبوليان.

سندس چهري تي آيل ڪاوڙ ڏسي مان ڏڄي ويس. ۽ ان بنسبت وڌيڪ ڪجهه به نه پڇيومانس. سمجهدار لاءِ اِشارو ئي ڪافي هو.

ٽرئڪ بدليم. ڪجهه ٻيون ڳالهيون به ٿيون مطلب واريون، بي مطلب واريون. لڳ ڀڳ آڌي رات ٿي ويئي. بيڊ تي لُڙهڪي ويس. ۽ ننڊ اَچي ويم.

صبوح جو پنڄين بڄي باٿروم لاءِ اُٿان ته ڏسان، سيٽيءَ تي ويني ڏيما سُڏڪا ڀري. موبائيل جي روشنيءَ ۾ پڇيومانس - ڇا ڳالهه آهي. مان ته رليوڊ ٿو فيل ڪريان. ۽ اَوهان ٽينشن ۾ آهيو.

ڦُڙتيءَ سان اُٿِيَ. CCTV جا ٿي بڄي کان ڇئين بڄي جا ٽڪرا ڏيکاريائين. ڏسي دَهلجي ويس. نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ بار بار پڪاري رهيو هوس - جمني، جمني. تو مونکي تباه ڪري ڇڏيو آهي. تو بنا منهنجو جيئڻ ڪنن ٿي پيو آهي. سپنن ۾ خوب مستيءَ سان پيار ڏين ۽ حقيقت ۾ صرف ڏمالون.

جمني بيد تي اَچي ٿي. ڪجھ حرت ۾ ۽ ڪجھ سَهمندي پڇي ٿي - نرجن، ڇا ٿيو؟ ٻُڏبُڏائين ٿو.

مان ان نيم-بيهوشيءَ جي حالت ۾ به پڪڙي ٿو وٺانس. زور سان ڇڏائڻ جي ڪوشش ٿي ڪري. جڏهن مٿس حاوي ٿي ٿو وڃان ته پاڻ ڍلو ڪري ٿي ڇڏي. وحشيانه اَنداز سان ڳاريون ٿڦڙو، چڪ ۽ ڏوڏا. بيوَس پاڻ تي ملامت ٿي وڃي جو مونکي خود ئي گُهرايو هئائين، ۽ مون مان اَهڙي اُميد بلڪل ڪانه هئس.

پوري سِين ته خطرناڪ هئي، لفظن ۾ مڪمل معنيٰ ڇڏائڻ جي قابل نه هئي. مون اَکيون بند ڪري ڇڏيون. ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيم. مان ايترو ڪميٽو پر وشواس گهاتي به ٿي سگهان ٿو، خود منهنجي سوچ کان ٻاهر هو.

سندس سامهون ٻِهي ٻئي هٿ ٻڌي معافي ورتم. چيومانس، ''اهو ريپ آهي، پيوئر اَينڊ سِمپل. تون مونکي پوليس جي حوالي ڪر. نوڪري ويندي. بدنامي ٿيندي. پنج ست سال جيل جي سزا ملندي ته به گناه جي ڀيٽ ۾ ڪم سزا آهي. منهنجي لائقي اها ئي آهي. مونکي پنهنجي باري ۾ ڪو غم ڪانهي پر تون هزارين ماڻهن جي لاڏلي بدنام ٿي ويندينءَ. ڪٿي منهن ڏيندينءَ هن ڪريوئل سماج کي. حملي جي پيڙا به تو سٺي ۽ بدناميءَ جو نيڪرو به تو تي خبر ناهي تنهنجو اَهڙو ڪِنو - زهريلو اَثر مون تي ڇو آهي؟ جڏهن کان توکي ڏٺو-ٻُڌو اَٿم، من - تن تان ضبط وڃائي وينو آهيان. پر پڪ پيش ان ۾ تنهنجو ڪوئي قصور نه آهي. شايد مان ئي لڪل مُلزمي پرورتيءَ جو شخص آهيان ۽ تنهنجي خالص سنِاين توکي شڪار بڻائي ڇڏيو.

رات جيڪي سندس ڏنل ڪپڙا پاتا هئم سي لاٿم. ۽ لانڊري مان ڌوٻي آيل پنهنجا ڪپڙا پاتم. هڪ هلڪو شڪ من ۾ اُڀري آيو. سندس ڪپڙن ته منهنجي آتش کي نه وڌايو هو. من ۾ پاڻ کي موچڙو هنيم. پنهنجي ذلالت جو بهانو ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري

Gul Hayat Institute

رهيو آهيان.

در کولي، اڳڻ ۾ بيٺل پنهنجي بائيڪ کنيم. ويندي ويندي چيومانس - مان تنهنجي FIR جو انتظار کندس. ۽ گهر ۾ ئي هوندس، جتان پوليس مونکي آسانيءَ سان پڪڙي سگهي. CCTV جو ثبوت تہ آهي ئي؛ ۽ مان پنهنجو جُرم بہ قبول کندس. هليو آيس.

اخبارن، ٽي.وي ۽ ريڊيو تي ان وار رات جي خبر ٻڌڻ لاءِ سڄو ڏينهن ڦٽڪندو رهيس. ۽ جمنيءَ جي مانسڪ حالت جي باري ۾ پريشان رهيس. اَهڙو بہ ڇا اَنڌ آهي جو ٻئي جي سرير کي پنهنجي مالڪيءَ هيٺ سمجهجي.

ڪابہ خبر ڪونہ ملي. پاڻ کي ڪوسيندو رهيس. پر جمنيءَ کي فون ڪرڻ جي همت ڪونہ ٿي ۽ نہ ئي وٽائس ڪو ميسيج آيو. اُميد ئي اَجائي هئي. جنهن کي لُٽجي اهو پاڻ ڇو سنبنڌ رکندو.

صبوح جا چار ٿيا آهن. هن جي غير-حاضريءَ ۾ ساڻس مخاطب آهيان. جمني صاحبا! رات پر تنهنجي مانسڪ پيڙا کي کٽي پريشان رهيو آهيان. معافيون تہ مان توکان ڪروڙين دفعا گُهرندس پر تون ڏيندينءَ ڪونہ، اها خبر اَٿم. انڪري اَڪيلي تنهنجي چنتا ۾ سُسَندو رهيو آهيان. مون تہ توکي خدا جي انمول فنڪاريت ڪري ڪنيو هو، جنهن جي بي حرفتي تہ مان پنهنجو شعور جي هيٺئين پائوان تي بہ سوچي نٿي سگهيس. پوءِ اهو اَپراڌ مون کان ڪيئن ٿيون، مان خود سمجهي نٿو سگهان. تنهنجي جسم جي باريڪ ترين ڊيٽيلس کي ڇاٽڻ جي خوب تمنا رهي اَٿم پر هن حادثي جي دؤران مون تہ توکي ڏٺو بہ ڪونہ. صرف گناه جو جنون طاري هوم. ٽارگيٽ ڪير هو، ان جي ڄڻ مونکي ڪا سمڪ ئي ڪانہ رهي. جاني تون ڪشت ۾، ۽ مان تنهنجي ڪشت جي ڪشت ۾. ڪيئن هلندو؟

ڪجهہ مهنا گذريا تہ بہ گهور پريشانيءَ ۾ هوس. آتما جي ملامت هيٺ زندگي ڪاٽڻ مشڪل ٿي پيئي هئي. پريشان هوءَ بہ

Gul Hayat Institute

هوندي. معافي لڳاءِ خاطر ڏني هئائين، شايد. اَلائي پنهنجي ڪردار کي شفاف رکڻ جي ڪوشش ۾.

ڪٽي ٽڪر ٽي ويو. ڪُنڊ پاسيرو وٺي بار بار معافي ورتم. چيائين، تو منهنجي وجود کي لتاڙيو آهي. مان پاڻ کي انسان، عورت ئي نٿي سمجهان ۽ منهنجو ڏوهه ٻڌاءِ. ايترو نہ تہ پنهنجي طرفان بنا ڪنهن پهل جي، تنهنجي ٻگهڙي اکين جو شڪار ٿيس. تون منهنجو مردڙ ڪرين ها تہ بہ مان ايتري هتاش نہ ٿيان ها. توکي ڏسڻ سان، تو سان ڳالهائڻ سان مان ان حادثي مان ور ڪري گذران ٿي. انڪري صرف هڪ مهرباني ڪر، ڪٽي بہ منهنجو سامهون نہ اَچ. نہ ڳالهاءِ، نہ معافي وٺ. معافيءَ سان منهنجو پاڻ تان وڃايل حق تہ واپس ڪونہ ملندو. مشاعرن ۽ پارٽين ۾، جتي اَسان جي مشترڪ حاضري رهندي هئي، اُتي يا تون ڪڏهن بہ نہ اَچ يا مان ڪڏهن بہ نہ ايندس.''

چيومانس - واعدو آهي. اَوهان جي سامهون ڪڏهن بہ نہ ايندس. اها اوهان تي مهرباني نہ بلڪ منهنجي پاڻ تي ٿيندي. مان جنهن آتشي انداز سان اوهان ڏانهن ڪشيشت آهيان، ڪٽي ٻيهر نہ اِن حرڪت کي دُهرايان. بس، تون مونکي پنهنجي سينسوريم مان ڪيئي ڦٽي ڪري ڇڏ. 'هيل وِٿ راسڪل لائيڪ مي' مان تہ واعدو ڪريان ڪونہ ٿو تہ توکي پنهنجي من-ذهن مان اُڇلي ٻاهر ڪندس. ۽ جي واعدو ڪريان تہ بہ ان کي پورو ڪرڻ جي مون ۾ قوت ڪانهي. منهنجي لاءِ عبث آهي پنهنجي من - ذهن کي اوهان جي شخص کان خالي ڪرڻ. اوڪي. ڌنيواد. ڪِرمنل قِصن جي ڪائي ٽائيم لِمِٽ نہ هوندي آهي. ڪڏهن بہ اَوهان جو وري سؤيِمان جاڳي تہ هن بابت پوليس ۾ معاملو درج ڪرائجو. خوشي خوشي پنهنجو سڀ ڪجهہ تباهہ ٿيندو ڏسندس. اوهان سان ڪيل بي حرمتيءَ جو پس-پيش اهو نندي ۾ نندو هرجانو ٿيندو. اپراڌ پِاوَ هيٺ ڪيس ڪڏهن اَوهان تہ ڪڏهن تون پئي چيم. ريپ وقت

تہ ڇهري مان جمني هڪ ٻي-ٽي سالن جي ابهم لڳندي آهي.

ڪڏهن پڇيومانس - توکي ڪمي تہ آهي ڪانہ، پوءِ ڪار ڇو نٿي وٺين.

هلائيندو ڪير؟

سِکي وٺ. يا ڊرائيور رک.

سِکڻ جو شؤق ڪونہ اَٿم ۽ اَڄڪالهہ اَڪيلي عورت لاءِ ڊرائيور رکڻ محفوظ آهي؟ جڏهن دوست ئي دغا ڪئي تہ لو ڪلاس ڊرائيور مان ڪهڙي اِخلاق جي اُميد رکي ٿي سگهجي!

تون وري ماضيءَ ۾ هلي ٿي وڃين. ڇگو تون ڪار وٺ. صبوح جو نوين ڪان اَڳ ۽ شام جو ستين ڪان پوءِ مان تنهنجو غير-پگهاردار ڊرائيور ٿيندس. بائيڪ تي هيئن ٽڙڪنديئن تہ ڪونہ ۽ عبث ڪلپنائون تہ ڪونہ ڪنديئن. آٽو / ٽئڪسيءَ لاءِ انتظار بہ ڪونہ ڪرڻو پونديءِ.

خوامخواه پنج-ڇه لک رپيا خرچ ڇو ڪجن؟

ڪنهن جي لاءِ ٿي ڪنجوسي ڪرين؟

ڇو، منهنجو پٽ آهي. پلي مون وٽ نٿو رهي. پر آهي تہ منهنجو پٽ نہ.

مان من ۾ خوش ٿي اُٿيس. جئن مون ڪيس سمجهيو هو، هوءَ اُن جي برعڪس رشتن جي ترلتا کي انتر-من ۾ سنجوئي ويٺي آهي. ان جي مدنظر مونکي پنهنجي راه ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪيس حاصل ڪرڻ جي - سٽائي لڳي. حالانک عشق جي خطرناڪ منظر جو جيڪو خواب ڏيکاريو هئائين، اهو روح ۾ هلندڙ سندس چاهنا جو عڪس هو ۽ مان لڳ ڀڳ آشوست ٿيڻ لڳو هوس تہ هاڻ هوءَ منهنجي سمت ۾ هلي رهي هئي. جُلد پکوءَ اَندر ڪاغذ پُرندڙ!

ꕥ

B-1-A, 47-B, Janakpuri, New Delhi - 110058
Mob: 9871415838



Gul Hayat Institute

# نندیون کوتائون ✍ پريم پرڪاش (اَحمدآباد)

(١)
ڪيڏو وڏو ماڻهو ٿي پئين
پاڻ لاءِ ٻه ڏاريو ٿي پئين
جت ڪت ورهائين، پاڻ تي چڙهيل پرساد ٻڙهيا.

(٢)
اُنهن لاءِ تو پنڌَ نڪي ڪرين
جن جي هٿن پيرن ۾ ڪوڪا ٺوڪيل آهن
پين لاءِ تنهنجا زباني حوصلا ٻڙهيا.

(٣)
منهنجا ئي اَنگ ڪٽي ڍير ڪندو وئين
ڪو لڪاءُ ئي پوڻ نه ڏنئه
مونکي ٻه ڪرائي ڏي خنجر جي تکي ڌار ٻڙهيا.

(٤)
ٻجي ڍِجي گهر ۾ پير پرين ٿو
وچڻ مهل مُنهن ڍڪي ٽِپَ ڇڏين ٿو
ٻڌاءِ ته ديوتا وچين ٿو ڇا ڇا ٽِڳائي ٻڙهيا.

(٥)
زماني کان ٻچائي لمحو پاسيرو وٺي ويو
ٻئي پاسي کان ڏند ڪڍي وقت اَچي بيٺو
اَندر سموري جو ڪڍي ڏيٺو پيو ريزو ٻڙهيا.

(٦)
سيني ڪميٽائپن جي حدن تان گذرندي
ڪوڙ جي ٻه ڪڏهن خواهش ٿيندي هوندي
سهج ٿيڻ لاءِ ڪيئن ڳالهائي سچ ٻڙهيا.

(٧)
گڏهن کي گهوڙن جي خوراڪ کارائي
ريس جي مئدان ۾ تو لاٿو ته سهين
ڊُڪي تون رهيو آهين اَڪيلو ٻڙهيا.

(٨)
ڪيترا هٿيار-بند پاڻ سان ڪڍي هلين ٿو
پوءِ ٻه سيني کان لڪين ٿو
ٻه چار خون ڪرائي، چوين حال آهي ٻڙهيا.

Gul Hayat Institute

# هڪ اُلٽ ڪويتا

✍ آنند کيماڻي

مِي ٽوُ جو دؤر
شروع ٿي ويو آهي
مون جهڙن پرشن جا
حوصلا پست آهن.
صدين تائين عؤرت کي
ستايو ويو آهي
هاڻي بازي
عؤرت جي هٿن ۾ آهي.
مونکي خوبصورت عؤرتن کي
گهورڻ جي
ڪِنِي عادت آهي
جو
مان انهن کي
خدا جون
ڇُندڙ - پُرندڙ
پينٽنگس مڃيندو آهيان.
پر هاڻي
ان عادت کي ڇڏڻو پوندو
يا گهٽ ڪرڻو پوندو
نه ته ته جيل جي
هوا کائڻي پوندي.
ان عادت کي ڇڏڻ
آهي ته مشڪل
۽ حڪومت کي به
اها خبر آهي ته
اَڪثر پرش
عؤرت ڏانهن
نهارڻ ڪانسواءِ رهي نٿا سگهن
ان ڪري
حڪومت طرفان
ڪنهن به عورت ڏانهن
گهورڻ جي
اجازت
صرف ٽيهه سيڪنڊن لاءِ آهي!
ته مان
ڪنهن کي گهوريندس به
ته صرف ٽيهه سيڪنڊن لاءِ
جئن لٺ به نه ٽُٽي
۽ نانگ به مري.
هينئر ڪان ئي
مون عورتن سان
فِرِي ٽيڻ ڇڏي ڏنو آهي
نه فري ٽڪبو ۽ نه
ڪا غير-نيتڪ ڳالهه ڇٽبي يا ڪبي
پراين عورتن سان
ٿورو وقتي ڇيڙ-ڇاڙ ڪري
سزا ڇو ڀوڳجي؟
۽ پريوار کي
سنڪٽ ۾ ڇو وجهجي؟
ڪاليداس ۽ شيڪسپيئر جهڙا
وڏا فنڪار به
پنهنجي پنهنجي
سماڌين ۽ قبرن ۾
ٿرٿلي ۾ آهن.
ڪين ڊپ آهي
ته سندن نائڪائن
جي ڪچي سونهن
۽ پڪن هاوَن-ڀاوَن جي
ڇُڙواڳ ۽ کُلئي بيانن جي ڪري
اَڄ جون ناري سنسٿائون
مَڃرجي نه وڃن
۽ ڪورٽن تائين
پنهنجا تِڪا اعتراض
کڻي نه وڃن.
۽ پوءِ انهن فنڪارن جي لاشن کي
قبرن ۽ سماڌين مان ڪوڙي ڪڍي
ڦاسيءَ تي لٽڪايو نه وڃي!
مان ته هڪ معمولي انسان آهيان
ان ڪري
من-وچن ۽ ڪرم سان
عورتن کان دور ڀڄي رهيو آهيان
ته به هڪ شڪ رهي ٿو
ته ڪا عورت
ڪنهن پُراڻي دشمنيءَ کي کڻي
ڪا سازش نه رچي
۽ منهنجو سڀ ڪجهه ختم ٿي وڃي
رُتبو - نؤڪري - پريوار وغيره.
سچ ڇيو اَٿن
اوڻٽيهه ڏينهن چور جا
ته هڪ ڏينهن ساڌ جو!

Gul Hayat Institute

✍ موهن همٿاڻي

# (١) سِمارٽ فون

ٻار چيو:
پپا-ممي
مُنهنجي بہ دِل ڪندي آهي
فون تي ڪنهن سان ڳالهايان
گيمس ڪيان
فيس بُڪ تي سڀني کي ڏِسان
وهاٽس اَئبتي چئٽ ڪيان
جيئن توهان سڀ ڪندا آهيو
ڪُنڊ پاسيرو ويهي ڪري
۽ مان
اِنتظار ڪندو رهندو آهيان
سنڊي (Sunday) جو
راند ڪرڻ لاءِ -
گهمڻ لاءِ -
جڏهن سڀ گُهمڻ هلندا آهن
پنهنجو پنهنجو سمارٽ فون
گڏ کڻي ڪري.
هِن سنڊي
پليز پپا
مونکي بہ هڪ سمارٽ فون وٺي ڏيو
ڇوتہ
ڏاڍو مِس ڪندو آهيان
توهان سڀني کي.

ꕥ

# (٢) سُوچ پارٽ

چرخو هلائيندي
نڪ تي ٽڙڪيل چشمي منجهان / مان
’سوچ پارٽ اَپيان / تحرڪ‘ کي
هلندي ڏسي
گانڌي خوش ٿي رهيو هو -
پر هُن جي اِها خوشي
گهڻي دير تائين
قائم نہ رهي سگهي
جو اُن وقت ئي
ڪِچري سان ڀريل ڊٻو - ڪيرُ
هُن جي پيرٖ ۾ ئي خالي ڪري ويو
۽ گانڌيءَ ڏانهن نهاريندي
ساري (Sorry) بہ ڪري ويو.
چشمي منجهان نهاريندڙ اَکين مان
ڳوڙها اُگهندي
باپوءَ چيائين:
سوچ پارٽ -سوسٿپارٽ
(صاف پارٽ - صحتمند پارٽ) جو
منهنجو سُپنو
پورو ٿيندو تڏهن
بڻجندو اِهو
هر پارٽواسيءَ جو سُپنو جڏهن.

ꕥ

Gul Hayat Institute

بيت : **ٽريچياڻي ٿَرُ ...!**

**✍ اِمداد حُسيني**

جنين پَهہ نہ پَهِي، تَنَ تنين لئہ تانگِهيو،
ڪُنيءَ مُنيءَ جي ڪُڙِمَ مان، آيو ڪونہ ڪَهِي،
اُپريو سِڄَ لهي، لوئِي هَڏُ نہ لاهِيان!

رويو رُئان رَتُ، ڏويو ڏُئان اَکڙيون،
سالمِ رکيمِ سَتَ ڪي، سوئِي سارو سَتُ،
سندو سائُن پَٽُ، ويندِيس ڪيندِيس ڪيتَ سين!

ٽريچياڻي، ٿَرُ، سَڏَ پڙاڏي وانگيان،
سُپاڙ، هيلُ نہ پَرُ، وچڙي وچڙن ڪينڪي!

ماڙين ۾ ماڙيون، تن ۾ بہ ماڙيون،
هي جي شمعون مشعلوُن، مون لئہ اُماڙيون،
هَر هَر هُرن هانوَ ۾، ويڙهہ، وَلَرَ، واڙيون،
طوق پيچي تاڙيون، ويندِيس، رهندِيس ڪينڪي!

ڪٿي ڪٿِي مَرُ هوءِ، پَٽُ نہ اُن سين پاڙِيان،
ريشم تي ريجهي وڃان، آنءُ نہ اَهڙي جوءِ،
آڏيءَ روح رَتوَل ۾، ريهوُن ڪريو روءِ،
جن جي آهيان جيئري، تن جي ٿيندِيس موءِ،
اَڳِي توڙي پوءِ، اُسهڻ آهہ ملير ڏي!

ننگَ تَڪي جو راڄَ جا، راڄَ ڏٺي سو ڪيئن؟
رکوالو جو راڄَ جو، هاڻوُ تي پئي هيئن،
ڪري ڪوبہ ايئن، جيئن ڪئي تو سومرا!

# هڪ خبر

امداد حُسيني

هڪ خبر اخبار ۾ آهي ڇپي؛

”ڳوٺ ڏيرا تعلقي وراه جي
هڪڙي چور ميهڙ شهر مان
هڪ گڏھ ڳاڏو گڏھ سوڌو
ڪيو چوري
۽ پنهنجي ڳوٺ جي
هڪ شيءِ کي وڪڻي ڇڏيائين
پوءِ وڃي اطلاح
پاڳين کي ڏنائين
پُنگ جا ڏوڪڙ ڳنهي“!

۽ اِئين
هُن ٻنهي پاسان ڪمايو!

مان خبر پڙهندي
اهو ٿو سوچيان:
’چورُ هو؟
يا ڪو سياستدان هو!
ڇا ٻہ هو
پر ڪو وڏو اُستاد هو!
سو ٻہ ڊگريءَ ڪان سواءِ‘!

۞

# غزل

گوپ ڪمل

- ويچا اَسانجي وڇيڙ، گهٽا ئي وَڌِي ويا،
سچ سچ نہ منهن تي چئجي، وڏا سچ چئي ويا.

- چاڻو ٻَهانا ٿاهي هِتان ڪان هٽِي ويا،
ٿيڙِي اَڱڻ ۾ ڪيڏا اَناڙِي نَچِي ويا.

- کهڙي گناه جي سزا ويندي ڏئي ويا،
مِلندن ڪڏهن نہ ننڊ، اَکين تي لِکِي ويا.

- بيمار موسمن جو گُلن تي اَثر پيو،
ڪارا نِشان ماڪ جا تن تي ڄَمي ويا.

- ساڙهي سُڪي پي ڪُڏ تي تِڪو مينهن جو پيو،
ڪنهن جسم جا وَراڪا، نظر ۾ ٿي ويا.

- هن مان ڪڏهن نہ ڦل مليو، يا ڇانوَ ئي مِلِي،
هڪ هڪ ڪري سمورا پن پڻ ڇَڻي ويا.

- پٽ تان ڪٽي مون جن کي مٿي تي رکيو ڪمل،
مون کي لتاڙي رستي تي اَڳتي وَڌِي ويا.

۞

Gul Hayat Institute

ٻہ اَکر-

# ’’پنکڙيون‘‘

✍ اَرجن شاد

پنهنجي يار ’شيام‘ جي ’پنکڙين‘ بنسبت جَڳت ٻہ اَکر لکڻ لاءِ چيو. ’پنکڙيون‘ منهنجي دوست ’شيام‘ جون لکيل آهن، تنهن لاءِ مونکي فخر آهي؛ پر وڌيڪ فخر اِنهيءَ جو اٿم تہ آءُ ’شيام‘ جي انهيءَ چيز جي باري ۾ ٻہ اَکر لکي رهيو آهيان، جنهن چيز تي هر سنڌيءَ کي ناز رهندو.

سنڌي شاعرن ’رباعي‘ بلڪل ٿوري لکي آهي. هنن غزل، ڪافي، گيت وغيره گهڻو ئي چيو آهي ليڪن سنڌيءَ ۾ اَهڙو ڪو شاعر ڪونہ سُجهيم، جنهن اعليٰ درجي جون ۽ ايتريون رباعيون هن کان اَڳي سنڌيءَ ۾ لکي شايع ڪيون هجن. منهنجي ويچار موجب چئن مصرعن ۾ ڪنهن اونهي ۽ وسيع ويچار کي مڪمل طرح چٽي ڪرڻ ۾ ئي شاعر جي سچي قابليت ظاهر ٿئي ٿي. شيام جون هي ’پنکڙيون‘ پڻ اَهڙي شاعراڻي قابليت جي ساک ڀرين ٿيون. ازانسواءِ شيام ’رباعي‘ کي فقط شراب ۽ خدا جي تعريف تائين محدود نٿو رکي. هو اِنساني دل جي هر اَحساس کي باريڪبينيءَ سان جاچي، اُنهن جي، لفظن ذريعي بينظير تصوير چٽي ٿو. رباعيءَ ۾ خيال آهستي آهستي اُڀرندو تانجو چوٿين مصرع ۾ اَچيو چوٽيءَ تي رسي. چوٿين مصرع ۾ خيال اَهڙو تہ لطيف ٻڌجڻ گهرجي جو دل مان ازخود واه، واه! نڪري وڃي. شيام جون رباعيون پڻ دل تي اَهڙو اَثر ڇڏين ٿيون.

’رباعيءَ‘ لاءِ وزن جي پڻ پابندي آهي. اُها هر وزن ۾ لکي نٿي سگهجي؛ صرف مقرر وزن ۾ لکي سگهجي ٿي.

منهنجي ويچار موجب سنڌي رباعين جو اَهڙو مجموعو تيار ڪرڻ، جو ٻين ڀاشائن جي رباعين جي مجموعن سان مقابلي ۾ بيهي سگهي، سو شرف ’شيام‘ ئي حاصل ڪيو آهي.

اَمبرنات (بمبئي)، ٢٣-١-١٩٥٥



Gul Hayat Institute

# رباعيون

✍ نارايڻ شيام

چڻ ستيہ جا ويچار، هيِ روشن تارا
تن وانگي سي اَنڌڪار ۾ جهڳمڳ وارا
جئن رات جو پيغام ٿو سمجهڻ چاهيان
اوپر ڪان اُجالي جيِ ڦٽي ٿيِ ڏارا!

*

ڏرتيءَ ۾ ڪپيِ اَڪيون ويس شرم وڇان!
مرڪيائين بہ ٿي چپن ۾ ئي مرم وڇان!
ڳالهايان، مگر اَلاجي ڇا سمجهي،
نالو بہ پڇيس نہ مون اُنهيءَ پرم وڇان!

*

پوپٽ ڪي جهليم مٽ ۾، ڪري ناداني
ڪولڻ سان ونيِ مونکي وئي حيرانيِ
رنگين پڳل بن پرڙن جي بدلي
اُف، رت ۾ ٻڏل دل هئي هڪ اِنسانيِ!

*

نوڙڻ ۾ نزاڪت ڇا ڇڙيل وارن جيِ!
پياري ٿيِ لڳي هرڪا اَدا پيارن جيِ!
جئن ساھ کڄي سينہ تي وٺجي جوبن
ڏڙڪڻ ٿي لڳي ڇاتي نظر وارن جيِ!

*

سامهون رهي دل ڪيس ڏسڻ لاءِ سڪي
منهن لوڪ لڄا ڪان نہ سگهان هاءِ پٽي!
هن ڪن ۾ ئي گهونگهٽ هي جلائي مان ڇڏيان
اکڙين ۾ اَگر آب بڄا آگ هجي!

*

اَڄ آئي محبت سندي برسات جي رات
برسات جي سا رات ملاقات جي رات!
اي ڪاش، اها رات ٿئي ها ڪيِ وڏي
اُف اَهڙي رهي رات فقط رات جي رات!

*

دل ڪولي ڪئي سون نہ اَڄا رات رهاڻ
منهن تي تہ اَڄا مرڪ ئي آئي هئي هاڻ
شوڪارو پري اوچتو پرپات پڇيو
اي شيام اجهو هاڻ ڪلئين ٿي ڇاڪاڻ؟

*

بس سج بہ لٿو رات مٿان ٿي ڪاري
دنيا تي خاموشيءَ جو سمو ٿيو طاري
تارا بہ ڪٽيا، درد بہ دل ۾ جاڳيو
اَڪ قلب پنهي کي ٿي رهي بيداريِ.

*

صد شڪر پلي آئيِ پليِ آئيِ عيد
اڄ ديد جيِ برثواب ٿيندي اُميد!
پي ريت نظر جي نہ ملائي ٿا سگهون
ها، گڏجي هلال عيد وت من اَڄ ديد!

*

دنيا ۾ خدا ڪري، ڪو مفلس نہ بٽي
سيني جي ٿئي اَڪين ۾، ڪنهنکي نہ وٽي!
دنيا جي نگاه ۾ جڏهن ڪوئيِ ڪريو
اُن ڏانهن تڏهن ڇو ڪوئي آڱر بہ کٽي؟

*

سِر ناهہ سو سِر، ناهہ ڪا غيرت جنهن ۾
دل ناهہ سا دل، ناهہ ڪا همت جنهن ۾!
بيڪار اُهو بحر بہ ڇا بحر ٿيو؟
طوفان اُٿارڻ جيِ نہ طاقت جنهن ۾!

*

جي دل ٿي نہ پڌبيِ تہ ڪَرڻ ڇا ايندو؟
دريا ۾ گِهڙڻ ڏارا ترڻ ڇا ايندو؟
هوُ روئيِ رڳو موت گهرڻ وارا ڏس
آيو نہ جيئڻ جن کي مرڻ ڇا ايندو؟

*

تارن کي اِشارن سان ڪجائين اَکيون
غنچن کي نگاهن سان کلائين اَکيون!
راتين جي جواني ۽ گلستان جي سونهن
پلڪن سان ڍڪي جڳ کي سکائين اَکيون!

*

ڪنهن لاءِ هندورو ٿي لڏي لام پئي؟
ڇا ڪنهن جي مٺي ننڊ ڦٽي شيام پئي؟
ها، سک ٿي سمهي لاڏلي گلشن جيِ نہ ٿي
هو ننڊ قتل ڏس تہ ڪلي ڪام پئي!

Gul Hayat Institute

# رباعيون

## ✍ سدارنگاڻي (خادم)

سنڌي ٻوليءَ ۾ موزون شاعري ٻارهين صدي هجريءَ ۾ شروع ٿي. ٻارهين صديءَ جي معروف مرثيہ گوُ سيد ثابت علي شاهه (وفات ۱۲۲۵ هجري) لاءِ چيو وڃي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ هر قسم جو فارسي طريقي جو شعر، رباعي سميت (اڻ ڇپيل) لکيو اٿس. شڪ ناهي تہ هوُئي سنڌي زبان جو پهريون رباعي لکندڙ هجي. ٽيرهين صديءَ ۾ سيد غلام محمد شاهه 'گدا' (وفات ۱۳۲۲ هجري)رباعيون جوڙيون. جلد ئي مرزا قليچ بيگ ۽ مير علي نواز، عمر خيام جي رباعين جو سنڌي رباعين ۾ ترجمو ڪيو. مرزا صاحب پنهنجون بہ ڪي سنڌي رباعيون ٺاهيون جي 'سوداءِ خام' ۾ درج آهن، هلندڙ صديءَ ۾ گهڻن ئي شاعرن، خاص طور جن 'ديوان' لکيا آهن، ٿوريون ڪي گهڻيون رباعيون چيون آهن، مگر ڌار رباعين جا ڪتاب فقط ٻن شاعرن جا مشهور آهن: (۱) محمد بخش 'واصف' جو هڪ سؤ چوونجاهہ رباعين جو مجموعو 'رباعيات واصف' (تاليف ۱۹۲۶ عيسوي)، ۽ (۲) نارايڻ شيام جو هڪ سؤ رباعين جو ڳٽڪو 'پنکڙيون' (ڇپيل ۱۹۵۵ عيسوي). موجوده ڪتاب اِن سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي - ڪيتري قدر مضبوط ۽ مفيد آهي ان جو فيصلو پڙهندڙ پاڻ ڪن.

نئين دهلي، ۱۵ ڊسمبر، ۱۹۵۹ **سدارنگاڻي**

هر روز ڪريون پيا ترقي جيڏيِ،
حاصل ٿيِ ٿئي اُن سان پستي تيڏيِ؛
پاتيسوُن سوپ چنڊ تي، ڇا ٿي پيو؟
اخلاق ۾ حاصل ٿي گراوٽ ڪيڏيِ!

*

پورهيت جي پري خوُن منجهان جام ٿي جام،
پيِ مست رهئين موُجن ۾ صبح ۽ شام.
اِنصاف جي تلوار وَڍيِ پيئيِ پڇي:
ڪٿ پيٽ لکل آهہ جتي مال حرام؟

*

Gul Hayat Institute

ٻارهو ئِي هئس ٻت تي ميرا ڪپڙا،
ليڙون ليڙون، ڇتين ۽ بدبوءِ وارا؛
اَڄ تَن تي اَٿس اَڇي ۽ سالم چادر،
پوري ٻہ ٿيس تہ موت ڪانپوءِ ئِي اِڇا.

*

ساراهي هر طرح ٿو هرڪو اُن کي،
ميت کي ڪلهو ڏيڻ وڏو پڇ سمجهي،
ٿا جوت جلائِين ۽ گل قل چاڙهين،
پاپِي بہ مرڻ بعد ٻڻيو سنت پوي!

*

ساهوءَ جا سَوَ، غريب جا يار ڪٿي؟
غمخوار، طرفدار، مددگار ڪٿي؟
ڏينهن رات پڪاري پيو: اَلله، اَلله،
اَلله بہ ٻڌي هن جي ٿو ٻاڪار ڪٿي؟

*

ڪعبي ۽ ڪاشيءَ ۾ رکيو اَٿن ايمان،
پر ديد ڪٿي؟ - ڏکن ٿا در تان اِنسان.
پٿر پوڄي، خود بہ ٿي پيا پٿر،
هڏ ماس جي پتلي ۾ پسن ڪئن ڀڳوان!

*

دنيا ۾ شرافت جو زمانو نہ رهيو؛
اِنصاف عدالت جو زمانو نہ رهيو؛
سچ ئي تو سچي لاءِ ٿي سزا جو ڪارڻ،
ڪوڙي جي ملامت جو زمانو نہ رهيو.

*

ڪاٺي کي اَگر ڪاٺو سڏڻ ناهہ درست،
تان مونکي ٻڌايو تہ چوڻ ڇاهہ درست؟
آئيني جان صاف ڇوَن جي منهن تي
تن لاءِ بہ هڪ کي پہ سڏڻ آهہ درست؟

Gul Hayat Institute

# رباعيون

✍ پريوُ چڳاڻي ’وفا‘

ياد آيون اَکيون مست تہ چلڪي پيو جام
۽ زلف ڪٽي آيا گلن جو پيغام
دل مونکي چيو لِکُ ڪو ’وفا‘ پيارو گيت
سؤ ڀيرا مون ڪاغذ تي لکيو تنهنجو نام.

*

چِنڊو ئي اَٿيِ گل تہ چِنيِ جيءُ ڀلاءِ
هڪ گل کي چني ٻئي کيِ نہ پر زخمَ رساءِ
جوين تہ اَجا ڪَرَ بہ نہ موڙيا آهن
ننڊاڪرِي مُکڙيءَ کي ’وفا‘ هٿ بہ نہ لاءِ.

*

تصوير لڳيِ دل کي ٿئي ڪيڏو نہ عزيز
نيڻن لءِ نظارو هيو حيرت اَنگيز
هن حسن ۾ پر اَڄ نہ اُها آهہ ڪشش
سالن کان رهيِ آهہ جو گڏ ساڳي چيز!

*

سورج ٿو سڄي وشوَ ۾ پرڪاش ڀري
جو ويجهو وڃي تنهنکي چڏي ناس ڪري
زندهہ آ اَجا تائين ’وفا‘ منهنجيِ پريت
چاڪاڻ جو پريتم ٿو رهي مونکان پري.

*

هُن ۾ نہ هئي سونهن نہ سينگار هيو
اِن هوندي بہ منهنجو هُن سان پيار هيو
هئي ڪهڙي ڪشش جنهن ٿي ’وفا‘ دل کي چڪيو
معصوم سندس دل جو چمتڪار هيو!

*

هڪ عشق اُڏائي ٿو مٿي تير بڻيِ
ٻيو عشق پوي پير ۾ زنجير بڻي
گهر ٻار جي اُلجهن ۾ ويو حسن هپيِ
۽ عشق اَکين مان ٿي وَهيو نير بڻيِ.

*

تڙڦائي ٿو تن کي چڏي پتنيءَ جو ڇُهاءُ
من شانت مگر ٿئي جڏهن هٿ ڦيري ماءُ
آ هٿ بہ هٿن جهڙو ڇُهڻ ڀي ساڳيو
هٿ هٿ ۾ مگر آهہ پريل نيارو ڀاؤ.

*

ٿڪن سان سڄي گهر کي ڪلائي ٿو ٻار
دنيا ۾ مزو موڄ مچائي ٿو ٻار
جي ماءُ ٿي ماريس ڏِنگاين ڪان - ڏِسُ!
منهن گود ۾ اُن جي ئي ڇپائي ٿو ٻار.

*

ٻولي منٽي چڻ ٻار ڪي ٻاجا آهن
دنيا جي عذابن کان هو آجا آهن
نهروءَ ٿي جڏهن پاتي جُتي راجوَ کي
مون سمجھو 'وفا' ٻار ته راجا آهن!

*

ڦيرائي اَکيون بينو اَچي جئن ٽيڏو
مستين ۾ لڳي ٻار مِنو ٿو ڪيڏو
''دادا کي ڪندم پيار'' پڇو مون ''ڪيڏو؟''
ڦهلائي ٻئي ٻانهوُن چيائين ''هيڏو!''

*

نريلپ ۽ نرمل آهي ماتا جو پيار
جنهن ۾ نه ڪو سوارٿ آ نه جنهن ۾ اَهنڪار
پل پر لءِ پٽي ماري مگر پل ڪان پوءِ
ڇاتيءَ سان ڪٽي لائي ٿي ساڳيو ئي ٻار.

*

ماتا جي محبت ۾ عجب آ تاثير
ڪئن درد سندس ٿي پيو نيٽين ۾ نير
هي پيار جي جذبي جو اَثر هو شايد
جو پيار سندس ٿي پيو ڇاتيءَ ۾ کير.

*

جو محل ٺهيو آهه اَوَس ئي ڊهندو
ناٽو هي هميشه ته نه نيبهه رهندو
هيءَ تنهنجي بلندي به ته ڪنهن ڏينهن جهڪندي
تنهنجو به نشو نيٺ 'وفا' هي لهندو!

*

ڪي سير پيا ڪن ڏسو ويهي رٿ ۾
پيادل ٿا سوين ٺوڪرون کائن پٿ ۾
دنيا کي ديا جي رڳو درڪار آ اَڄ
هٿڙو تون مدد جو ڏي ڏکيءَ جي هٿ ۾.

Gul Hayat Institute

# غزل

✍ ڊولڻ راهي

١ - اَڄوڪي دؤر ۾ ملندي بہ شرافت ڪهڙي؟
ڱُناهگار ئي منصف تہ عدالت ڪهڙي؟

٢ - ڏنم تہ گهر جي چُرُنِ ۾ ئي لِڪل نانگ وِڇون،
تہ پوءِ جاءِ بچي نيٺ سلامت ڪهڙي؟

٣ - چڪيو تہ پنهنجي ڏندن ڪيس محافظ هئا جي،
زبان هاڻ ڪري ڪنهن سان شڪايت ڪهڙي؟

٤ - جتي سفارشون، رُشوت ۽ طرفداري هجي،
اُتي معيار پُڇي ڪير، لياقت ڪهڙي؟

٥ - هي زنده لاش، ٻُجهون جن تي ڏين لامارا،
ڀلا اُنهن تي ڪجي ضايع حقارت ڪهڙي؟

٦ - بمن جي ڍير تي ماچيس ڪڙا پهري تي،
بچاءُ ڪير ڪندو، ٿيندي حفاظت ڪهڙي؟

٧ - ڏسي ٿو شهر تي لاچار زناڪاريءَ ڪي،
مساڻ ۾ بہ اُپي ٿي آ عمارت ڪهڙي؟

٨ - نظر مان ڪيس مون ڪيرائي، ڏکي دل مان ڇڏيو،
وڏيڪ اِن ڪان وِجهان هُن تي ملامت ڪهڙي؟

٩ - گناهگار جي ناهين تہ سپن جي سامهون،
صفائي توکي ڏيڻ جي ٿي ضرورت ڪهڙي؟

١٠ - اُڏوهي جنهن جي اَندر ڪي آ وڇوڙي جي لڳي،
اَثر اُنهيءَ تي ڪندي ڪنهنجي نصيحت ڪهڙي؟

١١ - غريب تي ڪري ٿورو پو جتائين ڪيڏو،
ڪڍائي فوٽا ڇپائين تہ سخاوت ڪهڙي؟

١٢ - گهڻو ئي ضبط رکي لُڙڪ لڪايم راهي،
اَلا! اَکين ئي ڪئي مون سان بغاوت ڪهڙي؟

Gul Hayat Institute

ڊولڻ راهي

## قطع

پُرسوز هانوَ سان جڏهن آلاپ ٿي ڪري
ڦُوڪي ٿي رح عابده صوفي ڪلام ۾
جهومڻ لڳي ٿي ڳائيندي جنهن وقت وجد مان
جذبات جو ٿو سمنڊ ڇُلي خاص و عام ۾!

*

جو لکيم ڪالهه، ڏِسِي اَڄ ٿو مان کِلان اُن تي،
جو لِکان اَڄ ٿو، ڪلهه لئه سُيان هُجان نه هُجان،
جو اَٿم دل ۾، ڇئي ڇو نه مان ڇڏيان اَڄ ئي؟
پو ڇوڻ چاهيان، ڇوڻ لئه متان هُجان نه هُجان!

*

اِستري! لازم تنهنجو ساٿ
پرش لئه گويا نعمت آهه
جيئڻ جڳ تو بِن زحمت آهه
اڪيلو تو بِن پرش اناٿ
اِستري! لازم تنهنجو ساٿ!

*

اِستري! ڪيڏي ڪرين وِلوڙ
سڄي گهر جو تون ئي بُنياد
لڱين ٿي گُلُ پر تون فوَلاد
جيئڻُ تو لاءِ وڏي جاکوڙ
اِستري! ڪيڏي ڪرين ولوڙ.

*

اِستري! توکي ڪن مجبوُر
تڏهن ٿي کولين پنهنجو وات
چوَنِ پل وڏواتي بدزات
رهن پر توکان ڇِرکي دوُر
اِستري! توکي ڪن مجبوُر.

## پنجڪڙا

(۱)

اِستري! تو ۾ سهپ اَپار
تڏهن ٿو مرد ٿئي ٻلوان
ڪري پنهنجي ٻل تي اَيمان
پوي اَبلا تي ٻل جي مار
اِستري! تنهنجي سهپ اَپار.

(۲)

اِستري! تنهنجو جُهڪڻ سُڀاءُ،
تڏهن ٿو مرد ٿئي مغرور
رهي پنهنجي غرور ۾ چوُر
هلائي توتي رعب دٻاءُ
اِستري! تنهنجو جُهڪڻ سُڀاءُ.

(۳)

اِستري! لاڙين لُڙڪ هزار
تڏهن ٿو ڏِئي ٿاڪا مرد
ڏِئي ٿو درد ٻڻِي بيدرد
ٿئي ٿي جيت ٻه تنهنجي هار
اِستري! لاڙين لُڙڪ هزار.

(۴)

اِستري مريادا ۾ بند
تڏهن ٿو پُرش ٿئي ڇڙواڳ
اِستري راڳ، پُرش ڪٽراڳ
مُڙسَ کي داسي زال پسند
اِستري مرياد ۾ بند.

(۵)

اِستري لڇميءَ سندو سروپ
سمرپڻ بدلي چاهي پيار
مگر جي موت مليس ڌِڪار
تڏهن ڌاري ڪاليءَ جو روپ
اِستري لڇميءَ سندو سروپ.



Gul Hayat Institute

# ڪَوِتا: مُنهنجي ماءُ، مُنهنجو گهرُ ۽ مان

✍ ناري لڇواڻي (ڀوپال)

مُنهنجي ماءُ گونگي آهي
مُنهنجا ڏُک، درد
آهُون ۽ دانهوُن
ڏِسي-ٻُڌي به ٿي
يا نه
پتو نٿو پَويم.

آگسٽ ١٩٤٧ ۾
جڏهن اَسانجي گهر جو
نئون نقشو ٺهيو ته
گهر
ذرا ننڍو ٿي ويو
اُن ۾
اَمڙ
فقط مون لاءِ
ڪو اَلڳ ڪمرو نه رکيو

۽
سڀني ڀائرن
جهٽ پٽ ڪري
پنهنجي پنهنجي ڪمري تي
پنهنجي نيم-پليٽ
ٽنگي ڇڏي
گهر جي ڪنهن ڪمري ۾
يا اڱڻ ۾
اَچڻ-وڃڻ يا رهڻ لاءِ
حالانڪ،

مون تي ڪا ظاهري روڪ-ٽوڪ ڪانهي
پر
ڪمرن تي ڀائرن جي لڳل نيم-پليٽن تي
نظر پوندي ئي
هيسجِي ٿو وڃان!
ڪيٻائڻ ٿو لڳان!
جڏهن به گهر جي ڪنهن ڪُنڊ ڪي
سينگارڻ، سنوارڻ جي ڪوشش
ڪندو آهيان
ته گهر وارن جا ڀِروُن
ڪڇي ويندا آهن
سندن نظر ۾ به
ڪجهه ڦيرُ ڏسڻ ۾ ايندو اَٿم.
ڪڏهن ڪڏهن مونکي
’چور‘ ’بي-ايمان‘
’منافعاخور‘ ’ڏنڊِي-مار‘
۽ ٻين به ڪيترن ئي لقبن سان
نوازيو ويندو آهي!
هاڻي ته گاريون به ٿا ڏِيَن!!
پنهنجي ئي گهر ۾ هيءُ حال؟
مون کين اِئين به چوندو ٻُڌو آهي ته
مون کي
ماءُ پنهنجي پيٽان نه ڄڻيو آهي
هِن نئين گهر ۾

Gul Hayat Institute

ڪنهن ٻئي هنڌان
گود ۾ کڻي آئي هئي!
.....
اَفسوس!
مان ماءُ جي پيشانيءَ تي
سچ يا ڪوڙ ظاهر ڪرڻ واري
ڪا لڪير بہ نٿو ڏسان
هوءَ خاموش ڇو آهي؟
....
ڪِٿي ...
منهنجا ڀائر ۽ گهر جا ٻيا ڀاتي
سچ تہ نٿا چوَن؟!
ها،
منهنجو نالو پڻ
گهر جي ٻين ڀاتين کان
ڪجهہ اَلڳ ئي آهي.
اهو تہ برابر ڪنهن ٻي جاءِ تي
۽ ٻئي گهر ۾
رهڻ وارن ماڻهن جو نالو آهي!
تہ ڇا ....؟
منهنجي ماءُ سچ-پچ
منهنجي سڳي ماءُ نہ ...؟!
ذهن ۾ اِهو سوال سانڍي
مان
گهر جي سيني ڪمرن تي ٽنگيل
نيم-پِليٽن کي
سکڻين نگاهن سان
آخر ڪيستائين
تڪيندو رهندس؟
تڪيندو رهندس؟؟

# غزل

✍ ناريِ لڇواڻيِ (ڀوپال)

مسافر ملن ٿا، ملن ئي ملن ٿا،
نہ ڄاڻان وڃن ٿا پو ڪيڏي وڃن ٿا.

- نہ ڳايان تہ ڪِئن مان ٻُڌايان فسانا،
جي اُڌما اُٿن ٿا لُڇائن لُڇن ٿا.

- رهان ڪنهن زمين تي وڃان آسمان ڏي،
وڃن هوُ نہ ڪيڏي، سدا گڏ رهن ٿا.

- سُڃاڻي وٺن ڪئن ٿا هڪ ئي نظر ۾،
اُتي جو اُتي روح کي پڻ ڇُهن ٿا.

- هوائون، فِضائون، نہ آهن دُعائون،
سِياپا اَسانجي تہ دل ۾ رهن ٿا.

- لڳل ٻاهہ مَس مَس ڇڏيسين وِسائي،
وري ان جڳهہ تي ئي دونهان دُکن ٿا.

Gul Hayat Institute

# غزل

✍ ڪنعيو شيواڻي (ڀوپال)

(۱)

هرڪو پنهنجو حال چوي ٿو
من موجب احوال چوي ٿو.

پنهنجا پنهنجا مِيٽَر آهن
ٿانَ سڄي ڪي والَ چوي ٿو.

سيني هوندي ڪير نہ پنهنجو
من ۾ وينل خال چوي ٿو.

ٿيندو، جيڪو مان چاهيندس
ڪيسي اَندر مال چوي ٿو.

باقي هوندو چا چا گهرِ ۾
گهر جو قاتل پال چوي ٿو.

توکان تنهنجو پاڻُ ڪسيندس
ايندڙ هرهڪ سال چوي ٿو.

گونگا ٻوڙا وچن وڃائي
مندر- گهنڊ گهڙيال چوي ٿو.

(۲)

آهہ عنايت نِڙڪ نڳي
عشق عبادت نڙڪ نڳي.

من جي چاهت روز نئين
چرچو چاهت نڙڪ نڳي.

درد لڪلُ هو راحت ۾
رستو راحت نڙڪ نڳي.

تارازين ۾ ڪاڻ ڏني
عرض عدالت نڙڪ نڳي.

چمڪ دمڪ ڀرپوُر پلي
شهر شرافت نڙڪ نڳي.

نقلي سڀ سينگار ڏنو
نظر نذاڪت نڙڪ نڳي.

خالي خالي لفظ لڳن
اَدب عداوت نڙڪ نٺي.

مُلڪ موالين جي هٿ ۾
هاڻ حفاظت نڙڪ نڳي.

ꕥꕥ

ڪويتا:

# وقت کان اَڳتي

✍ دروپدي چندناڻي
(ڀوپال)

هن ڪيو هو واعدو اَچڻ جو
ڏينهن نہ ٻڌايائين، وقت نہ ٻڌايائين
مان ويٺي رهيس يڪ-ٽِڪ
پلڪن کي جهپڪڻ کان
ڪري ڇڏيم منع
اِئين نہ ٿئي تہ
منهنجون پلڪوُن جهپڪن
هوُ اَچي ۽ هليو وڃي
هوڏانهن، هُن سوچيو هو-
هليو ويندس، ڪنهن ڏينهن،
ڪنهن بہ وقت
تڏهن کان هِن مهل تائين
منهنجو وقت مون لاءِ
هڪ ئي هنڌ بيٺو آهي
اِنتظار ۾
منهنجون پلڪون
ڪليل جو ڪليل رهجي ويون آهن
جهپڪڻ جي انتظار ۾
پر،
عمر ڪڏهن ڪنهنجو
چيو مڃيو آهي!
۽ هوُ جو اَچڻو هو
اَڃان تائين نہ آيو.
وقت تہ مليو هوندو کيس
...
اِڃهو! هينئر ئي ڪنهنکي چوندي ٻُڌم-
هوُ تہ وقت کان گهڻو گهڻو اَڳتي
نڪري ويو آهي.

ꕥꕥ

Gul Hayat Institute

# گيت

✍ ديوي ناگراڻي

**(١)**

سُهڻيءَ جي سيني ۾ سانديل
ڪوئي ڪُهنو سوُر هُيو.

سِمي سِمي اَندر ئي اَندر
سوُر بڻيو ناسوُر هُيو.

سُهڻي هِت ميهر لاءِ ماندي
هُت ميهر مجبوُر هُيو.

ڪارونيار ڪُنن ۾ ڪڙڪا
دريا ٻي پرپوُر هيو.

تيز تِکو طوفان لڳو ٿي
ويتر ساحل دوُر هيو.

لهرُن ۾ وئي لُڙهندي سُهڻي
هُن جو هڏ هڏ چوُر هُيو.

ڪچي گهڙي ٻه نه ساٿ ڏِنُس،
هي قسمت سندو قصوُر هُيو.

پهُچي ٻه ته ڪيئن ديوي، هُت جِت
حاضر سندس حُضوُر هُيو.

**(٢)**

ميهر بن موُمل ماندي اَلا
اُن پيار ۾ سِڪ جي ٻاندي اَلا.

عشق جو اَهڙو روڳ لڳو ڇڻ
ساه سڄڻ وٽ قرض رکيو ڇڻ.

پر ڪين پليو آ ساه اَلا
ميهر بن موُمل ماندي اَلا.

ويل وئي ۽ مُند ٻه موٽي
ڪين ڏٺو منهن، قسمت کوٽي
ته ٻه ڪين کڄي اَرواهه ُ اَلا
ميهر بن موُمل ماندي اَلا.

ڪيڏيون ريتيون رسمون آهن
قئدن جون ڇڻ شيخون آهن
تِن جڪڙيو ڇڻ آ ساهه ُ اَلا
ميهر بن موُمل ماندي اَلا.

اوسيئڙن ۾ ننڊ ڦٽي آ
جاڳي نيڻن رات ڪٽي آ
لولي ڪا ڏني آ ماءُ اَلا
ميهر بن موُمل ماندي اَلا.

Gul Hayat Institute

# غزل

## پڳوان ٻاٻاڻي’نردوش‘

ڳالهه ڦيري پلا ڇئو چو ٿا؟
اِئين ڪندي پي، اَوهين وڻو چو ٿا؟

مرڪ سان سونهن سرس ٿيندي آ
شوخ ڇهرو، اوهين ڪريو چو ٿا؟

هبڪي هبڪي اَوهان ٿا ڳالهايو
سچ چوندي اِئين ٻڃو چو ٿا؟

دل اَندر درد جا ولوڙا، پر
ظاهر چپ اَوهان رهو چو ٿا؟

قرب جي ڪات ۾ مزو ڏاڍو
هڪ دفو ئي اَوهان ڪهو چو ٿا؟

موڊ بگڙي ويو فضائن جو،
منهن بگاڙي، اَوهان ڏسو چو ٿا؟

ڳالهه نردوش! آهه دل ۾ ڪا
دل ۾ غصو رکي هلو چو ٿا؟

ꕥ

# غزل

## نند ڪمار سنمڪاڻي

- مِٽيءَ جو پِنوڙو حياتي اَسانجي،
نديءَ جو ٻَنوڙو حياتي اَسانجي.

- سچي وات سامهوُن لڙايون لڙايون،
سِپاهي پڳوڙو حياتي اَسانجي.

- پڙهڻُ ۽ ڪمائڻُ، ڇٽڻُ ۽ نِپائڻُ،
قِصو ڪو نِدورو حياتي اَسانجي.

- سِڌي راه سامهوُن نظر ڪين آئي،
وڏو ڪو وَڪوڙو حياتي اَسانجي.

- ڪڏهن ڇَڻُ اِشارن تي هلندي هلي ٿِي،
ڪو ٻالڪ سَدورو حياتي اَسانجي.

- نئون رنگُ ۽ روُپ هردم پَسائي،
ڪو ناٽڪ پلوڙو حياتي اَسانجي.

- لڳي ڇڻ ته ڏِڻ وار جي ڪا خوشي ٿي،
وَڳو ڪو نِڪورو حياتي اَسانجي.

ꕥ

Gul Hayat Institute

# چنڊ

## دِويا وِڏاڻي

هوُ چوَن ٿا ڪويتا کي ٻَڌو ڇندن ۾
ڇا جِي سگهندي ڪويتا اَهڙن ڦندن ۾؟

ڪويتا تہ ڪَل-ڪَل ڪندڙ جهرڻو آ،
تنهن کي گهاگهر ۾ ڪيئن پرڻو آ؟

ڪويتا سمنڊ جو طوفان آ،
تنهن کي شانت ڪرڻ ڇا ايترو آسان آ؟

ڪويتا ڀاونائن جي ڪهاڻي آ،
ڪُجهہ لفظن ۾ ڪيئن ٻڌائڻي آ؟

هونئن تہ سڄي قدرت نيم سان هلندي آ،
پر ڪويتا ۾ نيم؟ ڳالهہ ٿوري علحدي آ.

پر گروجن جيڪي چئي آ،
ڳالهہ بلڪل صحيح آ.

اُڇلندڙ نديءَ تي بنڌ لڳائڻو آ،
ڪويتا کي هاڻي ڇندن سان سجائڻو آ.

# ''سدائين گڏ''

## ڀاڳچند ويڙهاڻي 'پاڳل'

گڏ هئاسين گڏ آهيون اَڃا
پوءِ بہ سدائين رهنداسين گڏ.

اَسان سنڌين جو وجود آهي
هاڻي بہ ڏيون پيا سڏ ۾ سڏ.

جتي ڏسو اُتي سنڌي سُهڻا
پرڏيهہ ۾ پڻ آهي مال ۽ مڏ.

هن دنيا جي دائري ۾ تہ ڇا
اَسان چنڊ تارن تي بہ آهيون گڏ.

سَنڌ سَنڌ ۾ وهي سنڌو ڌارا
هڪ ٻئي لاءِ اَسان جو ڪُرڪي هڏ.

اَڇو ڪُلهو ڪُلهي ۾ ملائي 'پاڳل'
هڪ ٻئي کي وري ڏيون سڏ ۾ سڏ.

# غزل

## هري چوئٿاڻي 'هري'

- اِهي دل جون ڳالهيون، اَڃان ڪُجهہ ڪرڻ ڏي،
دِبيل دل جا اَرمان، دل کي سَلڻ ڏي.
- بہ ڳالهيون مون سان ڪر، بہ تو سان ڪريان مان،
خوشيءَ جا هي لمحا اَڃان ڪجهہ رهڻ ڏي.
- سُڪوُن دِل ۾ روح کي ملي جن مان راحت،
اُهو سلسلو نيم سان نت هلڻ ڏي.
- دٻائي نہ رک ڪجهہ پِيِ پنهنجي اَندر ۾،
ڪري تِن جو اِظهار جيءُ هلڪو ٿيڻ ڏي.
- اهي پياريون يادون ۽ سوغاتون آهن،
سانڀي ۾ انهن جي سدا ئي جيئڻ ڏي.

Gul Hayat Institute

# اَسان جو ثقافتي ورثو

## (سماجي انٿروپالاجي جي حوالي سان)

✍ ڊاڪٽر قاسم ٻگھيو

دنيا جي مڙني ملڪن ۽ قومن کي پنھنجون ڪي خاص ريتون، رسمون، روايتون، عقيدا ۽ ويساھ ھوندا آھن. جيڪي ان قوم يا ملڪ جي ماڻھن جي سماجي، سياسي ۽ تاريخي حالتن جو عڪس يا آئينو ڪري ليکجن تہ وڏاءُ ڪونہ ٿيندو. اھي ريتون، رسمون، روايتون، ويساھ ۽ عقيدا ڪنھن اوچتي ريچڪ، فھم، وسوسي، شرڪ يا ڪنھن واقعي جي بنياد تي ٻڌل يا آڏاريل ڪونہ ھوندا آھن، نہ ئي وري ڪنھن ٻئي ھنڌان، نھيل نڪيل ۽ جيئن جو تيئن اَچي ڪنھن معاشري ۾ ملندا آھن. پر اھي ھزارين پيڙھين ۽ نسلن جي لکين سالن جي آزمودن، وارتائن، روين ۽ تجربن جو نتيجو ھوندا آھن.

ھرڪنھن قوم جون نسلي خوبيون، فطري طبيعتون، دماغي صلاحيتون، نفسياتي ڪيفيتون، خانداني روايتون، سماجي ۽ تاريخي حالتون جدا جدا ھونديون آھن. ھرڪنھن قوم جي ماڻھن جي ذھنن، سوچن ويچارن، رھڻي ڪھڻي، عادتن ۽ روين تي ان ملڪ جي طبعي ماحول، آب و ھوا، کاڌ خوراڪ، گذر سفر، معاشي وسيلن ۽ سماجي توڙي تاريخي تبديلين جا پڻ گهرا اَثر ڪنھن قوم جي ترتيب، ترقي توڙي تباھيءَ تي ٿين ٿا.

سنڌ ۾ اھي مڙئي اَثر ۽ نعمتون تاريخ ۽ تھذيب جي ابتدائي دؤر کان ئي موجود رھيون آھن. سنڌ، تاريخ جي سانير کان بہ گھڻو اَڳ سڌاري جي چوٽ تي پھتل ھئي، جنھن جا آثار قديم تاريخي ماڳن جي کوٽائي ۽ اَپياس مان پڌرا آھن. ھن ديس جي قديم قومن / رھواسين جا واپاري ناتا، مصر، عراق ۽ ٻين قديم ملڪن سان

Gul Hayat Institute

جيئري بہ تہ پائر ئي اجاريندا، ايرو سيرو ياءُ پنهنجو، سڳ نہ ڇڏجي ڇني، چريو ڪريو بہ پنهنجا سڄاڻي، هي ڪي اُڪي ڏُڪي جا، بي مطلب پهاڪا ڪونہ آهن، پر سؤ دفعا توريل تڪيل ۽ آزمايل، فطري دستور حيات جا اخلاقي، انتظامي ۽ عملي اصول آهن، جيڪي وڏڙا ويچارا، هر ڳالهہ جو اَڳ پوءِ جاچيندا، اَسان لاءِ نصيحت جي حيثيت ۾ ڇڏيندا ويا آهن.

ننگي مڙس، پاڙي جو ننگ بہ نڀائيندا آيا آهن، چوڻي آهي: ”پاڙا نبين کي بہ پيارا آهن“، اتي ڪڏهن بہ اَک ميري نہ ڪجي، پاڙو اَبو اَمان آهي، ڪنهن ڪميڻي ڪان ئي ڪڏهن ڪا ڪچي ڦڪي ٿي هوندي، پر انهيءَ کي لانگ چوٽو چوندا آهن. ”مينهون اهي جي پرين ساڙها، مڙس اهي جيڪي رکن پاڙا“ پاڙي پتيءَ مان ڪا نياڻي سياڻي، ڪنهن جي ڪکين لڙي آئي تہ سندس مٿي تي مائٽاڻي ٻاجهہ وارو هٿ رکي کيڪاريندا. هٿ اجرڪ ۾ ويڙهي ڏيندا آهن ۽ زائفون بہ هٿ گنديءَ ۾ ويڙهي ڏڪي ڏين. اُگهاڙو هٿ ڏيڻ کي اولي سمجهي ويندي آهي. پليڪار ڏيڻ بعد ٻيهندا ئي ڪونہ، سِڌو اوطاق تي، زائفن ۾ ويهي وات هڻڻ کي هلڪائي سمجهن. اوکيءَ ويل، هڪ ٻئي جون نياڻيون، پيٽيون سام جهلين، سام جو قدر بہ ڪميڻي کي کهڙو، پنهنجن ڄاين وارو کو سام وِهاريندو، جيڪو سؤلو ڪم تہ ڪونهي، اهو مامرو بہ کو مانجهي مهير ئي مٿي تي کڻندو ۽ انهيءَ کي منهن بہ کو مرد مٿير ئي ڏيندو. ابڙي ڄام، وير وريام، سومرن جون سامون جهليون تہ پنهنجو سر بہ ڏنائين ۽ آل عيال سميت پنهنجا ڪونڌر بہ کُهائي ڇڏيائين، پرسٽيون جتيون سومريون وري بہ سلامت ۽ امانت رکيائين. سنڌ جي آساسي شاعري اَهڙن مڙس مٿير بهادرن جي واڪاڻ ۽ واقعن سان ڀري پئي آهي. جيڪي الف ليليٰ داستان يا ماضيءَ جون مقالون ڪونہ آهن. اهي ابڙا وڏڙا، سورهہ سومرا، سخي سما ۽ سٻاجها سمات پنهنجا پونئر ڇڏي ويا

آهن. جيڪي پنهنجن وڏن جي ان ورثي کي ڪيئن سنڀاليو اَچن؟ اهو سماجي انٿروپالاجي جي حوالن سان تحقيق طلب آهي.

لوئيءَ جي لڄ ٻه هتي سر ۽ ساهه کان مٿي مڃي وئي آهي. مارئي هتي ڪا هڪڙي ڪانه ٿي آهي؟! اَڄ تائين سوين ستيون سندس پر پاڙيسريون رهنديون آيون آهن. پرائي ڀَت ۾ چير ٻڌي نچڻ کان موت سرهو سمجهن. وارثن ۽ وڏڙن جو خير گُهرن ۽ پنهنجي لاءِ دعا ته، ”رب سائين لڄ گهٽي ڏي، چمار ٿوري ڏي، سانگ سرهو ڪر.“ تڏي کي ماڻُ ڏيڻ هتي جي ريت آهي ۽ ان ريت کي پاڙي ڏيڻ کان ڪو ورلي گسندو. ”تڏي آئي تنگ نه ٿجي، توڙي هجن وير هزار“. جيڪو چار ليون لتاڙي ايندو، ان جو آڌر ڀاءُ اَوَس ڪندا. مڙسن جو تڏو سُڃ ۾ وسندي آهي، جتي ٻه چار جهوپا هوندا اُتي باهڙي پئي دکندي، ته ڀلي اَچي ڪو آيو ويو آسيس وني، جنهن پنهنجي نه ٻاري سو مڙس ئي ڪهڙو؟ مڙس ته تڏو نه ته آهي جڏو. ڪو مِزمان (مهمان) آيو ته پائيندا ته خدا جو عيوضي اَچي ويو. ننڍا وڏا، اپرا سپرا اَچي سلامي ٿيندا. ڪيڪار پليڪار ڪري هڪدم حال اَحوال وٺندا ۽ ڏيندا. جي ڪو اَڙيل هوندو ۽ ڪنهن اوکيءَ جو حال اورياڻين ته وسئون ڪين گسندا، هڙئون وڙئون مدد ڪندا ۽ ٻانهن ٻيلي ٿي بيهندا.

هيءَ ئي سنڌ ڌرتي آهي، جتي سوالين سِرَ گُهريا ته اُهي ٻه مِليَنِ. اهي ڪي اَجايون ڳالهيون نه، پر تاريخي حقيقتون آهن. ماني مولا جي آهي، چئي پنهنجي ٻچن کان ٻه اَڳ مسافر ۽ مهمان کي کارائي خوش ٿين، ايندڙ کو مانيءَ جو بکيو نه پر ماڻَ جو بکيو هوندو آهي ۽ اها ساڃهه ڪين اَکين ۾ هوندي آهي. اها اَک ڪاٽي ڪندو، پر ڏس ڪاٽي نه ڪندو. ڪير ڪنهن وٽ قسمت سان لڙي ٿو اَچي، سو ويهي ساٿس قرب ونڊيندا ۽ رس رهاڻ ڪندا. پريا مڙس پنهنجا پنهنجا اَڳوٽا آزمودا ۽ اُنهن جا نتيجا بيان ڪندي، ننڍن کي نصيحت ۽ ساڃاهه جو سبق ڏيندا، انهيءَ سان گڏوگڏ



Gul Hayat Institute

نقل نظير، ڏور ڳجهارتون، ڏٺ معمائون، نڙبيت، مولود ۽ ڪافيون پيا ڪچيندا. جيڪي نہ رڳو مزمان ڪي وندرائڻ لاءِ ٿين، پر هونئن بہ اها تڏي جي وسندي سمجهي، روزانو ريهہ رائو ڪن. ڪنهن ڏينهن وار تي ڪو ملاڪڙو، ٻيلهاڙو، ڪبتي، پڇري ڪٽڻ ۽ چنبو چڏائڻ جون مڙئي مڙساٽيون، ڪثرتون ڪن، گزڪمان جو شڪار تہ گهٽي قدر ڪٽي بندوق بيهاري چڏيو آهي، پر تنهن هوندي بہ شڪار توڙي سواريءَ جو شوق اَجا سنڌ مان ڪونہ ويو آهي.

گهوڙي سواريءَ بابت جن بہ جيڪب آباد جو جلسو / ميلو ڏٺو هجي، اُنهن ڪان پڇي ڏسو تہ ڪهڙو نہ شهسواريءَ جو اعليٰ شوق اَجا سنڌ مو پوري اوُج تي آهي. جڏهن تہ هي دؤر ايٽم، ڪمپيوٽر، ڦيٽي ۽ معلوماتي فن جو آهي. سنڌ جا گهوڙا ٻٽائتا، تہ سوار بہ ست پيڙهيا، ڪنهن سوار ڪي رڳو چوري ڏسو، ڪميت، سمنڊ، بور مشڪي، نقرو نيرو، سرخو سنجاف، روجهو، آ بلڪ، چينو، مڪڙو سڀ سنڌ جا نسلي گهوڙا آهن تن جا وري سنج ۽ سنجت، تنگ ۽ توبل، رِڪيب ۽ هنا، ڳانيون ۽ لغام، جهاٻا ۽ جهوڙا، مطلب تہ گهوڙو گڏيءَ وانگر سينگاري اَچي ميڙي جي ميدان تي بيهندا آهن. پوءِ شرط شروع ٿيندي، لغام ٽيڪڻ جي دير آهي، ڪَشيا تہ رسيا، گهوڙو گولي ٿي ويندو، تہ سوار وري پاڻ ڪي اُڏامندو محسوس ڪندو آهي. اَهڙي طرح پلا ڍڳا پچائين ۽ گوءِ رکن. گهوڙي جي سواري ۽ ميل ڪانسواءِ هتي اَتن جي سواري ۽ ميل بہ عام رهي آهي، اُٺ بَر جو ٻيڙو سنڌ جو غوراب رهيو آهي، اُٺ جي سواريءَ ڪي سنت ڪري چوَن. اهي سڀ سنڌ جون قديم روايتون ۽ ثقافتي ورثو آهن، جيڪو ٿوري گهٽي تبديليءَ سان سنڌ جا ماڻهو سانديو ۽ جاري ساري رکيو اَچن ۽ فخر سان پنهنجي ثقافتي، تهذيبي ۽ تاريخي سُڃاڻپ طور پيش ڪن.

..... ..... .....



Gul Hayat Institute

# پهاڪن جي سماجيات

(اِنسانن جو گڏجي رهڻ ئي سماج کي ناهي ٿو ۽ سماج وري انساني وهنوار ۽ زندگيءَ جي سڀ کان اَهم ضرورت ”ٻوليءَ“ جو خالق آهي. ٻولي جيڪا مختلف روپن ۽ رنگن، حيثيتن (Status) ۽ هيئتن (Forms) ۾ سماج ۾ پنهنجو ڪردار نڀائي ٿي. ٻوليءَ جا اهي روپ ٻوليءَ جي رڳو رابطي واري حيثيت ۽ تشريح کان علاوه آهن. ٻوليءَ جي ان گهڻ روپي دنيا جو هڪ اَهم روپ آهي لوڪ اَدب - لوڪ اَدب، جنهن جو خالق سماج ۽ سماج جا مختلف گروه آهن، جيڪي بغير ڪنهن اَڳ سوچيل رٿا يا منصوبي جي گڏيل تجربن جي آڌار ۽ فطري اجتماعي عمل ۽ سوچ سان لوڪ اَدب جي تخليق جو ڪارڻ بڻجن ٿا.

پهاڪو، لوڪ اَدب جي هڪ اَهم صنف آهي. هتي پهاڪي جي لغوي معنيٰ، تاريخي ارتقا، اصليت ۽ لسانياتي اَهميت تي روشني وجهندي، سنڌي سماج جي حوالي سان بحث ڪيو ويو آهي.)

اَسان جو عوامي اَدب، جنهن کي لوڪ اَدب سڏيون ٿا، اصل ۾ اَسان جو قديمي ۽ قيمتي، فطري ۽ بنيادي اَدب آهي. جنهن ۾ عوام جي عادتن، حالتن ۽ طبعي طور طريقن، سماجي روين ۽ سماج ڏانهن جوابدارين جو بيان آهي. انهيءَ جو ابتدائي پس منظر جاچڻ لاءِ تاريخ تي نگاهه ڪبي ته، معلوم ٿيندو ته هن ملڪ ۾ سدائين کي ساڳيون سياسي ۽ سماجي حالتون ڪين رهيون آهن. هزارين سالن جي ڏگهي عرصي ۾ ڌار ڌار خاصيتون واريون قومون، هڪ ٻئي پٺيان پنهنجو پنهنجو وارو وڄائينديون پئي آيون آهن. مثلاً حبشي ۽ حامي، سميري ۽ سامي، آريا ۽ ايراني، يوناني ۽ توراني، ساڪا ۽ سٿين، پهلوا ۽ پارٿين، ڪوشان ۽ ساساني، عرب ۽ افغاني وغيره، جن مان هرهڪ پنهنجي پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ هتي نئين سج نوان چلامان چالو ڪري مقامي ماحول ۾ نت نوان تغير ۽ تبديليون پيدا پئي ڪيون آهن. هرڪنهن فاتح قبيلي، فقط

Gul Hayat Institute

پنهنجي ئي قبائلي مذاق ۽ تمدن کي فوقيت ڏيندي، ان کي ساري جڳ جو معيار ٻڌائي، هر اَڳئين اَدب ۽ روايت کي پنهنجي شاهي مجلسن مان ڌڪي ٻاهر پئي اُڇلايو آهي. پر ڪنهن ڳالهہ ۾ جيڪڏهن زنده رهڻ جي ٿوري بہ صلاحيت موجود آهي تہ ان کي بيشڪ بقا آهي. Survival of the fittest جي اصول تحت ئي هرڪنهن عهد جي فاتحن جون ڪي رد ڪيل روايتون وري سماج ۾ عوام جو اجتمائي آواز بڻجي، عوامي اَدب جي ڪشڪول ۾ ڪٺي ٿينديون پئي آيون آهن. اَهڙي طرح هر گذريل دؤر جو معياري اَدب وري ايندڙ هر زماني ۾ ڦري ”لوڪ اَدب“ پئي بڻيو آهي. اهو قديم اَدب (لوڪ اَدب جي حيثيت ۾ ئي سهي) بجاءِ فنا ٿيڻ جي، ويتر گڏيل وياج وانگي ويجهندو ۽ بنيادي گنج ۾ ٻيا گنج گڏيندو پئي آيو آهي.

اَسان جو فطري ۽ روايتي لوڪ اَدب، انهيءَ ڪري ڪيترين ئي قومن جي گڏيل فڪر ۽ مسلسل جدوجهد جو هڪ مرڪب آهي. اَسان جو لوڪ اَدب عوام جي عادتن ۽ حالتن، طورطريقن، رسمن رواجن، اُٿڻ ويهڻ ۽ وندر ورونهن جو هڪ وسيع ذخيرو آهي، جنهن ۾ اَسان جون نسلي خاصيتون ۽ دماغي لياقتون، طبعي لاڙا ۽ نفسياتي رجحان، گذر معاش جا ذريعا، ملڪي ماحول، سياسي نظام ۽ سماجي گهاڙيٽي کان علاوه قديم تاريخي آثار بہ موجود آهن. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ اَڄ لوڪ اَدب کي قومي حيثيت حاصل آهي پر اَسان جي لوڪ اَدب کي فقط قصا ڪهاڻيون، نقل نذير، ڪِل خوشي، ڳائڻ وڄائڻ ۽ شادين غمين جون رسمون ئي تصور ڪيو پيو وڃي. ٻيو تہ ٺهيو، رُڳو اَسان جا پهاڪا ئي ڪٽي ڏسو، جيڪي عوامي اَدب جو هڪ خاص حصو بلڪ بنيادي جز آهن، پهاڪا، لوڪ اَدب ۾ نہ رڳو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهن، پر اَڳئين جڳ کي جاچڻ لاءِ بہ چڻ تہ آرسي آهن، جن ۾ عام سماجي حالتن کي جاچڻ کانپوءِ گذريل زماني جي تصوير بہ چٽي طرح چڪاسي سگهجي ٿي.

Gul Hayat Institute

اَسان جي قديم ۽ فطري زبان سنڌي ٻوليءَ جي پهت پچار مان پتو پوي ٿو ته، اها چوڻين ۽ پهاڪن سان اِئين سينگاريل آهي جيئن نيرو آڪاش تارن سان يا ڄڻ ڪو شاهي تاج ڪنهن وينجهار ويهي جواهرن سان جڙيو آهي. هنن املهه موتين ۽ جواهرن جي حسن جي پچار پوءِ ڪبي، پهرئين هن ڳالهه کي پَهيون ته پهاڪو خود آهي ڇا؟

**پهاڪي لفظ جي معنيٰ:** پهاڪو لفظ اصل ۾ آهي ”پهه + ڪيو“ يعني ويچار ڪيو ۽ فيصلو ڪيو، جيئن شاهه صاحب چيو آهي ته:

”پتنگن پهه ڪيو، مڙيا مٿي مچ“

پتنگن پهه ڪيو يعني پڪو اِرادو ڪيو يا آخري فيصلو ڪيو. عام طرح سان به پهه پچائڻ جي معنيٰ آهي، پوُرَ پچائڻ يا خيال پچائڻ يعني عقل هلائڻ، غور فڪر ۽ ڳڻ ڳوت ڪرڻ. حقيقت ۾ هن لفظ جو بنياد آهي ”پهه“ يعني خيال، رِٿ جنهن مان ٿيو پهاڪو. جيئن ڏهه، تنهن مان ڏهاڪو، ساڳي طرح سان ئي ڦهڪو، رولاڪو، ڦٽاڪو ۽ ڌماڪو وغيره به اِئين ٿيا آهن.

دراَصل اَڳئين جڳ ۾ ڪنهن ڏاهي، ڪو پيچيدو مسئلو پهي، ان جو ڪو آسان حل ٻُڌايو ته اهو ساڳي ٻولي واپرائيندڙ عوام لاءِ پوءِ مشهور پهاڪو بڻجي پيو. مثال: ”سونٽي هجي ساڻ، ته گڏهه گوهي نه ڪري“. اَهڙي طرح ئي ڪنهن اوکيءَ ويل جي ڇئن ڇڳن گڏجي ڪو مُنڊل معاملو پاڻ ۾ ويهي پهيو، ۽ اِتفاق راءِ سان ان جو ڪو دائمي فيصلو ڪري ڇڏيو، ته اهو فيصلو پڻ پوين لاءِ مڃيل پهاڪو مقرر ٿي ويو. مثال: ”اهو ڪي ڪجي جو اوکيءَ ويل ڪم اَچي.“ تنهنڪري پهاڪي جي معنيٰ آهي: ڳُٽيل ڳوتيل ڳالهه. سوچيل سمجهيل نقطو ۽ توريل تڪيل فيصلو. يعني مڃيل اصول قاعدو يا قانون، جنهن جي جامع لفظن ۾ ڪا مصلحت، حڪمت، ڪا دانائي، ڪا نصيحت ۽ هدايت هجي.

(The wisdom of many and the wit of the one)

Gul Hayat Institute

شاهه صاحب به، پهاڪي جي اها ئي معنيٰ ورتي آهي. سسئي جي واتان هڪ وائيءَ ۾ چوايو اٿس، ته:

”آتڻ وڃهي آڳ ۾، پڇنديس پوءِ پهاڪو.“

يعني ته اَول آتڻ ڪي ئي ساڙي ختم ڪري، پوءِ جي پاڙي پتيءَ کان پهه پڇبو، ته ڪو به آتڻ ۾ ويهڻ جو ڏس ۽ صلاح ئي ڪونه ڏيندو.

**پهاڪي جي قدامت:** اهو ته ظاهر آهي ته اهي پهاڪا شاه صاحب ۽ معلوم قديم شاعريءَ کان گهڻو اَڳ هلندڙ هئا. پهاڪا ان زماني کان چالو ٿيا آهن، جڏهن اِنسان گڏجي رهڻ شروع ڪيو ۽ گڏجي رهڻ ڪري مسئلا پيدا ٿيا ۽ اِنسان ذات، پنهنجي معاملن ۽ مسئلن کي سوچڻ ۽ سنوارڻ شروع ڪيو. اهي مسئلا اَڪيلي سر به ڪي سياڻا سنواريندا رهيا، ته بعضي وري باهمي سمجهوتي سان به حل ٿيندا پئي آيا آهن. مثال: ڪنهن عام ماڻهوءَ يا راڄ جي چڱي مڙس بي شادي ڪرڻ چاهي هجي ۽ ڪنهن پريي مڙس يا چوياريءَ کان صلاح ورتي هجئين، پوءِ ڪنهن فيصلو يا صلاح ڏيندي چئي ڏنو هجي ته، ”ٻن ترارن جاءِ، ناهي هڪ مياڻ ۾“، اهو ٻن تراريـن وارو پهاڪو شاه لطيف وري هيئن اِستعمال ڪيو آهي:

”خودي ۽ خداءِ، ڪيئن مائيندا من ۾،
ٻن ترارين جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾.“

ڪنهن به پهاڪي لاءِ اَڄ پڪ سان چئي نه سگهبو، ته اهو ڪنهن چيو ۽ ڪهڙي زماني ۾ چيو. حڪيم سقراط، وتائي فقير، شيخ چلي، بيربل، شيخ سعدي ۽ لقمان حڪيم جا نقل، روايتون، واقعا، ناصحانه ۽ فيلسوفيانه نقطا ۽ ٽوٽڪا ته گهڻا آهن، پر ڪوبه پهاڪو انهن ڏانهن منسوب نه آهي، ڇو ته اهي بلڪل ئي قديم زماني کان چالو ٿيا آهن. سميري زبان جو هڪ پهاڪو، ٺڪر جي تختيءَ تي لکيل، عراق مان مليو آهي: جيڪو اَڄ کان پنج ست هزار سال پراڻو آهي:

Gul Hayat Institute

The shesh-grain of thirty days did not exist,
The shesh-grain of forty days did not exist,
The small grains, the grain of the contain,
The grain of the pure living creature, did not exist.

هن پهاڪي ۾ ان جي سگهي پچڻ ۽ دير سان پچڻ وارين جنسن (جَوَ ۽ ڪڻڪ) جي سُڃاڻپ سمجهايل آهي. اهو پهاڪو ان زماني جو يادگار آهي، جڏهن اِنسان ذات، اَڃا پنهنجي اُتم ڏنڏي، يعني اُتم کيتيءَ جو مس آغاز ڪيو هو، تنهنڪري اِنسان ذات جي گڏيل فڪر جو مرڪز پڻ پوک هئي. پوک بابت اَهڙو ئي پهاڪو سنڌيءَ ۾ بہ اُسريو تہ:

**ست پچي سنڙي ۽ سؤ پچي جئار،**
**جي تنهن کان هاري تکڙو ٿئي، تہ لاهن پاڙون نهار.**

يعني تہ ٻاڙهي ڪُنڍي جُوار ست ڏينهن ۾ ئي پچي راس ٿئي. باقي سڌي سنگ واري اَڇي جوئر، سا تہ سؤ ڏينهن کان بہ پوءِ لهي، پر جي هاري ان لاءِ آتو ٿئي، تہ وڃي لاهن جي پاڙن وٽ ونسريل سنگ نهاري. (لاهن جي پاڙن وٽ قدرتي طرح پاڻ ڪنو ٿيل هوندو آهي، جنهن جي طاقت تي فصل جلدي تيار ٿيندو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هي سنڌي پهاڪو بہ اُن سميري پهاڪي جو ئي ساٿاري هجي! مطلب تہ اهي پهاڪا، هزارين پيڙهين جي تجربن جو نتيجو آهن ۽ ايامن جي آزمائش کانپوءِ وڃي، مقبول عام ٿيا آهن ۽ هاڻي تہ وڃي سَنَدَ جي حيثيت حاصل ڪئي اَٿن. شام جي قديم يهودين تہ هميشہ ئي پهاڪن جي پاڪائي ۽ برڪت کي مذهبي حيثيت سان پئي مڃيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي عبراني چوٽيون حضرت سليمان عليہ السلام (973- قبل مسيح) جا حڪيمانہ قول آهن. جيڪي سڄي دنيا ۾ سياڻي 'سليمان جا سخن' سڏجن ٿا. جڏهن تہ انهن ۾ ڪيترائي اَهڙا پهاڪا بہ قبول ڪيل آهن، جيڪي حضرت سليمان کان اَڳ اُر، نيپور ۽ بابل ۾ هلندڙ هئا. سپ کان پهرين عراق ۾



DIAMOND JUBILEE
Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute

# IN MEMORIAM

In un-forgettable & ever lasting memory of my dearest and nearest ones, who left for their heavenly abode



شريمان ڪرشڻ هيمراجاڻي

1) (Shri) Ram Jethanand Hemrajani (Brother)
2) (Kumar) Kala Jethanand Hemrajanni (Sister)
3) (Kumari) Chandra Pahlajrai Gidwani (Sister in Law)
4) (Kumari) Indra Pahlajrai Gidwani (Sister in Law)
5) (Shri) Mohan Pahlajrai Gidwani (Brother in Law)
6) (Shrimati) Ganga Pahlajrai Gidwani (Mother in Law)
7) Shri Pahlajrai Sakhatwatrai Gidwani (Father in Law)
8) (Shrimati) Heerabai Fatehchand Khilnani (Mammi)
9) (Shri) Doulat Parsram Tahilramani (Cousin)
10) (Prof.) Naraindas Newandram Batheja (Guruji)
11) (Kumari) Sundri Dalpatrai Khilnani (Cousin)
12) (Shri) Makhanlal J Shishoo (Friend)
13) (Ms.) Balani. P. A. (Friend)
14) (Madame) Sophai Wadai (Friend)
15) (Dewan) Kauromal Chandanmal Khilnani (Maternal Grand-Father)
16) (Dewan) Jethanand Hasdhmatrai Hemrajani (Father)
17) (Shrimati) Hetibai Jethanand Hemrajani (Mother) (Expired on 2-1-1939)
18) (Shri) Mansing Chuhermal Balchandani (Brother in Law) (Expired on 27-12-1981)
19) (Shrimati) Leelawati Mansing Balchandani (Sister) (Expired on Feb. '96)
20) (Prof.) Maanohardas Kauromal Khilnani (Maternal Uncle)
21) (Barrister) Fatehchand Kauromal Khilnani (Maternal Uncle)
22) (Shrimati) Saraswati Parsaram Tahilramani (Massi) (Exp. on 25-1-1997)
23) (Shri) Shewaram Hashmatrai Hemrajani (Uncle)
24) (Shri) Himmatsingh Hashmatrai Hemrajani (Uncle)
25) (Shri) Dalpatrai Kauromal Khilnani (Maternal Uncle)
26) (Shri) Parsaram Vishinshing Tahilramani (Maasar)
27) (Shrimati) Lakhibai Jaswantrai Hemrajani (Cousin)
28) (Doctor) Kalyandas Shewaram Hemrajani (Cousin)
29) (Shri) Vishindas Shewaram Hemrajani (Cousin)
30) (Shri) Mohandas Shewaram Hemrajani (Cousin)
31) (Kumari) Mira Mansing Balchandani (Sister's Daughter)
32) (Shri) Kishin Dalpatrai Khilnani (Cousin)
33) (Shrimati) Mira Krishin Hemrajani (Wife)
34) Kamla Jethanand Hemrajani (Sister)

**Hemrajani Krishin Jethanand** B.A. (Hons.) (Economics)

Add : B-38 / 150, Siddarth Nagar, Goregaon (W), Mumbai - 400 104.



Gul Hayat Institute

سميري زبان جي پهاڪن جو مجموعو نيپور شهر ۾ اٽڪل 1834 قبل مسيح ڌاران مليو.

عربي اَدب جي تاريخ ته پهاڪن سان ئي شروع ٿئي ٿي. مگر چيني اَدب ۾ پهاڪا عيسوي سنه کان به گهڻو پوءِ قلمبند ڪيا ويا آهن ۽ اَسان جي سنڌي اَدب ۾ ته اَجا فقط شروعات ٿي رهي آهي. جيتوڻيڪ ڪن اَديبن ٿورا گهڻا پهاڪا گڏ ڪري ڇپايا به آهن، پر انهن جي ''پاڙ'' پڌري ڪيل ئي ڪانهي. انهيءَ بجاءِ رُڳو هرهڪ پهاڪي جي اَلڳ اَلڳ سمجهاڻي ڏني ويئي آهي. پهاڪن تي ڪيل اَهڙي ڪم ۾ سرفهرست ديوان ڪوڙيمل جو ڪم آهي، جنهن جا گڏ ڪيل پهاڪا ''سنڌي پهاڪا'' نالي سان 1889ع ۾ ڇپيا. ان کان پوءِ روچيرام گجومل جو 'اي هينڊ بوڪ آف سنڌي پراوربس' 1892ع ۾ اَنگريزيءَ ۾ ڇپيو. هن ڪتاب جو مقصد، سنڌي ٻوليءَ جي ابتدائي گرامر ۽ انسٽرڪٽرن وارو هو ته سنڌ ۾ نوڪري ڪندڙ اَنگريزن کي سنڌي ٻوليءَ جي وڌ ۾ وڌ ڄاڻ ڏجي. 1905ع ۾ ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻيءَ جو 'گل شڪر' ۽ 1925ع ۾ مرزا قليچ بيگ جو 'پهاڪن جي حڪمت'، ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ 'سنڌي پهاڪن جي پيڙهه' ۽ 'گلقند' ٻن ڀاڱن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو، جڏهن ته غلام اصغر جو 'ڪٽمنڙا' محاورن جو ڳٽڪو 1956ع ۾ شايع ٿيو ۽ عبدالڪريم سنديلي 'پهاڪن جي پاڙ' 1966ع ۾ 'اصطلاحن جي اصليت' 1977ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا. اَهڙي طرح ڀارت جي ڪيترن سنڌي عالمن پڻ پهاڪن جا مجموعا ترتيب ڏيئي ڇپايا آهن.

**سماجي تبديلي ۽ پهاڪا:** اها ته هڪ مڃيل حقيقت آهي ته ڪنهن به قوم جون سماجي حالتون هميشه ساڳيون ڪونه رهيون آهن، پر مختلف تاريخي ۽ سياسي اَثرن ڪري سماجي تاڃي پيٽي ۾ فرق ايندو رهيو آهي. جيئن زرعي سماج مان صنعتي سماج ڏانهن تبديلي، گڏيل ڪٽنب جي ورهايل ڪٽنب يا نيوڪليئر

Gul Hayat Institute

(Nuclear) ڪٽنب ۾ تبديلي، وقتي ۽ سماجي تبديليءَ جي اهم ضرورت بڻجي ويئي آهي. اَهڙي طرح سماج ۾ سماجي قدرن جي تبديلي سماج جي اَدب، روايتن، عقيدن ۽ اصولن ۾ به تبديلي آڻيندي آهي. هڪ وقت جي سچي حقيقت ٻئي وقت ۾ پنهنجي اَهميت وڃائي ويهندي آهي. جهڙي طرح سنڌ جي زرعي سماج ۾ هي پهاڪو ته، ”عورت ته گهر، مرد ته هَرُ“، سماجي قدرن جي تبديليءَ سان پنهنجي اَهميت وڃائي. ’عورت ته آيٺ، مرد ته کيٺ‘ ۾ تبديل ٿي ويو. هاڻي جڏهن عورت جي گهر ۾ رهڻ ۽ گهر ۾ ئي ڪم ڪرڻ ۽ چرخي هلائڻ واري حيثيت تبديل ٿي رهي آهي ۽ اَسان جي موجوده سماج ۾ عورت تعليم حاصل ڪرڻ ۽ آفيسن، بئنڪن ۽ ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتي آهي ۽ مرد به رڳو هر هلائڻ ۽ کيتيءَ جي ڪم ڪار تائين محدود ڪونه رهيو آهي، تڏهن اهو پهاڪو اَسان جي قديم سماج جي عڪاسي ته ضرور ڪري ٿو پر موجوده سماجي قدرن سان ٺهڪي ڪونه ٿو اَچي.

قديم زماني جا قبول ڪيل ڪيترا پهاڪا، نين حالتن هيٺ پنهنجي محيل ۽ مستند حيثيت کان هٽندا يا حيثيت وڃائيندا رهن ٿا ته وري ڪيترا پهاڪا هر دؤر ۾ (بشرطيڪ ساڳئي نموني جا تاريخي سماجي ۽ سياسي واقعا ٿيندا رهندا هجن) پنهنجي حيثيت ۽ اَهميت برقرار رکندي سماج جي نمائندگي ڪندا رهن ٿا. مثال طور هن پهاڪي، ”آئي ٽانڊي ڪاڻ، بڻجي ويٺي ٻورچاڻي“ جي تجزيي ڪرڻ مان معلوم ٿيندو ته هي اِن دؤر جي تاريخي، سياسي ۽ سماجي واقعي جو اهڃاڻ آهي، جڏهن ٻاهران ڌاريان ماڻهو مدد گهرڻ جي بهاني ملڪ ۾ گِهڙي آيا ۽ پوءِ وارث بڻجڻ جون دعوائون ڪري قبضو ڪيائون، جيئن پورچوگيزن مدد جي بهاني اَچي، پوءِ قرلت ڪئي يا اَنگريزن واپار جي سانگي اَچي، نه رڳو ملڪ جي اقتصاديات تي قبضو ڪيو، پر قابض ٿي حڪومت ڪئي. اَهڙي طرح جيڪڏهن موجوده سنڌي سماج جو

Gul Hayat Institute

جائزو وٺبو تہ هندستان کان آيل پناهگيرن، پناه جي ڀاڃي اَچي، قبضو ڪيو آهي، تنهنڪري هي پهاڪو اَڄوڪي سماج توڙي موجوده سماج ۾ پنهنجي اصل معنيٰ مفهوم ۽ مقصد سان پنهنجي حيثيت ۽ اَهميت برقرار رکيو بيٺو آهي.

هڪ ٻيو مثال، 'پارسي گهوڙي چاڙهسي' جو آهي، جيڪو سنڌ جي ان وقت جي سماج جي عڪاسي ڪري ٿو، جڏهن ڌاري ٻولي فارسيءَ کي ماڻهن جي مقامي ۽ فطري ٻوليءَ تي فوقيت حاصل هئي ۽ فارسي سکڻ وارو ئي سرڪاري دربار يا نوڪريءَ تائين رسائي حاصل ڪري سگهندو هو. هي پهاڪو ٿي سگهي ٿو تہ سنڌ تي ارغونن، ترخانن يا وري ميرن جي حڪومتي دؤر ۾ ٺهيو هجي، پر جڏهن اَڄ جي سنڌي سماج ۾ ڪو حساس ۽ باشعور ماڻهو سماج ۾ ٻوليءَ جي مسئلي جو جائزو وٺندو تہ ڏسندو تہ، سنڌي سماج ۾ اَڄ بہ ڌارين يعني ٻاهرين آندل ٻولين اُردو ۽ اَنگريزيءَ جو سرڪاري مقام (Official Status) ماڻهن جي فطري ٻولين کان مٿانهون آهي ۽ انهن جي ڀرپور ڄاڻ ۽ علم ئي وڏين سرڪاري نوڪرين جا دروازا کولي ٿو. اَهڙي طرح سماج ۾ وڏين تبديلين جي باوجود جيڪڏهن موجوده سماجي حالتن ۾ ڪو خاص ڦيرو ڪونہ ٿو اَچي تہ اَڳ جا قائم ٿيل پهاڪا ۽ ناصحاڻا نقطا، پنهنجي اَهميت ۽ معنيٰ برقرار رکن ٿا. پهاڪا، پراڻا هجن توڙي نوان حڪيمانہ قول ۽ سياڻن جا ٻول آهن. هڪڙي طرف تہ هي عوامي زندگيءَ جو آئينو آهن، جن ۾ جهوني جڳ جون جهلڪيون بہ موجود آهن، تہ عام تهذيب ۽ تمدن جي تصوير بہ تمام چٽيءَ طرح سان چٽيل آهي، وري ٻئي طرف، هي بامقصد ۽ پُر معنيٰ پڻ آهن، جن ۾ هر قدم تي ڪا نہ ڪا هدايت ۽ رهبري بہ موجود آهي.

پلي بک پرم جي، شال نہ وڃي شان،
الله ڏي ايمان، تہ گوڏا ڏيئي گذارجي.

جيئن تہ هي اِنسان ذات جي ڪيترين ئي پيڙهين جي

Gul Hayat Institute

لاڳيتي سوچ ويچار جو ثمر ۽ ايامن جي غور فڪر جو گويا نچوڙيل عرق ۽ انساني عقل جو چڪايل جوهر آهن، تنهنڪري هر پهاڪو، ڇڻ تہ سچي قوم جو ئي گڏيل فيصلو آهي. انهيءَ ڪري ئي هن جي دائمي حيثيت بہ گويا لوهہ تي ليڪو آهي، يا هيئن ڪٿي چئجي تہ ڄڻ انسان ذات جو اَڻ لکيل آئين، زباني قانون ۽ فطري دستور آهي، سو بہ اِئين آهي، جو مُنڍيءَ تي ٽِڪَ. سؤ ڳالهين جي هڪ ڳالهہ، تہ هي دانائيءَ جو دفتر (Wisdom Literature) آهي، جنهن ۾ اِنسان ذات جي حڪمت عمليءَ جا عجيب اهڃاڻ آهن. جن جي ذريعي آڳاٽي توڙي موجوده سماج ۽ سماجي روين جو چڱيءَ طرح سان مطالعو ڪري سگهجي ٿو.

**پهاڪا ۽ شاعري:** پهاڪن جي پهت پچار مان هڪ اَهم نقطو نروار ٿئي ٿو جو پڻ سوچڻ جي لائق آهي تہ پهريل ڳالهہ ۾ اهو ئي پهہ آهي، جنهن کي جيڪر جديد شاعريءَ وارو 'شعور' چئجي. پهاڪا انهيءَ ڪري قديم شاعري ۽ بنيادي سگهڙپائيءَ جو بہ سهڻو نمونو آهن. هي پهاڪا، لکت جي شروعات کان بہ گهڻو اَڳ چالو ٿي چڪا هئا. اَڳئين زماني ۾، تعليم جو عام طريقو بہ، رڳو زباني طرح ياد ڪرائڻ وارو ئي هلندڙ هو. مهاتما گوتم ٻڌ جا پوئلڳ اهم نڪتا ورجائيندي ۽ دهرائيندي، انهن کي هر وقت پنهنجي لئہ ۾ لوندا ۽ جهيل سان جهونگاريندا هئا. انهيءَ لاءِ تہ هي آسانيءَ سان ذهن نشين ٿي وڃن، اَهڙين ئي تنوارن مان ترتيب وٺندي، سريلاست ۽ ٻَيا اُسرندا آيا، جيڪي پانت پانت جي پکشوئن جو ورد بڻيا.

قبائلي پيشوا توڙي خاندان جا بزرگ پنهنجن پوين کي پنهنجو موروثو علم ۽ سندن ذاتي آزمودا يا ڪي خاص هدايتون، اَهڙين ئي موزون چوڻين ۾ برزبان ياد ڪرائيندا هئا. اَهڙي ضرورت جي مدنظر هي پهاڪا بلڪل ئي مختصر، مائيدار ۽ موزون لفظن ۾ پوتل آهن، انهيءَ ڪري تہ ياد ڪرائڻ ۾ سهنجائي ٿئي.

Gul Hayat Institute

گهڻو ڪري تہ سيني پهاڪن ۾ قافيو آهي ئي آهي ۽ ڪيترا تہ ٿهيل ئي وزن تي آهن، جيڪي ويچارين وڏيون تہ وڏي ڊار ۽ جهيل سان جهولائي چونديون آهن.

اَبي چاڙهي، اَدي چاڙهي،

مون نہ چاڙهي، ڪنهن نہ چاڙهي.

اِنسائيڪلوپيڊيا آف برٽينيڪا ۾ پهاڪن جي بيهڪ ۽ بناوت يا هيئت (Form) کي خاص اَهميت ڏنل آهي. وڏي ڳالهہ تہ قصن ڪهاڻين ۾ بہ ڪيترائي پهاڪا وڏن ۽ خاص واقعن جون يادگار چوڻيون، ''ڳاهن'' طور ڳايل آهن. خانہ بدوشيءَ واري شڪاري دؤر ۾ اُسريل 'مريءَ مڱ ٽر ماريو، واڌو ڏسي وار' پهاڪي ۾ 'مڱ ٽر' ۽ 'مري' جو مشهور داستان سربستو ئي سمايل آهي. ساڳي طرح دودي سومري جڏهن چنيسر جي حق ۾ حڪومت ڇڏڻ جو ارادو ڪيو، تڏهن درٻاري دانائن مسئلو پهي ڪيس فيصلو ڏنو تہ ''راڄ نہ ڏجن مڱيا، مڱيا ڏجن ڏاند.'' ويچاري ڏومڻ سوناري جي پٽ جڏهن راجا دلوراءِ جي ڌيءُ راجڪماري سهائيءَ سان نينهن لاتو، تڏهن پڙس ڪيس سياڻن جو 'سخن' ياد ڏياريو تہ:

''اَڪُ نہ ڪاجي ڏنڊڻو، سَپُ نہ ڪاڻجي ماهہ،

اِتُ نہ لائجي نينهڙو، جتي ٿئي جيءَ وَٽاهہ.''

ڏومڻ سوناري واري آکاڻيءَ ۾ هي مشهور 'ڳاهہ' بہ آلاپيندا آهن تہ:

سچ تہ بيٺو نچ، ادا ڙي ڪارو منهن ٿئي ڪوڙ،

سچن ملندو سچ سکهو ۽ ڪوڙن پوندي ڌوڙ.

حقيقت ۾ هي لاجواب پهاڪو آهي، پر آکاڻيءَ ۾ ڳاهہ وانگر جهونگاربو آهي. اَهڙي طرح گذريل زماني جي ڪن وڏن واقعن جون يادگار چوڻيون بہ آهن تہ ''سپ نہ ماري، سپ جو سراپ ماري''، هي موڪي ۽ متارن جي آکاڻيءَ جو مرڪزي نقطو آهي.

اَچا بہ جيڪڏهن اَسين جاچي ڏسنداسين تہ ڪن شاعرن جي ڪلام جون ڪي تڪون ۽ سٽون اَڄ بہ پهاڪن طور پيون ڪم اَچن!


Gul Hayat Institute

اَگرچ اهي پهاڪا اَڳي ئي هلندڙ هوندا، ۽ پوءِ جي شاعرن وري، ساڳيا ئي پهاڪا نئين سر ويهي پنهنجي ڪلام اَندر جڙيا آهن، جيئن شاه صاحب جو هي بيت:

''سِڪَ ناهي سُٽري، ڪڻ پروڙي پيرُ،
ڪُسڻ ڏاران ڪيرُ، ڪري سَڌَ سِڪڻ جي.''

هن بيت جي پهرئين سٽ عام طور تي پهاڪو ٿي اِستعمال ٿيندي آهي. جڏهن ته اها پڪ آهي ته پهاڪا شاه صاحب کان گهڻو اَڳ ئي هلندڙ هئا، مطلب ته ان پهاڪي کي شاه صاحب پوءِ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪم آندو آهي. اَهڙي نموني شاه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترائي اَڳ رائج ٿيل پهاڪا، جيئن جو تيئن ڪم آندا آهن:

اک التي ڏار، ونءُ التو عام کان،
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وه اوپار،
منجهان نوچ نهار، پر پنيرو پرينءَ ڏي.
.....
وڪر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نه ٿئي،
ويچيندي ولايت ۾، ذرو ٿئي نه ضاع،
سا ڪا هڙ هلاءِ، اڳهه جنهن جي الُهين.

ساڳي طرح خليفي نبي بخش 'قاسم' پڻ ڪيترا مروج پهاڪا پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪم آندا آهن:

جني پڪا اوڏڙا، سيڻ ڪچن سيئي.

ڪبير شاه بيلي واري جون ته ڪيتريون ئي حڪمت ڀريون حڪايتون اَهڙن ئي حڪيماڻن قولن جي جڙاءَ سان جڙيون آهن. هينئين ڪلام جي هرهڪ سِٽ پنهنجي جاءِ تي هڪ مڪمل پهاڪو آهي.

نصيحت تنهن نادان کي ڪري ڪين اَثر،
ڪَلرَ مان ڪين ٿئي توڙي جام پيارينس جَرُ،

Gul Hayat Institute

ڇيڙي نبيري، ڏيتي ليتي، آچار ويچار ۽ نياءُ نبيري ۾ وڏي واهر پئي ڪئي آهي. ”تڏي آئي تنگ نه ٿجي، توڙي هجن وير هزار“. انهيءَ ڪري عوام جا اَڳواڻ ۽ وقت جا سڄاڻ ماڻهو ته سدائين انهن کي عوام جي ڀلي خاطر، سنئين دڳ لائڻ لاءِ، پنهنجي تنوارن ۽ جهونگارن ۾ جيئرو رکندا پئي آيا آهن، مثال طور:

ڀلي ٻک پرم جي، شال نه وڃي شان،
الله ڏئي ايمان، ته گوڏا ڏيئي گذارجي.

جڏهن کان جابر ۽ ظالم بادشاهن جو دؤر ڇالو ٿيو ته انهن وري پنهنجي مطلب جا قاعدا لڳائي ماڻهن تي مڙهڻ ڇالو ڪيا ۽ عوام جا اَڳواڻ ۽ سماجي سڄاڻ به ٻڌجي، ٿڌا ۽ ماٺا ٿي رهيا، ته پهاڪن جي پڇار به ٽري وئي، تان جو پهاڪن جي پڇار ۽ انهن جي گونج ۽ غنا پڻ ٻُجهي ۽ ٻُٽجي منجمند بڻجي ويئي. انهن جو آلاپ ۽ سُر هميشه لاءِ فنا ٿي چڪو ۽ هاڻي هيءَ ختم ٿيل زماني جي شاعري آهي، جيڪا جڻ ته جمي پٿر پهڻ (Fossil) بڻجي چڪي آهي، سا انهيءَ پٿر پهڻ واري حالت ۾ ئي اَڄا يادگار طور باقي آهي.

**پهاڪن ۾ حڪمت:** هي پهاڪا، انسان ذات جي ڪيترين ئي سلسليوار پيڙهين ۽ ايامن جي لاڳيتي غور فڪر ۽ سوچ ويچار جو ثمر، جڻ ته نچوڙيل عرق ۽ ڇٽيل جوهر آهن. اَسين ڳالهه ڳالهه تي ڪو نه ڪو پهاڪو، پنهنجي ڳالهه کي ٽيڪ ڏيارڻ لاءِ، پنهنجو مطلب چٽو ڪري سمجهائڻ واسطي، ڪنهن نقطي جي وضاحت خاطر، يا سچي ڳالهه جي ثابتيءَ ۽ سَنَدَ طور پيش ڪندا آهيون. بيڪن پهاڪن کي ’گفتگو جا تيز هٿيار‘ (Edged Tools of Speech) ڪري سڏيو آهي. مثال طور، ڪنهن ماڻهوءَ کي گهڻو اولاد آهي ۽ وڏا ٿي سڀ نااهل ۽ بيڪار ثابت ٿا ٿين ۽ پنهنجي پيدا ٿيڻ کي ئي ماءُ پيءُ جي غلطي ٿا سمجهن، ته جيڪر هو نه ڄمن ها، نه ڏکيا ڏينهن ڏسن ها. ان تي ڪنهن سياڻي ڪيڏو نه نهڪندڙ نقطو بيان ڪيو آهي، ”ماءُ ڄڻيندي پٽڙا، ڀاڳ نه ڏيندي ونڊي.“ يا وري ڪو ماڻهو پيٽ جي دوزخ ڀرڻ لاءِ نيچ کان نيچ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي

Gul Hayat Institute

وڃي ته اَهڙي موقعي تي ڪنهن سياڻي جو هي سخن پنهنجو مت پاڻ آهي، ”بڪ بڇڙو ٻول، داناءَ ديوانا ڪري“. پهاڪا، سنڌ جي عوامي زندگيءَ جو آئينو آهن، جن مسنڌ جي عوام جون نسلي خاصيتون ۽ دماغي لياقتون، سنڌن طبعي لاڙا ۽ فطري رجحان، ملڪي ماحول ۽ راڄنيتي وايو منڊل (سياسي نظام) گذر معاش جا طور طريقا ۽ قديم تاريخي اهڃاڻ آهن. مطلب ته سنڌي سماج جي گڏيل سوچ ۽ تاريخي ارتقا سمجهڻ لاءِ، سماج ۾ واپرائجندڙ پهاڪن جو علمي، فڪري ۽ سماجياتي اَڀياس ئي ڪارآمد هٿيار ثابت ٿي سگهي ٿو. پهاڪا پراڻا هجن توڙي نوان، سيئي معنيٰ خيز ۽ پُر مقصد آهن، هي عاقلن جا قول ۽ سياڻن جا ٻول آهن:

**ڏاتار ات مڱڻا، سر ات هنس،**

**راڄا ات رهاڻيون، مورک ات بحث.**

هي قديم زماني جي انساني حڪمت عمليءَ جا عجيب اهڃاڻ آهن، جن تي پراڻي زماني جي بنيادي فلاسافي، توڙي جديد فلسفي جو بنياد رکيل آهي. جيڪو ٻوليءَ توڙي سماج جي تاريخي ارتقا ۽ لسانيات جي اَڀياس لاءِ تاريخي ۽ ثقافتي مواد مهيا ڪري ٿو. هي پهاڪا چڱن جون چوٽيون آهن، جن ۾ اَوَس چڱائي ۽ سماج ڪي سمجهڻ لاءِ صحيح حڪمت عملي آهي، چين ۾ ڪنفيوشس جا قول، هند ۾ مهاتما گوتم ٻڌ ۽ سنڌ ۾ وتائي جا گفتا وڏي اَهميت رکن ٿا.

## مددي ڪتاب :


(۱) Encyclopedia of Birtainica (1976)

(۲) Encyclopedia of Ethic and Religion (1972)

(۳) Kirpalani, Rochiram Gajumal, (1892) A Hand Book of Sindhi Proverbs, Karachi

(۴) Smith, W.G. (1935) Oxford Dictionary of Proverbs, Oxford

(۵) Woolly, Sir Leonord, (1963) History of Mankind, UNESCO

(٦) آڏواڻي پيرومل مهرچند، (1978)، ’گلقند ڀاڱو ١-٢‘، حيدرآباد.

(۷) آڏواڻي، پيرومل مهرچند، ’پهاڪن جي پيڙهه‘، حيدرآباد.


Gul Hayat Institute

(٨) آڏواڻي، ڪيولرام سلامتراءِ (1905) ’گل شڪر‘، ڪراچي.
(٩) اصغر، غلام (1956) ’سنڌي ڪتمنڙا عرف اصطلاحات‘، حيدرآباد.
(١٠) بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، (1966) ’خليفي نبي بخش جو رسالو‘، سنڌي اَدبي بورڊ.
(١١) بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، (1970) ’ٻيلاين جا ٻول‘، زيب اَدبي مرڪز، حيدرآباد.
(١٢) خان، پروفيسر محرم (1968) ’پراڪرتي شاعري ۽ قديم سنڌ‘ ٽماهي مهراڻ ١-۴، سنڌي اَدبي بورڊ.
(١٣) قاضي، علامہ آءِ. آءِ. (1961) ’شاھ جو رسالو‘، سنڌي اَدبي بورڊ.
(١۴) ڪلناڻي، ڪوڙومل چندن مل (1889) ’سنڌي پهاڪا‘، ڪراچي.
(١۵) سنڌيلو، عبدالڪريم (1966) ’پهاڪن جي پاڙ‘، لاڙڪاڻو.
(١٦) نظاماڻي، اَلله بخش (1975) ’سنڌي لوڪ اَدب جي ارتقا‘، حيدرآباد.
**(’سنڌي ٻولي‘ تان)**

## غزل

**✍ شمع گل عزيز**

عجب موسم سُهاني آ
پرين جي من ماني آ.
هيو ڪو دل ۾ رهندو ۽
اَڃان رهندو سو جاني آ.
ڇُمي گهرجي ٿي ڇپڙن کي
گُهري تو ڪان نہ ماني آ.
سڪائي ٿو اَچايو هو
چڙهي مون تي جواني آ.
ڇڏي ۾ سڳ ويو منهنجو
مسئلو خانداني آ.
سنڀالي گهر سڄو تنهنجو
شمع تنهنجي بہ ٻانهي آ.

## غزل

**✍ اَيوب ڪوسو**

ڪٽن کي نہ لوڏيو،
ڏکن کي نہ لوڏيو.
ٽڪل شام آهي،
گسن کي نہ لوڏيو.
ڦهر آ اَسان سان،
چِٽن کي نہ لوڏيو.
ڦُتڙ ڏيو گلن کي،
بدن کي نہ لوڏيو.
وچڙ جي گهڙي آ،
هٽن کي نہ لوڏيو.
غدارن ۾ ٻيهي،
وطن کي نہ لوڏيو.

# سنڌي ڪٿا ساهت ۾ ورهاڱي جي پيڙا

✍ ڊاڪٽر ڪنعيالال ليکواڻي

ڀارتي اُپ مها کنڊ ۾ گذريل صديءَ جي سڀ کان دردناڪ واردات هئي ڀارت جو ورهاڱو. ان ڀيانڪ تاريخي حادثي سبب هن کيتر ۾ اَوِشواس، بدسلوڪيءَ، بد اِنتظاميءَ، غير سلامتيءَ ۽ دهشتگرديءَ کي وڏي هٿي مِلِي. ان هڪ جهٽڪي ۾ صدين کان قائم ’گاڏڙ تهذيب‘ (ڪمپوزٽ ڪلچر) جي تاڃي پيٽي کي تار تار ڪري ڇڏيو. گذريل ستن ڏهاڪن کان پاڻ ۾ جنگيون ۽ ٺاهه ڪرڻ بعد به بدقسمتيءَ سان پيدا ٿيل هن سنڪٽ جي ڪنهن پختي دائمي حل جو ڪٿان به ڪو تِرِوِرو نظر نٿو اَچي.

هڪ پاسي صدين کان ورثي ۾ مليل آپسي ايڪي جي حمايتي، اَدائي گهرن جو خير مڱيندڙ، عالمي ڀائيچاري ۾ وشواس رکندڙ، اَمن پسند، ڪلائن جي ساڌڪ، هر لحاظ کان سنڌڙيءَ کي اوج تي رسائيندڙ سنڌي قوم جو اَهم حصو سياسي ڪيڏ جو شڪار بڻجي، ٻن ملڪن جي گمراهه ڪندڙ بي-بنياد اصول جي ٻَلِي چڙهي نچ ڀاڙن کان پتجِي سُڪل پنن جيان ٽِڙي پکڙي ويو، ته ٻئي پاسي سنڌي قوم جو اُتي وسيل وڏو حصو پنهنجي ئي وطن ۾ پنهنجو وجود وِڃائي وِهڻ جي ڊپ سبب هڪ عجيب قسم جي پيڙا ڀوڳڻ لڳو. ان بابت جناب مدد عليءَ جو اهو اونو واجب پيو لڳي ته ”گذريل سالن کان سنڌين جي باري ۾ اِئين پيو چيو وڃي ته اَسانجي (سنڌين جي) ڪا قوم ناهي، اَسانجي ڪا ٻولي ناهي، ڪو اَدب ناهي، اِئن به چيو وڃي پيو ته اَسانجو وطن به اَسانجو ناهي!“

هندستان کان لڏي ويل مسلمان جيڪي ’هڪ مذهبي قوم‘ جا دعويدار هئا، اُهي پڻ ست ڏهاڪا گذري وڃڻ بعد به مڪاني


Gul Hayat Institute

پيانڪ دؤر ڪان گذريا هوندا.

سنڌ ڪان لڏي آيل سنڌي ٿوري ئي عرصي ۾ پنهنجي قوت ۽ قابليت جي ٻل تي شرڻارٿين مان پُرشارٿي ۽ پرمارٿي بڻجي صحيح معنيٰ ۾ ڀارتي جيون ڌارا ۾ سمرس ٿي ملڪ جي آسودگيءَ ۾ پنهنجو اَهم رول اَدا ڪرڻ لڳا. تنهن هوندي بہ اَٿي لٿي ۽ اَجهي لاءِ جدوجهد ۽ پوءِ ناٽو ميڙڻ جي اَنڌي ڊوڙ ۾ شامل ٿيڻ سبب ڪين ڪيتري قيمت چڪائڻي پيئي، تنهن جو اَندازو ٻين کي تہ ڇڏيو خود سنڌين کي ئي نہ ڪونہ ٿي سگهيو آهي!

دراَصل ورهاڱو سنڌين جي سيني ۾ ڇُپيل اهو سوئو آهي، جيڪو ڪين سدائين گَهري پيڙا پهچائيندو رهندو ۽ رچناڪارن کي ان جي اِظهار لاءِ بيچين ڪندو رهندو. هند توڙي سنڌ ۾ ان وشيہ کي مختلف پهلن تي سنڌيءَ ۾ بيشمار ڪويتائون، ليک، ڪهاڻيون، ناول ۽ ناٽڪ لکيا ويا آهن. هن مقالي ۾ سنڌي ڪٿاساهت (ڪهاڻي ۽ ناول) جو مختصر جائزو ورتو ويو آهي.

ان وشيہ تي لکيل ڪهاڻين ۾ آپسي ڀائيچارو، نج ڀوميءَ سان لڳاءُ، سنڌ جي ساروڻي، ڪئمپن جي مادي ۾ ذهني پيڙا، جلاوطنيءَ جي پوڳنا، سؤمان ۽ آپسي سهڪار سان پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ جدوجهد، ڏکئي ماحول ۾ پاڻ کي ٺهڪائي وٺڻ جي خوبي، بيگانيت ۽ غير سلامتيءَ ڀري لاچاري، سُڃاڻپ کوهجي وڃڻ جو اونو ۽ سنڌيت قائم رکڻ جو جذبو وغيره پهلو ڪهاڻيڪارن پنهنجي پنهنجي فنائتي اَنداز ۾ اِظهاريا آهن. ان آڌار تي سنڌيءَ جي ڪن اَهم ڪهاڻين جا حوالا هِت ڏجن ٿا.

'محمد گاڏيءَ وارو' (رام پنجواڻي) ۽ 'داداگير' (ناڪر چاولا) اِتحاد جي جذبي واريون پُراَثر ڪهاڻيون آهن. ٻنهي ڪهاڻين ۾ ورهاڱي سبب مٿيل ماحول ۾ سنڌي هندو - مسلم ڀائيچاري جي تصوير پيش ڪئي ويئي آهي. مڪاني مسلمان هر حال ۾ پنهنجي هندو ڀائرن جي حفاظت جو ذِمو کڻي اِنسانيت جو سبق سيکارين

Gul Hayat Institute

ٿا.

’منهنجي ناني‘ (پوپٽي هيراننداڻي) ۽ ’سنڌياڻي‘ (هرڪشن ساماتاڻي) وطن جي مٽيءَ سان لڳاءُ ۽ ورهاڱي جي پيڙا جو بيان ڪن ٿيون. ’منهنجي ناني‘ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ زنده دل خوشحال ڪٽنب جي من ڪي موهيندڙ جهلڪ ڏيکاري سنڌ ڇڏڻ جي منحوس خبر سبب پيدا ٿيل لاچاريءَ پري پيڙا سان گڏوگڏ نج پيوءَ سان لڳاءَ جو جذباتي چٽ چٽيو ويو آهي. ’سنڌياڻي‘ ۾ ورهاڱي سبب چوطرف ڦهليل ڊپ جي ماحول ۾ جڏهن هڪ ڪٽنب سنڌ ڇڏڻ جي تياري ڪري ٿو، تڏهن گهر جي بڍي اَما ڪنهن به حالت ۾ پنهنجو گهر ڇڏڻ لاءِ راضي نٿي ٿئي. هوءَ گهر جي اڱڻ ۾ ليٽي نج پيوءَ سان چنبڙي پنهنجا پراڻ تياڳي ٿي. بگڙيل حالتن سبب اُتي ئي هن جو اَگني سنسڪار ٿي وڃي ٿو. گهر جا ڀاتي سندس هاٿيون ڪُنيءَ ۾ پري اُتي اڱڻ ۾ ئي پوري وطن ڇڏي وڃن ٿا. سال گذري وڃڻ بعد ڪين خبر ملي ٿي ته سنڌوءَ ۾ آيل ٻوڏ سبب، اَمان جون اَستيون سندس اِڇا موجب اُن ۾ سمائجي ويون.

’زمين کان اُکڙيل‘ (وشنو ڀاٽيا) ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ چوي ٿو ته، ’’جيڪو ڪم پنڊت ۽ مولوي نه ڪري سگهيا، اُهو ڪم راجنيتڪ فيصلي ڪري ورتو. نفرت جو زهر پرجي ويو ۽ هڪ پوري قوم کي زمين کان اُکوڙي جڻ عربي سمنڊ ۾ اُڇلايو ويو.‘‘ اها فنائتي انداز ۾ لکيل دل تي گهرو اَثر وجهي ڏڏکو پهچائيندڙ ڪهاڻي آهي. ڪاڪو جيونداس ڪنهن به حالت ۾ سنڌ ڇڏڻ نٿو چاهي. هند ويندڙ پاڻيءَ جي جهاز ۾ وينل ڪاڪي کي سندس مائٽ ڏاڍو سمجهائين ٿا، پر هو سندن ڪابه ڳالهه نٿو ٻُڌي ۽ وطن واپس وڃڻ لاءِ سمنڊ ۾ ٽپو ڏيئي اُن ۾ سمائجي ٿو وڃي.

’دستاويز‘ (نارائڻ ڀارتي) مذهب کان مٿي اِنسانيت جي جذبي واري بيحد مقبول ڪهاڻي آهي. سليس ٻوليءَ ۽ آسان عبارت ۾ ليکڪ حقيقي تصوير پيش ڪندي ڄاڻائي ٿو ته سياسي سَنڌا

Gul Hayat Institute

پئجي وڃڻ سان اِنسانيت ختم نٿي ٿئي. منگھنمل ورهاڱي وقت سنڌس حفاظت ڪندڙ وفادار رسول بخش جي گَرويِ رکيل جاءِ جو دستاويز هٿي ڪليم آفيس ۾ پيش نٿو ڪري. هو سوچي ٿو، ”اَگر ان مڪان جو ڪليم مونکي پرجي مليو ته پاڪستان سرڪار اُهو مڪان رسولي کان خالي ڪرائيندي، پوءِ هو غريب ڪٿي رهندو؟“ اِهو سوچيندو منگھنمل جا ڳوڙها دستاويز تي ڪِرِي اکرن کي ميساري ڇڏين ٿا. پارٽيءَ جي ’ڪِليم‘ پڻ ڪافي اَهميت پري ڪهاڻي آهي. جڏهن جوهرمل کي ڪِليم پرڻ لاءِ چيو وڃي ٿو تڏهن هو ڪليم ذريعي گُهر ڪري ٿو ته، ’مونکي سنڌ موٽائي ڏني وڃي، ڇو جو اها منهنجي ملڪيت آهي، اُن جي ثابتي اِها آهي ته مان سنڌي آهيان، منهنجي ٻولي سنڌي آهي ۽ منهنجي سڀيتا سنڌي آهي!‘

لوڪناٿ جيٽلي جي ’وساريا نه وسرن‘ (١٩٥٧) مجموعي ۾ سنڌ جي ساروڻي ۽ ڪئمپن جي ڪشٽن جو دلسوز بيان ڪيو ويو آهي. ورهاڱي جي حقيقتن تي لکيل لوڪرام ڏوڏيجا جو ڪهاڻين جو مجموعو ’ورهاڱي جون ڪانداريندڙ ڪهاڻيون‘ (١٩٨٧) وڏي اَهميت رکي ٿو. ان مجموعي ۾ ڏنل ’سچ ٻه پاسا‘ ورهاڱي جي طوفان سبب پاڙن کان پٽجي بيحد ڏکين حالتن کي بهادريءَ سان منهن ڏيئي آپسي سهڪار سان وري اوج تي رسڻ جي دلچسپ ڪهاڻي آهي.

سندري اُتمچنداڻيءَ پڻ ان موضوع تي ڪي ڪهاڻيون لکيون آهن. ’ساهيڙي‘ (لوڪناٿ جيٽلي) ۽ ’پوري‘ (سندري اُتمچنداڻي) ورهاڱي سبب پيدا ٿيل مالي مشڪلاتن کي سؤمان ۽ دليريءَ سان مقابلو ڪندڙ سنڌي نارين جون پُراَثر ڪهاڻيون آهن. انهن ڪهاڻين جون سورميون ڏينهن رات محنت ڪري گھر گھر وڃي پاپڙ ۽ وڙيون وِڪڻي ڪٽنب جي پالنا ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي لڄ يا هيڪ محسوس نٿيون ڪن.

Gul Hayat Institute

’خانواهڻ‘ (ڪلا پرڪاش) سنڌ جي ساروٽيءَ وارين ڪهاڻين مان بهترين ڪهاڻي مڃي وڃي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ذريعي ليکڪا سنڌ جي سڀاويڪ ڳوٺاڻي زندگيءَ جي دلچسپ تصوير پيش ڪندي، ورهاڱي سبب لڏي آيل سنڌين جي ڪئمپن ۾ لاچاريءَ ڀري زندگيءَ جي فنائتي انداز ۾ ڀيٽ ڪري پاٺڪن جي من ۾ پيڙا جا پاوَ ڀري ٿي. ’زيني‘ (موتي پرڪاش) ۾ بالپڻ جي يادين سان پريم جي ڪومل ڀاونائن جا ورق ورايا ويا آهن. ’ڳام جي غزت‘ (لوڪناٿ) ۾ سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ جي اِنساني مُلهن جي حقيقي تصوير پيش ڪئي ويئي آهي. ’اوسيڙو‘ (ڪيمن مولاڻي) پڻ سنڌ جي ساروٽيءَ جي سني ڪهاڻي آهي. ڪيترا ڏهاڪا گذري وڃڻ بعد به بئراڳڙه جي ڪئمپ ۾ رهندڙ پوڙهو ڪاڪو سنڌ موٽي وڃڻ جا سپنا سانڍي ويٺو آهي. هو اِهو اوسيڙو لڳائي ويٺو آهي ته ڪڏهن نه ڪڏهن سندس اِهو سپنو ضرور پورو ٿيندو. ان وشيه تي ٻيون قابل ذڪر ڪهاڻيون آهن : ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ’تون پڇين ٿو مان اُداس ڇو آهيان‘، سندريءَ جي ’منهنجا ماروئڙا ڪٿي؟‘، آنند گولاڻيءَ جي ’ڳامڙو‘ وغيره.

’ملڪيت‘ (ايشور چندر) ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سرحد جي ٻنهي پاسي جي لوڪن ۾ نج جنم ڀوميءَ لاءِ ساڳي سِڪ آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ آدرشي مثال ذريعي ڄاڻايو ويو آهي ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سياسي ليڪا پئجي وڃڻ ڪانپوءِ به عام لوڪن ۾ اِنسانيت ءِ اِتحاد قائم آهي.

’هڪ ٻيو ورهاڱو‘ (جهمو ڇڳاڻي) پڻ مذهبي متڀيدن کان وڌيڪ اِنساني ناتن کي اَهميت ڏيندڙ حقيقي ڪهاڻي آهي. ننڍپڻ ۾ ورهاڱي وقت هرداس پنهنجي پريوار کان وڇڙجي سنڌ ۾ ئي رهجي وڃي ٿو. کيس هڪ مسلم پريوار پالي ٿو. هو حميد خان نالي سان وڏو ٿي اِنجنير بڻجي ٿو. جڏهن کيس خبر پوي ٿي ته سندس ماءُ پيءُ بئراڳڙه ۾ رهندا آهن، تڏهن هو وڃي هنن سان

Gul Hayat Institute

ملي ٿو. هو ساڙس سِڪ سان ملن ٿا ۽ کيس چون ٿا تہ ”اَسين نہ چاهينداسين تہ تون پنهنجي ڪٽنب ۽ جوابدارين کان منهن موڙي هِتي اَچي رهين. اَسين ٻيو ورهاڱو نہ چاهينداسين.“ ان موضوع تي سندس ٻيون بہ ڪهاڻيون - ’ڏڏڪو‘ ۽ ’وصعيت نامو‘ پڻ قابل ذڪر آهن.

’اها بہ ڪا آڪاڻي آهي؟‘ (گوبند مالهي) ۽ ’وِڇوڙو‘ (ڪرشن کٽواڻي) ٻنهي ڪهاڻين ۾ ورهاڱي سبب پريمي جوڙن جي شخصي زندگيءَ ۾ آيل طوفان جو پنهنجي پنهنجي فنائتي انداز ۾ پيش ڪيل دل کي ڏڏڪو پهچائيندڙ بيان ڪيو ويو آهي.

’تون پُڇين ٿو مان اُداس ڇو آهيان؟‘ ۽ ’پڙاڏو‘ (گنو سامتاڻي) بي وطن هئڻ جي پيڙا جو بيان ڪن ٿيون. ’تڙِي پار‘ (موهن ڪلپنا) ۾ دائمي جلاوطنيءَ جي ڀوڳنا ڀوڳيندڙ شخص جي لاچاريءَ جو فنائتي نموني پُراَثر بيان ڪيو ويو آهي.

’پيئي رک اُڏامي‘ (اِندرا واسواڻي) هڪ شخص جي حقيقي زندگيءَ جي پيڙا جو دلسوز چٽ پيش ڪري ٿي. وڏو ودوان حشو ڪيولراماڻي، جنهن جي نس نس ۾ سنڌ سمايل هئي، اُهو ورهاڱي جي درد ۽ سماج جي بيرُخيءَ سبب توازن وڃائي وِهي، ڪوبہ هن جي سار سنڀال نٿو لهي، ان ڪوڙِي سچائيءَ جو بيان هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪيو ويو آهي.

’سنڌو‘ (آنند گولاڻي) ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ سنڌين ۾ ڪي اوڻايون هوندي بہ سندن سيني کان وڏي خوبي اِها آهي تہ هو هر حال ۾ پاڻ کي نهڪائي وٺڻ ۾ ماهر آهن. هن ڪهاڻيءَ ذريعي اِهو بہ آتت ڏنو ويو آهي تہ هند ۾ سندن سُڃاڻپ سدائين قائم رهندي. ’پنهل جو پاراتو‘ (لڇمڻ ڀمڀاڻي) ۾ جڏهن غريب لڇوءَ سان سندس مالڪ جو پٽ سنڌين بابت گهٽ-وڌ ڳالهائي ٿو تڏهن هو نوڪريءَ کي لت هڻي اَچي ٿو. ’پتنگن پهہ ڪيو‘ (اي. جي. اُتم) ۾ آزاديءَ جي هلچل ۾ سرگرم ڀرو وٺي پنهنجو سڀ ڪجهہ

Gul Hayat Institute

قربان ڪندڙ آدرشي جوڙي جي ڪهاڻي آهي. ورهاڱي سبب پارٽ لڏي اَچڻ بعد نہ رُڳو منجهن پر سندن اولاد ۾ پڻ وطن پرستيءَ جو ساڳيو جذبو قائم رهي ٿو.

’چنبو‘ (ڪنعيالال ليکواڻي) ڪهاڻيءَ ۾ اِن ڪؤڙي سچائيءَ کان واقف ڪرايو ويو آهي تہ اَڌ صديءَ کان بہ وڌيڪ عرصي جي جدوجهد بعد بہ هتي لڏي آيل هن قوم جو وڏو حصو بي ترتيب بدانتظاميءَ جي ماحول ۾ غربت جي زندگي گذاري رهيو آهي ۽ اَسين بي زبان درشڪ بڻجي ان پيڙا ڪي ڀوڳڻ لاءِ مجبور آهيون. ٻئي پاسي وري ورهاڱي سبب لڏپلاڻ جا ڪشت ڪاٽڻ بعد پئسو ڪمائڻ جي اَنڌي ڊوڙ ۾ شامل ٿيڻ سبب ٽٽندڙ ڪٽنبي ناتن جو بيان ’پنهنجو گهر‘ (هري همٿاڻي) ۽ ’هڪ سنڌيءَ جي آتم ڪٿا‘ (ڪرشن کٽواڻي) ڪهاڻين ۾ ملي ٿو. ’پنهنجو گهر‘ ڪهاڻيءَ ۾ اَجمير واسي مورجاڻيءَ جو پٽ نوين هانگ ڪانگ ۾ هڪ سپر مارڪيٽ جو مالڪ آهي. هو پنهنجي ماءُ پيءُ کي اَجمير جي ’نرڳ‘ مان ڪڍي، ممبئي جي عاليشان فليٽ ۾ وٺي اَچي رهائي ٿو، جئن ڪيس هوائي جهاز ۾ اَچي هنن سان ملڻ ۾ سهوليت ٿئي. مورجاڻي پنهنجو گهر ۽ يار دوست ڇڏي اَچي مهانگر جي تنهائيءَ جي پيڙا ڀوڳي ٿو. ’هڪ سنڌيءَ جي آتم ڪٿا‘ ۾ پريداس نالي شخص جي ڪهاڻي آهي، جيڪو پنهنجي سڄي حياتي پئسو ڪمائڻ ۽ ٻارن کي اَمير بڻائي ٿائينڪو ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏي ٿو، پر ٻڍاپي ۾ ڪنهن بہ ٻاتيءَ کي هن جي سُڌ سماءُ لهڻ جي فرصت نٿي ملي؛ گهر ۾ جڻ تہ هوُ پرائو بڻجي چڪو آهي. ان ريت سڀ سک سهنج هوندي بہ هو اَڪيلاپ جي لاچاري ڀوڳي رهيو آهي.

’روشنين جي اوندهہ‘ (لال پشپ) ۾ سنڌي سماج جي هڪ اَهم پهلوءَ تي روشني وِڌي ويئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ذريعي اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ سنڌين ورهاڱي سبب پرشارٿ سان نئين سر پنهنجا آکيرا جوڙيا مس هئا تہ وري هوُ گلوبلائيزيشن جي نئين دور ۾ ناٽو



Gul Hayat Institute

ميڙڻ جي اَنڌيءَ ڊوڙ ۾ شامل ٿي، پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجا اَڏيل آکيرا ڇڏي دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ پکڙجي ويا. اُنهن مان آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ئي اوج تي رسي سگهيا. باقي پنهنجا گهر تر ڇڏي اَڪيلا اَڌ پلنگ تي سُمهي جدوجهد پري زندگي ڪاٽڻ لڳا. جيڪي اوج تي رسيا تن مان ڪيترا پاڻ کي وشوَ ناگرڪ ڪوٺائڻ لڳا ۽ سنڌي ڪوٺائڻ ۾ ڪين هٻڪ محسوس ٿيڻ لڳي. وري جيڪي اوج تي نہ رسي سگهيا تن مان ڪيترن پهچ کان پري اَکيون ڇرخ ڪندڙ اِن دنيا ۾ هڪ عجيب قسم جي مونجهہ محسوس ڪرڻ سبب پنهنجي آکيرن ۾ موٽي اچڻ بهتر سمجهيو.

گذريل ٻن اَڍائي ڏهاڪن کان سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ورهاڱي جي پيڙا جو هڪ اَهم سُرُ اُڀريو آهي، نج ٻولي، ساهت ۽ سنسڪرتي کوهجي وڃڻ جو اونو.

'اَنڌي ڪويتا' (لکمي کلاڻي) ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي زمين نہ هجڻ ۽ ٻين ٻولين جي وڌيل اَثر سبب نج ٻولي ۽ ساهت ڏانهن سنڌين جي بي رُخيءَ جو بيان ڪيو ويو آهي. هڪ ٻهوُ ڀاشي پروگرام ۾ جڏهن هڪ سنڌي شاعر پنهنجي بهترين ڪويتا پيش ڪري ٿو، تڏهن هو اِهو ڏسي بيحد نراش ٿئي ٿو تہ اُتي حاضر ٻڌندڙن مان هڪ بہ سنڌي ڪونهي. پنهنجي زبان ۽ اَدب ڏانهن بي رُخيءَ جي ان کان وڏي وڌمبنا ڪهڙي ٿي سگهي ٿي!

'گِهنٽي' (هريش واسواڻي) ڪهاڻيءَ ۾ گهر جي بزرگ ڀاتيءَ کي زبان هوندي بہ حالتن گونگو بڻائي ڇڏيو آهي. گهر ۾ سڀ سهوليتون هوندي بہ ساڻس نج ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندڙ نہ هجڻ سبب هو اَڪيلائپ ۽ لاچاريءَ پري پيڙا ڀوڳي ٿو. پنهنجي ٻولي ٻڌڻ لاءِ تڙپي ٿو. ان خطري جي گهنٽيءَ جو آواز قوم جي ڪنن تائين پهچڻ گهرجي ڇو جو ڪنهن بہ زنده سنسڪرتيءَ جو اَهم اَنگ ٻولي مڃيو وڃي ٿو؛ ڀارت ۾ تہ سنڌيت جي سڃاڻپ جو واحد وسيلو ٻولي ئي آهي.

Gul Hayat Institute

ورهاڱي جي وشيہ تي ٻيون بہ ڪيتريون ڪهاڻيون مجموعن ۽ رسالن ۾ ٽِڙيون پکڙيون پيئون آهن، جيڪي سهيڙي نئين سر رٿائتي نموني شايع ڪرائڻ ۽ انهن جي ڪٽ ڪرڻ جي ڪافي گنجائش آهي. ان موضوع تي ٻيا بہ ڪيترا اَڻڇهيل پهلوُ موجود آهن، جيڪي رچناڪارن کي پنهنجي تخليقي قوت سان فنائتي اَنداز ۾ اِظهارڻ لاءِ آماده ڪندا رهندا.

سنڌيءَ جي شروعاتي ناولن ۾ سنڌ جي ساروٽيءَ ۽ ڪئمپن جي زندگيءِ جو بيان ملي ٿو. ان خيال کان گوبند مالهيءَ جا ناول وڏي اَهميت رکن ٿا. ’پکيئڙا ولر کان وِڇڙيا‘ ورهاڱي جي موضوع تي لکيل پهريون ناول مڃيو وڃي ٿو، جنهن ۾ ورهاڱي سبب پيدا ٿيل مشڪلاتن ۽ مونجهارن جو پُراَثر بيان ڪيو ويو آهي. ’آنسو‘ ناول ۾ ممبئيءَ جي پرسان شرڻارٿين جي ڪئمپن جا حقيقي چٽ ملن ٿا.

’ڏيهي پرڏيهي ٿيا‘ خطن جي عبارت ۾ لکيل فرقاپرستيءَ جي خلاف، آپسي پريم جو سنديش ڏيندڙ سنڌ جي ياد ۾ لکيل بهترين ناول مڃيو وڃي ٿو. سياسي حادثن سبب عام اِنسانن جي شخصي زندگيءَ تي کهڙو اَثر پوي ٿو، تنهن جو پُراَثر بيان هن ناول ۾ ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ ڪرشنا ۽ حليما پاڙيسرياڻيون هيون. حليما سندس ياءُ شيام جي پريم جي ٻنڌن ۾ ٻڌجي ويئي هئي، پر شيام کي ورهاڱي سبب سنڌ ڇڏي هند اَچڻو پيو. هوڏانهن وري ڪشنيءَ جو پريمي ڳِدو سنڌ ۾ ئي رهجي ويو. ان هوندي بہ سندن پريم جو خطن ذريعي سلسلو جاري رهي ٿو، جيڪو ان ڳالهہ جي ثابتي ڏئي ٿو تہ سياسي ليڪا پئجي وڃڻ بعد بہ دلين جو ميل قائم رهي ٿو.

’ديسي سيڻ ڪجن‘ ۾ مالهيءَ هتي لڏي آيل سنڌين جي پنگتي ۽ مالي مسئلن جو بيان ڪندي اَنترجاتيہ وِواهہ جهڙين اَڻٽر حقيقتن ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي مثبت ماحول ۾ سنڌيت قائم رکڻ جو سنديش ڏنو آهي.

ڪرشن ڪتواڻيءَ جي ناول ’منهنجي مِٺڙي سنڌ‘ ۾ سنڌ جي

سار ۽ ورهاڱي جي درد جو جذباتي بيان ڪيو ويو آهي. پوپٽي هيرانندڻيءَ جو ناول ’سيلاب زندگيءَ جو‘ سنڌ جي ياد کان شروع ٿي شرڻارٿي جيون سان پورو ٿئي ٿو. ان ناول ۾ مختلف پهلن جي آڌار تي اِستري پرش جي ناتن جو پڻ پُراَثر بيان ڪيو ويو آهي. ڪلا پرڪاش جو ’هڪ دِل هزار اَرمان‘ ورهاڱي جي پس منظر ۾ ڏيتي ليتيءَ جي مسئلي تي لکيل ناول آهي. ڪلا جي ’هڪ سپنو سُکن جو‘ ۾ ورهاڱي وقت لڏپلاڻ جو سوز پريو حقيقي بيان مليو ٿو. سندس ناول ’پکن جي پريت‘ ۾ ورهاڱي جي اَثر ۽ سنڌ جي ساروڻيءَ جي بنياد تي ٻڌل ڇئن پيڙهين جو داستان ڏنو ويو آهي. پوپٽي هيرانندڻيءَ جي ’سيلاب زندگيءَ جو‘ ۽ هري همٿاڻيءَ جي ’رات جو ٻيون پهر‘ ۾ ورهاڱي جي درد جو بيان ملي ٿو. موتي پرڪاش جي ’اَنڌيرو اُجالو‘ ۾ ڪئمپن جي زندگيءَ جا حقيقي چِٽ چِٽيا ويا آهن.

جلاوطنيءَ جي موضوع تي موهن ڪلپنا جا سلسليوار لکيل ٽي ناول آهن : ’جلاوطني‘، ’ماءُ‘ ۽ ’ڪانءُ ۽ سمنڊ‘. ’جلاوطني‘ ۾ شرڻارٿي ڪئمپ ۾ رهندڙ ننڍڙڪي لاچار نائڪ تي آيل قدرتي قهر ۽ نظام جي بد اِنتظاميءَ سبب آيل آفتن جو درد پريو بيان ڪيو ويو آهي. هڪ هنڌ هو چوي ٿو، ”منهنجي مٿان بي پناهه آسمان آهي، مگر پيرن هيٺان ٻه فوٽ زمين ڪانهي!“ ان ناول بابت ليکڪ چوي ٿو ته، ”مون ’جلاوطني‘ ان خيال کان لکيو آهي، جيئن اِهو سنڌين ۾ سڄاڻيءَ جو هڪ مثال ٿي سگهي.“

’ماءُ‘ ۾ شرڻارٿي ڪئمپ ۾ قياس جوڳي حالت ۾ رهندڙ ذهين اِنقلابي ماءُ ڪلياڻيءَ جي جدوجهد جو داستان ڏنو ويو آهي. ’ڪانءُ ۽ سمنڊ‘ سياسي پس منظر ۾ خلقيل بهترين ناول آهي. نائڪ سلامت ڪي آزاديءَ جي هلچل ۾ ٻهرو وٺڻ سبب قيد ڪيو وڃي ٿو. جيل مان ڇُٽي اَچڻ بعد ورهاڱي سبب ڪيس وطن کان نيڪالي ڏيئي هند جي سرحد تي ڦٽو ڪيو وڃي ٿو ته ڪلياڻ ڪئمپ ۾ ڪيس پاڳل قرار ڪيو وڃي ٿو. اتي ليکڪ چوي ٿو،

’’اِنقلابي سوچ وگيانڪ فتوي موجب چريائپ آهي؛ تاريخ ثابت ڪندي تہ چريائپ ڇا آهي؟ اِنقلابي سوچ يا وگيان جي فتوي؟‘‘

هن موضوع تي لکيل هري موٽواڻيءَ جا ٻہ ناول ’اَبو‘ ۽ ’اَڇو‘ قابل ذڪر آهن. ’اَبو‘ ناول ۾ مُکي نارائڻداس هندو مسلم اِتحاد لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي ٿو. ’اَڇو‘ ۾ اَڇي جي ڳولها ۾ ڀٽڪندڙ خوددار موهن جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي ڪو اَڇو ڏيڻ جي مهرباني ڪرڻ چاهي ٿو تہ هو ٽپي ٻاهر ٿي وڃي ٿو.

گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ ورهاڱي جي پس منظر ۾ رچيل ناولن مان سيني کان اَهم داخلا ڪرشن کٽواڻيءَ جو ’ترندڙ بادل‘ آهي. نائڪ هيم کي ٻي وطن هئڻ جي پيڙا پوڳڻي پوي ٿي، ڇو تہ هن هڪ گناهہ ڪيو هو، هن ڇيو هو، ’’هڪ قوم کي ٻہ قومون سمجهڻ غلط آهي.‘‘

سنڌ ڇڏي هند آيل هيم کان سندس مرهٽياڻي پريميڪا سُجاتا پُڇي ٿي، ’’هيم، تو وٽ سنڌ جي ڪا نشاني آهي؟‘‘

’’ها آهي، ڏسندين؟‘‘

’’ها.‘‘

’’منهنجي پٺيءَ تان ڪُرتو کڻ.‘‘

سُجاتا ڏٺو. ٻہ ليڪون ... گلابي ... نہ چاڪليٽي ... لسيءَ پٺيءَ تي ڪِراس جيان پاتل هيون، اُڀريل هيون.

هيم ٻي وطن ٿيڻ کان سنڌ موٽي وڃڻ بهتر سمجهيو. هن پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو هو، ’اَڄ رات مون شدت سان محسوس ڪيو تہ سنڌ کي منهنجي نہ، مونکي سنڌ جي ضرورت آهي. ان بنا مان هميشہ اَڌورو رهندس ۽ پنهنجي پاڙن کان اُکڙيل ٻوٽي جيان ڏيري ڏيري مرندو ويندس.‘ جڏهن سجاتا کي ڊائريءَ ذريعي خبر پوي ٿي تہ هو هِتان هليو ويو آهي، تڏهن هوءَ چوي ٿي، ’’مان بہ تو وٽ ايندس، ڇو تہ سنڌ صرف تنهنجي نہ ٿيندي، منهنجي بہ ٿيندي. مان تو وٽ ايندس، سنڌ وٽ ايندس.‘‘

Gul Hayat Institute

هن ناول ۾ مکيہ ڪٿا سان گڏ پوئيڊائي بلڊر سانولداس جي اُپ ڪٿا پڻ آهي، جيڪو ڏيکاءَ ڀري زندگي جيئي ٿو. پنهنجي ڪٽنب ڪان وانجهايل، اَنگريزي ماحول ۾ پليل، پنهنجي پاڙن کي پڇاڻڻ جي چاهنا رکندڙ. سندس ڌيءَ نيلم آخر پنهنجي فرانسيسي پريميءَ سان وچي پئرس ۾ رهي ٿي. اَڄ بي-زمين ۽ ڏساهين سنڌين جي حالت اُنهن ترندڙ بادلن جهڙي ٿي ويئي آهي، جن کي زماني جي هوا جنهن وهڪري ۾ وهائي وڃي ٿي، تنهن ۾ وهي وڃن ٿا.

ورهاڱي جي اَثر بابت ڀڳوان اٽلاڻيءَ جو هنديءَ ۾ لکيل ناول ’اَپني اَپني مريچڪا‘ پڻ قابل ذڪر آهي. ان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ’پنهنجي پنهنجي رڃ‘ عنوان سان هاسانند لالواڻيءَ ڪيو آهي. ان ناول ۾ پاڙن ڪان پٽيل قوم جي نئين زمين تي وري اُسرڻ جو حقيقي بيان ڪيو ويو آهي.

لال پشپ ’آتم جيون، ناول، تاريخ‘ عنوان سان آتم ڪٿائي ناول ڏهن ڀاڱن ۾ شايع ڪرائڻ جي پڌرائي ڪئي هئي. ان جا چار ڀاڱا شايع ٿي چڪا آهن، جن مان ٻہ ورهاڱي ۽ اُن جي اَثر بابت آهن، اُهي آهن ’ڌرتيءَ ڌڪاڏا‘ ۽ ’اُلهاسنگرواسي‘.

اُميد آهي تہ ان موضوع جي ڪن اَڻڇُهيل پهلن تي سٺا ناول ضرور لکيا ويندا.

هن مقالي جو مکيہ مقصد اِهو آهي تہ سڄاڳ پاٺڪ ان ذريعي پنهنجي قوم جي ماضيءَ ڪان واقف ٿي، حال کي سمجهي، آئينده بابت سنجيدگيءَ سان سوچي سگهن.

ॐ

## * لـطـيِـفـيِ ٻـول *

✍ سهيڙ: صاحب ٻِجاڻِي

اَکَرُ پَڙهُ اَلِفَ جو، وَرَقَ سَڀُ وِسارِ،
اَندَرُ توُن اُجارِ، پَنا پَڙهَندين ڪيترا.

مهورتي تقرير-

# گذريل پنجن سالن جيِ سنڌي ڪهاڻيءَ جو سَروُپ

## سِمپوزيم

✍ **واسديو موهي**

ساهتيہ جيِ ڪابہ رچنا پاٺڪ کي پنهنجو پاڻ تائين پهچائي سگهي تہ رچنا جيِ وڏيِ ڪاميابيِ ليکبيِ. ڪنهن رچنا ذريعي، جي پاٺڪ آسپاس جي سچاين کي ڪجهہ بهتر نموني سمجهڻ جو نُڪتو حاصل ڪري سگهي تہ رچنا پنهنجو مقصد پائي ٿي وٺي، حالانڪ اِن پنيان رچناڪار جيِ پنهنجي طرفان رچنا اَندر اِرادتن ڪا ڪوشش ڪانہ هوندي آهي، جي آهي تہ پڪ رچنا پاڻ کي ئي ضربيِنديِ. اَدب جو هر فارم، هر ٻوليءَ ۾، اِرتقا جو پنهنجو گسُ وٺندو آهي، منزلون طئہ ڪندو آهي. هِتي گذريل پنجن سالن جي سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڳالهہ آهي. اِئين اَدب ۾ پنجَ سال گهٽ عرصو ئي ليکيو ويندو آهي پر جنهن رفتار سان اَڄ سنڌي ڪهاڻي لکجي رهي آهي، اُن کي ڏسندي لڳي ٿو تہ ڪهاڻيءَ تي نظرثاني تڪڙي ٿيڻ گهرجي.

هِتي پيش ٿيندڙ مقالا پلي اَلڳ اَلڳ عنوانن ۾ ورهايل آهن پر اُهي دراَصل هڪ ئي چيز سان وابستہ آهن، گذريل پنجن سالن جيِ سنڌي ڪهاڻيءَ جي سروپ سان. ڪهاڻيءَ جو سروپ ڪيئن پنجن سالن کان اَڳ جيِ ڪهاڻيءَ کان اَلڳ ترِي بينو آهي، اُن جي نشاندهي ڪرڻ ئيِ هِن سمپوزيم جو مقصد آهي، اِهو منهنجو مڃڻ آهي. سروُپ ۾ مان بہ ڳالهيون

Gul Hayat Institute

شامل ڏسان ٿو - چهرو (Face) ۽ رُخ (فيز phase). مثال طور هڪ مقالو وشين (موضوعن) تي آهي. هاڻي وشيہ تہ گهڻو ڪري ساڳيا هوندا آهن، جيئن پريم. سنڌيءَ ۾ ئي هزارين ڪهاڻيون اِن وشيہ تي ملنديون. اِتي سروپ جو رول شروع ٿئي ٿو. سروپ ذريعي ئي اَسين ڄاڻي سگهنداسين تہ موضوع جي اَدائگيءَ ۾ ڪيتري نواڻ آهي. موضوع جي نباهہ لاءِ خلقيل ڪردارن جي جائزگي ڪيتري آهي (اِتي ڪردارنگاريءَ، چريتر چترڻ - جو رول اُجاگر ٿئي ٿو، جنهن تي اَلڳ مقالو آهي) ۽ ليڪ طرفان اَپنايل عبارتي اوزارن جي واجبيت ڪيتري آهي، موضوع کي ڪيئن فني ڍنگ سان پيش ڪيو ويو آهي تہ اِتي اِظهار جي ڳالهہ ٿيندي، جنهن ۾ ٻولي اَهم جُزو هوندي، ۽ آخر ۾ وشيہ طرف ائپروچ ۾ ڪهڙو رُخ ورتو ويو آهي. اِئين سَروُپ - چهرن ۽ رُخن - ذريعي اَسين ڏسنداسين تہ خوبصورتي ڪيترن تَهن ۾ لِڪل آهي.

وشيہ (موضوع) وري سماج سان وابستہ هوندا آهن. ڪهاڻين جي سماجي وابستگيءَ تي بہ مقالو آهي. ليڪ عام توڙي خاص اِنسانن جي اِسٿتين جي عڪاسي سندن سماجي پس منظر ۾ ڪندو آهي، اُنهن جي منو-ڀاوَن کي ايمانداريءَ سان چِٽيندو آهي تہ رچنا پنهنجو پاڻ ۾ سگهائي حاصل ڪري وٺندي آهي. منوڀاوَن کي ايمانداريءَ سان چِٽڻ جو مطلب آهي، ليڪ پوريءَ طرح ڪردارن جي سماجي اِسٿتين کي سمجهيو، اُنهن جي ننڍي وڏي تفصيل کي ڌيان ۾ آندو، اِسٿتين کي پنهنجي اَندر ۾ اوتيو يا هڪ لفظ ۾ چئجي تہ هُن اِسٿتين کي ''آتم سات''، ڪيو ۽ ڪهاڻيءَ کي نيون سِمتون بخشيون. اَهڙين ڪهاڻين جا ڪردار اَسانکي روز نظر ايندڙ لڳندا، لڳندو تہ ليڪ، سماجي جيون ۾



Gul Hayat Institute

اِنسان جي هر ننڍي وڏي حالت ۾ اَلڳ اَلڳ رد عمل، جدا جدا رِسپانس ڏيڻ جي وِرتيءَ کي پرکيو آهي، اُن تي آڌر رکي آهي ۽ رچنائون تخليق ڪيون آهن.

پوين پنجن سالن جون ڪهاڻيون موضوعن جي لحاظ کان ڪيترين ڪُنڊن کان علحديون آهن، يا نه، اِهو ته مقالانويس ٻُڌائيندو. پر مون ايترو ضرور محسوس ڪيو آهي ته ڪوبه تخليقي ليکڪ پاڻ کي ڪنهن ڪمري ۾ بند نه ڪندو آهي. هُن جي نظر سامهون ساري دنيا جا در کُليل هوندا آهن. جيون ٻوڌ، سماجي جُڙاوَ، ڪٽنبي ميلَ / تناوَ، شخصي کينچ تاڻ - لِکل توڙي ظاهر هي کي اَهڙا عناصر آهن جيڪي گوناگون وشين کي جنم ڏين ٿا، پوري سموريت ۾، جن ۾ هر رنگ شامل هوندو آهي. ليکڪ جي جسم تي نه ترقي پسندن واري ڳاڙهي خميس هوندي آهي، نه هستيوادين وارو ڪارو ڪوٽ پاتل هوندو آهي، هوُ سڀ هرڪا وستو مخصوص شيش ۾ ئي ڏسڻ تي مِريل هئا. هاڻوڪي ليکڪن جيڪي ڏٺو، لکيو، جيڪي محسوسيو، لکيو، پر اِن عمل ۾ هنن حقيقتن جي فوٽوگرافي ڪانه ڪئي، حقيقتن ۾ پنهنجي طرفان ڪلپنا جا رنگ ڀري اُنهن کي پينٽنگ بڻائي ڇڏيو. اِتي مان سماج ۽ آئيني واري ڳالهه ڪري وٺان جيڪا مان ٻين ڪِن سيمينارن ۾ ڪري چُڪو آهيان، لِڪِي به چُڪو آهيان - ساهت کي سماج جو آئينو مڃڻ واري ڳالهه. اِهو نسورو ڪوڙ آهي. آئينو هرڪا شيءِ هوبهوُ ڏيکاري ٿو ليڪن ساهت ڪڏهن چيز کي هوبهو نه ڏيکاريندو آهي، ساهت بُرائيءَ تي سُنائيءَ جي جيت ڏيکاريندو آهي، ساهت ۾ اَسان ڪڏهن ڪونه ڏسنداسين ته راوڻ رام جو وَڌ ڪري ڇڏيو يا ڪنس ڪرشن جي هتيا ڪري ڇڏِي. جڏهن ته اَڄ اَسين ڏسون ٿا ته اَڪثر بُرائي بازي ماري ٿي وٺي. پر اِن بُرائيءَ جي بازي مارڻ واري

Gul Hayat Institute

عمل ڪاڻپوءِ اَدب ۾ ڪنهن طرح سُنائيءَ جي سرسائي ضرور ڏسون ٿا. فلمون ڪٽون، ناٽڪ ڪٽون، ڪهاڻيون ڪٽون، ڪجهه به ڪٽون، اَسانڪي اَدب ۾ پازيٽوٽِي ئي ملندي، پلي سماج ۾ نيگيٽوٽِيءَ جو پڙ ڀاري هُجي. جيڪڏهن ڪنهن رچنا جي ڪئنواس تي صرف ڪارو رنگ پوتيل آهي ته اُها رچنا ساهت ۾ اَپواد ئي ليکبي. اِنڪري، ساهت سماج جو آئينو آهي، مان نه مڃيندو آهيان.

سنڌين ڪي هِتي هند ۾ ”ٽانئيڪو“ ٿيندي ست ڏهاڪا ٿي چُڪا آهن. فطرتي آهي ته ليکڪن ڪي مڪاني توڙي علائقائي عناصر اَثرانداز ڪن. اُن تحت ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون ويئون آهن. اِهو ضروري به آهي. عالمگيريت (گلوبلائيزيشن) جي هن زماني ۾ جتي دنيا ڀر جي ثقافتن کي، ڪنهن مشيني وستوءَ جيان يڪ مُهانڊائي (uniform) بڻائڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن، اُتي جدا جدا مڪاني عناصرن کي پيش ڪرڻ لازمي آهي. اِنڪري سنڌي ڪهاڻي نويس وٽان صرف سنڌي ڪردارن وارين ڪهاڻين جي اُميد رکڻ بيجا ٿيندو.

گذريل پنجن سالن جي ڪهاڻي صرف اِنساني اَنيوَن، علحدن موضوعن، گهڻ مڪاني عناصرن، بارڪ مشاهدن، يا وقت سان بدليل اَحساسن - سَنويدنائن جي علحدگيءَ تائين محدود ڪانهي. اُن ۾ فني صلاحيتون به ڀرپور آهن. ڪهاڻي پنهنجو پاڻ ۾ مڪمل فنائتي چيز آهي. اِها حقيقت به غور طلب آهي ته ڪنهن به سُني ڪهاڻيءَ کي ڪنهن به وصف ۾ نٿو آڻي سگهجي. در اَصل، ڪهاڻي ڇا، ڪنهن به سُني اَدبي ڪاوش کي وصف جي محدود گهيري ۾ آڻي نٿو سگهجي، ڪنهن خاني ۾ رکي نٿو سگهجي. سُني رچنا پنهنجا ماپا پاڻ گهڙيندي آهي، جن تي اُها بيٺل هوندي آهي، رچيل



Gul Hayat Institute

هوندي آهي. هاڻوڪي ڪهاڻيءَ ۾ گهڻو ڪجهه پاٺڪ جي حوالي هوندو آهي. ليکڪ ڪهاڻي شروع ڪري ٿو، پاٺڪ کي ڪنهن ٻه-واٽي، ٽه-واٽي، چوواٽي يا اڳيان ٻه اَڻ ڳڻ واٽي تي پهچائي پاڻ گُم ٿي ٿو وڃي، ڪهاڻي کُليل ٿي رهي (اوپن)؛ پاٺڪ پنهنجي سمجهه، اَدبي ذوق، پنهنجي سماجي پس منظر مطابق اُن کي جوڳي نموني پورو ٿو ڪري. خاص نوٽ وٺڻ لائق خوبي اِها آهي ته اَڄ جي ڪهاڻي پوري ماپيل توريل آهي، جيتوڻيڪ اَڄ ڊِجيٽل ويئنگ مشينن جو زمانو آهي پر ڳالهه سمجهڻ لاءِ جي شيشي جي باڪس ۾ رکيل سوناري جي ساهميءَ کي ذهن ۾ رکون ته صحيح تور تڏهن ليکبي جڏهن ساهميءَ جي ڪمان بلڪل سِڌي ليڪ ۾ هجي، رتيءَ جو ڪو ننڍڙو حصو به ڪمان جو توازن ٽوڙي ڇڏي ٿو، تئن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ پئرا ته دور، هڪ جملو به - گهٽ يا وڌ - ڪهاڻيءَ جي خوبصورتيءَ ۾ ڪاڻ وجهي ڇڏي ٿو. تنهن ڪانسواءِ، اَڄوڪي ڪهاڻيءَ جي اِنتظار جو تاڃي پيٽو اَهڙو گوناگون آهي جو ازخود بيشمار ڊزائينون نهنديون ٿيون وڃن. ظاهر آهي ته هڪ به ڌاڳي جي ٽِٽڙيل اُٽت سڄي ڊزائين کي ئي ڪاري ڇڏيندي.

مقالا اِن خوبصورت ڊزائين، موهيندڙ سَروُپ تي آڱر رکي اَسانجو ڌيان ڇِڪائيندا، اِن اُميد سان مان هيءُ سِمپوزيم اوپن ڊڪليئر ڪريان ٿو.

(ساهتيه اَڪاڊميءَ جي تاريخ 16-11-2018 تي اَجمير ۾، ''گذريل پنجن سالن جي سنڌي ڪهاڻيءَ جو سروپ'' سِمپوزيم ۾ پيش ڪيل)

Gul Hayat Institute

# سنڌي غزل - اَڄ ۽ هاڻي

اَرجن چاولا

موجوده دؤر ۾ غزل شاعريءَ جي مقبول ترين صنف مڃي ويئي آهي. هونئن ته ڪاويه جون سڀئي وِڌائون ماڻهن جهڙيون آهن پر غزل سڀ ڪان زياده ماڻهو وجهي ٿو.

شاعري اَندر جو آئينو آهي جنهن ۾ اَحساسن جا عڪس جهلڪڻ لڳن ٿا. پر غزل دِل جي ڌڙڪنن جو پڙاڏو آهي ۽ نازڪ نفيس اَحساسن جو ترجمان بہ. جڏهن ٻولي اَڃا ايجاد نہ ٿي هئي، 'غزل' تڏهن بہ شايد هئو. آدي مانوَ ڪي جڏهن پرڪرتيءَ جي ڪنهن خوبصورت نظاري، آبشارن جي شور ۽ جهرڻن جي مسلسل ڌارائن جي جهيڻي سنگيت، ٻيلائي سناٽن ۾ پن پن مان گونجندڙ مڌر سرسراهٽ، پرندن جي منڙي لاتين ۽ جيتامڙن جي جهونگار متان موهيو هجي ۽ تڏهن هوءُ گونگو هوندي بہ شان جي ساختہ گُنگُنايو هجي - ڇا انهيءَ گنگناهٽ ڪي پهريون گيت، پهريون غزل چوڻ مناسب نہ ٿيندو؟

غزل هڪ رومانوي صنف آهي. رومانيت غزل جي فطرت، غزل جو سُڀاءُ ۽ غزل جي نوعيت آهي. غزل جا ٽي پهلوءُ آهن: فڪر، فن ۽ غِنائيت يعني گُنگناهٽ. فڪر ۽ فن جي جُڳلبندي ئي غزل آهي. فڪر ۽ فن جي جُڳلبنديءَ مان جيڪا لَئہ پيدا ٿئي ٿي اها جڏهن پانڪ جي دل جي ڌڙڪنن ۽ اَحساسن سان هم-آهنگ ٿئي ٿي، هم-آواز ٿئي ٿي، تڏهن اُن هم-آهنگيءَ مان بي ساختہ (spontaneously) گُنگُناهٽ اُڀري ٿي. فڪر جيڪڏهن غزل جي آتما آهي تہ فن غزل جو جسم پر گُنگناهٽ غزل جو حُسن آهي.

اَرڙهين صديءَ جي سنڌي شاعر نور محمد نڪڙائي خستہ

Gul Hayat Institute

ڪي پهريون سنڌي غزلگو شاعر ليکيو ويو آهي. جنهن هڪ سٽ فارسي ۽ هڪ سٽ سنڌيءَ ۾ لکي غزل لکيو. انهيءَ کان اڳ مغلن جي دؤر ۾ ايران کان آيل اَمير خسرو غزل جي روايت شروع ڪئي هئي ۽ هڪ سٽ فارسيءَ ۾ ته ٻي سِٽ هندستانيءَ ۾ پيش ڪئي هئي :

**زِحال مسڪين مکن تغافل، درائي نئنا بنائي بَتيان**

**ڪتاب هَجران ندارم ان جان، لگائي ليهون نہ ڪاهي ڇَهتيان**

هيلتائين محبوب جي آغوش جي گرماهٽ ماڻڻ جو اَحساس غزل جو روح رهيو آهي، پر اَڄ جو غزل زندگيءَ جي تلخ حقيقتن سان روبرو ٿيڻ لڳو آهي. سنڌي غزل پنهنجا موضوع بدليا آهن. اِظهار جي تقاضائن مطابق لفظن جي چونڊ، تشبيهون، تضمينون ۽ تضادون بہ بدليون آهن. آخوند گل محمد گل، مير عبدالحسين سانگي، قاسم، حافظ حيات شاه کان وٺي ليکراج عزيز تائين غزل جو موضوع روايتي، پرمپراگت (Conventional) رهيو آهي. يعني عشق، عاشق ۽ معشوق جي آسپاس ئي بہ گُهميو آهي. ليکراج عزيز جو شعر ڏسو:

**اَچان ڪيستائين ستائڻ جون ڳالهيون، تغافل ۾ صبر آزمائڻ جون ڳالهيون**

**ملڻ سان ڪٽي موڪلائڻ جون ڳالهيون، ڦٽن تي اَچا لوڻ لائڻ جون ڳالهيون.**

’ڦٽن تي لوڻ لائڻ‘ مُحاوري مان رومانوي نفاست جهلڪي ٿي. انهيءَ جي برعڪس جديد شاعريءَ جو شعر ڏسو - ’لوڻ‘ اَکر جو اِستعمال بلڪل اَلڳ طريقي جو آهي:

**لوڻ کي صابڻ نہ هڻ ويٺو چريا،**

**لوڻ کان ڪارائڻ ڪيئن ٿيندي اَلڳ.** (آتم ناٿن شاهي)

هن شعر ۾ لوڻ، صابڻ، ڪارائڻ، چريا اَکر غير شاعرانہ لڳن ٿا ۽ انهن جو ذائقو نثري ٿو لڳي. پر هي جديد شاعريءَ جي عمدن مثالن مان آهي. ٻيو مثال ڏسو:



Gul Hayat Institute

طعنا تنهنجا ها تيل جا چندا،
طبع منهنجي تتي تئي وانگي. (اُستاد بخاري)

هن شعر ۾ تيل جا چندا ۽ تتو تئو ڪجهه خشڪ قسم جا ۽ کهُرا اَکر لڳن ٿا پر ڪلپناشيلتا ڪيتري سني پايه جي آهي. اَلفاظ ساڌارڻ آهن پر اِظهار لاءِ لفظن جي چونڊ ۽ اِستعمال جديد آهي.

چند اَج چانهه ئي گهُرايو آ،
ڪجهه نشيدار پڻ وَران ٿو مان. (واسديو موهي)

شاعرانه اِظهار نئين سليقي وارو آهي.

**جدت:** هاڻي ڏسون ته جدت ڇا آهي؟ ويجهڙائيءَ ۾ سنڌي شاعريءَ ۽ خاص ڪري غزل ۾ نوان لاڙا، نوان رُجحان نظر آيا آهن. روايتي عروضي پابندين جو احترام ڪندي نئين غزل، ليڪ کان هٽي نوَن استعارن، اصطلاحن، تشبيهن ۽ تضادن کي نئين انداز ۾ پيش ڪرڻ جو ساهس ڪيو آهي. اِئين به چئي سگهجي ٿو ته نئين غزل ۾ روايت جي احترام سان گڏ باغيانه سُر به اُڀرندا نظر اَچن ٿا. نئين غزل جو گهاڙيٽو، بحر ۽ وزن روايتي آهن، پر خيال، اِظهار ۽ اَدائگيءَ سان گڏ لفظن جي چونڊ ۽ اِستعمال غير روايتي.

جديد يعني آڌُنِڪ (modern)، جدت يعني آڌُنِڪتا (modernity)، جديديت يعني آڌُنِڪتاواد (modernism)، ايجاد، تجديد، مُجدد وغيره ساڳي نسل جا اَکر آهن. جڏهن روايت يا پرمپرا (convention) ۾ نوان تجربا ڪندي بدلاءَ آندا وڃن ٿا ته نواڻ پيدا ٿيڻ لازمي آهي. اهو تجربن جو سلسلو Process of experimentation هلندو رهي ٿو. جديد، بعدجديد ۽ اَڳتي اَجا ڪو ٻيو نالو به ايجاد ٿئي. مان سمجهان ٿو ته جديد غزل کي روايتي غزل جو وستار ليکجي ته هرج ڪونهي. وستار به هڪ سلسلو آهي.



Gul Hayat Institute

Process of Transition تہ هر ڪيتر ۾ بدستور قائم آهي. جديديت (Modernism) کي روايت (Convention) جي خلافت چوڻ مناسب نہ ٿيندو. اهو غزل کي نئون موڙ ڏئي ليکبو. نوينتا هميشه سواگت يوگيہ آهي.

غزل ۾ جيڪڏهن روايتي محاورن ۽ شبداوليءَ جي استعمال کان پاسيرو ڏئي لفظن جي چونڊ ۽ اِظهار جي اَدائگيءَ ۾ نوان طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا تہ انهيءَ پهل جو سواگت ٿيڻ کپي. پر ساڻ گڏ اهو احتياط رکڻ بہ ضروري آهي تہ اِظهار عام پاٺڪ جي فهم کان مٿيرو نہ ٿي وڃڻ کپي. غزل جي ساخت (Structure)، غزل جي نوعيت (Special Character)، اَظهار، اَدائگي (Expression, Presentation)، فڪر ۽ فن ۾ اَهڙو ڪجهہ سمايل رهي ٿو جو غزل جو هر شعر پاٺڪ جي دل جي ڌڙڪن سان هم-آهنگ ۽ هم-آواز ٿي پوي ٿو. غزل جو اهو ڇُهاءُ ئي تہ غزل جي خاص سُڃاڻپ آهي، جيڪا غزل کي ٻين صنفن کان علحدو ڪري بيهاري ٿي. غزل جي مقبوليت ئي غزل جي آبرو آهي. غزل رس پريو آهي تہ چِس پريو بہ آهي.

ڪو وقت هو جڏهن غزل کي گنگناهٽ کان الڳ ڪري ڏسڻ ڪجهہ عجيب لڳندو هو. اُردو ڀاشا ۾ غزل ڪيترين نہ اوچاين ڇُهيون آهن. اُردو مشاعرن ۽ محفلن ۾ غزل کي هميشه گنگنائي پيش ڪرڻ جي پرمپرا رهي آهي. غزل جي مقبوليت جو هڪ اهو بہ ڪارڻ متان رهيو هجي. فڪر ۽ فن جي جُگلبنديءَ ۾ جڏهن گنگناهٽ شريڪ ٿئي ٿي تہ هڪ قسم جو خواب آلوده ماحول ٺهي ٿو پوي ۽ بي ساختہ (Spontaneously) واہ واہ نڪري وڃي ٿي. شايد غزل جي سُڀاءُ، مزاج ۽ چريتر ۾ ئي گنگناهٽ سمايل آهي. در اَصل عروضي پابندين جو اَحتراج ڪندي بحر ۽ وزن، قافيہ ۽



Gul Hayat Institute

رديف جي سانچي ۾ ڍاليل غزل جي تقطيع (Scanning) ڪرڻ تي موسيقيت جو سواد ماڻڻ لاءِ ملي ٿو.

پر چاڪاڻ ته جديد غزل زندگيءَ جي زميني سچاين سان واسيطداري جتائيندي، سمانتائن ۽ وروڌ آڀاس (Contrasts)، تلخين ۽ تضادن ۾ اُڀيل حقيقي زندگيءَ جي ترجماني ڪري هلڻ جي دعويٰ ڪري هلي رهيو آهي، تنهنڪري سواد ۽ ذائقي ۾ رومانوي مِٺاس ۽ لذت جي بجاءِ ڪجهه ڪسارو پڻ يا هلڪي ڪاراڻ ملڻ جو اِمڪان به ڪٿي ڪٿي پيدا ٿيو آهي.

هونئن ڏسجي ته ڪلپنا يا تخئيل شاعريءَ جي جان آهي. پراوَن خواه خود جي جذبن (Emotions / Sentiments) ۽ اَحساسن (Feelings) جو اِظهار جڏهن سُهاوڻي ڀاشا جي پوشاڪ پهري تخئيل جي پَرَن تي هسوار ٿي اُڏام ڀري ٿو ته شاعريءَ ۾ رنگت پيدا ٿيو پوي. روايت جي سانچي ۾ ڍليل اَجوڪو جديد غزل حقيقت پسندي يعني يٿارٿواد (Realism) جو زياده قائل نظر اَچي ٿو.

اُردو غزل جي خاصيت آهي ته غزل ۾ هڪ مرڪزي خيال (Single Thought Content) ملي ٿو. هڪڙي ئي غزل جا شعر تضادي Contrasting نظر ايندي به مکيه ماحول يا مرڪزي خيال سان ٺهڪندڙ ۽ تائيد (Support) ڪندڙ ملن ٿا.

ويجهڙائيءَ ۾ جديد سنڌي غزل جي ساخت (Structure) ۾ ته خير ڪو بدلاءُ آيو آهي پر اِظهار ۽ اَدائگيءَ جي لحاظ کان ڪٿي ڪٿي بي-ميل لفظن جو اِستعمال غزل کي دقيق بڻائي ٿو وجهي ۽ نتيجي طور غزل پنهنجي توليدي خصلت (Inborn virtue) ۽ رومانوي حظ (Romantic fervour) کان وانجهيل ڀاسڻ لڳي ٿو. اُردو غزل ۾ رومانوي رنگت اَجان به قائم آهي. حقيقي زندگيءَ سان وابستگي رکندي ۽ جديد

Gul Hayat Institute

زندگيءَ جي تلخين سان روبرو ٿيندي بہ اُردو غزل جي نوعيت (Special Character) ۽ مزاج ۾ خاص بدلاءُ نہ آيو آهي. اَلبت اهو بدلاءُ سنڌي غزل ۾ بيشڪ نظر اَچي ٿو. انهيءَ Process of Transition جي هلندي ڪٿي ڪٿي غزل کي جديد ۽ بعد-جديد بڻائڻ جي چاهت ۾ لفظن جي چونڊ ۽ اِظهار کي ايترو دقيق بڻايو ويو آهي جو ڪي شعر تہ غزل جي شايع پاٺڪن يا ٻُڌندڙن جي مٿي کان مٿيرو نڪري ٿا وڃن - يعني عام فهم کان مٿيرو هليا ٿا وڃن. ٻي ڳالهہ - جديد غزل ماڻيندي بہ اِئين لڳي ٿو ڄڻ جديد سنڌي غزل مان رنگ- تغزل ڏيري ڏيري غائب ٿيندو وڃي ٿو. اِئين نہ ٿئي جو جديد ۽ بعدجديد سنڌي غزل پنهنجي رنگ-تغزل کي، پنهنجي گنگناهٽ کي ۽ پنهنجي لئہ کي تلاشيندو ئي رهجي وڃي!

ﷺ

## غزل

✍ اُستاد بخاري

خريدارو، وڃو موٽي، خدا جو سُنهن ڪتل آهيان،
چمڻ کان موت تائين، سنڌ-ڌرتيءَ جو وَتل آهيان.

جي اورين ٿو تہ مان همغم، جي روئين ٿو تہ مان ماتم،
جي ماپين ٿو تہ مان پربَت، جُهڪائين ٿو جبل آهيان.

اَجل منهنجي پنيان، تقدير سِرَ تي، رب رڳ رڳ ۾،
اَٽل جيڪي بہ آهن مون سان آهن مان اَٽل آهيان.

خليل اَلله ٿو بڻجين، گواهہ اَلله ٿو ڏين، پر،
اِنهيءَ ڪاتي اِنهيءَ هٿ کان ڪئي ڀيرا ڪُٺل آهيان.

جي تون آڙاهہ مان بادل، جي تون بادل تہ مان اوٺر،
تون جيڪي ٿين ۽ جاتي ٿين، مٿان تنهنجي اَجل آهيان.

ازل کان پئي هليو آهيان، بخاري ڪجھ ٽڪو هوندس،
جهلئي ڪَنهنجي رُڪيو ناهيان اَڃان چئبو اجهل آهيان.

ﷺ



Gul Hayat Institute

تقرير- # اِندو-پاڪ سِندوُ مها اُتسوُ

**(نئين دهليءَ ۾ ١٧-١٩ سيپٽمبر ٢٠٠٥ تي آيوجت)**
**(١٧ سيپٽمبر تي شروعاتي بئنڪ ڪانپوءِ، ١٨ سيپٽمبر تي پهرين بئنڪ ۾ ڏنل صدارتي تقرير مان ڪي ٽڪرا)**

**✍ موتيلال جوتواڻي**

هردل عزيز دوست ۽ ڀارت جي سنڌي اَديبن جي وفد جا اَڳوان شري سريش ڪيسواڻي جي، دل گُهريا دوست ۽ سنڌ جي اَديبن جي وفد جا مهندار جناب قمر شهباز صاحب، ۽ ڀائرو، ڀينروُن ۽ بزرگو،

سنڌو اُتسوَ جي ڪالهوڪي (١٧ سيپٽمبر ٢٠٠٥ واري) شروعاتي بئنڪ ۾ شري سريش ڪيسواڻيءَ، شري رام جيٺملاڻيءَ ۽ محترم قمر شهباز صاحب سنڌ جي آڳاٽي سڀيتا موهن جو دڙو (The Mound of the Dead) کي ڪي ياد ڪيو ۽ ..... ياد ڪيو قادر جي قدرت ۾ سڀ کان پُراڻي سنڌو درياهه کي. ... اُهو سنڌو درياهه تِبت مان نِڪري، ڀارت ۾ ليهه (لداخ) وٽان لهي، پاڪستان ۾ گِهڙڻ ڪانپوءِ سنڌ ۾ وهي ٿو ۽ اوُ سنڌ جي شَهَ رڳ (Jugular Vein) آهي.

اَسين آڳاٽي سمي ۾ اُن سموري علائقي کي وسيعتم سِنڌ (بهتر سنڌ) يا (Greater Sindh) چوندا هئاسين ۽ اُن ۾ سنڌوءَ نديءَ جي ڪناري چار ويد لکيا ويا هئا. انهن ويدن منجهان پهرئين رگ ويد ۾ سنڌو نديءَ بابت ٩ شلوڪ ڏنا ويا آهن (انهن شلوڪن جو سنڌي بيت فارم ۾ هِن بندي جو ڪيل ترجمو 'سنڌو ندي' ڪتاب، ڇپائيندڙ سنڌي اَڪادمي، دهلي، ١٩٩٨ ۾ ڏنل آهي) ۽ ساڳئي ويد ۾، اَڄوڪي سيمينار جيان، ڪنهن به سيمينار جي شروعات ۾ ڪم اَچڻ جهڙا گفتا ڏنا ويا آهن:



Gul Hayat Institute

संगच्छध्वम्  سَنگڇهہَ ڌوَم (Move together in unison.)

संवदध्वम्  سَنوَدَ ڌوَم (Conduct dialogues with goodwill.)

واقعي، هِن سنڌو مها اُتسوَ جي ڪالهوڪي شرعاتي بئنڪ ڪانپوءِ، هن پهرين بئنڪ ۾ پڻ، اَسان پنهنجو گفتگو پُر خلوص نموني، ڀائيچاري سان هلايو آهي. هِن پهرين بئنڪ ۾، ڀارت جي جدا جدا حصن ۾ سنڌي ٻولي ۽ اَدب تي صوبائي ٻولين جي اَثر تي، ۽ گذريل ۵۸ سالن ۾ ڀارت جي مالي ترقي جي سنڌي ٻوليءَ تي اَثر تي ڏاڍا عالماڻا پيپر پڙهيا ويا آهن. مان هِن بئنڪ جي مکيہ تقرير ڪندڙ ڊاڪٽر ستيش روهڙا ۽ بحث ۾ حصو وٺندڙ ٽن مکيہ ڳالهائيندڙن ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي، ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ ۽ شري ڪرشن راهيءَ جو تهدل ٿورائتو آهيان، جن اِن وشيہ سان نبهائي ڀاڱ ملهايو آهي.

در اَصل، اِن وشيہ جا ٻہ ڀاڱا آهن، ۽ اُن جي پهرئين ڀاڱي تي غور ڪجي تہ اَسانکي لڳندو تہ اَسان وٽ سنڌي ٻوليءَ جا لاڙِي، لاسِي، ٿرِي، ڪڇِي، وچولي ۽ سرائڪي لهجن (اُپڀاشائن) ڪانسواءِ، ڀارت ۾ گجراتي آميز سنڌي (Gujarati-ised Sindhi)، مراٺي آميز سنڌي (Marathi-ised Sindhi)، هندي آميز سنڌي (Hindi-ised Sindhi) وغيره لهجا (اُپڀاشائون) پڻ موجود آهن. اَسان ڀارت ۾ جنهن جنهن پرانت ۾ رهوُن ٿا، تنهن تنهن پرانت جي پنهنجي ٻوليءَ جا اَثر اَسانجي سنڌي ٻوليءَ تي نمايان آهن. مثال طور، گجرات جو سنڌي ڳالهائيندڙ شخص چوندو، ”تون مونکي هوڏانهن هلڻ لاءِ چوين ٿو، مان هوڏانهن هلندس؛ ڪو واندو ناهي.“ ۽ هوُ صاحب ”واندو“ لفظ جو اِستعمال ”اَعتراض“ لفظ جي معنيٰ ۾ ڪندو. مهاراشٽرا جو سنڌي ڳالهائيندڙ شخص چوندو، ”تون چورِي، گهڻي مست آهين!“ يا چوندو، ”تون چا لاءِ بوُم ٿو مارين؟“ ۽ هو صاحب ”مست“ جو اِستعمال ’سُهڻي‘ لفظ جي

معنيٰ ۾ ڪندو يا ’بوُم ٿو مارين‘ جو مطلب ’بڪواس ٿو ڪرين‘ ۾ ڪيندو. اَسانجي سنڌي ٻوليءَ ۾ وياڪرڻ (گرامر) جون پڻ ڪيتريون غلطيون نمودار ٿين ٿيون. مثال طور، (١) جيڪڏهن پُڇبو، ’’شيام گهر ۾ آهي؟‘‘ ته اَڳلو جواب ڏيندو، ’’شيام گهر ۾ ڪانهي.‘‘ (ٿيڻ کپي - شيام مذڪر آهي، انڪري ’ڪونهي‘. (٢) جيڪڏهن پُڇبو، ’’راڌا گهر ۾ آهي؟‘‘ ته جواب ايندو، ’’راڌا گهر ۾ ڪونهي.‘‘ (ٿيڻ کپي - راڌا مونث آهي، انڪري ’ڪانهي‘. (٣) نه، هِن گهر ۾ ڪو شيام رهندو ڪونهي (’ڪونهي‘ ۾ ’ڪو‘ اَڳ ۾ ئي آهي؛ ٿيڻ کپي : نه، هِن گهر ۾ ڪو شيام رهندو ناهي. يا - نه، هِن گهر ۾ شيام رهندو ڪونهي. (۴) نه، هِن گهر ۾ ڪا راڌا رهندي ڪانهي (’ڪانهي‘ ۾ ’ڪا‘ اَڳ ۾ ئي آهي؛ ٿيڻ کپي : نه، هِن گهر ۾ ڪا راڌا رهندي ناهي. يا - نه، هِن گهر ۾ راڌا رهندي ڪانهي.

هونئن ته عالمن جو اِهو رايو آهي ته ڪنهن ٻوليءَ جو ٻِگاڙو ڪونه ٿيندو آهي؛ هر زمان ۽ هر مڪان ۾ اُن جو وڪاس (evolution) ٿيندو آهي. ليڪن ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو (ڀارت ۾ سنڌين جي سيني پرانتن ۾ ٽِڙي-پکڙي وڃڻ ڪري) اَهڙو ٻِگاڙو ٿيو آهي، جيڪو ’غلط العام صحيح‘ اصول جي دائري ۾ پڻ نٿو اَچي.

اَچو، اَسين ڀارت ۾ ضميري پڇاڙين جي اِستعمال تي غور ڪريون. ڪي ماڻهو چوندا، ’’مان ممبئيءَ نه ويندم.‘‘ هيڏانهن ’’مان‘‘ ضمير جو اِستعمال ڪندا، ته هوڏانهن ضميري پڇاڙيءَ سان ’ويندم‘ به چوندا، گويا ضمير ’مان‘ ۽ ضميري پڇاڙيءَ سان ’ويندم‘ ۾ به اِنجڻيون مختلف پاسن کان ريل گاڏيءَ کي هلائينديون. ڀلا، اها ريل گاڏي ڪيئن هلندي ۽ اَسانکي اَڳلي اِسٽيشن تي ڪيئن پهچائيندي؟

هاڻي، اَسين وشيه جي ٻئين ڀاڱي تي اَچون ٿا. ڀارت ۾ سنڌين جي مالي ترقيءَ جو اهو عالم آهي، ته هاڻي اَسان سنڌين جو ڀارتي

سماج ۾ رُتبو وڌيو آهي. هڪ نقصان ضرور ٿيو آهي ته مالي ترقيءَ ڪري اَسان سنڌي (پڙ) ٻين جي ديکاديکيءَ پنهنجا ٻار اَنگريزي- ماڌيم وارن اِسڪولن ۾ ويهاريون ٿا. هونئن اَسين سنڌي ماڻهو شرڻارٿين مان پرشارٿي، پرشارٿين مان پرمارٿي ٿي پيا آهيون. اَسان ڪيترائي ڪاليج جوڙايا آهن، ڪيتريون ئي اسپتالون جوڙايون آهن، جي پارٽي لوڪن جي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ آهن. اَڳ ۾ ڪي ماڻهو اَسان سنڌين جو ٺورو گهڻو مذاق اُڏائيندا هئا، ”اَگر آپڪو راستي ۾ ايڪ سنڌي ملي يا ايڪ سانپ ملي تو آپ ڪِس ڪو پهلي مارينگي؟“ اَڳ۾ ڪيترائي فلم ڪاميدين ڪنهن سنڌي شڪارپوري سيٺ جي لهجي جو نقل ڪندي چوندا هئا، ”آپ ڀِي تو اِس پراجيڪٽ مين پئسا لڳائو نِي ...“ اَسانجي مالي ترقيءَ سان وڌيل رُئبي ڪري هاڻي ڪو ماڻهو اَهڙو مذاق ڪرڻ جي همٿ نه ڪندو ۽ ڪو فلم ڪاميدين اَهڙو گفتو نه ڪيندو. جيڪڏهن مان پنهنجي ئي جملي کي ڪوڪا ڇِليون هڻي وڌيڪ ڏيان سان چوان، ته چوندس: هاڻي گهڻو ڪري ماڻهو اَهڙو مذاق ڪرڻ جي همٿ نه ڪندو ۽ گهڻو ڪري فلم ڪاميدين اَهڙو گفتو نه ڪيندو. ”ڪو“ بدران ”گهڻو ڪري“ چوڻ وڌيڪ صحيح آهي.

اِهي ته ٿيا اَسانجي سنڌي ٻوليءَ تي ٻين صوبائي ٻولين جا اَثر. هاڻي اَسين سنڌي ٻوليءَ ڪانسواءِ سنڌي اَدب تي ٻين صوبائي اَدب جا اَثر جاچيون. اِئين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته ملڪ جو ورهاڱو اَسان لاءِ لعنت سان گڏوگڏ نعمت پڻ ڪٺي آيو - نعمت اِن ڳالهه ۾ ته اَسين ڀارت جي مکيه ڌارا (Main Stream) سان ملي هڪ ٿي ويا آهيون ۽ هينئر سنڌ جو ڪو وڏو عالم (جهڙوڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اَنگريزي ڪتابن تان صحيح صحيح نه اُتارڻ ڪري) سنسڪرت جي ودوان Dandin (ڊنڊي) کي ”ڏنڏن“ نه چوندو، وغيره وغيره.

آخر ۾ هڪ ڳالهہ. اَسانکي نئين زماني ۾ نيون علامتون جوڙڻيون پونديون. ملڪ جي ورهاڱي (۱۹۴۷) تائين اَسين شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جي ڪلاسيڪل علامتن موجب سنڌي جيوت گهاريندا رهيا هئاسين. وقت آيو آهي تہ اَسين انهن علامتن ۾ هاڻوڪي زماني جي شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام جون بہ نيون علامتون پڻ جوڙيون ... ۽ وڏي واڪي چئون:

مذهب منهنجو ماڻهپو، دين ڌرم سڀ ڏُوڙ،
پرکي ڳالهہ پروڙ، او ڪاٽيارا ڪوڙ جا ...
(شيخ اَياز)

۽

چاڻ ماڻهن جي پوي صاف سندن ٻوليءَ مان
شيام ڳالهائجي سنڌي ٿي جتي، سنڌ اُتي،
سنڌ کي ڪونہ جُدائي ڪو سگهي، سنڌين کان
سنڌ سنڌين ۾ وسي، سنڌ هِتي، سنڌ هُتي.

هي بَندو اهو چوڻ گُهري ٿو تہ اَسين سنڌي سرحد جي هِن پار هُجوُن چاهي هُن پار، اَسين هڪ ٻئي لاءِ هِن سرشٽيءَ ۾ لازم ملزوم وانگي آهيون. جيئن اَسين ڦول جهڙي ڪا چيز هِن پرياورڻ (Ecology) سرشٽيءَ ۾ جنبش ۾ آڻينداسين، تہ آسمان ۾ هڪ تارو لرزي اُٿندو، تيئن اَسين سنڌي سرحد جي ٻنهين پارين هڪ ٻئي لاءِ بيحد ضروري آهيون. مذهب جي رِشتي کان ٻوليءَ جو رِشتو وڌيڪ مضبوط آهي. فراق گورکپوري چيو آهي:

يارو باهم گُندي هئي هئن، ڪائنات ڪي ٽڪڙي،
ايڪ ڦوُل ڪو جنبش دوگي، تو اِڪ تارا ڪانپ اُٿيگا.

यारू माहम गुंधे हुए हैं, काइनात के टुकड़े
एक फूल को जुंबिश दोगे, तो इक तारा कांप उठेगा।

Gul Hayat Institute

کي - نوٽ:

# سنڌي ساهتيڪ ۽ ثقافتي وَرثي جي حفاظت

✍ نامديو تاراچنداڻي

آدرڻيہ دوستو،

سنڌي ساهتيڪ ۽ ثقافتي ورثي جي حفاظت بابت آيل مُدبرن جي مقالن پيش ڪرڻ جي سلسلي کان اَڳ، مون کي هن رٿا جي مقصد-مُراد بابت ڪجهہ چوڻو آهي. ان کان اَڳ ٻہ ڳالهيون چٽيون ڪريان.

هڪ - هِت پيش ٿيندڙ خيال -ويچار Ideas & opinions - سياويڪ طور، پيش ڪرڻ وارن جا شخصي ويچار سمجهڻ گهرجن. اَسان کي شايد ڪِن جون ڪي ڳالهيون گهٽ-وڌ دل سان لڳن - پر اَسان کي اهي وڏي دِل رکي ٻُڌڻ جي اِلتجا آهي.

ٻِي ڳالهہ - اَسان جو اِرادو اِئين تہ سموري سنڌي جاتيءَ سان جُڙيل آهي. پر فوڪس ڀارت جي سنڌي ساهتيڪ ۽ ثقافتي ورثي جي حفاظت رهڻ سياويڪ آهي.

اَسان وٽ ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ساهتيہ ۽ ثقافت يعني ڪلچر جي حوالي ۾، ڪافي سرگرمين باوجود حالتون ايترين بهتر يا آشاوادي نظر ڪانہ ٿيون اَچن. ڊپ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو، خاص ڪري عربي لپيءَ جي اِسڪولن بند ٿيڻ سبب، ڪجهہ ڏهاڪن ۾، اَجان بہ گهٽجي وڃي!

دوستو، ڊَپُ رکڻ يا ان جي قبوليت جو اِظهار ڪرڻ، کو هروڀرو نراشاوادي نظريو ڪونہ آهي - پر اها هڪ حقيقت شناسي بہ آهي.

موجود حالتن ۾ اَسان لاءِ ترجيح يعني Priorities بدلجي ويون

Gul Hayat Institute

آهن. سنڌي ٻوليءَ جي سرگرمين سان گڏ، يا ان کان بہ اَول، ۽ شايد ان کان بہ وڌيڪ، اَسان کي هاڻ سنڌي جاتيءَ جي پهچان - Identity of Community جي قائم رکڻ جو فڪر ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان لاءِ اَسان کي ساهتيڪ ۽ ثقافتي يعني ڪلچرل ورثي جو بچاءُ ۽ ساڻ-ساڻ ڦهلاءُ ڪرڻو پوندو. ان جو هڪ وڏو سبب هيءُ بہ آهي. اَسان وٽ هڪ پوري پختي جنريشن اَسان جي سامهون وڏي ٿي چُڪي آهي، جن کي سنڌي فقط ڳالهائڻ اَچي ٿي - بس. اُنهن جي بعد جي پيڙهي شايد ڳالهائڻ کان بہ محروم هوندي. وري ان کان پوءِ واري پيڙهيءَ کي شايد اها بہ خبر نہ هوندي تہ اَسان سنڌي آهيون.

انڪري اَسان کي سنڌي رهڻي ڪرڻي، سنڌي ريت رسم-رواج، سنڌي تهذيب، سنڌي سنگيت - راڳ، سنڌي سنت مهاتمائون، سنڌي لوڪ ساهتيہ، لوڪ نرتيہ، ان طرح سنڌي ڪاڌا-پيتا، سنڌي اِتهاس، سنڌي ميوزيم - اِهو سڀ ڪنهن نہ ڪنهن ماڌيم سان، هنن پيڙهين تائين سنڌي اُتسوءَ - Festivals جي ذريعن سان بہ پهچائيندو رهڻو پوندو.

نہ تہ ڇا ٿيندو؟

نہ تہ اَسان جي پهچان گُم ٿي سگهي ٿي.

پوءِ ڇا ٿيندو؟ يا ڇا ٿي پيو؟ جي پهچان گُم ٿي وڃي!

اَسان اَڪيلا ٿي پونداسين. سياسي سماجي طور اَسان جا پنهنجا اَسان ساڻ نہ هوندا. اَسان کي سماجڪ گُهٽڻ (Social Vaccum) محسوس ٿيندو.

ساهتيڪ ۽ ثقافتي ورثي جي بچاوَ ۽ ڦهلاوَ جو فڪر ڪرڻ واري پيڙهي هاڻ بہ گهڻي Active Age ۾ نہ رهي آهي. اها جلد ڪاريہ ۽ سوچڻ ۾ پنتي ٿيندي ويندي. انڪري هن ڪم ۾ چُستي رکڻ جي ضرورت آهي.

سنڌي جاتي ٻولي ڪلچر بابت سنڌ ۾ اَسان کان گهڻيون بهتر



Gul Hayat Institute

حالتون هوندي بہ، هوُ اَسان جا وڏا پائر ۽ فڪرمند رهندا آهن. ڇو جو سنڌ جون سياسي حالتون بہ پنهنجي قسم جون آهن ۽ وري اَسان سان هنن سان ملڻ جُلڻ بہ محال آهي.

اَسان جو مقصد آهي، سنڌي جاتيءَ جي هڪ پهچاڻ قائم رهي. اَسان سنڌي هئڻ جي ناتي، سنڌيت جي ناتي، پنهنجن کي سُڄاڻي هڪ پنهنجائپ جي پاونا واري صِدق (Attachment) جي ڪشش محسوس ڪري، هڪ ٻئي جو سوکيم سهارو بڻجي سگهنداسين. چاهي اَسان آپسي وهنوار سنڌيءَ کان سواءِ ڌارين ٻولين ۾ بہ ڇو نہ ڪندا هجون.

هن مقصد جي دِشا، شايد، اَڃان ڪجهہ وقت لاءِ، پوريءَ طرح شفاف (Transparent) نظر نہ بہ اَچي. سوچ ويچار جا هي سلسلا ڪنهن طرح جاري رهڻ سان، اَسان ڪيترن سوالن جا جواب تلاشيندي، شايد، نوان سوال پيدا ڪنداسين! پر اهي سوال بہ هڪ سوکيم سُڄاڳي پيدا ڪندا رهندا ۽ سُڄاڳي (Awareness) پاڻ ئي پنهنجن پيدا ڪيل مُونجهارن - سوالن جا جواب پيدا ڪندي رهندي.

ها - سُڄاڳي (Awareness) ئي اَسان جو مکيہ مقصد آهي! هن سيمينار ۾ منهنجو ڪو پيو پيپر نہ آهي. انڪري تمام مختصر ۾، هن ڪِي-نوٽ اَئڊريس ۾، مان ڪجهہ پنهنجا ويچار بہ رکندو هلان - جي فقط Primary thoughts آهن - باترتيب نہ بہ لڳن. پر هنن Random ويچارن تجويزن سان سوچ جو سلسلو جڙيل آهي. ان سلسلي ۾، آيل مدبر دوست پنهنجي پنهنجي ڪاريہ کيتر جي حوالي سان بهتر تجويزون ڏيندا ۽ اهو سلسلو ضرور ڪي بهتر Focussed Areas طئہ ڪرڻ ۾ مدد ڪندو.

اَسان هن سيمينار کي ڪتاب جي روپ ۾ رکڻ جي بہ ڪوشش ڪنداسين.

**ڪجهہ تجويزون - Opinions, Proposals and Options :**

هيريٽيج - ورثي کي قائم رکڻ - ڦهلائڻ لاءِ اَسان کي اَهڙين سنڌي هستين جون داخلائون Encyclopedia Wikipedea تي رکڻ گهرجن. هن وقت ضرور ڪجهہ ليکڪن جا تفصيل آهن - پر ان جو وڏ ۾ وڏ اُپيوگ ڪرڻ گهرجي. ڪير بہ اهو ڪم ڪري سگهي ٿو. ڪوبہ خرچ نہ آهي. دنيا ۾ اَسان جون هستيون هن عالمي Knowledge Bank ۾ سلامت رهنديون ۽ سنڌيت جي خوشبوءِ ڦهلائينديون رهنديون.

ان جو سنڌي ورزن بہ موجود آهي ۽ هاڻ ديوناگري بہ شروع ٿيو آهي. هن کي سنڌيءَ ۾ جاڻ چيڪلو ٿا چوَن. سنڌيءَ بابت هن وقت فقط 10933 داخلائون آهن. سڄي وِڪيپيڊيا هاڻ Encyclopedia Britanica جي 15000 واليوم جيتري ٿي ويئي آهي. اَسان وٽ ڪجهہ ننڍيون پر بهتر Encyclopedeas تيار آهن. جئن سنڌي ساهتيہ ڪوش - سنڌي سيٽڪ ڪوش، سنڌ جي تصوير عرف سنڌ جو اِتهاس - هي ڪتاب بہ هڪ طرح ڪوش جيترو اَهم آهن. هڪ وڏي ويب سائيٽ TheSindhuworld.com بہ آهي. هنن ڪمن جي وڏي اَهميت آهي. جن بہ هي ڪيا آهن، انهن کي سلام آهي. اَهڙن ڪمن جي وڏي پئماني تي ڦهلاوَ ڪرڻ ۽ انهن کي اَپڊيٽ ڪري هاءِ لائيٽ ڪرڻ ۽ اَهڙا ٻيا وڏا پراجيڪٽ ڪرڻ جي ضرورت آهي. آشا چاند جا سوين سنڌي وِڊيوز بہ هت ياد ڪريون.

هنن معرفت سنڌيت برقرار رکڻ بابت گهٽي جاڻ اينڊ پيڙهين لاءِ ميسر رهندي. هت ذڪريل بہ ڪوش تہ فقط هت سنڌالاجيءَ ۾ دستخط طور پيا آهن. اُنهن کي اَپڊيٽ ۽ آن لائين ڪرڻ گهرجي. هي ڪتاب ڇپائڻ سياڻپ نہ آهي - ڇو جو هنن جو اُپيوگ ماس-ميڊيا ۾ ئي بهتر ٿي سگهي ٿو.

اَسان سنڌي تہ اَصل کان سنڌ ورقي آهيون. انڪري اَسان وٽ Diaspora جو Concept اَڳ ئي آهي. ان سلسلي ۾ هڪ شاهي



Gul Hayat Institute

پئماني تي Diaspora پليٽفارم هجي. We Sindhi جهڙي ڪا چئن هجي، جيڪا دنيا ڀر جي سنڌين کي جوڙي ۽ ڳهربل سرگرميون ڪندي رهي. پل اُهي دمادم مست قلندر جيان - هوجمالو اَنگريزيءَ ۾ ڳائن. اَسان جو مقصد پوءِ به ڪامياب آهي جو ڪنهن طرح سنڌيت جي خوشبوءِ ته ايندي.

سنڌي تهذيب سان وابسطہ ڪيترين Iconic & Antics چيزون، ڪتاب، پرنٽ يا Digital روپ ۾، Screening جا ساڌن، تمام قيمتي CDs جئن دادا واسواڻي - رام پنجواڻي، ماسٽر چندر جا وِڊيوز - اهي سڀ قيمتي خزانا اَڄڪلهه ماڊرن نموني Time Capsule ۾ سنڀالي رکڻ ممڪن آهي. جئن ڪجهه صديون پوءِ وارا اهو سڀ ساڀيا ڏسي سگهن. اَڄڪلهه اَهڙا Time Capsules جام رکيل آهن - اَسان سنڌين جي تهذيب گُم ٿيڻ جو خطرو ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هئڻ جي ڪري اَسان کي ان بابت سوچڻ گهرجي.

جئن هڪ وديشي سنسٿا وڏن ليکڪن جو آواز رڪارڊ ڪرائي رکيو آهي، جن ۾ ڪي سنڌي ليکڪ پڻ شامل آهن.

لپيءَ بنسبت مسئلو تازو آيل Transliteration Software جهڙن Digital Tools سان چڱو حل ٿيڻ جي اُميد آهي. شايد آن لائين ٽيڪسٽ پڙهڻ جا آپشن ملن ته توهان اها چوند لپيءَ ۾ پڙهي سگهو ٿا. آڊيو بوڪ ۾ ته اها تڪليف به نه آهي. انڪري اَسان کي عربي سنڌي يا وري ديوناگري ۽ رومن لپي - سڀني جو اُپيوگ ڪرڻ لاءِ پنهنجو من مڃائڻو پوندو. اها حالتن جي تقاضا آهي. اَسان عربي لپي به ڇڏي نه سگهنداسين. نه ته سنڌ کان ڪٽجي وينداسين. اها ڳالهه سيريسلي سمجهڻ گهرجي. اها هر حالت ۾ ڇڏڻ ناممڪن آهي. ديوناگري به بلڪل ضروري آهي جو اَسان ساڻ هلندڙ پيڙهيون عربيءَ کان واقف نه آهن. اَسان کي رومن لاءِ به Soft Corner آهي. توهان چاهيو يا نه چاهيو، سوشل ميڊيا ۾ به اها هلندي رهي ٿي ۽ Diaspora لاءِ پوشيہ ۾ اها سهارو بڻجي سگهندي.

Gul Hayat Institute

ان ساڻ وڏ ۾ وڏ بهتر ڪتاب اَنگريزي ۽ هنديءَ ۾ انواد ڪرائڻ گهرجن.

اَسان وٽ هزارين نہ پر شايد لکين عربي سنڌي ڪتابن جو خزانو آهي. جيڪو چاڻ ميوزيم يا گدام بڻجي سگهي ٿو. ان جو Transliteration بہ ممڪن ڪونہ ٿو لڳي. انهن بابت ڪا نہ ڪا تجويز سوچڻي پوندي تہ ان جو ڇا ڪرڻ گهرجي. اَسان تہ اَڄان ڪتاب ڇپائي خوش ٿيون ٿا - پر ان جو پوشيہ ڪهڙو ۽ ڪيترو آهي، اهو سوچڻ جو وقت اَچي ويو آهي.

شري روچي تيرٿداس نالي هڪ سنڌيت جي شيدائي ۽ سپاهيءَ ڪيترائي سال سنڌي اخبارون، ڪتاب، ليکڪن جا فوٽا، ڪئسيٽون ۽ VCDs جو وڏو ذخيرو گڏ ڪيو جيڪو اَسان لاءِ قيمتي هيريٽيج جو ورثو آهي. اَهڙو ورثو هت آديپور جي هن Indian Institute of Sindhology ۾ بہ موجود آهي. هڪ شاهي لئبرري اُلهاسنگر ۾ سنڌو يوٿ سرڪل ۾ بہ آهي. بڙودا جي هڪ سنڌيت پريمي سرڳواسي لعلواڻي صاحب وٽ هزارين سنڌي رڪارڊ موجود هئا ۽ آهن.

هنن سيني کي جديد نموني سنڀالڻ جي ضرورت آهي - نہ تہ هيءُ سڀ گرميءَ سبب شايد سلامت رهي نہ سگهن. يا وري وقت جي اُڌهي اُنهن کي ختم ڪري سگهي ٿي.

بس، اِئين چئجي ڪٿي تہ هيءُ سيمينار سڄاڳي (Awareness) جو سيمينار آهي. جاڳڻ جو سيمينار آهي. سنت ڪنوررام جو هڪ گيت - هڪ آلاپ ياد ڪريون - تمام سُهڻي - سُريلي ۽ بُلند آواز ۾ هن ڳايو آهي:

جي جاڳين تون جاڳ ...

تون تہ سمهين اَڃي ئي گهڻو ...

آخر ۾، پروفيسر اَروٽا ڪندناڻيءَ جي هڪ ٻي ڪنهن ڪانفرنس لاءِ لکيل هڪ اَنگريزي مقالي مان هڪ ننڍڙو حصو مان پڙهان ٿو - شايد هت ٻڌايل ڳالهہ اَسان کي ڪا نئين سُمت بخشي:

Gul Hayat Institute

## Sindhi Language and Identity .....

Sindhi language is perhaps the richest language in the world. It is a unique language, because it has several words for a single word in English like Love, camel, relationship, expressing each emotion in its different moods and shades, intensity, and the situation. It is said to be the most lyrical and musical language of the world. It has roots in Vedic culture, but has assimilated the various dialects and words of expression of the invaders, and their language besides retaining the roots of the various languages which have originated from its womb.

The identity of a community lies in its language. Thought and action are the consequence of the language. But the loss of land has resulted in the loss of language. The spread of the diaspora, the influence of the local language both at home and abroad has endangered the Sindhi Language. This rich language which we have so far carried in our genes may disappear with inter-action with other languages, especially through inter-community marriage.

Surprisingly the solution comes through the writings of a western scholar Dr. Jennifer Cole, who suggests we be passive bilingual. She cites the example of Jews, who speak the prevalent language, wherever they live, but speak their language - Hebrew. This has revitalized their language as it has caught the imagination of the yough, who though scattered all over the globe, learn to read the write their own language, and their religious worship and rituals are read in Hebrew.  This practice is also found among some Sindhi Durbars, example Halani Darbar, and Leela Shah Samadhi temple and Sadhu Vaswani Mission.

Gul Hayat Institute

هِن اَنگريزي ليک ۾ ذڪريل سُجهاوَ ۾ ٽي لفظ (Key Words) آهن: ''Be passive bilingual'' اهو هڪ Concept آهي. اهو منتر اَسان بہ اَپنائي سگهون تہ بهتر.

اَسان جون ايندڙ پيڙهيون وهنوار ۾ کهڙي بہ ٻولي ڳالهائن، پر پاڻ ۾ يا گهر ۾ سنڌيءَ ۾ بہ ڳالهائڻ جاري رکن ... اَسان بہ ان کي Emotional - Spiritual نظريي سان جوڙي رکون ... نہ تہ ڊپ آهي تہ ...

تہ اَسان جي ٻولي بہ دنيا جي عظيم - مهان ٻولي هوندي بہ - سنسڪرت جيان فقط مهان رهجي ويندي - وهنوار ۾ يا ڪٿي بہ ڳالهائي نہ ويندي ... اها ڪلاسيڪل ڀاشا بڻجي ويندي! ساهتيڪ ۽ ثقافتي ورثي جي بچاوَ ۽ ڦهلاوَ سان ٻوليءَ جيان ئي لپيءَ جو بہ واسطو تہ آهي!

اَسان کي سنڌ سان جڙيل رهڻو ئي آهي. ان لاءِ عربيءَ سان بہ ناتو قائم رکڻو آهي. عربيءَ ۾ اَسان جا لک ڪتاب پيا آهن. هاڻ ڀارت جي حالتن مطابق اَسان کي ديوناگريءَ جو سهارو مليو آهي. اهو بہ ايترو ئي اَهم آهي.

اَسان سنڌ جو نئون ساهتيہ اِنٽرنيٽ معرفت حاصل ڪري Instant Script Conversion جي رستي ديوناگريءَ ۾ پڙهندا رهنداسين - ساڳئي وقت سنڌ وارا اَسان جا وڏا ڀائر پڻ اهو ديوناگريءَ مان عربيءَ ۾ Convert ڪري پڙهندا رهندا.

تازو ئي اها شروعات ٿي بہ چڪي آهي.

ان طرح اَسان کي پنهنجي تهذيب قائم رکڻي آهي. اَسان کي فقط بهتر اُدم ڪرڻو آهي. باقي فيصلا وقت تي ڇڏڻ ئي سياڻپ آهي.

**(آديپور - سنڌالاجيءَ ۾ 'هيريٽيج' سيمينار ۾ پڙهيل، ٢٠١٨)**

ﮂﮃ



Gul Hayat Institute

# بيوَس - ٻاريءَ جا سُهڻا گُل

✍ گوورڌن شرما ”گهايل“

بقول سدا حيات ڊاڪٽر اَرجن شاد - ’بيوس‘ کان اَڳ جي شاعريءَ بابت رايو ڏيندي شاد صاحب چوي ٿو - ”هن دؤر ۾، شاعر پارسيءَ جي اَثر سبب، پنهنجي سنڌي وايو منڊل کان اَلڳ ٿي ويا. هوُ سنڌي جيوت کان متاثر ٿيڻ بدران، پارسي شعر کي پنهنجي اُتساه جو سرچشمو بڻائڻ لڳا ۽ ڪيترو شعر تہ سڌو سنواٽو پارسيءَ تان ترجمو ڪندا هئا. قليچ بيگ جي ٻين همعصرن شاعرن جو شعر محض پارسي ۽ اُردو شاعريءَ جو نقل آهي.“ هڪ هنڌ لکي ٿو - ”اُنهيءَ دؤر جو هڪڙو ئي شاعر هو جنهن اُن قسم جي سطحي شاعريءَ کان ڪنارو ڪيو ۽ هڪ نئين واٽ ڳهڙِي، جا واٽ اوُچن ۽ آدرشي خيالن جي هئي. سنڌي زبان جون جنهن مان ذاتي خوبيون ظاهر ٿيڻ لڳيون. اُهو شاعر هو ڪشنچند تيرٿداس کتري ’بيوس‘.

سداحيات پرنسيپال لعلسنگهہ هزاريسنگهہ اَجواڻي (١٩٧٦-١٨٩٩) ’بيوس جي شاعري‘ بابت اِظهاريندي هڪ هنڌ لکيو آهي - ”لاڙڪاڻي جي هڪ غريب ماستر ڪشنچند تيرٿداس کتري پاڻ کي ’بيوس‘ ڪوٺائي پنهنجي مڌر گيتن، سندر شبدن ۽ ٻُڌيمان پوُرن سان بگڙيل وايو منڊل کي شُڌِ ڪيو ۽ نراسائيءَ سان آس پيدا ڪئي.

سائين اَجواڻي صاحب وڌيڪ لکيو آهي تہ - ”منهنجي اَندر چُلڪي ڏني ۽ مون سنڌ واسين کي چِئي ڏنو تہ، اَسانجن زنده شاعرن ۾ ’بيوس‘ ئي برک سمجهڻ کپي. ڪنهن بہ ٻئي سنڌي شاعر هاڻوڪي گيان ۽ وگيان جي ڳالهين کي شعر جو لباس اَهڙو پورو نہ پهرايو آهي، جهڙوڪ اُنهيءَ خوض واري بيوس.“ ”بيوس اُهو ئي دڳ ورتو جنهن تان شاه لنگهيو. سچائي ۽ سنڌيت جي رستو، لوڪ گيت ۽ پريت جو رستو.“

Gul Hayat Institute

نالا شمارجي سگهڄن ٿا ۽ منهنجي هِنَ مضمون بابت شفي نفي رايو رکندڙ کنهن به سچ‍ڻ لاءِ من ۾ ڏُر پاونا نہ اَٿم. سائين ڪشنچند ’بيوس‘ جي صحبت ۾ سينگاريل ۽ اَدبي رنگ ۾ رڱيل سُهڻن سُڳنڌي گلن جو هڪ گلدستو پاٺڪن لاءِ پيش ڪريان ٿو. نالن جو اَڳيان پنيان اَچڻ سان، اُنهن جي معيار تي ڪوبہ اَثر ڪونہ پوندو.

## (١) سداحيات هوندراج ليلارام ماٺڪ ’دکايل‘

(١٩١٠-٢٠٠۴) سنڌي ڀاشا جو راشٽر ڪوي مڃيل آهي. سنڌ ۾ جاوَل دکايل صاحب جوانيءَ جي دوَر ۾ رنگين طبعيت سبب لکيل غزل، نظم، گيت، ’گُل ٿا روئن تنهنجي ياد جا‘ ڪوتا سنگره ۾ گهڻو تڻو عشقيہ رچنائون شامل آهن. جلد ئي قومي جذب جاڳڻ سبب هن صاحب جا موضوع بہ مَٽجي ويا. ’دکايل‘ صاحب جو نالو سنڌ جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ ڇانئجي ويو، اُن جو مکيہ ڪارڻ هو هِن جو مٺڙ، درديلو ۽ بُلند آواز، تنهن ڪانسواءِ ڪنجريءَ جي تال تي هرهنڌ هوُوڻ وڄائي ڇڏيندو هو. مهاتما گانڌي ۽ پارٽ ۾ اَچڻ بعد سنت ونوبا جي رنگ ۾ رڱجي ويو. ديش جي آزادي آندولن ۽ ونوبا جي پيدان هلچل ۾ آخر تائين سرگردان رهيو. ’دکايل‘ صاحب جو قريب قريب سمورو ڪلام ’سنگيت اَنجلي‘ ڪوتا-سنگره ۾ شامل آهي. هن صاحب ست سنڌي ناٽڪ، اصلوڪيون ۽ انواد ڪيل ڪهاڻيون ۽ اَدب لطيف، سنہ ١٩٢٣ کان ١٩٢٦ تائين لکيل ڪرشن پڇناولي، آريہ پڇناولي، سوامي ڏرمداس جيون ڪٿا ۽ ڪيترين ئي سنگيت ڪٿائون سندس اَدبي سرمائي ۾ شامل آهن. ’دکايل‘ صاحب هندي ڀاشا ۾ پهرين، ڌرتي کي گيت، شنکہ ناد، هال ري ڪوئٽا هال ديش جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، سندس سريلي آواز سبب لوڪ پريہ ٿيا. لاڙڪاڻي سنڌ ۾ ڄاوَل هِنَ هستيءَ سنہ ٢٠٠۴ع ۾ آديپور ڪڇ ۾ پراڻ تياڳيا. سندس رهائشي جاءِ ’درويش دُئار‘ تي ڀاهران ايندڙ اَديب حاضري ڀريندا آهن. ’ڌرتي ماتا‘ نالي بہِ هفتي سنڌي اخبار سالن جا سال آديپور (ڪڇ) مان سندس ايڊيٽرشپ ۾

شايع ٿيندي رهي. سنڌي اڪاديمي دهليءَ پاران يارهان لک روپيه بطور مِلينيم اَوارڊ هن صاحب کي عطا ڪري، اَڪاديميءَ پنهنجو مانُ مٿي ڪيو.

## (٢) پرنسيپال هري گرڏنومل درياڻي ’دلگير‘

هڪ چوڻي مشهور آهي - ’هجيئي ناڻو ته گُهم لاڙڪاڻو‘. لاڙڪاڻي شهر، سنڌي اَدب سان وڏا وَڙَ ڪيا آهن. ڪيترين ئي معياري سنڌي اَدبي شخصيتون هن شهر مُيسر ڪيون آهن. گهڻڪُنڊي شخصيت جو مالڪ ’دلگير‘ صاحب لاڙڪاڻي سنڌ ۾ سنه ١٩١٦ع ۾ جنم ورتو. سِوِل اِنجنيرنگ ۾ مهارت حاصل ڪري سنڌ ۾ ئي بطور ايگزيڪيوٽو اِنجنيئر ساراه جوڳو ڪاريه ڪيائين. پرڪشش جسماني خوبين سبب عاشقاڻي طبعيت عطا ٿيس. شاعريءَ ڏانهن رُجحان لاءِ اِهو به هڪ مُدو تي سگهي ٿو. سنه ١٩٥٦ع ڌاري سنڌ کي الوداع ڪري پهرين پوني ۾ ۽ جلد ئي پوءِ آديپور ڪڇ ۾ دائما ديرو جمايائين. ڀائي پرتاب دادا ’دکايل‘ معرفت، ’دلگير‘ صاحب کي آديپور ۾ گهرائي وڏو جس جو ڪم ڪيو. مئتري منڊل طرفان هلندڙ اِنجنيئرنگ ڪاليج جو کيس پرنسيپال مقرر ڪيو ويو. گانڌيڌام برو ميونسپالٽيءَ جو چيئرمن به بڻيو. هن جي ايامڪاريءَ ۾ آديپور ۾ نه صرف اَدبي، پر تعليمي ۽ پنڳتي ڪاريه کي به هٿي ملي. سنه ٢٠٠٥ع ۾ آديپور ۾ ئي هڪ شام جو اَدبي تقرير ڪندي ڍرڪي پيو. ’دلگير‘ صاحب جا معياري ڪتاب آهن - ’هرشچندر جيون ڪوتا‘، ’ڪوڏ‘، ’مؤج ڪئي مهراڻ‘، ’پل پل جو پرلاءُ‘ (جنهن تي مرڪزي ساهتيه اَڪاديميءَ اِنعام عطا ڪيس)، ’اَمر گيت‘ (ڀڳوت گيتا جو سنڌي ڪاويه ۾ انواد)، ’چولو منهنجو چڪ ۾‘، ’جهنگلي گل‘ ۽ ٻيا. ڊاڪٽر آشا رنگواڻيءَ ’دلگير‘ صاحبَ تي عمدو اَڀياس ڪري ايم. فِل ۽ پوءِ پي.ايڇ.ڊِي. جون ڊگريون حاصل ڪيون. ياءُ ڀڳوان نردوش به ’دلگير‘ جي شاعريءَ تي هڪ ريسرچ بوڪ ڇپايو آهي. مان پاڻ کي



Gul Hayat Institute

سوُياڳيه شالي محسوسيان ٿو چاڪاڻ تہ سن ١٩٦٠ع ۾ ڇپيل منهنجي پهرئين ڪتاب ”ڇيڙ سڪي سرگم“ کان وٺي منهنجن مڙني ڪتابن تي هن صاحب سخن جي نظر عنايت رهي آهي. ايڪلويہ وانگر من ئي من ۾ مون پاڻ کي سندس شاگرد مڃيو آهي. توڙ تائين قرب جو ناتو قائم رکيائين، جنهن لاءِ مان مشڪور آهيان.

## (٣) پروفيسر رام پرتابراءِ پنجواڻي (١٩٨٧-١٩١١)

لاڙڪاڻي شهر جي سنڌين ۽ سنڌيت کي سهڻي سوغات چوان تہ شايد غلط نہ ٿيندو. پروفيسر پنجواڻيءَ لاءِ اَحمدآباد جي هڪ تعليمي اِداري جي اڳڻ ۾ لڳل پٽلي هيٺان لکيل ڏنو هو ’’Soul of Sindhis‘‘. سنڌيت جي علمبردار ڏيهہ پرڏيهہ ۾ سنڌيت جي جوت جڳائي. ممبئيءَ جي ’سيتا سنڌو ڀون‘ جي سهڻي، سک - سنگيت، ساز، ڳائڪي ۽ سنڌي سنسڪرتيءَ جي اَمر سوغات صدين تائين، سنڌيت جو سنڌيش، پريت جو پيغام، نينهن جو نياپو، پرِيُن تائين پهچائيندو رهندو. هن جي رهنمائيءَ ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ مان ڪيترن پي.ايڇ.ڊي. جي ڊگري حاصل ڪئي. سن ١٩٦٢ع ۾ هن صاحب کي ’اَنوکا آزمودا‘ تي ساهتيہ اَڪاديمي اِنعام عطا ٿيو. سندس ٻيا يادگار ڪتاب آهن - ’شرميلا‘، ’مايا جو موهہ‘، ’عجيب آڪاڻيون‘، ’تنهنجا منهنجا تجربا‘، ’شل ڏيئر نہ ڇمن‘، وغيره. پنجواڻي صاحب آدرش اَڌياپڪ، فصيح زبان، شاعر، ڳائڪ، سنگيتڪار، ۽ ڪلاڪار - رنگ منچ ۽ فلمن ۾ سهڻي اداڪاريءَ سبب هرهنڌ هاڪ ڇڏي. سنڌيت جي سچي ايلچيءَ سن ١٩٨٧ع ۾ چيٽي چنڊ جي پروگرامن ۾ شرڪت ڪندي، گهر پهچي آخري ساهہ کنيائين.

## (٤) پريو چڳاڻي ’وفا‘ (--٢٠ - ١٩١٥)

’بيوس-ٻاري‘ جو ٻيو هڪ سهڻو اَدبي گُل بہ لاڙڪاڻي شهر جي شاندار سوکڙي آهي. ’وفا‘ صاحب سانتيڪي سُڀاءَ وارو، گهٽ ڳالهائيندڙ پر بيحد ذهين ۽ علم عروض تي پوري پڪڙ رکندڙ شاعر

Gul Hayat Institute

هو. ’پنجڪڙا‘ شاعراڻي صنف جي ايجاد ڪيائين. سُنا گيت لکيائين. غزل، بيت، تِہ سٽا بہ قابل داد لکيائين. بقول پروفيسر اياز قادري - ”وفا جي شعر ۾ قديم ۽ جديد رنگ جو سهڻو ميل آهي.“ شاعر نارائڻ شيام هڪ هنڌ لکيو - ”وفا جو شعر آهي ٽپهريءَ جي اُس وانگر، جنهن ۾ رنگ بہ آهي تہ روشني بہ.“ پريو جوتومل ڇٻاڻي ’وفا‘ جا مقبول ڪتاب آهن: ’جهنڪار‘، ’پرواز‘، ’سرخ گلاب سُرها خواب‘ (جنهن تي ساهتيہ اَڪاديميءَ جو انعام عطا ٿيس.)، ’آئينا ۽ عڪس‘، ’تون ساگر مان لهر‘، ’لُڇي پئي يڪتاري جي تار‘، ’سُر سُريلا وفا جا‘ وغيره. ’وفا‘ صاحب جون بہ رچنائون ايندڙ پيڙهيون بہ وساري نہ سگهنديون - (١) ’ڪشت ڪشالا ڪتبا ويندا هڪ هڪ تي‘ ۽ (٢) ’جيسين جان ۾ باقي دم رهندو ... دَرُ تو لئہ پَٽيو هردم رهندو‘. پُلجان نٿو تہ ’وفا‘ صاحب هڪ سهڻي اَدبي ڪتاب خليل جبران سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپارايو بہ هو.

## (٥) ڊاڪٽر اَرجن ميرچنداڻي ’شاد‘ (--- - ١٩٢٤)

سائين بيوس جي ٻاريءَ ۾ پروفيسر اَرجن ميرچنداڻي ’شاد‘ جو نالو بہ اَحترام سان ورتو ويندو آهي. مشاعرن ۾ پُراَثر انداز سان شعر پڙهندي هوُ ذهين ٻڌندڙن کي جلد متاثر ڪري وٺندو هو. هن صاحب جا رچيل ڇپيل ڪتاب هن ريت آهن: ’آنءُ گهٽين جو ڳائيندڙ‘، ’ڏاهيون ڏک ڏسن‘، ’تپسيا جون روشنيون‘ ۽ ’اَندو دونهون‘ (جنهن تي ساهتيہ اَڪاديمي انعام حاصل ڪيو هئائين. ’بيوس ۽ نئون دؤر‘ موضوع تي ’شاد‘ صاحب سهڻو نثري ڪتاب پيش ڪيو آهي. ’سنڌي غزل‘ تي ٿيسز لکي ممبئي يونيورسٽيءَ مان پي.ايچ.ڊي. حاصل ڪيائين.

## (٦) شري روپ لال راڌا ڪرشن آريہ ’نيل ڪمل‘ (١٩١٦-١٩٧٣)

هي صاحب بہ سائين بيوس جي ويجهو رهيو ۽ گرو-ڪرپا سان

Gul Hayat Institute

## (۹) گوتم شڪارپوري (جنم ۱۹۱۹ع)

شڪارپور سنڌ ۾ ڪُشارام چاڀڙيا جي گهر ڄاول گوتم اَڳتي هلي سنڌ ۾ 'ساقي' تخلص سان شعر لکندو هو. ورهاڱي بعد اُلهاسنگر ۾ اَچي رهيو. غريباڻو گذر ڪندي به شعر رچيندو رهيو. 'روئي ٿي دل' شعري مجموعو ڇپيل اَٿس، جنهن تي 'بيوس' جو اَثر ڏسجي ٿو.

## (۱۰) ٻلديو تاراچند گاجرا 'گمنام' (۱۹۹۱-۱۹۰۹)

ٻهومکي شخصيت ٻلديو گاجرا 'گمنام' سائين بيوس جي ٻاريءَ ۾ شامل ڪيترن ئي ساهتڪ سنگتين جي صحبت سبب ساڳي ويچار ڌارا تي اَدبي قدم کڻڻ لڳو. 'بيوس' جو مٿس اَثر نمايان آهي. شاعر، ليکڪ، پترڪار، سوتنترتا سيناني، گيت سنگيت جو پارکو 'گمنام' 'سادو جيون - اوچ ويچار' جو پيرويڪار هئو. 'گمنام صدا' شاعري مجموعو ڇپيل اَٿس. هفتيوار 'پارتواسي' جا ڪيترائي يادگار پرچا ايڊٽ ڪيا هئائين. 'شاعر ته بيوس'، 'قول ۽ ترانا'، 'دردي گيت' ۽ 'قومي ترانا' سندس هُنر جي ساک ڀرين ٿا.

## (۱۱) فتحچند شرما 'پروس' (۱۹۹۸-۱۹۰۶)

سائين ڪشنچند 'بيوس' جي اَدبي ذخيري مان هنس وانگر ڪارائتا موتي چُونڊي جو وجهه اَصل ڪين وڃايائين. ماستري ڪيائين، ڪوتائون لکيائين، ناٽڪ ڪيائين ۽ سنگيت جو اَپياسي هو. سندس تخلص به 'بيوس' جي اَثر جو اُهڃاڻ آهي. پاڻ کي 'پروس' ڪوٺايائين. برهمڻ ڪُل ۾ ڄاول 'پروس' ورهاڱي بعد اَچي ڪلڪتو وسايو. سندس مشهور ڪتاب آهن - 'پرويس جي پُڪار'، 'اَنمول موتي'، 'رهاڻيون راحت ڀريون' ۽ ٻيا ڪيترا ڇپيل اَٿس. سنڌيءَ ڪانسواءِ هندي ڀاشا ۾ به اَنيڪ پستڪ لکي پڌرا ڪرايائين. 'دوها' ۽ 'سورٺا' چند تي پوري پڪڙ هئس. هنديءَ ۾ هزارين دوها، سورٺا لکيا اَٿس.

Gul Hayat Institute

سندس يادگار جاءِ آهي. ٻوليءَ تي مهارت، گرامر تي پختي پڪڙ، شاعريءَ جي فن جو ڳوڙهو اَڀياس سندس خصوصيتون آهن. ’بيوس‘ صاحب جي سنگ جو رنگ سندس رچنائن مان ظاهر آهي. سندس مقبول ڪتاب آهن - ’سائل جا ستر مضمون‘، ’صحراب ۽ رُستم‘، ’من جي موڄ‘، ’رام ڪٿا‘، ۽ ’ٻارن لاءِ گيت‘ وغيره. هن اُستاد اَديب جو ’سائل ڪوش‘ جنهن جو ٻيون ڇاپو سنڌ ۾ ڪوتا پبليڪيشن وارن ڇپائي ظاهر ڪيو آهي. ساڳئي اِداري طرفان ’سائل‘ صاحب جو ’علم عروض‘ ڪتاب پڻ ڪيترن نوخيز رچناڪارن جي رهنمائيءَ لاءِ بيحد ڪارائتو آهي. هيءُ صاحب زندگيءَ جا هڪ سؤ سال پورا ڪرڻ ڪانپوءِ سواسين سُڪالو ٿيو.

ساٿيو! صفح وڌي وڃڻ جي ڊپ کان ’بيوس‘ ٻاريءَ جي سهڻن گلن ۾ اِضافو وستار سان ڪرڻ واجب نٿو سمجهان. ڪجھ اَهڙن نالن جو ذڪر ڪرڻ بي واجب نٿو سمجهان، جن جي لکڻين تي سائين ’بيوس‘ ۽ اُنهن جي ٻاريءَ جي ملهائتي موتين جو اَثر نمايان آهي:

## (١) ڊاڪٽر ديال ڪوتومل ڏاميجا ’آشا‘ (جنم ١٩٣٦ع)

صاحب جا جيترا اَدبي ڪتاب شايع ٿيا آهن، اوترا شايد ئي ڪنهن ٻئي سنڌي شاعر جا ٿيا هوندا. سندس اَنيڪ رچنائن تي مذڪور ٻاريءَ جو اَثر ڏسي سگهجي ٿو. هتي اِها ڳالهه اَجائي نه ٿيندي ته ’آشا‘ صاحب کي جيترا سرڪاري ۽ غير سرڪاري انعام عطا ٿيا آهن، اوترا انعام حاصل ڪندڙ سنڌي رچناڪار ڳولهڻو پوندو. هن سڄڻ جي تعليمي سيوائن کان سڀ واقف آهن.

## (٢) پرسرام روهڙا ’نماڻو‘ (١٩٨١-١٩٢١)

تخلص موجب بيحد نهٺو، ڪلمڪ، گانڌيوادي هن صاحب جا مشهور ڪتاب آهن ’سرگم‘، ’ناوَ هلائڻ وارا‘ ۽ ’ستار‘.

## (٣) گووردڻ شرما ’گهايل‘ (جنم ١٩٣٧)

پنج ڏهاڪا اَڳ هن هڪ شعر لکيو هو، اُن جون ڪجھ سِٽون هِن ريت آهن:

تيا جي باغ سنڌيءَ ۾ گلن جهڙا ڪئي شاعر،
منجهن سرمور سيني جو سچو سردار 'بيوس' هو.
ڪيائين شعر ۾ ظاهر سچو آنند قدرت جو،
ڪيو جنهن مُلڪي محبت جو متو اِظهار، 'بيوس' هو.
رهڻ سادو، وڏي هستي رکي ويو پاڻ ۾ سائين،
وڏن سان هو وڏو 'گهايل'، ٻچن سان يار 'بيوس' هو.

سنہ ١٩٧٢ع ۾ پوني ۾ آل اِنڊيا ليوَل تي منقد ٿيل 'بيوس - سيمينار' ۾ بطور ڪو-ڪنوينر سيوائون ۽ پڙهيل مقالن جو مجموعو 'بيوس هڪ اَڀياس' جي سمپادڪ-منڊل ۾ شامل گوورڌن 'گهايل' جو نالو بہ ڏنل آهي.

سائين بيوس تي ٻہ آل اِنڊيا سنڌي سيمينار آيوجت ڪيا ويا هئا - (١) ناسڪ ۾ سدا حيات ميارام ڪڪڙيجا 'درد' طرفان ۽ (٢) اِندور ۾ سرڳواسي موهنداس ماٽڪ پاران. مٿين ٻنهي سيمينارن ۾ 'بيوس - ٻاريءَ' جي سهڻن گلن مان ڪيترائي شامل ٿيا هئا، هن بندي سميت.

سدا حيات هاسارام شرما 'پيئا'، پرنسيپال ڪرشنا پمپاڻي ۽ پرنسيپال تلسي انداڻيءَ جي رچنائن تي بہ ٻاريءَ جو اَثر ڏسجي ٿو.

## مددي ڪتاب :

(١) هسٽري آف سنڌي لٽريچر - لالسنگھ اَجواڻي.

(٢) سنڌي تنقيد - ساهتيہ اَڪاديمي.

(٣) بيوس ۽ هن ٻاريءَ تي ڪونج، سپون، رچنا جا ڪجھ پرچا.

(٤) ڊڪشنري آف سنڌي لٽريچر - ڊا. موتيلال جوتواڻي.

ꕤ

GOVERDHAN SHARMA "GHAYAL"
President, Sindhi Adabi Sabha, Pune.
202, Rio Grande, Fortaleza,
Kalyani Nagar, Pune - 411006.
Tel. : 020-26608752

Gul Hayat Institute

# سنڌي ٻال ساهتيه : ڪالهه ۽ اڄ

✍ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي

''**سنڌي ٻال ساهتيه**''(1947-1992)- **ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي**
ڊيمي سائيز - پڪو جلد - صفحا 284 - سال 2005 - قيمت 65 رپيا - پبلشر : ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي، 172، مهارتي سوسائٽي، سردار نگر، اَحمدآباد - 382475 - فون نمبر 22862765

ممبئي يونيورسٽيءَ جو ڊاڪٽريٽ ڊگريءَ لاءِ منظور ڪيل مقالو - گائيڊ : ڊاڪٽر ديال آشا.

(ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ کي مون عرض ڪيو ته 1993 کان اڄ سوڌو ٻال ساهتيه ۾ ڏنل چئپٽر پورو ڪري. هن صاحب تڪليف وٺي ان ڪم کي انجام ڏنو. اَسين سندس بيحد شڪرگذار آهيون - سمپادڪ)

...... ...... ......

ورهاڱي کانپوءِ لکيل ٻال گيتن جي مجموعن تي نظر وجهبي ته اَهڙا اَنيڪ گيت نظر ايندا، جن ۾ بدلجندڙ ماحول اَنوسار نيون نيون ڳالهيون به آهن ته آد جڳاد کان هلندڙ ۽ دهرائجندڙ موضوع به آهن. ششوُ گيت تمام گهٽ لکيا ويا آهن. ٻال گيت ۽ ڪشور گيت وڌيڪ آهن. انهن ۾ طرح طرح جا پکي ۽ پسون، قدرت، راند روند، مٽ مائٽ، ڪمي ڪاسبي، مهاپرش، ڏڻ وار، ٻال جيون، سائنس، سنڌيت ۽ سنڌي ٻولي، نيتي سکيا، ٻاجيون ۽ ميوا، ديش ڀڳتي ۽ اَهڙا ٻيا اَنيڪ وشيه موجود آهن. لوليون ۽ پرڀاتيون به آهن ته پروليون به آهن. سنڌيءَ ۾ اَهڙو ڪوبه وشيه مشڪل نظر ايندو جنهن تي اَسانجن ڪوين قلم نه هلايو هجي.

ٻال گيتن جا ذڪر لائق ڪي مجموعا : منوهر بيديءَ جو 'جهرمر' (١٩٨٦)، هري دلگير جا 'مزيدار گيت' ۽ 'گيت گلابي'

Gul Hayat Institute

(١٩٨٧)، بسنت ڪمار تياڳيءَ جو ’آءٌ، اوري آءٌ‘ (١٩٨٨)، ڪيمن يوُ. موٗلاڻيءَ جا ’اُڏر اُڏر ڙي پوپٽڙا‘ (١٩٨٩) ۽ ’سهڻا گلڙا ٻار‘ (٢٠٠٥)، ٽيڪم آفتاب جا ’وڏي اَمان‘ (١٩٩١) ۽ ’پاءُ-پيڻ‘ (١٩٩٣)، ڪمل پياسيءَ جا ’ديپ لليت‘ (١٩٩٦)، ’وڻ ٽڻ، گل ڦل ۽ سُرهاڻ‘ (٢٠٠٣) ۽ ’ساوا ساوا پن‘ (٢٠١١)، سُپاش شرما جا ’مرڪندڙ مکڙيون‘ (٢٠٠٠)، ’دنيا ٻارن جي‘ ۽ ٻيا، سترامداس سائل جا ’ٻاراڻا گيت‘ (١٩٨٢) ۽ ’ٻاراڻا ٻول‘ (٢٠٠٣)، روشن گلاڻيءَ جا ’رنگبرنگي گل‘ (٢٠٠٧)، ’منڙي منڙي لات‘ (٢٠٠٨)، ’ٻال گلشن‘ (٢٠١٧) وغيره، ديال آشا جا ’مهڪندڙ مکڙيون‘ (١٩٧۴)، ’ٻارو! اَچو تہ ڳايون‘ (١٩٩٠)، ڀڳوان نردوش جا ’رنگبرنگي ڦوڪڻا‘ (١٩٨١)، ’رم جهم رِم جهم‘ (١٩٩٠)، روچو خوابي جو ’چندا ماما‘، صوبو رامچنداڻيءَ جو ’گل گلاب جا‘ (١٩٨٧)، ڪشن خوبچنداڻيءَ جو ’تارا ڪن ٿا اِشارا‘ (٢٠١٢)، مرلي گووينداڻيءَ جو ’ٻارُ تہ ٿي ڏس‘ (٢٠١۵)، هوندراج بلواڻيءَ جا ’ڪتمنڙا‘ (١٩٧٧)، ’بنسري‘ (١٩٦٧)، هيرا موتي (١٩٦٧)، ’گول مٿول‘ (٢٠٠٢)، ڍولڻ راهيءَ جا ’ٻاراڻيون ٻوليون‘ (١٩٦٧) ۽ ’واڳڻ مل جي شادي‘. هري دلگير ڪوتا ۾ پروليون لکيون آهن تہ هوندراج بلواڻيءَ سنڌي اَلفابيٽ تي ’اِرچڪ مرچڪ‘ ڪتاب جي رچنا ڪئي آهي.

ٻال گيتن وانگر ٻال ڪهاڻيءَ بہ ورهاڱي کانپوءِ پنهنجو هڪ مقام ٺاهي ورتو آهي. اَلبت ورهاڱي کانپوءِ وارن سالن ۾ ٻال ڪهاڻيءَ طرف خاص ڌيان نہ ڏنو ويو. شروعات ۾ اَجمير مان ديپچندر تلوڪچند بيلاڻي ۽ پرڀداس برهمچاريءَ ڪيتريون ڪهاڻيون ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپايون جيڪي گهڻو ڪري لوڪ ڪهاڻيون ۽ اِتهاسڪ ڪهاڻيون هيون پر جلد ئي اصلوڪيون ڪهاڻيون لکجڻ لڳيون. موضوعن ۾ وقت ۽ ماحول انوسار نواڻ اَچڻ لڳي. پهريون مجموعو ’ڏاڏيءَ جون آکاڻيون‘ (١٩٦١) جيوت گوگيا

Gul Hayat Institute

’جوت‘ وڻان مليو، جنهن ۾ ٻارن جي رُچيءَ کي ڌيان ۾ رکي نئين طرح جون نندڙيون ڪهاڻيون ڏنيون ويون. بعد ۾ هن ليکڪ وٽان ٻيا بہ ڪهاڻين جا مجموعا مليا جهڙوڪ ’پرين جون آکاڻيون‘ (١٩٦٨)، ’آکاڻيون ئي آکاڻيون‘، ’نانيءَ جون آکاڻيون‘ (١٩٨١)، ’رنگبرنگي آکاڻيون‘ (١٩٨٦) وغيره ڌيان ڇڪائيندڙ رهيا. هن ليکڪ اصلوڪين آکاڻين جي ڏس ۾ تمام سٺو ڪم ڪيو. صرف ٻال ساهتيہ لکيو ۽ ٻال ساهتيہ ۾ بہ صرف آکاڻيون لکي ٻال ساهتيہ جي کوٽ کي پورو ڪرڻ ۾ اَهم ڪم ڪري ڏيکاريو.

ڪهاڻيڪار ايشور چندر ٻارن لاءِ بہ ڪجهہ ڪهاڻيون لکيون. هن جو هڪ سنگره ’نئين زماني جو ڪوئو‘ (١٩٧٩) ڇپيو هو. هنديءَ ۾ بہ هڪ مجموعو ’ايک معصوم پوُل‘ (١٩٨٧) وٽانئس مليو هو. هن جي سيني ڪهاڻين جو مکيہ پاتر ’چمپڪ‘ نالي هڪ ڪوئو هوندو آهي. اهو اَڄ جي هوشيار ٻارن جي چڻ نمائندگي ڪري ٿو. هوُ ٻليءَ کي حيران ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر باقي نٿو رکي.

گوورڌن پارتيءَ جي سين مجموعن ’نئين بستي‘ (١٩٦٣) ۽ ’چنڊ تي چڙهائي‘ (١٩٩١) ۾ ڏنل ڪهاڻين جي ٻولي، پيشڪش ۽ گڏوگڏ انهن جا موضوع ڌيان ڇڪائيندڙ رهيا آهن.

واشديو سنڌو پارتيءَ وٽان بہ ٻہ مجموعا مليا آهن: ’اِندلٺ‘ (١٩٨٣) ۽ ’نئين روشني‘ (١٩٨٧). هن جي ڪهاڻين ۾ ٻارن جي همٿ ۽ دليري، وقتائتي سمجهہ شڪتي جهڙا عناصر خاص ملن ٿا.

جگديش لڇاڻيءَ جي ڪهاڻي سنگرهن ۾ لوڪ ڪٿائن جو تعداد اصلوڪين ڪهاڻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. هن هاڻوڪي وقت انوسار کي رهسيہ ڪٿائون، وگيان ڪٿائون بہ لکيون آهن. ’وگيان جون آکاڻيون‘ (١٩٩٤)، ’ڪوئن جي بستي‘ (١٩٩٤) ۾ سندس اَهڙيون ڪهاڻيون شامل آهن.

ڄينو لالواڻي جا ٻال ڪهاڻي سنگره ’ٻليءَ جو صبر‘ (١٩٩٧)،

Gul Hayat Institute

’ڪتابي ڪيڙو‘ (٢٠٠٨) ۽ ’راڄ پٽ جو راهي‘ (٢٠١٢) بہ ڏيان ڇڪائيندڙ رهيا آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ مکيہ روپ سان اَڄ جو ڪشور هوندو آهي، جيڪو سمجهُو بہ آهي تہ ديش ۽ ڪٽنب ڏانهن پنهنجي فرض کي بہ اَهميت ڏيندڙ آهي.

هوندراج بلواڻيءَ جي ٻال ڪهاڻي سنگرهن ۾ وشين جي گوناگوني خاص ڏسي سگهجي ٿي. شروعاتي دؤر ۾ ’جادو نگري‘، ’ٽي گپوڙي‘، ’پپوءَ جو پيارو موتي‘، ’پالش وارو‘ سنگره ڏيڻ کانپوءِ هن پنهنجي ڪهاڻين کي جدا موڙ ڏنو ۽ انهن کي هلندڙ وقت ۾ ٻارن جي پسندگيءَ ۽ منو وگيان انوسار لکڻ طرف وڌيڪ ڌيان ڏنو. هن جي مجموعن جا ڪي نالا : ’ڇوٽون باندر‘ (١٩٨٣)، ’نئين ناني‘ (١٩٩٠)، ’ٽنگ جيڏو ڇوڪر‘ (١٩٩٤)، ’ڇوُ منتر‘ (١٩٩٥)، ’ايسرداس جو اسڪوٽر‘ (٢٠١٠)، ’آڪاڻين جو دُڪان‘ (٢٠١٢)، ’پنڪيءَ جو خزانو‘ (٢٠١٧) وغيره. انهن رچنائن کان سواءِ ’سياڻا سمجهوُ ٻارڙا‘ (١٩٩٤) ۾ جهونن پرمن - سنسن - مڃتائن خلاف وگيان آڌارت ڪهاڻيون، ’ڪوئي لڏي هڏبُ ٻُڙي‘ (١٩٨٥) ۾ سنڌي پهاڪن تي ڪهاڻيون، ’گوپو ۽ ٽوپو جي جوڙي‘ (٢٠٠٨) ۾ ٻن هوشيار - تيز فهم ٻارن جون ڪهاڻيون اَلڳ قسم جون غير روايتي ڪهاڻيون چئي سگهجن ٿيون.

گذريل ڪجھ عرصي کان ٿي ليکڪائون ٻال ڪهاڻين جي ڏس ۾ ڪجھ نہ ڪجھ ڪنديون رهيون آهن. سوني مولچنداڻي بيلاڻيءَ جا ٽي ٻال ڪهاڻي سنگره ڇپيا آهن: ’ننڍا قدم لمبي دوڙ‘ (٢٠٠٩)، ’وسريل ٻچپن‘ (٢٠١١) ۽ ’نئون سچ‘ (٢٠١٤). ڪهاڻين جا موضوع تمام سٺا آهن. پيش بہ سٺي نموني ڪيل آهن. انهن ۾ ڪم آندل اَنگريزي لفظن کي گهٽائي سگهجي ٿو. وينا شرنگي جا ٻہ ڪهاڻي سنگره ’منڙي مُرڪ‘ (٢٠١١) ۽ ’ڪيل ختم پئسا هضم‘ (٢٠١٤) شايع ٿيا آهن جن ۾ ڏنل ڪهاڻيون وندر سان گڏ ڪو نہ ڪو سنديش بہ ڏين ٿيون. ڪلپنا اَشوڪ چيلاڻي جا چڱا ٻال ڪهاڻي

سنگره ڇپيا آهن. ’منهنجا ساٿي‘ (٢٠٠٨)، ’ٻڌ جو پتلو‘ (٢٠٠٨)، ’پيغام‘ (٢٠٠٩)، ’آڪاشي پٽر‘ (٢٠٠٩)، ’سُندر ڏائڻ‘ (٢٠١٣)، ’نئون سورج‘ (٢٠١۴) وغيره ۾ ڏنل ڪهاڻيون ٻال جيون جي اِردگرد گهمن ٿيون ۽ انهن کي اَڄ جي واتاورڻ سان جوڙين ٿيون.

ٻيا ليکڪ ۽ ليکڪائون جن ٻال ڪهاڻين ۾ ذکر جوڳو ڪم ڪيو آهي، سي آهن : ريٽا شهاڻي (’ٻبلي ۽ ٻيون ڪهاڻيون‘ - ١٩٩٦)، لڇمڻ ڀمڀاڻي (’روشنيءَ جو رٿ‘ -١٩٩۴)، ومي سدارنگاڻي (’سٻاجهي راڻي‘)، ڪيمن يوُ. موُلاڻي (’هل ڙي متڪا‘ - ١٩٩۴)، منوهر نهالاڻي (’وچتر راجڪماري‘ - ١٩٨٦ ۽ ’انوکيون آکاڻيون‘ - ٢٠١٦)، لڇمڻ ڪومل (’هڪڙو هو راجا‘ - ٢٠١١)، وي. ڪي. سومجاڻي (’۽ چور پڪڙجي پيو‘ - ٢٠١٥)، ايم. ٽي. ياٽيا (’ماءُ جي ممتا‘ - ٢٠١٧ ۽ ٻيا ڪتاب) وغيره.

ڪيترن ٻارن، خاص ڪري وڏن ٻارن کي لنبيون ڪهاڻيون وڻنديون آهن. ٻال ناول هنن جي اِها اِڇا پوري ڪري ٿو. ٻال ناول ۾ ماڻهن، پکين پسن ۽ ٻين ڪردارن جون ڪيتريون ڳالهيون ۽ گهٽنائون هڪ ئي مکيہ ڪٿا سوُتر ذريعي پيش ڪيون وڃن ٿيون. ڀارت ۾ لڳ ڀڳ سيني ٻولين ۾ ٻال ناول گهٽو پوءِ آيو. سنڌيءَ ۾ ٻارن جا ناول تمام گهٽ ملن ٿا. جيڪي لکيا ويا آهن تن مان هڪ بہ ٻال ناول موهن ڪلپنا جي ’سرڳ جي ڳولها‘ (١٩٥٨) جي اوُچائيءَ تي نہ پهچي سگهيو آهي. ڪي ناول ڇپيا ضرور آهن. جهڙوڪ سترامداس سائل جو ’سهراب ۽ رُستم‘ (١٩٦۴)، ڪنعيالال گوپلاڻيءَ جا ’ڀڳڙو مندر ۾‘ (١٩٧١) ۽ ’ڀڳڙو ڀوت ۾‘ (٢٠١٣)، راجيش ڪتواڻيءَ جو ’ڀوپو جادوگر‘ (١٩٧٦)، جگديش لڇاڻيءَ جا ’روپ نگر جي راجڪماري‘ (١٩٨٢)، ’گلن ڦلن جي راڻي‘ (١٩٨٣) ۽ ’لال هيري جي ڳولها‘ (١٩٩٢)، ميول آهوجا جو ’لال جادوگر‘ (١٩٨٣)، جيوت گوگياجو ’شينهن ۽ ٻڪري‘ (١٩٩٠)، جگديش لڇاڻي ۽ منوهر بيديءَ جي گڏيل قلم مان ’ملي ڪبو مقابلو‘



Gul Hayat Institute

(۱۹۹۰)، هوندراج بلواڻيءَ جي لنبي ڪهاڻي ’تارن ڀري رات‘ ۽ هڪ ٻال ناول ’هڪڙو هو راجڪمار‘.

ٻال ناول ۾ هوندراج بلواڻي هڪ انوکو تجربو ڪيو آهي. هن جو هڪ ڪتاب ’نئون نرالو جهنگل‘ هڪ ناول چئي سگهجي ٿو، جنهن ۾ جهنگل جي جانورن کي ڪردار بڻائي گهڻائون رچيون ويون آهن - انهن ۾ ناول جي گهڻائن جو جُزاءُ بہ آهي تہ اُهي اَلڳ اَلڳ آڪاڻين جيان بہ آنند ڏين ٿيون. گذريل لڳ ڀڳ ويهن - پنجويهن سالن ۾ بس انهيءَ ناول کان سواءِ ٻيو هڪ بہ ناول نہ ڇپيو آهي. اِئين تہ هر ٻوليءَ ۾ ٻال ناول گهٽ لکيا ويندا آهن پر انهن جو انداز ايترو گهٽ نہ هوندو آهي. ٻال ناول لکڻ لاءِ هڪ وشال پلاٽ، ڇڱن ڪردارن ۽ انهن کي مکيہ ڪٿا سان جوڙڻ جي قابليت ۽ وڏيڪ وقت جي گهرج هئڻ سبب، ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ ناول ڏانهن گهٽ ڌيان ڏنو ويو آهي. ٻال ناول وانگر ٻال ناٽڪ بہ اَهڙي صنف آهي، جنهن تي بہ قلم ٿورڙو ئي هلايو ويو آهي. ناٽڪ جو واسطو نہ صرف ساهتيہ سان پر رنگ منچ سان بہ آهي. تنهنڪري جنهن ليکڪ کي رنگمنچ جي ڄاڻ هوندي، سو ئي ناٽڪ لکي سگهندو. ناٽڪ بنيادي طورهڪ ڏکي ڪلا آهي. ان کي بہ سمجهڻو آهي تہ ان سان گڏ ٻارن جي ڪلپنائن ۽ ضرورتن کي بہ ڌيان ۾ رکڻو آهي. ٻارن کي وڏيون وڏيون ڳوڙهيون ڳالهيون پسند نہ هونديون آهن انڪري سياويڪ طور جن ٻال درشڪن لاءِ ناٽڪ لکيو يا پيش ڪيو وڃي ٿو، انهن جي دنيا کي سمجهڻ بنا اهو لکبو يا پيش ڪبو تہ ان کي سڦلتا نہ ملي سگهندي. سنڌيءَ ۾ منوهرداس ڪوڙيمل جي لکيل ٻال ناٽڪ سنگرہ ’ڇهڇٽا‘ (۱۹۶۴) ڪانپوءِ جي عرصي ۾ ذڪر ڪري سگهجي، اَهڙا ٻال ناٽڪ سنگرہ تمام گهٽ آهن. انهن ۾ چندرسين نلواڻيءَ جو ’پوسٽ جو ڏيهو‘ (۱۹۸۲)، رام پاٻچنداڻي ’گيان‘ جو ’ڀلي آيو آرتوار‘ (۱۹۸۲)، جيني لالواڻيءَ جا ’ترنگي روشني‘ (۱۹۸۶) ۽ ’مُچر مامو‘ (۲۰۰۶)، هوندراج



Gul Hayat Institute

بلواڻيءَ جا ’ڏهين جو نوٽ‘ (١٩٦٨)، ’ماستر موکل تي‘ (١٩٩٧)، ’پٽر جادوءَ جو‘ (٢٠١٥)، دليپ ٽيڪچندا ڻيءَ جا ’سدا جيئي سنڌي‘ (٢٠٠٥) ۽ ’مان دُبئي ويندس‘ ۽ ڪي ٻيا سنگره ذڪر لائق آهن. گجرات جي سنڌي ساهتيہ اڪاڊميءَ ١٩٩٨ ۾ منوهر نهالاڻيءَ جي سمپادڪيءَ ۾ ’چونڊ سنڌي ٻال ايڪانڪيون‘ ڇپايو هو جنهن ۾ جدا جدا ليکڪن جون ١٣ ٻال ايڪانڪيون آهن. ٻارن لاءِ ٻہ فصلو ناٽڪ هوندراج بلواڻيءَ جو ’انمول موتي‘ ١٩٨٢ ۾ ڇپيو هو، جيڪو پهريون ٻہ فصلو ناٽڪ چئي سگهجي ٿو. سنڌيءَ ۾ ٻال ناٽڪ جي اِستٿي گهٽي نراسائي پيدا ڪندڙ رهي آهي. ريڊيو تان پرسارت ٿيندڙ ٻال ناٽڪن وري ٻہ انهيءَ ڪوٽ کي پورو ڪرڻ جي ڪنهن نہ ڪنهن نموني ڪوشش پئي ڪئي آهي، جنهن ۾ آڪاشواڻي اَحمدآباد جي وڏيک حصيداري رهي آهي. مونولاگس ۾ ومي سدارنگاڻيءَ جو ’ممي، اِئين ڇو آهي؟‘ (٢٠٠١) ۽ واسديو نرمل جو ’اَما توکي خبر آهي‘ خاص آهن.

ٻال ساهتيہ جي ٻين صنفن جهڙوڪ جيوني، آتم ڪٿا، گيان وگيان، راند روند، سئر سفر، ٽوٽڪن، پرولين، اِتهاس وغيره طرف تمام گهٽ ڌيان ڏنو ويو آهي. خاص ٻارن لاءِ لکيل چئي سگهجن اَهڙيون رچنائون تمام ٿوري انداز ۾ ملن ٿيون. جيون چرترن ۾ ديپچند تلوڪچند جو ’جواهر درشن‘ (١٩٦٦)، پريداس برهمچاريءَ جو ’ٻاپو درشن‘ (١٩٦٨)، ديال آشا جو ’دادا درشن‘ ۽ ’وطن صدقي‘ (١٩٨٠)، منوهر نهالاڻيءَ جو ’وير ٻالڪ‘، چيني لالواڻيءَ جو ’وطن جي صدقي‘ (١٩٨٥)؛ مهاپرشن جي نندپڻ جي پرسنگن ۾ گدومل هرجاڻيءَ جو ’’ملڪ جا مدبر ٻال اوستا ۾‘ ۽ رام پاڳچنداڻي ’گيان‘ جو ’وڏن جي نندپڻ‘ ۽ ڪوتومل واڌواڻيءَ جو ’اُهو ٻالڪ ڪير هو‘ (٢٠١٥)؛ گيان وگيان جي ڪتابن ۾ واشديو سنڌو پارتيءَ جو ’عجب هيءَ دنيا‘ (١٩٦٧)، هوندراج بلواڻيءَ جا ’دنيا رنگبرنگي‘ (١٩٦٩) ۽ ’گيان جو خزانو‘ (١٩٨٢)، چيني



Gul Hayat Institute

لالواڻيءَ جو ’آڪاشي ياترا‘ (١٩٨٢)، رام پاڄچنداڻي ’گيان‘ جا ’سوُريہ شڪتي‘ (١٩٨٤) ۽ ’سائنس ڪلب‘ (١٩٨٨)؛ لوڪ راندين تي هوندراج بلواڻيءَ جو ’ٻارن جون لوڪ رانديون‘ (١٩٩٢)؛ داس طالب ۽ ٻين ڪن ليکڪن جا لکيل / گڏ ڪيل چرچن ۽ ٽوٽڪن جا ڪتاب؛ سئر سفر تي خاص ٻارن لاءِ لکيل واحد ڪتاب فتحچند واسواڻيءَ جو ’ڀارت درشن‘ (ٻہ ڀاڱا) (١٩٦١)، اِتهاس تي ڦول روهڙا جو ’هندستان جي آزاديءَ جي ڪهاڻي‘ (١٩٨٥) وغيره آڌت ڏيڻ لاءِ ڪافي چئي سگهجن ٿا. گذريل ويهن-پنجويهن سالن ۾ هن قسم جو ساهتيہ لکڻ جي ڏس ۾ بہ خير ڪو اِضافو ٿيو آهي.

سنڌيءَ ۾ ٻال رسالن جي شروعات ورهاڱي کان اَڳ ٿي چڪي هئي. ورهاڱي ڪانپوءِ ٻالڪن جي ٻاريءَ طرفان نڪرندڙ ’گلستان‘، رسالو وري نئين سر شروع ڪيو ويو پر اهو گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهيو. انهيءَ ئي نالي سان ١٩٨٦ ۾ اَحمدآباد مان ماهوار رسالو شروع ڪيو ويو. اهو رسالو تمام گهڻو مشهور ٿيو ۽ هر مهني ٻن هزارن ڪاپين جي سرڪيوليشن کي وڃي پهتو. ٢١ سال نيم سان نڪرڻ بعد ڪن سببن ڪري ’گلستان‘ رسالو بند ٿي ويو. انهيءَ رسالي جا سمپادڪ رام پاڄچنداڻي ’گيان‘، شيام رامرکياڻي ۽ هوندراج بلواڻي هئا. مدراس (هاڻي چينئي) مان جدا جدا ٻولين ۾ نڪرندڙ ٻال رسالو ’چندا ماما‘ ١٩٥٢ ۾ سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾ بہ شروع ڪيو ويو پر پاڻڪ گهٽ ملڻ ڪري اهو گهڻو وقت نہ هلي سگهيو. ٻيا بہ ٻال رسالا نڪتا پر انهن مان ڪي ٿورو وقت هلي بند ٿي ويا تہ ڪي تمام ٿوري عرصي اَندر ئي بند ٿي ويا. ’ڦولستان‘، ’وير ٻالڪ‘، ’گلڪاري‘ (ٿيئي اَجمير مان)، ’جوت‘، ’ٽارزن‘، ’شانتي‘، ’گل ڦل‘ (چار ئي ممبئيءَ مان)، ’گلدستا‘ (آديپور)، ’چانڊوڪي‘ (آگرو)، ’گلڙا‘، ’گلابي گلڙا‘، ’گلدستو‘ (ٿيئي اُلهاسنگر مان)، ’مکڙيون‘ (دهلي)، ’ٻبلوُ‘، ’گلشن‘، ’جهرمر‘، ’ديشي وديشي ڪٿائون - لوڪ ڪٿائون‘، ’ٻارڙا‘، ’ٻال منچ‘ (ڇهہ

Gul Hayat Institute

ئي اَحمدآباد مان) ٻال رسالا ڪافي وقت کان بند آهن. انهن سيني رسالن ڪانسواءِ جنهن رسالي جو ذڪر شدت سان ڪري سگهجي ٿو سو آهي ’ڦلواڙي‘ رسالو. اِهو رسالو ١٩٥٢ ۾ اَجمير مان شروع ڪيو ويو هو. اهو ديوناگري لپيءَ ۾ هو. اَڳتي هلي اهو عربي سنڌيءَ ۾ ٻـه اَلڳ اَلڳ مواد سان شروع ڪيو ويو. سنڌي ٻوليءَ جو هيءُ هڪ ئي رسالو آهي جيڪو لڳ ڀڳ ٻائيتاليهه سال ٻنهي لپين ۾ ٻاني‍م نڪرندو رهيو. ڪڏهن ٻه ڪو گڏيل اَنڪ نـه ڪڍيو ويو. شروعات ۾ ان جا سمپادڪ هئا ڀائو پريداس برهمچاري ۽ ديپچندر تلوڪچند بيلاڻي. ڀائو پريداس برهمچاريءَ جي گذاري وڃڻ کانپوءِ ديپچندر بيلاڻي اَڪيلي سر ان جي جوابداري سنڀاليندو رهيو. ١٩٨١ کان وٺي ديپچندر بيلاڻيءَ سان گڏ هوندراج بلواڻيءَ کي ٻه ان جو سمپادڪ بڻايو ويو. بيلاڻيءَ کانپوءِ ٻه ’ڦلواڙي‘ رسالو بند نـه ڪيو ويو ۽ اهو وري ناگپور مان شايع ٿيڻ لڳو. بعد ۾ لڳ ڀڳ ١٩٩٥ ۾ اهو ڪن ڪارڻن ڪري بند ڪيو ويو.

هنن سيني رسالن جي بند ٿي وڃڻ کانپوءِ شخصي سطح تي ٻارن جو رسالو ڪڍڻ جي ڪنهن ٻه ڪوشش نـه ڪئي آهي. اَلبت جدا جدا راڄين ۾ ٺهيل سني اَڪادمين طرفان ٻال رسالن جون ڪوششون ضرور ٿيون آهن پر اهي ٻه تمام محدود رهيون آهن. دهلي سنڌي اَڪادميءَ طرفان ’جهرمر‘ رسالو نڪرندڙ آهي. پر اهو نيمائتو نٿو نڪري. رنگارنگي چٽرن سان سينگاريل هيءُ رسالو جهڙو سهڻو ۽ ڪشش ڪندڙ لڳندو آهي اوترو مواد جي خيال کان دلڪش نـه هوندو آهي. مڌيه پرديش سنڌي اَڪاديميءَ طرفان ’ٻال مشعال‘ جا هيل تائين ٻه ٽي اَنڪ مس نڪتا آهن. گجرات جي سنڌي اَڪاديميءَ انهيءَ ڏس ۾ ڪيرون لهڻيون جو ان طرفان شايع ٿيندڙ ’باغ بهار‘ رسالو نيم سان ۽ رٿائتي ۽ هر قسم جي مواد سان اهو گڏريل سورهن سالن کان نڪرندڙ آهي. پهريائين اهو رسالو ٽماهي هوندو هو پر سال ٢٠٠٨ کان اهو ساليانو رسالي طور نڪرندڙ آهي.

ڀڙئين اَنڪ ڪان ئي ان جو سمپادڪ هوندراج بلواڻي رهيو آهي. نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج طرفان سال ٢٠١٢ ۽ ٢٠١٣ ۾ ’پوپٽڙا‘ رسالي جا ٻہ اَنڪ رنگارنگي مورتن ۽ سهڻي ڇپائيءَ سان ڪڍيا ويا. ان ڪانپوءِ هڪ ٻہ اَنڪ نہ نڪتو آهي. هن رسالي جا سمپادڪ هوندراج بلواڻي ۽ جگديش لڇاڻي هئا.

ڀارت جي خودمختيار ساهتيڪ سنستا ’ساهتيہ اَڪاڊميءَ‘ ٻال ساهتيہ کي همٿائڻ جو هڪ سهڻو قدم ٢٠١٠ کان کنيو آهي. ڀارت جي ٢۴ مکيہ ڀاشائن (سنڌيءَ سميت) جي ٻال ساهتيڪارن کي سندن ٻال ساهتيہ جي شيوائن عيوض هر سال هڪ اَوارڊ ڏنو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ هيلنائين ڪيمن موٽاڻي، هوندراج بلواڻي، جگديش لڇاڻي، واسديو نرمل، واشديو سنڌو ڀارتي، جينتو لالواڻي، ديال آشا، روشن گولاڻي ۽ ڪلپنا چيلاڻيءَ کي اهو اَوارڊ ملي چڪو آهي.

سنڌيءَ ۾ ٻال ساهتيہ گهٽ ڪونہ لکيو ويو آهي. تفصيل ٻڌائين ٿا تہ تعداد جي خيال کان ٻال ساهتيہ جو چڱو وڪاس ٿيو آهي پر معيار جي خيال کان اَڃا ٻہ سٺو ٻال ساهتيہ ٻارن کي ملي اَهڙيون ڪوششون ٿيڻ گهرجن. ان طرف اَديبن کي ڌيان ڏيڻ گهرجي. ڀارت ۾ سيني ٻولين کي پنهنجو پنهنجو پرانت آهي. پنهنجي پرانت هئڻ ڪري انهن کي اوسر جو پورو پورو موقعو مليو آهي. سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي زمين ڪانهي. سنڌي تعليم تي اَنگريزي ۽ ٻين مڪاني ٻولين جو اَثر حاوي آهي، انڪري سنڌي پڙهڻ وارا گهٽجندا ٿا وڃن. لپيءَ جو مسئلو ٻہ اَسان جي ٻوليءَ کي چڱو ڌڪ هڻي رهيو آهي. اَهڙين حالتن ۾ سنڌي اَديب ٻال ساهتيہ لکي رهيا آهن، ان لاءِ کين مبارڪون ڏيئي سگهجن ٿيون.

ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ ۾ ڇپيل ٻال ساهتيہ تي نظر وجهبي تہ ان جي اوسر جا ڪيترا اهڃاڻ ملندا. سنڌ ۾ وڏن جي اَدب سان گڏ ٻارن جو اَدب ٻہ چڱي تعداد ۾ نڪري ٿو. ڪيترائي اَديب آهن جن ٻال ساهتيہ لکيو آهي. اُستاد بخاري، علي بابا، نياز همايوني،

اياز پاتولي، اختر درگاهي، نثار بزمي، ادل سومرو، اياز گل، نصير مرزا، مختيار ملڪ، ذوالفقار سيال، اَڪبر جسڪاڻي، سوسن مرزا، ظفر عباسي، سڪندر سرواڻ، محمد اسماعيل عرساڻي، غلام محمد ’غازي‘، اياز قادري، شمش الدين سومرو، الطاف سومرو، ناز سنائي، الاهي بخش ٻانيڻ، ع. ج.منگهاڻي، غلام مصطفيٰ سولنگي، آزاد بخاري، محمد علي ماجد، عبدالحئي پٿو، نياز پنهور، قربان منگي، شمشير الحيدري، فهميدا حسين، خالد آزاد، وفاموُلا بخش، عطا محمد ڀنڀرو، اسرار شاهه، وحيد محسن، الطاف شيخ وغيره. اَهڙا نالا آهن جن ٻال ساهتيہ لاءِ لڳاتار ڪوششون پئي ڪيون آهن.

سنڌي لئنگويج اَٿارٽي (حيدرآباد) طرفان ٻين ڪتابن سان گڏ نہ صرف ٻال ساهتيہ ڇپايو وڃي ٿو پر ڪتابن کي اوارڊ پڻ ڏنا وڃن ٿا. سنہ ٢٠٠٧ ۾ غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جي ترتيب هيٺ هڪ عمدو ڪتاب ڇپايو ويو. ’سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي اينٿالاجي‘ نالي ڇپيل ڪتاب جي نالي مان ظاهر آهي تہ اهو ڪتاب سنڌي ٻال گيتن جي هڪ اينٿالاجي آهي. هن ڪتاب ۾ ورهاڱي کان اَڳ ڇاهي ورهاڱي کانپوءِ، سنڌ ۾ ڇاهي هند ۾، جن شاعرن ٻارن لاءِ گيت لکيا آهن، تن جون چونڊ رچنائون شامل آهن. ٢٧٠ صفحن جي هن سنگره ۾ ڪل ٨٠ ڪوين جي واقفيت سميت هرهڪ جون ٻہ ٻہ رچنائون آهن.

سنڌي ٻاراڻي اَدب جي تاريخ تي بہ هنن ٽن جلدن ۾ ڪتاب ڇپايو آهي. ’سنڌي ٻاراڻي اَدب جي تاريخ‘ نالي وارو اهو ڪتاب سنہ ٢٠١٦ ۾ ڇپيو آهي. تحقيق ۽ تصنيف : سنڌي ٻاراڻي اَدب سان پڪي پريت رکندڙ خالد آزاد جي آهي. هيءُ ڪتاب تيار ڪري هن هڪ وڏو جاکوڙي ڪم ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

# هڪ آتم ڪٿا جو جائزو

✍ اَرجن چاولا

پاڪستان ۾ شايع ٿيل لڇمڻ ڀاٽيا ’ڪومل‘ جو ڪتاب ”وهي ڪاتي جا پنا (آتم ڪٿا)“ پاڪستان ۾ سياڻو پيدا ڪرڻ ڪانپوءِ ڀارت ۾ به لِڙهڻ ڪاندار آهي. سنڌ ۾ شايع ٿيندڙ ’سوجهرو‘ جي اشاعتن ۾ ’سنڌ جون ساروٽيون‘ عنوان هيٺ ڇپيل لڇمڻ ڪومل جي بيباڪ صاف گوئين چڻ ڪو طوفان کڙو ڪيو هجي. ڪومل جي نثري ساخت تي عبور جي جهلڪ ته ملي ئي ٿي، پر جنهن بيباڪيءَ سان ڪومل پنهنجا عيب ثواب اُگهاڙيا آهن، تنهن ڪي ڏسي تعجب ضرور لڳي ٿو ته بنا ڪنهن پرواه ڪرڻ جي هن پنهنجا ’پول‘ ڪيتري دليريءَ سان پڌرا ڪيا آهن. پاڻ ڪي بُرو چوڻ به بهادري آهي. لڇمڻ انهيءَ ۾ سنڪوچ ڪونه ڪيو آهي. انهيءَ ۾ ئي وڏپ سمايل آهي.

ڪومل جي آتم ڪٿا صرف قابلِ-تحسين ڪارنامن جو ذڪر ناهي پر لذت-گناه جو اعتراف به آهي. سندس همٿ، حوصلي ۽ دليريءَ تي تاڙي ته وڄائبي!

آتم ڪٿا، Autobiography يا سوانح عمري، لکڻ به هڪ اَدبي فن آهي. يقينا آتم ڪٿا ليکڪ جي شخصي آزمودن، اَحساسن، جذبن، اُمنگن، اُڏمن، حادثن ۽ رد عملن جو تذڪره آهي. پر آتم ڪٿا لکڻ جو فن آتم وڳياپن (Self-Advertisement) ۽ خودثنائي (Self-aggrandisement) يا Self-Praise (پاڻ پڏائڻ) جو ذريعو بڻجڻ کان مٿيرو اُٿي، شخصي سوچ جي محدود دائرن کان پار ٿي جيڪڏهن سماجي، قومي، مُلڪي ۽ بين الاقوامي وسعت واري سوچ ۽ سروڪارن تائين پهچي ٿو ته بيشڪ اَهڙي فني تخليق کي شخصي حادثن جي خود-بيانيءَ واري گرنٿ جو نالو ڏيئي سگهجي ٿو. سوچ جو اِهو دائرو ئي ڪنهن تخليق کي قدامت بخشي ٿو ۽ قيمت بخشي ٿو.

Gul Hayat Institute

ٽِن ڀاڱن ۾ مشتمل لڇمڻ ڪومل جو ’وهي ڪاتي جا پنا‘ اَهڙو ئي هڪ گرنٿ آهي، جنهن ۾ ليکڪ شخصي سوچ جي دائرن کان مٿيرو اُٿي، قومي ۽ بين الاقوامي مسئلن تي پنهنجي ردعملن جو اِظهار ڪري ٿو.

اَدب جي تخليق بابت رائزني ڪندي ڪومل لکيو آهي : ’اَسانجي سماجي ۽ اَدبي ورهاڱي کي رُڳو پنجاه سال ٿيا آهن ۽ تاريخ ۾ پنجاه سالن جو عرصو ڪابہ معنيٰ نٿو رکي. تاريخ ساکہ تي شاهدي ڏني آهي تہ جلاوطني وارن ڏؤرن ۾ پڻ جلاوطن ٿيل اَديبن اعليٰ اَدب تخليق ڪيو آهي. اَٽ سؤ سالن کان جلاوطن هيبريو ٻوليءَ جي يهودي اَديبن تاريخ جا ڏاڍا ڏمر سَٺا آهن ... صدين جي اُڪوڙ ۽ دربدريءَ هيبريوُ اَدب کي بي پاڙيو بڻائي ٻين ملڪن ۾ نوان سلا پوکڻ لاءِ مجبور تہ ڪيو پر اِهي سلا تيستائين اُسري نہ سگهيا جيسين اُن قوم صدين جي ڏِکن ٿاٻن کانپوءِ وري پنهنجو وطن نہ اَچي وَسايو. اَڄ اموزاوز يهشوا ۽ يزهار جهڙن تخليقڪارن هيبريوُ اَدب کي اعليٰ سطح تي آڻي بيهاريو آهي.‘ ڪومل اِهو مثال سنڌي جاتيءَ لاءِ چئلينج جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي.

سماج جي پراچين رچنا جي اَنوسار مرد ۽ عورت جي باهمي رشتن جو ذڪر ڪندي ڪومل بيباڪ راءِ ظاهر ڪري ٿو: صدين کان وٺي مانوَ سماج لڳ-ڀڳ پُرش پرڌان سماج رهيو آهي. مرد جي برتري زندگيءَ جي هر شعبہ ۾ نمايان رهي آهي. Women's Lib جي دؤر ۾ عورت نہ رُڳو مرد سان برابريءَ جي حامي پري ٿي، پر ڪيترن شعبن ۾ مرد کي مات ڏيئي اُڀري رهي آهي. ڪومل جي راءِ ۾ ’منو شاستر ۾ کي اَهڙا قانون ۽ قول درج آهن جيکي عورت ذات کي نہ رُڳو برابريءَ جا حق نٿا ڏين پر مرد ذات جي عورت جي ڀيٽ ۾ بدتري پڻ ٻُڌائن ٿا ۽ مرد کي پنهنجي عورت جي مٿان هٿ هلائڻ جو حق پڻ ڏين ٿا. هزارين سالن بعد اَڄ منو شاستر پنهنجي اَهميت وَ قوت وڃائي رهيو آهي ...‘

ڌرم اَڄ پاکنڊ جو روپ ڌارڻ ڪيو آهي. مذهب جي جنون جڻ اَکين کي اَنڌو ڪري ڇڏيو آهي. پاکنڊ جا کهڙا کهڙا روپ آهن تن جو حوالو

ڪومل ڪُسُم اَنسل جي ڪتاب ’برندابن جون وِڌوائون‘ مان ڏنو آهي:

’’پنڊتن جي پيهه پردو کسڪائي پڳوان ۽ منهنجي وچ ۾ رابطي جو سلسلو ختم ڪري ڇڏيو. اَگربتين جو دونهون، پيهه جو شور، پوڄارين جون التجائون، ورهائجندڙ پرساد، اُڇاليل گلن جا ڍير، وشواس کي جاڳائي رهيا هئا يا وشواس کي ٽوڙي رهيا هئا! پيلن ڪپڙن ۾ پيٽ ڪنهندڙ پنڊا، چڙهاوي جي رسم نباهيندڙ پوڄاري، هڪ آمرانه سازش جو شڪار اِهي ڌرم جا دعويدار، مون کي شڪ ۽ شبهي جي ڌٻڻ ۾ ڏِڪي رهيا هئا.‘‘

ڪومل پاڻ کي ڌرم جي نالي ۾ ٿيندڙ هر بيهودگي ۽ بُڇڙائيءَ جو اَکين ڏٺو شاهد مڃي ٿو. ڪاشي وِشوناٿ مندر جون گِهٽيون پار ڪندي ئي بنارس جي چڪلي، ’دال کي منڊي‘ جي گهٽين جو شروع ٿيڻ، جوش مليح آبادي ڪاشي گنگا ڪناري هڪ سندر اِستريءَ جي عشق ۾ گرفتار ٿي نِرڙ تي تِلڪ لڳائي ۽ اُگهاڙي بدن تي جٽيو پائي، هن جي ديدار لاءِ ساڻس گڏ وشوناٿ مندر ۾ بيهي گهنٽيون وڄائڻ تي ڪومل حيرت نٿو ڏيکاري. ڌرم جي اَندر پاکنڊ جي باري ۾ لکي ٿو: ’ڌرم ۽ مذهب اَسان کي چڪلن ۽ چوراهن اَڳيان آڻي بيهاريو آهي، جتي اَسان کي بي علم ۽ ڪُند-ذهن ٻاوَن - ٻانيڻن، پنڊتن، مُلن مولوين پنهنجي جار ۾ ڦاسائي اَسان جي عقل ۽ علم تي پڻ پردو وجهي ڇڏيو آهي. اِهي نوان مکوٽا پائي اَسان جي شعور ۽ وشواس کي جهنجهوڙڻ ۽ گمراه ڪرڻ لاءِ سرڪاري سرپرستيءَ هيٺ ٽيليويزن تائين پهچي ويا آهن ۽ گيتا، رامايڻ، مهاڀارت، قرآن ۽ حديث جهڙن مقدس ڪتابن جي تعليم ڏيڻ لاءِ رنگين ۽ دلڪش نقابن ۽ جاڙي بازيءَ سان اَسان جي گهرن جي ڊرائينگ رومن ۾ اَسان جي روبرو اَچي بيٺا آهن.‘‘

Gul Hayat Institute

زندگي گوناگون تجربن جو هڪ پٽارو آهي. اِهي تجربا ڪوڙا - مِٺا، وچتر ٿي سگهن ٿا. ڀارت ۾ لڏي اَچڻ کان پوءِ لڇمڻ پنهنجي پريوار جي سقيميءَ جي دلسوز حالت کي ياد ڪري ٿو ته ڪيئن نه ماءُ جا ڳهه

سندس قلمطرازيءَ بہ مانُ پاتو. جو شخص جيون-ساگر ۾ لهرن سان لڙندي، غوطا کائيندي، ٻُڏڻ جي خوف ۾ ٿاڦوڙا هڻي ڪنڌيءَ پيرو ٿيو هجي ۽ تنهن ڪانپوءِ بہ سندس حوصلو سلامت هجي، اَهڙي حوصلي کي سلام!

زندگي خيالن، جذبن، اَحساسن، اعمالن، اَنوڀوَن ۽ ردعملن جي ڇڻ هڪ ڳوٿري آهي. انهن مڙني کي پنهنجي چيتن، اَڌ-چيتن ۽ اَچيتن من (Conscious, sub-conscious and unconscious mind) مان سهيڙي، هڪ ترتيب ۾ پيش ڪرڻ جي اَنداز کي ٻيو نالو آتم ڪٿا ڏيئي سگهجي ٿو.

ڪنهن بہ اَدبي تخليق جي قيمت ۽ قدامت انهيءَ جي موضوع، موضوع جي حقيقي زندگيءَ سان وابستگي، موضوع جي ادائگي (Presentation)، موضوع جي عالمي سروڪارن سان رِشتي وغيره جي آڌار تي ڪَٿي سگهجي ٿِي. آتم ڪٿا (Autobiography) ۽ جيوني (Biography) ٻہ اَلڳہ صنفون چئي سگهجن ٿيون ۽ ٻنهي جي ليکڪن جا مقصد بہ اَلڳ اَلڳ ٿي سگهن ٿا. هڪڙو خود پنهنجي ئي دل جي ڌڙڪنن، خوابن ۽ خدشن، اُڌمن ۽ اَرمانن، ڏوجهرن ۽ ڏهڪاوَن جي عڪاسي ڪري ٿو تہ ٻيو ڪنهن ٻئي شخص جي حياتيءَ جو هوبهو نقش پيش ڪرڻ جي ڪوشس ڪري ٿو. هڪڙي جو موضوع ۽ ادائگي خالص داخلي (Subjective) نوعيت وارا آهن پر ٻئي جو نظريو خارجي (Objective) رهي ٿو جيتوڻيڪ جيون ڪٿا جي ليکڪ جو Objective نظريو ۽ اَدائگي بہ Subjectivity جي ڇُهاوَ کان بچي نٿا سگهن. آتم ڪٿا ۾ خودپرستي ۽ خودثنائي جا عنصر اَلبت نظر اَچي سگهن ٿا ۽ شايد اِهو سُڀاويڪ ئي آهي. ذاتي زندگيءَ ۾ مختلف حالتن سان روبرو ٿيندي ڪٿا مِنا اَنوڀوَ، اوڻايون ۽ اَڙٻنگايون آتم ڪٿا ۾ ڪنهن حد تائين نيڪ نيتي، ساهس ۽ بيباڪيءَ سان بيان ڪيل ملنديون. آتم ڪٿا لکڻ لاءِ آتم ٻل ۽ اِخلاقي همت Moral Courage جي ضرورت آهي. پنهنجي باري ۾ سچ

Gul Hayat Institute

وڏو ٿي وڏو رنن-چور ٿيندءِ.“ لڇمڻ تسليم ڪري ٿو ته وڏو ٿي رنن چور ته نه ٿِيُس پر رومانٽڪ ضرور ٿيس.“ ڪيترين ئي محبوبائن سان بي وفائون ڪيائين ته ڪيترين طرفان بي قدري به سَٺائين - شايد سوچيو هونداَئين ته :

**ڇو نه ڀرپور زندگي جيئجي، شهه به پنهنجي آ مات پنهنجِي آ**
**ڪير جنت جو اِنتظار ڪري، هيءَ ته سارِي حيات پنهنجي آ.**

ڀرپور جيئڻ جي تمنا شايد سڀ ڪي رهي ٿي، پر اِنهيءَ تمنا ڪي هرڪو جِي نٿو سگهي. لڇمڻ جو ڀارت لڏي اَچڻ کان پوءِ وارو جيون ڪجهه وقت تائين هڪ ڪُتل ڪاتي واري شخص جو جيوَن رهيو پر ڪُتل- ڪاتي هوندي به زندگيءَ جي مزن ماڻڻ جي هُرکه مٿس حاوي رهي.

يوناني فيلسوف ارسطوءَ عرب دانشور اِبن رشد کان والٽيئرَ ۽ دريدا تائين، راجيندر سنگهه بيدي ۽ ڪرتار سنگهه دُگل کان قُرت العين حيدر تائين، گُلان ماڇياڻيءَ کان نرگس تائين ۽ نريش ڪمار ’شاد‘ کان نيلِما عظيم تائين - زندگيءَ جي هر موڙ تي پنهنجي ڪَٿن-مِنن اَنوڀوَن کي ڪهاڻيءَ جي اَنداز ۾ پيش ڪندو هلي ٿو. نارايڻ شيام، هريڪانت، ڪرشن راهي، ۽ ٻين سان ماڻيل صحبتن جي تازگيءَ کي شدت سان ياد ڪيو اَٿائين.

آتم ڪٿا ۾ ذڪر ڪيل گهٽنائون ڇڻ ڪنهن ناول جا ايپيسوڊ لڳن ٿا. حقيقي زندگيءَ سان وابسته هوندي به ’وهي ڪاتي جا پنا‘ ڪهاڻيءَ جي تکي رفتار ۾ لکيل ناول جي فطرت واري آتم ڪٿا آهي. ڪٿي ڪٿي خودثنائي ۽ آتم وڳياپن جا عنصر ضرور ملن ٿا ڇاڪاڻ ته ڪڏهن ڪڏهن پنهنجا عيب اُگهاڙڻ جي طور طريقي ۾ پنهنجي قدامت پيش ڪرڻ جي ڪوشش جهلڪڻ لڳندي آهي.

اَدبي ڪٽ جي لحاظ کان ’وهي ڪاتي جا پنا‘ اُٿلائيندي ڪتاب ۾ گهڻيئي اَدبي خوبيون ملن ٿيون. ليکڪ جي سڀ ڪجهه هڪ ئي ساهيءَ ۾ ڇئي وڃڻ جي چاهه جي هلندي ڪهاڻيءَ جهڙي رفتار به آهي ته ناول جهڙي ڏيمي گتي به. صنايع ۽ بدايع Figures of Speech سان گڏ ڏيسي



Gul Hayat Institute

محاورن جو اِستعمال ليکڪ جي نثري ساخت تي خاصو عبور حاصل هئڻ جي شاهدي ڏئي ٿو. ڪومل علم بيان جو بہ ماهر آهي. گهٽنائن جو ذڪر نهايت باريڪيءَ سان ڪيو اَٿائين، جنهن مان سندس قوت-ياداشت جي پڻ ساک ملي ٿي.

اَلبت گهٽنائن کي پيش ڪرڻ ۾ ڪٿي ڪٿي مبالغہ آميزي (exaggeration) کان ڪم ورتو ويو آهي. بلاشڪ ڪنهن آتم ڪٿا جي هر ايپيسوڊ جي مرڪز ۾ ليکڪ جي شخصيت ئي رهي ٿي پر ضروري ناهي تہ هر گهٽنا ۾ هيرو پاڻ ئي هجي. انهيءَ جي تائيد ليکڪ پڻ ڪري ٿو:

”مان پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ڪٿي ٻن واڌو ٻن کي ساڍا چار ڪري لکان تہ اُن کي لڳ ڀڳ صحيح ڪري سمجهجي. آتم ڪٿا جي عمارت جوڙڻ وقت مان سِروُن صحيح ۽ پڪيون پڪتيون ڪتب آڻيندس، باقي سِرن وچ ۾ چنبڙايل سيمينٽ ۽ گارو جي منهنجي تخئيل ۽ تصور جو هجي تہ اِهو هر آتم ڪٿا لکندڙ جو بنيادي حق آهي. ڪومل اِهو بہ قبول ڪري ٿو تہ گهٽنائن جو سلسلو باترتيب بيان ڪيل ناهي. حادثا سلسليوار گهٽناڪرم ۾ بيان ڪيل ناهن. ڪٿهن دُهراءُ بہ نظر اَچي ٿو. آتم ڪٿا ڪٿي ڪٿي erotic اُپنياس جو اَحساس بہ ڏئي ٿي. طنز ۽ مزاح (humour and satire) بہ جهجهو ئي ملي ٿو. سياسي آڪاڙيبازي، مندرن مسجدن، باوَن بانيٽن ۽ ڊونگي جهاز ڦوڪ ڪرڻ وارن جي اوگهڙ، اِتهاس ۽ سماج شاستر تي ٽِپڻيون بخوبي مِلن ٿيون. اِظهار-بيان ۾ رواني ۽ شستگي، خود اعتمادي ۽ بيباڪي جهڙيون وصفون بہ موجود آهن. ڪجهہ بہ لڪائي رکڻ جي ڪوشش ڪٿي بہ نظر نٿي اَچي.

مطلب تہ ’وهي کاتي جا پنا‘ هڪ غير معمولي نوعيت واري آتم ڪٿا آهي، جيڪا رڳو پڙهڻ لاءِ نہ، پر خوب ماڻڻ لاءِ بہ آهي. اِئن لڳي ٿو ڄڻ ڪا آتم ڪٿا نہ پر ڪو اُپنياس (ناول) پڙهون ٿا ۽ اُهو اُپنياس پڙهي وڃڻ کانپوءِ بہ وري پڙهڻ تي دل ٿئي ٿي.

(’ڪڇ ۽ ڪوڏيون‘)



Gul Hayat Institute

# سنڌي ليکڪائن جي ڪهاڻين ۾ بدلجندڙ مانسڪتا

✍ آشا رنگواڻي

ساهتيہ سماج جو آئينو آهي. جڏهن اِئين چئجي ٿو، تڏهن اُن آئيني ۾ پهريون عڪس واسطيدار ٻوليءَ جي زمين جو اُڀري ايندو آهي. جنهن زمين تي اُها سماج واسو ڪندي آهي، اُن زمين جي مٽي، رنگ ۽ سُڳنڌ، اُن عڪس ۾ سمايل هوندا آهن. اُن زمين تي اُڀريل وڻن جي ڇانوَ ۽ ٻوٽن جو نرتيہ اُن ۾ نمايان هوندا آهن. زمين مٿان آڪاسي ڇَت جي بدلجندڙ روپن جو بہ اُن عڪس ۾ درشن ٿيندو آهي. اُن سموري ماحول وچ ۾ پلجندڙ ساهوارن جو جيون آئيني جي اُن عڪس ۾ ماءُ جي گود جي گرمائش ۽ سندس آنچل سان ڍڪيل سماج جو عڪس بہ نمايان ٿيندو آهي، جنهن ۾ جيون جا گوناگون پهلوءُ پويل هوندا آهن.

هر ٻوليءَ جي جاتيءَ کي پنهنجي خاصيت هوندي آهي - اَلڳ روايت - اَلڳ ڪلچر، سُڀاءُ وهنوار، رواج وغيره. سنڌي جاتيءَ کي بہ اِهي اَلڳ پڇاڻ جون خصوصيتون آهن، جيڪي کيس اَلڳ هستي ٿيون عطا ڪن. پر ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي گهڻي ڀاڱي نرواسي بڻجي رهيا آهن - يومي هنن کان ڇُٽي چڪي آهي - اِنڪري سنڌين ۾ ڪو زميندار يا هاري ناري نہ رهيو آهي، واپاري منوورتي هئڻ سبب مزدور طبقو نالي ماتر رهيو، صوفي مت ۽ نانڪ پنٿي هئڻ سبب جات پات جو ڪو ڀيد ڀاوُ نہ رهيو. ڇڙوڇڙ ٿي وڃڻ سبب شادين مرادين جا ڇُست ٻنڌن ٽُٽي ويا. تعليم جو واڌو وڌڻ جي باوجود بہ سنڌي جڻ سنڌيءَ کان اَڻڀڙهيل لڳڻ لڳا آهن. ورهاڱي کانپوءِ سنڌي جنهن پرانت ۾ وڃي رهيا اُتي جي لوڪل سماج جي سڀيتا جو بہ اَثر ڇائنجندو ويو. ٻين ٻولين جي ساهتيہ ۾


Gul Hayat Institute

اَهڙيون ڪيتريون ئي ذڪر لائق ڪهاڻيون ملنديون آهن، جيڪي پڙهڻ سان اُن ٻوليءَ جي سماج جو مڪمل روپ ۽ جيون جو هوبهو چٽر اَسان جي سامهون اَچي کڙو ٿيندو آهي - اُن معنيٰ ۾ سنڌيءَ ۾ ڳولهڻ ۽ ڦولڻ جي باوجود بہ ورلي ڪا اَهڙي ڪمائي ملندي، جنهن ۾ سنڌي جيون جي مڪمل نمائندگي پسي سگهبي.

ستين ڏهاڪي ۾ عالمي سطح تي ساهتيہ ۾ آيل تبديل ۽ نواڻ طرف جي موڙ جو بہ اَثر رهيو. نتيجو اِهو نڪتو جو نج سنڌي ڪردار، سنڌي ڪهاڻين مان گُم ٿيندو ويو. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ پارتيہ سماج جي ڪردارن جي پرمار اَچي ويئي. سواءِ ليک جي سنڌي نالي جي، ڪهاڻين مان سنڌيپڻو غائب ٿيندو ويو. سنڌي ڪردار پنهنجو چهرو وڃائيندو رهيو.

ليکڪا پوپٽي هيرانندڻيءَ جي ڪهاڻي ''ڏيڻ'' ۾ ڏاڏي، ڏيءَ وٽان آيل چٺي 'ڪانَ' (پوٽي) کي ڏيندي چوي ٿي: ''هيڏي لال، هيءَ چٺي تہ پڙهي ڏي.'' پوٽي چيو: ''مونکي سنڌي نہ ايندي آهي.'' ڏاڏيءَ چيو: ''شل منهن سائو ٿيئي! پڙهيا تڏهن پتر آهيو؟ مُئا هڪ خط بہ پڙهي نٿا سگهو؟ باقي اِسڪول ۾ وڃي ڏوڙ ٿا پايو؟''

ساڳي ڪهاڻيءَ ۾ اِسٽيج پروگرام ڏسندي شاه جي ڪلام جو ذڪر ٿيندي ڪانُ (پوٽو) پنهنجي ڏاڏيءَ کان پڇي ٿو، ''وڏي اَمان، شاه ڪير هو؟'' تہ سيتا پڇي ٿي: ''اَمان ڪلام معنيٰ؟''

ورهاڱي جي ڪاپاري ڌڪ، سنڌي آئيني کي ڏنڌلو بڻائي ڇڏيو آهي. اُن سبب آئيني ۾ پسجندڙ عڪس بہ ڪڏهن ڏُنڌ هينان دٻجندو يا غائب ٿيندو رهيو آهي. اُن سبب سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي جيون ڳولهڻ ڦولهڻ لاءِ آئيني مٿان هٿڙا گُهمائڻا پوندا.

هرڪنهن سماج جي اُنتيءَ جو اَندازو، سماج ۾ زالن جي حالت مان لڳايو ويندو آهي. ويهين صديءَ جي وچ ڌاري سنڌي زالن ۾ ڪجهہ قدر سجاڳي آئي ۽ پارت جي ٻين ذاتين جي ڀيٽ ۾ هوءَ ڪجهہ وڌيڪ برابريءَ وارو درجو ماڻڻ لڳي. آزاديءَ جي هلچل

Gul Hayat Institute

۾ بہ سنڌي ژالن بهرو ورتو. ڊاڪٽري، نرس ۽ ماستري جو پيشو عزت ڀريو ليکيو ويندو هو.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌي اَدب جي مئدان ۾ گهڻين ئي ليکڪائن پاڻ موکيو آهي. جيئن تہ پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، سندري اُتمچنداڻي، تارا ميرچنداڻي، ڪلا پرڪاش، مايا راهي، ريٽا شهاڻي، چندرا آڏواڻي، اِندرا واسواڻي وغيره.

## پوپٽي هيراننداڻي :-

سنڌي ليکڪائن ۾ مقدار جي خيال کان گهڻي ۾ گهڻي دين پوپٽي هيراننداڻيءَ جي رهي آهي. هن ساهت جي لڳ ڀڳ هر صنف (شاخ) کي مالامال ڪيو آهي. سندس ڪهاڻين جا مجموعا آهن:- (١) رنگين زماني جون غمگين ڪهاڻيون، (٢) پڪار، (٣) ڪلي گلاب جي، ساگر شراب جو، (۴) مون توکي پيار ڪيو، (۵) خزان جو ڏؤر پورو ٿيو، (٦) شهناز، (٧) زندگي نہ ڪويتا نہ ڪهاڻي، (٨) هت توهين هت اَسين (٩) سُرهي مشڪ. اِن کانسواءِ سندس ڪيترين ڪهاڻيون اَنگريزيءَ کانسواءِ ٻين ڪيترين ٻولين ۾ شايع ٿي چڪيون آهن.

## سندري اُتمچنداڻي :-

سنڌيءَ جي ناري ليکڪائن ۾ سندري اُتمچنداڻيءَ جو نالو پهرين قطار ۾ ڳڻيو ويندو آهي. سندس ڪهاڻين جا سنگره آهن: (١) وڇوڙو، (٢) ٻنڌن، (٣) ڀوري، (۴) مرڪ تي منع، (۵) اَچا وار ڳاڙها گل.

## تارا ميرچنداڻي :-

سنڌي جڳت جي چاتل سُڃاتل ليکڪا آهي. سندس ڪهاڻي سنگره آهن: (١) ريڙ جي گُڏي، (٢) آئينو ۽ عڪس، (٣) اُلجهيل تندون ريشم جون، (۴) درد.

## اِندرا واسواڻي :-

اِندرا واسواڻيءَ کي سنڌي ساهتيہ جي کيتر ۾ پنهنجو خاص مقام حاصل آهي. سندس ڪهاڻين جا سنگره آهن: (١) نالو، (٢) منجري.



Gul Hayat Institute

## ڪلا پرڪاش :-

ڪلا پرڪاش جو نالو سنڌي ساهتيہ جي کيتر ۾ ڪنهن کان بہ ڳجهو ڪونهي. سندس ڪيترائي ناول لکيل آهن ۽ بہ ڪهاڻي سنگرهن آهن: (۱) وارن ۾ گل ۽ (۲) انتظار.

## مايا راهي :-

مايا راهي سنڌي ليکڪائن ۾ هڪ خاص جاءِ رکي ٿي. سندس ويجهڙائيءَ ۾ جيڪي ڪهاڻي سنگره آيا آهن تن ۾ سندس ڪهاڻيون ڪافي بولڊ ۽ زالن جي سماج ۾ سمانتا ۽ برابريءَ جي آواز سان پُرُ آهن. سندس ڪهاڻي سنگره آهن: (۱) محبت جو مينهن، (۲) موڪش، (۳) ڍال.

## ريتا شهاڻي :-

گذريل ۲۵ سالن ۾ سنڌي جڳت ۾ چانيل رهي آهي. ريتا شهاڻي ساهتيہ جي مئدان ۾ دير سان آئي، پرسندس ساهتيہ جو ذخيرو تعداد جي خيال کان پوپٽيءَ ڪانپوءِ ٻيون نمبر تي آهي. سندس ڪهاڻي سنگره آهن: (۱) پڇڙ کي پڇاءِ، (۲) سوال ئي سوال، (۳) منع ٿيل ميوو.

## ۱۹۸۰ ڪانپوءِ سنڌي ليکڪائن جي ڪهاڻين کي هيٺين وشين ۾ ورهائي سگهجي ٿو :

(۱) پنهنجي زمين سان جڙيل ڪهاڻيون - ورهاڱي جو درد - شرنارٿي ٿي آيل سنڌين جو هندستان ۾ پيش آيل حالتن سان مقابلو.

(۲) منووگياڪ ڪهاڻيون.

(۳) سماجڪ يا پاريوارڪ جيون سان جڙيل ڪهاڻيون.

(۴) ودروه سان ڀريل ڪهاڻيون.

## • (۱َ) پنهنجي زمين سان جڙيل ڪهاڻيون - ورهاڱي جو درد - شرنارٿي ٿي آيل سنڌين جو هندستان ۾ پيش آيل حالتن سان مقابلو :

ڪوبہ اِنسان پنهنجي ڀونءِ کانسواءِ ويڳاڻو آهي. ڀونءِ جي

Gul Hayat Institute

ساروٽي هردي جو ساز آهي. اُن کي نظر اَنداز نٿو ڪري سگھجي. ڪهاڻيڪار ٻه، پنهنجي يُگ جي پوميءَ جي وڇوڙي جي درد کي نظر اَنداز ڪري نٿو سگھي. تڏهن ته ڪيترين سنڌي ليکڪائن جي ڪهاڻين وطن جي ياد جا سونهري تصور ڪڙا ڪيا آهن. جيئن: پوپٽي هيرانندائيءَ جي - ’هُت توهين هِت اَسين‘، ’منهنجي نالي‘، ’ڪاڪو گوپالداس‘، سُندري اُتمچندائيءَ جي ’پوري‘، ’آتم وشواس‘، ڪلا پرڪاش جي ’خانواهڻ‘، تارا ميرچندائيءَ جي ’گوپو‘، اِندرا واسوائيءَ جي ’پيئي اُڏامي رک‘.

**(۱) هُت توهين هِت اَسين:** ڪهاڻيءَ جا ڪردار پاڻ سان وطن جون ساروڻيون کڻي ٿا جيئن ۽ وطن کان وڇڙڻ ڪانپوءِ هنن جيڪي در در جون ٺوڪرون کاڌيون، تن جا لفظي منظر ته ڪڏهن ڪونه وسرندا. هن ڪهاڻيءَ جو گنومل ۽ سندس ٻوٽان آيل دوست تاجل جي گفتگو سنڌ جا وڻ ٽي ياد ڏياري، اَڪثر اُنهن کي جن ڏٺي هوندي سنڌ.سيٺ گنومل سنڌ مان آيل پنهنجي دوست تاجوءَ کي ٻڌائي ٿو ته ’’ٻوٽان هِت آيس ته بوري بندر وٽ وڻ هيئان سمهندو هوس يا وري چرچگيٽ جي ڪنهن بلڊنگ جي ڏاڪڻ جي هيئان! وڙهن مرهٽا، گجراتي، هندو ۽ مسلمان پر دڪان اَسان جا سڙن.‘‘

’’پنهنجي سنڌ کان وڇڙڻ ڪري روح ۾ ڪو اَهڙو ڦٽ ٿي پيو آهي جنهن جي علاج ۽ تلاش ۾ پيو ڦران!‘‘ بي سلامتيءَ جي اَحساس منهنجي دل ۾ هڪ گهاءُ ڪري ڇڏيو آهي. ’’توهين هُت پنهنجي ڌرتيءَ تي ڌاريا ٿي پيا آهيو ۽ اَسين هِت پنهنجي پونءَ بنا اوپرا.‘‘

**(۲) پوپٽي هيرانندائيءَ جي ڪهاڻي ’منهنجي نانيءَ‘** ۾ پڻ ورهاڱي جو درد سمايل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي مٽين ۽ سنڌ ۾ سنڌي جيون جا چٽ گهرائيءَ سان پيش ڪيل آهن. سنڌ ڇڏڻ جو ٻُڌِي ناني ٻِهي نٿي سگهي ۽ پَٽ تي ريڙهيون پائي هٿ ڏگها ڪري ڪجهه ڳولهڻ ٿي لڳي! نانيءَ کان پڇيو وڃي ٿو ته پٽ تي ويهي ڇا پيئي ڳولهين؟ چوي ٿي ته ’’اَبا! پٽ! اَباڻا ئي کسجي ويا آهن مون کان! من متي مِليم!‘‘


Gul Hayat Institute

**(٣) پيئي اُڏامي رک (اِندرا واسواڻي) :** هڪ نرالي ڪهاڻي آهي. سرءُ جي مند ۾ وڻن جا پن پيلا ٿي ڇڻڻ لڳندا آهن. رستا پرجي ويندا آهن. پيلن پنن سان ڍڪيل رستي تي صفائي ڪندڙ اُنهن پنن کي تيلي هڻي ساڙي ڇڏيندا آهن، جنهن مان رک ٺهي ويندي آهي. رک هوا جي تيز جهونڪن تي هيڏانهن هوڏانهن ڦهلجي ويندي آهي ... ڪهاڻيءَ جو ودوان ڪردار پنهنجي ماءُ سنڌ کان ڇڇي اَندر ۾ مري ويو آهي - ۽ رک وانگر پيو هِتي هُتي ڀٽڪي. (ڪِن جو چوڻ آهي تہ هيءُ سنڌي ودوان حشو ڪيولراماڻيءَ جي زندگيءَ جي سچي گهٽنا آهي.)

**(٤) ڪاڪو گوپالداس (پوپٽي هيراننداڻي) :** هيءَ ڪردارنگاريءَ واري ڪهاڻي آهي. جڏهن بہ ڪو بزرگ ميوو خريد ڪندو ڏسنداسين تہ ياد ايندو ڪاڪو گوپالداس. سنڌ ۾ ڪيس فروٽ جو ٻڌو ڌنڌو هوندو هو. پاڻ بہ فروٽ کائيندو تہ ٻاٽيجن کي بہ کونہ وساريندو هو. هو ڀارت ۾ نرواسي ٿي آيو. نہ ڌنڌو رهيو نہ فروٽ.

**(٥) ڀوري (سُندري اُتمچنداڻي) :** 'ڀوري' اُن سنڌي عورت جي ڪهاڻي آهي، جيڪا سنڌ ۾ ويهن ڳهرن جي سونهن سمجهي ويندي هئي. ورهاڱي جي ڪري ڪٽنب سميت لڏي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اَچي رهي. ڀوري جنهن همٿ، بردباري، محنت، خودداريءَ سان گهر جي جوابدارين کي منهن ڏيئي، پاپڙ، ڪچريون، وڙيون ٺاهي گهر جو گذران ڪري ٿي، اُن کي پرش جاتيءَ لاءِ پڻ للڪار سمجهيو وڃڻ کپي. هاڻي ڀوريءَ جي ٻاهرين سونهن پلي گهٽو اُس ۾ رُلڻ ڪري مرجهائجي ويئي آهي پر سندس اَندرين سونهن نِکري آئي آهي. هوءَ محنت ڪري ٿي پر ڪنهن جي اَڳيان هٿ نٿي ٽنگي.

**(٦) گوپو (ڪلا پرڪاش) :** هيءَ هڪ اَهڙي ٻار جي ڪهاڻي آهي، جنهن ڪڏهن اَميريڪا وڃڻ جا سپنا ڏٺا هئا پر ورهاڱي ڪانپوءِ گهر جي جوابدارين ڪري ٻار پنهنجا سڀ سپنا وساري ڇڏيا. حالتن ڪيس گوليون بسڪيٽ وڪڻڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو.

Gul Hayat Institute

**(٧) آتم وشواس (سندري اُتمچنداڻي) :** ڪهاڻي همٿ واري سنڌي ڪٽنب جي ڪهاڻي آهي. جڏهن سڄي سنڌي جاتيءَ جي ڏکين حالتن کي منهن ڏيڻ جي ڪهاڻي آهي.

**(٨) ننڍڙڪي، منهنجا مارو ڪٿي؟ (سندري اُتمچنداڻي) :** ڪهاڻيون تهذيبي ۽ تمدني پهلن جون ڪهاڻيون آهن. سنڌ جي ياد ٻولي ۽ ڪلچر لاءِ سڪ، سنڌيت جي شاهي بستي سنڌونگر جي ننڍڙڪي حالت ۽ ورهاڱي جي درد جا چٽر آهن.

## • (٢) منووگيانڪ ڪهاڻيون :

١٩٨٠ ڪانپوءِ سنڌي ساهتيه ۾ منووگيانڪ وشيه تي به ڪيتريون ڪهاڻيون لکيون ويون آهن، جيئن ته : (١) ٻال منو وگيان (٢) اِستري منو وگيان، (٣) ورڌ اَوستا ۾ منو وگيانڪ حالت.

**(١) ترڪٽي (پوپٽي هيرانداڻي) :** هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ننڍڙي ٻالڪا جي من جي اوک ڊوک ٽيل آهي. ٻالڪا جا ماءُ پيءُ سڄو ڏينهن پاڻ ۾ وڙهن ٿا ۽ واڪا ٿا ڪن. اِنڪري هوءَ هميشه ڏکيل رهي ٿي. آخر هڪ ماسترياڻي سندس من جي حالت سمجهي ٿي ۽ هوءَ پيار ۽ منو وگيانڪ ڍنگ سان هن ٻالڪا جي من جو ڊپ ڪڍي سندس ۾ آتم وشواس پئدا ڪري ٿي.

**(٢) آواز جو حسن (پوپٽي هيرانداڻي) :** ڪهاڻيءَ ۾ هڪ شادي ڪيل زال سني ٻائيندڙ پرش جي آواز تي موهت ٿئي ٿي. سندس پتي اِها ڳالهه محسوس ڪري ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ مرد تمام ذهين، سمجهوُ ۽ فراخدل آهي. اِستريءَ جي من کي سمجهندڙ آهي. هوُ اُن ڳائيندڙ کي پنهنجي پتنيءَ سان ملائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جڏهن پتنيءَ کي اِن ڳالهه جي خبر پوي ٿي، تڏهن سندس دل پنهنجي مڙس لاءِ وڌيڪ شرڌا ۽ عزت سان ڀرجي وڃي ٿي.

**(٣) رما چور (پوپٽي هيرانداڻي) :** پڻ هڪ منو وگيانڪ ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ماتيلي ماءُ پنهنجي پيٽ جائيءَ ۽ 'رما' ۾ گهڻو ڀيد رکي ٿي. رما کي ڪيترين ئي ڳالهين کان وانجهي ڇڏي ٿي. گهرڻ تي به رما کي

خسيس شيون نٿيون ملن تہ هن ۾ چوريءَ جي عادت پئجي ٿي وڃي. رما اِسڪول ۾ رما چور جي لقب سان سُڃاتي وڃي ٿي.

**(۴) اَڃا وار ٻاڙها ڱُل (سندري اُتمچنداڻي)** : هيءَ هڪ بهترين منو وگيانڪ ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ سٺ سالن جي ٻڍي ۾ جوانن جهڙا جذبا پلجن ٿا. گهر ۾ مهمان ٿي آيل سندس ڏيءَ جي ساهيڙي ڪيس بابا بابا سڏي سندس چوگرد هرڻيءَ جيان پيئي نچي ڪُڏي. هن نينگر لاءِ هن پيرسن جي دل ۾ واسنا جو جذبو پئدا ٿي ويو آهي. هو چاهيندي بہ ڪيس ڌيءَ چئي سڏي نٿو سگهي. ڇوڪريءَ ڪي هن پيرسن جي اِرادي جي ڄاڻ پوندي ئي ڏڏڪو ٿو اَچي. هوءَ ساهيڙيءَ جو گهر ڇڏي هلي وڃي ٿي.

**(۵) سالگره (تارا ميرچنداڻي)** : ڪهاڻيءَ ۾ زال کي بيحد پيار ڪندڙ پتي (جيڪا سالگره ڏينهن پيڪن ۾ آهي) جي منو اِسٿتيءَ جو تمام وڻندڙ ذڪر ٿيل آهي.

**(٦) ٿڏڪار** : ڪهاڻيءَ ۾ پتا جو پٽ ۾ موه ڏيکاريو ويو آهي. پٽ جي بيماريءَ سبب هوُ آفيس جي ضروري ٽوئر ڪئنسل ٿو ڪري. ڪيس پنهنجي ننڍپڻ ۾ پيءُ جي بيپرواهيءَ جي ياد اَچي ٿي. جنهن ڪيس ڏاڍو رنج رسايو هو. پٽ جي جڏهن اَک کلي ٿي تہ پيءُ کي پاسي ۾ وينل ڏسي عجب سان گڏ خوشي ٿئيس ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ رشتن جو منو وگيانڪ پهلوُ ڏيکاريو ويو آهي.

**(۷) آخر اِئين ڇو؟** : ڪهاڻيءَ جي نائڪا مائٽن جي مرضيءَ جي خلاف پريمي سريش سان شادي ڪري ٿي. پر پتيءَ کي شاريرڪ سک نٿي ڏيئي سگهي. اُن وقت ڪيس ڪنهن جي روئڻ جو آواز ٻڌڻ اَچي ٿو. ڪيس هڪ ننڍپڻ جو واقعو ياد اَچي ٿو، جڏهن هوءَ ٻارهن سالن جي هئي. هڪ رات سندس ننڍي ڀيڻ زور زور سان روئي رهي آهي. هوءَ ڀيڻ کي ڪٺڻ لاءِ جڏهن روم جي اَندر اَچي ٿي تہ ڏسي ٿي تہ سندس ماءُ پيءُ، معصوم ٻار جي روئڻ کان بيخبر، هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ ... هوءَ پتيءَ جي سک جي گهُرج کي ڪنهن جي روئڻ سان جوڙي ٿي.

(۸) آمين : ڪهاڻيءَ جي نائڪا ڪملا اخبار ۾ ناڪامياب ريپ ڪيس جي رپورٽ پڙهي ٿي. هڪ نابالغ ڇوڪري ۸ سالن جي هڪ ٻالڪيءَ جو ريپ نہ ڪري سگهڻ جي حالت ۾ سندس ڪومل اَنگ ڪي بي رحميءَ سان ضربي ڇڏيو آهي. جيئن تہ ڇوڪري تي ريپ ڪيس نہ بڻجي سگهيو آهي، اِن ڪري ڪيس آزاد ڪيو ويو. اِها خبر پڙهڻ بعد ڪملا کي پنهنجي پريميءَ جو پيار پريو ڇُهاءُ وڇونءَ جي ڏنگ جيان لڳي ٿو.

سنڌي ساهتيہ ۾ ۱۹۸۰ کانپوءِ سنڌي ليکڪائن جي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي ڀين مسئلن سان گڏ مانوَ منو وگيان کي ڏسڻ ۽ پرکڻ جي بہ ڪوشش ڪئي ويئي آهي ۽ تمام خوبصورت طريقي سان پنهنجين رچنائن ۾ اُن جو اِظهار ڪيو آهي.

## • (۳) سماجڪ ۽ پاريوارڪ جيون جون ڪهاڻيون :

هِنن ڪهاڻين ۾ سنڌي ليکڪائن پنهنجي آسپاس جي سماجڪ وشين جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. جڏهن بہ سماج جي اِستٿي ڪمزور ٿيندي آهي تہ ساهتيڪار ۽ ڪلاڪار ئي اُن کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اَڄ جي سنڌي ليکڪائن عورت جي زندگيءَ کي پرمپرائن کان ڪنارو ڪري اَڳتي وڌندو ڏٺو آهي. وقت انوسار قدم اَڳتي وڌائي هلڻ وارين زالن جي مشڪلاتن ڏانهن ڌيان ڏنو آهي. عورت جي زندگيءَ جي اَلڳ اَلڳ رنگن کي ڏٺو آهي ۽ سندن سيمائن جو چٽ فهميندي نموني چٽيو آهي.

**(۱) اَمان تون نہ وڃ (پوپٽي هيراننداڻي) :** ''اَمان تون نہ وڃ'' ۾ سماج جي دردناڪ تصوير آهي. پٽ ۽ نونهن کي ماءُ بوجهہ ٿي لڳي تہ ڪيس پنهنجي پيڪي ٿا موڪلي ڏين. هيءَ جوان وِڌوا عورت جي ڪهاڻي آهي. جنهن کي هڪ ننڍڙو پٽ آهي. ساهرا ڪيس پٽ نٺا ڏِيَن ۽ ڪيس پوءِ پيڪي موڪلڻ چاهين ٿا، جيئن هوءَ نئين زندگي شروع ڪري سگهي. جڏهن هوءَ پيءُ سان ساهري گهر مان نڪري رهي آهي تہ پٽ ڪيس پلوٗ کان پڪڙي چوي ٿو، ''اَمان تون نہ وڃ.'' ماءُ پنهنجي سڄي زندگي پٽ

مٿان قربان ڪري ڇڏي. جڏهن ساڳي ماءُ ٻڍي ٿي ته پٽ تي بوجهه بڻجي پئي. ڪيس مرضيءَ جي خلاف پيڪي موڪليو ويو. پر ماءُ چيو: ”جنهن ۾ پٽ جي خوشي“. پر دل ۾ دبيل هڪ آس هئس ته پٽ نندي هوندي وانگر هڪ دفعو چوي: ”اَمان تون نه وڃ“ اِهو ٻڌڻ لاءِ هن پنيان ٻه نِهاريو پر اُتي نندو ٻار نه پر هڪ مرد هٿ لوڏي باءِ باءِ ڪري موڪلائي رهيو هو.

**(٢) اَڄ جي سيتا (تارا ميرچنداڻي) :** هيءَ هڪ اَهڙي عورت جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي ڏير گهر ۾ اَڪيلو ڏسي هن سان بي حرمتيءَ جي ڪوشش ٿو ڪري. عورت جي آواز اُٿارڻ تي مرد اُن تي بدچلنيءَ جي تهمت لڳائي ڪيس پيڪي موڪلي ٿو ڇڏي. پيڪن ۾ هر پل پل جو مؤت مرڻ بجاءِ هوءَ پنهنجو پاڻ کي پنکي ۾ لٽڪائي هڪ وقت کيل ختم ڪري ڇڏڻ بهتر ٿي سمجهي.

**(٣) ڦٽن ڇَريو :** هڪ ياجائيءَ جي ڪهاڻي آهي، جنهن پنهنجي ڏير کي پالي وڏو ڪيو. پر صحيح معنيٰ ۾ اُن کي ممتا نه ڏيئي سگهي. ڦٽن جنهن ڇوڪريءَ سان پيار ڪندو هو، اُتان ڏيتي ليتي گهٽ ملڻ ڪري سندس مائٽي ٽوڙي ٿي ڇڏي. ڦٽن اِهو صدمو سهي نٿو سگهي ۽ ڇريو ٿي ٿو پوي. پوءِ ڏير جي ملڪيت جو حصو ٻه ياجائي ڪٽي ٿي. سماج ۾ زمين جائداد جا جهڳڙا اَڪثر ڏٺا ويندا آهن، پر هڪ عورت ٻه اِئين ڪري سگهي ٿي، اِهو هڪ سوچڻ جهڙو وشيه آهي.

**(٤) هيرو (تارا ميرچنداڻي) :** اِنساني رشتن جي بدلاوَ جي ڪهاڻي آهي. بينا جو پاءُ هيرو پنهنجي پيءُ جي خون پسيني جي ڪمائيءَ مان ورتل فلئٽ پنهنجي زال جي نالي ٿو ڪري ڇڏي. ماءُ ۽ پيءُ جو وشواس گهات ٿو ڪري. هن ئي ڪهاڻيءَ ۾ ڪمائيندڙ زال ساڏنا ۽ مڙس (سنجو) هڪ ٻئي کي بيحد پيار ڪندڙ پر ملڪيت جي سوال تي زال پئسي جي پوري ڏور مضبوطيءَ سان پنهنجي هٿ ۾ جهلي ٿي ۽ پتيءَ جي وشواس کي چوٽ پهچائي ٿي.

**(٥) ڪوريئڙو (تارا ميرچنداڻي) :** هيءَ هڪ اِنسان جي ’اَهم‘ جي

Gul Hayat Institute

ڪهاڻي آهي. جيڪو پنهنجيءَ ئي جار ۾ پاڻ کي ڦاسائيندو ٿو وڃي ۽ اَهم جي ڪري هڪ هڪ ڪري سندس رشتا ٽُٽندا ٿا وڃن. زال، پٽ، ڌيءَ، سيني رشتن جي پُلين کي هن جلائي ڇڏيو آهي. هاڻي هو اَسهايہ، اَڪيلو، پاڻيءَ جي گلاس لاءِ محتاج آهي.

**(٦) زندگيءَ جا مُلھ (تارا ميرچنداڻي) :** ڪهاڻيءَ ۾ اِخلاقي زندگي گذاريندڙ رچنا آمريڪا مان موٽيل پنهنجي ڏنوان ڀيڻ ڀيٽوئي جي عيش آرام ۽ رعب ڀري زندگيءَ ڏانهن سندس ٻارن جو کينچجي وڃڻ ۽ سندس ڀيڻ جو بار بار سندس کي گهٽ پئسي هئڻ ڪري اَحساس ڪمتريءَ جو ڀاوُ ڏيارڻ، رچنا جي مُلهن کي ٿوري وقت لاءِ ڏوڏي ڇڏي ٿو. پر رات جو پارٽيءَ ۾ ڀيڻ جو اَڻ وڻندڙ چريتر ۽ جنهن ڪري سندس پتيءَ جو دک ڏسي ڪيس پنهنجي ۽ پنهنجي پتيءَ جي زندگيءَ جي ملهن تي ناز ٿئي ٿو. سوچي ٿي: زندگيءَ جو صحيح ملھ پئسو نہ پر اِخلاق آهي.

**(٧) پڪو ٽاڪيل بٽڻ (پوپٽي هيرانداڻي) :** زال جو مڙس مٿان رعب جي ڪهاڻي آهي. مرد ڪردار پنهنجي آپ بيتي ٿو ٻڌائي، پر پوءِ بہ اَندر ۾ خوش آهي. ”تہ مومل ڪهڙي بہ آهي، پر آهي تہ منهنجي ٻارن جي ماءُ نہ.“ چوي ٿو: ”هڪ عورت ۾ بہ عورتون سمايل آهن. هڪ ڪومل ٻي ڪنور. هڪ گل جهڙي، ٻي لوھ جهڙي، هڪ سيتل پاڻي، ٻي ٻرندڙ اَگني ۽ بہ مختلف چيزون گڏجنديون تہ اِئين ئي ٿيندو. گهر گرهستيءَ ۾ اَڪثر زالون سمجهوتو ڪنديون آهن پر هن ڪهاڻيءَ ۾ مرد ڪردار سمجهوتو ڪري ٿو. هو پنهنجي پيٽ پڪي ٽاڪيل بٽڻ سان ٿو ڪري.

١٩٨٠ کان پوءِ ڪيترين مذاقي ڪهاڻيون پڻ اِستري ليکڪائن جي قلل مان ملن ٿيون، جيئن : ’هيءَ ذات پرواني جي‘، ’اِشارو‘، ’پهاڙ جي پڪار‘ وغيره.

**(١) هيءَ ذات پرواني جي (ريٽا شهاڻي) :** جنهن ۾ ننڊن جوان ڇوڪرون جو ڪهڙيءَ بہ ڇوڪريءَ ڏانهن ڇڪجي وڃڻ جو مذاقي چتر آهي.

**(٢) اِشارو (ريٽا شهاڻي) :** ڪهاڻيءَ جا هاسٽل ۾ رهندڙ بہ ڇوڪرا

Gul Hayat Institute

اِن ٻالهه تي وڙهندا رهن ٿا ته سامهون رهندڙ ڇوڪري هنن مان ڪنهن کي پيار ڪندي آهي؟ پر اُها ڪنهن ٽئين کي ئي پيار ڪري ٿي ته هوُ وائڙا ٿا ٿي وڃن.

**(٣) پهاڙ جي پڪار (ريٽا شهاڻي)** : ڪهاڻي پهرئين پيار جي هڪ طرفي نازڪ اَحساس جي ڪهاڻي آهي. تمام سهڄ ڀاوَ سان ڄاڻايو ويو آهي ته جوانيءَ جي پهرئين ڏاڪي تي قدم رکندي اِنسان جي ڪومل پريم ۽ ڪشش جي اَحساس جو سُلو ڪيئن ٿو ڦٽي.

اِنساني جيون سان سنبنڌت پر ڪجهه اَلڳ پهلن تي روشني وجهڻ واريون ڪهاڻيون به سنڌي ليکڪائن لکيون آهن، جن ۾ 'اَمان'، 'ڪاش'، 'سوال ئي سوال'. ڪهاڻين جا ڪردار سورداس، گونگا، ٻوڙا آهن. جن کي سماج ديا جو پاتر سمجهي ٿو. سندن زندگيءَ ۾ پڻ ساڳيو اُتساه هوندو آهي. هو به زندگيءَ جي موُج ماڻي سگهڻ جي قوت رکندا آهن.

اَهڙيءَ طرح ليک ڪان اَلڳ ڪهاڻيون به سنڌي ليکڪائن جي قلم مان اُڪرجي نڪتيون آهن، جيئن ته 'هڪ زوُ'، 'سياه سرنگهه'، 'آزمودو'. هي ڪلپنا جي اُڏام ۽ سوچ جي گهرائيءَ جون ڪهاڻيون آهن.

پشچمي ساهتيه ۾ 'پوسٽ ماڊرنزم' جي ڪن خاص ويچارن جو ذڪر ٿئي ٿو، تن ۾ هڪ فڪري پهلوُ (Women Lib) خاص اُڀري آيو آهي. اِستريءَ جي identity برابري سطح تي اِنساني مُلهه واري پڇاڻ، پوسٽ ماڊرنزم جو هڪ خاص وشيه سامهون آيو آهي.

اِها به حقيقت آهي ته ٻين ٻولين جي ساهتيه ۾ عورت جي آزادي Women Lib وغيره جا نعرا گونججندا ڏسجن ٿا ته ڇا اِها ٻالهه سنڌي ليکڪائن ڪانه محسوس ڪئي آهي؟

اِن جو جواب پروفيسر پوپٽي هيرانندڻيءَ هن ريت ڏنو آهي:

سنڌ ۾ بنگال پرانت جهڙيون سماجڪ اوڻايون نه هيون، سنڌ ۾ نه ستي رسم هئي ۽ نه ٻال وِڌوا، نه وِڌوا سان اَتياچار ۽ نه ئي گهٽي ماترا ۾ جيئري تي جيئري شادي ڪرڻ جون ڪُرسمون هيون. وڏ ۾

Gul Hayat Institute

وڌ اُتي ڏيتي ليتيءَ جي ڪِٽ پِٽ ۽ سس جي حڪومت هئي ... سنڌي سماج ۾ مزورڻ يا ڏوبڻ نہ هئي. اَسين سنڌي گهڻو تڻو ٻن ورڻن جا تهيل آهيون - ڪتري ۽ وئشيہ. شودر اَسان وٽ آهن ئي ڪين. اَسان وٽ تڪا ڌرمي ليڪا پاتل ڪينهن ۽ نہ ئي اَسين ڇوت ڇات جي مرض ۾ مبتلا آهيون. ليکڪا پوپٽي هيراننداڻيءَ جي اَنوسار سنڌي سماج ۾ عورت جي اِستٿي ٻين پرانتن جي عورتن کان اَلڳ ۽ اُنهن جون سمسيائون بہ اَلڳ آهن.

اِن ڪري ١٩٨٠ ڪانپوءِ سنڌي ليکڪائن جي ڪهاڻين ۾ ورهاڱي جي درد ڪانسواءِ ڀارت جي زمين تي پنهنجا پير پختا ڪرڻ جي جهدوجهد، نئين ماحول ۾ زندگيءَ جون سمسيائون وغيره جي وچ ۾ عورت جو هڪ ٻيو بہ آواز آهستي آهستي ٻڌڻ ۾ اَچي ٿو. اُهو آواز آهي 'وِدروه' ۽ ودروه جا بہ اَلڳ اَلڳ 'سُرَ' ٻڌڻ ۾ اَچن ٿا، جيئن تہ :

(١) پنهنجين حالتن کي غور ڪندڙ زالن جو آواز.

(٢) سماج ۽ پرش جي خراب وهنوار سبب ڇٽپٽائڻ واري عورت جو آواز.

(٣) پرش جي بُري وهنوار مان مڪتي پائڻ جي ڪوشش ڪرڻ واري عورت جو آواز.

(٤) پرش جي من ماني ۽ 'اَهمِ' جي بغاوت ڪرڻ واري عورت جو آواز.

ﷺ

## * لطيفي ٻول *

✍ سهيڙ: صاحب ٻڄاڻي

پائي ڪانُ ڪمانَ ۾، مِيان! مارِ مَ مُون،

مُون ۾ آهِين تُون، مَتان تُنهِنجو ئِي توکي لَڳي.

Gul Hayat Instutute

# سنڌي سنگيت ۾ راڳ راڳڻيون

✍ ايم. وي. پمياڻي

قادر جي ساري ڪائنات سنگيت سان ڇانئي پيئي آهي. جِل-مِل وهندڙ جهرڻا، ڪَل-ڪَل وهندڙ نديون، درياهي لَهرن جي گونج، بادل جي گرجنا، وِڄُ جي چِمڪات، هوا جون لهرون، مورَ جو ٽهُڪو، ڪوئل جي ڪوُڪ، مطلب تہ اُن جي ڪَڻَ-ڪَڻَ ۾ سنگيت جا سُرَ مليل آهن. قدرت جا سڀيئي آواز جڏهن ليہ ۽ تال ۾ گونجن ٿا تہ سنگيت جو سرجڻ ٿئي ٿو. راڳ ۽ سُر آتما جي شانتي ۽ من جي مُڪتي آهي.

شري گوورڌن پارتي جن جي لکڻ موجب سنگيت ڪائنات جي نِجيپڻي جو سُياويڪ سَروُپ آهي. اِنسان سنگيت پريہ پراڻي آهي، ايتري قدر جو موّت جي موقعي تي بہ سُرَ ۾ رُئڻ جو رواج آهي. جذبات جي اِظهار جو اَوائلي ۽ اَثردار ذريعو سنگيت ئي آهي.

سنگيت لفظ جي معنيٰ آهي ڳائڻ-وڄائڻ پر پراچين ڪال ۾ سنگيت ۾ ڳائڻ ۽ وڄائڻ سان گڏ نرتيہ جو بہ سماويش ٿيندو هو. واڌَنِ يعني وڄائڻ، گايَن يعني ڳائڻ ۽ نرتيہ يعني ناچ، ٽنهي ڪلائن کي گڏوگڏ پيش ڪيو ويندو هو. انهيءَ ڪري ڪيترن ڪاويہ شاسترين ۽ سنگيت جي ڄاڻن سنگيت شبد جو ڇند هن ريت ڪيو آهي. سم + گيت جو مطلب آهي سميت يا سَهيت + گيت يعني راڳ ڳائڻ. انهيءَ ڪري سنگيت جي معنيٰ آهي، نرتيہ ۽ واڌن سان گڏ ڳائڻ. اِنهيءَ ڪري پراچين ڪال ۾ سنگيت جي معنيٰ جو دائرو ڪجهہ وشال هو. پر حقيقت ۾ اُهي ٽيئي ڪلائون اَلڳ اَلڳ ۽ آزاد آهن. جيتوڻيڪ ٽنهي جو هڪ ٻئي سان گهرو تعلق آهي. هڪ ڪلا ٻي ڪلا جي محتاج پڻ آهي تہ آزاد بہ آهي. تنهن هوندي بہ سنگيت جو اِستان اَوّل رکيو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

اِهو ئي سبب آهي جو شاھ صاحب ٻ، نہ صرف پنهنجا ڪلام جُدا جُدا راڳن يا سُرن جي آواز تي جوڙيا آهن پر هڪ سنگيت مَئہ ڌُنِ ۽ تال ۾ اوتيا آهن. وڏي ڳالھہ تہ جيئن ڪرشن جي بنسري واڌَنِ، مشهور آهي تيئن شاھ جو غم دوُر (تنبوُر) واڌن بہ سنڌ ۽ هند ۾ سنڌين ۾ لوڪپريہ آهي.

سنگيت جي ٻولي عالمگير آهي. تہ بہ هر ديس جي سنگيت کي پنهنجي خصوصيت آهي. ملڪ جي طبعي بناوت ۽ ماحول جو اُن جي سنگيت تي سِڌو اَثر پوي ٿو. انڪري ئي ڪشميري سنگيت ۾ جهرڻي جي جهنڪار، پنجابي سنگيت ۾ پنجن ندين جي اُڇل ۽ مستي، راجسٿاني سنگيت ۾ رهت جو رينگت ۽ اُساٽيل ريگستان جي سارنگہ لاءِ صَدا، بنگالي سنگيت ۾ لهرن جي مڌر ڪَلِ- ڪَلِ ۽ سنڌي سنگيت ۾ سنڌوءَ جي سِيرَ جي رواني ۽ آڙيءَ جي اُڏام آهي.

اِن طرح سنڌي سنگيت کي پنهنجو مخصوص ميندِ، نجو لهجو ۽ پنهنجي اَلڳ پڇاڻ آهي. سنڌي راڳ جي تاريخ بہ ايتري قديم آهي جيتري سنڌو ديش جي تاريخ.

اَٽڪل پنج هزار سال اَڳہ واري موهن جي دڙي جون بہ مورتيون ملن ٿيون. ڳائڻيءَ ۽ نرتڪيءَ جون پنيورَ جي کوٽائيءَ مان مليل نِکرَ جي ٿانوَن تي بہ ناچ ڪندڙ جوڙن جي چٽسالي ٿيل آهي. اِهي ثبوت آهن تہ آڳاٽي زماني ۾ بہ سنڌ ۾ سنگيت ڪلا ايتري قدر اوُچ تي هئي جو عام ماڻهو ڪلا واريون مورتيون يا چتر سجاوٽ طور گهر ۾ رکندا هئا. شري پٺريءَ جي چوڻ موجب سنڌ جي سنگيت ڪلا ليہ ۽ تال سان ڀرپور هئي.

پنجين صديءَ ۾ ايران جي بادشاھ بَهرام - گوُرَ سَنڌي - سَمي جي ڌيءُ سان شادي ڪئي، تہ هزارين سنڌي لنگها ۽ سنگيتڪار ڪيس ڏاجي طور ڏنا ويا.

شري منظور نقويءَ صاحبن جي لکڻ مطابق 716ع ۾



Gul Hayat Institute

ساوڙيا لڳي ٻوڏي سنڌين، محمد بن قاسم سامهون راڳ، ساز ۽ ناچ جو کُليو جشن ڪيو. پر سنڌ تي عربن جي حملي بعد لَلِت ڪلائن کي ڏاڍو ڌڪ رَسيو. ڌارين جي دٻاءَ ۽ جنگي حالتن سبب سنڌ جي مڪمل موسيقيءَ جي نظام جا راڳ محفوظ نه رهي سگهيا. نوان راڳ پيدا نه ٿي سگهيا. باقي اَڌڙا راڳ پارتيه سنگيت جي ڪتابن ۽ ڳائڪن تائين محدود رهجي ويا. ان ڪري سنگيت بابت اَسان وٽ ڪو ٺوس ثبوت نه آهي. لکيت ۾ به سنگيت بابت ڪو پُراڻو پُستڪ نه آهي. جيڪي ڪجھ آهي، سو لوڪ سُرَن، لوڪ سازَن جي لهرن ۽ آلاپن ۽ ڳائڻ - ٻُڌڻ ناچن جي صورت ۾ آهي.

هندستاني سنگيت جي قديم ڪتابن ۾ سنڌي پرڪاش جي راڳن جو ذڪر ملي ٿو. قديم زماني کان سنڌ ۾ جنهن اَوائلي راڳ جو اُهڃاڻ ملي ٿو، سو آهي، ’لوڙائوُ‘ لوڙائو سُرَ سان بيت آلاپڻ کي چوندا آهن. سنڌي ماڻهو ڪچهرين ۾ لوڙائوُ ڏيندا هئا. هيءُ راڳ خاص ڪري واپارين جا قافلا جڏهن اُٺن تي هڪ ڪان ٻي جڳھ مال ڍوئي ويندا هئا تڏهن گڏوگڏ هيءُ راڳ ڳائيندا هئا. جنهن سبب مسافريءَ ۾ تڪليف نه ٿئي. هن راڳ سبب اُٺن کي به گهٽ ٿڪاوٽ ٿيندي هئي. جت به مقام ڪندا هئا، اُت رات وقت اِهو راڳ ڳائيندا هئا. جنهن سبب ياترين کي ننڊ نه وني وڃي. وندر سان گڏ سجاڳ به رهندا هئا. چو جو رات درميان ڌاڙيل ۽ چورَ اُنهن جي مال سامان جي خبر لهي انهن کي لُٽي نه وڃن. اُنهن جي اِنهيءَ راڳ ۾ نه صرف منورنجن ۽ آنند هو پر ڳجهارت ڀريا هدايتي خيال پڻ هئا. جي ڪين صحيح سلامت ڏيڱ پهچائيندا هئا. لوڙائوءَ جي اِنهيءَ ليه مان وائي ۽ ڪافي وجود ۾ آئي. راڳن کي سنڌ ۾ محفوظ رکڻ ۾ ياتن، پِٽَن، مڱڻهارن، ڀڳتن، عام ماڻهن ۽ عورتن جو گهڻو يوگدان آهي.



Gul Hayat Institute

سام ويد ۾ سنگيت جو ذڪر ملي ٿو. چويهه سؤ سال اڳ مسيح وگيانڪ بنياد تي ٻَڌَل چيني سنگيت جي صورت نظر اَچي ٿي. جنهن ۾ ڇهَن سُرَن وارو نظام هو. شيخ عزيز جي چوڻ موجب، ان ڪي راڳ نہ پر راڳ جي ابتدائي صورت چئي سگهجي ٿو. چيني سنگيت سنڌي سنگيت تي اَثر وِڌو. ان ڪري چيني ۽ سنڌي سُرن ۾ ’مدَم‘ زوردار ملي ٿو.

چين کان پوءِ اَسان جي سنگيت تي ٻيو ٻُوڙهو اَثر روس جي قباعلي پهاڙي سنگيت جو پيو. روس جي قديم راڳڻين جي سُرَ وارو سِٽاءُ ڏسي شاه جي سُروارَ سنگيت جو خيال اَچي ٿو. ساڳيءَ طرح سنڌي سنگيت جو اَثر ايران، عربستان ۽ يونان کانپوءِ اِسپين تائين پهتو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو تہ سنڌي سنگيت جا چار مکيہ پهلو آهن: (۱) ديسي ٻائڻ واري قديم روايت. (۲) ڪلاسيڪل راڳ جي روايت. (۳) سنڌ سُروارَ سنگيت جي روايت. (۴) روحاني راڳ جي روايت.

سنڌي سنگيت تي نظر ڊوڙائيندي معلوم ٿيندو تہ سنڌي راڳ ٻن قسمن جا آهن: (۱) جيڪي سنگيت جي لحاظ کان ’سنڌي پرڪاش‘ جا راڳ تسليم ڪيا وڃن ٿا. اَهڙن راڳن جي ملاوٽ سان هڪ خاص اَنداز پيدا ٿئي ٿو، جنهن کي سنڌي اَنگہ چون ٿا. اَهڙا سنڌي راڳ پوربي ۽ مارو ا ٺاٽ جا راڳ آهن. انهن سنڌي راڳن جي سُڄاڻپ اِها آهي تہ انهن ۾ ڪومل رکب، ڪومل ڌئوت، تيورَ گنڌار ۽ تيورَ لکاد جا سُر لڳل آهن. انهن سُرن جي لڳڻ ڪري ئي راڳَ مان سنڌي اَنگہ ظاهر ٿئي ٿو. موجود زماني ۾ موسيقيءَ جا ڏهہ ٺاٽ مروج آهي: (۱) ڪلياڻ (۲) بلاول (۳) کماچ (۴) ڀيرور (۵) ڀيروي (٦) آساوَري (۷) توڙي (۸) پوربي (۹) مارو ا (۱۰) ڪافي. انهن جي سُرن جي ڦير گهير مان ڪل ۷٦ ٺاٽ ٺهن ٿا. ٺاٺن مان ڪل چار سؤ

Gul Hayat Institute

چوراسي راڳ نکرن ٿا. ٻيا اُهي سنڌي راڳ، جن جو ذڪر موسيقيءَ جي پراڻن ڪتابن ۾ نہ آهي. هندستاني راڳ - راڳڻين ۾ اهڙن راڳن جو ذڪر نہ هئڻ سبب، هندستاني موسيقار، انهن راڳن کان اڻ واقف آهن، جن ۾ ڪوهياري راڳ پڻ آهي.

جهڙيءَ ريت 1707ع ۾ سنگيت آچاريہ 'اَهوبَل' ويڻا جي تارَ جي لنبائيءَ تي جُدا جُدا ماپ وٺي شڌ ۽ اَنوکي راڳن جي اِستاپنا ڪئي، اَهڙيءَ ريت ڀٽائي گهوٽ بہ پنهنجي 'دَنبورَ' جي پنجن تارُنِ تي پنهنجا اَنوکا راڳ رچيا. هن پنهنجي ماتر ڀوميءَ جي پريم ۽ لوڪ ڪٿائن، وطن جي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي زنده رکڻ خاطر انهن سُرَنِ ۾ راڳن کي نج سنڌي نالا ڏيئي اَمرتا جو درجو ڏنو. اُهي راڳ هيٺينءَ ريت آهن:

(۱) راڳ آبري (۲) راڳ مِعَذوري (۳) راڳ ليلا چنيسر (۴) راڳ مومل راڻو (۵) راڳ مارئي (٦) راڳ گهاتو (۷) راڳ ڏهر (۸) راڳ روپ (۹) راڳ ساموندي (۱۰) راڳ ٻاهوڙي (۱۱) راڳ ڪارايل (۱۲) راڳ بروو سنڌي (۱۳) راڳ ڪاپائتي. مٿين راڳن ڪانسواءِ راڳ ڪوهياري ۽ راڳ حُسيني جيتوڻيڪ ٻين ديسن جا راڳ آهن، تنهن هوندي بہ انهن راڳن ۾ شاه پنهنجي ديس جو ڪلام اوتيو آهي ۽ پنهنجي ئي نج سنڌي راڳ ۾ ڳايو آهي. وري نج سنڌي سنگيت سان نوازيو آهي. انهيءَ ڪري ئي اِهي ٻئي راڳ بہ نج سنڌي راڳ ڪري شمار ڪيا وڃن ٿا.

شاه صاحب جي پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي موسيقي يا سنگيت ۾ اِها منشا ٿي ڏسجي تہ جهڙيءَ طرح سنڌي لوڪ سِڏا-سنوان ۽ سادا هوندا آهن، اَهڙيءَ ريت سندن سُرَ-راڳ ۽ سنگيت بہ سادو ۽ سؤلو هئڻ گهرجي. ٻيو مقصد اِهو بہ هجي تہ جيئن پنهنجي سچي ڪلام کي ولايتي مال توڙي رومال کان آجو رکي، پنهنجي سنڌ جي هرهڪ شيءِ کي قلم


Gul Hayat Institute

بند ڪري پنهنجائپ جو هڪ اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي، تيئن سنگيت ڪي بہ پنهنجائپ سان پُرِ ڪيو، جيئن سندس ڪلام هر سنڌيءَ جي زبان تي دائم ۽ قائم رهي ۽ رهندو اَچي. اِهو ئي سبب آهي جو، هَرِ سنڌي پوءِ هو تعليم يافتہ هجي يا نايافتہ، ڪڙمي هجي يا ڪاسبي، واڻيو، واپاري هجي، سنت صوفي هجي، جهر-جهنگ ۾ ٿَرَ-بَرَ ۾، مجلس - محفل ۾، اوتارن-اوطاقن ۾، مڙهين-مقبرن ۾، وَتي جهونگاريندو ۽ آلاپ - آلاپيندو. ڪٿي دل وندرائڻ لاءِ، ڪٿي ڪنهن اُداس اَکين کي آٿت ڏيڻ لاءِ، ڪٿي سڪيا ڏيندي تہ ڪٿي پهاڪو پيش ڪندي. مطلب تہ هرڪو سندس بيت ۽ ڏوهيڙا ڳائيندي اُن مان سِرورِ ۽ ساڃاهہ حاصل ڪندو.

سنڌي خصوصيت سان سنڌو ڀيروي، سنڌي رامڪلي، سنڌي پورب ۽ سنڌي جوڳيا راڳ بڻيا. وقت بہ وقت جيڪي ٻيا سنڌي راڳ جڙيا سي آهن سَڪِ راڳ، تَڪِ راڳ، آيري، ڪونسيہ وغيره. سميہ جي لنبي سفر سبب انهن مان ڪن راڳن جو صحيح روپ نٿو ملي. بهرحال موجوده دؤر ۾ جيڪي سنڌي راڳ بيحد لوڪپريہ آهن ۽ اَڪثرسنڌي لوڪ گيتن جي آڌار تي ڳايا وڃن ٿا سي آهن : (١) سورٺ (٢) ڪوهياري (٣) راڻو (۴) سهڻي (۵) سنڌي ڀيروي. اِئين سمجهڻ سراسر غلط ٿيندو تہ اِهي راڳ هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت کان بلڪل علحدا آهن. مثال (١) سورٺ : 'ديس' راڳ سان مشابهت رکي ٿو. ديس راڳ جي آروهيءَ ۾ گنڌار سُر لڳي، پر سورٺ ۾ نہ لڳي. سورٺ سوزِ ڀري راڳڻي آهي. جيڪا رات جي پهرئين پهر ۾ ڳائڻ گهرجي. اِها راڳ ڀئيرَوِ جي ٺِئين پُٽ جي اِستري آهي.

سنڌو ڀيروي: سنڌي ڀَيرويءَ ۾ رکيب ڪومل نمايان ٿئي. آروهيءَ ۾ دعوت ۾ ظاهر ڪجي. هيءُ آساودي ٺاٺ جو راڳ آهي. جنهن کي نِتِ ڀَيروي ٺاٺ بہ چئجي ٿو. هيءُ راڳ ٻپهرن جو ڳايو ويندو آهي. ڪوهياري : ڪوهياري خاص سنڌي راڳ آهي، جيڪو قديم زماني کان وجود ۾ آهي. سنڌ - پنجاب ۽ سرحدي علائقي ۾ رائج آهي. هيءُ کماچ ٺاٺ جو



Gul Hayat Institute

راڳ آهي. ’ڪوهہ‘ معنيٰ جبل يا پهاڙ. هن راڳ ۾ شاه صاحب سُهڻيءَ جي صورت جو نهايت دِلسوز ذڪر ڪيو آهي. مومل راڻي جي داستان ڪان هن راڳ کي سِنڌوِي، سنڌوا، سنڌورِ وغيره نالن سان سڏيندا هئا. هيءُ بافراقي راڳ آهي. مومل راڻي جي محبت پرئي قصي بعد، سنڌ ۾ هن جو نالو ’راڻو‘ پئجي ويو. هيءُ ڪافي ٺاٺ جو راڳ آهي. سُهڻي : ديپڪ راڳ جي پنجن اِسترين مان هڪ آهي. شورنجيءَ راڳ کي ويجهو آهي. مَڌُر، دل چوريندڙ راڳڻي آهي.

سنڌي ڪيڏارو: هيءُ راڳ بہ خالص سنڌي راڳ آهي. هيءُ عام جام ڳائڻ جو راڳ ناهي يعني خوشيءَ جي موقعن تي نہ مگر ماتم جي موقعن تي ڳايو ويندو آهي. (گووردن ڀارتيءَ جي لکڻ موجب)

17-18 صديءَ ڌاري شاه صاحب موسيقيءَ جي نظرئي ۽ نظام توڙي راڳ جي عملي اِنتظام کي نئين ترتيب ڏيئي سنڌي موسيقيءَ ۾ نئون اِنقلاب آندو. شاه صاحب نج سنڌي راڳ، هندستاني راڳ، سماج جي سنگيت ۽ عوام جي سنگيت جي خوبصورت ميلاپ سان راڳ کي نئون نوع بخشيو. شاه صاحب ساز ۽ آواز کي ٻاهر جا ذريعا ڄاڻائي اَندر جي آنند تي زور ڏنو. هن راڳ ۾ رسم بدران روح کي اوچو درجو عطا ڪيو ۽ دماغي عياشي واري راڳ بدران روح کي اوچو درجو عطا ڪيو. گڏوگڏ جيءُ جيئاريندڙ راڳ کي ترجيح ڏني.

سنڌي راڳ-راڳڻين کي جن بہ وڌ ۾ وڌ اوج ڏني ۽ عوام ۾ مقبول بڻايو سي آهن ۽ هئا اَسانجا دل سوز ڀڳت، صوفي فقير ۽ سنڌ توڙي هند جا فنڪار. جن ۾ مکيہ ڀڳت سائين ڪنورام، صوڀو ڀڳت، ڀڳت اَرجن ۽ ڀڳت گهنشيام وغيره. فنڪارن ۾ ماستر چندر، ڀڳونتي ناواڻي، ڪملا ڪيسواڻي، گهنشيام واسواڻي، ڪملا هيراننداڻي، عابده پروين، جمن، محمد يوسف، عبدل پنوار، مائي ڀاڳي، جيوڻي ۽ ٻيا. هنن فنڪارن پنهنجي مڌر آلاپ، ڄاڻ، سنڌيت جي جذبي سان سنڌي راڳ کي پنهنجي هوش، جوش ۽ قابليت پرئي فن سان سنڌي راڳ ۽ سنگيت کي قائم دائم بڻايو آهي.

جديد پوپ ۽ ريمِڪسنگ دؤر ۾ هر قوم ۽ ڀاشا جي راڳ، راڳڻين ۽ سنگيت کي ضرب رسِي آهي. باوجود اِنهيءَ جي جِت-جِت بہ اَسان



Gul Hayat Institute

جي سنڌي ڪالونين ۾ سنڌي ڀڳت موجود آهن، اُت سنڌي سنگيت راڳ-راڳڻين جي روپ ۾ زنده آهي. جهڙوڪ اَحمدآباد، بڙودا، بمبئي، دهلي، اُجين، اَجمير، ڪوٽا، جئپور وغيره. سنڌي سنگيت جي اِها رَوايت ختم ٿيڻي نہ آهي. سنگيت بابت شري گووردن ڀارتيءَ جي اَندر جا اُدما تہ ڏسو:

”دل جي اَندر، لئہ بہ آ، تال ٻي،
ساه ۾ سمايل سنڌي سنگيت آ،
آهہ سنسار سارو بہ جڻ ساز ڪو،
هيءَ حياتي بہ جڻ ڪو مڌر گيت آ.“

(سُرهِي سِنڌيَت)

# * لطيفي ٻول *

✍ سهيڙ: صاحب بِجاڻي

پَڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائيءَ جو جي لَهين،
هُئا اَڳهين گَڏُ، ٻُڌَڻَ ۾ ٻہ ٿِيا.

...

سُتو ڪِئَن ننڊون ڪَرين، رو وِهاڻيءَ روءِ،
سُيان سازُ سَندوءِ، پِيو هونٔدو پَٽَ ۾.

...

مَتو آهين مَڇ! ٿُلهو ٿو ٿونا هَڻين،
جا تو ڏِٺي اَڇ، تَنهِن پاڻيءَ پُنا ڏِينهَڙا.



Gul Hayat Institute

# سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ شرنگار رس

✍ روشني روهڙا (اَحمدآباد)

..... سال ۲۰۱۰ کان اَڄ ڏينهن تائين اَنيڪ ڪهاڻين جا مجموعا شايع ٿي چڪا آهن ته وري جدا جدا مخزنن، رسالن ۾ ڪهاڻيون شايع ٿينديون پئي رهيون آهن. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ به اَسان کي شرنگار رس جي نمونن جو ڪٿي هلڪو ته وري ڪٿي شدت سان جهلڪ ملي ٿي. جن ۾ جنسيات ڪجهه وڌيڪ اُڀريل نظر اَچي ٿي.

وقت جي پابنديءَ کي ڌيان ۾ رکندي مان شرنگار رس سان ڀريل چند جهلڪن وارين ڪهاڻين جو ئي ذڪر نموني طور پيش ڪريان ٿي.

شري واسديو موهي اِئين ته برک شاعر، غزل ڪار، مقالا نويس آهي پر هنن ڪهاڻي ڪلا تي قلم آزمائي ڪري هڪ پختو ۽ برجستو ڪهاڻيڪار هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي. اِئين ته هن جي هر ڪهاڻي پاڻ سان نئون موضوع، نئون ماحول کڻي آئي آهي ۽ شرنگار رس جون جهلڪون به پسائين ٿيون.

موهي صاحب جي ڪهاڻي ’نميا‘ مڇي وڪڻندڙ هڪ خوبصورت مهاڻيءَ جي ڪهاڻي آهي. نميا نوري ڄام تماچيءَ جي عشقيه داستان کي پاڻ سان کڻي هلي ٿي. نميا ڄام تماچيءَ جا سپنا لهندي جهامنداس ۾ هوءَ ڄام تي ڏسي اَندر ئي اَندر ۾ اِنتهائي پيار ڪري ٿي. شاعراڻي انداز جو اَچو ته لطف ماڻيون. ”هن نميا جي ڳلن ۾ پيل کڏن کي ڏٺو، تمام گهڻو چمڪندڙ اَکين کي ڏٺو، اَکين ۾ جهلڪندڙ هن جي ڪل کي ڏٺو. هن کي لڳو ته نميا جا رتائتا ڳاڙها چپ صرف اَکين کي ساٿ ڏيئي رهيا آهن.“ رتائتا ڳاڙها چپ صرف اَکين کي ساٿ ڏين فطرتي سينگار جو

Gul Hayat Institute

نمونو.

هڪ ٻيو نمونو ڏسو :

”اَڙي تون ٻئي باڪس ۾ برف رکنديئهِ ته ويچاري برف ڇا ڪندي! هوءَ ته ويچاري هوا جي ڇهڻ تي ئي لڙهي وڃان پاڻي-پاڻي ٿي ويندي.“ ها برف به ته تو وانگر ڇهي مئي آهي نه. قدرتي شرنگار رس جو نمونو. ”ڏوهه“ ڪهاڻيءَ ۾ اِسپتال جو منظر. موت جو منظر، گهر ۾ لاش جو منظر، اَهڙي ماحول ۾ ڪردار جي موت لاءِ پاڻ کي ڏوهاري ٿا سمجهن. ”پر سويتا پنهنجو ٻئي نريش جي ڇپن تي رکي ڇڏيو.“ ڇا ته رس مشاهدو آهي. ”ٻيجل گهر آئي“ ۾ جهنگل ۾ گهر جي ڪهاڻي گڏوگڏ اُٽيل آهي. شينهن ۽ شينهڻ جي پيار ۽ نفرت سان گڏ جڏهن نائڪ جي ڏيءَ ٻئي سان لائون لهڻ هلي ٿي وڃي تڏهن نفرت-پيار جي جذبي جو اِظهار وڻ هينان ٻيل مٿي انبڙي ڪٽي ڇوسڻ جو رس هڪ اَنوکو رس آهي.

”سليفي“ ڪهاڻي عشق پيار جي موضوع تي آڌارت آهي. سچو پيار عمر، سونهن، پئسو نه ڏسندو آهي. ڪهاڻيءَ جو نائڪ ۽ نائڪا بائيڪ تي پيار ڀريون ڳالهيون ڪندي ۽ سيلفي ڪڍڻ ۾ ايترا ته محوُ آهن جو حادثو ٿئي ٿو. عنوان ئي پنهنجو پاڻ نئين شرنگار جي نئين نواڻ طرف اِشارو ڪري ٿو.

”ٻل“ ڪهاڻيءَ ۾ جڳه پرسڌ ڪام روپ مندر تي آڌارت ۽ ”ڦيرو“ ڪهاڻي گرووايور مندر جي ديوتائن جا چٽ پاڻ سان گڏ کڻي آيو آهي. موهيءَ جون ڪهاڻيون موضوع، عشق پيار، محبت جو هڪ نئون نرالو، وچتر شرنگار رس کڻي آيون آهن.

مايا راهيءَ جي ڪهاڻي ”وسريل گيت“ ۾ نائڪا مالي طور پاڻ تي ڀاڙڻ جي ڪوشش ٿي ڪري، اُن ڪانپوءِ گُنگُنائڻ شروع ٿي ڪري. ’تتلي بنون اُڏي ٿي ڦرون نيل گگن ۾، آج مئن آزاد هون دنيا ڪي چمن ۾.‘ من اِستتي جمالياتي شرنگار رس جو نمونو آهي.

مايا راهيءَ جي ئي ”هڪ آهه“ ڪهاڻيءَ ۾ ٻڍو هردوار ۾

’پريم نواس‘ نالي گهر جوڙائي ڪامنا نالي ٻي شادي شده ٻارن واري جوان ۽ سُهڻي عورت سان پريم نواس ۾ پريم ڪام ڪريڙا وارو رشتو جاري رکندو آيو آهي. مايا پنهنجين ڪهاڻين ۾ اِستري ۽ پرش جو باهمي رشتن، ساريرڪ ناتن ڪي وڏيڪ پوٽريٽ ڪيو آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ سيڪس جو چٽ شدت سان اُڀري بيٺو آهي.

اِندرا واسواڻيءَ جي ڪهاڻي ’وانجهه‘ ۾ گريوتيءَ جي جذبات جو اِظهار هن ريت ڪيل آهي:

”ڪڪرن سان آسمان ڍڪجندو ته وڃي شايد وري وسڪارا ٿين ۽ سيلاب وهي، ڌرتي اُن ڪي گرهڻ ڪندي ويندي. اَڇي ته ڪيس ٻڌايان ته هيءَ زمين ’وانجهه‘ ڪونهي. هن سال ته پوک ڏاڍي سُني ٿيندي. هل ته هلي گلاب جا ٻوٽا وٺي اَچي پنهنجي اڱڻ ۾ لڳايون. جذباتي شرنگار رس جو نمونو.

ايشور ڀارتيءَ جي ڪهاڻي ’هيءَ يا هوءَ‘ ۾ ساريرڪ خوبصورتيءَ جو چٽ آهي جنهن ۾ پاڻ-ڀيڻ وٽ صرف اُن جي نِڻان سان گڏجڻ جا بهانا ۽ موقعا تلاشيندو ٿو رهي. اُنهن جي خوبصورتي ۽ سڊول سرير جو مشاهدو ماڻڻ لاءِ. ايشور ڀارتيءَ جي ڪهاڻي ’جيجل‘ ڪائنات سان پيار، عشق، محبت ۽ اُن جي خوبصورتيءَ جي نمائش ٿي ڪري. ته وري ’ٻيو رستو‘ ڪهاڻي پڻ ڪائنات جا سهڻا رنگين چٽ پسائي ٿي.

ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ جي ڪهاڻي ’دروپدي‘ ڪام شرنگار رس جي هڪ سني ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ناري پاڻ ڪي مهاڀارت جي دروپدي سمجهي شادي شده هوندي به وڌي ڌير سان هم بستر ٿيڻ جون ڪلپنائون ڪري ٿي. فطري سينگار جي نموني جو چٽ هن ريت چٽيل آهي:

”گلابي رنگ جي شفاف نائٽي پهري، آرسيءَ آڏو سرير اَنگن ڪي موڙي، جدا جدا پوز ڏاهيندي رهي ڦوهه جواني اَنگ-اَنگ مان جهلڪا ڏيئي رهي آهي، هيءُ خوبصورت چهرو، سڊول پراودار

Gul Hayat Institute

بدن، اُڀريل ڇاتي، گلابي چپ، مرگھ نئني ڪاجل سان ڀرپور اَکيون، واسينگ جھڙا ڪليل ڪارا ڪارا ڏگھا وار بلڪل پدمڻيءَ جيان لڳي رهي هئي. اُرهن جي ڦرڦراهٽ دل ۾ مچلندڙ خوشيءَ جو اِظهار ڪري رهي هئي. چپن تي مشڪ، ٻهڪندڙ چھرو، ڇاتيءَ تان هٿ لاهيندي، هيٺ تائين هٿن جو ڇُهاءُ سرڪائيندي پنهنجي ٻانهن جو گھيرو ٻڌائي پاڻ کي آغوش ۾ ڀري هڪ مني سرسڙاهٽ، مزيدار لذت، ترپت آنند محسوس ڪري رهي هئي جيئن عورت ڪنهن پرش جي ڀاڪر ۾ محسوس ڪندي آهي. هن جي حرڪت، لوٽ پوٽ، مٺڙ سسڪيون رات جي شغل جي شاهدي ڀري رهيون هيون.'' سورهن سينگارن مان ڪجھ سينگارن جي نموني جا سهڻا چٽ آهن. لالواڻيءَ جي ڪهاڻي 'لَو جهاد' ۾ خوبصورتيءَ جو هڪ ننڍو چٽ:

''چمڪ ۾ ازغيبيءَ ڏٺو تہ راڌا جي پوشاڪ ڀڳل هئي، سرير سان چپڪيل نيم شفاف آلا ڪپڙا هن جي ڦوهہ جواني، ڀراودار بدن جي خوبصورتيءَ جا جهلڪا ڏيئي رهي هئي. ڇاتيءَ جا اُڀار تڪڙا-تڪڙا ساهہ کڻڻ ڪري زور زور سان هيٺ مٿي ٿي رهيا هئا. ٻائيڪ کي اَچانڪ زوردار جهٽڪو ٿيو، راڌا جو سرير شخص جي پُٺيءَ سان زور سان لڳو، ڇاتيءَ تي دٻاءُ پيو، هن ڪجھ شرم محسوس ڪيو. راڌا جي ڇاتي رحيم جي پُٺيءَ سان لڳڻ لڳي، راڌا جي سرير جي ڇُهاءُ سان رحيم ڇا محسوس ڪري رهيو هو، هن جي اَندر ۾ ڇا هلي رهيو هو.''

ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ جي ڪهاڻي ''مهربان ماڻوي'' جنهن ۾ نايڪا رضامنديءَ سان سرير جو سؤدو ڪرڻ جو هڪ خوبصورت، اَنوکو چٽ آهي.

شري نامديو تاراچنداڻيءَ جي ڪهاڻي ''خوبصورت ٻڍي عورت'' شرنگار رس جي هڪ لاجواب ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ سونهن جي خوبصورتيءَ جو مضبوطائيءَ سان ڀرپور چٽ چٽيل آهي.

Gul Hayat Institute

ساريڪ اَنگن جو ننهن ڪان وني چوٽيءَ تائين باريڪ ۾ باريڪ خوبصورتي، سونهن جو ذڪر ۽ فڪر ڪيل آهي.

آنند کيماڻيءَ جي کهڙين-کهڙين ڪهاڻين جو ذڪر ڪجي. هر ڪهاڻيءَ ۾ پريم جي ڪلا جو وستار سان ورڻن ڪيل آهي. ڪام جا سهڻا، ڪلاتمڪ ۽ سيڪس جي راند جا چٽ چٽيل آهن.

پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ جي ڪهاڻي 'اَسپاويڪ' جي نايڪا پڻ نهايت ئي حسين ۽ دلڪش عورت آهي. نايڪا کي ڄاڻ آهي ته سندس سونهن تي گهڻيئي هن جا مشتاق آهن. اِن جو هوءَ پرپور فائدو وٺي ٿي. هوءَ گهڻو ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي سهڻي جسم کي هڪ وِڪائو چيز جيان اِستعمال ڪري ٿي. يامنيءَ لاءِ سماج جا اِخلاقي مُلهه ۽ قدر ڪا به معنيٰ نٿا رکن، هوءَ زندگيءَ ۾ پنهنجي سونهن جو پرپور فائدو وٺڻ چاهي ٿي.

ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ جي ڪهاڻي 'چنڊ هيٺ لهي آيو' ۾ نايڪ جي چنڊ سان گفتگو آيل آهي، جنهن ۾ نايڪ ڌرتيءَ جي جدا جدا عورتن سان سنبنڌ رکي عشق، رومانس ڪري اُنهن جي پيٽ چنڊ جي خوبصورتيءَ سان ڪري ٿو، جا ڳالهه چنڊ کي نٿي آئڙي. هوُ نايڪ کي چوي ٿو، تون مون جهڙي سچي سونهن پسڻ چاهين ٿو ته بهتر اَٿيئي هٽ-ڦُٽ نه پٽڪي ڪري هرڪنهن کي چنڊ چئي تون منهنجي بيعزتي نه ڪر پر منهنجي سونهن کي ساپيا پسڻ ٿو چاهين ته مونکي پنهنجي زال ۾ پس. اُن سان عشق ڪري سونهن جو مشاهدو ماڻ.

ڀڳوان اٽلاڻيءَ جي ڪهاڻي 'ڪندن جا ٻج' ۾ قدرت جي سونهن جو سُهڻو چٽ قدرت جي گود ۾ هن ريت چٽيو آهي: ''شام پهاڙن تان لهي ڳونڊڙي تي حملو ڪري چڪي آهي. چنڊ ننڍيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ٽنگيل هو. نومبر جي هلڪي ٿڌي هوا ساٽس رانديون ڪري رهي هئي. وڏي ٽڪر جو تر، وچ ۾ چوٽي سڀ ڪجهه سائي جهنگل سان ڍڪيل هو. اِهو سائو جهنگل هن وقت

Gul Hayat Institute

ڪاري جهنگل ۾ تبديل ٿي ويو هو. سندس دل تي نندي ٽڪريءَ تي چڙهي وڃ ۽ چنڊ کي ڏڪو ڏيئي هن جي جڳهه تي وڏي ٽڪريءَ تي ڦهليل جهاڙين جي جهنگل کي چانڊنيءَ ۾ بدلي سندس سونهن ڏسي ۽ اُتي ئي سُمهي پوي.''

پڳوان جي ''مخالفت'' ڪهاڻيءَ ۾ صبح جو سئر ڪندي شهري باغ جو چٽ هن ريت چٽيو آهي :

''ٿلهي ليڪي پارڪ فقط اڌ ڪلوميٽر وارو هوندي به هيءُ جيئرو جاڳندو پارڪ لڳندو آهي. هر طرح جا ننڍا-وڏا وڻ ۽ ٻوٽا، گل-ڦل، وليون، سائي چٻر، سهڻيون دڪيون ۽ ڪنارن تي ڪُنل سيمينٽ جون بينچون درختن طي هيٺان ويلوڊ راهه تي قدم اَڳيان وڌائيندي محسوس ٿيندو آهي ڄڻ قدرت خزانو کولي سڌ تي ڪري. اَڇو اَڇي هن خزاني کي لٽيو.''

سريش ٻبلاڻيءَ 'حق' ڪهاڻيءَ ۾ سياري جي مُند ۾ صبح جو چٽ چٽيندي لکيو آهي ته ''روز وانگر صبح جو اُٿڻ کان پوءِ برش ڪندي نظر آيو ته ٻاهر اَڇا ڀنيرڪو لڳو پيو هو، اَڄ ڪوهيڙو گهڻو هو، ايتري قدر جو پاسي واري جاءِ به ڏسڻ ۾ نٿي آئي. ڪوهيڙي جي گهٽجڻ سان پڳوان پاسڪر درشن ته ڏنو، پر ٿڌ ڏاڍي هئي. شرير جون هڏيون ڪنبڻ لڳيون هيون.''

اَهڙا ئي قدرت جي سونهن جا هلڪا هلڪا چٽ اَسان کي سريش ٻبلاڻيءَ جي ڪهاڻين 'سائو وڻ' ۽ 'رڪڙي' ۾ به حاصل ٿين ٿا.

هن ڏهاڪي جي ڪهاڻين ۾ اَسان کي قدرتي شرنگار سان گڏ جنسيات، ڪام ديو ۽ رتيءَ جي ڪام ڪريڙا لذت جا شرنگار رس جا سُهڻا چٽ ملن ٿا.

(پيش ڪيل پيپر تان ڪوريل)

ഇരു



Gul Hayat Institute

# نارائڻ شيام جي شاعريءَ جو جادو

✍ ناديا مسند

نارائڻ شيام جي زندگي ۽ فن تي گهڻا ئي پيپر پڙهيا ويا آهن. ان تفصيل کي ٿورو نظر انداز ڪندي مان صرف انهن جي شاعريءَ جي جادوءَ تي ڳالهائيندس. جادو هڪ اهڙو تاثر ۽ اَثر هوندو آهي، جيڪو توهانکي ذهني يا روحاني طور تي حيران ڪندو آهي. ڇو جو خالق ۽ سندس خلقيل شاعر ۾ ڪو به فرق نہ هوندو آهي. خلقيندڙ جو آواز آدي سُر آهي. اُهو ئي شاعر جو آواز آهي. اَدبي تخليق اِنسان جي ذهن جي پيداوار هوندي آهي. تنهنڪري ڪوئي بہ نقاد اَپياس جي ذريعي تخليق ۽ تخليقڪار جي ذهني لاڙن، سوچ جي طريقن ۽ سندس لاشعوري محرڪن جي ڳولها ڪندو آهي. مان اهڙي هڪ ڪوشش ڪئي آهي. نارائڻ شيام جي شاعريءَ کي اُٿلائڻ ۽ پٿلائڻ جي. ڇو جو نارائڻ شيام اَسانجي دؤر جي شاعرن جي وهڪري کان اَلڳ ٿلڳ، پنهنجي ذاتي اَسلوُب جي ڪري نرالا ۽ اَنوکا آهن. ڇو جو جديد شاعريءَ جا ترقي پسند شاعريءَ جي بنياد وجهڻ وارا فقط نارائڻ شيام آهن ۽ اَهم پڻ. يلي هوُ ڪشنچند بيوس جي اَثر هيٺ آيل شاعر آهن، گڏوگڏ حاجي محمود ’خادم‘ ۽ پرسرام ’ضيا‘ جهڙن عوامي لهجي واري شاعرن کي پنهنجي رهبر ۽ رهنما تسليم بہ ڪن ٿا.

نارائڻ شيام کي سنڌي ڪلاسيڪي شاعري، فارسي ڪلاسيڪي شاعري، جاپاني هائيڪو، ۽ جديد مغربي شاعريءَ جو اونهو اَپياس آهي. انهيءَ ڪري سندس شعر ۾ سنڌي، فارسي، هندي، جديد مغربي ڌارائن جو سُهڻو ميلاب نظر اَچي ٿو.

دوهو، سورٺو، بيت، وائي، گيت، نظم، رُباعي، غزل، آزاد نظم، ترائيل ۽ هائيڪوُ سيني صنفن تي هوُ هڪ جهڙيءَ قدرت ۽ سؤلائيءَ سان لکي سگهي ٿو، پوءِ اُها صنف مغربي هجي يا مشرقي ۽ مقامي هجي. سيني صنفن ۾ لفظن جو جادو اَسانکي موهي ٿو.

مونکي انهن جي شاعريءَ ۾ رومانوي رنگ ڏاڍو پسند آهي. ڇو جو انهن

Gul Hayat Institute

جي غزلن ۾ نت نوان اَڻ ڇُهيل تاڱا آهن. شيام جو مشاهدو اوُنهو ۽ اَحساس ڏابو وسيع آهي. هڪ شعر ڏسو:

**اٿُي، ڇِرڪي، بس ڪاوڙي، مُسڪرائي،**

**لِڪِي ڪنهن ڪيس، پير ۾ ڪٽڪٽائي.**

ڪيترو معصوم جذبو آهي. جنهن ۾ هڪ پيار جي اَحساس جو مشاهدو آهي. اِئين ٿو لڳي جيئن اَسانجي سامهون اِها situation فلم وانگر قطرن ۾ گُهمي ويئي. پنهنجي تخليق وسيلي اِنساني نفس انهن لڪيل پهلوئن کي عيان ڪيو آهي. سندس نظرين کي پڙهندي وقت پڙهندڙن کي اِنساني زندگيءَ جي هن اَهم اَحساس جي خبر پوي ٿي. هڪ ٻيو شعر ڏسو -

**ڪي ئي پيرا پاڻ ئي، پنهنجو در مون ڪڙڪايو،**

**مون پئي پانيو، اَندران ئي ايندو منهنجو آواز.**

هيءَ اِنتظار جي حد آهي. هر شعر ۾ ڪنهن جذبي جي ڪوجنا آهي. ۽ زندگيءَ جا عڪس اَهڙي خوبصورتيءَ سان چٽيا ويا آهن - عام طور تي روائتي غزلن ۾ استعارن يا اهڃاڻن سان پريل هونديون آهن، پر شيام جي فنڪاري لاجواب آهي.

**جهلي ٻار کي ماءُ، ڌمڪايو جئن پئي**

**مونکي ٻار سان، ڪيئن نه ٿي، ريس پيئي.**

شيام ڏاڍو حقيقت پسند آهي. ڪٿي ڪٿي سندس شاعريءَ ۾ صوفياني رومانيت جهلڪي ٿي. هن شعر ۾ ماءُ جي پيار جو اَهڙو اوُنهو رنگ پيش ڪيو آهي جيڪو پڙهندڙن کي ڪنهن گهِري سوچ ۾ ٻڏڻ لاءِ مجبور ٿو ڪري.

اَسان جي دؤر جا ڪيترا ئي شاعر، لفظي رِدم جي لاءِ زورائتا ۽ ڦاٽندڙ ۽ گونجندڙ اُچار ڪتب آڻي وقتي واه واه ته حاصل ڪن ٿا پر پڙهندڙن صرف اُن رِدم ۾ ئي اَٽڪي پوي ٿو. ۽ شعر جي اونهائي يا گهِرائي تائين پهچي نٿو سگهي. شاعريءَ جو اَصل مقصد آهي ڪوئي نياپو، ڪو سنيهو، ڪو خيال، ڪو عڪس، ڪو جذبو پڙهندڙن جي ذهن تائين منتقل ڪرڻ نه ڪي مُنجهائڻ.

نارائڻ شيام جي هڪ ٻه غزل ۾ اوپرو ماحول نٿو ملي. هن جي ذري گهٽ

هر غزل ۾ سنڌي ماحول آهي. غزل ۾ کھڙو بہ مشاهدو هجي يا عڪس هجي شيام اُهو اَهڙي فنڪاريءَ سان پيش ڪري ٿو جو غزل جو تغزل بہ زخمي نٿو ٿئي ۽ هوُ پنهنجو مڪمل اِظهار بہ ڪري ٿو وجي. حالانڪ جڏهن شيام جي شاعري نثري هئي تہ سنڌي غزل جو رنگ ڍنگ ايراني هو. شعر ڏسو:

**زندگي مسئلا، هزار مگر**

**مُرڪ تنهنجي، سڀن جو حل آهي.**

زندگيءَ جو نازڪ جذبو، صاف سلوڻي سنڌي هنن جي خاصيت آهي. هنن ڀين اَديبن وانگر هنديءَ جو اَثر قبول نہ ڪيو آهي. سندس سنڌي اَهڙي صاف آهي جو سنڌ ۾ رهندڙ شاعر بہ نٿا لکن. هِن جي غزل ۾ نواڻ آهي، ڪوجنا آهي. جديد پيچيده زندگيءَ جا عڪس آهن. هن صديءَ جا مسئلا آهن. سنڌي ماحول آهي ۽ غزلن ۾ نغمگي آهي. شيام جا اَڪثر غزل غير مردف آهن. شروع جي غزلن ۾ رديف اِستعمال ڪيو اَٿن پر اَڳتي هلي بنا رديف جي غزل لکيا اَٿن، انڪري جو رديف خيال کي محدود ٿو ڪري ۽ شاعر کي لفاظي ۽ قافيہ پئماني تي مجبور ٿو ڪري، بنا رديف واري غزلن ۾ شاعر کي وڌيڪ آزادي ٿي ملي.

شيام جو مجموعو ’رنگ رتي لهر‘ (١٩٥٢) ۾ ڇپرو ٿيو. هن مجموعي ۾ رڳو غزل آهي. هن کان پوءِ وارا مجموعا ’واريءَ ڀريو پلاند‘، ’آڇيندي لڇ مران‘ ۽ ’مهڪي ويل صبح جي‘ بہ رڳو غزل تي مشتمل آهي. اَڄ جي جديد شاعرن لاءِ غزل ڄڻ ڏاري صنف آهي. پر نارائڻ شيام هن کي سنڌي ماحول جو ويس پارايو آهي. شيام جي غزلن ۾ صاف سلوڻي، فصيح ۽ روزمره جي ٻولي آهي. پر شيام تشبيهون، استعارا ۽ تلميحون سڀن جا استعمال ڏاڍي خوبصورتيءَ سان ڪيا آهن.

**فضا خاموش، پويون پهر، چُپ تارا، اَڪيلائي**

**مُني دل، توکي سُڏڪڻ کاڻ هيءَ ئي ويل هٿ آئي.**

**.....**

**ياد لڙڪن جو ڪري هِڪ هِڪ ڦُڙو**

**ڪئين وسارين شيام ٿڪن جو شُمار.**

نارائڻ شيام جي غزلن ۾ اوپرو ماحول نٿو ملي. شيام غزل کي سنڌي ماحول موٽائي ڏنو آهي. ۽ تمام لوازمن تي به قائم رکيو آهي. نه فقط قائم رکيو آهي پر انهن ۾ وڌيڪ سونهن به پيدا ڪئي آهي.

اِنساني فهم ۽ ادراڪ لاءِ ڪنهن به شاعر جي اَدب جو اَيپاس ايتري قدر اَهم آهي، جو T.S. Ellite ان کي ساهه جيان ضروري سمجهيو آهي. انساني فهم ۽ ادراڪ جي پهلوئن مان تخليقي اَدب صرف هڪ آهي ۽ انساني شخصيت جي به - اَدب ۾ اَيپاس جهڙوڪ روماني اَيپاس، جمالياتي اَيپاس ۽ سماجياتي اَيپاس جيان نفسياتي اَيپاس به هڪ اَهم شاخ آهي. جيئن رومانوي نقاد ڪنهن به تخليقي فن پاري مان رومانيت تلاش ڪري ان جي معيار جو تعين ڪندا آهن. نفسياتي مشاهدو شخصي تصورن جو رجحان لاشعور ۾ پيدا ٿيندڙ محرڪن جي ڳولها ڪئي ويندي آهي.

شيام جي لاشعور ۾ صرف سنڌ ۽ سنڌي ماحول، سنڌي لاءِ پيار جو رجحان به ڏسڻ اَچي ٿو. شيام غزل کي سنڌي ماحول ڏي موٽائڻ، انهن کي جديد تقاضائن جي لائق بڻائڻ واري تجربي ۾ پنهنجي سيني همعصرن کان اَڳيرو آهي. اهو انڪري جو هن ان تجربي ۾ غزل جي سيني لوازمن کي قائم رکيو آهي. نه صرف قائم رکيو آهي پر انهن ۾ سونهن پيدا ڪئي اَٿائين. شيام جو اِهو ڪمال رڳو غزل تائين محدود نه آهي، هائيڪو، ترائيل، سانيٽ، آزاد نظم، رباعي، جيڪا به صنف هجي ان کي سنڌي ويس ڍڪائي ان کي اُجاريو ۽ پنهنجو ڪيو آهي. جيئن ان ۾ ڪا به فني ڪوتاهي نه رهي. اُهي مستقبل جي خطرن کان به واقف هئا، انهيءَ ڪري ته انهن سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ هڪ اسُرڪشا جو ڀاءُ / اَحساس هن شعر ۾ ڏياريو آهي:

**اَلا اِئن نه ٿئي جو، ڪتابن ۾ پڙهجي،**
**ته هُئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.**

ڇو جو جڏهن ٻولي مرندي آهي ته ان سان گڏ هن جي ثقافت ڪلچر، اُٿڻي ويهڻي، لوڪ ساهتيه، ساهتيه ۽ اُها قوم پڻ ختم ٿي ويندي آهي. اِهو تصور ڪرڻ شيام جي لاءِ ڏاڍو ڏکيو هيو.

Gul Hayat Institute

شيام ’ماڪ پنل رابيل‘ ۾ دوها ۽ سورٺا لکيا آهن، جيڪي نظم جي صورت ۾ آهن. ماترائن ۽ قافيي جي لحاظ کان دوها ۽ سورٺا به آهن. شيام انهن نظمن کي عنوان به ڏنا آهن. هڪ نمونو ڏسو:

**سنڌ کي ڪونہ ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان**
**سنڌ سنڌين ۾ وسي، سنڌ هِتي، سنڌ هُتي**
**مُلڪ ڀڄي ٿو متيءَ سان نہ مگر ماڻهن سان**
**سنڌ کي ڪونہ ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان.**

هڪ سندر هائيڪو ڏسو :

**ماءُ ڏنس پئي مار**
**پوءِ بہ چنبڙي ماءُ کي**
**سُڏڪيو پئي جو ٻار.**

**در ڪڙڪايو واءُ**
**ڪوليم، پر ڪنهن کي ڪلي**
**چوان تہ اَندر آ.**

هن هائيڪن ۾ سنڌي ماحول سمايل آهي. ڪٿي ڪٿي جديد زندگيءَ جا بہ عڪس آهن. هائيڪو جي گهاڙيٽي ۾ بہ شيام جي تخليقي کوجنا مشاهدو سِپ چوٽ تي آهن. مار کائيندڙ ٻار کي ماءُ کي چنبڙي سڏ ڪرڻ ڪيترو نہ دل کي ڇُهي ٿو. شيام جي ’ماڪ ڦڙا‘، ’پنکڙيون‘ ۽ ’رنگ رتي لهر‘، ’روشن ڇانورو‘ جيڪي بہ ڪتاب پڙهو - شاعريءَ جي لهر يا جادوءَ کان پاڻ کي بچائي نٿو سگهجي. هنن جي سموري شاعريءَ تي غزل ڇانيل آهي. هونئن تہ ان جنهن بہ صنف ۾ لکيو آهي، ان ۾ ماهر جي ئي اَنداز ۾ لکيو آهي.

شيخ اَياز، نارائڻ شيام، هري دلگير، ايم. ڪمل، عبدالڪريم گدائي، نياز همايوني، امداد حُسيني ۽ شمشير الحيدري انهن جديد شاعرن مان آهن، جن غزل جهڙي ڏاري صنف کي سنڌي ماحول ۾ وِڌو. منجهس روايتي رومانوي موضوعن بدران جديد زندگيءَ جون پيچيدگيون ۽ اِنقلابي موضوع شامل ڪيا.

آخر ۾ هڪ ٻئي پهلوءَ تي ڳالهائڻ ٿي چاهيان، اُهو آهي : نرگيست (Narcissim) علم نفسيات جو هڪ خاص اِصطلاح آهي. هن جو اهو نالو ۽ مفهوم هڪ قديم يوناني ديومالائي قصي تان ورتل آهي. (قديم يونان ۾ هڪ شهزادو نرگس جنهن ڪنهن بہ عورت جي محبت قبول نہ ڪئي ۽ صرف پاڻ سان ۽



Gul Hayat Institute

پنهنجي ذات سان محبت ڪئي.) هن ڪهاڻيءَ ڪانپوءِ نرگس جو وجود پيو. هن ڏند ڪٿا کي نفسيات ۾ وسيع معنيٰ ڏني ويئي آهي. پنهنجو پاڻ سان محبت هر شخص کي هوندي آهي. پر ساڻ گڏ هن جو تعلق تخليقي عمل سان به آهي. فرائڊ چيو آهي ته هن دنيا ۾ هر شخص ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان نرگسي ضرور هوندو آهي. هن اَحساس جي گهٽي مقدار ۾ موجودگي اَحساس بدتري ۽ تکبر پيدا ڪندي آهي. ۽ گهڻ مقدار جي موجودگي اِنسان کي ٻئي جي تخليق کي ساراهڻ جوڳي بڻائي ٿي. اَهڙي جذبي جي مان جڏهن ڳولها ڪئي ته نارائڻ شيام وٽ به اهو جذبو آهي.

**رسالو شاهه جو، جئن شيام مان ڪٿي وينس**

**ڪيو هو پهه ڪو پتنگن، اَچي ڪِريا ٿي بتيءَ تان.**

اَهڙو ئي جذبو شاهه سائين به ظاهر ڪيو آهي:

**جي تو بيت ڀانئان سي آيتون آهن.**

اُردو شاعر غالب وٽ اِهو جذبو شاهه ۽ نارائڻ کان اَلڳ نموني ۾ آهي:

**هين اور ڀي دنيا ۾ سخنور بي اڇي**

**ڪهتي هين ڪ غالب ڪا هي انداز بيان اور.**

28، اِسڪيم 78، پارٽ 2، وجئي نگر،
اِندور - 452010
موبائيل: 9826325400

*** لطيفي ٻول ***

✍ سهيڙ: صاحب ٻِجاڻي

**مِنو جِئن نالوءِ، تِئن مون وَڏو آسرو،**

**ڪو دَرُ ناهه جِهوءِ، مون ٻيا دَرَ گَهٽا نِهارِيا.**

Gul Hayat Instutute

# سنڌي ڪاويه ۾ طنز -
# هڪ سرسري نظر

✍ اَرجن چاولا

اَدب زندگيءَ جو آئينو آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي هر طرح جي ڪَڇاين-پَڪاين جو عڪس ملي ٿو پر زندگي سمنڊ جيان وسيع ۽ وشال آهي. اَدب زندگيءَ جي گوناگونيت جون صرف ڪي جهلڪيون ڏيکارڻ جي قوت رکي ٿو. زندگيءَ جي مڪمل تصوير پيش نٿو ڪري.

هر ٻوليءَ ۾ ساهتيه جي رچنا يا سرجن پنهنجي دؤر جي تقاضائن مطابق ئي ٿئي ٿو. ۽ ساهتيه ٻه پنهنجو يُگ-ڌرم نباهي هلي ٿو. يُگ-ڌرم نباهڻ مان مراد آهي - جنهن يُگ ۾ اَدب جي تخليق ٿئي ٿي، اَدب ان دؤر جي ايمانداري سان تصوير پيش ڪري ٿو ۽ ترجماني ڪري ٿو.

فن يا ڪلا اِظهار جا محتاج آهن. اِظهار فن کي پابندگي بخشي ٿو ۽ اِظهار يا اَڀيويَڪتيءَ جا اَنيڪ نمونا، ذريعا ۽ ساڌن آهن. طنز ٻه اِظهار جو هڪ ذريعو آهي. ڪاويه هجي يا چترڪاري، ناٽڪ هجي يا سئنيما، مداريءَ جو تماشو هجي يا ڪو نيتا جو ڀاشڻ، هوليءَ جو سانگ هجي يا فئنسي ڊريس چٽاڀيٽي - طنز جي اِظهار جا ڪي ذريعا ٻڻجي سگهن ٿا.

پر طنز (Satire) ڇا آهي؟ طنز در اَصل هڪ هٿيار آهي جنهن جو اِستعمال هڪ فنڪار پنهنجي فن ۾ غير ذاتي مقصدن لاءِ ڪري ٿو. غير ذاتي ۽ عوامي مقصدن لاءِ ڪم آندل طنز کي ئي هڪ اَدبي صنف يا صفت ڪري مڃيو ويو آهي.

طنز (Satire) هڪ يٿارٿوادي يا حقيقت پسند رچناڪار جو هٿيار آهي، رومانوي فنڪار جو هٿيار ناهي. طنز جي سُڀاءَ يا فطرت کي ڏسجي ته لڳندو ته طنز ۾ ڪنورتا، ڪؤڙاڻ ۽ چُڀن آهي.

ڪنهن ٻه فنڪار لاءِ طنز اِستعمال ڪرڻ جي ضرورت تڏهن پئدا ٿئي ٿي جڏهن سماجڪ نظام اَندر روايتن، مقبول رواجن، پرمپرائن ۽ مريادائن جي پيچڪڙي ٿيندو ڏسي ٿو يا وري جڏهن ڪنهن خاص طبقي جي نامعقول ۽ نامناسب هلت منجهس ڪو ردعمل پئدا ڪري ٿي. رواجي

هي ڪُڪڙن جان ويڙهاڪ عهدن تي سي قومي ورڪر اَسان وٽ
جي پيٽ جا سڳا سوَٽ، لئباز لوُسي سي ووٽر اَسان وٽ
جي شابس تي مٺو مُنائن، سي بُلڊاگ ٽئگر اَسان وٽ،
جي رشوت جا چاچا ۽ ماما، مکي-چوُس افسر اَسان وٽ
ڪتن کي جي پالين، ماڻهن کي ماري سي پرَوَر اَسان وٽ
چڏيل چيڪ آهن ڇتا، ڪو چوڻ وارو ناهي انهن کي
هي پنهنجو وطن آ، پڄين هم وطن ڇا ٿو پنهنجي وطن کي!

مٿين مثالن مان ظاهر آهي تہ نياز همايوني تلخ طنز نگار شاعر آهي.

انهيءَ کان اڳ چاليهن جي ڏهاڪي ۾ حافظ حيات شاه جي ڪلام ۾ طنز جا ڪي مثال هلن ٿا. طنز سان گڏ مزاح بہ آهي. (Satire & humour)

ڪي ٿيج پياڪ چوڪرا ٽُڪ بند ٿي ويا
بس شاعرن جي شعر جو اڳيون قدر ويو
سُجهي کي تہ سهرو ٻڌائي نٿو ڪو
مگر آهي سائو گهٽن جو نياڻو
ڪمائين هڪڙا ۽ پيا خوش ٿي کائن
ڪرامت اها پير صاحب جي ڇاڻو!
نہ کائي ٿو ڪجهہ مست آهي جو صوفي
فقط پنج مانيون، مکڻ هڪڙو ڇاڻو!

پر ويجهڙائيءَ ۾ يعني گذريل پنجن سالن جي عرصي ۾ رچيل غزل ۾ طنز جو جائزو وٺبو تہ ڪافي گهڻا مثال نہ ملندا، ملايم طنز جا ڪي مثال ضرور ملن ٿا.

ڏنو وڃي تہ غزل هڪ رومانوي ساخت آهي. بيشڪ اَڄ جو غزل يٿارٿواد سان بہ جُڙي چُڪو آهي ۽ زندگيءَ جي حقيقتن سان وابستگي جتائڻ لڳو آهي پر غزل جي نوعيت، غزل جي پرڪرتي، غزل جي فطرت تہ رومانوي رهي آهي ۽ طنز هڪ يٿارٿوادي فطرت واري يعني حقيقت پسندانہ صنف آهي، تنهنڪري خالص غزل

Gul Hayat Institute

جو طنز سان جُڙاءُ ڇڏو نظر اَچي ٿو. پر ڇاڪاڻ تہ اَڄوڪو غزل رومانيت کان پاسيرو ٿي يٿارٿواد يا حقيقت پسندي يعني Realism طرف مُڙيو آهي، تنهنڪري طنز جو اِستعمال ٿيڻ لڳو آهي. هونئن بہ گيت يا غزل پنهنجي مول سُڀاءَ جي لحاظ کان طنز جي اِظهار جا موزون ذريعا نہ رهيا آهن.

پر ڪي ڇڊا مثال ضرور ملن ٿا :

ايم. ڪمل جو شعر ڏسون :

اَڄ هوءَ سرڪاري ڦولدان ۾ آ
ڇا بہ هو اَڳ، گلاب آ هاڻي.

ٻيو شعر ڏسو :

بلنديءَ تي رسي آ ٻي شعوري
گڏهہ جي هينگ تي گهوڙو ڪُڏي ٿو.

اِها هلڪيءَ ملايم طنز آهي : ٻيو مثال :

شريف هو، جيسين غريب هو،
هاڻ هفتا ٿو ڪارائي!

هتي ڪجهہ تِکائي لڳي ٿي.

اَرجن حاسد جي شعر ۾ طنز يعني وِيَنگ سان گڏ سنويدنا بہ آهي.

روز پنهنجائي ڪو طعنو ٿي هڻي،
پوءِ بہ پنهنجن ۾ ئي حاسد ٿا رهون.
ڇُنجهيون اَکيون هي ڏسي وٺ حاسد،
پراڻو سنڌ جو نقشو آهيان.

هتي طنز سان گڏ درد جو اَحساس سمايل آهي.

ڏنو وڃي تہ طنز ڪنهن پيڙا يا درد جي اَحساس جي رد-عمل يعني Reaction جي روپ ۾ اُڀري ٿي.

واسديو موهي جو شعر ڏسو :

منهنجي هر چيز سنڀالي ٿو رکين
شهر شايد ڪو ڊٺل آهيان مان.

موهيءَ جو ٻيو شعر ڏسو :



Gul Hayat Institute

**وقت کي چا ٿيو جو يار جي اکہ**
**ڦوڪڻن تان ڪاڇي وئي آهي**
**سچ آهي تہ آسمان مليو**
**يونءِ هاٿي رُسي وئي آهي!**

لڪشمڻ ڏُبي جي طنز ڪجھہ تکيري آهي :

**ٿي چڪي ڌرتي سچي تقسيم آ،**
**هاڻ هن آڪاس جا ٽڪرا ڪندا!**

لڪشمڻ جو ٻيو شعر ڏسو :

**پير هلن ٿا ڪاڄوراهن ڏي پيا**
**ڪاشيءَ ڏانهن نگاهون آهن.**

شريڪانت صدف جو شعر ڏسو :

**خودشناسيءَ کي جن خود- ثنائي سڏيو،**
**سي بہ ليکڪ تہ بيشڪ رسيلاهيا.**

هتي ڪجھہ تکيرو وينگ آهي - اُستاد بُخاري :

**فقط هڪڙو گهر ڪو لٽي ها تہ ڌاڪو،**
**سڄي سنڌ جيڪي لٽين ٿا، اهي چا؟**

کيمن مولاڻيءَ جو شعر :

**مون تن کان ئي جل گھُريو،**
**جيڪي پاڻ اُڃارا هئا.**

اَرجن چاولا جو شعر ڏسو :

**پنهنجي ڇهري تي ڪيڏو ناز اٿس**
**ڪيس آئينو ئي جڻ پڳل ٿو لڳي!**

گوپ ڪمل جو شعر ڏسو : (تکي طنز آهي)

**ڪوڙ پلا ڪئن ڳالهائيندو**
**تلک نرڙ تي هٽندو آهي!**

ڊولڻ راهي جو شعر ڏسو :

**قول چوڙاهي تي نيلام ٿيڻ وارا هئا**
**پاڻ ماڻهيءَ کي ڏنم ڪالھہ خريدارن ۾.**

اَحمد سولنگي جي شعر ۾ طنز سان گڏ درد ۽ پيڙا جو اَحساس

بہ آهي :

**وقت کهڙو اَچي ويو آهي**
**ٿي اَنڌيرن ۾ روشني روئي**
**ماڪ پيغام ڇا کڻي آئي**
**باک سان ئي ڪلي ڪلي روئي.**
**موت آڪاس تي کِلي ويٺو**
**هيٺ ڌرتيءَ تي زندگي روئي!**

هِتي طنز ايتري ناهي پر اَفسوسناڪ اِسٿتيءَ جو ذڪر آهي.

گوورڌن شرما جو شعر ڏسو :

**پاڻ سان پاڻ ويٺو ڳالهائي**
**سوٽ ۽ بوٽ ۾ چريو ناهي.**

ديوي ناگرانيءَ کي ڏسو :

**آهه دنيا سمرپت مرڪنهن جي،**
**ڪو ماتيلو ڪو سڳو آهي.**

ونود آسودانيءَ جو شعر :

**دل جو در مون وڏو ڪرائي ڇڏيو**
**ڪار ۾ ڪو سڄڻ اَچي شايد!**

اَهڙي طرح طنز جا مثال بين بہ ڪيترن ئي شاعرن جي غزل ۾ ملي سگهن ٿا.

باريڪيءَ سان ڏسبو تہ طنز (Satire) ڪنهن هلڪي ناپسندي، هلڪي حقارت، هلڪي نفرت جي اَحساس جو اِظهار آهي، هڪ قسم جو Repulsive Expression آهي. هڪ قسم جي unpleasantness يعني ناخوشگواري جي اَحساس جي اَيپيوِڪتي آهي. رومانيت جو دامن ڇڏي، محبوبہ جي آغوش جي گرماهٽ جي اَحساس کان پريرو هلندي اَڄ جي غزل زندگيءَ جي تلخين سان روبرو ٿيڻ جو رُجحان ڏيکاريو آهي. طنز ڇاڪاڻ تہ زندگيءَ جي تلخين جي اَحساس مان اُپري ٿي، تنهنڪري ايندڙ دؤر ۾ نہ رُڳو ڪاويہ پر هر فن ۾ طنز جو هڪ اَهم رول رهندو.

ﷳ



Gul Hayat Institute

## نئون ساهتيه

✍ نند ڇڳاڻي

# ڪتابي سمالوچنا

(3) **ٻہ ڪتاب:**

(i) **”سِڌو رستو“** (سندر ٻنگواڻيءَ جا مورج منگهناڻيءَ ڏانهن خط)

(ii) **”لڇمڻ ڪومل جا خط“** (رڪيل مورائيءَ ڏانهن لکيل)

اَڄ جي ڊِجيٽل يُگ ۾ خط پنهنجي اَهميت ڪان وانجهجي ويا آهن. مشڪل سان ڪو خط ٿو لکي. شايد ان ڪري بہ پوسٽ آفيس ڪي بئنڪنگ جو واڌو ڪاتو ڏنو ويو آهي. موبائيل - اِي ميل، واٽس اَپ، فيس بوڪ، ميسينجر وغيره تي جھٽ روبرو حال اَحوال پيو وٺجي - ڏِجي. ڪتاب پهتو. مونکي وڻيو. چڱي محنت ڪئي اٿوَ. شاباس تہ توهان لهڻي ... بس، ڪم پورو. ٻنهي ڪتابن ۾ 21 صديءَ جا بہ خط آهن. شايد ان وقت اِهي سهوليتون اَجان عام ڪونہ ٿيون هيون، يا ٻنهي ڏُرين کي ميسر ڪونہ هونديون. اَجان بہ واندڪائيءَ ۾ ويهي اَندر اوريو اَٿائون. خط تہ ڪيڏي مهل بہ هڪ ڏُر لکي سگهي ٿي ۽ ٻِي ڏُر پنهنجي سهوليت سان پئي پڙهندي. ماڊرن وسيلن ۾ ٻنهي کي هڪ مهل آمهون سامهون موبائيل - اِنٽرنيٽ - واءِ فاءِ وغيره سان حاضر رهڻو آهي ... ڳالهائيندي هڪ ڳالهہ ڪبي تہ ٻِي وِسري ويندي ... وغيره.

’سِڌو رستو‘ ۾ سندر ٻنگواڻيءَ جا ئي سپ خط ڏنل آهن. ڪِن ڇِڊن موقعن تي مورج منگهناڻيءَ جو جواب - تاڪيد آهي. سندر هڪ سنسٿا پاران لکپڙه ڪري ٿو، جنهن ۾ سندس شخصي ڪوبہ سوارٿ ڪونہ آهي. هڪ سٺي سماجڪ سنسٿا - NGO ’سنڌو يوٿ سرڪل -

Gul Hayat Institute

اُلهاسنگر' جو سربراهه آهي. جنهن کي هر ڪنهن قسم جي مالي مدد ڪرڻ لاءِ جڻ مورج منگهناڻيءَ جوابداري پنهنجن ڪُلهن تي هموار ڪئي آهي. ڪٿي بہ ناراضگيءَ جو اَحساس بہ نٿو ٿئي. ٻن نشڪام سيواڌارين وچ ۾ سِڪ جو سوُدو پيو هلي، جيڪو مورج منگهناڻيءَ جي سالم صحت تائين باقاعدي جاري رهيو. (مورج منگهناڻي 04.06.2019 تي هن فاني دنيا مان چالاڻو ڪيو.) عليل طبعيت هوندي بہ ڏيڻ جو سلسلو جاري رهيو.

سڄي ڪتاب ۾ وٺڻ وارو ٻالهائي ٿو - ڏيڻ وارو شانت آهي. ٻنهي وچ ۾ ٻَنڌ - سنڌيت جي آهي. مورج سِڪ - پيار - محبت جو مجسم رهيو. هن جو کيل ڪارج مانائتو ۽ شانائتو رهيو. سيني کان وڌيڪ مرتبو لهڻي - هاڻ اِهو سنڌيت جو جرڪندڙ ڏيئو اُجهامي ويو.

خطن ۾ ڪا بہ ٺاہ ٺوہ ڪونہ آهي. صاف اَکرن ۾ گهرج جو اَحوال آهي. سرڪل ۾ ڏهاڪن ۾ ميمبر آهن، تنهن هوندي بہ اَڪيلو سُندر اهو چپ چاپ ۾ ڪم ڪري ٿو. ٻئي ڪنهن کي بہ مورج سامهون ۽ نہ وري ڪنهن خط ۾ ميمبرن جو ڪو ذڪر آهي. اها خطن ۾ نہ پر سندر ۾ وڌ ٿي اُڀري ٿي. لڳاتار ڪُرسيءَ تي رهڻ ڪري هو جڻ ڪرسي - Addict ٿي پيو آهي. پر ڪيس اِهو اصول ياد ڪرڻ گهرجي تہ ”دنيا توکان سواءِ بہ هلندي .... وڏا وير ودوان هلندا ويا ... ڪرسي - اِسٽيج جي چوس ڏاڍي خراب آهي. ... World will go with or without you

*

ٻيو ڪتاب - جنهن ۾ فقط لڇمڻ ڪومل جا رڪيل مورائيءَ ڏانهن جوابي خط آهن. رڪيل مورائي پنهنجي ڪتاب ۾ نہ اِشارو ڏور ۽ نہ اِشارو ويجهو ڏنو آهي تہ هن نيت لڇمڻ کي ڇا لکيو! سڀ هڪ طرفو پيو ٿو هلي. circumstantial Evidence - قانون ۾ هڪ وڏا آهي تہ جي اَڪين ڏٺو شاهد ڪونہ آهي يا ٺوس ثبوت هٿ ڪونہ ٿو اَچي تہ آس پاس جي حالتن جو جائزو وٺي فيصلو ڏئي سگهجي ٿو. لڇمڻ

Gul Hayat Institute

ڪومل ۽ رڪيل مورائي ٻئي ساهتڪار - اَديب آهن. ٻنهي جي ڪتابن طرف اُسات، مڇيل حقيقت آهي. لڇمڻ سرنديءَ وارو سچڻ آهي. هٿ جو ڇوٽ. دوستن مٿان خرچ ڪرڻ پنهنجو فرض اَول سمجهندو آهي. دوستي ياريءَ ۾ هن غريب - شاهوڪار جو ويڇو ڪڏهن ٻه ڪم ڪونه آندو. لڇمڻ ڪي سنڌ ۾ ڇپيل ڪتاب ضرور گُهرجن. سِڌو رستو ته سرڪار بند ڪري ڇڏيو آهي، انڪري رڪيل ڪتاب وٺي موڪليندو هوندو - لڇمڻ ڪي مُلهه چڪائڻ جا سؤ رستا. خطن ۾ پيار پاٻوه عزت سان ڪيس - دوست - دلبر - پٽ ڪري حجت مان ڪم ڪار پيو لکيس.

لڇمڻ ڪومل پنهنجي 'وهي کاتي جا پنا' ڪري ڇوه مان سنڌي اَدب تي ڇائنجي ويو. اَهڙي اعليٰ نثر جو نمونو هاڻ ٻئي وٽ مشڪل ليي. اُن ڪتاب بابت هنن پنن اَندر ٻئي ڪنهن خاطر خواه نموني لکيو آهي. آمريڪا مان هن تاجل بيوس کي خط (22/7/2002) لکيو جو ڪيس رڪيل جي اَئڊريس هٿ نه لڳي - لکي ٿو، ''... رڪيل کي ٻه ڇنڇ ته ٻه اَکر ڪٽي لکي. مون کي هن جي خاطر خواه اَئڊريس نٿي ملي. اُميد ته هن وقت تائين برسر روزگار هوندو. مون کي هن جي سدائين ڇنتا رهندي آهي.'' (صفحو 99). شاباس رڪيل کي جو اهو خط ٻه جيئن جو تيئن درج ڪيو اَٿائين. ڪاڪا هري موٽواڻيءَ کي ٻه هميشه سندس ڇنتا رهندي هئي.

دلبر رڪيل هڪ شاندار شخصيت وارو اَديب دوست آهي. گهڻن خطن جي سِٽن وچان پڙهڻ ۾ ڳالهه صاف ظاهر ٿي ٿي. ٻنهي هڪ ٻئي سان دوستي توڙ تائين نڀائي.

(4) **''راءِ ڏياچ''** (ناول) - ناول نگار : **ڪليم ٻٽ**

ڊيمي سائيز، صفحا 96، قيمت 140 رُپيا، سال 2018، ڇپائيندڙ : ڪويتا پبليڪيشن، 9، ربي چئمبرس، ڪورٽ روڊ، حيدرآباد -

Gul Hayat Institute

سنڌ - پاڪستان، فون نمبر : 2728541-22-92+، ڪتاب جو عالمي نمبر : ISBN 978-969-717-003-6

ليکڪ ناول پنهنجي پتا صاحب ڊاڪٽر اَلله رکيو ٻُٽ کي اَرپڻ ڪيو آهي.

ڪالهه ڪلهوڙي ڳالهه آهي ... ڪليم ٻُٽ جا تبصرا - ڪهاڻيون ۽ جدا جدا ليک ٽڪڙا ٽڪڙا واٽس اَپ تي اَچڻ شروع ٿيا. سندس تخليقي قوت ڏيان ڇڪائيندڙ رهي. ڪوتا پبليڪيشن وارن وٽان هٿون هٿ ٻين ڪتابن سان گڏ مٿيون ناول به شايد رونگ ۾ مليو. موهن مدهوش لکيو، ضرور پڙهجو. ناول نويس جي ڪهاڻين ۽ تبصرن جي تازگي سالم هئي - مٿان ڪتاب جو ٽائٽل ۽ ليکڪ جي والد صاحب جو نانءُ ڏسي پڙهڻ شروع ڪيو - پورو ڪرڻ کان اَڳ ڇڏڻ تي دل نه ٿي. پر ڏڏندڙ صحت ڪري ساهي پٽي وري شروع ڪيو.

ننڍي هوندي پرائمري تعليم ۾ پڙهيل بيت دل تي تازو تري آيو. سچو ياد ڪونه آيو پر ڪجهه سٽون ... ”ٿيو غلغلو گرنار ۾ - عطائي کو آيو ... ٻيجل کي ٻئين رات جو سڏايو سلطان ....“ شاهه لطيف جي هن ڪهاڻيءَ کي، شايد بيوس صاحب ٻارن لاءِ لکيو. پوءِ ته ڪاليجي تعليم تائين شاهه جي سورمين کي ور ور ڪري پيو پڙهيو اَٿم. جيٺمل پرسرام - لعلچند اَمرڏنومل - نارائڻداس ڀمڀاڻي دل تي تازا تري آيا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ياد اَٿم پر ڪونه لکندس. شاهه جي سورمين پنهنجين ڪيل غلطين ڪري ڏکن جا ڏينهن ڏٺا. انهن جي پڇاڙي به دکميه رهي پر هڪ سورٺ هئي جنهن جي اَنت اَچڻ تي چڙ شاهه صاحب سک جو ساهه پٽيو. ”سورٺ مُئي سُک ٿيو ...“ سورٺ ري گناهه ڏهاڳ جو ڏک ڏٺو. شاهه لطيف کان به هن جو ڏک ڏٺو نه ٿيو ...

ناول پڙهندي ڪيترن هنڌ ليکڪ جي خيالن سان ٽڪراءُ - وِدروهه

Gul Hayat Institute

ٽئي ٿو، ڇو جو نندي هوندي کان پڙهيل قصي کان جدا ٿي ٻِهي ٿو - پر اُن وقت دِل کي آٿت پيو ڏيان تہ هي ناول آهي - قصي سان گڏ ناول نگار جي تخليقي حقيقت بہ هجي ...

کليم جو گهر ورثي ۾ مليل ڪتابن سان ڀريل هوندو. هن پاڻ لکيو آهي تہ لکڻ مهل هن اُن وقت جي تواريخ ۽ سماجڪ حالتن جو بہ اَڀياس ڪيو آهي. اَسان اُن کان اَڻ واقف آهيون.

کليم کي سندس ناول لاءِ واڌايون.

موهن مدهوش - ڪوتا پبليڪيشن جو نوَن ساهتڪارن کي همٿائڻ جو سهڻو قدم آهي.

(5) **''گوناگون مضمون''** - ليکڪ : **ڊاڪٽر ديال آشا**

ڊيمي سائيز، صفحہ 121، قيمت 120 رُپيہ، سال 2018، ڇپائيندڙ : پرديپ روپاڻي، چيتن اَپارٽمينٽس، فلئٽ 306، گانڌي روڊ، اُلهاسنگر - 421005، موبائيل: 9422660749

ڪتاب ۾ مهاڳہ بدران ڊاڪٽر ديال آشا بابت، ڊاڪٽر غلام علي الانا - ايل.ڊِي. رچنداڻي ۽ ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻيءَ جا مختصر پر پُرمعني وارا رايا ورائي ڏنل آهن.

ڊاڪٽر ديال آشا اَديب، شاعر کان وڌيڪ ستسنگي ساهتڪار طور پرسڌ مڃيل حقيقت آهي. اُلهاسنگر-سنڌونگر جي سوامي شانتي پرڪاش آشرم کي سمرپت آهي. عوام جنتا کيس سنت-درويش ڪري ڏسندي آهي. وياس پيٺ تان کيس ستسنگ ڪندي ٻڌو ويو آهي. آسودگي - سونهن - صحت - علم، قدرتي نعمتون وٽس موجود آهن.

ڪتاب تيرهن (١٣) مضمونن جو مجموعو آهي، جي سندس شاعريءَ ۾ سمايل مبهم اَرٿ کي خلاصو ڪن ٿا. اَسانجي محبوب شاعر ڪشنچند بيوس صاحب بہ پنهنجي هڪ ڪتاب پنيان بيتن جي معنيٰ - ڪنجي ڏئي سمجهايو آهي. ڪانئس جڏهن ان لاءِ پڇيو ويو

Gul Hayat Institute

تہ چيائون تہ ڊپ اَٿمر تہ متان ناسمجهيءَ ۾ پڙهڻ وارا اَرٿ جو اَنرٿ نہ ڪري وِجهن.
ڏهن مضمونن جا ٽائيٽل - سَرا **’منهنجو‘** ۽ **’منهنجي‘** (شاعري) سان شروع ٿين ٿا. وشيہ کي صاف سُٿري ٻوليءَ ۾ سمجهائن ٿا. جڻ شاگردن - پڙهڻ وارن لاءِ هٽيڪو طعام ميسر ڪن ٿا. شاگرد تہ ضرور اُن مان فيضياب ٿيندا. انهن کي ڊاڪٽر - پروفيسر - پرنسيپال ديال آشا تي مضمون - پيپر - مقالو - مونوگراف - ٿيسز لکڻ ۾ سهوليت ٿي هوندي يا ٿيندي رهندي. غريبنواز تہ هونءَ بہ آهي. سندس آشرم ۾ غريب، وڌوائن ۽ گهرجائن جو ميڙو متل هوندو آهي. آڌو ڪين آيا اَهمر وارا عقل کي. ڏه پيرا **’منهنجو‘** - **’منهنجي‘** پڙهي مان-مان - اَهنڪار وارا اَنش صاف ٿي بِهن ٿا. ور ور ڏُهرائڻ سان جي ڪتاب جو ٽائيٽل ’منهنجا گوناگون مضمون‘ لکجي ها تہ سندس اَهنڪار وارو درخت - ٻوٽو ٿي پوي ها. پر ڪير چوي؟ يڳونتي ناواٽيءَ جو چيل سُريلو گيت ’’سنت جي نِندا ڪري پاپ جا ڀاڳِي نہ ٿجو.‘‘ بيدل صاحب جي سِٽ بہ ضرور ڏُهرائيندس - ’’سک رمز وجود وڃاڻ دي ...‘‘
اَهم ۽ وهم کي ڇڏي باقي ٽي مضمون (١) ’ويدن جي واٽي سنڌيءَ ۾ سُٽايان‘، (٢) شري رام چرت مانس، (٣) ساڌو واسواڻيءَ تي گرو نانڪ جو پرڀاءُ ۽ سمانتا يڪساهي پڙهڻ ۾ بہ آنند دائڪ آهن.
سامي صاحب جي واٽيءَ جو تاٽپرج مثالن سوڌو سندس گهري-نهري اَڀياس جو ثبوت آهي. رام چرت مانس - هن ڪان اَڳہ پيج 73-77 ’’منهنجو رام ڀڳتي ڪاويہ‘‘ ڏنل آهي. سندس ڪابہ ڀڳتي ڪاويہ رچنا نرگڻ ۽ سگڻ ڪانسواءِ جڻ اَڌُوري هوندي آهي. هنديءَ ۾ سنت تلسيداس جو سلوڪ ڏيئي سنڌيءَ ۾ سوَلي سمجهاڻي ڏني اَٿائين. سندس چوڻ موجب ’مُنُ مان خرار جي خبر پوندي آهي.
سنت تلسيداس صلاح ڏئي ٿو تہ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اَهنڪار اهي پنج ئي ويڪار نرڳ جا دروازا آهن. انهن جو تياڳہ ڪري پريو شري رام جي ڀڳتي ڪجي. سنت بہ ان راهہ تي هلن ٿا. (پيج 105). اوم شانتي! چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ فرق نمايان آهي.

Gul Hayat Institute

ساڌو واسواڻي تي گروناڪ جو پرڀاءُ ۽ سمانتا ۾ لکي ٿو، ”شري گرو نانڪ ديو ديا ۽ اُپڪار جا روپ هئا ته پيارو دادا واسواڻي به ڪروڻا ۽ پريم جا ساڪيات سروپ هئا. دادا واسواڻي گرو نانڪ ديو مهاراج جي ٻاڻيءَ کان ايترو ته پرڀاوت ٿيا جو اُنهن شري جپ صاحب جي سرل ۽ سپڪ سنڌيءَ ۾ سمجهاڻي لکي. (پيج 110). پوڄيه دادا واسواڻي شري گرو نانڪ ديو مهاراج جي ويچار ڌارا، وهنوار ۽ واڻيءَ کان ڪافي متاثر نظر اَچن ٿا.
سِڪ ۽ شرڌا سان جي پاٺڪ هي ڪتاب پڙهندا، انهن کي گيان - گنگا جي ڌارا مان به لپون ضرور پلئه پونديون. ڪتاب ڊاڪٽر ديال آشا جي شخصي زندگيءَ ’جيوني‘ جو حصو ضرور آهي.

(... ڏسو صفحو 462)

---

# زندگيءَ جو سار

## ✍ چندرلال نکر ’غافل‘

زندگي ملي ٿي اَنمول، نه وڃاءِ اِئين بيڪار تون،
ڪري ڪم سنا سهڻا، پنهنجو آئينده سنوار تون.

اَچي جي وقت ڏکيو، پنهنجي پريوءَ کي پڪار تون،
مليو آهي جيڪو توکي، ان ۾ خوش ٿي گذار تون.

جي من ۾ ترشنا جاڳي، ته هينئين ڏي نهار تون،
هر ڪنهن جي آ قسمت پنهنجي، سمجھ زندگيءَ جو سار تون.

ٺوڪر جي لڳي ڪنهن وقت، ته همٿ نه هار تون،
رکي مِٺ محبت سيني سان، ڪر دشمنن کي به يار تون.

ڪوئي ڪيئن به هلي توسان، پر ڪر سنو وهنوار تون،
نه رک ڪنهن لاءِ نفرت دل ۾، ڪندو هل سڀ سان پيار تون.

ڪر سنگ سٺن ساٿين جو، سدا رک اونچا ويچار تون،
پل اَچن تڪليفون ڪيتريون به نه ڇڏ سچ جي راه تون.



Gul Hayat Institute

١٧ سيپٽمبر ٢٠٠٦
اَحمدآباد.

پيارا ڀاءُ نند، ’ڪونج‘ جي تازي اَنڪ جي پهچ ڏني اٿم. ’ڪونج‘ جي هن اَنڪ جي شروعات ئي اَديت آهي. هريءَ جي پراڻين جي سان پيار جي سلسلي ۾ مونکي ياد آهي ته آديپور ۾ جڏهن سيمينار ٿيو هو ته هري به آيو هو. ٻئي صبوح جو اَسين ۽ اَسان سان به ٻيا سڄڻ وچي باغ ۾ گهمڻ وياسين. اُتي هن پياري ڪتي جي ڪهاڻي ٻڌائي. مان ان ڪان ايترو ته متاثر ٿي ويس، جو اَحمدآباد پهچندي ڪيس صلاح ڏنم ته ڪتي جي اُها ڪٿا لکي ڪتي ڇپائي. هن ٿوري ئي وقت ۾ اها لکي هندواسيءَ وارن کي ڏني جيڪا ١٤ اَپريل ١٩٩٦ع واري اَنڪ ۾ شايع ٿي. تنهن وقت کان مون اُها ڪٽنگ پاڻ وٽ سانڍي رکي آهي. هاڻ جڏهن رڪارڊ اُٿلائي ڳولهي ڪڍيم ته پڙهندي هري اَکين اَڳيان اَچي ويو. مون هريءَ جي باري ۾ ’ڪونج‘ جو سندس بابت خاص اَنڪ ۾ عرض ڪيو هو ۽ هڪ ڪويتا به لکي موڪلي هئم، جي شايع ٿيا هئا، پوءِ به شردانجلي لکڻ جو سوچيندي ئي دل پرجي ٿي آئي ۽ قلم اَڳتي وڌيو ئي نه ٿي. تڏهن سوچيم ته ڇو ڪين هري جي ڪتي جي ڪهاڻي اَوهانکي ڪونج ۾ ڇپڻ لاءِ موڪليان. هاڻ ان کي ڇپڻ يا نه ڇپڻ توهان تي ڇڏيل آهي.

توهانجو پنهنجو،

**ڪمل پياسي**

# جئڪِي منهنجو اولڙو

**✍ هري موٽواڻي ’سنڌي‘**

منهنجو وڏو پٽ پرسو اَلائي ڪٿان هڪ پونگڙو ڪٺي آيو. گهاٽو بسڪيٽي رنگ ٻوٽي ڪاري ۽ وارن جي ٻُنجَ پَشم جهڙي. ننڍين ڏيڌرن کي جڻ رانديڪو ملي ويو. سڄو ڏينهن پيئون ساڻس کيڏنديون هيون. نالو به هنن ئي رکيس - جئڪي. جئڪي کير ۽ بريڊ کائي وڏو ٿيڻ لڳو. وڏو ٿيو ته کير بريڊ سان گڏ رات جو بريڊ

Gul Hayat Institute

سان جيراندي ڪائڻ لڳو جيڪا منهنجو ننڍو پٽ پرڪاش رات جو وٺي ايندو هو.

اُهو پونگڙو پهرين ڪُتڙو ۽ پوءِ شينهن بڻجي پيو. رستي تان هلندي ٻن چئن ڪُتن تي ته اَک ئي نه ٻُڌندي هئس. ڏاڙهيندا هئس ته منجهن ڪاهي پوندو هو. ڪنهنکي ٽنگ ۾ ته ڪنهنکي گردن ۾ چڪ وجهي زخمي ڪري ڇڏيندو هو. هن هڪ ڪري سمورا رولو ڪتا ڪائنس ڪَن هڻڻ لڳا. ڪيس ڏسندا هئا ته پُڇ پائي پچي پاسو ڪندا هئا.

ڏيئرن سان جو پلجي وڏو ٿيو هو ته انهن مٿان جنسي ساه ڏيندو هو. شل نه ڪو انهن مان ڪنهن تي ڪاوڙ ڪري، پل ته مان هجان يا سندن ماءُ هجي، جڏڪي اُلر ڪري ايندو ۽ ٻانهن ۾ چڪ وِجهي، پر اِئين جيئن سندس ڏند ماس اَندر ڪُپي نه وڃن، خبردار ڪندو ته مٿان انهن مان ڪنهن تي ڪاوڙ يا غصو ڪيو اَٿوَ!

گهر وارن نيم ٻَڌِي ڇڏيو هو جڏڪيءَ جي سنڀال ۽ پرگهور لهڻ جو. صبح جو مون سان گڏجي دڪان تي هلندو هو جتان ڏهين ٻجي دڪان تان وڃڻ لاءِ تيار ٿيندو هوس، جڏڪي اَکيون ٻوٽي، ڪن سرلا ڪري، جاڳندو هو. مان جيئن ئي وڃڻ لاءِ چمپل پائيندو هوس، هوءُ اُٿي ڪڙو ٿيندو هو ۽ در وچي جهليندو هو. دڪان تي هلندي، هو رستي ۾ ئي ضروري حاجتن ڪان فارغ ٿيندو هو.

گهر اَچي پهرين پنهنجي پيالي مان پاڻي پيئندو هو ۽ پوءِ منهنجي زال ڪوشليا ڏانهن نِهاريندو هو. هوءَ سمجهي ويندي هئي ته ڪيس بک لڳي هئي ۽ ڪاڏي لاءِ کير ۽ بريڊ گُهرِي رهيو هو. هوءَ کير ۽ بريڊ مِلائي سندس ٿانءَ ۾ رکندي هئي. جڏڪي هڪ دفعو وري ڏانهنس نِهاري جڻ مهرباني مڃيندو هو. کير بريڊ ڪائي، هو پنهنجيءَ مقرر جاءِ تي، پلنگ جي هيٺان وڃي سُمهندو هو.

اَسان جي گهر هيٺان هزارين ماڻهو ۽ موٽرون چاهي بسون لنگهنديون آهن. ليڪن جڏڪي انهن آوازن تي ڪن ئي نه ڏيندو

Gul Hayat Institute

آهي. هو ڪن ڏيندو هو پرڪاش جي وات جي سيٽيءَ تي جنهنڪي هوءُ هزارن ۾ به سُڃاڻي وٺندو هو. اِها سيٽِي جڏهن هيٺ سڏڻ لاءِ هوندي هئي، پرڪاش کيس گُهمائي ڦيرائي، سندس ڪاڏي لاءِ جيراندي وٺي ايندو هو.

پرڪاش جي سيٽِي وڳي ناهي ۽ جڏهن هيٺ پهتو ناهي! وچ ۾ ڪير روڪڻ جي ڪوشش ڪندس ته اُن مٿان چڙهي ويندو. هڪ ته کيس پيشاب ڪرڻو هوندو هو ۽ پيو ته بک به لڳي هوندي هئس. صبح جو ڪير بريڊ ۽ رات جو جيرانديءَ سان بريڊ، ٻه وقت ڪاڏو ٻڌل هوندو هوس.

اَڌ ڪلاڪ بعد پرڪاش ۽ جڏهن گُهمي ڦِري موٽندا ته جڏهن اَمان جو پاسو وچي وٺندو هو. رات جو ڪارائڻ جي جوابداري اَمان مٿان هئي. جڏهن هيٺ ويندو هو ته اَمان ڊبل روٽيءَ جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري، پني تي رکي ڇڏيندي هئي. پرڪاش جيرانديءَ جو پُڙو آڻي ڏيندس ته اُها ڊبل روٽيءَ جي ٽڪرن سان ملائي، پريل پنو جڏهن اَڳيان سُرڪائيندي چوندي هئي: وٺ مٺا، پر پنهنجو ڊِڊُ ..... ۽ بڪايل جڏهن پنهنجو ڊِڊُ پرڻ لڳندو هو ...!

مان ڪڏهن ڪڏهن دڪان تان گهر نه اَچي، لڇمڻ ساٿيءَ جي پريس ۾ هليو ويندو هوس جتي ڪونج ڇپبي هئي. جنهن ڏينهن پريس ۾ ويندو هوس، جڏهنءَ طرف نِهاري چوندو هوس: اَڄ تون اَڪيلو ئي گهر وڃ، مان هتان ئي پريس ۾ ٿو وڃان.

هيتري وقت ۾، اَسان جي گهر ۾ سنڌي ڳالهائيندو ٻولهائيندو ڏسي ۽ ٻُڌي، هو سنڌيءَ ۾ چيل ڳالهه سمجهي ويندو هو. مان ته هن سان ڳالهائيندو ئي سنڌيءَ ۾ هوس. اُن ڏينهن به هن منهنجي ڳالهه ورتي ۽ چپ چاپ گهر هليو ويو.

Gul Hayat Institute

ڪُتن ۾ شايد ڪنهن به پسوءَ ۾، سِنگهڻ جي شڪتي وڌيڪ هوندي آهي، جنهن سبب هوءُ پنهنجي ماڳ وچي پهچندا آهن. جڏهن پڻ ان ئي آڌار تي گهر وچي پهچندو هو.

هڪ ڏينهن سخت برسات پيئي. گهر ويندي جئڪي برسات ۾ پسي آيو. شايد سيءُ پوڻ لڳو هوس. پر گهر اَندر نه وڃي، ڏاڪڻ چڙهي ٻاهر ئي ويهي رهيو. منهنجي انتظار ۾. مان جڏهن گهر پهتس ته عجب لڳو. جئڪي ٻاهر وينو هو ۽ سرديءَ ڪان ڏڪي رهيو هو. مونکي ڏسي اُٿيو ليڪن بيهي نه سگهيو. ويهي رهيو. مون ڇڙٻ ڏيئي چيس: دڪان تان هليو ڇو آئين؟ ڏنئہ ڪونہ ته برسات پئي وسي ...! اِئين چئي ڪيس هنج ۾ کنيم ۽ ڪوشليا کي وڃي چيم، ’ڪمبل ۾ ويڙهي، جئڪيءَ کي سندس بستري تي سُمهاري، مان هٿ منهن ڌوئڻ ويس ته اُمالڪ ڪوشليا رڙ ڪئي: ’هيءُ ته ڏس، جئڪيءَ کي اَلائي ڇا ٿي ويو آهه؟‘

مان بنا هٿ منهن ڌوئڻ جي ٻاهر نڪري آيس. ڏسان ته جئڪي اَڪيون پيو ڦيرائي. مون کان به رڙ نڪري ويئي : ’اَڙي، هيءُ ته آخري سواس پيو کڻي ...!‘

ڪوشليا سُڏڪو ڀري چيو، ’اِئين ته نه چئه ...!‘ ليڪن اِئين ئي ٿيو. حيوانن جي به نيت عمر پوري ٿئي ٿئي. جئڪيءَ جي عمر به شايد پوري ٿي ويئي هئي. پنجن منٽن جي اَندر جئڪيءَ پنهنجا پراڻ تياڳيا. گهر اَندر رودن مچي ويو. بابا ۽ اَمان به رُنا. پرڪاش به دڪان تان روئندو آيو. پاڙي وارا به دکي من سان اَچي گڏ ٿيا. اُنهن کي به جئڪيءَ سان پيار هو ...! ڇوڪريون ته اَصل هٿن مان پئي ويئون. جيئن تيئن کين شانت ڪيو ويو.

جئڪيءَ جي مرتڪ سرير کي ڪفن ۾ ويڙهي، مٿس گل ڦل چاڙهي، ڪتن واري قبرستان ۾ دفن ڪري آياسين! ...

ڪجهه عرصو مس گذريو هو ته هڪ ڏينهن ٻوڙون پائيندڙ هڪ پونگڙو گهر ٻاهران اَچي ويهي رهيو. رنگ جو ساڳيو گهاٽو ٻسڪيتي، ٻوٿي به ڪاري ته وار به پشم جهڙا مُلايم. اَلبت جئڪيءَ کان قد ۾ ٿورو ٻگهيرو هو.

ڪوشليا سوچيو مڃاڻ هيءُ جئڪيءَ جو پٽ هو. اِهو سوچي هوءَ

ڪيس گهر ڪٺي آئي.

مون اُن پونگڙي کي ڏسي سوچيو جڏهن جئڪي اَڪيلو گهر ايندو هوندو، تڏهن رستي ۾ ڪنهن ڪُتڙيءَ سان پريت جو پيچ ٻڌجي ويو هوندس، جنهن مان هيءُ ڄائو هو ۽ هن سِنگهڻ جي حواس بدولت، اَچ پنهنجي پيءُ جو گهر ڳولهي لڌو هو ...!

تڏاستو. اَسان به ڪيس جئڪيءَ جو وارث سمجهي پاڻ وٽ رهائي ڇڏيو ۽ نالو به ساڳيو ڏنوسونس - جئڪي جونئير! ...

ساڳئي دستور جئڪي جونئر جي به پرورش ٿيڻ لڳي. وڏو ٿيو ته مون سان گڏ دڪان تي به هلڻ لڳو. مان پريس وڃان ته اَڪيلو گهر به موٽڻ لڳو. هوبهو جئڪيءَ وانگر ٻارن سان کيڏي، اَمان بابا جي هٿن مان کائي، پرڪاش جي سيٽيءِ ٻڌي هيٺ وڃي ۽ جيراندي‌ءَ سان رات جي ماني کائي. هفتي جي آرتوار تي ڪوشليا صابڻ سان سنان ڪرائي، سندس ٽوال سان لِڱ اُگهي، پوءِ به ٻاهر اَچي بدن ڇنڊي ...!

هڪ ڏينهن هوُ گهر موٽيو ئي ڪين. مان ڪيس گهِٽين ۽ باغ مان به ڳولهي آيس جتي ڪڏهن ڪڏهن مون سان گڏ هلندو هو. پر هو نه لڌو. هفتو، ٻه هفتا، مهنو ۽ پوءِ ڪجهه مهنا گذري ويا، جئڪي جونيئر جو ڪو پتو نه پيو. اَسان کي ڏک ٿيو پر پوءِ اَسين ڪيس وساري ويناسين.

هڪ ڏينهن ڪوشليا گهر موٽي ته دروازي ٻاهران هڪ ڪتي کي سُمهيل ڏسي هُش هُش ڪيائين. ليڪن ڪتي ۾ جنبش نه آئي. ڪوشليا بيٺي بيٺي چيو، ’اُٿ هِتان، هِتي ڇو پيو آهين؟‘

آواز سُڃاڻي اُن لوٿ ۾ چرپر ٿي ۽ مرٽينگ حالت ۾ به پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪٺي ڪوشليا طرف نِهاريائين.

’اَڙي، جئڪي ته نه آهين؟‘ ڪوشليا ڪجهه ڪجهه سُڃاڻندي چيو.

پنهنجو نالو ٻُڌِي ڪُتي پنهنجو پُڇ لوڏيو ۽ جيئن تيئن رِڙهي،

Gul Hayat Institute

ڪوشليا جا پير ڇڏڻ لڳو.

’صدقو وڃانءِ، تون تہ جئڪي آهين ...! توکي هن حالت ۾ ڪنهن آندو؟ ... ايترو چئي ڪوشليا هن کي هنج ۾ ڪنيو ۽ گهر اَندر ڪڍي آئي. روشنيءَ ۾ ڪيس ڇِنائي ڏٺائين ۽ پڪ ڪيائين تہ هيءُ جئڪي ئي هو.

جئڪي بيحد گِدلو هو. شايد ڪيترن مهنن کان ڪيس ڪنهن بہ سنان نہ ڪرايو هو. ڏٻرو ۽ شايد ڪيس پورو کاڌو بہ نہ ڏنو ويو هو. ٻِچيءَ ۾ سوُٽلي ٻڌل هئس. شايد هن کي ٻَڌِي رکيو ويو هئو ۽ جيئن ئي کيس موقعو مليو هو، نوڙِي ڇنائي ڀڄِي نڪتو هو. گدلي سرير ۾ ڪيترا جيت پئجي ويا هئا ...

ڪوشليا رنڌڻي مان ڪير آڻي کيس پيئارڻ لڳِي. ليڪن ڪمزوريءَ سبب سندس وات ئي نہ ٿي کُليو. چمچ آڻي اُن سان کير پيئارڻ لڳي تڏهن وڃي سندس پيٽ ڀريو. پوءِ هوُ سُمهي پيو. ٻن ڪلاڪن بعد جڏهن جاڳيو تہ ڪوشليا ڦهرين گاسليٽ سان سندس گدلو بدن صاف ڪيو ۽ جيت ڪڍي ماريا. اُن بعد گرم پاڻيءَ ۾ ڊيٽال وِجهي، صابڻ سان کيس سنان ڪرايو. تڏهن وڃي هوُ سُهاڻو جهڙو ٿيو ... اُٺڻ ۽ هلڻ جهڙو ٿيو ...

مان ڳالهہ سمجهي ويس. ڪي ٽرڙا ڇوڪرا يا ماڻهو جئڪيءَ کي ٻَڌِي، ڀڄائي وٺي ويا هئا ۽ اُنهن کيس پاڻ وٽ ٻاندي بڻائي رکيو هو. هنن کيس کاڌو پيتو بہ تمام گهٽ ڏنو هو ۽ هن جڏهن مٿن ڀونڪيو هوندو تہ هنن کيس لڪڻ سان ماريو هوندو جنهن سبب هن جي پوئين ڏائي ٽنگ ضربجي پيئي هئي، جنهن سبب هوُ لنگڙائي رهيو هو.

مان دل ئي دل ۾ جئڪي ڪتي کي داد ڏيڻ لڳس، جيڪو بندي خاني مان ڀڄِي نڪتو هو ۽ ڪمزوريءَ ڇاهي بيماريءَ جي پرواهہ نہ ڪري، سِنگهندو سِنگهندو، پنهنجي جهيڻي ۽ نبل سرير کي گِهليندو گِهليندو، گهر جا ٨٠ ڏاڪا چڙهي، پنهنجي ماڳ پهچي،



Gul Hayat Institute

ساڻو ٿي ڪِري پيو هو ...!

مهني ٻن بعد هو تندرست تہ ٿي ويو ليڪن هلڻ وقت ٿورو ٿورو منڊڪائي هلي رهيو هو. دڪان طرف ويندي واقفڪار پڇڻ لڳا: ’جڳڪي ڪڏهن واپس آيو؟ هن جي ٽنگ کي ڇا ٿيو آهي؟‘

مون کين ٻڌايو: ’ڪن نالائقن هن گدام ڪي ماري ماري لنگڙو بڻايو آهي ...!‘ جڳڪي بيمار رهڻ لڳو. بدن ۾ جيت وڌندا ويس. مان ۽ ڪوشليا ڪڏي ڪڏي ٽڪجي پوندا هئاسين. گهر ۾ جيت ڇُرڻ پُرڻ لڳا تہ ٻار بيمار پوڻ لڳا. ڊاڪٽر چيو: ’ڪتي جي بيماريءَ جو ٻارن تي اَثر پوي ٿو، ڪُتو گهر مان ڪڍو ...‘ سڀجو گهر مون طرف نِهارڻ لڳو. مون کي جڳڪيءَ ۽ ٻارن - ٻنهي جو خيال هو.

هڪ ڏينهن وچين پٽ چندر فيصلو ڪندي چيو، ’دادا، جڳڪيءَ کي گهر مان ڪڍون ٿا ...!‘

مون پٽ طرف نِهاريو تہ منهن هيٺ ڪري چيائين، ’جڳڪيءَ کي ’ڪُتا-آشرم‘ ۾ ڇڏي ٿا اَچون. کين خرچ ٻڌِي ڏينداسون. هو جڳڪيءَ جو علاج بہ ڪندا ۽ سنڀال بہ ڪندا جيستائين هو جيئرو هوندو ...!‘

جنهن ڏينهن جڳڪيءَ کي ڪار ۾ ميونسپل جي ’ڪتا-گهر‘ وٺي ويا، مان جڳڪيءَ ڏانهن نهاري نہ سگهيس. هو ڄڻ تہ مون طرف نِهاري چئي رهيو هو: ’منهنجي هوندي، هو هن گهر مان ڪڍيو پئي ويو ....!‘

اُهو مان هوس جنهنکي ’ٻُڍا آشرم‘ ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ وٺيو پئي ويو ...!

(موڪليندڙ (هاڻ سرڳواسي) ڪمل پياسي)
(هندواسي، ١٤ اَپريل ١٩٩٦)

Gul Hayat Institute

# اَسين ڪٿي بيٺا آهيون؟

✍ ناريِ لڇواڻي، ڀوپال

اَنگريزن کي پنهنجي شاعر شيڪسپيئر تي ناز آهي. تهڙي طرح ڀارت جي بينگاليُن کي ٻه رويندرناٿ ٽئگور ۽ شرتچندر چٽرجيءَ جهڙن عظيم ساهتيڪارن ۽ ڪلاڪارن تي وڏو فخر رهندو آهي. ڀارت جي ٻين سيني پرانتن (صوبن) جا ماڻهو ٻه پنهنجي ڪلا، لوڪ-ڪلا، چترڪلا، ساهت، سنگيت، رنگمنچ ۽ نرتيه وغيره کي گهڻو مَهتوَ ڏيندا آهن. سيني وٽ وڏا-وڏا ساهتيڪار، ڪلاڪار ۽ رانديگر موجود آهن. انهن وٽ هڪ سلسلو آهي، جيڪو مُسلسل هلندو ٿو رهي. پر، اَسان ٻين سيني کان اَلڳ آهيون.

اَلبت سنڌي ساهت ۾ شاه عبداللطيف جو وڏو نالو آهي. سندس شاعريءَ جي اُڏام ٻه ٻين جي ڀيٽ ۾ گهٽ ڪانه آهي. پر، اَڄ سنڌي شاه صاحب کي پڙهن ڪٿي ٿا؟ پڙهن ٻه ڪيئن؟؟ سنڌي لپي ڄاڻن ئي ڪونه! شاه، سچل ۽ ساميءَ کان پوءِ ڪيترائي سُٺا شاعر ۽ اَديب ٿيا آهن جن سنڌيءَ جو مانُ مٿي پئي ڪيو آهي. اَهڙن اعليٰ اَديبن ۽ شاعرن جا لک ٿورا. کين صد-صد سلام. ساهت ۾ تخليقي (رچناتمڪ) ڪاريه جي ڪري وري ٻه اَسين ٿورا-گهڻا ڏسڻ جهڙا ٿي سگهيا آهيون. باقي فن جي ٻين ڪيترن ۾ سنڌين جا ستارا روشن نه ٿيا آهن؛ ايڪڙ-ٻيڪڙ ڪو هڪ-اَڌ نالو ٿي سگهي ٿو، هُجي.

نرتيه ۾ راڻي ڪرنا، سا ٻه اوڙيئا ڀاشا واري سان شادي ڪري ڏاري ٿي ويئي، اَنيلا سُندر ٦٧ سال پار ڪري چُڪي آهي ۽ سونوُ چوڏريءَ ڪانپوءِ شاستريه - نرتيه ڪلا ۾ چمڪندڙ ڪو نئون نالو ڏسڻ - ٻُڌڻ ۾ نٿو اَچي. ناگپور جي سُڌا ڀاڳچنداڻي اَڄان ڪچهُ اُيري مَس جو شادي ڪري يوُ.اي.اِي. (U.A.E.) هلي ويئي. ٻيوُن جيڪي آهن، سي اَڄان ٻار آهن ۽ سنڌيءَ کان ٻه پري!

شاستريه سنگيت ۾ پنڊت آسڪرن شرما ڪانسواءِ ٻيو ڪو ٻه



Gul Hayat Institute

سنڌي ڪلاڪار راشٽريہ سطح تي پهچي نہ سگهيو آهي. ڀوپال جي پنڊت ٻلرام ناگديو کي سنگيت جو گهڻو اَڀياس هو پر اَفسوس! ڪين شايد ئي ڪو سُڃاڻندو هجي. گمناميءَ جي حالت ۾ ئي گذريل 15-08-2015 تي دُنيا کي الوداع ڪري هليا ويا. هاڻي پنڊت آسرڪن شرما بہ اَسان سان ناهن. اُپ-شاستريہ سنگيت ۾ بہ دهليءَ جي شانتي هيرانند ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ سنڌي نالو ڪونہ ٿي سُجهي. ها، ’سُگم-سنگيت‘ (لائيٽ ميوزڪ) ۾ ڪي ڪلاڪار آهن، جيئن گهنشيام واسواڻي، ڪاجل چنديراماڻي، مهيش چندر، چندروُ آتما، دُشيَنت آهوُجا، موهن ساگر، وِپن شيواڻي، دليپ لعلواڻي وغيره. پر اِنهن سڀني کي بہ سڄي سال ۾ سنڌين وٽان سراسر ’ڏهہ‘ پروگرام بہ پرفارم ڪرڻ لاءِ ڪونہ ملندا هوندا. مطلب اَسان وٽ اَهڙن ڪلاڪارن جو پڻ جوڳو قدر ڪونہ ٿو ٿئي. مجبور ٿي سنڌي فنڪارن کي هندي، اُردو، گجراتي ۽ ٻين ٻولين طرف رُخ ڪرڻو ٿو پوي.

پر سُگم سنگيت جي مٿي ڄاڻايل ۽ ٻين گايڪ / گائڪائن سان بہ تقاضا آهي تہ هوُ هاڻي نيون ڪمپوزيشنس بہ کڻي اَچن. آخر ڪيسين سندن ڳايل ڪُل 10-15 (سي بہ ٻين وڏن فنڪارن جي ڳايل) گانن کي ماڻهوُ سالن کان بار بار ٻُڌندا رهن؟ اِن ڏس ۾ گهنشيام واسواڻي ۽ دليپ لعلواڻيءَ وري بہ ساراہ جوڳو ڪاريہ ڪيو آهي، ٻيا بہ ڪن تہ سنڌي سنگيت ۾ تازگيءَ جو آغاز ٿيندو. ماضيءَ ۾ ڀڳت ڪنوررام صاحب جو ڪو ثاني نہ هو. ماستر چندر، ڪملا ڪيسواڻي، ڪلا هزاري، ڀڳونتي ناواڻي، سترام روهڙا، مهراج موُلڻ ۽ ڀڳت گهنشيام جهڙن ڪلاڪارن بہ خوب نالو ڪمايو. سنڌ ۾ اَڄ بہ عابدا پروين هڪ وڏو نالو آهي ۽ اَسان وٽ ...؟

فلمي دنيا ۾ ٽن نامچِين هدايتڪارن - گوبند نهالاڻي، رميش سِپي ۽ راجڪمار هيراڻيءَ بہ هنديءَ ۾ تہ سُنيون ۽ يادگار فلموُن ڏنيون آهن پر سنڌيءَ لاءِ ڪڏهن سوچي بہ نٿا سگهن. حقيقت ۾ اَهڙيوُن حالتوُن ئي ڪونهن. اَلبت سنڌي خواہ هندي فلمن ۾

Gul Hayat Institute

سنگيتڪار ٻلو سي. راڻي ۽ سي. اَرجن چڱو جوهر ڏيکاريو آهي. گايڪ سي. ايڇ. آتما کي پڻ وڏي عزت حاصل آهي. هِن وقت فلمي اداڪار رَڻوير سنگهه ڀاوناڻي چوٽ تي آهي.

سنڌي رنگ-منچ تي ڪي ناٽڪ اَڃان به ٿين ٿا. مگر اوچي سطح جا يا ڪلاسڪ ناٽڪ ڪرڻ وارا نه ڪلاڪار ئي آهن ۽ نه اوترا ڏسڻ وارا. مڙئي لبي-ڇبي ڪم هلي پيو. وري به جولي ٽيجواڻيءَ مان اُميدون آهن.

شاستريه سازن ۾ ستار، سرود، بانسري، وائلن، ويڻا، سارنگي يا طبلو وغيره سکڻ سان ته اَسانجو دور-دور تائين ڪو واسطو نه رهيو آهي. مُمبئيءَ جا بزرگ وائلن وادڪ جناب ڪنعيالعل لعلواڻي ۽ سندس ٻه سُپتر ضرور اَپواد آهن. چترڪلا ۽ پئنٽنگ ۾ ٻه نه جي برابر ڪم ٿيو آهي. سوچيو - اَسين سنڌي ڪٿي بيٺا آهيون؟

اَسين سيني ڪان اَڳتي آهيون، اِهي اَڃايون ٻڌاڪوُن ۽ لباڙوُن نه هڻڻ کپن. ڪيترا ٻه ڪروڙ ڪمايوُن ۽ لک لُٽايون پر جيستائين اِسپورٽس، ساهت، ڪلا، سنگيت، شاستريه نرتيه، رنگ-منچ، چترڪلا ۽ پئنٽنگ وغيره سان گڏ شاستريه سازن کي سکڻ ۽ اُنهن سيني کيترن ۾ پاڻ نه موکينداسين تيسين اَسانکي سڀيه (Cultured) ۽ اوچ سماج جو فرزند ڪري ڪوبه ڪونه ليکيندو، پڪ سمجهو.

راندين (بليئرڊس) ۾ بئنگلور جي پنڪج آڏواڻيءَ ننڍي عمر ۾ ئي وِشوَ چئمپيَن ٻڻجي، ڪئين دفعاجهندو ڦهرايو آهي ۽ ديش سان گڏ اَسان سنڌين جو ٻه ڳاٽ اوچو ڪيو آهي. کيس 'پدم شري' ۽ 'اَرجن اَوارڊ' اُپاڌيءَ سان پڻ نوازيو ويو آهي. پنڪج آڏواڻيءَ کي دل جي گهراڻيُن مان شاباس! ۽ لکين آسيسوُن!

اَسان کي هر کيتر ۾ اَهڙا ئي لعل کپن. اَڃو ته پنهنجي پريوار کان ئي شروعات ڪيون. پنهنجي ٻارن کي ڪنهن نه ڪنهن نموُني ڪجهه خاص ٻڻائڻ جي يگيه ۾ جُنبي وڃون. ڪرڪيٽ ۾ اِندور جي نريندر هِيرواڻيءَ ڪانپوءِ ...؟ توهانجو ٻار ٻه ٿي سگهي ٿو.

۽، ٻيا ٻه ڪيترائي ميدان آهن. ڪاش! اَسان ۾ ٻه پنڊت روي

شنڪر، ڀيمسين جوشي، پنڊت جسراج، برجوُ مهراج، هري پرساد جورسيا، شِوڪُمار شرما، اَمجد علي، ذاڪر حسين، جگجيت سنگهہ، لتا منگيشڪر، آشا ڀوسلي، جيسوُ داس، بال سُبرهمڻيم، تيجن ٻائي، سانيہ ۽ اَميتاڀ جهڙا لعل ٿين. ڪنهن ۾ تہ جُنوُن جاڳيَ! (۽ نِڙڪ - نڳيءَ وارا نہ ٿِيَن تہ بهتر!)

ꕥ

A-31, New Sant Hirdadarm Nagar, Bhopal - 462030
Mob. : 8989438294

---

## هائيڪا

### ✍ رسول ميمڻ

- گرجا جا گهنڊ،
تن ۾ اَندر وينا،
پوپٽ ڪن ٿا نڊ.
- پائي ڪپڙا گيڙو،
بنسيءَ جي ڌُن تي،
ڳائي ڪوئي ٽيڙو.
- وسيهر جي لات
نڊ پيو آ جوڳي،
چوڏر چُپ چُپات.
- تنهنجي مُرڪ،
چڻ دل جو ڪوئي چيرِ،
۽ ڪنڌُ ۾ ٻُرڪ.
- چپ چپن سان جڙ
پوءِ بہ سانت ۾،
سمايل هوندي رڙ.
- رات ڏٺو مون خواب،
ماڻهوءَ آڌو وڃائي پئي،
هڪڙي رڍ رُباب.

ꕥ

## غزل

### ✍ آتم ناٿن شاهي

ڪو چينُ سزا وانگر،
ڪو دردُ دوا وانگر.
مان تنهنجي بقا وانگر،
تون منهنجي فنا وانگر.
ميلاپ ڪان اَڳ وڇڙڻ،
بي جُرم سزا وانگر.
مطلب جي محبت آ،
بي فيض دعا وانگر.
چاهت ڪان سوا رِشتو،
بي رنگ حنا وانَگر.
تنهائيءَ ۾ ساروڻي،
ڪاڙهي ۾ هوا وانگر.
هر سوچ منافق جي،
جوُتي ۾ بلا وانگر.
ڪافر ٿو ٿيان شايد،
ڪو شخص خدا وانگر.
برسيو هان سرابن تي،
ساوڻ جي گهٽا وانگر.
گلشن ۾ ’وفا‘ آهي،
صحرا ۾ صدا وانگر.

ꕥ

Gul Hayat Institute

# ”کلو مل بلو مل“

✍ اَمر گوپالاڻي

کلومل : رام رام بلومل.

بلومل : رام رام ڪلومل.

کلومل : بلومل، هل تہ شلانگ گهمي اَچون.

بلومل : اِها ڪائي نئين ڪالوني نهي آهي ڇا؟ مان تہ اِهو نالو ئي نہ ٻڌو آهي.

کلومل : تون آهين کوهہ جو ڏيڏر. ٻاهر نڪر تہ خبر پَوَئي تہ دنيا ڪيتري نہ وسيع ۽ خوبصورت آهي.

بلومل : آءٌ تو وانگر رولوُ ناهيان، جتي آهيان، خوش آهيان، هاڻي ٻڌاءِ تہ شلانگ ڪٿي آهي؟ ڇا آهي؟

کلومل : آسام سميت اُتر اوير ڀارت جا ست پرانت آهن. اُنهن مان هڪ آهي ميگهاليہ. ميگهاليہ معني بادلن جو گهر. شلانگ ميگهاليہ جي راڄڌاني آهي. بيحد خوبصورت شهر آهي.

بلومل : خوبصورت جو ڇا مطلب؟ اُتي پَريون رهنديون آهن ڇا؟

کلومل : سمجهہ تہ پرستان آهي. قدرت جي سونهن پرين جي سونهن کان سرس آهي.

بلومل : ڪوئي پوريل خزانو هٿ آيو اَٿي ڇا؟ يا ڪوئي لاٽري نڪتي اَٿيئي، جو ايتري ڏورانهين پنڌ تي ٿو وڃي هلين؟

کلومل : ڪوئي پوريل خزانو نہ نڪتو آهي. لاٽريءَ تي مڌيہ پرديش ۾ بندش پيل آهي. سرڪاري خرچ تي هلنداسين.

بلومل : شلانگ ڪوئي تيرٿ آستان آهي ڇا جو مکيہ منتري بزرگن کي سرڪاري خرچ تي تيرٿ ياترا ٿو ڪرائي؟

کلومل : ڪوئي تيرٿ آستان نہ آهي. خوبصورت هِل



Gul Hayat Institute

اِستيشن آهي. مرڪزي سرڪار جي تعليم کاتي سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد هڪ اِدارو ٺاهيو آهي. اَنگريزيءَ ۾ ٿوري ۾ اُن کي اين.سي.پي.ايس.ايل.
(National Council for Promotion of Sindhi Language)
ٿا سڏن. سرڪار اُن کي هر سال ڪروڙين روپين جو فنڊ ڏيندي آهي. اِن اِداري طرفان شلانگ ۾ سيمينار سڏايو ويو آهي.

بلومل : سيمينار مطلب؟

ڪلومل : مطلب ميڙ.

بلومل : شلانگ ۾ ڪوئي وڏو نيتا يا ڪوئي مهاتما فوت ٿيو آهي ڇا جو ميڙ سڏايو اَٿئون؟

ڪلومل : ڪوئي فوت نہ ٿيو آهي.

بلومل : ميڙ تہ غميءَ جي موقعي تي سڏائبو آهي نہ؟

ڪلومل : هي ميڙ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ سڏايو ويو آهي.

بلومل : شلانگ سنڌين جي وڏي بستي آهي ڇا؟

ڪلومل : ٿيندا ٻہ اَڍائي گهر.

بلومل : ٻن اَڍائي گهرن لاءِ اُتي ميڙ سڏائڻ جو مطلب؟ اُن مان سنڌي ٻوليءَ جو ڪهڙو ڀلو ٿيندو؟

ڪلومل : ٻوليءَ جو ڀلو ٿئي نہ ٿئي، اُتي وڃڻ وارن جو تہ سرڪاري خرچ تي جنت جو سئر ٿي ويندو نہ. گوهاٽيءَ تائين اوٽ موٽ هوائي جهاز جو سفر، گوهاٽيءَ کان شلانگ اَچڻ وڃڻ لگزري ڪارن ۾. اُتي ڪنهن مهانگي هوٽل ۾ رُڪندا. کائيندا پيئندا. سئر سپاٽا ڪندا. هزارين روپيا اُجورو وٺندا.

بلومل : اُجورو ڪهڙيءَ ڳالھ جو وٺندا؟

ڪلومل : ڪجھ ڀئٺڪون ڪندا. هرهڪ ڀئٺڪ جي صدارت اَلڳ اَلڳ ڀئٺڪ جي صدارت اَلڳ اَلڳ شخص ڪندا. هر

Gul Hayat Institute

بئنڪ ۾ به چڱا پيپر پڙهندا.

بلومل : صدر کي اخبار پڙهڻ نه ايندي آهي ڇا جو به چڱا پڙهي ٻڌائيندس؟

ڪلومل : اخبار نه، ڪنهن خاص وشيه تي تيار ڪيل ليک.

بلومل : ڪهڙي وشيه تي؟

ڪلومل : گهڻي ئي وشيه آهن. مثلن - سنڌين جو پهراءُ، اَڳي سنڌي ڇا پائيندا هئا، هاڻي ڇا ٿا پائين. زائفون اَڳي ڇا پائينديون هيون، هاڻي ڇا ٿيون پائين. ڇو ٿيون پائين. ليک لکڻ وارو ليک تو جهڙي بزرگ کي غور سان ڏسندو. ڌوتيءَ ۾ گهڻا ٽُنگ اَٿس. گيتلي ۾ گهڻيون چتيون لڳل اَٿس. سنڌي ٽوپي پائڻ بجاءِ ٽوپي پارائڻ ۾ ڪيترا نه اُستاد ٿي ويا آهن. وغيره وغيره. اِهو سڀ لکي وڃي ميڙ ۾ پڙهندو.

بلومل : ان ميڙ ۾ ڪير ڪير ويندا؟

ڪلومل : سنستا جا نوان پراڻا عهديدار، ڪجهه سندن خوشامندڙيا.

بلومل : موُج مستيءَ لاءِ ايترو خرچ ڪري شلانگ ويندا؟ ٻڌڻ وارو ته ڪير ملندو ڪونه.

ڪلومل : انڪري ته توهان جهڙن کي به سرڪاري خرچ تي ساڻ وٺي ٿا وڃن. جيڪي ٻڌندا به تاڙيون به وڄائيندا.

بلومل : تاڙي وڄائڻ لاءِ ايترو پري وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت اُٿي؟ هتي ئي تاڙي وڄائڻ وارن جي ٽولي ۾ شامل ٿي وڃ. هاڻي تاڙي وڄائڻ وارا به لڪپتي ٻڌجي ويا آهن. چوَن ٿا تاڙي وڄائڻ صحت لاءِ به مفيد آهي. ٻٽو فائدو ٿي ويندءِ.

ڪلومل : سچ چوندا آهن، ڪر پلائي جٽ سان ته ڦيري هٽئي پٽ سان. آءُ توکي شلانگ گهمائڻ وٺي ٿي هليس، تون مونکي پنڻ وارن جي ٽولي ۾ ٿو وجهڻ لاءِ چئين.

Gul Hayat Institute

# اَئڊووڪيٽ سرياچند گرناڻيءَ جي آمريڪا ياترا

## (سنڌونگر جي سيني سنڌي سنستائن لاءِ پريم ڀريو سنديش)

✍ **سرياچند گرناڻي** (اُلهاسنگر)

تازو ڏسمبر مهني ۾ مونکي پنهنجي ڌرمپتنيءَ سان گڏ پنهنجن ٻارن وٽ آمريڪا وڃڻو پيو. منهنجي ڌيءَ ۽ پٽ آمريڪا ۾ تمام سٺي پوزيشن تي آهن ۽ اَڄ جي تاريخ ۾ آمريڪا جا ناگرڪ آهن. پارتواسي جيڪي اُتي آهن گهڻي ڀاڱي بيحد هر لحاظ کان خوش آهن ۽ سٺيون سنستائون ٺاهي ويٺا آهن. سٺي ۾ سٺا مندر ٺاهيا اَٿائون. اَهڙي نموني سنڌي ٻه بيحد خوش آهن ۽ سنڌي سنستائون ٺاهي سنڌيت زنده رکي ويٺا آهن.

منهنجو پٽ اُنهن سنڌي سنستائن ۾ ڪافي اَئڪٽِو آهي ۽ مون کي اُنهن جي باني‌ڪارن سان ملاقات ڪرايائين. اُنهن مون کان پڇيو ته اَوهين ڀارت جي ڪهڙي شهر مان آيا آهيو ته مون کين اُلهاسنگر ٻڌايو. منهنجي عجب جي حد نه رهي ته مون اُلهاسنگر چيو ته اُنهن سنڌونگر ۽ سنڌيت چيو. مون کي عجب ٻه لڳو ۽ بيحد خوش ٻه ٿيس. اَنڌو گُهري هڪ اَک ۽ ملن ٻه اَکيون ته ٻيو ڇا کپي.

مون کين اَسان جي شهر جي سيني سنستائن جو اَحوال ڏنو ۽ هو بيحد خوش ٿيا. هنن ٻه موٽ ۾ اَسان جي شهر جي سيني سنڌي سنستائن لاءِ پيار ڀريو سنديش ڏنو. مون کي چيائون ته اُلهاسنگر جا ڪي ٻه سنڌي اَسان وٽ هتي آمريڪا ۾ ايندا ته اَسين کين وڏي پيار ۽ عزت سان ملنداسين ۽ سندن لاءِ مهمانوازي ٻه ڪنداسين ۽ جيڪڏهن اُنهن جا سنڌي ٻه ڀارت ۾ آيا ته اُهي اُلهاسنگر ۾ اَچي ڪري اَسان جي سنڌي سنستائن سان وڏي پيار، قرب ۽ عزت سان گڏجندا.

مون ڏنو ته سنڌي سنستائون ۽ سنڌي آمريڪا ۾ ڪافي سالن کان وٺي رهڻ ڪانپوءِ ٻه سنڌيت کي زنده رکي ويٺا آهن. پنهنجي

Gul Hayat Institute

وطن ڀارت کي نہ وساريو اٿائون. هر موقعي تي سنڌيت جا پروگرام ۽ ميلا لڳائيندا رهن ٿا. مون کي اهو سڀ ڏسي ڪري بيحد خوشي بہ ٿي ۽ سنڌين تي فخر بہ محسوس ٿيو.

سنڌين ڪانسواءِ اَسان جا ڀارتواسي بہ ڏاڍو خوش نظر آيا. ڪافي مندر، پنچايتي هال برپا ڪيا اٿائون جتي هر مهني گڏجندا آهن ۽ وڏي پيار ۽ شرڌا سان ملندا آهن. اَسان سان بہ ڏاڍي سِڪ، شرڌا ۽ عزت سان مليا. ڀارتواسي ڏنڌي ڏاڙي ۽ وڏن عهدن تي آهن ۽ عزت جي زندگي گذاري رهيا آهن. سڀني ڀارتواسين جي ڀيٽ ۾ اُتي وڌ ۾ وڌ سنڌين جي عزت آهي.

منهنجا ٻار منهنجي ڌيءَ، پٽ، منهنجو ناٺي ۽ منهنجي نونهن بيحد خوش آهن ۽ اُتي آمريڪن ڪمپنين ۾ وڏن عهدن تي آهن. منهنجو پوٽو جيڪو برليئنٽ آهي، ۽ اُن کي دنيا جي سٺي ۾ سٺي يونيورسٽيز مان هڪ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ملي آهي جتي هوُ اِنجنيئرنگ ۽ بزنيس مئنيجمينٽ ۾ پوسٽ گرئجيوئيشن ڪري رهيو آهي. جنهن يونيورسٽيءَ ۾ اَڊميشن جي لاءِ ڀارت جي اسٽوڊنٽس کي ڪنهن بہ بئنڪ کان ايڊيوڪيشن لاءِ سٺ کان ستر لکن تائين لون وٺڻو پوندو آهي. منهنجي پوٽي جي لياقت ڏسي ان خرچ کان بچي ويا آهيون. منهنجي ڏوهٽي بہ پڙهائي ڪرڻ ۾ برليئنٽ آهي ۽ جيئن لڳي ٿو تہ اُن جو آئينده پڻ روشن آهي. آمريڪا ۾ اَسان جا سنڌي ۽ ڀارتواسي نہ صرف خوش آهن پر ڀارت لاءِ فخر جو باعث آهن.

ꕤꕤ

## * لطيفي ٻول *

✍ سهيڙ: صاحب ٻِجاڻي

جَرَ ۾ ڦوٽو جِئَنِ، لَهرُنِ لَڳَندي اَڏُ ٿِئي،

توُن پڻُ آهِين تِئَن، دُنيا ۾ ڪو ڏِينهَنڙو.

# ٽي. ايس. ايلٽ ۽ تنقيد

## ✍ ڪليم ٻُٽ

ٽي. ايس. ايلٽ ويهين صديءَ جي اَهم شاعرن ۽ نقادن مان هڪ هو. سندس جنم آميريڪا ۾ ١٨٨٨ع ۾ ٿيو ۽ هوُ ٢٥ سالن جي عمر ۾ ١٩١٤ع ۾ اَچي برطانيه ۾ رهيو. ايلٽ کي سندس ١٩١٥ع ۾ لکيل نظمن جي ڪري تمام گهڻي مقبوليت ملي. شاعريءَ سان گڏ هن مضمون ۽ ڊراما پڻ لکيا، جڏهن ته سندس اَدبي تنقيد جي ڪري هو ٢٠ صديءَ جو اَهم نقاد بہ ٿيو. هن ١٩١٧ع ۾ ”Tradition and the Individual Talent“ نالي اَهم مضمون لکيو جنهن ۾ هن اهو واضح ڪيو تہ اصل ۾ تنقيد ٿيندي ڇا آهي؟ ايلٽ لکي ٿو تہ هر قوم وٽ رڳو تخليق جو اَلڳ پئمانو نہ هوندو آهي پر ان وٽ تنقيد جو بہ هڪ اَلڳ پئمانو هوندو آهي. هو وڌيڪ ڄاڻائي ٿو تہ اَسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ تنقيد ساهہ کڻڻ جيتري بنيادي اَهميت رکي ٿي. مون ايلٽ جي مضمون مان تنقيد جي حوالي سان ڏهہ نقطا ڪڍيا آهن، اهي اَوهان سان ونڊيان ٿو: (١) جيڪڏهن اَسان ڪوبہ ڪتاب پڙهي ان بابت پنهنجي تاثرن جو اِظهار ڪريون تہ اها ڪابہ خراب ڳالهہ نہ آهي. (٢) نقاد ڪنهن بہ تخليق ۾ هڪ منفرد پاسو ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ اهو پاسو ئي هڪ تخليق کي ٻي تخليق کان اَلڳ ڪندو آهي. (٣) نقاد لاءِ ضروري آهي تہ کيس اَدب جي حوالي سان تاريخي شعور هجي. (۴) تنقيد جو مطلب هرگز اهو نہ آهي تہ ڪنهن تخليق کي سنو يا خراب قرار ڏجي. (۵) حقيقي تنقيد تخليقڪار بابت نہ پر تخليق بابت هوندي آهي. (٦) ڪنهن سني پڙهندڙ جو ڪنهن بہ تخليق جي حوالي سان ٻئي پڙهندڙ کان اَلڳہ تجربو هوندو آهي. (٧) عظيم تخليق رڳو اَحساسن جي آڌار تي بنا ڪنهن جذبي جي بہ ٿي سگهي ٿي. (٨) تخليق دؤران تخليقڪار کي سندس ذات جو اِظهار نہ ڪرڻ گهرجي. (٩) اَدب تخليق ڪرڻ شعوري ڪم آهي. (١٠) اهو ممڪن آهي تہ جيڪي تاثر ۽ تجربا ڪنهن انسان جي زندگيءَ ۾ اَهميت رکندا هجن اهي سندس تخليق جو حصو نہ بڻجندا هجن. ايلٽ جو هي مضمون تنقيد جي حوالي سان هڪ اهم مضمون سمجهيو وڃي ٿو ۽ ان کي بنياد بڻائي اَدبي تنقيد جي مختلف پهلن تي غور ويچار بہ ٿيندو رهيو آهي.

ЖЖ



Gul Hayat Institute

## نئون ساهتيه

✍ نند ڇڳاڻي

# ڪتابي سمالوچنا

(6) ”سُرهي سنڌيت“ (مضمون) - ليکڪ : ايم. وي. پيماڻي

ڊيمي سائيز، صفحا 120، قيمت 150 رُپيا، سال 2015ع، ڇپائيندڙ : ليڪ پاڻ، ايسٽ ڊيانند، گِر-گيڊڙا روڊ، اُونا - گجرات - 362560، موبائيل : 09998276200

ڪتاب سنڌي ساهتيه اَڪاڊيمي گجرات راڄيه وارن جي مالي سهڪار سان ڇپايل آهي.

ڪتاب 2015ع جو اَسان وٽ هاڻ پهتو آهي. ڪتاب ۾ عالماڻو مهاڳ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي - اَحمدآباد وارن جو لکيل آهي، جنهن ۾ هن صاحب لکيو آهي، ”پيماڻي ڪيترن سالن کان لکندو پيو اَچي ... ڪڏهن ڪڏهن ڪوتا به ڪري. سنگيت ڪلا جو ماهر آهي. سنگيت ۾ وشارد آهي ... سچائي، سادگيءَ ڪي مڃڻ وارو - محنت جو ڪوڙيو - فصيح زبان، پراوَن ڪي پنهنجو ڪرڻ وارو ... سندس ڪتاب ’سرهي سنڌيت‘ ۾ سرهاڻ به آهي ته سنڌيت به آهي.“ (پيج 6)

پيشي طور رٽائرڊ هيڊ ماسٽر آهي. ايترين خوبين وارا ساهتڪار ڳاڻ ڳڻيا وڃي بچيا آهن. اُنهن مان به گهڻا ئي گجرات ۾ رهي ٿا.

پيماڻي ڪتاب ۾ 15 مضمون ڏنا آهن. شاه - سچل ۽ ساميءَ تي جدا جدا مضمون آهن. ڪامياب قلم هلايو اَٿس. سامي واري ليک ۾ خاص خوبي، جيڪا ٻين کان اَلڳ ڪري ٻهاري ٿي - هي فقط اِئين ڪونه ٿو چوي ته سامي ويدن جي واڻي سنڌيءَ ۾ سُڻائي پر اَهڙا سلوڪ ڪڍي ٻڌايا اَٿس ته کهڙي ويد - پُراڻ - اُپنشد سان لاڳاپو رکي ٿو. پهريون پيرو هن صاحب اها مضمون معرفت ڪوشش ڪئي آهي. اُميد ته ان وشيه تي سڄو ڪتاب ضرور لکندو.

(ا) جڻن گهاگهر لوڻ جي پرڻ هلي پاڻي.

Gul Hayat Institute

(٢) پاري ۾ پاڻي، تئن وياپڪ وس ۾.
(٣) جئن کيلوڻو کنڊ جو ...
اهي روپ ڇاندوگيه اُپنشد مان آهن ... وغيره. ”شاھ جو رسالو ۽ اَڄ جو دؤر“ لاءِ لکي ٿو، ”رشي ديارام گدومل شاھ جي رچيل ڪلام کي شفاف ۽ نرمل جل جيان آکيو آهي. لطيف سُهڻين ڏيهي لوڪ ڪهاڻين کي اَهڙو تہ حسن، سوز بخشيو آهي جو اُن جو ڪوبہ ثاني نہ آهي. شاھ جي شعر مان وطني حب بہ ور ور ڪري پيئي ليئا پائي.“
پيماڻيءَ جي بولي سلوڻي ۽ سُلجهيل آهي.
سنڌي سنگيت ۾ راڳ ۽ راڳڻيون، پڳت ۽ پوائي ۾ هڪجهڙائي سنڌس سنگيت جي ڄاڻ جي شاهدي ڀرين ٿا.
ڪتاب ۾ بہ مضمون راجا ڏاهر سين ۽ هيمون ڪالاڻي، ليکڪ جي ديش ڀڳتيءَ ڏانهن اِشارو ڪن ٿا. سنڌس جدا جدا ليک سنڌي لوڪ گيت، سنڌي لوڪ ناچ، سنڌي رنگ منچ ڄاڻ ڏيندڙ مضمون آهن. اَڄ جي نندي ٿهي انهن کان اَڻواقف رهجندي ٿي وڃي. پنهنجي پڇاڙيءَ واري ليک ”نئين پيڙهي ۽ سنڌيت سان جُڙاءُ“ ۾ سنڌس اَندر جي پيڙا - دک درد آهي. نئين پيڙهي سنڌيت سان جُڙڻ گهرجي، ان جا ڪارگر اُپاءَ ڏسيا آهن تہ گڏجي ڏڻ وار ملهايون وغيره.
هوندراج بلواڻي، پيماڻيءَ جي ڪتاب لاءِ سچ لکيو آهي تہ ڪتاب ۾ سنڌيت بہ آهي تہ سرهاڻ بہ.
ڪتاب وس وارن کي ضرور وڻيو هوندو (2015-2019)، اعزاز کان محروم، ڪتاب ۽ ليکڪ جي مقبوليت تي اَثر ڪونہ ٿيندو.

(7) **”سنگيت سکيا“** (سنگيت سکڻ لاءِ عملي ڪتاب)

(سنڌي ۽ ديوناگري لپيءَ ۾ گڏوگڏ) - ليکڪ : **ايم. وِي. پيماڻي**
ديمي سائيز، صفحا (55+62) 117، قيمت 200 رُپيہ، سال 2017، ڇپائيندڙ ايم. وِي. پيماڻي، جيوتي موبائيل، ترڪان بڱو، شاپ 16، اُنا، ضلع گِر، سومنات - 362560، موبائيل: 9898815275 / 09998276200

سنگيت سکيا تي نہ جهڙا ڪتاب نڪتل آهن. ليکڪ پيماڻي سنگيت جو ڄاڻو آهي. سنگيت وشارد آهي. عام موسيقيءَ تي ڪيترا ليک بہ لکيل

Gul Hayat Institute

اَتس. جيڪي آڪاشواڻيءَ تان وقت به وقت نشر ٿيندا آهن. هيءُ ڪتاب سنگيت ۽ موسيقيءَ ۾ چاهه رکڻ وارن لاءِ ڪارائتو ٿيندو. سنگيت - شاگردن لاءِ جڻ هٿيڪو هٿيار آهي. هن ڪتاب ڪري سندن معلومات ۾ اِضافو ٿيندو. باقي سنگيت لاءِ اَڀياس ۽ اُن کان وڌيڪ رِياض اَهم آهي.

ڪتاب جي مهاڳ ۾ به واسديو موهي رياض تي زور ڏنو آهي. شاهه جو رسالو به ٽيهن سُرن ۾ پڙرو ٿيل آهي. ليکڪ موجب ۱۵ سُر پارتيه راڳ راڳڻين آڌارت آهن ته باقي ۱۵ سنڌي راڳ شاهه صاحب جي کوج آهي. هندستان ۾ سنگيت ۽ راڳ جي سگهه کان ڪيتر واقف ڪونه آهي؟ شاهه صاحب واري سُر سورٺ ۾ رساءِ ڏياچ پنهنجو سِرُ سُرَ تان گهوري ڏنو. ”تند، ڪتارو، ڪند ٽيئي پرچيا پاڻ ۾.“

ڪتاب ۾ سنگيت جو صحت تي اَثر - روڳن جو علاج وغيره جو بيان آهي. سنگيت جا سُر، اُنهن لاءِ اُپيوڳي ساز، راڳن جي ڄاڻ وغيره جو سوَلي ٻوليءَ ۾ بيان آهي.

جيون وهنوار ۾ اُپيوڳي سنگيت، روز مره جي زندگيءَ ۾ سنگيت جو لاڳاپو، سندس عاليشان ليک آهن. سڄو ڪتاب سنگيتميه ئي آهي. اُن لاءِ ليکڪ ڪيرون لهڻيون.

(8) **”رنگ ۽ نقش“** (مقالن جو مجموعو) - ليکڪ : **ڀڳوان اٺلاڻي**

ڊيمي سائيز، صفحه 124، قيمت 300 رُپيه، سال 2018، ڇپائيندڙ : ڪومل پرڪاش، ڊِي-183، مالوينگر، جئپور - 302017، ليکڪ جي اَئڊريس به ساڳي، موبائيل : 9828400325

ڪتاب راجستان سنڌي اَڪاديمي - جئپور جي مالي مدد سان ڇپايل آهي. سنڌي ساهتيه جي بزرگ ساهتڪار سلامتراءِ گرباڻيءَ کي اَرپڻ ڪيل آهي.

ڀڳوان اٺلاڻي جنم 10 مارچ 1945، لاڙڪاڻو - سنڌ. سنڌي ۽ هنديءَ جو مشهور مڃيل ساهتڪار آهي. سندس ڪيترا ڪتاب مرهٽيءَ ۾ به ترجمو ٿي چڪا آهن.

هن ڪتاب ۾ سندس 13 پيپر پيش ٿيل آهن. ڊاڪٽر جينو لالواڻي پيش لفظن ۾ لکيو آهي، ”ڀڳوان اٺلاڻي پنهنجي ذاتي تجربي، مشاهدن، گهري اَڀياس، آزمودن جي روشنيءَ ۾ زندگيءَ ۽ اَدب جي جدا جدا موضوعن کي ڪٽي مقالن ۾ چست اِظهار ڪيو آهي.



Gul Hayat Institute

هنن مقالن - مضمونن مان اٿلاٽي جي محنت، گهري اَڀياس جي ڄاڻ پوي ٿي. گهڻو ڪري ساهتيہ جي هر شاخ تي سندس قلم هليو آهي. ڪتاب ۾ ڪُل 13 مقالا شايع ٿيل آهن. اُنهن مان 12 سِڌو سنڌي ساهتيہ سان وابسطہ آهن. هڪ ”نئين روايت جو ڪهاڻيڪار گلزار“ بہ سنڌي اَدب ۾ اَنوکي رچنا رهندي.

”ناول تي تنقيد“ 2010 سندس لکيل مقالو (پيج 54-42) - ناول تي يا ناول جي تنقيد تي ورهاڱي کانپوءِ جيڪو بہ ڪتاب يا ڪنهن ڪتاب ۾ ليک لکيو آهي، اُهو هن جي اَڀياس جو حصو آهي. اُن وشيہ تي سڀ ڪتاب پاڻ وٽ هڪيا حاضر ڪري، نہ فقط پڙهي پر نور نچوئي سار-تت ڏيئي پنهنجو رايو بہ جوڙيو اَٿس. اها ڳالهہ جيئنو لالواڻي بہ پيش لفظ ۾ لکي آهي. سڄي ليک ۾ هن فقط بہ مخزنون اُٿلايون آهن. اَپريل-جون 2007 واري رچنا ۽ 2008 اَدبي چمن. هن ڪاميابيءَ سان مخزنس کان ڪنارو ڪيو آهي. شروعاتي دؤر ۾ ملاح، رابيل، پوءِ ڪونج، سُهڻي، لعل پشپ جي پره ڦٽي، هاڻ سنڌي اَڪاديمي دهلي ... اَهڙيون ڏاڪڻ ۾ مخزنس ملنديون جن جي مدد سان پڳوان اٿلاٽي ۽ سندس مقالو مهڪي-ٻهڪي پوي ها. ڪتاب پڙهڻ سان اها بہ خبر پوي ٿي تہ اٿلاٽيءَ کي مخزنس کان چِڙ آهي. ”اَنواد پرڪريا جو رنگ روپ“ (92-83) - 84 پيج تي سندس چار سٽون ... پر 2011 کان سنڌيءَ جي مشهور معروف مخزنن ۾ سندس لکيل ڪهاڻيون پڙهڻ لاءِ ملي رهيون هيون. هرهڪ ڪهاڻي اَٿردار، ڪنهن نہ ڪنهن نڪتہ سبب دل کي ڇهڻ واري ۽ يادن ۾ واسو ڪرڻ قابل هئي. آگسٽ 2012 جي ٽئين هفتي ۾ سنڌيءَ جي هڪ مخزن ۾ موهيءَ جي ڪهاڻي پڙهڻ کانپوءِ ويچار اُڀريو ... ”مخزنس جي نالي کان چِڙ صاف ظاهر آهي. علم ۽ فن کي اِظهار جي ضرورت ٿيندي.“

هن ليک ۾ ليک ننڍن کي هڪ سهڻي صلاح بہ ڏني آهي ... ”مول ليک لاءِ مشهور چوڻيءَ جي اَنوسار هڪ پيج لکندو آهيان تہ گهٽ ۾ گهٽ سؤ پيج پڙهندو آهيان ...“ اَڄڪلهہ جا گهڻا ليک شاعر پڙهڻ کان ونءُ ويندا آهن. اَنواد - ترجمي لاءِ سنيون سهڻيون صلاحون آهن. سستيون نہ چو جو ڪتاب جي قيمت 300 رُپيہ آهي. ”سنڌي ٻوليءَ جي گهٽجندڙ واهپي

Gul Hayat Institute

جا ڪارڻ“ ان ۾ اهو ڪارڻ بي خوف جوڙي سگهجي ٿو. ڪتابن جو وکرو گهٽ آهي - اهو سبب ڏال طور ڪم آندو ٿو وڃي. سرڪاري ادارن مان ڪتاب ڇپائڻ لاءِ مالي مدد ۽ اُن جون ڪجهه ڪاپيون NCPSL کي وکرو - اهي سهوليتون هونديون به اَڻ سهائيندڙ قيمت ڏنڏوڙي منورتيءَ کي ظاهر ٿي ڪري. چوٿيءَ جي ساهتڪارن جو اهو بي واجبي قدم، سنڌي اَدب جي ترقي واري رستي تي شاهي ڇپ آهي، جيڪا ضمير کي ڇهنڊڙي پائڻ به نه ڏيندي آهي.

اَنند کيماڻي جي ناول ’اَڻ لتاڙيل پيچرا ۾ پس جدت‘ ۽ ’پرم ابيچنداڻيءَ جو ساهتڪ نظريو ۽ هن سان وابسته وواد‘ اتلاڻيءَ جي up-to-date study ڏانهن سِڌو اِشارو ٿا ڪن. هن بيباڪيءَ سان جيڪي ڪجهه سمجهيو آهي، لکيو آهي.

ناٽڪ : سندس چار مقالا آهن. ان ۾ به ٻال ناٽڪ تي سندس اَيپاس وڌيڪ آهي. پاڻ راجستان ۾ رهي ٿو. راجستان سنڌي اَڪاڊميءَ جو سربراه ٿي رهيو آهي. ان تي ڪيس شايد ڇپيل مواد گهٽ هٿ لڳو هوندو. بنيادي مسئلا ڇيڙي اونهو ڪونه ويو آهي.

هڪ سني اَيپاسيءَ جا ’رنگ ۽ نقش‘ پڙهي خوشي ٿي. سندس ٻولي صاف سوَلي آهي پر هن اِئين وٽندڙ ڪونه لکيو آهي جو پڙهندي اَندر ۾ اوتجي وڃي.

(9) **”هستيءَ جو گُم ٿيل ٽڪرو“** (ڪهاڻيون) - ليکڪ : **مشتاق شورو**

**سمپادڪ : ديوي ناگراڻي**

ديمي سائيز، صفحا 270، قيمت 450 رُپيه، سال 2018، پڪو ٻهورنگي جلد، ڇپائيندڙ : ڪرتي پرڪاشن، 4/32، فرسٽ فلور، سپاش گلي، وشواس نگر، شهادرا، دهلي-110032.

اِي-ميل: shilalekhbook @ rediffmail.com

ڪتاب جو عالمي نمبر : ISBN 978-81-8060-089-3

پڪو ٻهورنگي جلد.

ڪتاب ۾ 26 ڪهاڻيون آهن. سنڌ ۾ جديد اَدب لکڻ وارن جي پهرين صف ۾ آهي. شروعات ۾ جڏهن هنن لکڻ شروع ڪيو ته اُن وقت جي مڃيل عالم اَديب - مرحوم محمد ابراهيم جويو صاحب به هنن جي لکڻين کي

Gul Hayat Institute

# ننڊ

✍ نند ڪُمار سَنمُکاڻِي (ڀوپال)

اِنساني زندگيءَ جو ڪيترو حصو ننڊ جي ڀاڱي ۾ ٿو وڃي، اِهو ويچارڻ سان ڏنڊين آڱريون اَچيو وَڃن. هِڪُ، اَڄڪلهه جي زماني ۾ عمر وڃي رهي آهي ٿوري، مَس پنجاهه يا سَٺ ورهيه، اُن مان به جي اَڌ عمر ننڊ جي ڀِلي وڃي ته باقي بچيو ڇا؟ اِئين به ناهي ته ننڊ ڪا نهايت ناڪارا شيءِ آهي. ڇوڻ ۾ اَچي ٿو ته گَهري ۽ سُٺي ننڊ اِنسان جي وڏي ۾ وڏي دؤلت آهي. اَهڙي ننڊ اِنسان کي جيئڻ واسطي نِت نئين طاقت بخشي ٿي ۽ روزمره جو ڪم ڪار ڪندي جا ٿڪاوت من جو اُتساهه کسي، طاقت نپوڙي ٿي ڇڏي، اُها طاقت ۽ اُهو اُتساهه اِها ننڊ واپس وَرائي ٿي ڏئي ۽ اِنسان نئين سِر ڪم ڪار ۾ جُنبي وڃي ٿو. پر، اها ننڊ فقط تيستائين نعمت يا وردان ثابت ٿئي ٿي، جيستائين هڪ حد ۾ آهي. جي اِن حد کان گهٽ ننڊ اَچي ته ويچارو اِنسان حيران ۽ پريشان ٿيو پوي؛ ۽ وري جي حد کان وڌ ننڊ ڪجي يا اَچي ته اَهڙي اِنسان جا ته ڄڻ ٻئي جهان ڇُٽ. ڪيترن روحاني رهبرن اِنسان کي اِن ننڊ مان ٿيندڙ نقصانن ڏانهن اِشارو ڪندي خبردار ڪرڻ جي وقت به وقت تي ڪوشش ڀي ڪئي آهي ته، ''اَڙي اِنسان! اُٿ، جاڳ، ايتري ننڊ ڪرڻ تنهنجي لاءِ ٺيڪ نه آهي. ڪي سُمهه، ڪي جاڳ. هِتي ڪو توکي هميشه لاءِ رهڻو ناهي. اِن ننڊ ندوريءَ جي نَشي مان سُجاڳ ٿي پنهنجي اصلوڪو وطن ورڻ جون تياريون ڪر ۽ پنهنجي منزل - مقصوُد ڏانهن وِک وڌائڻ جو هردم اونو ڪندو رهه، جيئن اُن مالڪ مهربان جي حُضوُر ۾، اُن ڏٿيءَ جي دربار ۾ شرمندو نه ٿيڻو پوئي.'' شاهه ڀٽائيءَ ته اِها ڳالهه عام اِنسانن کي آڪاڻين رستي سمجهائڻ جي به ڪوشش ڪئي آهي. هُن صاحب پنهنجن بيتن ۾ ٻٽي (هِڪ لفظي يا ٻاهري ۽ ٻي اَندروني) معنيٰ واريون ڳالهيون اَهڙي ته دلچسپ نوع ۾ ٻُڌايون ۽

سمجهايون آهن جو هڪ معمولي سمجهه ڌارڻ واري اِنسان کان وٽي وڏي ۾ وڏو ودوان بہ مَنجهن ساڳي ڪَشِش محسوُس ڪري ٿو. ۽ هرڪو پنهنجي سمجهہ مطابق اِنهن بيتن جو مطلب ڪڍي منجهائن فيض حاصل ڪري ٿو ۽ خوشي ماڻي ٿو. جتي ساڌارڻ اِنسان اِنهن بيتن ۾ موُمل - راڻو، سَسُئي - پُنهوءَ ۽ سُهڻي -ميهار جي آکاڻين کي مجازي عشق جا داستان سمجهي اُنهن کي اَهڙي نظر سان ڏسي ٿو، اُتي ئي عقل وارا اِنسان اِنهن آکاڻين ۾ ايشور سان اِنساني ميلاپ جي وات پَسن ٿا. سيني صوُفي شاعرن جو اِهو ئي سنديش آهي تہ اِها ننڊ نياڳِي اِنسان کي ايشور کان اَلڳ ڪري ٿي.

سَسُئي ننڊ ۾ غلطان هئي جڏهن پُنهو هُن کان پري ٿيو. پوءِ جاڳي هٽ هٺ مان ڪي بہ هَڙَ حاصل نہ ٿِيُس. ننڊ ندوريءَ جي نشي ڪانئس سندس خاوند کسي ورتو، جو مرندي دم تائين ڪيس واپس ملي نہ سگهيو. اُن جي ڳولها ۾ ويلَ وَڃڻ ڪانپوءِ دَر دَر پٽڪڻ بہ ڪنهن ڪم نہ آيس ... موُمل جو بُرو حال پڻ نِنڊ جي ڪري ئي ٿيو. حقيقت کان پري، ٻِئي جهان ۾، هوءَ سُمهندي رهي ۽ راڻو غلط فهميءَ جو شڪار ٿي ڪانئس دوُر هليو ويو. جاڳندي هجي هان تہ سندن وچ ۾ نہ غلط فهمي پيدا ٿئي هان ۽ نہ وري عمر ڀر جو وِڇوڙو کين سَهڻو پوي هان.

هوڏانهن اُن اِنسان جي حالت جو ورڻن بہ شاه صاحب پنهنجن بيتن ۾ ڪيو آهي، جو ننڊون ڦِٽائي بہ پنهنجي پرينءَ کي پائڻ واسطي ڪوشش ڪندو رهي ٿو. اَهڙي اِنسان کي دُنيوي رُڪاوٽون پِرينءَ سان ملڻ کان روڪي نٿيون سگهن ۽ آخر ۾ اَهڙو اِنسان پنهنجي مالڪ مهربان، پنهنجي پرماتما سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿو.

سُهڻيءَ جو آڌيءَ رات ننڊ ڦٽائي ميهار سان ملڻ وڃڻ جو جتن آخر سڦلو ٿيو ۽ ٻيئي درياه جي سيرَ ۾ سَمائجي هِڪ ٿي ويا.

اِنسان جي هٿن ۾ جو ٿورو وقت پنهنجو آئينده سينگارڻ لاءِ ميسر آهي، تنهن جو جيڪڏهن سياڻپ سان اِستعمال نہ ڪري ننڊ ۾ غلطان رهبو تہ پوءِ ڪيس پڇتاءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ حاصل ٿيڻو نہ آهي.

Gul Hayat Institute

# نرس

✍ واڻس ايپ تان کنيل

لنڊن جي هڪ اسپتال ۾ مريض جي آپريشن کان 2 ڪلاڪ پهريان هڪ نرس ڪمري ۾ داخل ٿي، ڪمري ۾ رکيل گلدستي کي سنوارڻ ۽ بهتر ڪرڻ لڳي!

صفائيءَ ۾ مصروف هوندي مريض کان سوال ڪيائين ته سر توهان جو آپريشن ڪهڙو ڊاڪٽر ڪري رهيو آهي؟

مريض نرس کي ڏسڻ بنا گهٻرائيندي چيو ته ڊاڪٽر جبسن.

نرس حيرت سان مريض کي ڏسي چيو ته سر واقعي توهان جو آپريشن ڊاڪٽر جبسن ڪري رهيو آهي!

مريض چيو ته ها ڊاڪٽر جبسن ڪري رهيو آهي.

نرس پنهنجو ڪم ڇڏي مريض جي ويجهو اچي مريض کان پڇيو ته سر واقعي ئي ڊاڪٽر جبسن توهان جو آپريشن ڪرڻ قبول ڪيو ؟

مريض چيو: ها منهنجو آپريشن ڊاڪٽر جبسن ڪري رهيو آهي.

نرس چيو ته عجيب ڳالهه آ.

مريض پڇيو ته ان ۾ عجيب ڳالهه ڪهڙي آ ؟

نرس جواب ڏنو ته : ڊاڪٽر جبسن هن وقت تائين هزارين آپريشن ڪيا آهن ۽ سئو سيڪڙو ڪامياب ويا آهن، انڪري هو شديد مصروف هوندو آهي، مان انڪري حيران آهيان ته ڊاڪٽر جبسن اوهان کي ڪيئن ٽائيم ڏنو!

Gul Hayat Institute

مريض خوش ٿيندي چيو تہ ها منهنجي خوشقسمتي آ جو ڊاڪٽر جبسن منهنجو آپريشن ڪري رهيو آهي!

ان گفتگو ڪان پوءِ مريض کي آپريشن ٿيٽر پهچايو ويو . مريض جو ڪامياب آپريشن ٿي ويو، مريض جلد ۾ صحتياب ٿي گهر ويو.

اصلي ڳالهہ جو مان اوهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ:

مريض جي ڪمري ۾ اڇڻ واري عورت ڪا عام نرس نہ هئي پر ان اسپتال جي ماهر نفسيات ڊاڪٽر هئي جيڪا نرس جو ويس پائي مريض کي آپريشن جي لاءِ نفسياتي ۽ ذهني طور تيار ڪري رهي هئي!

مريض آپريشن ٿيٽر ۾ وڃڻ ڪان اڳ ڊپريس ٿي ويندا آهن، جنهنجي ڪري انهن جو بلڊ پريشر نارمل حالت ۾ ناهي رهندو. ماهر نفسيات جو وڏي ۾ وڏو فن اهو آهي تہ هو مختلف طريقن سان ماڻهوءَ کي ذهني طور تيار ڪندا آهن. نفسيات جو علم دنيا جو بهترين علم آهي، جنهن سان ماڻهوءَ جي قوت مدافعت جي سگهہ ۾ واڌ اچي ٿي! ماڻهوءَ جو ول پاور وڌي ٿو، مريض جلد ۾ صحتياب ٿئي ٿو.

اوهان پنهنجي گهرن ۾ مريضن کي ڏيڇارڻ، ان جي سامهون مايوسيءَ واريون ڳالهيون ڪرڻ جي بدران انهن کي پيار، محبت ۽ بهادريءَ جون ڳالهيون ٻڌايو.

دنيا ۾ نفسياتي طور علاج کي تمام وڏي اهميت حاصل آهي. اسان وٽ ان جي ابتڙ آهي! نفسياتي ڊاڪٽرن کي ڏسڻ عيب سمجهيو ويندو آهي، ان کي چريي جو لقب ڏنو ويندو آهي! ياد رهي تہ نفسياتي بيماريون بہ اوهڙيون ئي بيماريون آهن جيئن: بخار، ٽي بي، ڪينسر، هيپاٽائيٽس وغيره وغيره.


Gul Hayat Institute

# پر ’سنڌي‘ اَڪيلو ئي ڪافي آ

✍ **جئرام روپاڻي**

اهُي عهدا ۽ اِنعام سڪيارٿا
جيڪي مِلن مانَ شانَ سان ۽
اهُي عهدا ۽ اِنعام اَڪيارٿا
جيڪي ملن چئه چاءُ سان

ڪنهن بہ ڪڏهن پنهنجي پُٺ ورائي نہ ڏٺي آهي، شايد ڏُکي آهي يا ڏسڻ جي ضرورت ئي نہ محسوس ڪئي ويئي آهي پر پنهنجي اَدب، علم، فن ۽ فنڪاريءَ مان پريرڻا پائڻ لاءِ اَسانکي اَڪثر پنهنجي پُٺ ورائي ڏسڻي ئي ٿي پوي. اَچرج، عجوبا، ايجادون، اَيامڪاريون، اوراڻيون، عادتون، اُستاديون آد جڳاد ڪان جيڪي ٿينديون رهيون، ڪنهن شروع ڪيون، ڪنهن جي دماغ جو فطور يا فن هيون ۽ جن بہ ڪيون، اُنهن کي ڪنهن سيکاريون؟ ڇا اُن زماني ۾ اِسڪول ڪاليج، موبائيل، اي-ميل، ڪامپيوٽر هئا جن جي آڌار تي اُهو سڀ ڪجھ رچيو ويو، جن جي ٻَل تي اُهو سڀ ڪجھ حاصل پئي ٿيو جيڪو اَڄ باوجود هر حاصلات جي بہ ممڪن ٿي نہ سگهيو آهي.

اَڄ هر ڳالھ، هر وشيہ، هر ضرورت، هر ڪرشمي ڪرامت لاءِ ساڌن آهن، سهوليتون آهن، سِکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ هڪيا تڪيا حيلا وسيلا آهن، لئبرريون ۽ لئباريٽريون آهن، سوالن جا تہ پہ جواب آهن. ’ناممڪن‘ لفظ جي معنيٰ ڪمزور ٿي ويئي آهي، ’مُمڪن‘ لفظ شهباز ٿي پيو آهي. پر ڪِن ير لاءِ جي اَسين سوچيون تہ پراڻي زماني ۾ اُهو سڀ ڪجھ ڪئن ۽ ڪنهن، ڪَهڙِي اَهڙِي جادوئي لڪڙي هئي، جنهن جي زور تي سڀ ڪجھ ممڪن ٿيندو ويو. بنا

Gul Hayat Institute

پڙهائي لکائي، سياڻپ ۽ سوجهه ٻوجهه، بنا ڏسڻ ٻُڌڻ ۽ ٻُڌائڻ جي سڀ ڪجهه رَچڻ، سوچڻ، ضرورت جي هر شيءِ جو نرماڻ ڪئن پئي ٿيو، اُها ذات، ڏاهپ ۽ ڏانءُ ڪٿان پئي آيو. ڪِن پر لاءِ سوچيو باوجود اَڄ جي ڊگرين، اُپاڌين، اُپلبڌين (حاصلاتن) نه هوندي به اُهو سڀ ڪجهه اَسانجي وڏڙن وٽ ڪيئن ۽ ڪٿان پئي آيو، اوڪ ڊوڪ ڪرڻ وِهنداسين ته ورهيه گذري ويندا پر چوڪو، تُز، دل کي تسلي جهڙو جواب شايد نه ملي.

بنا مڪتب مدرسي جي، بنا پوٿين پستڪن جي، ڪن حالتن ۾ بنا گرو يا گيان جي، صرف تجربن، تجويزن، جذباتن، جذبن، جوشن ۽ جُنوُنن جي زور تي هر قسم جي وشيه ۾ اُن جو علم پائڻ ۽ اُن جو عمل ڪري حل ڪڍڻ ۽ موت ۾ ڪنهن به قسم جي قدرشناسي، ميڊل يا ٻلي جي لالسا نه رکڻ، عهدي ۽ اِنعام جي شايد ايجاد به نه ٿي هوندي. ماڻهپو، مانُ، مرتبو گُهرڻ جو ته شايد اُن وقت راوج شروع ئي ڪونه ٿيو هوندو.

هرڪنهن لاءِ اَمان اَبو ئي ايشور، گرو، گيان ۽ مهان هئو، ضرورت ۽ صداقت ئي سيني جو گُرو هئي، تو ڪيو، هُن ڪيو، ڪنهن به ڪيو پر ڪيو، اهو اَهم هئو، ’اُجورو‘ لفظ شايد اُن وقت ايترو نه واپرجندو هئو جيترو اَڄڪلهه هلي وڃندو رهيو. اَسين اَديب جيڪي ڪُجهه به اَڄ لکون ۽ پڙهون ٿا ۽ پاڻ جيڪي ڪجهه به اَڄ پڙهن ٿا، انهن وٽ مالڪ جي مهر سان سڀ ساڌن آهن، ڄاڻون آهن، سَمجهوُن آهن ۽ گڏوگڏ ڪُجهه پائڻ، ڪُجهه موکڻ، ڪُجهه مانُ مرتبو پائڻ جون اَڻکلون آهن، علم، عقل ۽ نقل جون وصفون آهن ۽ لاشڪ اَسين اُن ڏس ۾ سؤ ٽڪا سڄاڳ آهيون. پر اَڄ به عاقل، اَڪابر ۽ اول هوندي به اهو سمجهڻ ۾ شايد ڪاهل

ڪِئن ڀُلان مان اُهي

اُهي فن ۽ فنڪاريون، اُهي چتر ۽ چترڪاريون
اُهي تراشون ۽ اُٽتون، اُهي سونارا ۽ ميناڪاريون
اُهي هندورا ۽ چٽساليون، اُهي موڙا ۽ منجيون
اُهي رازا ۽ اوساريون، اُهي ڪوه نار ۽ ڪنگريون
اُهي منارا ۽ سنگتراشون، اُهي پيچڙا ۽ پڙليون
اُهي براچون ۽ سنهيون، اُهي محل ۽ ماڙيون
اُهي جهروڪا ۽ جهليون، اُهي وِچٽا ۽ وچٽيون
اُهي برتڻ ۽ ديگيون، اُهي ڪَنگڻ ۽ چوڙيون
اُهي چرخا ۽ چرخيون، اُهي سپاٽا ۽ جُتيون
اُهي دِلا ۽ دليون، اُهي درزي ۽ سلايون
اُهي ڪات ۽ کُهاڙيون، اُهي لٺيون ۽ لوڙهيون
اُهي تير ۽ تلوارون، اُهي تڏا ۽ توئنريون
اُهي ڪٽولا ۽ فراسيون، اُهي اَنگوچا ۽ ڏوتيون.

ڪِئن ڀُلان مان اُهي

اُهي سُتيون ۽ ڦَڪيون، اُهي گوها ۽ ناسون
اُهي تعويز ۽ رڪيائون، اُهي اوراٽا ۽ آستائون
اُهي نسخا ۽ پڙيون، اُهي ڪاڙها ۽ پيچيون
اُهي معجون ۽ خوراڪون، اُهي ورق ۽ چوعرفيون
اُهي چاٽا ۽ چلمون، اُهي مربا ۽ ماڪيون
اُهي نِم ۽ تلسيءَ پنڪڙيون، اُهي شربت ۽ ٿاڌلون
اُهي گنگا جل ۽ سرمي داڻيون، اُهي پها ۽ ملم پٽيون
اُهي رڪون ۽ خاڪون، اُهي جهاڙون ۽ ڦوڪون
اُهي ڦلناما ۽ اڳڪٿيون، اُهي آسيسون ۽ آٽتون
اُهي حڪمتون ۽ طبابتون، ايهي ڏنڀ ۽ ڇورون
اُهي دارون ۽ دوائون.

ڪئن ڀُلان مان اُهي

ڏيندي پئي وڃي؟ ڇو جِت ڪِٿ، هند-سنڌ ۾ پرڏيھ ۾ ميلا ملاکڙا، سيمينار سميلن ۽ وندر ورونهن جا اُتسوَ ۽ ڪيل تماشا اَڳي کان وڌيڪ جبرا ڏيندا پيا وڃن؟ ڇو ڪتاب، رسالا، مخزنون وڌيڪ ۽ وڌيڪ وسيع ڏيندا پيا وڃن؟ اؤکايون، اوڻايون، اَڙچنون ۽ اُماسون تہ ايندبون ۽ ويندبون رهنديون پر هڪ نہ هڪ ڏينهن منزل تہ ملڻي ئي آهي، ٺوڪرون يا رُڪاوٽون زهر تہ ڪونهن جو ڪائي مري ويندا سين.

هزارين گل کپن هڪ مالها ٺاهڻ لاءِ

هزارين ڏيئا کپن هڪ آرتي سجائڻ لاءِ

هزارين بوندون کپن هڪ سمنڊ ٺاهڻ لاءِ

پر ''سنڌي'' ... اَڪيلو ئي ڪافي آ

سنڌي تهذيب ڪي ٻيهر سنڌيت جو روشن منار بڻائڻ لاءِ.

قلم تازو:

## هريءَ ڦِٽائي ننڊ ... ننڊ مان جاڳايو نند!

مٿئين ليک جي آخرين سٽ ۾ مون سنڌي لفظ کي ٻِن ڪامائن وچ ۾ رکي خاص بڻايو آهي ڇو تہ اهو لفظ صرف سنڌي ڪونهي پر پنهنجو پاڻ ۾ هڪ اَنوکي ۽ اَنمول شخصيت ۽ سنڌيت جو سمانتر شبد آهي. هي 'سنڌي' تخلص جو ڌات ڌڻي، گهڻ گهرو، سادو سودو، حليم، نماڻو ۽ 'جوئي آهيان سوئي آهيان'، اَديب آهي - سدا حيات ياءُ **هري موٽواڻي**. هن مڪڻ ملوڪ سان گڏجڻ جو موقعو مونکي لڳ ڀڳ ١٩٦٣ يا ١٩٦٤ جي آس پاس مليو؛ روچڪ سنجوڳ هئو. مان اُن وقت 'ٽائيمس آف اِنڊيا' جي ريفرنس سيڪشن ۾ سينئر آفيسر طور ڪم ڪندو هوس. ٿيو اِئين جو منهنجي هڪ دوست چيو تہ 'جئرام هل تہ نچ

Gul Hayat Institute

سنڌي پڪوڙا ڪارايانءِ.‘ نيڪي اؤر پوُڇ پوُڇ، بس نڪري پياسين پرسان ٽي بورا بازار، وي.ٽي. اِسٽيشن جي پرسان. اَچي پهتاسين پڪوڙن جي دڪان تي. هڪ سنڌي ڪاڪي جهڙي سان آمهون سامهون ٿياسين. چيائين، ’’ڀائو، ڇا کائيندا؟‘‘ نه په وراڻيوسين، ’’سائين سنڌي سنها پٽاٽي وارا ۽ مرچائي پڪوڙا.‘‘ ٻه پڙيون ٻڌائين پر نظر مون ۾ هئس. شايد ڪجهه پڇڻ پئي چاهيائين. پڙيون کولي، اُتي ئي بيني بيني پئي پڪوڙن کي حلال ڪيوسين. پڇيومانس، ’’ڀائو، هيءُ توهان وچ وچ ۾ ڪتاب پيا ٿا پڙهو ۽ سي به سنڌي ڪتاب، ڪُجهه خاص شوئق. اَلبت ايترو ٻڌايانوَ ته مونکي به ڪافي سنڌي ڪتابن ۽ سرگرمين ۾ دلچسپي آهي، پر توهانجي هيءَ لگن، ڪجهه سمجهه ۾ نه آئي.‘‘ ڪُجا پڪوڙن جو ڌنڌو ۽ ڪُجا ساهتيه ۾ توهانجو جُنون.‘‘ خئر، اَچڻ وڃڻ ٿيندو رهيو ۽ شايد هريءَ جي سادگي ۽ لگن مونکي سندس ڏانهن ڇڪيندي رهي. خبر پيم ڪا نندي وڏي مخزن ڪڍندو آهي. سچ چوان ته مون کو خاص ڌيان نه ڏنو. اِن ڳالهه کي شايد ٢٥-٣٠ سال ٿي ويا، ڪڏهن ڪڏهن هن جا ڪُجهه ليک به پڙهيم. وچ وچ ۾ ڪُجهه سيمينارن ۽ سميلن ۾ به ملڻ جُلڻ ٿيندو رهيو. ’اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا‘ جي وڏي پئماني تي ٿيل ٻڙودا، ناگپور ۽ اِنڌور جي پروگرامن ۾ هڪ ٻئي جي سهواس ۾ گڏجاڻيون ٿينديون رهنديون هيون. هن جا ڪجهه ڪتاب ۽ هندواسيءَ ۾ ڪهاڻيون به پڙهندو رهيس ۽ ان سلسلي هلندي هلندي اهو به ٻڌڻ ۾ آيو ته هو سنڌ مان به ٿي آيو هو ۽ شايد ايترو ته پيار ۽ آدر ڀاءُ مليس جو هيءُ سڄڻ بلڪل بدلجي ويو، نج سنڌي ٿي ويو. جئن ڪو حج تان ٿي اچڻ ڪانپوءِ ’حاجي‘ بڻجي ويندو آهي تئن اَسانجو هيءُ ڀاءُ هري موٽواڻيءَ مان هري موٽواڻي ’سنڌي‘ ٿي پيو، اُها ئي

Gul Hayat Institute

سنڌ جي پناڻي پوشاڪ، اَڇو رومال، اَڇا وار، اَڇي ڏاڙهي ۽ رڳ رڳ ۾ سنڌيپڻي جي رواني. ڏُڪان مان بہ موھ ڪڍي چڏيائين ۽ ڏينهن رات رمجي ويو سنڌيت جي رنگ ۾. ان وچ۾ ’اَبو‘ نالي سان ناول ڪڍيائين. ڪافي جس ۽ قرب مليس. ناول جي سپڪ، سليس ۽ تُز سنڌي لهجي هند-سنڌ جي ڪافي نامور اَديبن کي موهيو. واھ واھ ٿي، اُتساھ وڌندو ويو ۽ اِجهو اِئين هڪ ٻيو ناول ’اَجهو‘ عنوان سان شايع ڪيائين. ساهتيہ اَڪيڊمي اِنعام سان بہ نوازيو ويو ۽ ڏسندي ڏسندي هري هڪ مقبول ۽ معياري ليکڪن جي فهرست ۾ پنهنجي جوڳي جاءِ جوڙيندو ويو. سنڌ ۾ اَڪثر گُهرايو ويندو هو ۽ کيس نج سنڌي اَبي اَمان جو قرب ۽ سڪ ملندي رهي. هند ۾ خاص طور سيمينارن ۽ سميلن محفلن ۾ نيند ڏيئي گُهرايل سنڌي مسلمان اَديبن ۽ اَديبائن جي استقبال ڪرڻ ۽ کين پنهنجائپ جو اَحساس ڪرائڻ ۾ ڪا ڪثر نہ ڇڏيندو ۽ لاشڪ هري موٽواڻي سنڌ ۽ هند جي اَدبي ڪلچر جي ميل ميلاپ جي هڪ لاڪيڙي پُل بڻجي ويو هو. ’ڪونج‘ مخزن جيڪا اُن عرصي ۾ عرش تي هئي، اُن لاءِ بہ هي پاڻُ جيءَ جان سان جفاڪشي ڪندو رهيو. مالي خيال کان مخزن لاءِ اِشتهار ڪٺا ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. آخري ڏينهن ۾ عليل صحت ڪري ڪُجهہ جسماني طور زربيل هوندي بہ لٺ جو سهارو وٺي جنگ جوٽيندو رهيو. اَمير ڏاتارن جي بي رُخيءَ تي ڪنهن ڪنهن مهل ڏمرجي اَفسوس ظاهر ڪندو هو پر هار مڃڻ هن جي فطرت ۾ اَڻ لپ هئي. ڪونج جي آئينده جي جهوري لڳل هئس پر مَٽيون مهربان هوس ۽ سندس جهول ۾ سهڻا سهيوڳي ساٿي موڪليندو رهيس. جيئري ئي نامور ۽ معياري هڏ ڏوکي نند ڇٻاڻيءَ جو سڀو ۽ سچو نسوارت ۽ نشڪام پورڻ سهيوگ مليس، ملندو رهيس ۽ مليس پيو ٿو. هري هوندي شايد

# توهان جا خط ...

گوري گانۀ (اولهہ)،
ممبئي.
٢٣ فيبروري ٢٠١٩

پريہ سڄڻ. ”ڪونج“ جو جنوري-اَپريل ٢٠١٩ وارو سنڌي اَئسوسئيشن آف هانگ ڪانگ ۽ چائنا وارو خاص اَنڪ پڙهڻ جو شرف عطا ٿيو. هن پرچي ۾ گوناگون پهلن تي ليک شايع ڪيا ويا آهن، جنهن لاءِ اَوهان داد جي مستحق آهيو. سڀِن آهوجا جون چونڊ رچنائون، جنهن جي چونڊ ۽ ترتيب، اَدي صاحب ٻجاڻيءَ ڪئي آهي، تمام سٺي لڳي. سڀِن آهوجا منهنجو هم-ڪلاسي هئو، ڪراچيءَ جي ديارام ڄيٺمل ڪاليج ۾، ايڪيتاليهن کان وٺي پنجيتاليهن (١٩٤١ع - ١٩٤٥ع) تائين. اُن وقت پڻ هو شاعري ڪندو هئو ۽ مونکي هڪ پيري پاڻ سان وٺي ويو، مينارام هاسٽل ۾، جتي هوُ رهندو هئو. سندس لڳولڳہ ڪمري ۾ نارائڻ شيام رهندو هئو. اُن سان منهنجي سُڃاڻپ ڪرايائين. هوُ اَسان کان سينئر هئو ۽ شاعريءَ ۾ بہ نالو هوس. هن اَسانکي پنهنجو هڪ شعر پڙهي ٻڌايو. هن پرچي ۾ خط بہ ڪافي آهن، جن جو اَنداز نوَ (٩) آهي، جا پڻ تمام سٺي ڳالهہ ليکي ويندي. هيءُ اَنڪ سانڍي رکڻ جهڙو آهي ۽ ور ور ڪري پڙهڻ گهرجي.

**✍ ڪرشڻ ڄيٺانند هيمراجاڻي.**

*****

پُٽي.

پيارا ڀاءُ نند، شال خوش هجين، آباد هجين!

ڪونج جو جنوري-اَپريل ٢٠١٩ جو پرچو، جيڪو سنڌي اَئسوسئيشن آف هانگ ڪانگ اَئنڊ چائنا جو خاص اَنڪ ڪري ظاهر ڪيل آهي، دستياب ٿيو. مهربانيون.

توهانجي ڀڄڳٽي ۽ سٻل ٻوليءَ ۾ قلمبند ڪيل سمپادڪيه ۾ مذڪور اَئسوسئيشن جي سرگرمين جا تفصيل، من مٺاڻ سونهري ڇاپ ٿا ڇڏين. ڪونج جي سرورق تي اَئسوسئيشن جي ٻنهي روح روانن : لعل هرداساڻي ۽ نوتن تولاڻيءَ جون گهر وارين سميت تصويرون پرچي جي مضبوط مقصد ۽ خوبصورتيءَ ۾ اِضافو آندو آهي. ساڳيءَ طرح ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي مهارتين جون تصويرون ٻئي جلد تي ڏيئي ظاهر ڪيو اَٿوَ ته ڪهڙيون شخصيتون سنڌين جي اَڳتي قدم لاءِ پرڏيه ۾ پاڻ پتوڙي رهيون آهن.

اَنگريزيءَ ۾ فرمودو آهي ته مهان اهي آهن جن کي پنهنجي مهانتا جي ڄاڻ ڪونهي. لعل هرداساڻي ۽ نوتن تولاڻي ٻنهي سان مذڪور فرمودو بلڪل ٺهڪي ٿو اَچي. نسوارٿ، حليمائي، قول ماڻهائن ۽ قول ٻندين کان دور، سرخرو ٿيڻ کان باز ۽ دلبرانه وهنوار، ڪي چند ذڪر آڏو خصلتون آهن جن جا هو مالڪ آهن. هنن پنهنجي اونهي درشٽي سان ناهوڪي ۽ بردبار انتظام جا اَهڙا مثال قائم ڪيا آهن، جي بي-مثال آهن ۽ هند جي سنڌي سنسٿائن لاءِ عمل ۾ آڻڻ لاءِ سبق آهن.

لعل هرداساڻي ۽ نوتن تولاڻيءَ لاءِ، اِئين چوڻ ته ٻئِي سنڌيت جا مدبر آهن ته ڪو وڌاءُ ڪونه ٿيندو. هر فنڪشن تي باقاعدگيءَ سان سنڌي وڳي جو پهراءُ، هر فنڪشن تي سنڌي سَرائن جي سرهاڻ سان نوازش، نامور سنڌي اَديبن ۽ شخصيتن جي پليڪار، سنڌي ڪلاڪارن جي قدرشناسي، اُڀرندڙ ڪلاڪارن جي همت افزائي، سنڌي ڪاڏي ۽

Gul Hayat Institute

اَجمير،
١٢ مئي ٢٠١٩

مانوارا ڀاءُ شري نند ڇڳاڻي، نمستي!

شال هميشه تازا توانا، چست ڦڙت رهندا اَچو.

ڀاءُ! سنڌو يوٿ سرڪل سنڌونگر طرفان ١٩٨٣ کان لڳاتار شايع ٿيندڙ شاندار ساليانو اَدبي رسالو ’سنڌو ٢٠١٩‘ پهتو. ڌنيواد.

پرچو هڪ گلدستي مثل محسوس ٿيو، جنهن جو هرهڪ ليک مٺڙو ٽِڙيل گل جيان محسوس ٿيو. هرهڪ جي اَلڳ سُڳند - خوشبوءِ ملڻ لڳي. رسالي ۾ ڪهاڻين، ليکن، ڪويتائن سان گڏ سنڌي اَڳوانن، مهاپرشن، تعليمدانن، اعليٰ شخصن - ساهتڪارن جي جيون ڪاريه جي بخوبي ڄاڻ حاصل ٿي. اَڄ جي نوجوان پيڙهيءَ کي واقف ڪيو ويو آهي جا سني ڪارگر رٿا محسوس ٿي. سنڌي ڀاشا وڪاس بابت سمجهاڻيون - سنڌي پهاڪا، ڪهاوتون، چوڻيون، مُهاوَرا هڪ نئون چئپٽر ’ٻوڏ ڪٿائون‘ جو ٻه بهترين آئٽم هو. وچ وچ ۾ يوجراج ڪيماڻيءَ جا سنڌي ٻوليءَ بابت ڪارائتا ويچار ٻه اَهميت وارا هئا. گوپ گولاڻيءَ جو ’ورهاڱي جو درد‘ ڇهندڙ ڪهاڻي محسوس ٿي. ان وقت جي حالتن جو ورڻن - ماحول - حقيقت - ڪهاڻيءَ جو اَنت سني لڳي. ’فرض اَدائي‘ ٻه سني سکياداڪ دل ڇُهندڙ ڪهاڻي لڳي. سنڌي ڪامريڊ حشو ڪيولراماڻي، صوبو گيانچنداڻي بابت باريڪ ڄاڻ کان واقف ڪيو ويو آهي. تعليمدان سترامداس سنڌونگر جي ڪاريه شيل دادا سيتلداس هرچنداڻيءَ جو سماج لاءِ يوگدان ۽ عملي ڪاريه جي بخوبي ڄاڻ ملي. موجوده ماحول انوسار توهان مهلائن جو ٻه سنو لاجواب سنگهٽن ٿاهي، وقت ٻه وقت انهن جي مشغولين جي حقيقي ڄاڻ فوٽن ذريعي ڏني آهي. ان ڪانسواءِ اواعلي دؤر جي سنڌي

Gul Hayat Institute

فلمن بابت باريڪ روشني وڌي آهي. توهان جي عملي ڪاريه بابت شايع تصويرون حقيقي مثال آهن. واقعي سنڌونگر ۾ توهان سنڌيت جي جوت جڳائي رکي آهي.

سڀ کان سٺي بهترين ڳالهه لڳي جو توهان سماروهن جلسن جي تصويرن ۾ بئنرن تي مٿئر سنڌي اکرن ۾ نالو - ڪاريه ڪرم وغيره بابت جاڻ ڏنل آهي، جنهن مان سنڌيت جي جهلڪ اچي رهي آهي، جا بهترين ۽ ٻين سنستائن لاءِ پڻ پريرڻادائڪ مثال آهي. مطلب ته هر طرح سان رسالو شاندار لاجواب لڳو، جنهن لاءِ سمپادڪ ۽ ساٿي واڌاين جا حقدار آهن.

وري به هڪوار توهان لاءِ، سڀني ساٿين لاءِ شڀ ڪامنائون.

توهانجو پنهنجو،

✍ **ايسر سنگهه بيدي**

*****

ڪلياڻ شهر

مي-٢٠١٩

پريه نند،

ڪونج جنوري-اپريل ٢٠١٩ : سنڌي ائسوسئيشن آف هانگ ڪانگ ۽ چائنا خاص انڪ - هن پرچي ۾ ائسوسئيشن جو ڀرپور احوال ڏنل آهي. هر سال هي سڄڻ چيٽي چنڊ جو ميلو ملهائين ٿا. ان معرفت نئين ٿهي وارن کي سنڌيت ۽ ڪلچر کي زنده رکڻ جو سنديش ڏين ٿا. پاڻ به سڀ ڪاميٽي ميمبر اصل سنڌي ويس وڳي ۾ بيٺل آهن. تصويرون نئيون آهن پر مخزن جي نه پر سنڌي ائسوسئيشن جي جان آهن. انهن سان انڪ ۽ ائسوسئيشن مهڪي پيا آهن. وڏي عمر وارن لاءِ اکر ۽ تصويرون وڏيرون هئڻ گهرجن.

ائسوسئيشن جي ٻن ميمبرن، لعل هرداساڻي ۽

Gul Hayat Institute

نوتن تولاڻي جن جو ڪوَر تي بہ فوٽو ڏنل آهي. اَندر نند چِڳاڻي، جئرام روپاڻي ۽ ستيش روهڙا بہ دل جي گهرائيُن سان ليک لکيا آهن. جئرام روپاڻي جو ’هانگ ڪانگ چوان يا سنڌيت جو هڳاءُ‘ ۽ ’ٻن هنسن جو جوڙو‘ ڇڻ اَئسوسئيشن ۽ لعل - نوتن جي صحيح قدر شناسي ڪئي آهي. ان لاءِ هن ڪيرون لهڻيون. ڪين سؤ سؤ سلام!

ڊاڪٽر ستيش روهڙا جو ’لعل هرداساڻي - هڪ سنو اِنسان، دلبر دوست ۽ سنڌيت پريمي‘ پڙهي ڇڻ لعل اَکين اَڳيان اَچي بِهي ٿو. سندس فوٽو تہ هونءَ بہ ڏنل آهي - پر پنهنجين سمورين خوبين سان ڏسڻ ۾ وڏيڪ آنند اَچي ٿو. ڊاڪٽر ستيش روهڙا سنڌيت جي ڪاريگر شخصيت رهي آهي. آديپور ۾ ساڻس گهاريل گهڙيون اَڃان بہ دل تي تازيون آهن.

پرڏيهي سنڌي وڏيڪ سجاڳ آهن. اُنهن پاران هِت هند ۾ هلندڙ اِسڪول - ڪاليج - مندر ٽڪاڻا وغيره سندن درياه دليءَ جو حد نشان آهن. اُن سان گڏوگڏ هنن سنڌي ساهتيہ ڏانهن بہ جوڳو ڌيان پئي ڏنو آهي. ڪونج جو هي اَنڪ اها شاهدي پري ٿو. سرڳواسي هري موتواڻيءَ جي يادگار مخزن کي نند چِڳاڻي سندس خواهش موجب قائم رکي وينو آهي - ان ۾ ڏيهي پرڏيهي دانويرن جو ڀرپور هٿ آهي. ايڊيٽر بہ اَندر اهو مڃيو آهي ۽ شڪرگذاري ظاهر ڪئي اٿس. پڪ اَٿم تہ اها ڪونج ضرور نڪرندي رهندي ۽ سنڌيت جا گهڙا ڀريندي.

هن اَنڪ جي ٻي بہ خاص خوبي اها آهي تہ هن ۾ ساهتڪ مواد بہ جهجهو آهي - ڪهاڻيون - شاعري - مقالا وغيره - هڪ کان هڪ زور آهن. شاباس ساهتڪارن ۽ پرڏيهي سنڌين کي آهي جيڪي مخزن کي سچائيءَ سان ڀرپور ساٿ ڏيئي بيٺا آهن. اسان جا سيني کي سؤ سؤ سلام! سندن محنت - محبت سائينءَ در ضرور قبول پوندي.

✍ **ڊاڪٽر گورڌن جاني ۽ مِسز ڪومل جاني**

*****

هريش واسواڻي 1995 کان سنڌيءَ ۾ لکڻ ڇڏي ڏنو. پڪي پختي پايي پڇاڙيءَ تائين (2013) هن نہ لکي نہ لکيو. اُن جا سبب آديپور جي گهٽين ۾ دُهرايا ويندا آهن. خبر نہ آهي ڇو ڪين ڇئن چڱن مڙسن گڏجي هريش کي وري سمجهائي - پرچائي لکڻ لاءِ آماده ڪيو! 14 عالمن جا ليک هت درج آهن - فقط ٻن ڄڻن ان ڳالھ ڏانهن لکيو آهي تہ هن جي لکڻ ڪري سنڌي اَدب جو ڪيترو نقصان ٿيو؟ ڪملا گوڪلاڻي ۽ واسديو موهي. مڙني مقالن ۾ هريش جي خوبين کي اُجاگر ڪيو آهي پر نقصان ٿيو، اُن جو پتو ندارد. 10 مهنن اَندر (سرگواس ٿيڻ) ۾ سمپوزيم رکيل آهي - ڪنهن هن جي جيئري لکڻ - ڇوڙ جو ست ڪونہ ساريو. لکڻين مان بہ دک جو اَحساس گهٽ ٿو نظر اَچي. (جڻ اهو سڀ رٽجي / رڌجي چڪو هو تہ وڃي تہ ڪيون. حادثو جيڪو سوچي-سمجهي رٿائتي نموني ٿيڻ ڏنو ويو. وري بہ ڇپائڻ ڪاٺون شايد وسري ويو ....) سواءِ شيفالي واسديو - هريش جي نياڻيءَ - جنهن ڪليل دل ۽ دماغ سان سڀ سچ چئي ڏنو آهي. سنڌالاجي ۽ انهن جي ميمبرن سان هن جو اُٿڻ وهڻ هو ۽ اُتان ئي ڳڙي-ٽِڙي ويو. حالتون سڌو اِشارو سنڌالاجي ۽ اُنهن جي بانيڪارن ڏانهن ٿيون ڪن. خير - خبر هوندي بہ 14 عالمن مان ڪنهن - ڪنهن تي آڱر بہ نہ ڪنئي آهي. حشو ڪيولراماڻي - ملڪ بدر ٿي، سنڌ جي سار ۾ ٽڙي ويو - پر هريش کي سڌو-اَڻسڌو سنڌالاجيءَ کان پاسو ڪرائي ڇڏيو ويو. سيني جا سڀ ڏوھ معاف.

وري بہ شاباس ڄينو لالواڻي ۽ سندس سنڌي اَڪاديمي کي جن سڄو سمپوزيم ڇپائي محفوظ ڪري ڇڏيو.

مخزن ۾ شاعري واري حصي ۾ نوَن شاعرن جو ٻول بالا آهي. سنڌ وارن جي شاعريءَ کي بہ جوڳي جڳھ ڏنل آهي.

مضمون ۽ مقالا واري ڀاڱي ۾ سواءِ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ جي، سڀ ويجهي پنڌ کان ساماڻيل آهن. سندن قلم ۾ پختائي آهي. گجرات راجيہ ۾ ڪين سنا وجھ ملندا ڇو جو گجرات سنڌي اَڪاديمي وارا پاڻ کي گجرات جي سنڌي ليکڪن لاءِ محدود ڪن ٿا. سندن اهو قدم سنڌي ساهتيہ لاءِ اَڳتي هلي نقصانڪار ثابت ٿيندو. سندن نوان ليک سرڪس جي کوھ وانگر اُتي ئي گول گول پيا ڦرندا.



Gul Hayat Institute

ناٽڪ ”چانهه جي چسڪي“ ۾ سمجهه پريو وارتالاپ آهي. ناٽڪ جي خوبين کان وانجهيل رهجي ويو آهي.

ڪهاڻين ۾ به گجرات جي ليکڪن کي ساڃي لڳي آهي. سندن لکڻين ۾ جنبش آهي. جي سندن قلم هلندو رهيو ته هن اَدبي چمن کي شاهي باغ بڻجڻ ۾ دير نه لڳڻ کپي.

مخزن - 292 صفحن جي قيمت فقط 20 (ويهه) رپيه رکيل آهي. ڇپائيندڙن جي درياه دليءَ جو ثبوت آهي. راشتريه سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد وٽان ايندڙ ڪتابن کان گهڻي گهٽ آهي.

ڇا سنڌي ڪتابن جي قيمت - مُله تي سيمينار نٿو ڪوٺائي سگهجي؟!

(11) ”**چترليکا**“ (ناول) - ليکڪ : **شري ڀڳوتي چرڻ ورما** (هنديءَ ۾)، سنڌيڪار : **ديو سياڻي** **(جهونو ورڪ - هڪ بهترين ڪتاب)**

ڪرائون سائيز، صفحا 262، ڇاپو پهريون، سال 1947، ڇپائيندڙ : آشا ساهت منڊل، مهاتما گانڌي روڊ - ڪراچي.

ڪتاب جي عاليشان مهاڳ ۾ آسانند مامتورا ٻن پيجن ۾ ناول کي سميٽيو آهي. اَندر ناول ۾ سندس اَکر-اَکر ڇتو تي ٿو وڃي. ورهاڱي جي ڇپيٺ ۾ آيل هيءُ ناول پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي هٿن مان به کسڪي ويو ٿو ڏسجي.

سنڌ ۾ شري رشيد ڀٽي ساڳيو ڪتاب اَنگريزيءَ تان ترجمو ڪري اَصلوڪي هندي ناول تان به ڪجهه مدد ورتي آهي. ڊيمي سائيز - صفحا 213، سال 1983، زندگي پبليڪيشن - ڪراچي. رشيد ڀٽي صاحب کي به سنڌي ترجمي (1947) واري ڪتاب جي ڄاڻ ڪونه آهي. هن صاحب لکيو آهي ته ڪتاب تي 3 فلمون ٺهي چڪيون آهن. سندس ٻن اَکرن ۾ ناول لاءِ گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي.

هندستان ۾ اَهڙو ڪتاب هينئر ڇپجڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

(12) ''**عجب آ داستان - تنهنجي اءِ زندگي**'' (ناول) -

ناول نويس : **اَمر گوپالاڻي**

ڊيمي سائيز، صفحا 84، ڀورنگي جلد - قيمت ڪابہ نہ، سال 2017، ليکڪ جي اَئڊريس : A/98 ، ساڪيت، اِندور - 452018 ، موبائيل : 08989831884

ڪتاب سنڌوءَ جي جل-مٽيءَ ۽ سنڌ-ڄاوَن کي اَرپڻ ڪيل آهي.

(13) ''**پيڙا ۽ اَحساس**'' (ڪهاڻيون) - ڪهاڻيڪار : **رميش ٺِي. آڏواڻي**

ڊيمي سائيز، صفحا 96، قيمت 150 رُپيہ، سال 2014، ڇپائيندڙ : ليکڪ پاڻ - روم نمبر 9، ايف وارڊ، ڪُبير نگر، اَحمدآباد - 382340

ڪتاب سنڌي ساهتيہ اَڪاديمي - گجرات راجيہ جي مالي مدد سان ڇپايل آهي. پيش لفظ ڊاڪٽر جينو لالواڻيءَ جا لکيل آهن.

(14) ''**دوکو**'' (ڪهاڻيون) - ليکڪ : **رميش ٺِي. آڏواڻي**

ڊيمي سائيز، صفحا 104، قيمت 220 رُپيہ، سال 2016، ڇپائيندڙ : ليکڪ پاڻ، اَئڊريس مٿي ڏنل - موبائيل : 9687114073 / 9712492006

مهاڳ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ جو لکيل آهي. ڪتاب سنڌي ساهتيہ اَڪاديمي گجرات راجيہ جي مالي سهڪار سان ڇپايل آهي.

(15) ''**پيار جي پرک**'' (ڪهاڻيون) - ليکڪ : **رميش ٺِي. آڏواڻي**

ڊيمي سائيز، صفحا 104، قيمت 230 رُپيہ، سال 2017، ڇپائيندڙ : ليکڪ پاڻ، اَئڊريس : روم نمبر 9، ايف وارڊ، سيتا آئيس فئڪٽري جي سامهون، ڪُبير نگر - اَحمدآباد - 382340 - موبائيل : 9712492006 / 9687114073

پيش لفظ ڊاڪٽر جينو لالواڻيءَ جا آهن. ڪتاب سنڌي ساهتيہ اَڪاديمي گجرات راجيہ جي مالي مدد سان ڇپايل آهي.

Gul Hayat Institute

(16) ''وھندڙ نديءَ ۾ چند ٻيڙاريون'' (مقالا ۽ مضمون) -

ليکڪ : موھن گيھاڻي

ڏيمي سائيز، صفحا 172، قيمت 300 رُپيا، سال 2017، ڇپائيندڙ : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي - پوسٽ باڪس نمبر 10، آديپور، ڪڇ - گجرات - 370205. موھن گيھاڻي دھلي نواسي، موبائيل : +91-9713139222

ڪتاب ۾ مقالا-مضمون ۽ ٻن ڪتابن تي تاثر ڏنل آھن. مھاڳ لکمي کلاڻي - آديپور - جو لکيل آھي.

مھاڳ لکڻ - لکائڻ جي روايت جھوني آھي. جنھن ۾ مھاڳي ڪتاب اَندر ڏنل مواد ۽ ليکڪ جي وضاحت ڪندو ھلندو آھي. جيئن پڙھندڙ مھاڳ پڙھي اَندر ڪتاب کولڻ لاءِ مجبور ٿي پوي. ڪڏھن ڪڏھن ڪنھن مانواري کان مھاڳ لکائي، ليکڪ منھن مٿي ڪري سگھندو آھي ۽ ڪتاب سوڌو مھڪي ٻھڪي پوندو آھي. ڪي عالماڻا مھاڳ اَصلوڪي مواد کان ٻه گوءِ کڻي ويندا آھن. ھاڻ سنڌيءَ ۾ اُھو نسل ڪٿي؟!

لکمي کلاڻي سنڌي ساھتيہ جو اعليٰ، عالم، سڄاڻ ساھتڪار آھي. سڄاڳي واري عالم ۾ ھن نہ فقط موھن جي مضمونن ۽ مقالن کي ٻاھران ڏيان ڇڪائيندڙ بنا ٻارا ڏيئي سينگاري ڏيکاريو آھي، پر اُن سان گڏوگڏ واڌو - موقعي سارو مواد بہ چڱو چوکو ڏنو آھي. مھاڳ بہ زرخيزي ٻيڙاري نہ پر اُپجائو ڏيلٽا آھي. ڇڻ ھڪ ڪتاب ۾ ٻہ ڪتاب ٿي پيا آھن. اَھڙي قسم جا مھاڳ سرڳواسي لالسنگھ ھزاريسنگھ اَجواڻي جي ڪتاب ''اُڇل'' ۾ گڏ ڪري ڇپايل آھن. تازو جامي چانڊيو جي ''اَدبي تنقيد جا محرڪ ۽ سماجي ڪارج' ڪتاب تي ڊاڪٽر فھميدہ ميمڻ جو لاجواب مھاڳ اُن جو مثال آھي. ليکڪا فقط ڪتاب ۽ ليکڪ - جامي چانڊيو تائين محدود آھي. سمورو ڪتاب پڙھندڙن تي اَڻمٽ نشان ڇڏي ٿو.

موھن گيھاڻي جا مقالا ۽ مضمون سندس تخليقي قوت ڪري جرڪندڙ آھن. اَڇ اَھڙي مواد جا ليکڪ اَسان وٽ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا وڃي بچيا آھن. موھن ترقي پسند دؤر جي آخرين نشاني آھي. اُن سان گڏوگڏ ھن وٽ حشو ڪيولراماڻيءَ جا ٻول بہ سوگھا آھن. انکري ھن جو قد اوچو ۽

Gul Hayat Institute

ٻُلند آهي. ”ترقي پسند دؤر جي اُن چوٻاريءَ صحبت ۾ هن جي علمي - اِخلاقي ۽ سماجڪ زندگيءَ جي پرگهور ٿي، جيڪي اُيريا - اُسريا ۽ مقبول ٿيا.“

هن ۾ پاڻ پڙهي ڪرڻ جي عادت ڪونہ آهي - مهذب ۽ پڙهي پت چئي - لکي ڏيڻ وارو. جنهن بہ وشيہ کي ڪٽي ٿو، اُن سان نِڀائي ٿو. چڻ ڪَٽُ ۽ ڪَسُ چڙهيل ڪي قلعي جو تھ ڏئي اَدبي وهڪري ۾ آڻي بِهاري ٿو.

ڪتاب ۾ ڏنل مقالن - ڪيئلداس فاني، ڪيرت ٻاٻاڻي، موتي پرڪاش، حشو ڪيولراماڻي، شوڪت شورو، هري دلگير جي اَدب ۽ زندگيءَ سان نِڀايو اَٿس.

”اَڄ جي حوالي ۾ سنڌي اَدب“ - ڪجھ چٽ پٽ خيال ۾ لکي ٿو : ”... اُن جي باوجود پڻ، گهڻن راڄين ۾ سنڌي اَڪادميون آهن. مرڪزي اَڪادمي ۽ ادارا آهن. هر سال سوين ڪتاب نڪرن ٿا، پر اهي ڪتاب خريد ڪرڻ وارا نہ آهن. وڪڻڻ جا وسيلا نہ آهن. Distribution Centres غير موجود آهن. ڪتاب مفت ۾ ورهائڻا پون ٿا. پوءِ بہ پڙهڻ وارا نہ آهن. سنڌي ناٽڪ ٿين - تهذيبي ميڙ ٿين. هال پرڻ لاءِ درشڪن لاءِ ڪاڏي جو بندوبست لازمي ٿيو پوي. بسيون موڪلي درشڪ گڏ ڪرڻا پون. اها پڻ دردناڪ حقيقت آهي.“ (پيج 138) ايترو ڪجھ قبول ڪندي بہ پيج 152 تي لکي ٿو، ”فخر سان چئو، ’اَسان سنڌي آهيون.“ اُتر قطب ۽ ڏکڻ قطب ٻئي هڪ هنڌ. باقي پروفيسرن - عالمن پاران ڇپايل ڪتابن جي اَڻگهڙي قيمت تي چُپ ڪونہ چوريا اَٿس. پوري ساري سرندي وارن پاڻڪن ڏانهن همدردي وارو رُخ ندارد. پاڻ گهڻا ڪتاب مفت ۾ ورهايا اَٿس؟

ڪتابي تاثر ۾ ”ڏيڍ ٻَنڌ“ (واسديو موهي) جو دل لُڀائيندڙ بيان، ڪيمن جي ڪتاب ”جيءَ ۾ ٽاندا“ ۾ ٽانداڻن ۽ قدرت جو چٽ ڏنو اَٿس. پر شاعر جي دل ۾ ٽاندا ڀنيت تي ويا آهن، اُن ڏانهن همدردي نہ ڏيکاري ها تہ من تتل دل تي چندو پوي ها.



Gul Hayat Institute

(17) ''سنڌي ڪهاڻيءَ جي حيثيت'' (مقالن جو مجموعو) -

ليکڪ : ڀڳوان اٽلاڻي

ڊيمي سائيز، صفحا 104، قيمت 275 رُپيا، سال 2017، ڇپائيندڙ : ڪومل پرڪاشن، ڊي-183، مالوينگر - جئپور 302017، موبائيل: 9828400325، ليکڪ جي اَيڊريس ساڳي.

ڪتاب جو مهاڳ دهلي نواسي هيرو ٺڪر جو لکيل آهي. ڪتاب دهلي سنڌي اَڪاڊيمي وارن جي مالي مدد سان ڇپايل آهي.

سنڌ ڄائو 10-3-1945 - لاڙڪاڻو - ڀڳوان اٽلاڻي سنڌي - هندي ساهتيہ جو مشهور مڃيل ليکڪ آهي. ڪوڙ سارا ڪتاب ڇپيل - ڇپايل اٿس. ڪيترا اِنعام - سنمان عطا ٿيل اٿس. ٿڌي سيني ڳالهہ ٻُڌندو، وراڻي ڏيندو. اُپاٺ ڪونہ اَڇيس. ٽيمپريچر - گرمي پد کي اوستائين پهچڻ ڪونہ ڏئي، اَپياس جو ڪوڏيو، سوچي سمجهي - اَن ڪتاب اُٿلائي پوءِ جواب ڏيندو. پوءِ بہ ضروري نہ آهي تہ سُرَ سان سُرُ ملائي.

ڪتاب جي ٽائيٽل 'سنڌي ڪهاڻيءَ جي **حيثيت**' اَکر تي اَکہ ڄمي وئي. راجا ڀوڄ ۽ گنگو تيلي وارو قِصو لڳم. پر ڪتاب جي بئڪ-ڪَوَر تي - پُٺ ۾ معصوم مُرڪ وارو ڦوٽو ۽ سندس واقفيت پڙهيم تہ لڳم - نہ بيلي اهو منهنجو خيال غلط آهي. هن همراه ۾ حيثيت جي ڪٿ ڪرڻ واري سگهہ ٿِي سگهي ٿي.

سنڌي ڪهاڻي پنهنجي سينچري ملهائي چُڪي آهي. ڪتاب ۾ اَٺ مقالا ڪهاڻيءَ تي آهن. سِواءِ هڪ مقالي ''سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ آزاديءَ جي لڙائيءَ جو خاڪو'' ۾ سنڌ جي ڪهاڻين جو ڇڊو ذڪر آهي. باقي سيني مقالن ۾ ورهاڱي کانپوءِ هند جي ڪهاڻيءَ جو ڀرپور جائزو ورتل آهي. ليکڪ کي اهو ڇٽو ڪرڻ کپندو هو تہ هو فقط هند جي ڪهاڻي مقالي هيٺ آڻيندو. اُن حساب سان ڪتاب جو سَرو - ٽائيٽل بدلجي ها.

Gul Hayat Institute

سنڌي ڪهاڻيءَ جي آلوچنا 2001 کان 2010 تائين، هن پيش مقالي ۾ مقالانويس 15 ڪتابن جي لسٽ درج ڪئي آهي جن تان هن 10 پيڇن ۾ چڱي چوکي ڇاڻ ڏني آهي. ليڪ اَپياسي آهي، ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونہ آهي پر ڪيس ڪهاڻيءَ جي حيثيت درج ڪرڻ لاءِ وڏيڪ اَپياس جي درڪار آهي.

ڪهاڻيءَ ۾ نواڻ جي ڪٿ - ٻولي - اِظهار جي حوالي ۾ - هن جون ڇاڇنائون ساراه جوڳيون آهن. ڪٿي ڪٿي مقالي ۾ سنهيون صورتخطي - گرامر - اُپيوگ جون غلطيون ظاهر ڪري ٿو انڪري ڇڻ پڙهندڙ جو ذائقو ڦري وڃي ٿو. اِئين ڏسجي تہ پاڻ ئي هن ڪتاب ۾ ڪيترين دير-هضم چُڪون ڪيون اَٿس. مثال طور سندس بهترين ليک ''سنڌي ڪٿا ساهتيہ ۾ جنس'' ۾ اَڪر ''پيشگوئي'' سنڌي نہ هوندي بہ اِلاهي پيرا ڏُهرايو اَٿس- ڇڻ ڪيس جلاب ٿي لڳو آهي. ''اُداهرڻ'' بہ سنڌيءَ ۾ دير-هضم آهي. 'منڇيد' هڪ نہ پر بہ اَڪر من ڇيد لکڻ ٺيڪ ٿيندو. ليڊي چٽرليز وغيره تي چينمل پرسرام جو رايو پڙهي ها تہ انهن لاءِ فاحش جهڙو نالائق اَکر ڪم نہ آڻي ها. نند ريجهسنگهاڻيءَ جي ڪتابن پبلشر ڪي ترنگ جو تيرٿ ڪرايو. پر اَڇ انهن ڪي ڪابہ معنيٰ ڪونہ آهي. اَهڙو اَميرپٽو سنڌي ساهتيہ ڪي ڪپي بہ ڪونہ.

سنڌي ڪهاڻي جي حيثيت ڇٽي ڪرڻ لاءِ ليڪ ناولن جو در ڪٽڪٽايو آهي. پر جي سنڌ جي ڪهاڻيڪارن نسيم ڪرل (ڪافر، چوٿيهون در - مساوت وغيره) اَمر جليل (سرد لاش جو سفر وغيره) شوڪت جي تازه ترين 'نانا' جو موضوع مثال ڏئي ها، تہ ڪهاڻيءَ جي حيثيت بہ نکري پوي ها تہ پاڻ پڳوان اٿلاڻي بہ اُپري ٻِهي ها. پوءِ بہ سندس محنت کي سلام تہ ضرور ڪبو.

ڪتاب جي قيمت 275 رپيہ معصوميت جي حد اورانگهي ٿي.

Gul Hayat Institute

(18) ''**خوشبوءِ**'' (تاثرات - ڪتابي سمالوچنا جو گڏيل ڪتاب) -

ليکڪ : **شيام سچاننداڻي**

ڊيمي سائيز، صفحا 112، قيمت 120 رُپيا، سال 2019،
ڇپائيندڙ : ليکڪ پاڻ - اَصل اَحمدآباد نواسي پر عارضي طور -
ناگپور ۾ رهي ٿو - C-1، ڪنچن ڪيرتي، ڏرم پيٺ،
ناگپور - 440010، فون : 0712-2552298، موبائيل :
09823602658

ڪتاب سنڌي اَڪاديمي گجرات جي مالي مدد سان ڇپايل آهي.

شيام سچاننداڻي ڪيترن سالن کان ''هندواسي'' هفتيوار اخبار ۾ پنهنجا جذباتي تاثرات لکندو آهي. سنڌي پاٺڪن ۾ سندس رايا مقبول آهن. ڪيترا سندس رايي جو بي صبريءَ سان اِنتظار ڪندا آهن.

(19) ''**ايشور چندر جون چونڊ ڪهاڻيون**''

ايڊيٽر : **ايشور پارتي (مورجاڻي)**

ڊيمي سائيز، صفحا 194، قيمت 125 رُپيا، سال 2017،
ڇپائيندڙ : ساهتيه اَڪاديمي - نئين دهلي - ممبئي اَڊريس :
172، ممبئي مراٺي گرنٿ سنگهراليه - شاردا ٽاڪيز ڪمپائونڊ -
درد (اوير)، ممبئي - 400014

ايشور چندر - اَجمير نواسي سنڌي ۽ هنديءَ جو مقبول ڪهاڻينويس رهيو. هن اَٽڪل 200 کن ڪهاڻيون لکيون آهن. ڪيترا ڪتاب ڇپيل اَٿس. انهن مان چونڊي 15 ڪهاڻين جو مجموعو ايشور پارتي جي ساراهه جوڳي محنت جو نتيجو آهي. ڪتاب ۾ 19 پيجن تي پکڙيل مهاڳ ۾ ايڊيٽر ايشور چندر جي ڪهاڻين ۽ زندگيءَ بابت عالماڻا خيال پيش ڪيا آهن.

Gul Hayat Institute



ليڪڪ: سيد غلام شاهه

هن سنڌ دوست، انسان دوست، ڪري سچي ڏاهي، بهترين دل دماغ جي مالڪ، اعليٰ پائي جي قانوندان، گفتار جي ڏٽي، مدلل، واضح ۽ وڻندڙ انداز سان ڳالهه رکندڙ، اصول پرست، بهادر ۽ بهترين انسان سان منهنجي پهرين ملاقات ١٩٨٧ع ۾ بمبئي ۾ سندس آفيس ۾ ٿي. وڏي سڪ اڪير، پيار ۽ پنهنجائپ جي اهڙي انداز سان مليو جهڙو ڪر ورهين جو واقف هجي. سنڌي روايتي طريقي سان پري پاڪر پاتائين. ويهڻ شرط پڇيائين ته سنڌ جا ڪهڙا حال آهن، منهنجي شڪارپور ڪيئن آهي، لکي در، هاٿي در، هزاري در، سوي در، اسٽورڊ گنج، سڪ پل، گهنٽا گهر، ڍڪ بازار، شاهي بازار، شاهي باغ، حسين وڪيل جو باغ، سنڌ واهه، پڊا منڊلين، خيراتي اسپتالن، خانگي اسڪولن ۽ لائبريرين جي ڪهڙي حالت آهي؟

پڌو آهي اسان جي لڏڻ کانپوءِ اسانکي ياد ڪندي شڪارپور اجڙي وئي آهي. هي آلين اکين ۽ پريل آواز سان مسلسل ائين پڇندو رهيو جيئن ڪو ورهين پڇاڻان وڇڙيلن پنهنجي قريبي عزيزن لاءِ پڇندو هجي.

ذاتي زندگي لاءِ ٻڌايو ته سيپٽمبر جو مهينو منهنجي زندگي ۾ تمام اهميت جو حامل آهي جو هڪ ته مان ١٤ سيپٽمبر (١٩٢٣ تي شڪارپور ۾) تي پيدا ٿيو آهيان، ٻيو ته منهنجي زندگي جا وڏا ڪم ان مهيني ۾ ٿيا آهن. هن ٻڌايو ته ننڍي عمر ۾ تعليمي ڏاڪا اسپيڊ سان چڙهيو (ڊبل پروموشن ورتائين)، جو شايد ڪيس زندگي جا اهم ڪم ڪرڻا هئا. ١٣ سالن جي عمر ۾ ميٽرڪ ۽ ١٧ سالن جي عمر ۾ ايل ايل بي پاس ڪيائين. ان وقت بار ڪائونسل جي رولز مطابق وڪالت ڪرڻ لاءِ عمر ٢١ سال هئي، هن زندگي جو پهريون ڪيس پنهنجو وڙهيو ۽ کٽيو. هن ان بار رولز ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ سنڌ چيف ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪري پاڻ چيف جج وٽ آرگيومينٽ ڪيا، جنهن ۾ هن جو مؤقف هو ته جڏهن هن لا پاس ڪيو ته هن جي پي ماءُ کي اها خبر نه هئي ته پٽ پاس ٿيڻ کان پوءِ به بيروزگار رهندو ۽ چار سال ڪين انتظار ڪرڻو پوندو....

Gul Hayat Institute

KOONJ ESTD 1960
Sindhi Literary Magazine
May.-Dec. 2019

Registered as a Newspaper Indian R. N. 11551/61
Price : Rs. 500/-

aman ki asha

Founder Editor : **Late Hari Motwani "Sindhi"**
**Follow us on Facebook : www.facebook.com/koonjandnand**



**Courtesy: NOTAN TOLANI, Hong Kong.**

Gul Hayat Institute